


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪتاب ”نور الاهي“ بابت عالمن جا رايا

### مولانا محمد قاسم سومرو (ڪنڍيارو)

محترم رحمت الله وساڻ نور الاهي ڪتاب لکيو آهي جنهن ۾ هن قرآن مجيد جي سڀني سورتن تي مضمون لکيا آهن جيڪي ڄڻ هن سورتن جو خلاصو آهي. هن صاحب ڪيترن تفسيرن کي آڏو رکي اهي مضمون تيار ڪيا آهن ته جيئن قرآن فهميءَ ۾ آسان ٿئي. الله ڪريم هن دوست جي محنت کي صدقہ جاريہ طور قبول فرمائي.

### مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو (ٻاگو ڦلپوٽو)

رحمت الله وساڻ پنهنجي ايماني جذبي سان قرآن ڪريم جي خلاصي کي سنڌي زبان ۾ پيش ڪرڻ لاءِ نور الاهي نالي سان هي ڪتاب مختلف سنڌي تفسيرن کان مواد ڪٺي سهيڙيو آهي. انشاءَ الله مجموعي طور ڪري هي ڪتاب عام مسلمانن جي لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندو.

### مولانا نذير احمد سڪندري (رحيم يار خان)

رحمت الله وساڻ چند تفسيرن کي آڏو رکي مختصر طريقي سان پر بهترين طريقي سان استنباط ڪري سنڌي ماڻهن جي فائدي لاءِ لوهان جي خدمت ۾ هي ڪتاب پيش ڪيو آهي هن پنهنجي طرفان ڪابہ ڳالهه يا وضاحت پيش نہ ڪئي آهي تفسيرن کي ڏسي انهن مان شان نزول وغيره مان لکي لوهان آڏو پيش ڪيو آهي.

### علامہ حزب الله آءِ. سومرو (خيرپور)

هي تفسير خلاصي جي طرز کي لکيو ويو آهي چو تہ جيئن تفسير آيت وار (ترجمہ بعد) ان جو شان نزول ۽ مطلب بيان ڪيو ويندو آهي پر هن ۾ اڪثر طرح سورتن جو خلاصو بيان ڪيو ويو آهي پوءِ ڪن سورتن جو خلاصو گهڻو بيان ڪيو ويو آهي تہ ڪن جو بنهہ ٿورو جو ڪٿي ڪٿي اڃ پئي محسوس ٿئي. هن خلاصہ قرآن ۾ سورتن جي لغوي معنيٰ، نالي جو سبب ۽ شان نزول بہ اڪثر طور لکيو ويو آهي جيڪا هڪ نواڻ آهي چو تہ خلاصن ۾ اها ڳالهه اڪثر طور نہ لکي ويندي آهي. هن خلاصہ قرآن لکندي ڪيترن ترجمن ۽ تفسيرن کي مدنظر رکي لکيو ويو آهي تہ فقط خلاصو پر اڪثر طور تفسير بہ ڪيو ويو آهي مشڪل ڳالهين کي سمجهايو ويو آهي ان ڪري هي رڳو خلاصو نہ آهي پر خلاصہ مع تفسير آهي جنهن ڪري سمجهڻ ۾ وڏي سهولت ٿي ٿي.

رحمت الله وساڻ جو مڪتبہ فڪر ڪهڙو بہ هجي پر هن پنهنجي راءِ قربان ڪندي اهو ڪجهه لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪو اڪثر مفسرن لکيو آهي ۽ گهڻي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ هي خلاصو فرقي بازي ۾ نہ اچي. جيڪو قرآن پاڪ ۾ مذڪور آهي يا جيڪو بہ ان جو اصل مطلب آهي اهو لکيو اٿس.

### مولانا اسدا لله شيخ (خطيب جامع مسجد صديق اڪبر خيرپور)

رحمت الله وساڻ هي ڪتاب عوام جي فائدي لاءِ قرآني مضامين ۽ شان نزول کي مختلف تفسيرن مان گڏ ڪري تفسيرن جي موافق ترتيب ڏئي پيش ڪيو آهي.

### مولانا عبدالغني راڄپر (پڊعيدن)

هي ڪتاب نور الاهي قرآن پاڪ جي هر هڪ سورة جي سمجهاڻيءَ سان قارئين ڪاڻ اسان جي مهربان سائين رحمت الله وساڻ صاحب جي خوشبو ۽ ڏار قلم جي نپ ۽ فهم وسيع مان نڪتل هڪ قرآن ڪريم جي پڙهندڙن ۽ شائقين جي لاءِ بهترين تحفو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نور الاهي

## (قرآن مجيد جي 114 سورتن جا مضمون)

منتخب تفاسير

تفسير هاشمي:

**مولانا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي**

تفسير تنوير الايمان:

**مولانا مخدوم محمد عثمان نورنگ زاده**

خلاصو تفهيم القرآن:

**مولانا سيد ابو الاعليٰ مودودي**

احسن البيان في تفسير القرآن:

**حضرت الحاج مولانا محمد ادريس ڏاهري**

ڪنز الايمان حاشئہ وارو:

**اعليٰحضرت امام احمد رضا بريلوي**

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ:

**صفدر جانب علي ابڙو** (سفير گرافڪس مهراڻ يونيورسٽي روڊ خيرپور) **0313-3952882**

تاليف:

**رحمت الله وساڻ**

ايڊريس: ڳوٺ پير گدو تعلقہ ڪوٽڏيجي ضلع خيرپور ميرس (سنڌ)

0301-3685562

**ڇپائيندڙ: علم دوست ادبي سنگت سنڌ**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حق ۽ واسطا ملخصوت محفوظ آهن


ڪتاب جو نالو : نور الاهي

مخلص : رحمت اﷲ وساڻ

صفحا : 400

قيمت : في سبيل اﷲ


## پاران: علم دوست ادبي سنگت سنڌ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


1. ارپنا ........................................................................ 8

تقريظ

2. محترم مولانا محمد قاسم سومرو مدظلہ عليہ ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز سنڌ ..... 9

تقريظ

3. محترم مولانا محمد رمضان قلپوٽو مدرسہ عربيہ دار العلوم حماديہ ..................... 10

تقريظ

4. محترم مولانا نذير احمد سڪندري ولد مولوي جان محمد صاحب رحيم يار خان ...... 12

تقريظ

5. محترم حزب ا الله . آءِ. سومرو استاد اسلاميات گورنمينٽ سچل سرمست
ڊگري ڪاليج راڻيپور........................................................................ 13

تقريظ

6. محترم مولانا اسد ا الله شيخ (ايم فل) خيرپور ..................................................... 16

تقريظ

7. محترم مولانا عبدالغني راڄپر رضوي
قادري حسيني پڊعيدن اسٽيشن فاضل عربي جامع نظاميہ لاهور ......................... 17

تقريظ

8. پنهنجي پاران (رحمت ا الله وساڻ) ..................................................... 19

تقريظ

9. قرآن ڪريم جي 114 سورتن جي ترتيب متعلق ................................................ 21

تقريظ

10. قرآن پاڪ ۽ ٻيا صحيفا رمضان ۾ نازل ٿيا. ........................................................ 21




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قرآن مجيد جي سورتن جي نالن جي فهرست

سورتون مڪي 86 ۽ سورتون مدني 28 ڪل سورتون 114


| سيريل نمبر | عنوان | صفه نمبر |
|---|---|---|
| .1 | الفاتحه: مڪي | |
| .2 | البقرة: مدني | |
| .3 | 'ال عمران: مدني | |
| .4 | النسآء:مدني | |
| .5 | المآئدة:مدني | |
| .6 | الانعام: مڪي | |
| .7 | الاعراف: مڪي | |
| .8 | الانفال: مدني | |
| .9 | التوبه: مدني | |
| .10 | يونس: مڪي | |
| .11 | هود: مڪي | |
| .12 | يوسف:مڪي | |
| .13 | الرعد مدني | |
| .14 | ابراهيم: مڪي | |
| .15 | الحجر: مڪي | |
| .16 | النحل: مڪي | |
| .17 | بني اسرائيل: مڪي | |
| .18 | الڪهف: مڪي | |
| .19 | المريم:مڪي | |
| .20 | طٰـهٰ: مڪي | |
| .21 | الانبيآء: مڪي | |
| .22 | الحج: مدني | |
| .23 | المؤمنون: مڪي | |
| .24 | النور: مدني | |
| .25 | الفرقان: مڪي | |
| .26 | الشعرآء: مڪي | |
| .27 | النمل: مڪي | |




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

28. القصص:مكي
29. العنكبوت:مكي
30. الروم: مكي
31. لقمٰن: مكي
32. السجدة: مكي
33. الاحزاب: مدني
34. سبا: مكي
35. فاطر: مكي
36. يٰسٓ : مكي
37. الصّٰٓفّٰت : مكي
38. صٓ : مكي
39. الزمر: مكي
40. المؤمن:مكي
41. حٰمٓ: السجده : مكي
42. الشوريٰ: مكي
43. الزخرف: مكي
44. الدخان: مكي
45. الجاثية: مكي
46. الاحقاف: مكي
47. محمد:مدني
48. الفتح: مدني
49. الحجرات: مدني
50. ق. مكي
51. الذّٰريٰت : مكي
52. الطور: مكي
53: النجم: مكي
54. القمر: مكي
55. الرحمٰن: مدني
56. الواقعة:مكي
57. الحديد: مدني
58. المجادلة: مدني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

59. الحشر: مدني

60. الممتحنه: مدني

61. الصَف:مدني

62. اَلجُمعة: مدني

63. المنٰفِقُوْن : مدني

64. التَغابُن : مدني

65. الطلاق: مدني

66. التحريم: مدني

67. الملك: مكي

68. القلم: مكي

69. الحآقة: مكي

70. المعارج: مكي

71. نوح: مكي

72. الجن: مكي

73. المزمل: مكي

74. المدثر: مكي

75. القيٰمة: مكي

76. الدهر: مدني

77. المرسلات: مكي

78. النبا: مكي

79. النّٰزِعٰت : مكي

80. عبس: مكي

81. التكوير: مكي

82. الانفطار: مكي

83. المُطَفِفِيْنَ : مكي

84. الانشقاق: مكي

85. البروج: مكي

86. الطارق: مكي

87. الاعليٰ: مكي

88. الغاشيہ: مكي

89. الفجر:مكي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

90. البلد: مڪي:
91. الشمس: مڪي
92. اليل: مڪي
93. الضحيٰ: مڪي
94. الم نشرح: مڪي
95. والتين: مڪي
96. العلق:مڪي
97. القدر: مڪي
98. البينة: مدني
99. الزلزال: مدني
100. العٰديٰت: مڪي
101. القارعة: مڪي.
102. التڪاثر: مڪي
103. والعصر: مڪي:
104. اَلْهُمَزَةَ : مڪي
105. الفيل: مڪي
106. قريش: مڪي
107. الماعون: مڪي
108. الڪوثر: مڪي
109. الڪٰفرون: مڪي
110. النصر: مدني
111. اللهب: مڪي
112. الاخلاص: مڪي
113. الفلق: مڪي
114. الناس: مڪي

حصہ سوم

(الف) دعائون ختم خلاصہ القرآن
(ب) ملخص جو تعارف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

هي ڪتاب ”نور الاهي“ ارپيان ٿو پنهنجي
پياري مرحوم والد محترم محبوب خان عرف وهيون
خان وساڻ ۽منهنجي منهنجي مرحومہ ماءُ ڪي جن مون
کي پنهنجي شفقت سان پالي تاتي پڙهائي علم سان
نوازي هن منزل تي پهچايو. آءُ رب ڪريم کان سندن ۽
پنهنجي بخشش جو سوال گهران ٿو ۽ شڪر ٿو ڪريان
پنهنجي پالڻهارا الله تعاليٰ جو ۽ پيو شڪر ڪريان ٿو
پنهنجي پياري مرحوم والد صاحب ۽ مرحومہ منڙي ماءُ
جو جن مون تي احسان ڪيو

رحمت ا لله وساڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

نحمدا لله العلي العظيم و نصلي علي رسوله الكريم

اما بعد!

محترم رحمت الله ولد محبوب خان وساڻ تعلقي ڪوٽ ڏيجي ضلع خيرپور ميرس، نور الاهي نالي ڪتاب لکيو آهي جنهن ۾ هن قرآن مجيد جي سيني سورتن تي مضمون لکيا آهن. مضمون ۾ چڻ هن سورتن جو خلاصو لکيو آهي.

هن صاحب ڪيترن تفسيرن کي آڏو رکي اهي مضمون تيار ڪيا آهن. جيئن قرآن فهمي ۾ آساني ٿئي. الحمدلله هن صاحب رٽائرمينٽ کان پوءِ پنهنجي مصروفيت تمام بهترين هٿ ڪئي آهي.

سورة فاطر ۾ آهي ثُمَّ أَوْرَثْنَا الْكِتَابَ الَّذِينَ اصْطَفَيْنَا مِنْ عِبَادِنَا پوءِ اسان هن ڪتاب قرآن جو وارث يعني تعلق وارو ان کي ڪندا آهيون جنهن کي اسان چونڊيندا آهيون.

مون هن ڪتاب جو ٽيهون سيپارو تقريبا ڏٺو آهي ۽ وڏيڪ ڏسڻ لاءِ ٽائيم نه ڏنم ڪتاب جو طريقو مناسب آهي ۽ حوالن جي به وڏي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

تعاليٰ در دعاگو آهيان ته اهـ ڪريم هن دوست جي محنت کي صدقه جاريه طور قبول فرمائي (آمين)

محمد قاسم سومرو

ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز سنڌ

0308.3216800

تاريخ: 7-5-2018



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تقريظ

ان الحمدلله نحمده و نصلي و نسلم عليٰ رسوله الڪريم

اما بعد!

قـــــرآن ڪريم الله تعاليٰ جو لاٿل آخري آسماني هدايت جو ڪتاب آهي، جيڪو قيامت تائين اچڻ وارن سيني انسانن جي لاءِ هدايت، رحمت، نصيحت، برڪت، جسماني ۽ روحاني بيمارين کان شفا ڪامل آهي. قرآن ڪريم جي ترجمي، تفسير، لغت، اعرابن، قصن، مثال قرآن ڪريم جي خلاصي ۽ ان جي سائنسي رازن بابت امت جي ڀاڳن ڀرين عالمن، بزرگن، اديبن، ليکڪن پنهنجي پنهنجي طبيعت ۽ مزاج جي لحاظ سان ڪنهن نه ڪنهن موضوع تي قلم کڻي خدمت جي ڪوشش ڪئي آهي. الحمدلله هن سونهاري سلسلي ۾ هن فقير حقير جو تفسير ”فيض القرآن“ به سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن جي هڪ خدمت جي ڪوشش ٿيل آهي.

هينئر اسان جي دوست محترم رحمت اصوساڻ صاحب جيڪو پنهنجي لحاظ هڪ رٽائر ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل سيڪيورٽي انسٽيٽيوشن سنڌ آهي. پر وري به وساڻ صاحب جَسُ لهڻي جو لکڻ پڙهڻ جي شعبي سان سلهاڙيل نه هئڻ باوجود پنهنجي ايماني جذبي سان قرآن ڪريم جي ”خلاصي“ کي سنڌي زبان ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ”نور الاهي“ نالي سان هيءُ ڪتاب مختلف سنڌي تفسيرن تان مواد کڻي سهيڙيو اٿس، جيئن ته هيءَ موصوف جي پهرين ادبي ۽ ديني ڪاوش آهي، تنهن ڪري ان ۾ ڪوڙ ساريـن ڳالهين ۽ اصلاحن جي ضرورت آهي، هن احقر به مرتب کي ڪجهه اهڙيون صلاحون ۽ تجويزون ڏنيون آهن، جيڪڏهن انهن کي سامهون رکي ٻيهر هن ڪتاب کي فيئر ڪري پريس ڪاپي تيار ڪندو ته ان شاء الله العزيز سندس هن ڪاوش جو علمي ۽ ابدي معيار ڪافي بلند ٿيندو ذالِکَ عَليَ الله يسر (سورة الاحزاب آيت نمبر 30)

هن احقر ”نور الاهي“ نالي هن ڪتاب جا پهريان اڍائي سيپارا باقاعدگي سان ڏٺا آهن ۽ مختلف جاين تي تفسيري، علمي ۽ ادبي حوالي سان اصلاح به ڪئي آهي. ۽ وچو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واڙي پين جاين تان بہ متاچري نظر سان پڙهيو آهي. الحمدلله ان شاءالله تعاليٰ مجموعي طور تي هي ڪتاب عام مسلمانن جي لاءِ لاپائتو ثابت ٿيندو.

تعاليٰ ڪان دعا آهي تہ هن ڪتاب جي ســــــهيڙيندڙ محترم رحمت ا وساڻ ۽ جنهن بہ جيترو حصو هن ڪتاب جي بهتري، اصلاح ۽ اشاعت ۾ ورتو آهي تن سيني جون اهي ڪوششون ۽ ڪاوشون الله تعاليٰ مقبـول ۽ منظور فرمائي ۽ سيـني مسـلمانن لاءِ قـرآن ڪـريم جي هن خلاصي ڪي فيض ۽ فائدي وارو بـڻائي آمين!. رَبَّنَا تَقَبَّلۡ مِنَّا ؕ اِنَّكَ اَنۡتَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ (البقر 127)

احقر العباد

**محمد رمضان ڦلپوٽو** عفا الله عنه

0307-3604061

خادم

مدرسہ عربيہ دارالعلوم حماديہ

باگو ڦلپوٽو، نزد پير جو ڳوٺ

تحصيل ڪنگري ضلع خيرپور

27 ذوالحج 1439 هجري

6 آگسٽ 2018ع

مساءَ يوم الجمعه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا للہ الرحمن الرحيم

الحمدللہ رب العلمين والصلواۃ والسلام عليٰ رسول الڪريم

اما بعد!

معزز محترم رحمت ا ولد محبوب خان وساڻ صاحب تعلقہ ڪوٽ ڏيجي ضلع خيرپور (ميرس) پنهنجي محنت ۽ ڪاوش سان ”نور الاهي“ ڪتاب لکيو آهي.

انهي ڪتاب ۾ قرآن مجيد جي سورتن جا مختصر مضامين تحرير فرمايا آهن.

هن فقير حقير هن ڪتاب کي سرسري نگاه سان ٿورو ٿورو مضامين کي پڙهيو آهي.

هن صاحب چند تفسيرن کي آڏو رکي مختصر پر بهترين طريقہ سان استنباط ڪري سنڌي ماهن جي فائدي لاءِ اوهان جي خدمت ۾ هي ڪتاب پيش ڪيو آهي محترم رحمت الله وساڻ صاحب پنهنجي طرفان ڪا بہ ڳالهہ يا وضاحت پيش نہ ڪئي آهي. تفسيرن کي ڏسي انهن مان شان نزول وغيره لکي اوهان جي آڏو پيش ڪيو آهي.

ڪتاب ”نور الاهي“ قرآن پاڪ جي هر هڪ سورت جي انتهائي آسان صورت ۾ اوهان جي خدمت ۾ ٿورن لفظن ۾ پيش ڪري وڏي سهولت ۽ آسان نموني سان لکي هڪ جديد طريقي سان ڪوشش ڪري اوهانکي هڪ هديہ پيش ڪيو آهي.

الله تعاليٰ انهي محنت ۽ ڪاوش کي مدني تاجدار احمد مختار حبيب جي صدقي قبول فرمائي آمين

نذير احمد سڪندري

ولد مولوي جان محمد صاحب

رحيم يار خان

تاريخ: 16-09-2018



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## فڪر قرهي

قرآن پاڪ اهو ڪتاب آهي جيڪو هر طرح سان جامع ۽ محفوظ آهي. نالي جي دانشورن جو اعتراض آهي تہ اوهان جي دعويٰ آهي تہ قرآن پاڪ ۾ هر شئي موجود آهي تہ پوءِ جهاز ٺاهڻ جو بيان قرآن پاڪ ۾ آهي؟

ڪين خبر نہ آهي تہ قرآن هدايت جو ڪتاب آهي تہ ان ۾ هدايت جون ڳالهيون هونديون. هي ڪو سائنس جو ڪتاب تہ نہ آهي جو دريافتن ۽ ايجادن جو تفصيلي ذڪر هجي البتہ ڪيترائي سائنسي حقائق قرآن پاڪ ۾ موجود آهن. سائنس جن حقيقتن تي اڄ پهتي آهي، قرآن پاڪ ۾ اهي حقيقتون سوين سال اڳ بيان ڪيون ويون آهن انهن جو مقصد آهي تہ قرآن ماڻهن آڏو خدائي ڪتاب ثابت ٿي وڃي. ٻيا گمراه ماڻهو قرآن جي جامعيت جو ٻڌي حديث فقہ ۽ تفسير کان انڪار ڪيون ويٺا آهن. ٻئي پاسي پاڻ ٻيا قرآن مان پيا فقہ ڪڍندا رهندا ۽ ان جو پيا تفسير سان بيان ڪندا رهندا حالانڪہ جامعيت جو مطلب آهي تہ هدايت جي لحاظ کان قرآن پاڪ ۾ هر دؤر بابت هدايت موجود آهي ان جو پهريون تفسير ۽ فقہ حديث پاڪ آهي جيڪا تفسير ۽ فقہ جا بنياد فراهم ڪري ٿي ان بعد اهو سلسلو جاري رهندو. اهو قرآن پاڪ جو اعجاز آهي جو گهڻو پڙهجندڙ ڪتاب آهي. دنيا جو گهڻي ۾ گهڻو ترجمو ٿيندڙ ڪتاب آهي تقريباً دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو ٿي چڪو آهي. ان طرح دنيا جو اهو ڪتاب آهي جنهن جا گهڻا تفسير ۽ شرح لکيا ويا آهن. ڪيترا تفسير انيڪ جلدن تي مشتمل آهن. بقول ڊاڪٽر اسرار احمد جي تہ نصيحت جي لحاظ کان قرآن پاڪ آسان ترين ڪتاب آهي جو الله تعاليٰ جو فرمان آهي.

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ (قمر 17)

ترجمو: قرآن پاڪ کي نصيحت لاءِ آسان ڪيو اٿئون.

اها ڳالھ عوام لاءِ آهي. جڏهن تہ جيڪي خواص آهن سي قرآن پاڪ مان مختلف دؤرن ۾ مختلف گوهر ڪڍندا رهندا تہ ان طرح تدبر جي لحاظ کان مشڪل ترين ڪتاب آهي جو الله پاڪ جو ارشاد آهي تہ:

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ اَمْ عَلٰى قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا (محمد 24)

ترجمو: ڇا قرآن ۾ تدبر نہ ٿا ڪن يا سندن دلين تي تالا چڙهيل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علماءِ ڪرام، مفسرين عظام ۽ مترجمين محترمين، قرآن پاڪ مان نصيحتون ۽ فقهي، سائنسي، سماجي، سياسي، معاشي ۽ اخلاقي نڪتا ڪڍي پيش ڪندا رهن ٿا، ان ڪري عوام جي قرآن فهميءَ لاءِ ترجمہ ۽ خلاصة القرآن جو ڪم بہ ڪيو پيو وڃي. علم وارا قرآن پاڪ جو خلاصو يا مختصر تفسير يا تفسيري ترجمہ قرآن لکندا رهن ٿا. رحمت الله وساڻ جي لکيل تفسير جون هي خصوصيتون آهن؟

هي تفسير خلاصي جي طرز جو لکيو ويو آهي ڇو تہ جيئن تفسير آيت وار (ترجمہ بعد) ان جو شان نزول ۽ مطلب بيان ڪيو ويندو آهي پر هن ۾ اڪثر طرح سورتن جو خلاصو بيان ڪيو ويو آهي پوءِ ڪن سورتن جو خلاصو گهٽ بيان ڪيو ويو آهي تہ ڪن جو بنهہ ٿورو جو ڪٿي ڪٿي اڄ پئي محسوس ٿئي.

هن خلاصہ قرآن ۾ سورتن جي لغوي معنيٰ نالي جو سبب ۽ شان نزول بہ اڪثر طور لکيو ويو آهي جيڪا هڪ نواڻ آهي ڇو تہ خلاصن ۾ اها ڳالهہ اڪثر طور نہ لکي ويندي آهي.

هي خلاصہ قرآن لکندي ڪيترن ترجمن ۽ تفسيرن کي مدنظر رکي پوءِ لکيو ويو آهي نہ فقط خلاصو آهي پر اڪثر طور تفسير بہ ڪيو ويو آهي. مشڪل ڳالهين کي کولي سمجهايو ويو آهي ان ڪري هي (رڳو) خلاصو نہ آهي پر خلاصہ مع تفسير آهي. جنهن ڪري خلاصو سمجهڻ ۾ وڏي سهولت ٿئي ٿي.

هن خلاصي جي زبان سولي سنڌي رکي وئي آهي تہ جنهن سان بهتر نموني قرآن فهمي ٿيندي.

جيئن تہ هن خلاصہ مع تفسير ۾ هر مڪتبہ فڪر جي ترجمن تفسيرن جو مطالعو ڪري پنهنجي انداز سان لکيو ويو آهي پر هڪ ڳالهہ جو باقاعده خيال رکيو ويو آهي تہ ڪنهن فرقي بازي ۾ نہ پئجي. اشفاق احمد خان "زاويہ" ۾ لکيو آهي تہ مان مسلمان ۽ مؤمن جي وصف ۾ منجهيل هيس تہ هڪ ڳوٺاڻي قسم جي ماڻهوءَ مون کي انهي جي وصف هڪ جملي ۾ سمجهائي تہ "جيڪو خدا کي مڃي اهو مسلمان ۽ جيڪو خدا جي مڃي اهو مؤمن آهي" اهڙي نموني اسان قرآن کي تہ مڃون ٿا پر قرآن جي نٿا مڃون. قرآن پاڪ کي پنهنجي مقصد، عقيدي ۽ نظريي کي ثابت ڪرڻ لاءِ استعمال ڪريون ٿا حالانڪہ اهو هجڻ کپي تہ پنهنجا عقيدا ۽ نظريا قرآن مطابق ڪريون. ڪنهن شاعر خوب چيو آهي تہ:

خود کو نہیں بدلتے، قرآن کو بدل دیتے ہیں۔



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر هڪ قرآن جو ڄاڻو قرآن کي پنهنجي ۽ پنهنجي مسلڪ ۽ فرقي جي تابع ڪري ٿو. هاڻي ته فيس بوڪ اچڻ بعد هر جاهل به مفسر قرآن بڻجي ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو تفرقو تيز آهي. شاهه ولي الله رحمة الله عليه ان سبب قرآن پاڪ کي بنا تفسير جي پڙهڻ جو قائل آهي. انهن فتنه انگيزين جي باوجود تفسير قرآن جي ضرورت رهي ٿي جو قرآن پاڪ مان پنهنجي پنهنجي دؤر مطابق مسئلن جو حل ڳولڻو آهي هن خلاصه القرآن ۾ مان شاباس ٿو ڏيان رحمت الله وساڻ کي جنهن جو مڪتبه فڪر ڪهڙو به هجي پر هن پنهنجي راءِ قربان ڪندي اهو ڪجهه لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪو اڪثر مفسرن لکيو آهي. گهڻي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته هي خلاصو فرقي بازي ۾ نه اچي جيڪو قرآن ۾ مذڪور آهي يا جيڪو به ان جو اصل مطلب آهي اهو لکيو اٿس.

رحمت الله وساڻ صاحب پنهنجي محنت مون سميت ٻين آڏو رکي ته ان بابت اصلاحي مشورا تجويز ڪن. مون ڪيترين جاين تي پنهنجي مطالعي عقل ۽ علم آهر ڪيس مشورا ڏنا آهن جن کي هن مان ڏيندي قبول ڪيو آهي. اجا به ڪنهن کي ڪا تجويز ڏيڻي هجي ته رحمت الله وساڻ کي آگاهه ڪري ته جيئن ٻي ايڊيشن ۾ ان کي نظر ۾ رکيو وڃي جيستائين مجموعي طرح هن خلاصه القرآن ”نور الاهي“ جي افاديت جو سوال آهي ته انشاءَ الله اهو اسان جي معاشري لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.

حزب الله. آءِ. سومرو
استاد اسلاميات
گورنمينٽ سچل سرمست ڊگري ڪاليج راڻيپور
پهرين ڊسمبر 2018ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تقريظ

الحمدلله رب العالمين والصلواة والسلام عليٰ محمد خاتم الانبياء والمعصومين
وعليٰ وآلہ و اصحابہ واتباعہ اجمعين

اما بعد!

هيءَ هڪ مجيل حقيقت آهي تہ قرآن حڪيم تي ۽ ان سان متعلق علوم تي جيترو لکيو ويو آهي اوترو ڪنهن بہ آسماني ڪتاب تي ناهي لکيو ويو. هيءَ بہ حقيقت آهي تہ سنڌي زبان ۾ سڀ کان اول قرآن پاڪ جو ترجمو ڪيو ويو ۽ اڄ کان چار سؤ سال پهرياڻين بہ قرآن پاڪ جو سنڌي زبان ۾ ترجمو مخدوم لطف الله هالائي ڪيو.

قرآن ڪريم جي علوم تي قديم زماني کان دور حاضر تائين ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ اهو سلسلو قيامت تائين جاري رهندو آهي.

تفسير کان هٽي ڪري قرآن ڪريم جي سورتن جي شان نزول ۽ آيات مان استنباط ٿيل مسائل کي بہ ڪيترن عالمن ۽ ڄاڻو ماڻهن جمع ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي اوهان جي سامهون "نور الاهي" جي نالي سان هڪ ڪتاب جي صورت ۾ اوهان جي هٿن ۾ آهي، جنهن کي محترم جناب رحمت الله وساڻ صاحب ترتيب ڏنو آهي.

محترم سائين رحمت اصوساڻ صاحب هڪ ريٽائرڊ آفيسر آهن جنهن عوام جي فائدي لاءِ هي ڪتاب ترتيب ڏنو آهي. محترم رحمت الله وساڻ صاحب پنهنجي فرست جي اوقات کي تمام سٺي ڪم ۾ صرف ڪيو آهي ۽ قرآني مضامين ۽ شان نزول کي مختلف تفسيرن مان گڏ ڪري تفسيرن جي موافق ترتيب ڏئي ناظرين جي سامهون پيش ڪيو آهي. الله تعاليٰ سندن محنت کي قبول و منظور فرمائي ۽ آخرت ۾ نجات جو ذريعو بڻائي.

و آخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين

احقر العباد
اسدالله شيخ (ايم فل)
خيرپور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## الحمدلله رب العالمين الحمدلله الذى له القوة والقدر والملك
## والصلواة والسلام علىٰ رسول محمد و علىٰ واصحابه وسلم

اما بـعد! سيئي سـاراهون خالق ۽ مالڪ کي سـونهن ٿيون جيڪو ڏڏن جو ڏڏ هيڻن جو همراهہ ۽ بيحـد ٻاجهارو ۽ مهربان آهي.

لڪين ۽ ڪروڙين درود ۽ سلام انسانيت جي عظيم محسن سچي سرور ٻنهي جهانن جي رحمت منٽري محمد مصطفي احمد مجتبىٰ ﷺ مٿان پڙهجن جيڪي الله سائين جا حبيب مِڙني مُرسلن جا سردار ۽ سرواڻ ۽ آخري نبي آهن جن کي الله پاڪ انسانن تي گواهي ڏيندڙ سٺن عملن تي خوشخبري ٻڌائيندڙ ۽ بُرن ۽ بچڙن عملن جي نتيجي کان ڊيڄاريندڙ حق ڏانهن سڏيندڙ ۽ سچائي جي روشني ڏيندڙ بـنائي موڪليو. سندن ڏسيل ڏس ۽ گس تي هلي اسان پنهنجا ٻئي جهان سڌاري ۽ سنواري سگهون ٿا.

هي ڪتاب نور الاهي قرآن پاڪ جي هر هڪ سورة جي مضمون تي مشتمل آهي، جو تمام آسان الفاظن ۽ سُهڻي سمجهاڻي سان قارئين ڪاڻ اسان جي نهايت ئي مهربان سائين رحمت الله وساڻ صاحب جي خوشبودار قلم جي نب ۽ فهم وسيع مان نڪتل هڪ قرآن ڪريم جي پڙهندڙن ۽ شائقين جي لاءِ بهترين تحفو آهي.

هي ڪتاب تحقيقي ۽ دانشوراڻي شعور جوما حاصل ليکيو ويندو. جنهن کي سائين رحمت الله سنڌي پڙهندڙن جي لاءِ سنڌي ٻولي جو سُهڻو ويس پهرايو آهي.

مون فقير پر تقصير پنهنجي ذاتي مصروفيتن جي باوجود ڪتاب هذا کي هنڌان ماڳان پڙهيو ۽ پاتئيم تہ واقعي هن ڪتاب جي اسان کي اشد ضرورت آهي ڇاڪاڻ تہ هر هڪ ماڻهو وڏا وڏا تفسير نٿو پڙهي سگهي ۽ نہ ئي با آساني وٺي سگهي ٿو. هي ڪتاب اِن ڪميءَ جي پورائيءَ لاءِ بهترين ذريعو آهي ۽ ضروري ڳالهہ تہ هي ڪتاب گهڻن تفسيرن جو پڻ جامع آهي مثلاً "تفسير ڪنز الايمان" ۽ "تفسير احسن البيان، في تفسير القرآن"، "تفسير تنوير الايمان" ۽ "تفسير هاشمي" تفسير تفهيم القرآن وغيره.

سائين رحمت الله وساڻ جس لهڻي جوان خدا تي توڪل رکي هن هيڏي ساري ڪم ۾ هٿ وڌو ڇاڪاڻ تہ سندس ضعيفي ۾ هن ڪم کي سر انجام ڏيڻ تمام اوکو ۽ ناممڪن هيو. پر سندن جي سِيني ۾ جا عشق ۽ شوق جي چڻنگ ٻري پئي تنهن آخر هي هيڏو سارو ڪم پاياءِ تڪميل تائين پهچايو.

سائين رحمت الله وساڻ سنڌ جو ادبي لڏي جو فرد آهي. سندس جي قلم مان پهريان بہ ڪيترائي گل نڪتا آهن پر هي پورهيو خدا پاڪ جي خاص نگاهہِ ڪرم سان اُڪليو آهي. جهڙي طرح هن ڪتاب جو نالو "نور الاهي" آهي بلڪل اهڙي طرح هي ڪتاب قارئين جي لاءِ روشن ڏينهن جيان هدايت جو رستو آهي. جنهن سان پڙهندڙن جون اکيون اُجريون ۽ قلب کي تسڪين ملي ٿي، روح کي راحت ۽ بندي کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معبود ملي ٿو.

قرآن پاڪ اج تعاليٰ جو ڪلام مومنن ۽ متقين جي واسطي هدايت جو ڪتاب آهي. جنهن ۾ هر خشڪ ۽ تر ننڍي ۽ وڏي شئي جو ذڪر ٿيل آهي. جو لوح محفوظ کان نبي پاڪ صاحبِ لولاڪ ﷺ جن جي پاڪ قلب تي وحيءَ ذريعي وقتاً بوقتاً نازل ٿيندو رهيو ۽ 23 سالن جي طويل مدت ۾ پورو ٿيو.

قرآن پاڪ جي هر هڪ حرف ۽ اعراب جي حفاظت ۽ نگهباني رب پاڪ پنهنجي ذِمي ڪنئي آهي. قرآن پاڪ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ سان سابقہ واقعات مثلاً نافرمانن تي خدائي عذاب ۽ فرمانبردار ٻانهن مٿان الله جون نعمتون ۽ پلايون ٿيڻ، معلوم ٿين ٿا. ڪِٿي رب پاڪ پنهنجي ٻانهن تي من وسلويٰ جي نازل ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي تہ ڪٿي وري فرعون جهڙي ظالم ۽ جابــــر کي درياءِ نيل ۾ غرق ڪرڻ جو ذڪر فرمايو آهي. ڪٿي طالوت جهڙي ٻڪريون چارينڙ کي بادشــاهي عطا ڪرڻ جو ذڪر فرمايو آهي تہ ڪٿي جالوت جي قتل ۽ ناڪامي جو ذڪر فرمايو آهي.

البتہ قرآن پاڪ اهڙن هزارها سابقہ حيرت ڪُن واقعات جو جامع آهي جنهنجي پڙهڻ سان دِليون خدا جي خوف کان دهلجي وڃن ٿيون. ۽ وري ان ساڳئي ئي هنڌ قرآن پاڪ هڪ خوشخبري ۽ بشــارت ڏيندڙ ڪتاب پڻ آهي. انهن نيڪوڪار عامل ٻانهن کي، جن پنهنجي فاني زندگي خدا جي راهہ ۾ گذاري تن جي لاءِ آخرت ۾ جنت جي عظيم نعمتن جو واعدو ٿيل آهي. جيڪي نعمتون هميشـــــــ رهڻ واريون آهن. الله تعاليٰ کان دُعا آهي تہ شال سائين رحمت الله کي دن دگني رات چگني ترقي عطا فرمائي ۽ هن پورهئي کي پنهنجي بارگاهہ ربوبيت ۾ قبوليت جو شرف عطا فرمائي. آخرت ۾ هن جو عظيم نعمتن جي صورت ۾ بدلو عطا فرمائي. هي ڪتاب قرآن مجيد ۽ مٿين تفسيرن جي موافق آهي.

(آمين ثم آمين).

وما ذالک علي ا لله بعزيز وهو حسبي و نعم الوڪيل والحمدلله رب العالمين وصلي ا لله تعالي علي خير خلقه محمدٍ واله صحبه اجمعين.

فقير پر تقصير راقم اين تحرير
عبده حقير عبدالغني راڄپر
رضوي قادري حسيني پدعيدن اسٽيشن
فاضل عربي جامعہ نظاميہ لاهور
3.4.2018
16 رجب المرجب 1439 هجري بروز اڱارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

سڀ ساراهون ا تعاليٰ کي سونهن جيڪو اڪيلو جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي جيڪو جهانن جو خالق ۽ پالينڌڙ آهي صلواتون ۽ سلام ڪائنات جي ڪارڻي نبي آخر زمان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ تي آهن جنهن جي آمد سان ڪفر ختم ٿيو انسان جي ناهيل گهڻن خدائن جي پوڄا کان آزاد ٿيو ۽ وحدانيت جو سبق سکيو.

ان کان پوءِ الله تعاليٰ انسانن جي رهبري ۽ هدايت لاءِ پنهنجي آخري پيغمبر پنهي جهانن جي سردار امام الانبياء نبي ڪريم ﷺ تي قرآن حڪيم نازل ڪيو جنهن ۾ انسانن کي وحدانيت جي تعليم ڏني ويئي آهي ۽ سنئين راهہ ڏسي ويئي آهي. انهيءَ ڏسيل راهہ تي هلڻ سان ئي انسان دنيا ۽ آخرت جون سڀئي ڀلايون حاصل ڪري سگهي ٿو پوءِ هي الله تعاليٰ جو موڪليل آخري ڪتاب آهي جنهن جي حفاظت جو ذمو الله تعاليٰ پاڻ ڪنيو آهي. جنهن جي تعليم کي ڦهلائڻ لاءِ مسلمان عالمن مفڪرن هر دور ۾ وڏي جدوجهد ڪئي آهي ان سلسلي ۾ الله تعاليٰ جي ڏسيل راهہ کي پڌرو ڪرڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ دنيا جي بيشمار ٻولين ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ڪيو ويو آهي ۽ ان جو مفهوم ۽ مطلب سمجهائڻ لاءِ ڪيترن ئي ٻولين ۾ تفسير لکيا آهن ان کان علاوه قرآن فهمي لاءِ ڪيترا ڪتاب لکيا آهن. سنڌ جي عالمن بہ هن ڏس ۾ اهم خدمتون سرانجام ڏنيون آهن ۽ هر دور ۾ سنڌي زبان ۾ قرآن مجيد جا ترجما ۽ تفسير لکيا آهن.

ڪتاب نور الاهي لکڻ جو مقصد جيئن مٿي ذڪر ڪري چڪا آهيون تہ قرآن مجيد جي مفهوم کي سمجهڻ لاءِ عالمن سڳورن قرآن ڪريم جا ترجما ۽ تفسير لکيا آهن تفسير ايترا وڏا لکيل آهن هر تفسير گهٽ ۾ گهٽ 5 جلدن کان 30 ٽيهن جلدن تي مشتمل آهن هر هڪ جلد تقريباً 800 صفحن کان 1000 صفحن تي مشتمل آهي. ايڏا وڏا تفسير سواءِ عالمن ۽ قرآن مجيد جي مفهوم سمجهڻ جي شائقين کان سواءِ عام قرآن ڪريم کي پڙهڻ وارا اهي تفسير نہ خريد ڪري سگهندا ۽ نہ وري دنيا جي مصروفيتن جي باوجود پڙهڻ لاءِ وقت ڏيئي سگهن ٿا اڪثر تفسير ۾ سورتن جو پس منظر نہ لکيو ويو آهي يعني سورت جو شان نزول، مقصد نزول ۽ فضيلت نہ لکي آهي.مٿين ڳالهين کي سامهون رکي هي ڪتاب "نور الاهي" جنهن ۾ قرآن ڪريم جي 114 سورتن تي مضامين چڻ هر سورت جو خلاصو لکيو آهي اهي مضامين هنن تفسيرن تان ورتل آهن.

1. تفسير تنوير الايمان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. تفهيم القرآن خلاصو

3. احسن البيان في تفسير القرآن

4. ڪنزالايمان حاشيہ وارو 5. تفسير هاشمي

الله تعاليٰ جا ڪروڙين احسان مون تي آهن جنهن مون کي علم سان نوازيو هن ڪتاب "نور الاهي" جي لکڻ جي سگهه عطا فرمائي.

ٻيو آءُ احسان مند آهيان پنهنجي پيءُ ۽ منڙي ماءُ جو جن مون کي پالي تاتي وڏو ڪيو ۽ علم حاصل ڪرڻ ۾ همت افزائي فرمائي. آءُ پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جو هڪڙو پٽ هيس انهن جي اها خواهش هئي تہ الله تعاليٰ مون کي علم عطا فرمائي. تنهن ڪري اهي منهنجي علم حاصل ڪرڻ لاءِ هميشہ دعائون گهرندا هئا.

مون کي ياد آهي تہ جڏهن آءُ ننڍڙو هوندو هيس آءُ پنهنجي ماءُ وٽان هڪ شعر جهونگاريندي ٻڌندو هيس (سهري) جا ٻول هي هئا.

منهنجو رحمت الله پڙهندو پاڪ قرآن

لکندو دين ايمان

الله تعاليٰ منهنجي منڙي ماءُ جي ان شعر (سهري) جي ٻولي کي دعا ڪري قبول فرمايو ۽ مون کي يعني علم ديني ۽ دنوي نصيب ٿيو ۽ الله تعاليٰ جي مهرباني ۽ سان متيون ڪتاب لکيو.

آءُ نهايت شڪريو ادا ڪريان ٿو محترم مولانا محمد قاسم سومرو مدظلہ عليہ، محترم مولانا محمد رمضان قلپوٽو، مولانا نذير احمد سڪندري، محترم مولانا حزب الله آءِ سومرو، محترم مولانا اسدالله شيخ ۽ عبدالغني راڄپر جن جو جن منهنجي هن محنت کي نظر مان ڪڍيو ۽ ان بابت نيڪ مشورا ڏنا گڏو گڏ تقريظات لکي ڏنيون.

هن ڪتاب جي آخري (فائنل) پروف ريڊنگ علامہ حزب الله آءِ سومرو صاحب جن تڪليف ڪري پنهنجي قيمتي تاثير سيڙائي ڪري پاڻ خود ڪئي آهي.

12 ربيع الاول 1439 هجري
1 ڊسمبر 2017ع
بروز جمع

**حمت ار وساڻ**
ڳوٺ پير گدو تعلقہ ڪوٽڏيجي
0301.3685562



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

قرآن ڪريم جي 114 سورتن جي ڏنل ترتيب متعلق

خلاصو تَفهِيمُ القرآن جلد پهريون ص 21 تان ورتل آهي:

ترتيب قرآن جي سلسلي ۾، پڙهندڙن کي معلوم هجڻ کپي ته هيءُ ترتيب پوين ماڻهن ي ڏنل نه آهي پر خودا تعاليٰ جي هدايت سان نبي ڪريم ﷺ جن ئي قرآن مجيد کي اهڙيءَ طرح مرتب فرمايو هو. قاعدو هيءُ هو ته جڏهن به ڪا سورة نازل ٿيندي هئي ته پاڻ سڳورا ﷺ انهيءَ وقت پنهنجي ڪاتبن مان ڪنهن کي گهرائي ان کي قلم بند ڪرائڻ کانپوءِ حڪم فرمائيندا هئا ته هي سورة فلاڻي سورة پوءِ ۽ فلاڻي سورة کان اڳ رکي وڃي. اهڙيءَ طرح جڏهن قرآن مجيد جو اهڙو حصو نازل ٿيندو هو، جنهن کي مستقل طرح سورة بڻائڻ پيش نظر نه هوندو هو ته پاڻ سڳورا ﷺ هدايت فرمائيندا هئا ته ان کي فلاڻي سورة ۾ فلاڻي جاءِ تي رکيو وڃي ان کانپوءِ پاڻ به انهيءَ ترتيب سان نماز ۾ يا ٻين موقعن تي قرآن مجيد جي تلاوت فرمائيندا هئا ۽ انهيءَ ترتيب سان صحابه ڪرام پڻ ياد ڪندا هئا تنهنڪري هيءَ هڪ ثابت شده تاريخي حقيقت آهي ته قرآن مجيد جو نازل جنهن ڏينهن مڪمل ٿيو. ان ڏينهن ان جي ترتيب به مڪمل ٿي جيڪو هن جي نازل ڪرڻ وارو هو، اهوئي هن جي ترتيب ڏيڻ وارو به هو جنهن جي قلب تي نازل ڪري انهيءَ جي ئي هٿان ان کي مرتب به ڪرايو ويو ۽ ڪنهن ٻئي جي مجال ڪانه هئي ته ان ۾ مداخلت ڪري سگهي.

احسن البيان في تفسير القرآن جلد پهريون ص 28،27 تي لکيل آهي ته:

الله تعاليٰ جي پياري پيغمبر، ڪائنات جي رهنما ۽ رهبر ﷺ جن الله تعاليٰ جي ارشاد جي مطابق قرآن ڪريم جي سورتن ۽ سورتن جي آيتن کي مرتب فرمايو ۽ هيءَ موجوده ترتيب بعينه يعني (هو بهو ساڳئي) اهائي ترتيب آهي.

قرآن ڪريم عهدِ رسالت ۾ ئي ترتيب ڏنل هو ۽ سيئي اصحابي سڳورا ﷺ ان جي پيروي ۽ پابندي ڪندا هئا.

## قرآن پاڪ ۽ ٻيا صحيفا به رمضان شريف ۾ نازل ٿيا آهن.

احمد، ابن جرير، محمد بن نضر، بن ابي حاتم، طبرانيءَ، بيهقيءَ ۽ شعب الايمان ۾ ۽ ترغيب ۾ حضرت واثلة بن الاسقع ﷺ کان روايت آندي آهي ته رسولالله ﷺ جن فرمايو ته حضرت ابراهيم جا صحيفا رمضان جي پهرين تاريخ نازل ٿيا. ۽ توراة رمضان جي 6 ڇهين تاريخ نازل ٿيو هيو ۽ زبور رمضان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي 12 ٻارهين تاريخ ۽ انجيل رمضان جي اٺين تاريخ نازل ٿيو هو. قرآن شريف رمضان ۾ نازل ٿيو.

(الحديث) ۽ عڪرمة جو قول آهي تہ ان مان مراد شعبان جي 15 پندرهين تاريخ جي رات آهي مفسرن ان کي ترجيح نہ ڏني آهي قتادة ۽ ابن زيد فرمايو تہ قرآن پاڪ سمورو ليلة القدر ۾ لوح محفوظ کان لهي پهرين آسمان تي بيت العزة ۾ پهتو اتان پوءِ 23 ٽيويهن سالن تائين ٿورو ٿورو ٿي نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن تي واقعات ۽ ضروريات کي سمجهائڻ جي لاءِ نازل ٿيندو رهيو. جنهن رات قرآن پاڪ نازل ٿيو هو سا قرآن پاڪ ۾ صاف صاف بيان ڪئي ويئي آهي تہ اها ليلة القدر (قدر جي رات) هئي. (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 1 صہ 401 ۽ 402 (حوال 2 ساڳيو تفسير جلد 8 ص111) (حوالہ القرطبي صہ 126 جلد 16).

حضرت محمد ﷺ جن کي تورات، زبور ۽ انجيل بجاءِ ڪهڙيون سورتون مليون آهن جن جو ذڪر هيٺين حديثن مان خبر پوي ٿي تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

## حديث

بيهقيءِ شعب الايمان ۾ حضرت واثلة بن الاسقع ﷛ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”اعطيت مکان التوراة السبع الطول والمئين (حوالہ الدر المثور صہ 422 جلد 2) حديث جو ترجمو: (حضرت موسيٰ عليہ الصلواة والسلام تي نازل ڪيل) توراة جي عيوض مون کي 7 ست وڏيون ۽ سؤ آيت واريون سورتون (البقره کان التوبہ تائين) ڏنيون ويون آهن مقصد تہ سورة النساءِ بہ انهن ۾ شامل آهي ان جي ڪري اها بہ وڏي شان واري آهي جيڪا کين ڏني وئي آهي.

## حديث

المستدرڪ ۾ حاڪم حضرت معقل بن يسار ﷛ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”اعطيت طٰهٰ و طٰسٓمٓ و حٰمٓ من الواح موسيٰ(حوالہ 3 المظهري صہ 54 جلد 7)

ترجمو: مون کي طٰهٰ ۽ طٰسٓمٓ سورتون ۽ حٰمٓ سورتون (حضرت) موسيٰ (عليٰ نبينا و عليہ الصلواة والسلام) جي ڦرهين مان ڏنل آهي.

حضرت براءِ بن عازب ﷛ کان روايت آهي تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو تہ الله مون کي توراة جي بجاءِ ست ڊگهيون سورتون عطا ڪيون آهن ۽ انجيل جي بجاءِ المئين (سؤ آيتن واريون) ۽ زبور جي بجاءِ طٰسٓمٓ واريون سورتون ڏنيون آهن ۽ حٰمٓ وارين سورتن سان مون کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پين تي فضيلت عطا ڪيائين مون کان اڳي اهي ڪنهن بــــ نبي نہ پڙهيون هيون (4 المراغي ص44 جزو 19 جلد 7) (حوالہ احسن البيان جي تفسير القرآن جلد 6 صہ 518).

## حديث

بـغوي تفسير ۾ ثعلبي جي اسناد سان ثوبـان کان ۽ امام احمد مسند ۾ ۽ طبري حضرت واثلة بـن الاسقع ﷺ کان روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن فرمايو "الله مون کي تورات جي جاءِ تي (7) ست وڏيون سورتون (بقره) آل عمران، نساءَ، مائده، انعام، اعراف ۽ يونس) عطا فرمايون ۽ انجيل جي جاءِ تي 200 ٻن سون آيتن واريون سورتون عطا ڪيون ۽ زبور جي جاءِ تي سَوَ کان گهٽ آيتن واريون سورتون عطا ڪيون ۽ مون کي مفصل سورتون وڌيڪ ڏنيون" مفصل جي وضاحت ڪندي علامہ ابن جُوزي لکيو آهي تہ اهي ننڍي هجڻ ۽ انهن ۾ بسم الله الرحمن الرحيم سان فصل جدا جدا ڪرڻ جي ڪري مفصل سڏيون ويون آهن. (حوالہ (1) زاد المسير و حاشيته صہ 452.451. جلد 7)






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

1. سورت **الفاتحة** مکيه رکوع 1 آيت 7

فاتحة: هن سورت کي فاتحة ان کري چيو ويو آهي جو قرآن پاڪ ۾ تلاوت ڪرڻ وقت، نماز ۾ قراعت ڪرڻ وقت پهريان هن سورت سان شروعات ڪئي ويندي آهي ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ سيني کان اڳ ۾ اها سورة نازل ٿي آهي. ان ڪري فاتحة الڪتاب (ڪتاب جي شروعات) سڏي ويئي يعني وحيءَ جي شروعات پهريون سورة اقراء سان ٿي پوءِ وحي جي رڪجڻ کان بعد يا اَيهَا المُدَثر سان ٿي ان کان بعد جڏهن باقاعده قرآن ڪريم جي نازل ٿيڻ جو سلسلو شروع ٿيو تہ پهريان سورة فاتحة نازل ٿي هر مضمون تحريري هجي يا تقريري اهو الله تعاليٰ جي حمد سان شروع ٿيندو آهي تہ الله تعاليٰ جو هي ڪلام جو پوريءَ دنيا لاءِ عام قانون آهي سوبہ الله تعاليٰ جو حمد سان شروع ٿيڻ گهرجي (حوالہ تفسير ڪبير ص173 ج 1) پوري قرآن جو خلاصو هن سورة ۾ آهي.

## خلاصو

سڀ تعريفون خدا لاءِ آهن. جيڪو پالينڌڙ رحم ڪندڙ آهي مالڪ حساب ڪتاب جو آهي عبادت بہ فقط ان جي ڪرڻ گهرجي ۽ مدد بہ فقط ان کان ئي گهرڻ گهرجي. دعا گهرڻ گهرجي تہ اسان کي اهو رستو ڏيکار جنهن تي انعام يافتہ طبقي وارا (انبياءَ، صديق، شهيد ۽ صالح) هلندا رهيا آهن ۽ پناهہ وٺجي اهڙي رستي کان جنهن تي خدا کي ناراض ڪندڙ ۽ غلط ماڻهو هلندا رهيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

2. سورت **البقرة** مدني (رڪوع 40 آيات 286)

هي پهرين سورت آهي جيڪا مدينہ منور ۾ نازل ٿي آهي. هن سورت جو نالو بَقَرة انهيءَ ڪري آهي جو هن سورت جي آيت نمبر 67 کان 71 ۾ بقرة يعني ڳئون جو ذڪر ٿيل آهي انهي قصي جو بني اسرائيلن سان تعلق آهي. هي سورت قرآن ڪريم ۾ وڏي ۾ وڏي سورة آهي جنهن ۾ 286 آيتون آهن هن سورت ۾ لاتعداد عنوانن سان مضمون بيان ٿيل آهن ڪنهن بہ سورت جو مضمونن جي لحاظ سان نالو رکيل نہ آهي جنهن مان ان سورت جي سيني مضمونن جو پتو پوي انهيءَ ڪري نبي ڪريم ﷺ جن الله تعاليٰ جي رهنمائي سان قرآن پاڪ گهڻين سورتن لاءِ عنوان مقرر ڪرڻ بدران سورتن جا نالا تجويز فرمايا ۽ اهي فقط سورة جي سڃاڻپ جو ڪم ڏين ٿا هن سورت کي "بقره" يعني ڳئون چوڻ جو مطلب هي نہ آهي تہ هن سورت ۾ ڳئون جي حلال حرام مسئلي تي بحث ڪيو ويو آهي پر هن جو مطلب صرف ايترو آهي تہ هي اها سورت آهي جنهن ۾ ڳئون (بقره) جو ذڪر آهي جنهن جو خلاصو تفسير تنوير الايمان جي جلد 1 صفہ 163 تان ورتل آهي اهو واقعو قرآن مجيد جي مٿي ڏيکاريل آيتن جي روشني ۾ آهي. جيڪو هن ريت آهي.

هن سورت ۾ ا تعاليٰ حضرت محمد ڪريمن ﷺ جن کي هدايت ڪئي تہ يهودين کي اصلي دين ڏانهن دعوت ڏين اهڙي طرح سورت بقره جي شروعاتي 15 ۽ 16 رڪوعن ۾ اصل دين جي دعوت بيان ٿيل آهي.

جڏهن هجرت کان پوءِ عرب جي جدا جدا قبيلن سان اسلام قبول ڪندڙ سڀ ماڻهو هڪ جاءِ تي اچي ڪٺا ٿيا ۽ انصارين جي مدد سان هڪ ننڍڙي اسلامي رياست جو بنياد وڌائون تہ الله تعاليٰ انهن ڏانهن رهڻي ڪهڻي، قانون ۽ سياست متعلق بہ اصولي هدايتون موڪلڻ شروع ڪيون ۽ الله تعاليٰ پڌايو تہ اسلامي بنيادن تي هي نئون نظام زندگي ڪيئن اڏيو ويندو هن سورت جا 23 رڪوع گهڻو ڪري انهن سان پريل آهن.

هن سورت ۾ قانون، اخلاق، آئين ۽ سياست جا گهڻا امر احڪام بيان ٿيل آهن.

هن سورت جا ڪيئي رڪوع يهودين جي اصلاح لاءِ آهن ۽ انهن جي پسمنظر ۾ امت محمديہ کي هدايتون ڏنيون ويون آهن

## عاميل جو قتل ۽ ڳئون جو قصو

بني اسرائيل ۾ عاميل نالي هڪ مالدار شخص هو ان جا وارث سندس بہ ڀائٽيا هئا جن مال جي طمع پنهنجي چاچي کي ڪهي سندس لاش رات جو ٻئي شهر جي دروازي وٽ ڇڏي آيا ۽ صبح جو ان شهر وارن کان خون بها گهريائون تہ اوهان اسان جو چاچو ناحق ماريو آهي شهر وارن حضرت موسيٰ عليہ السلام کي عرض ڪيو هي خون اسان نہ ڪيو آهي اوهين پنهنجي رب کان دعا گهرو تہ قاتل پڌرو ڪري ۽ شهر تان تهمت لهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام رب العزت جي بارگاهہ ۾ ان باري ۾ التجا ڪئي حڪم آيو تہ ڳئون ڪُهي ۽ ان جي گوشت جا ٽڪر لاش کي هڻو تہ اُٿي خبر ڏيندو تہ مون کي ڦلاڻي ماريو آهي. بني اسرائيلن پهريون ڳئون ڪهڻ کان لهرايو حضرت موسيٰ عليہ السلام کي چيائون تہ پنهنجي رب کان پڇي ڏي انهيءَ ڳئون جون نشانيون ڪهڙيون هجن حضرت موسيٰ عليہ السلام رب کان ڳئون جو نشانيون معلوم ڪري کين ٻڌايو تہ ڳئون ۾ هي نشانيون هجن.

1. ڳئون جو رنگ زرد هجي جو ڏسندڙ کي وڻي.
2. ڳئون نہ پوڙهي هجي نہ جوان پر وچولي هجي.
3. بيشڪ اها ڳئون وهو نہ آهي جا زمين کي کيڙي نہ کي پوک کي پاڻي پياري ملامت ۽ عيبن کان پاڪ هجي.

چيائون تہ هاڻي صحيح ڳالهہ آندي اٿئي الله تعاليٰ جي حڪم موجب انهيءَ ڳئون جي ڳولا ڪيائون نيٺ اُها ڳئون تمام ڳري قيمت ۾ خريد ڪيائون ڳئون کي ڪُهي گوشت جو ٽڪر لاش کي هيائون تہ مردو اٿي پنهنجي قاتل جو نالو ٻڌائي وري مري ويو.

هن سورت ۾ ڳئون (بقره) کان علاوه لاتعداد عنوان بيان ڪيل آهن جنهن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا.

هن سورت جا ڪيئي رڪوع بني اسرائيل يعني يهودين جي اصلاح لاءِ نازل ٿيل آهن.

آيت 2 کان 5: ايمان وارا ماڻهو چوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارا آهن جي پنهنجي رب جي طرفان سڌي رستي تي آهن.

آيت 6 کان 7: ڪافرن جي دلين تي مهر لڳل آهي.

آيت 8 کان 20: منافقن جو ذڪر آهي.

آيت 24.23: حضرت محمد ﷺ جي نبوت جو اثبات ۽ سچائي لاءِ ڪافرن کي خطاب

آيت 25: ايمان ۽ عمل صالح جو بدلو بهشت جون نعمتون آهن.

آيت 30 کان 39: انسان زمين جو نائب آهي هن ۾ حضرت آدم جي پيدائش کان وٺي بهشت مان زمين تي لهڻ ۽ ان کان پوءِ الله تعاليٰ جي هدايت جي تابع ٿيڻ تائين ذڪر آهي.

آيت 40: اي بني اسرائيلوءَ! منهنجي نعمت جو ٿورو خيال ڪريو جيڪا مون توهان تي ڪئي. جيڪو توهان مون سان عهد ڪيو ان کي پورو ڪيو تہ جيڪو عهد اوهان سان هو ان کي آءُ پورو ڪريان ۽ مون کان ڊڄو.

آيت 44 کان 46: نماز با جماعت پڙهڻ جو ذڪر

آيت 47 کان: الله تعاليٰ بني اسرائيلن کي پنهنجون ڏنل نعمتون ياد ڏياري ٿو جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون.

آيت 47 تحقيق مون اوهان کي سيني جهانن کان ڀلو ڪيم.

آيت 49 اسان فرعوني ٽولي کان ڇڏايو اهي اوهان جي پٽن کي ڪهندا هئا ۽ ڌيئرن کي جيئرو ڇڏيندا هئا.

آيت 50: اوهان لاءِ درياهه کي چيري رستو بڻايو پوءِ توهان کي ان مان سلامتي سان پار ڪيوسون ۽ فرعونين کي توهان جي اکين اڳيان ٻوڙيوسين.

آيت 51 کان 52 حضرت موسىٰ عليه السلام سان چاليهن راتين جي واعدي تي گهرايو ته توهان ان جي پويان ڳابي کي معبود بڻائي ويٺوءَ ان وقت توهان سخت زيادتي ڪئي پوءِ توهان کي معاف ڪيوسون ان کان پوءِ ته من اوهين شڪر ڪريو.

آيت 53 حضرت موسىٰ عليه السلام کي ڪتاب ۽ فرقان عطا ڪيو ته جيئن اوهين ان ذريعي سڌي واٽ لهو.

آيت 54 حضرت موسىٰ عليه السلام پنهنجي قوم کي چيو توهان ڳابي کي معبود بڻائي پاڻ تي ظلم ڪيو تنهنڪري پنهنجي خالق جي حضور ۾ توبه ڪريو ۽ پنهنجي پاڻ کي ڪُهو انهيءَ ۾ توهان لاءِ بهتري آهي. پوءِ ائين ڪرڻ سان الله تعالىٰ انهن جي توبه قبول ڪئي.

آيت 55. جڏهن اوهان حضرت موسىٰ عليه السلام کي چيو ته توکي هر گز نه مڃينداسين تان جو جيستائين الله تعالىٰ کي ظاهر نه ڏسون پوءِ اوهان کي وڄ ورتو پوءِ اوهان ڏٺو پيئي.

آيت 56. پوءِ اوهان کي موت کانپوءِ جيئاريوسون ته من شڪر ڪريو.

آيت 57: اوهان تي ڪڪر جي ڇانوَ ڪئي سون، من وسلوىٰ لاٿوسون ۽ اوهان کي چيو سون ته کائو اسان جي پاڪيزه رزق مان جيڪو اوهان کي ڏنو آهي ۽ انهن اسان تي ظلم نه ڪيو پر پاڻ تي ظلم ڪيائون.

آيت 58: اسان چيو ته هن بستي ۾ داخل ٿيو ان جي پيداوار مزي سان کائو پر ڳوٺ جي دروازي ۾ سجدو ڪندي داخل ٿجو ۽ چوندا وڃجو (حطته حطته) يعني گناهن جي معافي گهرجو ته اوهان جا گناهه بخشون ۽ نيڪن کي زياده ڏينداسون.

آيت 60: جڏهن حضرت موسىٰ عليه السلام پنهنجي قوم لاءِ پاڻي گهريو چيوسون پنهنجي لٺ پهڻ کي هڻ پوءِ ڦاٽا ان مان ٻارهن چشما ٻارهن قبيلن لاءِ تحقيق سڀ ڪنهن قبيلي پنهنجي پاڻي پيئڻ جو هنڌ سڃاتو اسان توهان کي چيو ته الله تعالىٰ جي رزق مان کائو ۽ پيئو ۽ فسادي ٿي زمين ۾ فساد نه ڪريو.

آيت 61: مَن وسلوىٰ کائي ٿڪا پوءِ توهان حضرت موسىٰ عليه السلام کي چيو پنهنجي رب کان دعا گهر ته اسان لاءِ زمين جي پيداوار مان، ساڳ، ٻادرنگ، ٿوم، مانهه جي دال ۽ بصر وغيره پيدا ڪري، حضرت موسىٰ عليه السلام کين سمجهايو ته سٺي شئي جي بدران گهٽ شيون پسند ڇو ٿا ڪريو ڀلا ويو شهر ۾ جيڪي گهريو سو اوهان لاءِ آهن.

آيت 62: جو ڪاري جو مدار الله تعالىٰ ۽ قيامت تي ايمان آڻڻ چڱا ڪم ڪرڻ تي آهي.

آيت 63: جبل طورسينا جو مٿان آڻي عهد ورتوسون، توهان کان ٻول ورتوسون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 64: ورتل پول کان بعد ۾ منهن موڙيوءِ اچ تعاليٰ جي مهرباني نه هجي هان ته نقصان وارن مان ٿيو ها.

آيت 65: ڇنڇر جي ڏينهن حد کان لنگهندڙ خوار پولڙا ٿيا.

آيت 66: اهڙيءَ طرح انهن جي عاقبت کي هن زماني جي ماڻهن ۽ بعد ۾ اچڻ وارن نسلن لاءِ عبرت ۽ ڊڄندڙن لاءِ نصيحت بنائي ڇڏي.

آيت 67 کان 71: هنن آيتن ۾ ڳئون جو کهڻ ۽ ان جي گوشت مئل کي هڻڻ ۽ مئل جو جيئرو ٿيڻ وارو قصو منڍ ۾ بيان ٿيل آهي ان ڳئون جي قصي جي ڪري هن سورة جو نالو البقرة آهي.

آيت 74: اوهان جون دليون پٿرن کان به سخت آهن ڇا؟

1. پهڻ اهو آهي جنهن مان نهرون وهن ٿيون.

2. اهو پٿر به آهي جو چيرجي ٿو ۽ چشمه وانگر منجهانس پاڻي نڪري ٿو.

3. اهو پٿر به آهي جو الله تعاليٰ جي ڀو کان هيٺ ڪري ٿو.

آيت 75 کان 77: يهودين جي ايمان آڻڻ جي تمنا ڇڏي ڏيو.

آيت 78 کان 79: جاهلن يهودين جي ڪوڙيون سڌون.

آيت 80 کان 82: يهودين جي من گهڙت ڳالهه ته اسان کي دوزخ جي باهه هرگز نه ڇهندي.

آيت 83: هن آيت ۾ الله تعاليٰ بني اسرائيلن کان پول ورتو پر يهودين ان جي واعده خلافي ڪئي.

آيت 84 کان 86: بني اسرائيلن جو تورات جي ڪجهه حصي تي ايمان ۽ ڪجهه کان انڪار.

آيت 87: بني اسرائيلن جو نبين کان انڪار.

آيت 88 کان 90: يهودين چيو ته اسان جون دليون ڍڪيل آهن.

آيت 91 کان 92: يهودين جو قرآن مجيد کان انڪار ڪرڻ.

آيت 93: يهودين جو زبان سان اقرار ۽ دل سان انڪار ڪرڻ (منافقت)

آيت 94 کان 96: يهودين سان مباهله.

آيت 97 کان 98: يهودين جي جبرائيل سان عداوت.

آيت 99 کان 101: يهودين جو پڌرين شين کان انڪار.

آيت 102 کان 103: جادو ۽ منتر جو علم شيطان جو جوڙيل آهي.

آيت 104: راعنا جي بجاءِ اُنظرنا چئو.

آيت 108 کان 110 اجائي سوال ڪرڻ جي ممانعت

آيت 111 کان 112: يهودين ۽ نصارن جون غلط سڌون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 113: يهودين ۽ نصارن (عيسائين) جو هڪٻئي جي مذهب کي مڃڻ کان انڪار.
آيت 114: الله تعاليٰ جي گهر کان روڪڻ وڏو ظلم آهي.
آيت 115: تحويل قبلہ جو حڪم.
آيت 116: کان 117: الله تعاليٰ اولاد کان پاڪ آهي.
آيت 118: جاهلن جو احمقانہ سوال تہ الله تعاليٰ اسان سان روبرو ڇو نہ ٿو ڳالهائي.
آيت 119 کان 121: يهودي ۽ نصارا اسلام کان هرگز راضي نہ ٿيندا.
آيت 122 کان 123: اي بني اسرائيلو الله تعاليٰ کان ڊڄو.

## آيت 124: حضرت ابراهيم جو ذڪر

## حضرت ابراهيم جي پرک

هن آيت جو پهريون فقرو آهي. وَإِذِ ابْتَلَىٰ إِبْرَاهِيمَ رَبُّهُ بِكَلِمَاتٍ اي بني اسرائيلو! ياد ڪريو ان وقت حضرت ابراهيم عليہ السلام کي پروردگار ڪيترين ڳالهين سان پرکيو فَأَتَمَّهُنَّ پوءِ ان اهي سڀ ڳالهيون پوريون ڪيون حضرت ابراهيم عليہ السلام کان جن ڳالهين جي الله تعاليٰ آزمائش ورتي ۽ انهن ۾ پورو آيو ۽ گهڻا مفسر اهي ڏهہ ڳالهيون جي چون ٿا جي هيٺ ڏجن ٿيون اهي ڳالهيون حضرت ابراهيم عليہ السلام کان اڳي نہ هيون 1. مڇون ڪترائڻ، 2. زير ناف، 3. بغلن جا وار ونڻ، 4. گرڙيون ڪرڻ، 5. نڪ کي پاڻي ڏيڻ، 6. سينڌ ڪڍڻ، 7. ننهن لاهڻ، 8. طهر ڪرڻ، 9. طهارت ڪرڻ، 10 ڪي حج جامناسڪ (حج جا ارڪان) ٿا چون غرض تہ ڪي ديني ڪم هوا سڀ حضرت ابراهيم عليہ السلام پورا ڪيا هن آيت جي ٻئي فقري ۾ الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليہ السلام کي چيو تہ آءُ توکي ماڻهن جو امام ٿو ڪريان پهريائين حضرت ابراهيم عليہ السلام هڪ قوم جو نبي هيو آزمائش کان بعد سيني قومن جو نبي بڻيو ۽ سيئي قومون حضرت ابراهيم عليہ السلام جي تابعداري ڪرڻ لڳيون حضرت ابراهيم عليہ السلام کي ڪو علحده عهدو امامت جو نہ مليو جيڪو نبوت کان مٿي هجي.

آيت 125: هن آيت جي پهرين فقري ۾ آهي بيت الله امن جي جاءِ آهي.

2. فقري ۾ چيل آهي تہ ۽ مقام ابراهيم کي نماز جي جاءِ ڪريو ۽ تون هن آيت جي آخري فقرو آهي تہ ۽ اسان ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام ڏي وحي موڪليو تہ منهنجو گهر طواف ڪندڙن ۽ اعتڪاف وارن ۽ رڪوع (۽) سجدي ڪندڙن لاءِ پاڪ ڪريو.

آيت 126: **مڪہ شهر لاءِ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي دعا** حضرت ابراهيم عليہ السلام مڪہ شريف لاءِ هي دعا "گهري اي رب منهنجا هن شهر کي پناهہ جي جاءِ ڪر ۽ ان ۾ جيڪي مؤمن رهن ٿا تن کي ميوا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاراءِ".

آيت 127 کان 129: ڪعبہ لڻ جي ٿاهڻ وقت حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام جي دعا.

آيت 130 کان 132: ملت ابراهيم کان منهن موڙيندڙ بيوقوف آهن.

آيت 133: حضرت يعقوب عليہ السلام پنهنجي پٽن کي اسان واري دين جي وصيت ڪئي.

آيت 135: ملت ابراهيم جا تابع ٿيو.

آيت 136 کان 137: ڪاميابي وارو رستو.

آيت: 139: يهودي جو الله تعاليٰ جي شان ۾ گستاخي.

آيت 140 کان 141: يهودين ۽ نصارن جي من گهڙت ڳالهہ.

## پارو ٻيو

## عبة اڪ ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جو حڪم.

آيت 142: احمقن جو اعتراض تہ ڪهڙي شئي ڦيرايو انهن کي سندن قبلہ کان جنهن تي (اڳ) هوا.

هن آيت کي سمجهڻ لاءِ مختصر تفسير مان پيش ڪجي ٿو رسول الله ﷺ جن مدينہ شريف ۾ بيت المقدس ڏي منهن ڪري نماز پڙهندا هئا پوءِ جڏهن الله تعاليٰ جو حڪم آيو تہ هاڻي ڪعبۃ الله ڏي منهن ڪري نماز پڙهو تہ يهودي منافق ۽ مشرڪ چوڻ لڳا تہ هي مسلمان اڳين قبلہ کي ڇڏي ڇو موٽيا تہ الله تعاليٰ پيغمبر ڪريم کي چيو تہ چوين تہ مشرق ۽ مغرب سڀ الله جا آهن هر طرف ان کي سجدو ڪري سگهجي ٿو خود قبلو بہ اهوئي مقرر ڪري ٿو جنهن کي وڻيس تنهن کي سنئين رستي ڏي هدايت ڪري ٿو.

1. حضرت آدم عليہ السلام جي اولاد جو قبلو بہ اهوئي بيت الله شريف هو جيڪو ملائڪن سڳورن حضرت آدم عليہ السلام جي پيدا ٿيڻ کان اڳ بہ هزار ورهہ الله تعاليٰ جي حڪم سان جوڙيو هو جنهن جو ملائڪ طواف ۽ حج پيا ڪندا هئا ۽ حضرت نوح عليہ السلام جي دور تائين اهو قبلو رهيو ۽ حضرت نوح جي وقت آيل طوفان ۾ بيت الله شريف جي عمارت شهيد ٿي وئي هئي ان کان پوءِ الله تعاليٰ جي حڪم سان حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام ٻيو ڀيرو بيت الله شريف کي تعمير ڪيو ۽ اهوئي انهن سڳورن جو قبلو رهيو.

## "بيت المقدس جو قبلو مقرر ٿيڻ"

بني اسرائيلن جي نبين سڳورن عليہ السلام جي لاءِ بيت المقدس کي قبلو مقرر ڪرڻ

مشهور مفسر ۽ محدث ابو العاليہ جو چوڻ آهي تہ اڳئين نبين عليهم الصلوٰة والسلام جو قبلو بہ بيت الله شريف هو جيڪي بيت المقدس ڏي منهن ڪري نماز پڙهندا هئا اهي بہ اهڙيءَ طريقي سان بيهندا هئا جو بيت المقدس ۽ بيت الله ٻنهي ڏي منهن ٿي وڃي سندس قول آهي تہ مون حضرت صالح عليہ السلام جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسجد ۾ نماز پڙهي تہ ان جو قبلو بہ بيت ا       شريف هو ۽ آءُ ذوالقرنين جي مسجد کان لنگهيس تہ ان جو قبلو بہ بيت الله شريف هو (حوالہ (1) تفسير القطربي صہ 57.150)

جڏهن حضور پور نور ﷺ جن مکي پاڪ مان هجرت ڪري مديني شريف ۾ آيا تہ اهل ڪتاب (يهودين ۽ انصارن) جي قبلي بيت المقدس ڏي منهن ڪري 16 سورهن يا 17 سترهن مهينا نماز پڙهندا رهيا پر ان دوران سندن دلي خواهش هئي تہ پاڻ بيت الله ڏي منهن ڪري نماز پڙهن. الله تعاليٰ پنهنجي حبيب ﷺ جي دلي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ اڳ ۾ ڪين پڌايو تہ قبلي جي تبديلي تي بيوقوف ماڻهو اعتراض ڪندا چوندا تہ ائين ڇو ٿيو؟ توهان انهن کي جواب ۾ فرمايو تہ اصل اوڀر ۽ اولهہ سان واسطو نہ آهي اهي سڀ الله تعاليٰ جا پيدا ڪيل آهن اصل شئي تہ حڪم خداوندي آهي جيڏانهن مالڪ فرمائي اوڏانهن منهن ڪري نماز پڙهجي پوءِ پاڻ بني سلمہ جي مسجد ۾ نماز پڙهي رهيا هئا تہ الله تعاليٰ جو فرمان آيو تہ "اوهان بيت الله شريف ڏي منهن ڪري نماز پڙهو" پاڻ نماز پڙهندي ئي بيت الله ڏي منهن ڪيائون ان مسجد کي مسجد ذوالقبلتين سڏيو ويندو آهي اهو حڪم ٻئي سنہ هجري جي رجب مهيني جي 15 پندرهن تاريخ ٿيو هو ڪن جو چوڻ آهي تہ 15 شعبان تي اهو حڪم نازل ٿيو.

## تحويل قبله کا واقعه

یہ واقعہ گلدستہ تفاسیر جن کا مرتب حضرت مولانا عبدالقیوم ہے یہ تفسیر اردو کی چھ مسند تفاسران سے لکھا ہے جن کا نام یہ ہیں ۔ا۔تفسیر عثمانی ،تفسیر ابن کثیر ،تفسیر مظھری ،تفسیر عزیزی ،معارف القرآن گلدستہ تفاسیر جلد (1) صفہ 250 اور 251 میں تحویل قبلہ کا واقعہ اس طرح لکھا ہے ''مواہیب اور سہیل الرشاد میں مذکور ہے کہ نبی ﷺ بنی سلمہ میں ام بشر ابن براء بن محرور ہے براءِ کے انتقال کے بعد تشریف لے گئے ام بشر نے حضور ﷺ کے لئے کھانا تیار کیا۔ ظہر کا وقت آ گیا۔ آپ نے مع اصحاب کے مسجد بنی سلمہ میں نماز شروع فرمائی۔ جب آپ دو، رکعتیں پڑھ چکے تو جبرائیل علیہ السلام نے آکر اشارہ کیا کہ بیت اللہ کی طرف نماز پڑھو آپ نماز ہی میں کعبہ کی طرف میزاب کی جانب پھر گئے جس جگہ مرد تھے وہاں عورتیں آ گئیں اور جہاں عورتیں تھی وہاں مرد آ گئے۔ غرض سب نماز میں پھر گئے۔ اسی واسطے اس مسجد کو مسجد ذوالقبلتین کہتے ہیں۔ واحدی نے کہا ہے کہ ہمارے نزدیک یہ قصہ نہایت قوی سند سے ثابت ہے۔



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحیحین میں ابن عمر رضی اللہ عنہا سے مروی ہے کہ قبا میں لوگ فجر کی نماز پڑھ رہے تھے کہ ایک شخص نے آ کر کہا کہ رسول اللہ ﷺ کو اللہ کی طرف سے کعبہ کی طرف متوجہ ہونے کا حکم ہو گیا ہے ۔ وہ سب اسی وقت کعبہ کی طرف پھر گئے ۔ اول ان کے منہ شام کی طرف تھے اور رافع بن خدیج فرماتے ہیں کہ ہم بنیعبہ الاشہل میں نماز پڑھ رہے تھے کہ ایک شخص نے آ کر پکارا کہ رسول اللہ ﷺ کو کعبہ کی طرف منہ کرنے کا حکم ہو گیا۔ ہمارا امام یہ سن کر کعبہ کی طرف پھر گیا اور ہم سب بھی پھر گئے ۔

آیت نمبر **143**: امت وسطا یعنی درمیانی معتدل امت

آيت 143 اسان اوهان کي ميانہ روي امت ڪيو آهي.

آيت 144: قبلہ ڦيرائڻ ۾ اتباع جي پرک

(2) ٻئي فقري ۾ الله تعاليٰ مؤمنين تي مشفق مهربان آهي.

(3) هن آيت جي آخري فقرن ۾ بيت الله ڏي منهن ڦيرائڻ جو حڪم نازل ٿيو:

هن آيت جا آخري فقرا هي آهن.

قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰىهَا ۠ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٤﴾

آيت نمبر 144 جو ترجمو: تحقيق ڏسو ٿا ڦيرائڻ تنهنجي منهن جو آسمان ۾ پوءِ ڦيرائيندا سون توکي (اهڙي) قبلہ ڏي جنهن کان خوش ٿيندين پوءِ ڦيراءِ پنهنجي منهن کي طرف مسجد حرام (يعني ڪعبہ) جي ۽ جتي بہ هجو تہ ڦيرايو پنهنجا منهن ان جي طرف ڏي ۽ تحقيق اهي جن کي ڪتاب ڏنو ويو سي ڄاڻن ٿا تہ تحقيق اهو حق آهي انهن جي رب کان ۽ نہ آهي الله بي خبر ان کان جيڪي ڪن ٿا (144).

آيت 145: اهل ڪتاب جو انڪار:

۽ جيڪڏهن آڻين تون اهل ڪتاب وٽ هر طرح جي نشاني تہ بہ نہ تابع ٿيندا تنهنجي قبلي جا.

آيت 146 کان 148: يهودي ۽ نصارا حضرت محمد جي نبوت کي پنهنجي پٽن وانگر سڃاڻن ٿا.

تفسير خازن ۽ معالم التنزيل ۾ لکيل آهي تہ حضرت عمر ﷛ حضرت عبدالله بن سلام ﷛ کي چيو تہ ا تعاليٰ فرمائي ٿو تہ اهل ڪتاب جا حضرت محمد ﷺ کي ائين سڃاڻن ٿا جيئن پنهنجي پٽن کي ان جو مطلب ڇا آهي؟ تڏهن حضرت عبدالله سلام جو پهريائين يهودي هو تنهن چيو تہ اي عمر! جڏهن مون حضرت محمد ڪريم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ﷺ کي ڏنو تہ ان وقت توريت جي ڄاڻايل نشانين موجب مون سڃاتو تہ ھي آخري زماني جو نبي آھي در حقيقت جيتري قدر آءُ حضرت محمد ڪريم ﷺ کي سڃاڻان ٿو اوتري قدر پنھنجي پٽ کي بہ نہ ٿو سڃاڻان.

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰھُمُ الْكِتٰبَ جن کي اسان ڪتاب ڏنو آھي.مان مراد يھودي ۽ نصارا آھن ڪي چون ٿا ھن مان مراد اُھي شخص آھن جيڪي يھودي ۽ نصارا مان مسلمان ٿيا جيئن عبدا بن سلام وغيره.

يَعْرِفُوْنَهٗ سي محمد ﷺ کي انھن وصفن سان سڃاڻن ٿا.

كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَھُمْ جيئن پنھنجن پٽن کي صاف سڃاڻن ٿا ۽ کين محمد ڪريم ﷺ جي نبوت ۾ ڪو بہ شڪ نٿو پوي.

وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنْھُمْ ۽ انھن اھل ڪتاب جي علمائن مان ھڪ جماعت اھڙي آھي جو

لَيَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَھُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٤٦﴾ البت ڄاڻي واڻي حق لڪائن ٿا يعني توريت ۾ حضرت محمد ڪريم ﷺ جن جون صفتون ڏسي پوءِ بہ لڪايو ڇڏين.

اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ حق اھو آھي جو تنھنجي رب جي طرفان آھي.

فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١٤٧﴾ پوءِ نہ ھج شڪ ڪندڙن مان.

ڪي مفسر لکن ٿا اھل ڪتاب جا علماءَ انھيءَ حضرت ابراھيم عليہ السلام جي قبلي کي سڃاڻن ٿا ڇو تہ توريت ۾ لکيل آھي تہ آخر زماني جي پيغمبر جو قبلو ڪعبہ ٿيندو ۽ اھي انھيءَ قبلي کي پٽن وانگر سڃاڻن ٿا پر انھن مان گھڻا ڄاڻي واڻي حق لڪائين ٿا پر اھو قبلو تو لاءِ تنھنجي رب ڪان حق آھي. پوءِ تون ۽ تنھنجي امت ان ۾ ڪو شڪ نہ آڻيو.

وَلِكُلٍّ وِّجْھَةٌ ھُوَ مُوَلِّيْھَا ۽ سڀ ڪنھن لاءِ آھي ھڪ طرف جنھن ڏي اھو منھن ڪندڙ آھي.

يعني سيئي پنھنجي قبلي ڏي منھن ڪندڙ آھن.

جيئن تہ 1. مقربن جو قبلو عرش آھي.

2. روحانين جو قبلو ڪرسي آھي.

3. ملائڪن جو قبلو بيت المعمور آھي.

4. اڳين نبي جو قبلو بيت المقدس آھي.

5. تنھنجو قبلو ڪعبۃ الله آھي.

يعني مفسر "ہ" جو ضمير الله تعاليٰ ڏي ورائن ٿا پوءِ آيت جي معنيٰ ھي ٿيندي تہ ھر ھڪ انسان لاءِ ھڪ طرف مقرر ٿيل آھي جنھن ڏي الله تعاليٰ ان کي ورائي ڦيرائي ٿو. جيئن تہ ڪنھن جي دل اسلام ۽ الله سان پڌل آھي.

ڪنھن جو منھن بتن ڏي آھي ڪنھن جي دل مال ۽ عزت ڏي آھي ڪنھن جو مرتبي ۽ عھدي ڏانھن آھي، ڪو زالن ۽ معشوقن ڏانھن ڪو اولاد ۽ عزيزن ڏانھن، ڪنھن جو محبوب الله تعاليٰ تہ ڪنھن جو يار حرص وغيره وغيره.

فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ پوءِ ڊوڙو توھين نيڪين ڏي، يعني توھين نيڪين ۽ ڀلائين کي پنھنجو قبلو بڻايو. در حقيقت اوھان جو ڪعبہ قبلو اھو حقيقي معبود آھي جو سڀني مخلوقات ۽ ممڪنات جو مسجود آھي ھر گھڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر پل ۾ ان ڏي متوجہ ٿيو ڇو تہ اهو ئي اُتو ڪعبہ ۽ اهوئي اُتو مسجود ۽ اهوئي اُتو معبود

أَيْنَ مَا تَكُونُوا يَأْتِ بِكُمُ اللَّهُ جَمِيعًا

جتي بہ هوندؤ آڻيندو توهان کي الله تعاليٰ گڏ ڪري يعني توهان قيامت ڏينهن سڀ هڪ وڏي ميدان ۾ تعاليٰ جي حڪم سان ڪٺا ٿيندو.

إِنَّ اللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿١٤٨﴾

الله تعاليٰ هر شيءِ (چيز) تي قادر آهي.

آيت 149 کان 150: جتي بہ هجو نماز ۾ منهن الله تعاليٰ ڏي ڪريو

هنن آيتن ۾ الله تعاليٰ پاران مسجد حرام ڏي ڦيرڻ لاءِ ٽي دفعا (ڀيرا) تاڪيد ڪيل آهي.

آيت 151: حضرت محمد جو اچڻ وڏي نعمت آهي.

آيت 152: الله تعاليٰ جي يادگيري ۾ فائدا آهن.

آيت 153: صبر ۽ نماز سان مدد وٺو.

آيت 154: شهيد زنده آهن.

آيت 155 کان 157: مؤمنن جي پرک.

آيت 158: صفا ۽ مروه الله تعاليٰ جي نشانين مان آهن.

## حج ۽ عمره ۾ فرق

آيت 159 کان 160: حق لڪائيندڙن تي الله تعاليٰ ۽ ٻئي مخلوق لعنت ڪندي آهي.

آيت 159: **جو ترجمو تفسير تفهيم القرآن جي خلاصو اتا ورتل آهي.**

159 جو ترجمو: جيڪي ماڻهو اسان جي نازل ڪيل روشن تعليم ۽ هدايتن کي لڪائن ٿا حالانڪ اسان انهن کي سيني انسانن جي رهنمائيءَ لاءِ پنهنجي ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي يقين ڄاڻو الله تعاليٰ انهن تي لعنت ڪري ٿو ۽ سيئي لعنت ڪرڻ وارا انهن تي لعنت موڪلين ٿا

تفسير خازن ۽ ٻين تفسيرن لکيو آهي تہ هي آيت يهودي علمائن جي بابت نازل ٿي آهي جن توريت مان رسول الله جي صفت لڪائي ۽ ٻيا سنگسار وغيره جا حڪم لڪايا پر الله تعاليٰ انهن لڪايل حڪمن کي سيني انسانن جي رهنمائي لاءِ پنهنجي ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي.

آيت 163: معبود هڪ الله آهي. لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ الرَّحْمَٰنُ الرَّحِيمُ ﴿١٦٣﴾

**اسم اعظم**. ابو داؤد ۽ ترمذي ۽ بيبي اسماءَ کان حديث آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ الله جو اسم اعظم هنن ٻن آيتن ۾ آهي.

سورة آل عمران جي منڍ واري آيت الٓمٓ ﴿١﴾ اللَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّومُ ﴿٢﴾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 164: الله تعاليٰ جي وحدانيت جا دليل
آيت 172: ڏٺي جو رزق کائي شڪر ڪريو.
آيت 173: حرام شين جو ذڪر
آيت 174.175 ۽ 176: جيڪي حق لڪائي پئسو ڪائن ٿا چڻ جهنم جي باهه ڪائن ٿا.
**تفسير تفهيم القرآن تان ورتل آهي.**

حق هي آهي ته جيڪي ماڻهو انهن حڪمن کي لڪائن ٿا جيڪي (حڪم) اد تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ نازل ڪيا آهن ۽ دنيا جي ٿورڙن فائدن تي قربان ڪن ٿا اهي حقيقت ۾ پنهنجا پيٽ باهه سان پري رهيا آهن. قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ انهن سان هرگز نه ڳالهائيندو نه انهن کي پاڪ ڪندو ۽ انهن لاءِ دردناڪ سزا آهي(174). هي اهي ماڻهو آهن جن هدايت جي بدلي گمراهي خريد ڪئي ۽ مغفرت جي مقابلي ۾ عذاب ڳنهي ورتو ڪهڙي عجيب آهي انهن جي همت جو جهنم جو عذاب سهڻ لاءِ تيار آهن (175) هي سڀ ڪجهه انهيءَ ڪري ٿيو جو الله تعاليٰ ته ٺيڪ ٺيڪ حق مطابق ڪتاب نازل ڪيو پر جن ماڻهن ڪتاب ۾ اختلاف ڪڍيا اُهي پنهنجي جهيڳڙن ۾ حق کان گهڻو پري نڪري ويا (176).

تفسير خازن چيو آهي هي آيت يهودي جي وڏيرن ۽ علمائن جي لاءِ لٿي جو ته انهن عام يهودين کان ٿورڙن فائدن تي الله تعاليٰ جي حڪمن کي لڪايو تفسير ڪبير وارن چيو آهي ته توريت ۽ انجيل ۾ رسول ﷺ جون جيڪي صفتون هيون سي ڇاٽي واٽي لڪاياٿون الله تعاليٰ جي آيتن جي معنيٰ لڪائن ٿا.

آيت 177: **سچا ماڻهو ۽ متقي مان مراد ڇا آهي، يعني متقي ڇاکي چئبو آهي:**

هن آيت جو ترجمو: نيڪي هيءَ نه آهي ته توهان پنهنجا منهن اوڀر ڏي ڪريو يا اولهه ڏي پر نيڪي هيءَ آهي ته ماڻهو الله تعاليٰ ۽ قيامت ۽ ملائڪن کي ۽ الله تعاليٰ جي نازل ٿيل ڪتاب ۽ ان جي پيغمبر کي دل سان مڃي ۽ الله تعاليٰ جي محبت ۾ پنهنجو دل پسند مال عزيزن، يتيمن، مسڪينن ۽ مسافرن تي ۽ مدد لاءِ هٿ ڊگهيرينڌڙ ۽ غلام جي ڇڏائڻ تي خرچ ڪري نماز قائم ڪري ۽ زڪوات ڏي ۽ نيڪ اهي ماڻهو آهن جو جڏهن وعدو ڪن ته ان کي پورو ڪن ۽ تنگي ۽ مصيبت جي وقت ۾ ۽ حق ۽ باطن جي جنگ ۾ صبر ڪن اهي آهن سچا ماڻهو ۽ اهي ئي متقي آهن (177).

مختصر تفسير: تفسير خازن ۽ معالم ۾ لکيل آهي ته هي آيت يهودين ۽ نصارن جي باب ۾ نازل ٿي آهي جو ته نصارا مشرق ڏي منهن ڪري نماز پڙهندا هئا ۽ يهودي مغرب ڏي ۽ هر ڪو ائين سمجهندو هو ته اسين نيڪي ۽ چڱائي تي آهيون تنهنڪري هي آيت نازل ٿي تفسير ڪبير وارو ٿو چوي ته مؤمن به ان ۾ شامل آهن جو ته انهن کي به فخر آهي ته ڪعبة الله ڏي منهن ڪرڻ سبباان اسان نيڪي ۽ چڱائي وارا آهيون تنهنڪري هي آيت تنهي جي رد لاءِ ته فقط اڀرندي ۽ الهندي ڏي منهن ڪرڻ سان نيڪي حاصل نه ٿئي ٿي جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ الله تعاليٰ جي نظر دلين تي آهي جنهن دل سان الله تعاليٰ تي ايمان آندو ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو ۽ ملڪن ۽ ڪتابن نبين تي ايمان آندو ۽ مال سان محبت هوندي بہ الله تعاليٰ جي رضامندي لاءِ مال ماڻهن کي ڏنائين هنن کي قرابت يعني مائٽي وارن کي پنهنجن عزيزن سان مسڪينن کي جن جو وڏو حق آهي يتيمن کي مسڪينن کي مسافر کي ۽ سوالين کي ۽ غلام کي آزاد ڪيائين ۽ نماز قائم ڪئي ۽ زڪوات ڏنائين ۽ واعدا پورا ڪيائين، بکين، ڏکين، جهادين ۽ بيمارن ۾ صبر ڪيائين تہ اهڙا ماڻهو پرهيزگار متقي آهن.

آيت: 178: قصاص جو بيان.

آيت 179: قصاص ۾ اوهانجي لاءِ حياتي آهي.

آيت 180: وصيت جو بيان:

آيت 181 ۽ 182: وصيت ڦيرائڻ جو گناهہ

آيت 183، 184: روزن جو بيان

آيت 185: رمضان ۾ نزول قرآن ۽ رمضان جي روزن ۾ بيمار مسافر لاءِ آساني

آيت 186: الله تعاليٰ ويجهو ۽ پڪار کي قبول ڪندڙ آهي.

آيت 187: روزي جو وقت ۽ اعتڪاف.

هن آيت جي پهرين فقري ۾ حلال ڪيو ويو اوهان لاءِ روزه جي رات ۾ وڃڻ پنهنجين زالن سان.

آيت 188: ناحق ڪنهن جو حق نہ کائو.

آيت 190 کان 193: فتني جي ختم تائين جهاد ڪريو.

آيت 194: عزت واري مهينن ۾ جنگ جي منع.

آيت 195: الله تعاليٰ جي رستي ۾ خرچ ڪري پاڻ کي هلاڪي کان بچايو.

آيت 196. حج ۽ عمره الله تعاليٰ لاءِ ڪريو. 2. احرام جي حالت ۾ بيمار کي رخصت

3. حج ادا ڪرڻ جو طريقو. 4. حج تمتع جو بيان

آيت 197: حج جا مهينا

آيت 198، 199: عرفات کان موٽي مشعر الحرام وٽ الله تعاليٰ کي ياد ڪريو.

آيت 200 کان 202. حج کان واندا ٿي الله تعاليٰ کي ياد ڪريو.

آيت 203. مِنيٰ ۾ الله تعاليٰ کي ياد ڪريو.

آيت 204 کان 206 ترجمو: ۽ ماڻهن مان ڪو (اهڙو) آهي جو سندس ڳالهائڻ دنيا جي حياتيءَ ۾ توکي عجب ۾ وجهندو آهي ۽ جيڪي سندس دل ۾ آهي تنهن تي الله کي شاهد ڪندو آهي هن هوندي بہ جو اهو وڏو جهيڙاڳر آهي. ۽ جڏهن تو کان موٽندو آهي تڏهن ملڪ ۾ هن لاءِ ڪوشس ڪندو آهي تہ منجهس فساد وجهي ۽ پوک ۽ نسل ناس ڪري ۽ الله فساد کي پسند نہ ڪندو آهي ۽ جڏهن ان کي چئبو آهي تہ الله کان ڊڄ تڏهن وڏائي کيس گناهہ تي آڪڙائيندي آهي ۽ پوءِ کيس (سزا) دوزخ بس آهيءَ اهو ضرور بڇڙو هنڌ آهي.

آيت 207. الله تعاليٰ جي رضامندي لاءِ پاڻ کي وڪڻڻ.

آيت نمبر 207 وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْرِيْ نَفْسَهُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ماڻهن ۾ ڪو اهڙو آهي جو پنهنجو پاڻ الله تعاليٰ جي رضامندي لاءِ وڪڻي ٿو اها آية اگرچ حضرت صهيب ﷺ جي شان ۾ نازل ٿي آهي مگر ان جو حڪم عام آهي جيڪو بہ شخص اهڙي طرح خدا جي رضامندي ڳولڻ ۾ پنهنجو پاڻ وڪڻندو يعني فدا ڪندو سو ان درجہ کي حاصل ڪندو. تفسير خازن وارو ٿو چوي تہ جيڪو انسان خدا جي ڪمن ۾ پنهنجو نفس خرچ ٿو ڪري مثلاً، روزه، نماز، حج ۽ جهاد وغيره تہ اهو گويا نفس وڪڻندڙ آهي ۽ خدا آهي خريدار ۽ ان جي قيمت آهي آخرت جو ثواب. وَاللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ۽ الله تعاليٰ ٻانهن تي شفقت ڪندڙ آهي جيئن ٿوري عبادت ۽ محنت جي عيوض بهشت واريون نعمتون ڏي ٿو تفسير ڪبير ۽ روح المعاني واري لکيو آهي تہ ڪي مفسر چون ٿا اها آيت حضرت علي ابن ابي طالب ﷺ جي شان ۾ نازل ٿي آهي جنهن رات رسول الله ﷺ حضرت ابوبڪر صديق ﷺ سان گڏجي غار ڏي ويا ان رات حضرت علي ﷺ حضرت رسول الله ﷺ جي بستري تي اچي ستو هو هن ارادي سان تہ ڪفار پلي مون کي ڪهن پر حضرت رسول الله ﷺ کي ڪو بہ آسيب نہ پهچي ۽ حيات هجن خدا جي حڪم سان حضرت جبرائيل عليہ السلام حضرت علي ﷺ جي سيرانڌي کان ۽ حضرت ميڪائيل عليہ السلام پيرانڌي کان نگهباني لاءِ اچي بيٺا ان وقت جبرائيل عليہ السلام هيئن پئي چيو تہ خوشخبري ۽ مبارڪ هجي توکي اي علي پٽ ابو طالب جا! الله تعاليٰ تو تي فخر پيو ڪري آسمانن ۾ تان جو خدا تعاليٰ ڪافرن جي شر کان بہ بَچَايس ۽ سندس شان ۾ اها آيت نازل ٿي.

آيت 208 کان 210: اسلام ۾ پورا داخل ٿيو.

آيت 211: بني اسرائيل کان پڇ تہ انهن وٽ ڪيتريون نشانيون ڏنيون ويون

هن آيت ۾ هڪ فقرو آهي وَمَنْ يُّبَدِّلْ نِعْمَةَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُ ۽ جيڪو مٽائيندو الله تعاليٰ جي نعمت کي پڇاڻان هن جي تہ وٽس آئي جيئن الله تعاليٰ بني اسرائيل کي توريت ۾ محمد ڪريم ﷺ جي صفت پروڙائي هئي ۽ پوءِ جڏهن محمد ڪريم ﷺ انهن صفتن سان منصف ٿي وٽن آيو جا خدا جي پاران انهن لاءِ وڏي نعمت ۽ هدايت هئي تڏهن ان تعريف کي ڦيرائي بدلائي ڇڏيائون ۽ ڄاڻي ٻجهي انڪار ڪيائون.

هن آيت جي آخري فقري ۾ فرمايل آهي تہ بيشڪ الله تعاليٰ سخت عذاب ڪندڙ آهي يعني جيڪو الله تعاليٰ جي نعمت بدلائيندو تہ ان تي الله تعاليٰ سخت عذاب ڪندو.

آيت 212: ڪافرن لاءِ دنيا جي حياتي سينگاري ويئي آهي.

آيت 213: **سڀ انسان اول هڪ مذهب تي هئا** كَانَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً ترجمو: هئا ماڻهو هڪ جماعت يعني حضرت آدم عليہ السلام ۽ ان جو اولاد اول ڏينهن ۾ سڀ هڪڙي ئي سچي مذهب اسلام تي هئا حضرت نوح عليہ السلام جي زماني تائين جيئن تہ تفسير بحر المواج ۽ تفسير روح المعاني واري حضرت ابن عباس ﷺ کان نقل ڪيو آهي تہ حضرت آدم عليہ السلام ۽ حضرت نوح عليہ السلام جي وچ ۾ ڏهہ قرن هئا لغات القرآن غلام اصغر ونذير قرن جي معنيٰ وقت، زمانو، نسل (پيڙهي) لکي آهي هئا جي شريعت اسلام ۽ دين حق تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿا.

آيت 214: اوهان تڪليف کان سواءِ بهشت ۾ ويندؤ ڇا؟ اڃا اوهانکي پهرين جيترين تڪليفون نه پهتيون آهن.

آيت 215: خيرات جي خرچ ڪرڻ جون جايون

آيت 216: اوهان تي جهاد فرض ڪيو ويو آهي.

آيت 217: قتل ڪرڻ کان فتنو اٿارڻ وڌيڪ سخت خراب آهي.

آيت 218: جن ايمان آندو ۽ هجرت ۽ جهاد ڪيو اهي الله تعاليٰ جي رحمت جا اميدوار آهن.

آيت 219: هن آيت جي پهرين فقري ۾ چيل آهي ته پڇن ٿا تو کان شراب ۽ جوا بابت. چئو ته انهن ۾ وڏو گناهه آهي ۽ (ڪجهه) نفعا آهن ماڻهن لاءِ ۽ انهن جو گناهه انهن جي نفعي کان وڌيڪ آهي.

آيت 220: يتيمن بابت سوال.

آيت 221: غير مسلم سان نڪاح جي ممانعت

آيت 222: حيض جو حڪم.

آيت 224 کان 225: قسمن جو بيان

آيت 226 کان 217: ايلاءُ جو حڪم.

آيت 228: طلاق واري عورت جو عدت ۾ ويهڻ بابت حڪم.

آيت 229: هن آيت جي پهرين فقري ۾ رجعي طلاقون ٻه آهن. تشريح: باحسان کان مراد ٽئين طلاق آهي هن آيت جي فقري ۾ خلع جا احڪام آهي.

آيت 230: ٽئين طلاق کان پوءِ اها عورت پنهنجي مڙس تي حرام آهي.

آيت 231: رجعي طلاق کان پوءِ زالن کي ڇڏيو يا سهڻي نموني رکو.

آيت 232: عورت جي عدت پوري ٿيڻ کان پوءِ انهن کي نڪاح کان نه روڪيو.

آيت 233: ٻج ٻيارڻ جي مدت ٻارن جو خرچ سندس پيءُ تي آهي.

آيت 234: رنڙ عورت جي عدت

آيت 235: هن آيت جي پهرين فقري ۾ آهي ته

1. رنڙ عورت کي عدت ۾ نڪاح لاءِ نه چئو.

2. عدت کان اڳ نڪاح نه ڪيو.

آيت 236: جماع کان اڳ طلاق جو حڪم.

آيت 237: جماع کان اڳ مهر جو حڪم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 238: نمازن تي ڄميل رهو. الصلٰوٰة الوسطٰ جو بيان

آيت 239: خوف جي حالت ۾ نماز پڙهڻ جو حڪم

240: مرڻ وارن تي لازم آهي تہ پنهنجين پنيان ڇڏيل زالن لاءِ هڪ سال خرچ بابت وصيت ڪري تہ ان کي گهر کان لوڏي نہ ڪيڻ، اهي پاڻ نڪري وڃن تہ گناهہ نہ آهي ۽ جيڪي اهي پنهنجي حق ۾ مناسب ڪن ۽ تعاليٰ غالب داناءُ آهي.

آيت 241: طلاق وارين عورتن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيو.

آيت 243: ويا کان پڇڻ وارن جو عجيب قصو.

آيت 244 کان 245: الله تعاليٰ جي دشمن سان جنگ ڪريو.

آيت 246: بني اسرائيلن جو جهاد ڪرڻ کان انڪار.

آيت 247: بني اسرائيل جو طالوت جي بادشاهي مڃڻ کان انڪار.

آيت 248: طالوت جي بادشاهت لاءِ نشانيون.

صندوق ۽ سڪينة جي حقيقت

آيت 249: حق واري ٿوري جماعت گهڻين تي غالب ايندي آهي.

طالوت جي لشڪر جي آزمائش

آيت 250 کان 252: 1. طالوت جي لشڪر جي فتح

2. جالوت جي مرڻ جو قصو

3. اي ڪريم تون رسولن مان آهين

4. الله تعاليٰ هڪڙن ماڻهن کي ٻين سان ٽاري ٿو.

## پارو ٽيون

آيت 253: (1) ڪن پيغمبرن کي ڪن تي فضيلت آهي.

2. رب جي مرضي جيئن وٽي تئين ڪري

آيت 254: موت کان اڳ خيرات ڪريو.

الله تعاليٰ جي اذن کان سواءِ ڪنهن لاءِ بہ شفاعت نہ هوندي.

آيت: 255: آيت الڪرسي آيت جي فقري ۾ ڪير آهي جو الله تعاليٰ جي اذن کانسواءِ ان جي اڳيان ڪنهن لاءِ سفارش ڪري سگهي.

آيت 256: اسلام قبول ڪرائڻ ۾ زبردستي نہ آهي پر مسلمان کي عمل بہ زبردستي ڪرائڻ ضروري آهي.

آيت 257: مؤمنن جو حامي ۽ مددگار الله تعاليٰ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 258: نمرود جي خدائي جي دعويٰ ۽ حضرت ابراهيم جو جواب:

آيت 259: حضرت عزير عليہ السلام جي مري جيئرو ٿيڻ جو قصو الله تعاليٰ ان شخص کي سو ورهين تائين ماري وري جيئرو ڪيو.

آيت 260: حضرت ابراهيم عليہ السلام جو پکين کي جيارڻ جو قصو.

آيت 261: الله تعاليٰ جي رستي ۾ خرچ جو ثواب

آيت 262: هيءَ آيت انهن جي شان ۾ نازل ٿي آهي جيڪي پنهنجا مال الله تعاليٰ جي رستي ۾ ڏين ٿا بنا ڪنهن ٿوري جي ۽ نہ ايذائن ٿا تن لاءِ سندن رب وٽ اجر آهي نہ انهن کي خوف آهي نہ اهي غمناڪ ٿيندا.

آيت 263 کان 267، 270 کان 274: خيرات جو ذڪر

حڪمت ڇا کي چئجي.

آيت 275 کان 276: وياج کائيندڙ جي مذمت

آيت 277: نيڪ عمل جو بدلو.

آيت 278 کان 279: وياج خور خدا ۽ رسول سان جنگ ڪري ٿو.

آيت 280 کان 281: مسڪين کي قرض بخشڻ ڏاڍو ڀلو آهي.

آيت 282: (1) جيڪا ڏيتي ليتي ڪريو سا لکو.

(2) ڪاتب کي ڏيتي ليتي جو اسٽامپ (دستاويز) لکائڻ وقت پڙهايو.

(3) ڏيتي ليتي ڪرڻ وقت شاهد بڻايو

4. قرض ٿورو هجي يا گهڻو ان کي لکو.

5. جي اوهين پاڻ ۾ روبرو واپار ڪريو ٿا تہ لکڻ جي ضرورت نہ آهي.

آيت 283. (6) سفر جي اوڌر تي واپار ڪريو ٿا ۽ ڪاتب نہ ٿو ملي تہ ڪا گروي شيءِ رکو.

آيت 284: پڌري ۽ مخفي شيءِ جو حساب ٿيندو.

آيت 285: مؤمنن جو حڪم پڌڻ ۽ اطاعت ڪرڻ آهي.

آيت 286: هر ڪنهن کي پنهنجي ڪئي ڪمائي جو بدلو ملندو

(2). امت محمد ﷺ تي الله تعاليٰ جي مهرباني.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

## 3. سورة آل عمران (مدينة آيات 200)

آل عمران لفظ هن سورت جي آيت نمبر 33 مان ورتل آهي هن سورت ۾ عمران جي خاندان جو ذڪر ٿيل آهي ان جي علامت بنائي هن سورت جو نالو آل عمران رکيو ويو آهي.

ڪن مفسرن عمران مان مراد يعني بي بي مريم سائڻ جو والد عمران بن ماثان ورتو آهي. جيڪو سيدنا سليمان عليہ السلام جي اولاد مان هو. هن سورت ۾ الله تعاليٰ عمران جي خاندان کي ساري جهان تي برگزيدو ۽ ڀلارو ڪيو هن سورت ۾ عمران جي خاندان جي قصي کان علاوه لاتعداد مختلف موضوعات بيان ٿيل آهن اهي عنوان عمران جي خاندان جي قصي کان بعد ۾ آهن عمران جي خاندان جو قصو هن ريت آهي.

الله تعاليٰ هن آيت نمبر 33 ۾ فرمايو آهي

إِنَّ اللَّهَ اصْطَفَىٰ آدَمَ وَنُوحًا وَآلَ إِبْرَاهِيمَ وَآلَ عِمْرَانَ عَلَى الْعَالَمِينَ ﴿٣٣﴾ ذُرِّيَّةً بَعْضُهَا مِنْ بَعْضٍ ۗ وَاللَّهُ سَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿٣٤﴾

تحقيق ليہ تعاليٰ آدم عليہ السلام ۽ حضرت نوح عليہ السلام ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي خاندان ۽ عمران جي خاندان کي سڳورو ڪيو ساري جهان تي جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو نسل آهن ۽ الله تعاليٰ ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

## برگزيده خاندان

مٿين آيت جو مختصر تفسير هن طرح آهي تہ الله تعاليٰ حضرت آدم عليہ السلام ۽ حضرت نوح عليہ السلام ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي خاندان ۽ عمران جي خاندان کي ساري جهان تي برگزيدو ۽ ڀلارو ڪيو جي اهي سڀ اولاد ۽ نسل هئا هڪڙا پيدا ٿيل ٻين مان ۽ الله تعاليٰ سڀني جي قولن ۽ فعلن کي ٻڌندڙ آهي ۽ ڄاڻيندڙ آهي.

هن سورت ۾ عمران جي خاندان جو ذڪر ٿيل آهي.

## عمران جو خاندان

عمران جي زال حنہ، سندس ڌيءُ مريم، بي بي مريم جو پٽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جيڪو الله تعاليٰ جي قدرت سان بنا پيءُ جي بي بي مريم جي بطن مان ڄائو جيڪو عمران جو ڏهٽو هو. بي بي مريم حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ماءُ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي اولاد مان هئي. (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 3 صہ 344).

عمران جي خاندان جي ڪري هن سورت جو نالو آل عمران رکيو ويو. عمران جي خاندان کان سواءِ هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورت ۾ هنن شخصيتن جو ذڪر ٿيل آهي: جنهن ۾ حضرت ذڪريا عليہ السلام عمران جو سنڌيو هو ايشاع جيڪا حضرت ذڪريا عليہ السلام جي زال ۽ حنہ جي ڀيڻ ۽ عمران جي سالي ۽ بي بي مريم جي ماسي آهي. حضرت يحيٰ عليہ السلام جي ماءُ آهي. بي بي مريم ۽ حضرت يحيٰ بن ذڪريا پاڻ ۾ ماسات آهن. حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي پهريان حضرت يحيٰ عليہ السلام ايمان آندو باقي حضرت يحيٰ عليہ السلام جو وصفون حضرت ذڪريا عليہ السلام جي قصي ۾ بيان ٿيل آهن.

**الله تعاليٰ عمران جي خاندان کي برگزيده چيو آهي.**

پروڙڻ گهرجي تہ عمران بہ ٽي گذريا آهن. پهريون عمران حضرت موسيٰ عليہ السلام جو والد هو جيڪو (يعني حضرت موسيٰ عليہ السلام بن عمران) جيڪو حضرت يعقوب عليہ السلام جي اولاد مان.

1. عمران پهرين يعني حضرت موسيٰ عليہ السلام جو والد صاحب جو شجره هن ريت آهي.

عمران بن يصهر بن قامت بن لاوي بن حضرت يعقوب عليہ السلام

2. عمران ٻيو بي بي مريم جو پيءُ حضرت سليمان عليہ السلام ۽ حضرت دائود عليہ السلام جي اولاد مان هو.

ٻنهي عمران جي وچ ۾ (1800) ارڙهن سَوُ ورهين جو فرق (وقفو) آهي.

تفسير خازن ۽ مدارڪ ۽ روح البيان وارو ائين لکي ٿو

آيت نمبر 35:

إِذْ قَالَتِ امْرَأَتُ عِمْرَانَ رَبِّ إِنِّي نَذَرْتُ لَكَ مَا فِي بَطْنِي مُحَرَّرًا فَتَقَبَّلْ مِنِّي ۖ إِنَّكَ أَنتَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ ﴿٣٥﴾

ترجمو: جڏهن عمران جي عورت چيو اي رب منهنجا تو لاءِ نذر ڏنو آهي تہ جيڪي منهنجي پيٽ ۾ آهي سو آزاد آهي پوءِ تون مون کان قبول ڪر. بيشڪ تون ٻڌندڙ ڄاڻيندڙ آهين هن آيت مان مراد عمران پويون يعني بي بي مريم جو پيءُ آهي.

مٿين آيت کان وٺي قصو بي بي مريم ۽ سندس پٽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو آهي جي عمران جي اولاد مان آهن.

## عمران جي زال حنہ جي باس

هي آيت ثابت ڪري ٿي تہ عمران جي زال حنہ بي بي مريم جي ماءُ آهي جڏهن حنہ کي پيٽ ٿيو تہ باس باسيائين چيائين اي رب منهنجا جيڪو ٻار منهنجي پيٽ ۾ آهي سو مون تنهنجي خدمت يعني عبادت لاءِ آزاد ڪيو اي رب منهنجا اهو ٻار منهنجو تون پنهنجي عبادت لاءِ قبول فرماءِ (اها حنہ جي باس هئي رب پاڪ وٽ)

تفسير تنوير الايمان جلد 2 صفہ 65 ورتل آهي.جنهن ۾ خازن ۽ ٻين تفسيرن وارن لکيو آهي تہ حنہ ۽ ايشاع فاقور جون ڌيئر هيون.

حنہ جي شادي عمران سان ٿي هئي ۽ ايشاع جي شادي حضرت زڪريا عليہ السلام سان ٿي هئي عمران کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حنہ مان بي بي مريم ساڻن ڄائي ۽ حضرت زڪريا عليہ السلام کي ايشاع مان حضرت يحيٰ عليہ السلام ڄائو.
حنہ ۽ ايشاع پاڻ ۾ ڀيڻون هيون تنهنڪري بي بي مريم ۽ حضرت يحيٰ عليہ السلام رشتي ۾ ماسات هئا.

**آيت نمبر 36 جو تفسير هن ريت آهي.**

هن آيت ۾ فرمايل آهي تہ جڏهن عمران جي زال حنہ کي ڌيءُ ڄائي تہ ڪيس افسوس ٿيو.
رب پاڪ کي چوڻ لڳي اي رب منهنجا مون ڌيءُ ڄڻي آهي رب تون پاڻ ئو ڄاڻي جيڪو مون ڄڻيو آهي اها ڳالهہ پڌري آهي تہ پٽ نياڻي جهڙو نہ آهي بيت المقدس جي خدمت لاءِ پٽ نياڻي کان وڌيڪ لائق آهي.
بي بي حنہ چيو تہ مون ان نياڻيءَ جو نالو مريم رکيو آهي چو تہ سرياني ٻوليءَ ۾ مريم لفظ جي معنيٰ عابده يعني عبادت ڪندڙ حنہ چيو رب منهنجا! مريم ۽ ان جي اولاد کي تنهنجي پناهہ ۾ ڏيان ٿي شيطان تڙيل کان يعني حنہ رب کان دعا گهري تہ اي رب منهنجا آءٌ هن نياڻي ۽ ان جي اولاد کي تنهنجي حفظ ۽ امان، پناهہ ۾ ڏيان ٿي شيطان تڙيل کان جيئن هو هنن تي ڪنهن بہ طرح سان اختيار نہ لهي.
تفسير خازن لکيو آهي تہ جڏهن بي بي مريم ڄائي تڏهن ان کي سندس ماءُ هڪڙي ڪپڙي ۾ ويڙهي بيت المقدس ڏي ڪٺي ويئي ۽ وڃي وڏن علمائن وٽ بيت المقدس ۾ نياڻي رکيائين اهي عالم سيئي 47 ستيتاليهہ هئا انهن مان هر هڪ جو ارادو مريم کي پالڻ جو هو چو تہ بي بي مريم وڏي گهراڻي جي هئي ۽ انهن جي امام جي ڌي هئي حضرت ذڪريا عليہ السلام چيو تہ ان جي پالنا جو حقدار حضرت ذڪريا عليہ السلام پاڻ آهي چو تہ بي بي مريم جي ماسي سندس گهر واري آهي نيٺ سيني ٺهراءُ ڪيو، پکن وجهڻ تي پوءِ سيني عالمن پنهنجا قلم ڪنيا جن قلمن سان وحي ۽ آسماني ڪتاب لکندا هئا ۽ هر هڪ پنهنجو قلم ڪنيو ۽ ان تي پنهنجو نالو لکيو پوءِ سيئي قلم درياءَ ۾ اڇلايائون تہ حضرت ذڪريا عليہ السلام جي نالي واري قلم کان سواءِ ٻين سيني عالمن وارا قلم ٻڏي ويا ۽ حضرت ذڪريا عليہ السلام جي نالي وارو قلم پاڻيءَ جي مٿان ظاهر ترندو آيو پوءِ اهڙي طرح لڳو لڳ (3) ٽي دفع ڪيائون ٽيئي دفعا حضرت ذڪريا عليہ السلام جي لکيل نالي وارو قلم ظاهر ترندو آيو انهي ٺهراءُ تحت بي بي مريم کي پالڻ لاءِ حضرت ذڪريا عليہ السلام جي حوالي ڪيو ويو.
آيت جو هي تفسير آهي تہ ا تعاليٰ بي بي حنہ جو نذر قبول فرمايو چڱي طرح جي قبوليت سان جيتوڻيڪ بي بي مريم عورت هئي تہ بہ بي بي مريم کي الله تعاليٰ گهڻي راضپي سان نذر ۾ قبول ڪيو.
الله تعاليٰ هن سورت جي آيت نمبر 37 ۾ هن طرح فرمايو آهي ﴿وَّاَنْۢبَتَهَا نَبَاتًا حَسَنًا﴾ ۽ پالي وڏو ڪيائين ان کي چڱي پالڻ سان يعني الله تعاليٰ هن کي نيڪي ۽ پرهيزگاري ۽ چڱن اخلاقن سان پالي وڏو ڪيو.
﴿وَّكَفَّلَهَا زَكَرِيَّا﴾ ۽ سنڀاليندڙ ان جو ڪيائين حضرت زڪريا عليہ السلام کي يعني حضرت زڪريا عليہ السلام بي بي مريم کي سندس عورت ايشاع جي حوالي ڪيو جيڪا بي بي مريم جي ماسي هئي ان بي بي مريم کي کير ڏارائي وڏو ڪيو جڏهن بي بي مريم وڏي ٿي تہ حضرت زڪريا عليہ السلام بيت المقدس ۾ ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي عبادت لاءِ هڪڙو محراب ٺهرايو جنهن ۾ بي بي مريم ويٺي عبادت ڪندي هئي ۽ ان ۾ حضرت زڪريا عليہ السلام ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ وڃي نہ سگهندو هو. انهيءَ محراب ڪي قرآن ڪريم "المحراب" ڪري سڏيو آهي المحراب جي لغوي معنيٰ آهي "اڪرم موضع في المجلس" مجلس ۾ وڏيءَ عزت واري جاءِ عام طرح عبادت جي ان حجري ڪي المحراب سڏيندا آهن(حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن ج 2 صہ 87) لغات قرآن ۾ محراب جي معنيٰ آهي محراب، بالا خانو، حجرو عبادت گاهہ كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَ وَجَدَ عِنْدَهَا رِزْقًا جڏهن ايندو هو وٽس حضرت زڪريا عليہ السلام عبادت خاني ۾ تہ ڏسندو هو وٽس ڪاڏي جون شيون جيئن تہ ميوا سياري جا وٽس ڏسندو هو اونهاري گرمي جي ڏينهن ۾ ۽ گرمي جي ڏينهن جا ميوا ڏسندو هو وٽس سياري جي موسم ۾ جي ان وقت ملڪ ۾ لڀي نہ سگهندا هئا.

قَالَ يٰمَرْيَمُ اَنّٰى لَكِ هٰذَا ؕ چياٿين اي مريم ڪٿان توکي مليو هي ٿول يعني هي ميوو هن وقت ۾ تو وٽ ڪٿان آيا آهن.

قَالَتْ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ ۽ چياٿين تہ اهي الله تعاليٰ وٽان مليا آهن يعني الله تعاليٰ پنهنجي مهرباني سان مون ڪي بهشت مان موڪليا آهن.

اِنَّ اللّٰهَ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۳۷﴾ بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي خزاني مان ٿو روزينو ڏي جنهن ڪي گهري بيشمار يعني الله تعاليٰ جنهن ڪي وٽي تنهن ڪي روزينو گهٽو شمار ڪان وڌ ۽ سبب ڪان سواءِ ڏي ٿو.

## حضرت ذڪريا عليہ السلام جو قصو

الله تعاليٰ زڪريا عليہ السلام جو قصو هن سورت جي ڇٺن آيتن آيت نمبر 38 ڪان 41 ۾ بيان فرمايو آهي جيڪو تفسير تنوير الايمان واري جلد 2 صفحہ 78 ڪان 85 ۾ هن طرح لکيو آهي.

حضرت ذڪريا عليہ السلام اها قدرت رب جي ڏٺي جو بي بي مريم وٽ اڻمنداڻتا ميوا ڏٺائين تڏهن ڪيس بہ اڻمنداڻتي ميوي جي سڌ ٿي يعني تمام پوڙهپ ۾ پٽ جي خواهش ٿي جيئن تہ حضرت زڪريا عليہ السلام پوڙهو ٿي ويو هو ۽ اولاد ڪونہ هئس تنهن ڪري حضرت زڪريا عليہ السلام رب پاڪ ڪان دعا گهري چياٿين تہ اي ڌڻي منهنجا مون ڪي ڪو چڱو اولاد عطا ڪر بيشڪ تو دعا ٻڌندڙ آهين ۽ دعائن جو قبول ڪندڙ آهين.

پوءِ سڏ ڪيس ملائڪن ۽ ان بيٺي نماز ٿي پڙهي عبادت خاني ۾ يعني ان دعا گهرڻ ڪان پوءِ جڏهن نماز ۾ مشغول ٿيو تڏهن خدا جي طرفان ملڪ جبرائيل عليہ السلام هن ڪي سڏ ڪري چيو تہ تحقيق توکي الله تعاليٰ مبارڪ ڏيئي ٿو يحيٰ نالي پٽ جي، حضرت يحيٰ عليہ السلام ان تي هن ڪري نالو پيو جو رب پاڪ هن جي دل ڪي اهڙو ايمان سان جياريو جو ڪڏهن بہ سڄي عمر ۾ هن جي دل تي خيال گناهہ جو نہ گذريو نهايت رب پاڪ جو خائف ۽ تمام ڀلارو صالحن نبين مان هو.

## حضرت يحيٰ جون وصفون

مُصَدِّقًا بِكَلِمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ جو مڃيندڙ هوندو الله تعاليٰ جي ڪلمہ ڪي يعني حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجيندو ۽ پهريائين پهريائين ان تي ايمان آڻيندو حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي ڪلمة الله جو هن ڪري چيو ويو جو پيءُ کان سواءِ رڳو ماءُ مان ڪُن جي ڪلمہ سان پيدا ٿيو.

تفسير خازن واري لکيو آهي تہ پهريائين پهريائين حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي حضرت يحيٰ عليہ السلام ايمان آندو ۽ حضرت يحيٰ عليہ السلام حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان ڇهہ مهينا وڏو هو ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام حضرت يحيٰ عليہ السلام جي ماسات بي بي مريم جو پٽ آهي ۽ حضرت يحيٰ عليہ السلام انهن ڏينهن ۾ شهيد ٿيو جن ڏينهن ۾ اجان حضرت عيسيٰ عليہ السلام آسمان ڏي نہ ويو هو ۽ نقل آهي تہ حضرت يحيٰ عليہ السلام جي ماءُ کي جڏهن حضرت يحيٰ عليہ السلام پيٽ ۾ هو تڏهن بي بي مريم کي انهن ڏينهن ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام پيٽ ۾ هو تڏهن حضرت يحيٰ عليہ السلام جي ماءُ چيو اي بي بي مريم منهنجي پيٽ ۾ جيڪو ٻار آهي تنهن تنهنجي پيٽ واري ٻار کي سجدو ڪيو ۽ اهو هو ايمان آڻڻ حضرت يحيٰ عليہ السلام جو حضرت عيسيٰ عليهما السلام تي.

وَسَيِّدًا ۽ سردار هوندو. سيد جي لفظ جو تفسير ۽ معنيٰ مفسرن گهڻن طرحن سان بيان ڪئي آهي مگر آخر جنهن تي فيصلو تفسير روح المعاني ۽ تفسير خازن ڪيو آهي سا معنيٰ آهي تہ سيد چئجي ان شخص کي جو سردار يا وڏيرو ڪنهن قوم جو هجي ۽ اهي ان جي تابع بہ هجن دنيا توڙي دين جو هتي مراد آهي تہ سردار ۽ پيشوا دين جو ۽ انهيءَ سڄوري ڪڏهن بہ گناهہ جو خيال ڪونہ ڪيو حضرت يحيٰ عليہ السلام کان سڄي عمر ۾ ڪو بہ گناهہ نہ ٿيو هو ۽ خدا کي سواءِ گناهہ جي پاڪ تي گذبو.

وَحَصُورًا ۽ زالن کان بي رغبت هوندو.

لغات القران ۾ حَصُورًا جي معنيٰ پاڪبازيءَ سبب (عورتن کان) رڪجڻ وارو پاڪباز ماڻهو حضرت ابن عباس رضي الله عنه فرمايو تہ " حَصُورًا " جي معنيٰ آهي جو شخص عورتن سان صحبت نہ ڪري ۽ نہ ويجهو وڃي حضرت يحيٰ کي دنيا جي ڪنهن بہ شئي سان رغبت نہ هئي هو هميشہ الله تعاليٰ جي عبادت ۽ ان جو خوف ۽ روح ۾ زاريءَ هوندي هيس.

وَنَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ۽ هوندو نبي صالحن مان يعني حضرت يحيٰ عليہ السلام نبين مان ۽ صالحن نبين جي اولاد مان هوندو.

## حضرت زڪريا عليہ السلام چيو تہ آئون پوڙهو ۽ منهنجي زال سنڍ آهي ۽ مون کي اولاد ڪئين ٿيندو تنهن لاءِ نشاني ٻڌايون

تفسير: حضرت زڪريا اها مبارڪ ۽ خوشخبري ٻڌي عرض ڪيو تہ اي رب مون کي پٽ ڪيئن ٿيندو جو منهنجي عمر (100) هڪ سؤورهيہ آهي ۽ تمام پوڙهو آهيان منهنجي زال جي عمر (98) اٺانوي ورهيہ آهي تنهن کان سواءِ سنڍ آهي يعنيٰ ٻئي پوڙها آهيون ان کان سواءِ منهنجي گهر واري سنڍ آهي. ڇا اسان ٻنهين کي وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواني حاصل ٿيندي تنهن کان پوءِ اولاد ٿيندو يا پيري جي حالت ۾ تنهنجي قدرت ڪامله سان مون کي پٽ ٿيندو ۽ ائين نه سمجهڻ گهرجي ته حضرت زڪريا عليہ السلام کي رب پاڪ جي قدرت ۾ ڪو شڪ هو بلڪ پروڙ لاءِ سوال ڪيائين......

فرمايائين ته اهڙي طرح لر تعاليٰ ڪري ٿو جيڪي گهري ٿو يعني الله تعاليٰ اوهان جي پوڙهائپ ۽ عورت جي سنڍائپ ۾ پنهنجي قدرت ڪامله سان توکي پٽ عطا ڪندو هو سڀ ڪنهن طرح قادر آهي.

قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّيْٓ اٰيَةً ؕ چيائين اي رب منهنجا تڏهن پنهنجي قدرت سان مقرر ڪر مون لاءِ ڪا نشاني يعني پٽ جي حمل جي ڪا نشاني مقرر ڪر جنهن سان آءُ وقت حمل جو پروڙيان.

قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ اِلَّا رَمْزًا ؕ فرمايائين ته تنهنجي نشـــــــــاني هي آهي جو تون ڳالهائي نه سگهندين. الله تعاليٰ حضرت زڪريا عليہ السلام کي حضرت يحيٰ عليہ السلام جي حمل جي وقت ٽن ڏينهن تائين ماڻهن سان ڳالهائڻ جي قدرت بند ڪئي ان ڪري حضرت زڪريا ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون ماڻهن سان بلڪل ڳالهائي ڪين سگهيو هو. تفسير خازن واري لکيو آهي ته ماڻهن سان دنيا جي ڳالهه جي قدرت انهن ٽن ڏينهن ۾ حضرت زڪريا عليہ السلام کي ڪانه هئي باقي رب پاڪ جو ذڪر ۽ تسبيح ڪرڻ تي برابر قدرت هيس انهن ٽن ڏينهن ۾ ذڪر ۽ تسبيح پيو ڪندو هو. جيئن هيٺين آيت مان صاف معلوم پيو ٿئي اهو به هڪڙو وڏو معجزو هو حضرت زڪريا عليہ السلام جو باوجود تندرستي جي دنيا جي ڪلام ڳالهائڻ جي زبان ۾ توفيق ۽ قدرت نه رهي باقي رب پاڪ جي ذڪر ۽ تسبيح ۾ پوري طرح زبان برابر جاري هئي.

وَاذْكُرْ رَّبَّكَ كَثِيْرًا وَّسَبِّحْ بِالْعَشِيِّ وَالْاِبْكَارِ

ياد ڪر پنهنجي رب کي گهڻو ۽ تسبيح پڙهه سانجهي ۽ صبح يعني انهن ڏينهن تون پنهنجي رب جو ذڪر ۽ تسبيح سانجهي توڙي صبح جو پيو ڪر چو ته تنهنجي زبان ذڪر ۽ تسبيح کان بند ڪين ٿيندي تفسير خازن لکيو آهي ته عرب عشي جو وقت بن پهرن کان وٺي سج لهڻ تائين مراد وٺڻ آهي. ۽ اِبْكَارِ چوَنِ پرهه ڦٽي کان ضحيٰ تائين جيڪو وقت آهي تنهن کي انهن وقتن ۾ رب پاڪ حضرت زڪريا عليہ السلام کي خصوصا! امر ذڪر ڪيو ۽ تسبيح جو خاص پاڻ واسطي.

## بي بي مريم دنيا جي بهترين عورت

هن ســـــــــورت جي آيت نمبر 42 ۽ 43 ۾ فرمايل آهي ته ۽ (ياد ڪر) جڏهن مَلَڪَن چيو اي مريم بيشڪ الله تعاليٰ توکي سڳورو ڪيو ۽ توکي پاڪ ڪيائين ۽ توکي سڳورو ڪيائين جهان جي عورتن تي اي مريم پنهنجي رب جي فرمان بردار رهه ۽ سجدو ڪر ۽ رڪوع ڪر رڪوع ڪندڙن سان انهن آيتن جو تفسير هن طرح لکيل آهي.

**تفسير:** ۽ جنهن وقت چيو ملڪن ته اي مريم بيشڪ الله تعاليٰ توکي برگزيدو ڪيو ۽ توکي پاڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيائين يعني گناهن کان توڙي حيض ۽ نفاس جي پليتي کان. تفسير خازن لکيو آهي ته بي بي مريم سڳوري کي نه ڪو حيض ۽ نه ڪو نفاس ايندو هو انهن ٻنهين پليدين کان بي بي مريم صاحبه پاڪ هئي. ۽ توکي چونڊي پسند ڪيائين جهان جي عورتن مان

## بي بي مريم سائڻ جو شان

قرآن ڪريم جي آيت نمبر 42 مان ثابت ٿيو ته بي بي مريم سائڻ کي لد تعاليٰ برگزيدو ۽ پلارو ۽ پاڪ بنايو هو انهن جي شان برابر ڪا به عورت نه ٿي ٿي سگهي.

(ٻئي حواله سورت جي آيت نمبر 75) ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته "وَاُمُّــــــه صديقة" يعني ان (حضرت عيسيٰ عليه السلام) جي ماءُ صديقه هئي (حواله سورت التحريم جي آيت نمبر 12) ۾ آهي

وَصَدَّقَتْ بِكَلِمٰتِ رَبِّهَا وَكُتُبِهٖ وَكَانَتْ مِنَ الْقٰنِتِيْنَ

يعني پنهنجي رب جي فرمانن ۽ ان جي ڪتابــن جي تصديق ڪيائين ۽ هئي فرمانبردارن مان هنن آيتن ۾ ســـــندس صديقــيت ۽ الله تعاليٰ جي ڪلمات ۽ ڪتابــن جي تصديق ڪرڻ ۽ فرمانبرداري جي مقــام تي فائز هجڻ جو ذڪر آيو آهي.

### آيت نمبر 44 ۾ بي بي مريم جي پرورش جي باري ۾ چيل آهي.

آيت نمبر 44 جو مختصر تفسير: اي محمد ﷺ اهي غيب جون خبرون آهن جي اسان وحي جي وســيلي توکي ٻڌايون آهن تڏهن تون اتي موجود نه هئين جڏهن انهن بــي بــي مريم جي پالڻ لاءِ پاڻ ۾ جهڳڙو ٿي ڪيو ته ڪير ســـنڀالي جنهن بابـــت پاڻ ۾ تڪرار ڪيائون ٿي پوءِ پڪا وڌائون يعني قـــلم درياءَ ۾ مٿــن نالا لکي اڇلايائون نيٺ حضرت زڪريا عليه الســلام جو نالو آيو جنهن ان کي پاليو ۽ بــي بــي مريم جو ســنڀاليندڙ الله تعاليٰ حضرت زڪريا عليه السلام کي ڪيو ان جو ذڪر آيت نمبر 37 تفسير تنوير الايمان جي جلد 2 صفه 69 کان 71 تائين آهي.

## بي بي مريم سڳوري کي اولاد جي خوشخبري

هن ســـورت نمبر 45 ۽ 46 ۾ ذڪر ٿيل آهي جنهن جو مختصر تفســير هن ريت آهي يعني اي محمد ﷺ ياد ڪر هن ڳالهه کي ته جنهن وقت (مهل) ملڪ جبرائيل اچي خوشخبري ٻڌائي بي بي مريم کي ته الله تعاليٰ توکي مبارڪ ٿو ڏي ڪلمه جي پاڻ وٽان يعني حضرت عيسيٰ جي جو تو مان پيدا ٿيندو جنهن جو نالو مسيح عيسيٰ پٽ مريم جو دنيا ۽ آخرت ۾ عزت وارو هوندو ۽ الله تعاليٰ جي مقربــن دوســتن مان هوندو جو ننڍي هوندي پينگهي ۾ ماڻهن ســان ڳالهائيندو يعني ٻاراڻي ۽ پوري عمر ۾ ڳالهائيندو ۽ صالحن مان هوندو. الله تعاليٰ هن کي نبــوت ۽ رسالت عطا فرمائي.

هن آيت نمبر 47 ۾ ذڪر ٿيل آهي:

**بي بي مريم چيو ته مون کي ٻار ڪيئن ٿيندو جو مون کي ڪنهن بشر هٿ نه لاتو آهي.**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت نمبر 47 جو مختصر تفسير آهي تہ اها بشارت مٿين حضرت جبرائيل واري ٻڌي بي بي مريم چيو اي رب منهنجا مون کي ڪيئن ٻار ٿيندو جو مون کي ڪنهن بشـــر هٿ نہ لاتو آهي تڏهن حـــضرت جبرائيل عليہ السـلام چيس اهڙي طرح الله تعاليٰ پيدا ٿو ڪري جيڪي گهري ٿو تيئن ٿو ڪري يعنيٰ الله تعاليٰ پنهنجي قدرت سان پيءُ توڙي ماءُ کان سواءِ اولاد پيدا ڪندو آهي جڏهن ڪو ڪم پيدا ڪرڻ جو ارادو ڪري تہ ان کي چئي ڪن يعني ٿيءُ تہ ٿي پوندو آهي (بي بي مريم جو باقي قصوالله تعاليٰ سورت مريم ۾ بيان ڪيو آهي).

## حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو قصو قرآن ڪريم جي آيتن جي تفسيرن جي روشني ۾ لکيو آهي.

الله تعاليٰ هن سورت جي آيت نمبر 48 کان بي بي مريم جي پٽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو ذڪر شروع ڪيو آهي چو تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام بہ عمران جي خاندان مان آهي حضرت عيسيٰ عليہ السلام عمران ۽ سندس زال حنہ جو ڏوهٽو آهي.

## حضرت عيسيٰ عليہ السلام جون صفتون

آيت نمبر 48 جو تفسير ۾ آهي تہ الله تعاليٰ سيکاريندو ان کي ڪتاب ۽ حڪمت ۽ توريت ۽ انجيل. تورات تہ اڳ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام تي نازل ٿيل هو پر انجيل حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي نازل ڪندو ۽ عيسيٰ عليہ السلام کي بني اسرائيل ڏانهن پيغمبر ڪري موڪليندو.

## حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي رب وٽان مليل نشانيون يعني معجزا

آيت نمبر 49 جي تفسير ۾ آهي ملڪ الله تعاليٰ جي طرفان بي بي مريم کي حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ڄمڻ جي مبارڪ ڏيڻي هي صفتون حضرت عيسيٰ عليہ السلام جون ٻڌايون تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام بني اسرائيلن کي چوندو هن دعويٰ سان تہ تحقيق مون آندي آهي اوهان وٽ نشاني اوهان جي رب وٽان يعني حضرت عيسيٰ عليہ السلام بني اسرائيلن کي چوندو تہ مون آندي آهي اوهان وٽ نشاني يعني معجزا پنهنجي نبوت جي سچائي لاءِ.

هن آيت ۾ ٻڌايل آهي حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي بني اسرائيل ڏانهن پيغمبر ڪري موڪليندو ۽ ڪيس معجزا عطا ڪيا. حضرت عيسيٰ چيو تحقيق مون توهان وٽ توهان جي رب وٽان نشاني آندي يعني معجزا جهڙوڪ.

1. مٽي مان پکي جوڙيان ٿو پوءِ ان ۾ ڦوڪيندس تہ الله تعاليٰ جي حڪم سان پکي ٿي پوندو.
2. الله تعاليٰ جي اذن سان ماءُ جي پيٽ مان ڄاول انڌي ٻار کي روشنائي عطا ٿيڻ
3. ڪوڙهہ جي بيمار کي هٿ گهمائڻ سان الله جي حڪم سان صحتياب ڪرڻ.
4. الله تعاليٰ جي حڪم سان مئلن کي جيارڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت ابن عباس ﷺ فرمايو تہ حضرت عيسيٰ (4) چار شخص جيارڻيا هڪڙو آذر ٻيو پوڙهي زال جو پٽ ٽيون عاشر يعني عشر اڳاڙيندڙ جي ڏيءُ جڏهن اهي ٽيئي شخص مئل ماڻهن کي جياري ڏيکاريائين تڏهن ماڻهن چيو تہ شايد تازا مئل جن ۾ ايجان ساهہ قبر ۾ پيو آهي سي تو جياري پوءِ انهن شڪ جي رفع ڪرڻ لاءِ حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي حضرت سام پٽ حضرت نوح عليہ السلام جي قبر ڏيکاريائون جنهن کي مئي چار هزار ورهہ ٿيا هئا حضرت عيسيٰ عليہ السلام الله تعاليٰ کان دعا گهري ان کي بہ جيئرو ڪيو جنهن جي ڏاڙهي مبارڪ اڇي هيبت کان ٿي پئي هئي ان کان پڇائون موت جي ڪوڙائي جي ڪهڙي حالت آهي؟ تڏهن عرض ڪيائين يارو موت جي ڪوڙائي ايجان بہ منهنجي وات مان نہ وئي آهي ان جي معجزي ڏسڻ سان بہ ڪن اسلام آندو ۽ ڪن نہ آندو. پروڙڻ گهرجي تہ تفسير خازن واري لکيو آهي تہ پهريائين ٽي شخص جيڪي حضرت عيسيٰ جيارڻيا هوا سي ٽيئي زمين تي باقي رهيا ۽ انهن کي اولاد بہ ٿي باقي سام بن نوح عليہ السلام سو ٽي ڏينهن ۾ مري ويو ۽ تاريخ ڪامل واري لکيو آهي تہ ٻيا بہ مئل ماڻهو حضرت عيسيٰ عليہ السلام جيئاريا هئا والله علم. (حوالہ تفسير تنوير الايمان جلد 2 صفہ 98).

## حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو ڪعب بن حام بن نوح عليہ السلام کي قبر مان اٿارڻ

تفسير تنوير الايمان جلد 5 صہ 38،39 ۾ سورت هود جي تفسير ڪندي حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو ڪعب بن حام بن نوح عليہ السلام قبر مان زنده اٿارڻ وارو معجزو تفسير ابو السعود جي هڪڙي ڳالهہ تان نقل ڪيو آهي جيڪو هن ريت آهي تہ حضرت عيسيٰ جي حوارين حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي چيو تہ جيڪي ماڻهو حضرت نوح جي ٻيڙيءَ ۾ موجود هئا تن مان هڪڙو ماڻهو جياري ڏيکار تہ اسين ان ماڻهوءَ کان ٻيڙي جي حقيقت معلوم ڪيون پوءِ حضرت عيسيٰ عليہ السلام هڪڙي واريءَ جي دڙي، ڍڳ تي انهن حوارين کي وٺي ويو پوءِ اتي وڃي هڪڙي مٺ واري مان ڀري چيائين تہ هي واري سڃاڻو ٿا تہ هي ڪهڙي واري آهي انهن چيو تہ اسان کي خبر نہ آهي تڏهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام چيو تہ هن ۾ ڪعب بن حام بن نوح عليہ السلام جي قبر آهي يعني ڪعب نوح عليہ السلام جو پوٽو هيو جيڪو پنهنجي ڏاڏي نوح عليہ السلام سان گڏ ٻيڙي ۾ موجود هو جنهن جي مئي چار هزار ورهہ ٿيا هئا پوءِ حضرت عيسيٰ عليہ السلام ان قبر ۾ لٺ هڻين چيو تہ رب پاڪ جي حڪم سان اٿ انهيءَ مهل اهو ڪعب قبر مان اٿيو سڄي ڏاڙهي اڇي هيس حضرت عيسيٰ عليہ السلام ان کي چيو تہ تنهنجي ڏاڙهي اڇي چو ٿي آهي؟ چو تہ اڇا وار ماڻهن کي حضرت ابراهيم عليہ السلام جي ڏينهن کان شروع ٿيا آهن تڏهن ڪعب جواب ڏنو تہ برابر مون کي اڇا وار ڪو نہ هئا مگر مون سمجهيو تہ قيامت قائم ٿي آهي ان جي دهشت کان سڀ ڪارا وار اڇا ٿي ويا پوءِ حضرت عيسيٰ عليہ السلام ان کان حضرت نوح جي ٻيڙي جي حقيقت معلوم ڪئي ان سڳوري فرمايو تہ ان ٻيڙيءَ جي ڊيگهہ (1100) يارهہ سَوَ گز هئي ۽ ويڪر (600) ڇهہ سَوَ گز هئي ۽ ان جا (3) ٽي طبقا هئا هڪ طبقو حيوانن لاءِ ٻيو وحشين لاءِ ٽيون طبقو ماڻهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ پوءِ حضرت عيسيٰ عليہ السلام ان کي چيو تہ هاڻي موٽي خاڪ تي وڃ پوءِ ڪعب سڳورو موٽي خاڪ تي ويو (واللہ اعلم) ان معجزي کان پوءِ گھڻن ماڻهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي ايمان آندو.

5. معجزو گھر ۾ جيڪي سانديل آهن ان جي خبر ڏيڻ

وَأُنَبِّئُكُمْ بِمَا تَأْكُلُونَ وَمَا تَدَّخِرُونَ فِي بُيُوتِكُمْ

۽ خبر ڏيان ٿو اوهان کي ان جي جيڪي کائو ٿا ۽ جيڪي سانڍي رکو ٿا پنهنجن گھرن ۾

## عجيب واقعو

تفسير ڪبير ۽ خازن لکيو آهي تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام ننڍي عمر ۾ هڪ جيڏن ٻارن سان راند ڪرڻ ويندو هو ۽ ڇوڪرن جا مائٽ جيڪو طعام پچائيندا يعني تيار ڪندا هئا اهو طعام انهن کي ٻڌائيندو هو ۽ هر هڪ ڇوڪر کي چوندو هو تہ تنهنجي مائٽن هن شئي مان جيترو کاڌو آهي اوترو بچائي رکيو آهي. پوءِ اهو ڇوڪرو گھر وڃي ان شئي جي حاصل ڪرڻ لاءِ مائٽن کي ستائيندو هو نيٺ اها شئي مائٽن کان وٺندو هو تڏهن ماٺ ڪندو هو مائٽ پڇندا هئس تہ توکي انهيءَ کاڌي بابت ڪنهن خبر ڏني آهي تہ چوندو هو تہ عيسيٰ عليہ السلام ٻڌايو هو تڏهن ڇوڪرن جي مائٽن پنهنجي ٻارن کي حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي صحبت کان جهليندا هئا نيٺ انهن جي مائٽن پنهنجي ٻارن کي گھر ۾ ڪٽي بند ڪيو ۽ پنهنجي ٻارن کي چيائون تہ عيسيٰ ساحر (جادوگر) آهي ان سان راند روند نہ ڪريو ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام انهن جي گھر ويو ۽ انهن ڇوڪرن جي مائٽ کان پڇيو تہ اوهان جا ڇوڪرا ڪٿي آهن تڏهن انهن جي مائٽن چيو تہ هتي نہ آهن تڏهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام انهن کي چيو تہ پلا هن گھر ۾ ڇا آهي تڏهن چيائونس تہ هن گھر ۾ خنزير (سوئر) آهن تڏهن حضرت عيسيٰ انهن کي چيو تہ چڱو ٿيندا ـــ خنزير پوءِ ڇوڪرن جي مائٽن در کوليا تہ ڏٺائون تہ اهي سڀ ڇوڪرا خنزير ٿي پيا هئا.

مولانا محمد قاسم سومري مٿيون عجيب واقعو قصص الانبياء جلد3 صفحہ 527 ۽ 528 ۾ ساڳئي نموني لکيو آهي.

سورة ال عمران جي آيت نمبر 50 ۽ نمبر 51 ۽ تفسير هنن آيتن ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي تورات لاءِ تصديق آهي

وَمُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرَاةِ

۽ ان توريت جي تصديق ڪندڙ آهيان جو منهنجي اڳيان آهي.يعني تورات کي سـچو ڪلام رب جو سمجهان ٿو بيشڪ اهو اللہ تعاليٰ جو ڪلام آهي جو حضرت موسيٰ عليہ السلام تي نازل ٿيو هو.

وَلِأُحِلَّ لَكُم بَعْضَ الَّذِي حُرِّمَ عَلَيْكُمْ

۽ جيڪي (شيون) اوهان تي حرام ڪيل آهن تن مان ڪي اوهان لاءِ حلال ڪندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تفسير خازن واري وهب بن سنبله کان نقل ڪيو آهي تہ حضرت عيسىٰ عليہ السلام حضرت موسىٰ عليہ السلام جي شريعت تي هو. چنچر جو ڏينهن پلو ڄاڻيندو هو ۽ بيت المقدس ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهندو هو ۽ بني اسرائيل کي چوندو هو تہ آءُ اوهان کي ڪڏهن بہ تورات جي خلاف هڪ حرف بہ دعوت نہ ڏيندس سڄي تورات تي عمل هوندو هو فقط ڪي شيون جي اوهان تي حرام آهن اهي حلال ٿيڻ ڏيندس الله تعالىٰ جي حڪم سان اوهان تان سخت تڪليف لاهيندس جيئن تہ الله تعالىٰ يهودين جي نافرماني سبب ڪي شيون انهن تي حرام ڪري ڇڏيون هيون اهي سخت تڪليفون حضرت عيسىٰ عليہ السلام انهن تان لاٿيون حضرت عيسىٰ عليہ السلام جي شريعت حضرت موسىٰ عليہ السلام جي شريعت کان نرم هئي.

حضرت عيسىٰ عليہ السلام جي شريعت گهڻ حڪم تورات جا منسوخ ڪيا چنچر جي بدران آچر مليس پيا بہ گهڻا حڪم تورات جا بدلايا ويا ۽ حقيقت ۾ سڀ ناسخ توڙي منسوخ حق آهن ۽ صدق آهن ڇو تہ پالڻهار ماڻهن جي ضرورت پٽاندڙ اهڙا حڪم فرمائيندو آهي. والله اعلم

وَجِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۚ ۽ اوهان جي رب پاڪ وٽان اوهان لاءِ نشانيون آنديون اٿم يعني معجزا جي منهنجي رسالت جي لاءِ پڪي شاهدي ڏين ٿا فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ۝ پوءِ الله تعالىٰ کان ڊڄو منهنجي تابعداري ڪريو. يعني الله تعالىٰ کان هر حال ۾ ڊڄو سندن احڪامن تي قائم ثابت قدم رهو ۽ منهنجي رسالت تي دل و جان سان ايمان آڻيو ۽ جيڪي اوهان کي چوان ٿو تنهن تي عمل ڪريو.

اِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ۭ بيشڪ لڪ تعالىٰ منهنجو رب آهي ۽ اوهان جو بہ رب آهي تنهنڪري سندس عبادت ڪريو هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ۝ اها سڌي واٽ آهي.

## حضرت عيسىٰ عليہ السلام جا حواري

آيت نمبر 52 ۽ 53 جو ترجمو: پوءِ جنهن مهل حضرت عيسىٰ عليہ السلام کائن ڪفر (جاڪم) اکين سان ڏٺا (تنهن مهل) چيائين الله تعالىٰ (جي دين) ڏانهن منهنجا مددگار ڪير آهن حوارين چيو تہ اسين الله تعالىٰ (جي دين) جا مددگار آهيون، الله تعالىٰ کي مڃيوسون ۽ شاهد هج تہ اسين پڪا مسلمان آهيون (52) (چيائون) اي اسان جا رب ڪريم جيڪي تو لاٿو سو مڃيوسون ۽ پيغمبر جي تابعداري ڪئي سون تنهنڪري اسان کي شاهدن ۾ لڪُ (53).

آيت نمبر 54 جو تفسير وَمَكَرُوْا تہ انهن يهودين اهو مڪر ۽ فريب ڪيو تہ اسين حضرت عيسىٰ عليہ السلام کي قتل ڪريون ان بابت ڪوشش ڪيائون ۽ مڪر پڪيڙيائون.

وَمَكَرَ اللّٰهُ ۭ الله تعالىٰ فرمايو تہ مون انهن کي سندن مڪر جي جزا ڏني جو سندن ئي ماڻهو جي شڪل جي مشابهت حضرت عيسىٰ عليہ السلام جي شڪل جي ڪيم جنهن کي ماري وڌائون ۽ پانيائون تہ اسان عيسىٰ عليہ السلام ماريو آهي پر حضرت عيسىٰ عليہ السلام کين ماريائون ابتلندو پنهنجو ماڻهو ڪهي وڌائون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي تہ الله تعاليٰ آسمان ڏانهن کڻي ويو ۽ الله تعاليٰ وڏيڪ قوت ۽ غالب آهي.

## حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو آسمان ڏانهن کڻجي وڃڻ

تفسير: اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسٰٓى اِنِّىْ مُتَوَفِّيْكَ وَرَافِعُكَ اِلَيَّ جنهن وقت فرمايو ا تعاليٰ تہ اي عيسيٰ عليہ السلام آءُ تحقيق پورو نيان تو توکي ۽ کڻي وٺان تو توکي پاڻ ڏي.

تفسيرن ان آيت جي معنيٰ ۾ گهڻو اختلاف ڪيو آهي هتي بہ انهيءَ آيت شريف جا تفسير ڪبير کان نقل ڪجن ٿا. جن کي گهڻو پسند ڪيو آهي.

1. پهريون تہ اي عيسيٰ آءُ تنهنجي عمر پوري ڪري پوءِ توکي ماريندس هنن يهودين جي هٿان توکي قتل ڪين ڪرائيندس. پر توکي مٿي آسمان تي کڻي آڻيندس عزت ۽ سلامتيءَ سان ۽ بچائيندس توکي انهن جي شر کان.

2. ٻيو تفسير: ابوبڪر واسطي کان نقل ڪيو آهي تہ اي عيسيٰ آءُ ماريندس توکي تنهنجي شهوتن ۽ نفساني سڌن کان جيئن تون غير کان بلڪل فاني ٿيندين تڏهن توکي آءُ کڻي ويندس پاڻ ڏي آسمانن ۾ جيئن حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو حال آسمانن تي وڃڻ مهل بلڪل ملائڪن جهڙو هو شهوت ۽ غضب ۽ ٻين انساني وصفن کان پاڪ هو.

3. تفسير جمل وارو ابو السعود کان نقل ڪيو آهي تہ جڏهن الله تعاليٰ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي مٿي نيڻ جو ارادو ڪيو تڏهن ڪنيڙائيون ڏنائينس ۽ نور جو لباس پهريائين کاڌو پيتو ۽ ننڊ ۽ بشري سڌون ۽ انساني وصفون سڀ ڪسي ڇڏيائينس پوءِ ملڪن سان گڏجي اڏامن لڳو ۽ مٿي آسمان تي ويو (والله اعلم).

وَمُطَهِّرُكَ مِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۽ پاڪ ڪريان ٿو توکي انهن جي سنگت کان جي ڪافر ٿيا. يعني آءُ انهن ڪافرن کان توکي ڇڏايائينس ۽ توکي آسمان ڏي کڻي ويندس. وَجَاعِلُ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْكَ فَوْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۽ ڪريان ٿو تنهنجي تابعن کي مٿي انهن کان جن ڪفر ڪيو قيامت جي ڏينهن تائين

ثُمَّ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ ۽ پوءِ مون ڏانهن ٿيندو اوهان سڀني جو موٽڻ يعني حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي تابعداري ڪئي ان تي ايمان آندائون انهن توڙي عيسيٰ جي دشمنن ڪافرن يهودين جو مون ڏي موٽڻ ٿيندو قيامت ۾ سڀ مون وٽ ايندا.

فَاَحْكُمُ بَيْنَكُمْ فِيْمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿۵۵﴾ پوءِ آءُ فيصلو ڪندس ان ڳالهہ جي وچ ۾ جنهن ۾ جهڳڙو ٿي ڪيائون يعني اُتي اوهان کي حقانيت ۽ سچائي حضرت عيسيٰ جي معلوم ٿيندي.

فَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَاُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۡ پوءِ جن ڪفر ڪيو تن کي آءُ عذاب ڪندس سخت دنيا ۽ آخرت ۾ وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿۵۶﴾ ۽ نہ هوندو انهن جو ڪو مددگار جو انهن کي عذاب کان ڇڏائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا پر جن ايمان آندو حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي جيئن چيائون تہ بيشڪ خدا جو ٻانهون ۽ ان جو ڪلمون آهي وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۽ ڪيائون لائق ڪم يعني جيڪي انهن تي ڪم فرض هئا سي بجاءِ آنداءئون فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ پوءِ پورو ڏيندو انهن کي الله تعاليٰ انهن جو اجر وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ۽ الله تعاليٰ دوست نٿو رکي يعني جيڪي ناحق پين سان ظلم ڪن ٿا انهن سان الله تعاليٰ محبت نہ ٿو رکي.

آيت نمبر 59 جي فقري ۾ چيل آهي تہ بيشڪ عيسيٰ عليہ السلام جي صفت اي تعاليٰ وٽ يعني بنا پيءُ جي پيدا ڪرڻ ۾ آدم جي صفت جهڙي آهي جو ان کي خلقيائين مٽيءَ مان پوءِ چيائينس تہ ٿيءُ تہ ٿي پيو يعني انسان ٿي پيو يعني اي نصارؤ توهين جو چئو ٿا تہ عيسيٰ پيءُ کان سواءِ ڪيئن پيدا ٿيو حضرت آدم عليہ السلام تہ ماءُ پيءُ کان سواءِ ڪيئن پيدا ٿي پيو؟ رب پاڪ جيئن آدم کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ڪُن جي لفظ سان تيئن حضرت عيسيٰ کي بي بي مريم جي پيٽ مان پيدا ڪيائين ڪُن جي لفظ سان جنهن رب ڪريم آدم عليہ السلام کي ماءُ پيءُ کان سواءِ رڳو مٽي مان پيدا ڪيو تنهن کي بي بي مريم جي پيٽ مان حضرت عيسيٰ عليہ السلام پيدا ڪرڻ ۾ ڪهڙي دير ٿيندي. جيئن حضرت آدم عليہ السلام جو پيءُ نہ هجڻ ڪري ان جو پيءُ تعاليٰ نہ آهي ان طرح حضرت عيسيٰ جو پيءُ نہ هجڻ ڪري ان جو پيءُ خدا ڇو ٿيندو؟

**آل عمران جي خاندان جي قصي پوري ڪرڻ کان بعد سورت جو وڏيڪ جامع تعارف پيش ڪجي ٿو.**

1. هن سورت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ انسانن جي هدايت لاءِ انهن جي مالڪ اللہ تعاليٰ جيڪو ضابطہ حيات عطا ڪيو آهي سو سيني جي لاءِ هڪ آهي جنهن جو نالو "اسلام" آهي ان جا بنيادي عقائد ۽ اصول زماني ۽ مڪان جي مخلتف ۽ متعدد هجڻ جي باوجود ازلي ۽ ابدي آهن هي دين الله تعاليٰ جو عطا ڪيل آهي جيڪو حق آهي ۽ هر حال، هر زماني ۾ حق رهندو.

2. هن سورت ۾ اسلام جي نالي کان پڇنڌڙن اهل ڪتاب وارن کي صاف ٻڌايو ويو آهي تہ سيني نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام ۽ اوهان جي ڏاڏي سيدنا ابراهيم عليہ الصلواة والسلام جو دين بہ اهوئي اسلام هو اهڙي طرح قرآن ڪريم دين ۽ مذهب جي نالي تي انسانيت جي وحدت ۽ ٻڌيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪندڙ تحريڪن کي سخت ڌڪ لڳائي انسانيت جي ايڪي لاءِ اهڙو مضبوط مستحڪم سبب ۽ بنياد قائم ڪيو آهي جو جڏهن انسان پنهنجي ذاتي، وطني ۽ قومي خود غرضن ۽ لالچن کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو تہ ان اتحاد ۽ محبت جي مضبوط رشتي ۾ منسلڪ ٿيندو ڇو تہ سڀ انبياءَ سڳورا عليهم الصلواة والسلام ان هڪ دين لاءِ سڏيندڙ ۽ مبلغ (تبليغ ڪندڙ پرچارڪ هئا اهوئي سبب هو جو هر نبي سڳوري عليہ الصلواة والسلام پنهنجي دور کان اڳ ۾ آيل نبي جي تصديق ڪئي ۽ پنهنجي امت کي بعد ۾ اچڻ واري نبي سڳوري تي ايمان آڻڻ جي هدايت ڪئي اهو اچڻ وارو آخري نبي آهي حضرت محمد ﷺ جنهن بعد ۾ ڪنهن نبي اچڻ جي بشارت نہ ڏنائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سورت ۾ مسلمانن کي يهودين ۽ نصارن ۽ مشرڪن جي خطرناڪ سازش کان خبردار ڪندي سندن تربيت ڪئي ويئي آهي.

هن سورت ۾ عيسائن جي عقيدن کي درست ۽ صحيح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي انهن جي ٽن خدا چوڻ واري عقيدي تي نهايت ئي سختي سان اهڙي وٺ پڪڙ ڪيل آهي جنهن جو جواب انهن وٽ نه ان وقت هو نه هاڻي آهي.

عيسائين حضرت عيسيٰ عليه السلام کي الله تعاليٰ جو پٽ قرار ڏنو هو ۽ سيده مريم ؓ جهڙي نيڪ، صالح ۽ دينداربانهي کي ظالمن الله جل شانه جي زال سڏيو جيڪو سراسر رباني توحيد ۽ الله تعاليٰ جي شان پاڪ هجڻ جي خلاف هو قرآن پاڪ (جيڪو الله تعاليٰ جي هيڪڙائي جو مبلغ ۽ ان عقيدي ڏانهن سڏيندڙ آهي) انهن جي ان باطل عقيدي جي ترديد ڪندي ان کي ڪوڙو سڏيو آهي انهن جي باطل هجڻ کي کولي بيان ڪيو آهي. حضرت عيسيٰ جي ولادت وقت عجيب ڳالهين ۽ معجزن کي ظاهر ٿيڻ ان جي هٿان حيران ڪندڙ ڳالهين جي وجود ۾ اچڻ هي مليل معجزه جنهن جو مٿي ذڪر ڪري چڪا آهيون.

آيت 7 هن آيت ۾ انهن سچ ۽ حق کان ٿڙي ويلن جو بيان ڪيو ويو آهي جيڪي متشابهه جي تابعداري ڪندا ۽ انهن جي تاويل ڳوليندا آهن مگر علم ۽ عقيدي ۾ مضبوط ۽ راسخ رهندڙ حق تي ايمان آڻيندا ۽ محڪم ۽ متشابهه کي مڃيندا ۽ چوندا ته هي سڀ رب العالمين جل شانه جي طرفان آهن ۽ اسان جو انهن سڀني تي ايمان آهي.

آيت 12 ۽ 13: ڪافر جلد شڪست کائيندا.

آيت 14: انسانن لاءِ دنياوي خواهشون سينگاريون ويون آهن.

آيت 15 کان 17: سڀ کان پهرين شئي تقويٰ آهي.

آيت 18: شهد الله واري آيت جو شان نزول خدا وٽ دين رڳو اسلام آهي.

آيت 21 کان 22: جيڪي نصيحت ڪندڙن کي قتل ڪن ٿا تن کي سخت عذاب ٿيندو.

آيت 23 کان 24: يهودين جو خدائي فيصلي مڃڻ کان انڪار.

آيت 25: قيامت ۾ هر ڪنهن سان انصاف ڪيو ويندو.

آيت 26 کان 27: عزت ۽ ذلت خدا جي هٿ ۾ آهي.

آيت 29 کان 30: هر ڪنهن کي پنهنجي ڪيتي جو بدلو ملندو.

آيت 31: نبي جي اطاعت خدا جي محبت جي علامت آهي.

آيت 32: خدا ۽ رسول جو چيو مڃيو.

آيت 33 کان آيت 68: برگزيده خاندان هن ۾ عمران جي خاندان جو قصو بيان ٿيل آهي جنهن ۾ عمران جي زال، سندس ڌيءُ بي بي مريم، حضرت عيسيٰ عليه السلام، حضرت زڪريا عليه السلام ۽ زڪريا جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرزند حضرت يحيٰ عليہ السلام جو ذڪر تيل آهي جيڪو مٿي تفصيل سان ذڪر ڪري چڪا آهيون.

آيت 61: حضور ﷺ جن جو نصارن سان مباهلو.

تفسير الله تعاليٰ پنهنجي رسول ڪريم کي فرمايو تہ اي محمد ﷺ ايترن ۽ اهڙن دليلن کان پوءِ اجا بہ جيڪڏهن نصارا توسان تڪرار ڪن عيسيٰ بابت تہ تون انهن کي چئہ تہ اچو ڪنهن ميدان ۾ اسين ۽ اوهين ۽ اسان جا پٽ ۽ اوهان جا پٽ ۽ اسان جون ۽ اوهان جون عورتون سڀ گڏ ٿي مباهلو ڪريون يعني هڪ ٻئي کي پٽيون ۽ ڪوڙن تي لعنتون وجهون يعني خدا تعاليٰ کان دعا گهرون تہ جيڪو ڪوڙُ هجي تنهن تي لعنت ڪر ۽ ان تي عذاب موڪل ۽ پاڙهين خبر پوي تہ ڪنهن تي ٿو عذاب اچي.

تفسير خازن، ڪبير، روح العماني ۽ ٻين سڀني تفسيرن ۾ لکيل آهي تہ جڏهن اها آيت حضرت جن نصارن کي ٻڌائي ۽ چيائون تہ اچو مباهلو ڪريون نصارن بہ قبول ڪيو پوءِ امام حسين کي رسول ڪريم ﷺ جن هنج ۾ ڪنيو ۽ امام حسن جو هٿ ورتو ۽ بي بي فاطمة سندن پٺيان ٿي ۽ حضرت علي تنهنجي بہ پٺيان ٿيو رِضوانُ الله عليهم اجمعين ۽ پاڻ انهن کي فرمايائون تہ جڏهن آءُ دعا گهران تڏنهن اوهين آمين چئجو پوءِ جڏهن نصارن جي پوپ پادري سقف نالي حضور ﷺ جن ڏي ڏٺو تہ هو پنهنجي قوم کي چوڻ لڳو تہ قسم الله پاڪ جو آئون انهن پنجتن پاڪن جا اهڙا نوراني منهن ڏسان ٿو تہ جي هو هينئر توهان کي پٽيندا تہ ڪو هڪڙو بہ توهان مان زمين تي ڪونہ بچندو سڀ نصارا فنا ٿي ويندا تنهن ڪري هر گز انهن سان مباهلو نہ ڪريو انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ ڪري سڀني گڏجي حضور ﷺ جن کي چيو تہ اوهان سان اسين مباهلو نہ ڪنداسين تڏهن پاڻ فرمايائون تہ توهان مسلمان ٿيو انهن چيو تہ ائين بہ ڪين ٿي سگهندو نيٺ حضور ﷺ جن کي سال بسال خراج جي طور مال ڪري ڏنائون تہ هر سال ۾ ڏيندا رهنداسون جنهن تي صلح ٿيو ۽ پاڻ فرمايائون تہ نجران وارن نصارن تي خدا جو عذاب اچي گڏ ٿيو هو مباهلو ڪن ها تہ سڀ ننڍا توڙي وڏا مري وڃن ها. هڪڙو زنده نہ رهي ها پر جهرڪ ۽ جهرڪيون نجران جون بہ خدا جي عذاب ۾ فنا ٿي وڃن ها.

پروڙڻ گهرجي تہ ان آيت شريف ۾ انهيءَ واقعي سان حضرت رسول الله ﷺ جي نبوت جي سچائي جي تمام وڏي نشاني ۽ وڏو معجزو ثابت ٿيو ٻين چئن پاڪن جي پلائي ثابت ٿي بيشڪ حضرت علي، حضرت حسن، حضرت حسين ۽ خاتون جنت رضوان الله عليهم اجمعين جي پلائي ۽ فضيلت ۽ پاڪائي ۽ سچائي تہ ايتري آهي جنهن کي لکي پورو پئجي نٿو سگهجي.

آيت نمبر 65 کان 66: جنهن شئي جي خبر نہ آهي تہ ان باري ۾ چوٿا تڪرار ڪريو.

تفسير خازن لکيو آهي تہ ابن عباس رضي الله عنه فرمايو تہ رسول خدا ﷺ وٽ نجران جا نصارا ۽ پڙهيل يهودي اچي گڏ ٿيا پوءِ پاڻ ۾ جهڳڙو ڪيائون يهودين چيو تہ حضرت ابراهيم عليہ السلام يهودي هو ۽ نصارن چيو تہ حضرت ابراهيم عليہ السلام نصارو هو تڏهن الله تعاليٰ مٿيون آيتون نازل فرمايون تہ اي يهوديو ۽ اي نصارؤ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهين ابراهيم عليہ السلام جي بابت ڇو ٿا تڪرار ڪريو تورات جي نازل ٿيڻ کان بعد ۾ يهوديت وجود ۾ آئي آهي ۽ انجيل جي نازل ٿيڻ کان بعد ۾ نصرانيت ٿي آهي حضرت ابراهيم عليہ السلام تہ تورات توڙي انجيل نازل ٿيڻ کان اڳ هو.مطلب يهوديت ۽ نصرانيت حضرت ابراهيم عليہ السلام کان پوءِ ٿيون آهن.

تورات تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام تي حضرت ابراهيم عليہ السلام کان 575 ورهہ پوءِ نازل ٿيو آهي ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام حضرت موسيٰ عليہ السلام کان 1632 ورهہ پوءِ پيدا ٿيو هو پوءِ ڪيئن ابراهيم کي يهودي يا نصارو چئي سگهو ٿا اي يهوديو اي نصرانيو اوهين تڪرار ڪريو اهڙي ڳالهہ ۾ جنهن ۾ جنهن جي توهان کي خبر هجي پر جنهن جي توهان کي خبر ئي ڪانهي تنهن ۾ ڏڪا ڇو پيا هڻو ۽ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ۽ اوهين نٿا ڄاڻو.

آيت نمبر 67: حضرت ابراهيم عليہ السلام حنيف مسلمان هو.

آيت نمبر 68 اسلام ابراهيمي دين جي ئي قريب آهي.

آيت نمبر 75: ڪي اهل ڪتاب مان اهڙا بدديانت آهن جو وٽن هڪ روپيہ امانت رکجي تہ بہ ڪايو وجن.

آيت نمبر 76: الله تعاليٰ پرهيز گارن سان محبت رکي ٿو.

آيت نمبر 77 جو ترجمو: جيڪي (شخص) اڃ تعاليٰ جي عهد ۽ پنهنجي قسمن سان ٿورو ملهہ (يعني دنيا ۾) خريد ڪن ٿا تن کي آخرت ۾ ڪجهہ نصيب نہ آهي ۽ انهن سان الله تعاليٰ نہ ڳالهائيندو ۽ نڪي انهن سان قيامت جي ڏينهن انهن ڏي ڏسندو ۽ نہ انهن کي پاڪ ڪندو ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

آيت 78: يهودي الله تعاليٰ جي ڪلام کي ڦيرقار ڪري الله تعاليٰ تي ڪوڙ هڻن ٿا.

آيت 79 کان 80: پيغمبر ڪڏهن نہ چوندو تہ منهنجي عبادت ڪيو.

آيت 81 کان 82: فضائل محمد ڪريم ﷺ

آيتن جو ترجمو: ۽ (ياد ڪر) جڏهن الله (سيني) پيغمبرن کان انجام ورتو تہ جيڪي ڪتاب ۽ حڪمت اوهان کي ڏيان تنهن کان پوءِ هڪ پيغمبر جيڪو (علم) اوهان وٽ آهي تنهن جو سچو ڪندڙ اوهان وٽ اچي تہ کيس ضرور مڃجو ۽ کيس ضرور مدد ڏجو (الله) چيو تہ اوهين اقرار ڪري چڪؤ ۽ ان تي منهنجي (حڪم جي) بار کنيؤ. چيائون تہ اقرار ڪيوسون، (الله) چيو تہ اوهين شاهد هجو ۽ آءُ (بہ) اوهان سان گڏ شاهد آهيان پوءِ جيڪي هن پڄاڻا ڦرندا سي بي دين آهن.

مختصر تفسير: ياد ڪر اي محمد ڪريم ﷺ اهو وقت جڏهن الله تعاليٰ سيني نبين کان هي پول ورتو تہ جڏهن اوهان کي نبوت ۽ علم ۽ فهم ڏيان پوءِ توهان وٽ رسول پيلارو اچي جو اوهان جي ڪتاب کي سچو چوي تہ توهين ضرور ان تي ايمان آڻجو ۽ ان جي مدد ڪجو.خدا چيو تہ منهنجي ڳالهہ کي اوهين قبـــول ڪريو ٿا سيني نبين جواب ڏنو تہ هائو اسين ان ڳالهہ جو اقرار ڪريون ٿا تڏهن خدا تعاليٰ کين چيو تہ اوهين شاهد رهجو هڪ ٻئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ان ڳالھ بابت ۽ آءُ اوهان سان گڏ شاهد آهيان پوءِ جيڪو اوهان مان ان ڳالھ کان ڦرندو سو فاسقن (بدڪارن) مان ٿيندو.

آيت 83: اسلام خدائي دين آهي.

آيت 84: مسلمان سڀني نبين کي سچو مڃن ٿا.

آيت 85: خداوت اسلام کان سواءِ ٻيو دين قابل قبول نہ آهي.

آيت 91: ڪافر آخرت ۾ الله تعالىٰ جي عذاب کان بچڻ لاءِ ساري زمين سون سان ڀري ڏين تہ بہ عذاب کان نہ بچندا.

آيت 92 خدا جي راھ ۾ ڀلي مان ڀلي شئي خرچ ڪريو.

آيت 93 کان 95: بني اسرائيلن تي تورات کان اڳ سڀ طعام حلال هئا.

آيت 96 کان 97: زمين تي سڀ کان پهريون عبادت گاھ مڪہ شريف ۾ آهي جو ساري جهان لاءِ برڪت ۽ هدايت وارو آهي. ان ۾ شرف جون پڌريون نشانيون آهن انهن ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي ويهڻ جو هنڌ آهي ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي پير جو اثر بيهي رهيو آهي يعني پير جي نشاني اڄ تائين موجود آهي جيڪو ان ۾ داخل ٿيو سو امن وارو ٿيو. حج طاقت هوندي فرض آهي.

آيت 98 کان 99: اي اهل ڪتاب وارو الله تعالىٰ جي آيتن کي ڇو نہ ٿا مڃو.

آيت 102: الله تعالىٰ کان ڊڄو جيترو ان جو حق آهي.

آيت 103: خدا جي رسي کي مضبوط جهليو ۽ فرقا فرقا نہ ٿيو.

آيت 104: اوهان مان هڪ جماعت اهڙي هئڻ کپي جو چڱائي جو حڪم ڪري ۽ برائي کان روڪيندي رهي.

آيت 105: اي مسلمانو اوهين يهودين ۽ نصارن وانگر فرقہ (اختلاف) نہ ڪريو.

آيت 106: قيامت ۾ ڪن جا منهن اڇا ۽ ڪن جا ڪارا هوندا.

آيت 107 کان 109: نوراني منهن وارا الله تعالىٰ جي رحمت ۾ هوندا.

آيت 110: جي هڪ فقري ۾ بڌايل آهي بهترين امت. امت محمدي آهي جي نيڪي جو حڪم ڪندا ۽ برائين کان جهليندا.

آيت 113 کان 115: اهل ڪتاب سڀ هڪ جهڙا نہ آهن.

تفسير خازن ۽ محر المورج ۾ آهي تہ حضرت جن جي ظهور کان اڳ پڇاسي (85) پنجاسي شخص انجيل ۾ حضور جن جي تعريف ڏسي ايمان آندو هو جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

1. نصارا نجران جا 40 شخص

2. حبش جا 32 شخص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. روم جي 13 تير شخص (ڪل 85)

اهي نماز بہ پڙهندا هئا غسل جنابت جو بہ ڪندا هئا. جڏهن حضرت محمد ﷺ جن پيدا ٿيا تڏهن اهي سڀ مسلمان ٿي پيا مٿيون آيتون انهن جي شان ۾ نازل ٿيون. (آيت نمبر 13 کان آيت نمبر 14)

## جنگ احد جو ذڪر

هن آيت ۾ جنگ احد جو ذڪر ٿيل آهي.

آيت 121، 122، 128، 143، 144، 151، ڪان 155

آيت 165 ڪان، 168 ۽ 172 جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

آيت 121 ۽ 122 جنگ احد جو واقعو.

آيت 128: لَيْسَ لَكَ مِنَ الْاَمْرِ جو شان نزول مفسرن هن آيت سان نزول ۾ هي قول لکيا آهن.

1. هڪ تہ جڏهن احد جي جنگ ۾ حضور ﷺ جن جي پياري چاچي حضرت حمزه رضي الله عنه سميت ستر (70) اصحابي رضي الله عنهم شهيد ٿيا هئا تہ ظالمن ڪافرن، اصحابن جا نڪ، ڪن ۽ عضوا ڪٽيا هئا هنده جيڪا ان وقت ڪافرياڻي هئي تہ حضرت حمزه رضي الله عنه جو هنياءُ ڪيرائي چباڙي ڪاڍو هو. حبيب ڪريم ﷺ جن کي بہ ان جنگ ۾ ايتري گهڻي تڪليف پهتي جو سندن ڏند مبارڪن جو چوڳو ڪافرن ڀڳو ۽ سندن مٿي مبارڪ کي پهڻ هڻي زخمي ڪيائون پوءِ پاڻ رت ٿي هيئن ٿي فرمايائون تہ ڪيئن نجات لهندي اها قوم جنهن پنهنجي نبي ﷺ کي زخمي ڪيو ڏند مبارڪ ڀڳائون.

ٻيو قول هي آهي تہ چوٿين سال هجريءَ جي صفر مهيني ۾ مڪي پاڪ ۽ عسفان جي وچ ۾ هذيل جي علائقي مان بير معونہ نالي مقام کان ڪجهہ ماڻهن حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو تہ اسين مسلمان ٿيا آهيون اسان کي قرآن ڪريم جي پڙهائڻ لاءِ ڪجهہ ماڻهو ڏيو ان علائقي ۾ رعل، ذڪوان، بني ليحان، عصيه، قبيلا بہ رهندا هئا حضور ﷺ جن انهن جي پڙهائڻ لاءِ قرآن پاڪ جا ستر (70) قاري تيار ڪري حضرت منذر بن عمرو رضي الله عنه کي انهن جو امير بنائي روانو فرمايو اهي جڏهن بير معونہ وٽ پهتا تہ مذڪوره قبيلن جي ماڻهن وعدي برخلافي ڪري سيني قارين کي شهيد ڪري ڇڏيو صرف ڪعب بن زيد آخري پساهن ۾ هو جنهن بعد ۾ حضور ﷺ جن کي ان واقعي جو اطلاع ڏنو ۽ حضور جن کي ڏاڍو ڏک پهتو ۽ پاڻ انهن قاتل قبيلي وارن لاءِ جن 70 قرآن جي قارين کي شهيد ڪيو انهن لاءِ بد دعا جو ارادو ٿي ڪيائون تہ اها آيت نازل ٿي (حوالہ نعيمي صہ 181 جي بيضاوي ڪامل صہ 89) (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 2، صفہ 252).

آيت نمبر 130: هن ۾ وياج جي حرام هجڻ جو بيان آهي تاڪيد ڪيو ويو آهي تہ ماڻهو وياج کان پري رهن.

## اصحابن جو شوق شهادت

آيت 143: ۽ بيشڪ اوهان سڌ ڪئي ٿي مرڻ جي اڳي هن کان تہ ان کي گڏجو. يعني اوهان آرزو ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي شـهادت جي جهاد ٿئي تہ ان ۾ شـهيد ٿيون پوءِ تحقـيق ان ڪي ڏنو ۽ اوهان نهاريندا رهيوءِ يعني جنگ ۾ جهاد احد جو جنهن ڪي توهان گهريو ٿي سو اکين سان ڏٺو ۽ ان ۾ اوهان پـنهنجي ياڻرن ڪي ڪسـندي ڏٺو تفسير ابـي السـعود لکيو آهي تہ ان آيت ۾ رجز (يعني اهو شـعر جيڪو عرب لڙائيءَ ۾ بهادري تي فخر ڪرڻ لاءِ چوندا هئا) آهي انهن شخصن لاءِ جن جنگ ۾ شهادت ڪي گهريو.پر پوءِ جڏهن اصحابـن ڪي شـهيد ٿيندي ڏٺائون پر ان وقت سندن پير مضبوط نہ رهيا.

آيت 144: جنگ احد ۾ آنحضرت ﷺ کي تڪليفون.

آيت 151: جنگ احد ۾ ڪافرن جي دلين تي اسلام جو رعب.

آيت 152 کان 153: جنگ احد ۾ مسلمانن جي غلطيءَ تي تنبيهہ

آيت 153: جي هڪ فقري ۾ جنگ احد ۾ مسلمانن جي آزمائش جو ذڪر آهي.

آيت 154: جنگ احد ۾ مسلمانن ڪي غم کان پوءِ آرام هن آيت جو هڪ فقرو آهي تہ جنگ احد ۾ منافقن کي خوف جو ذڪر.

آيت 155: جنگ احد ۾ مسلمانن ڪي غلطي تي معافي

آيت 165 کان 168: جنگ احد ۾ جيڪا مصيبت پهتي آهي اها اوهان جي نفس وٽان آهي.

منافق احد ۾ ڪفر کي ايمان کان ويجها هئا.

آيت 172: جنگ احد ۾ شريڪ اصحابـن جي تعريف

## جنگ بدر جو ذڪر

آيت 123 کان 127 جنگ بدر جو ذڪر

آيت 173 بدر صغريٰ جو واقعو

الله ۽ رسول جي اطاعت ۾ رحمت آهي

آيت 163: خيانت ڪندڙ جي جاءِ جهنم آهي.

آيت 159: حضور ﷺ جن امت تي مهربان آهن.

آيت 164: مؤمنن تي خدا جو احسان آهي.

آيت 169 کان 171: شهداءِ زنده آهن.شهيدن کي مئل نہ چئو

آيت 186 اوهان جي آزمائش ضرور ٿيندي.

آيت 187 دنيا جي لالچ تي حق نہ لڪايو: يهودين جي علمائن کان الله تعاليٰ انهن جي نبين جي معرفت هي پـول ورتو هو تہ جڏهن محمد ڪريم ﷺ انهن صفتن سـان پـيدا ٿـئي جيڪي تورات ۾ لکيل آهي تڏهن ان تي ايمان آڻجو ۽ ٻين ماڻهن کي بـہ تورات جا حـڪم ٻڌائجو ۽ حسـد کان اهي حـڪم نہ لڪائجو پوءِ يهودين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علمائن جڏهن حضرت کي سچاتو ۽ سمجهيو تہ برابر آخر زمان جو نبي آهي تڏهن خدا جو انجام نہ پاڙيائون بلڪ دنيا جي لالچ جي ڪري حق لڪائي ڇڏيائون چڱي شئي جي عيوض کهڙي نہ بڇڙي شئي ورتائون.

آيت 188 کان 189: ريا (ڏيکاءُ) جو عَمل ڪندڙ لاءِ عذاب

## دنيا جو عيش عشرت فاني آهي

آيت 199: اهل ڪتاب مان ڪي مؤمن آهن.

1. ڪي يهودي ۽ نصارا ۽ سندس رسول ﷺ ۽ تورات ۽ انجيل ۽ قرآن مجيد تي ايمان آڻين ٿا.

2. الله جو خوف رکندڙ آهن.

3. دنيا جي حاصل ڪرڻ لاءِ تورات ۽ انجيل ۽ محمد ﷺ جي صفت آهي اها نٿا لڪائن.

جهاد لاءِ هر وقت تيار رهو

حضرت امام جعفر صادق رحمۃ اللہ علیہ کان روايت آهي تہ جنهن کي ڪا مشڪل هجي اهو دعا ۾ (5) پنج ڀيرا "ربنا" جو لفظ چوي تہ الله تعاليٰ ان کي مشڪل کان ڇوٽڪارو عطا ڪندو ۽ حضرت امام حسن بصريءَ الرحمة الله عليہ فرمايو تہ هنن آيتن يعني آيت نمبر 191 کان 194 ۾ دعا جي لفظن ۾ ربنا جو لفظ (5) پنج ڀيرا آيو آهي تنهن ڪري جيڪو شخص چاهي تہ منهنجي دعا مقبول ٿئي اهو پنهنجي دعا ۾ "ربنا" جو لفظ (5) پنج ڀيرا چوي (حوالہ الڪشاف صہ 490 جلد 1)

ربنا لفظن جو تفصيل

آيت نمبر 91 ربنا .................... 1

آيت نمبر 92 ربنا .................. 1

آيت نمبر 93 ربنا ..... ربنا........ 2

آيت نمبر 94 ربنا .................... 1

ٽوٽل 5





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا الله الرحمن الرحيم

## 4. سورت النساءِ (مدينہ) آيت 176

النسـاءِ لفظ هن سـورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي هن سـورت جو نالو النسـاءِ آهي جنهن جي لفظي معنيٰ آهي عورت انهيءَ نالي رکڻ جو سبب هي آهي جو هن سورة ۾ عورتن جي متعلق مسئلا جهڙوڪ نڪاح وارث بڻجڻ ۽ ورثي ۾ سندن حصن وغيره جا احڪام گهڻا ذڪر ڪيل آهن
(حوالہ حقاني صہ 163 المنار صہ 322 جلد 4)

احسن البيان في تفسير القرآن جلد 2 صہ 393 تان ورتل آهي هن تفسير واري لکيو آهي تہ هي سورت غالباً اٺن (8) مضمونن تي مشتمل آهي جن جا عنوان هيٺ ڏنل آهن.

1. ڪليل ۽ لڪل هر حال ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄڻ
2. مخاطبن کي ذهن نشين ڪرڻ سيئي هڪ وجود مان آهن.
3. قرابت، مٽي ۽ مائٽي جا احڪام
4. محرومات جن سان نڪاح ڪرڻ ناجائز آهي، نڪاح، مهر، ورثي جا احڪام
5. جهاد جا احڪام
6. اهل ڪتاب سان علمي ۽ تحقيقي گفتگو.
7. منافقن جي حالتن جون خبرون
8. آخري ايتن ۾ يهودين ۽ نصارن کي سمجهاڻيون (حوالہ المعراغي صہ 175 جلد 2 جزہ 3)

هن سورت ۾ گهرو زندگيءَ ڏانهن زياده متوجہ ڪيو ويو آهي ڇو تہ انسان جو گهرئي ان جو بنياد آهي گهر ۾ ئي ايندڙ وقت کي اڏڻ وارا پاليا وڃن ٿا. گهر اهو مدرسو آهي جتي سٺا يا برا اخلاق ۽ ڪردار ٻچن جي دل تي اثر انداز ٿيندا آهن ڪڏهن ڪڏهن گهر ۾ يتيم ٻار بہ هوندا آهن جن جي ملڪيت کي سنڀاليندڙ بهانا ٺاهي هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن هن سورت ۾ انهن جي حقوق جو هر لحاظ سان خيال رکڻ بہ سمجهايو ويو آهي ڪيترن ملڪن ۾ عورتن کي ظلم جو نشان بڻائي سندن ملڪيت جا حق غصب ڪيا ويندا هئا.

هن سورت ۾ انهن عورتن حقوق، والدين، اولاد ٻائرن ۽ مڙس جي ملڪيت ۽ وارث هجڻ جو بہ اعلان ڪيو ويو آهي نڪاح ڪرڻ کان پوءِ زال ۽ مڙس جا هڪ ٻئي تي حقوق عائد ٿين ٿا انهن ۾ واقع ٿيندڙ غلطين جي اصلاح ڪئي وئي آهي جيڪڏهن ڪو مڙس گهر ۾ هڪ کان وڌيڪ زالون رکڻ گهري تہ انهن ۾ عدل ۽ انصاف قائم رکڻ جهڙا اهم شرط بيان ڪيا ويا آهن مڙس کي زال سان سهڻو سلوڪ رکڻ ان جي برداشت ڪرڻ غلطين تي صبر ڪرڻ جو بہ ارشاد ٿيل آهي، عورت کي انهن سيني حقن عطا ڪرڻ سان گڏ گهر سنڀالڻ ۽ اڳواڻي ڪرڻ جا حق مڙس جي حوالي ڪيا ويا آهن اها ئي حقيقت جي نگهباني ۽ هر ڳالهہ ۾ درميانہ روي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرآن ڪريم جي ڪلام هجڻ جو دليل آهي جنهن ۾ نہ افراط آهي تہ تفريط مالي حقوق ۽ صحيح ۽ انصاف واري تقسيم جو هن سورت ۾ تفصيلي بيان آهي.

هن سورت ۾ مسلمانن کي پنهنجي حقن حاصل ڪرڻ ۽ ظالمن کي دفع ڪرڻ لاءِ جهاد جي موڪل ڏيندي سندس حوصلہ افزائي ڪندي منافقن جي مختلف ٽولن مان هر هڪ ٽولي سان ان جي حال موافق رويي اختيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. انفرادي طرح ڪردار جي تعمير ڏانهن توجهہ ڏياريندي انهن ٻي عمل قومن جي پويان لڳڻ کان روڪيو ويو آهي. جيڪي حق جي بلنديءَ لاءِ ڪنهن قسم جي جاني ۽ مالي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار نہ هوندي صرف پاڻ کي ئي الله تعالىٰ جي انعامن جو حقدار سمجهن ٿيون. مصطفوي امت (علىٰ نبيها الصلواة والسلام) کي سمجهائيندي صاف صاف ٻڌايو ويو آهي تہ هن دينوي حياتيءَ ۾ بہ ڪاميابي ان جي ٿيندي جيڪو سهٽي ۽ مسلسل عمل سان پنهنجي برتري ثابت ڪندو خيالي پلائن پچائڻ ۽ هوا تي قلعن اڏڻ سان ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو اهو بہ روشن ڪيو ويو آهي تہ هڪ ٻئي سان تعلقات جو دارو مدار احسان ۽ مهربانيءَ تي آهي جيڪو جيترو وڌيڪ مائٽ ۽ قريب هجي ان سان اوتري مهرباني ۽ احسان ڪرڻ گهرجي ۽ هڪ آيت ۾ الله تعالىٰ پنهنجي پاڪ ذات جو قسم کڻندي ٻڌايو تہ رسول الله ﷺ جن جي اطاعت ۽ سندن حاڪميت کي تسليم نہ ڪرڻ وارو مؤمن ٿي نہ ٿو سگهي.

جاهليت جي دور ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو مري ويندو هو تہ ان جو ورثو نہ ورهائيندا هئا ۽ ان جي زال کي ٻي شادي ڪرڻ کان بہ روڪيندا هئا پر اسلام هن سورت جي لهڻ ڪري اهي سڀ رڪاوٽون ختم ڪري ڇڏيون.

هن سورت ۾ آهي تہ يهودين ۾ جيڪي علم ۾ پختا آهن سي هن قرآن کي مڃن ٿا.

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ هي سورت ڪيترن جدا جدا مضمونن تي مشتمل آهي هن سورت ۾ لاتعداد احڪام ۽ اشارا موجود آهن جن مان ڪجهہ اسان منڍ يعني شروعات ۾ ذڪر ڪيو آهي وڌيڪ ذڪر هتان کان شروع ڪري رهيا آهيون.

هن سورت ۾ وراثت جي تقسيم ۽ يتيمن جي حقن متعلق هدايتون نازل ٿيل آهن.

هن سورت ۾ صلواة خوف (عين جنگ جي حالت ۾ نماز پڙهڻ) جو ذڪر ۽ ان نماز جي ترتيب (رڪوع 15) ۾ بيان ٿيل آهي.

هن سورت ۾ يهودين کي آخري تنبيهہ ڪئي وئي آهي تہ "ايمان آڻيو ان کان اڳ جو اوهان جي منهن کي بگاڙي پوئتي ڦيري ڇڏيون".

هن ۾ تيمم جو ذڪر (رڪوع 7) ۾ مٿي ٿيل آهي.

هن ۾ تفصيل سان ٻڌايو آهي تہ پنهنجي اجتماعي زندگي کي اسلام جي طريقي تي ڪيئن درست ڪن.

اهل ڪتاب جي اخلاقي ۽ مذهبي رويي تي تبصرو ڪري مسلمانن کي تنبيهہ ڪئي وئي تہ هو انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳين اُمتن جي پويان هلڻ کان پرهيز ڪن.

هن سورت ۾ منافقن جي رويي تي تنقيد ڪري سچي ايمانداريءَ جي تقاضائن کي واضح ڪيو ويو آهي ۽ ايمان ۽ نفاق جي امتيازي وصفن کي پوري طرح نکيڙي نروار ڪيو آهي. دشمن قوتن سان جيڪا ڪشمڪش جاري هئي تنهن جنگ احد کان پوءِ وڏيڪ نازڪ صورت اختيار ڪئي هئي انهن حالتن ۾ هڪ طرف

تعاليٰ پر جوش خطبن جي ذريعي مسلمانن کي مقابلي لاءِ اڀاريو ويو ٻئي طرف جنگي حالتن ۾ ڪم ڪرڻ متعلق ڪين ضروري هدايتون ڏنيون مسلمانن کي بار بار ننڍين ۽ وڏين لڙائن (جنگين) ۾ وڃڻو پوندو هو ۽ گهڻو ڪري اهڙن رستن کان وڃڻو پوندو هو جتي پاڻي ملي نہ سگهندو هو تنهن ڪري مسلمانن کي اجازت ڏني ويئي تہ جيڪڏهن پاڻي نہ ملي تہ غسل ۽ وضو ٻنهي بدران تيمم ڪيو وڃي جتي سخت خطرو هجي اتي ”صلواة خوف ادا ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو ويو عرب جي مختلف علائقن ۾ جيڪي مسلمان ڪافر قبيلن جي وچ ۾ پکڙيل هئا انهن لاءِ تفصيلي هدايتون ڏنيون ويون يهودين جي سخت دشمني سازشي هلت ۽ وعدي خلافين تي سخت پڪڙ ڪئي ويئي ۽ صاف لفظن ۾ ڪين آخري تنبيهہ ڪئي ويئي منافقن ۾ مختلف ٽولا مختلف طرز عمل رکندا هئا انهن سڀني کي جدا جدا طبقن ۾ ورهائي هر طبقي جي منافقن لاءِ ٻڌايو ويو تہ ان سان هي برتاءُ هئڻ گهرجي.

جن غير جانبدار قبيلن سان معاهدا هئا انهن سان مسلمانن جو رويو ڪهڙو هئڻ گهرجي ان کي واضح ڪيو ويو. سڀ کان وڌيڪ اهم شئي هئي تہ مسلمانن جو پنهنجو ڪردار بي داغ هئڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ هن ڪشمڪش ۾ مٺ جيترا مسلمان جيڪڏهن ڪامياب ٿي سگهيا پئي تہ پنهنجي عمدي اخلاق جي زور تي انهيءَ ڪري مسلمانن کي بلند ترين اخلاق جي تعليم ڏني ويئي ۽ جيڪي ڪمزوريون هن جماعت ۾ ظاهر ٿيون ان تي سندن سخت گرفت ڪئي وئي اسلام جي اصلاح واري دعوت کانسواءِ يهودين، عيسائين، مشرڪن ٽنهي گروهن کي غلط مذهبي تصورات ۽ غلط اخلاق ۽ عمل تي هن سورت ۾ تنقيد ڪري ڪين سچي دين ڏي سڏيو ويو.

هن سورت جو جامع تعارف مٿي لکيو آهي

هتي ڪجهہ مضمونن جا عنوان آيتن جي حوالي سان پيش ڪجن ٿا انهن ۾ الله تعاليٰ پنهنجا قانون، قاعده، حڪم ۽ هدايتون مسلمانن جي اصلاح لاءِ نازل ڪيا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

آيت نمبر 1: وَالْاَرْحَامَ ۽ ڏجو مائٽي ڇنڻ کان.

آيت 2: هن سورت ۾ يتيمن جو مال کائڻ وڏو گناهہ آهي.

آيت 5 کان 6 هن ۾ يتيم جي پرورش جو طريقو ٻڌايل آهي.

آيت 9: يتيمن جو خاص خيال رکو.

آيت 10: يتيمن جو مال کائڻ اهڙو آهي جهڙو باهہ کائڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 3: شادين ڪرڻ جو تعداد

۽ جيڪڏهن ڊڄو ٿا ته انصاف نه ڪري سگهبو جن يتيم ڇوڪرين سان نڪاح ڪيو آهي جي ڊڄو ٿا ته انهن جا حق رکي نه سگهبا ته تڏهن پرڻجو ٻيو عورتون جيڪي توهان کي وڻن ٻه ٻه، ٽي ٽي، چار چار.

پوءِ جي ڊڄ هن کان ته انصاف نه ڪري سگهندؤ ته پوءِ پرڻجو هڪڙي يعني جي سمجهو ٿا ته هڪ کان وڌيڪ ٻين جا حق ادا ڪري نه سگهندا سون ته پوءِ اصلي هڪڙي عورت سان شادي ڪريو.

يا ٻانهيون جن جا مالڪ آهن اوهان جا هٿ يعني ٻانهيون جيڪي توهان جي ملڪيت ۾ آهن تن ســـــان شادي ڪريو.

هي تمام ويجهو آهن ان کي ته اوهين جوکو (ايذاء) نه ڏيو.

آيت 4: زالن جي ڪابينڻ پورا ڏيو.

ترڪي يا ورثي ۾ مڙسن ۽ عورتن جو ٻه حق آهي.

آيت 7: مڙس جي لاءِ ڀاڱو آهي ان مان جيڪي ماءُ پيءُ ۽ قرابت وارن ڇڏيو. يعني جيڪڏهن ماءُ پيءُ ۽ قرابت وارا مري وڃن وارث ڪو مذڪر اولاد حصو ڇڏين ته ان کي ان جي مال مان حصو ملندو.

۽ زالن جي لاءِ ٻه ڀاڱو آهي ان مان جيڪي مال ڇڏيو ماءُ، پيءُ ۽ قرابت وارن ته انهن کي ٻه ورثو ملندو ان مان جو ٿورو هجي يا گهڻو مقرر ڪيل ڀاڱو ملندو وراثت وقت چڱو ڳالهايو.

آيت 8: ۽ جڏهن حاضر ٿين ورهاڱ وقت قرابت وار، يتيم ۽ مسڪين ته ڏيو انهن کي ان مان ۽ ڳالهايو انهن سان چڱو.

## ورثي ۽ ترڪي جي ورهاست جي طريقي جو بيان

آيت 11. يُوْصِيْكُمُ اللّٰهُ فِيْٓ اَوْلَادِكُمْ لِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْاُنْثَيَيْنِ حڪم ڪري ٿو الله تعاليٰ اوهان کي اوهان جي اولاد جي حق ۾، ته مرد جي لاءِ آهي ٻن عورتن جي ڀاڱي جيترو يعني پٽ کي ٻه حصا ۽ ڌيءُ کي هڪ حصو ملندو.

فَاِنْ كُنَّ نِسَآءً فَوْقَ اثْنَتَيْنِ پوءِ جي آهي سڀئي اولاد ڌيئرون ٻن کان وڌيڪ ته انهن لاءِ ٻه ٽهايون آهن.

فَلَهُنَّ ثُلُثَا مَا تَرَكَ ان مال جو جي ڇڏيائين، يعني ميت جو اولاد رڳيون ڌيئرون آهن ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ته سڀ مال مان انهن کي ٻه ٽيون ملنديون، باقي حصو رهيل ٻين وارثن کي ملندو.

وَاِنْ كَانَتْ وَاحِدَةً فَلَهَا النِّصْفُ جيڪڏهن آهي هڪڙي ڌيءُ ته ان لاءِ آهي اڌ ترڪو.

**فائدو: هن آيت مان ٽي مسئلا پڌرا ٿيا آهن.**

مسئلہ 1: هي آهي ته ميت جي اولاد ۾ جيڪڏهن پٽ ۽ ڌيئر ٻئي آهن ته پٽ کي ٻه حصا ۽ ڌيءُ کي هڪ حصو ملندو مثلاً ٻه ڌيئرون ۽ هڪ پٽ هوندو ته اڌ مال جو ملندو پٽ کي باقي اڌو اڌ ٻن ڌيئن کي ملندو جي هڪ ڌيءُ ۽ هڪ پٽ آهن ٻه حصا پٽ جا ۽ هڪ حصو ڌيءُ کي ملندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مســئلہ 2: جيڪڏهن رڳو ڌيئر آهن ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ تہ انهن کي ڪل مان ٻہ حــصا ملندا جي پاڻ ۾ برابر ورهائي هڪ جيترو کڻنديون.

مسئلو 3: جي ميت جي اولاد مان رڳي هڪ ڌيءُ هوندو تہ ان کي اڌ ملندو.

وَلِاَبَوَيۡهِ لِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنۡهُمَا السُّدُسُ مِمَّا تَرَكَ اِنۡ كَانَ لَهٗ وَلَدٌ ۚ ۽ ميت جي ماءُ پيءُ ٻنهين مان هر هڪ جي لاءِ ڇهين پتي ان مان جيڪي ڇڏيو اٿس جيڪڏهن اولاد آهيس.

مســئلہ 4. هن طرح مثلاً هڪ شــخص داؤد وفات ڪئي پٺيان پيءُ ماءُ ڇڏيائين ۽ هڪ پٽ ۽ ٻہ ڌيئر تہ ڪل مال جا 6 ڇهہ حصا ڪبا هڪ پيءُ جو ٻيو حصو ماءُ جو باقي (4) چار حصا تنهن مان ٻہ حصا پٽ جا ٻہ حصا ڌيئن جا انهيءَ ريت مال ورهابو.

فَاِنۡ لَّمۡ يَكُنۡ لَّهٗ وَلَدٌ وَّوَرِثَهٗۤ اَبَوٰهُ فَلِاُمِّهِ الثُّلُثُ ۚ پوءِ جيڪڏهن نہ آهيس اولاد ۽ وارث ٿيا اٿس ماءُ پيءُ سندس ماءُ لاءِ آهي ٽين پتي.

مســئلہ 5. هن ريت آهي تہ مثلاً ڪنهن وفات ڪئي ۽ ٻيو وارث نہ ڇڏيائين فقــط پيءُ ماءُ ڇڏيائين تہ ڪل مال جا ٽي (3) حصا ڪبا هڪ ماءُ جو ٻہ حصا پيءُ جا. اتي بہ لِلذَّكَرِ مِثۡلُ حَظِّ الۡاُنۡثَيَيۡنِ ۚ وارو قــائدو رهندو يعني مذڪر کي مؤنث کان ٻيڻو ملندو. فَاِنۡ كَانَ لَهٗۤ اِخۡوَةٌ فَلِاُمِّهِ السُّدُسُ پوءِ جيڪڏهن اٿس ڀاءُ تہ ماءُ ســــــندس لاءِ ڇهين (6) پتي ملندي.

مسئلہ 6: هن دستور مثلاً داؤد وفات ڪئي ماءُ پيءُ ٻہ ڀائر يا زياده سڳا توڙي ويڳا (نڳا) يا ڀينر ٻہ يا زياده يا ڀاءُ ۽ ڀينر ڇڏيائين تہ ان صورت ۾ ماءُ کي مال جو ڇهون حصو ملندو باقي سڀ مال پيءُ کي ملندو ڀائرن ڀينرن کي ڪين ملندو مگر انهن جي سببان ماءُ جو ڇهون حصو گهٽ ٿيو چو تہ جي ڀائر يا ڀينر نہ هجن ها تہ ماءُ کي ٽيون حصو ملي ها باقي پنج حصا سڀ پيءُ کي ملندا.

تفســـير خازن لکيو آهي تہ ان ۾ اها حـــڪمت آهي جو اهي ميت جا ڀائر ڀينر جي ننڍا صغير يا محتاج لاچار هوندا يا لاچار ٿي پوندا تہ انهن جي سنڀال کاڌي خوراڪ پرورش پوشاڪ وغيره جي خدمت جهڙي پيءُ ڪندو ماءُ نہ ڪري سگهندي تنهنڪري الله تعاليٰ پيءُ کي وڌيڪ حصو ٿو ڏياري مِنۡۢ بَعۡدِ وَصِيَّةٍ يُّوۡصِىۡ بِهَاۤ اَوۡ دَيۡنٍ ؕ هي ورانگو آهي وصيت ۽ قرض جي ادا ڪرڻ بعد جنهن بابت وصيت ڪيائين يا قرض جي ادا ڪرڻ کان پوءِ

مسئلہ 7: ميراث جو مطلب هي آهي تہ پهريائين ميت جي مرڻ کان پوءِ ان جي پئسن مان ان جي غســل، ڪفن، دفن تي خرچ ڪبو تنهن کان پوءِ ان جي وصيت ادا ڪبي جا هن پنهنجي حياتي ۾ ڪئي هوندي ۽ جيڪو هن تي قرض هوندو سو بہ ادا ڪبو تنهن کان پوءِ ان باقي بچيل مال مان وارثن جا حصا ڪبا.

اٰبَآؤُكُمۡ وَاَبۡنَآؤُكُمۡ لَا تَدۡرُوۡنَ اَيُّهُمۡ اَقۡرَبُ لَـكُمۡ نَفۡعًا ؕ اوهان جا پيءُ ۽ اوهان جا پٽ تن مان اوهان نٿا ڄاڻو تہ ڪهڙو وڌيڪ ويجهو آهي اوهان کي نفع پهچائڻ ۾ يعني اهي ورثي جا حصا الله تعاليٰ پنهنجي حڪمت سان مقرر ڪيا آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي توهان جي اختيار ۾ ڇڏي ها تہ توهين جيڪو پنهنجي مطلب تي حصا ڪريو ها توهين اڃ جنهن کي سمجهو ٿا فائده مند ۽ نفعي وارو ســـو سياڻي ڦري ٿئي ها توهان جو دشمن مطلب تہ توهان کي پنهنجي اولاد توڙي مائٽ جي ايتري بـــــ خبر ڪانهي تہ دنيا يا آخرت ۾ ڪهڙو انهن مان وڌيڪ توهان جي لاءِ فائده مند آهي الله تعاليٰ کي سڀ خبر آهي تنهن ڪري ان پنهنجي حڪمت سان ورثا مقرر ڪيا آهن.

فَرِيْضَةً مِّنَ اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِــيْمًا حَكِـيْمًا حصا ٺهرايل آهن لد تعاليٰ جي طرفان بيشـڪ ا تعاليٰ ڄاڻيندڙ حڪمت وارو آهي يعني اهي حصا الله تعاليٰ جو داناءُ ۽ حڪمت وارو آهي تنهن پنهنجي اندازي حڪمت سان ٺهرايا آهن اوهين انهن کي دل وجان سان قبول ڪريو.

آيت 12. وَلَكُمْ نِصْفُ مَا تَرَكَ اَزْوَاجُكُمْ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهُنَّ وَلَدٌ ۚ فَاِنْ كَانَ لَهُنَّ وَلَدٌ فَلَكُمُ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكْنَ مِنْۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُّوْصِيْنَ بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ۭ

۽ اوهان جي واســـــــطي اڌ آهي ان مان جيڪي ڇڏيو اهان جي زالن. جيڪڏهن نہ هوندو انهن کي ڪو اولاد پوءِ جيڪڏهن انهن کي اولا د آهي پوءِ اوهان جي لاءِ چوٿين پتي آهي. ان مـان جيڪـي انهـن ڇڏيـو وصيت جي ادا ڪان پوءِ جنهن بابت وصيت ڪئي هجي يا قرض جي ادا ڪان پوءِ.

مسئلہ 8: جڏهن ڪا بہ عورت سواءِ اولادجي يعني بـنا اولاد مري تہ ان جي مال مان مرد کي اڌ ڏبـو پر جي ان عورت کي اولاد هوندو مذڪر خواه مؤنث تہ تڏهن مرد کي چوٿـون حـصو ملندو پر وصيت ۽ قـرض کي پـهريان ادا ڪبو.

وَلَهُنَّ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكْتُمْ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّكُمْ وَلَدٌ ۚ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ وَلَدٌ فَلَهُنَّ الثُّمُنُ مِمَّا تَرَكْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ تُوْصُوْنَ بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ۭ

مســئلہ 9: جي مرد مري وڃي ۽ پـٺيان ڪوبــ اولاد نہ ڇڏي يعني ســواءِ اولاد هجي تہ ســندس مال مان چوٿـون حـصو زال کي ملندو پر جي مرد کي اولاد هوندو تہ عورت کي اٺـون حـصو ملندو مال مان. جيڪڏهن عورتون گهڻيون هونديون تہ بہ انهن کي چوٿين يا اٺين حصي مان ورائي ڏبو پر قرض ۽ وصيت کي پهريان ادا ڪبو.

وَاِنْ كَانَ رَجُلٌ يُّوْرَثُ كَلٰلَةً اَوِ امْرَاَةٌ وَّلَهٗٓ اَخٌ اَوْ اُخْتٌ فَلِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا السُّدُسُ ۚ

جيڪڏهن اهو مڙس يا عورت (جنهن جو ترڪو تقســير ڪجي ٿو) ڪلالہ ۽ اٿس ڪو ڀاءُ يا ڀيڻ مائيتا تہ پوءِ انهن ڀنهين مان هر هڪ لاءِ ڇهون حصو آهي پروڙڻ گهرجي تہ ڪلالہ جي تفسير ۾ مفسـرن جا ڏاڍا اختلاف آهن اڪثر مفسـرن جو هي فيصلو آهي تہ ڪلالہ چئجي ان ميت کي جنهن مرڻ کان پوءِ نہ ڪو ڇڏيو هجي ماءُ ۽ پيءُ ۽ نہ ڪو ڇڏيو هجي اولاد مذڪر خواه مؤنث ســو اهڙو ماڻهو جي مري وڃي ۽ پـٺيان ڀيو وارث ســواءِ مائتي ڀاءُ يا مائتي ڀيڻ جي ڪوبہ نہ ڇڏي تہ انهن مان هر هڪ کي ڇهون حصو ملندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فَإِنْ كَانُوٓا۟ أَكْثَرَ مِن ذَٰلِكَ فَهُمْ شُرَكَآءُ فِى ٱلثُّلُثِ

پوءِ جي اهي آهن گهڻا ان کان تہ پوءِ اهي سيئي شريڪ آهن ٽين حصي ۾.

مســــئلہ 10: ترڪي جو مطلب ان جو پاءُ آهي تہ جيڪڏهن ڪو ڪلالہ مري وڃي جنهن جي پٺيان نہ ڪو هجي پيءُ نہ ماءُ نہ ڪو هجي اولاد فقـط مائيتو هڪ پاءُ جڏي يا مائيتي هڪ ڀيڻ جڏي تہ هڪڙي پاءُ ڪي بــ ڇهون حــصو ان جي مال مان ملندو ۽ ڀيڻ ڪي بــ ڇهون حــصو ملندو پر جي هڪ کان گهڻا پاءُ ڀينر هوندا بہ يا ٽي يا وڌ هوندا سڀ پائر يا ڪي ڀينر هونديون تہ تڏهن سيئي ان ميت جي ٽين حصي مان ورهائي برابر پتيون ڪٽندا ان ۾ لِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْأُنثَيَيْنِ جي ريت ڪانہ رهندي (يعني مذڪر کي مؤنث کان ٻيڻو نہ ملندو) ڇو تہ انهن جو ورثو ماءُ جي سببان آهي.

مِنۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُوصَىٰ بِهَآ أَوْ دَيْنٍ غَيْرَ مُضَآرٍّ

وصيت کان پوءِ جا ڪئي وئي هجي يا قرض کان پوءِ بشرطيڪہ وصيت ڪندڙ ضرر يعني نقصان پهچائيندڙ نہ هجي. جيئن تہ ٿوري مال ۾ گهڻن وارثن محتاجن هوندي بـــ خواه مخواه وصيت ڪري يا ٽين پتي کان وڌيڪ وصيت ڪري اهو آهي ضرر يعني نقصان پهچائڻ اهڙي قسم جي وصيت ڪرڻ گناهہ آهي.

وَصِيَّةً مِّنَ ٱللَّهِ ۗ وَٱللَّهُ عَلِيمٌ حَلِيمٌ ﴿١٢﴾ هي حــڪم آهي الله تعاليٰ جي طرفان ۽ الله تعاليٰ ڄاڻيندڙ ۽ بردبــار آهي، الله تعاليٰ پنهنجا حڪم اوهان تي فرض ڪيا آهن. توهين ان تي عمل ڪريو.

وصيت جا مسئلا: مسئلہ (1) ٽين حصي کان وڌيڪ وصيت ڪرڻ جائز نہ آهي جيڪڏهن ڪوئي ڪندو تہ بہ ٽين حصي کان وڌيڪ ادا نہ ڪبي، ٽين حصي جي اندر ادا ڪبي پوءِ پوري ٿئي يا نہ باقي بہ حصا وارثن ۾ ورهبا.

مسئلہ (2) وارثن جي لاءِ وصيت باطل آهي، وارثن کي اهو حصو ملندو جيڪو الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ انهن جو حصو مقرر ڪيو آهي وصيت مان انهن کي نہ ملندو.

مسئلہ (3) جيڪڏهن ڪو ماڻهو بيماريءَ ۾ هروڀرو اقرار ڪندو تہ مون تي فلاڻو قرض گهري ٿو سو ادا ڪجو ۽ وصيت بـــ ڪنهن جي نالي خوامخواهہ ڪري محتاجن وارثن هوندي پنهين صورتن ۾ ان جو مطلب آهي تہ وارثن کي نقصان پهچي تہ اهو سخت گنهگار ٿيندو مگر اهو قرض ۽ اها وصيت ادا ڪبي والله اعلم.

فائدو جيڪڏهن ڪو والد يا پاءُ يا ماءُ پنهنجي اولاد مان ڪنهن کي عاق ڪرڻ چاهي تہ شــريعت ان کي عاق نہ ٿي ڪري بلڪہ ان کي بہ حصو ملندو.

آيت 13: الله تعاليٰ جي قانون جي حفاظت ڪريو هن آيت جي پهرين فقري ۾ آهي تِلْكَ حُدُودُ ٱللَّهِ ۚ هن آيت جي فقري جو مطلب آهي هي الله تعاليٰ جون رکيل حدون آهن يعني جيڪي ورثي وغيره بابت الله تعاليٰ حڪم ٻڌايا سي الله تعاليٰ جون حدون آهن انهن کان ٻاهر نہ وڃڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 15: جيڪي عورتون زنا ڪن ٿيون، زنا جي عادت اٿن چار مسلمان عاقل بالغ شاهد ڪريو انهن جي زنا تي جڏهن اهو شاهد شاهدي ڏين ته هن عورت کي اسان زنا ڪرائيندي ڏٺو آهي ته انهن کي بند رکو گهر ۾ تان جو عمر پوري ڪري وڃي.

آيت 16: جيڪي اوهان مان ٻه (زاني ۽ زانياڻي) زنا ڪن تن کي مار ڏيو پوءِ توبه ڪن ۽ پاڻ سڌارين ته انهن (جي مار ڏيڻ) کان مڙو.

آيت 17: مرڻ کان اڳ الله تعاليٰ توبه قبول ڪري ٿو.

آيت 19 زالن سان انصاف سان هلو

آيت 20 کان 21: طلاق واري عورت کان مهر نه موٽايو.

آيت 22: جن عورتن ســـــان توهان جي پيئر نڪاح ڪري چڪا آهن انهن ســـــان هر گز نڪاح نه ڪريو مگر پهريائين جيڪو ٿي چڪو سو ٿي چڪو در حقيقت هي هڪ بي حيائي جو ڪم آهي. ناپسنديده آهي بري چال آهي.

**"محرمات جو بيان يعني جن سان شادي ڪرڻ حرام آهي"**

آيت 23: جو ترجمو: توهان تي حـــــرام ڪيون ويون اوهان جون مائر، ڌيئر، ڀينر، ڀڻيون، ماســــيون ڀائٽيون، ڀاڻيجون ۽ توهان جو اهي مائر جن توهان کي کير پياريون هو ۽ توهان جي ٿڃ شـــريڪ ڀينر ۽ توهان جي زالن مان مائر ۽ توهان جي زالن جون ڌيئر جيڪي توهان جي گود ۾ پليون آهن انهن زالن جون ڇوڪريون جن سان اوهان جو زال مڙسي وارو تعلق ٿي چڪو آهي پر جيڪڏهن (صرف نڪاح ٿيو آهي ۽) زال مڙسي وارو تعلق نه ٿيو هجي ته (انهن کي ڇڏي ان جي ڌيئرن سان نڪاح ڪرڻ ۾) توهان تي ڪا پڪڙ نه آهي ۽ توهان جي انهن پٽن جون زالون جيڪي توهان جي پٽين مان آهن يعني نُهَرُ (پٽن جون زالون) ۽ هي ٻـــه توهان تي حـــرام ڪيو ويون آهي، ته هڪ نڪاح ۾ ٻن ڀينرن کي گڏ رکو پر جو پهرياڻين ٿيو سو ٿيو الله تعاليٰ بخشش وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي.

آيت 24: ترجمو: اهي عورتون (محصنات) بــــه اوهان تي حـــرام آهن جيڪي ڪنهن ٻئي جي نڪاح ۾ هجن ســـواءِ انهن عورتن جي جيڪي (جنگ ۾) اوهان جي هٿ اچن هي الله تعاليٰ جو قـــانون آهي. جنهن جي پابـــندي اوهان تي لازم ڪئي ويئي آهي ان کان ســـواءِ جيتريون عورتون آهن انهن کي پنهنجي مال جي ذريعي حاصل ڪرڻ توهان لاءِ حلال ڪيو ويو آهي بشرطيڪ نڪاح جي ڪوٽ ۾ انهن کي محفوظ ڪيو ائين نه جو آزاد شهوت راني ڪرڻ لڳو پوءِ جيڪو شادي جو لطف توهان انهن مان حاصل ڪريو ان جي بدلي انهن کي مهر فرض طور ادا ڪريو البته مقرر ٿي وڃڻ کان پوءِ پاڻ ۾ رضامندي سان توهان جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪو ناهه ٿي وڃي ته ان ۾ ڪو حرج نه آهي الله عليم ۽ دانا آهي.

آيت 25: جنهن کي آزاد عورت جي سگهه نه آهي ته ٻلي اهو ٻانهي عورت سان نڪاح ڪري سگهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 32: جو هڪ فقرو آهي تہ نہ قتل ڪريو پاڻ کي يعني نہ ڪيو آپگهات.

آيت 33: قرابت وارا هڪٻئي جا وارث آهن آيت جو ترجمو: ۽ سڀ ڪنهن لاءِ مقرر ڪياسون وارث ان مان جيڪي ڇڏيو ماءُ پيءُ ۽ ماٽ ۽ جن سان اوهان پڌو عهد تن کي ڏيو سندس ڀاڱو بيشڪ الله تعاليٰ آهي سڀ شئي تي حاضر.

آيت 34: جو هڪ فقرو آهي مرد زالن تي حاڪم آهن.

آيت 34: جو هڪ فقرو آهي صالح زالن جون صفتون

آيت 35: زال مڙس ۾ اٽبٽت ٿي تہ پوءِ مقرر ڪيو امين مڙس جي قريبن مان ۽ امين هڪ زال جي قريبن مان جيڪي ڪين ٺاهين.

آيت 42: هر نبي پنهنجي امت تي شاهد هوندو.

آيت 43: نشي جي حالت ۾ نماز جي ويجها نہ وڃو جنهن حالت ۾ اوهين نشي ۾ هجو تانجو سمجهو تہ ڇا ٿا چئو.

هن آيت جو پهريون فقرو آهي تہ تڙ جي حالت ۾ نماز نہ پڙهو

آيت جي ٽئين فقري ۾ آهي پاڻي نہ ملي تہ پاڪ مٽي سان مک ڪريو پنهنجي منهن ۽ پنهنجي هٿن کي يعني تيمم ڪريو.

آيت 58: جي پهرين فقري ۾ چيل آهي تہ امانتون حقدارن کي ادا ڪريو ۽ ٻئي فقري ۾ چيل آهي تہ فيصلا انصاف سان ڪريو.

آيت 59: الله تعاليٰ ۽ رسول جي قانون مطابق فيصلا ڪريو انهيءَ آيت ۾ اُولِی الۡاَمۡرِ مان مراد ڪير آهن مسلمان حاڪم جيڪي الله تعاليٰ جي ڏنل دين تي قائم هجن ۽ حضرت محمد ﷺ جي پيروي تي پورا هجن حضرت علي ؓ فرمايو تہ حاڪم جنهن وقت امانتون پوري طرح ادا ڪري ۽ حڪم فيصلہ ۾ انصاف ۽ عدالت ڪري جهڙي طرح الله تعاليٰ مٿين ٻنهين آيتن ۾ انهن جو حڪم ڏنو آهي تہ پوءِ حاڪم جي فرمان برداري رعيت تي فرض آهي. سڄي آيت جو تفسير هن طرح ٿيو تہ اي مؤمنو اچو مڃيو الله تعاليٰ جي يعني قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ جيڪي اوهان کي حڪم احڪام ڏنا آهن تن تي هلت ڪريو ۽ حضرت محمد رسول الله ﷺ جن جيڪي حديثن ۾ اوهان کي فرمايو آهي تنهنجي پيروي ڪريو ۽ ان جي فرمودن کان ٻاهر نہ وڃو.

آيت 64: وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۶۴﴾

هن آيت ۾ الله تعاليٰ پنهنجي رسول جو شان بيان ڪندي آيت جو مٿيون فقرو نازل ڪيو آهي. جنهن جو ترجمو هي آهي: ترجمو: جيڪڏهن اهي شخص جڏهن انهن پاڻ سان ظلم ڪيو هو تو وٽ اچن ها پوءِ بخشش گهرن ها الله تعاليٰ کان ۽ بخشش گهري ها تن لاءِ رسول تہ بيشڪ ڏسن ها الله تعاليٰ کي توبہ قبول ڪندڙ ۽ مهربان يعني جنهن وقت ڪو ڏوهہ ڪن يا رسول کي ڇڏي طاغوت کي حاڪم ڪن پوءِ جي پشيمان ٿي ڊوڙي اچن ها تو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ اچي محمد رسول الله ﷺ! ۽ تنهنجي حضور ۾ اچي الله تعاليٰ کان پنهنجي ڏوهن جي معافي گهرن ها ۽ رسول ۔ انهن لاءِ ا تعاليٰ کان معافي گهري ها تہ بيشڪ الله تعاليٰ انهن جا ڏوهہ معاف ڪري ها.

تفسير ڪبير، خازن، مدارڪ وغيره ۾ لکيو آهي تہ انهيءَ آيت شريف ۾ الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبر جو شان تمام اعليٰ ڪيو آهي.

عجيب واقعو تفسير مدارڪ لکيو آهي تہ هڪڙو اعرابي رسول الله ﷺ جي دفن کان پوءِ سندن قبر وٽ آيو ۽ روئي زاريون ڪرڻ لڳو ۽ حضرت جن جي قبر جي خاڪ پاڪ منهن ۽ مٿي ۾ وڌائين ۽ چيائين رسول الله! تعاليٰ توتي جيڪو ڪلام پاڪ نازل ڪيو آهي ان ۾ اها آيت آهي وَلَوْ أَنَّهُمْ إِذْ ظَلَمُوا أَنْفُسَهُمْ پوءِ اها آيت جي پڙهي سو يا رسول! آءُ بہ گناهہ ڪري ا تعاليٰ جي حڪم سان تو وٽ آيو آهيان الله تعاليٰ کان بخشش ٿو گهران تون بہ منهنجي لاءِ الله تعاليٰ کان بخشش گهر منهنجا ڏوهہ معاف ڪراءِ اهڙي طرح زاري پي ڪيائين تہ اوچتو حضرت جن جي قبر مبارڪ مان آواز آيندي محسوس ٿيس تہ قد غفرلک يعني الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان تنهنجا سڀ گناهہ معاف ڪيا.

آيت 65: جيڪي شخص رسول الله جي فيصلي کي نٿا مڃين اهي مؤمن نہ آهن.

آيت 78: هن آيت جي فقري پهرين ۾ آهي تہ اوهين جتي بہ هوندؤ موت ضرور رسندو.

ٻئي فقري ۾ آهي تہ ڏک سک سڀ الله تعاليٰ جي طرفان آهي.

آيت 79: جيڪا تڪليف رسي ٿي سان پنهنجي نفس جي شامت آهي.

آيت 80: آخري فقري آهي تہ ۽ توڪل ڪر الله تعاليٰ تي ۽ ڪارساز الله تعاليٰ بس آهي

آيت 85: جيڪو سفارش ڪندو چڱي (ڀَلائي جي) تہ هوندو ان لاءِ ڀاڱو ان (سفارش) مان ۽ جيڪو سفارش ڪندو بڇڙي (ڀَلائي جي تہ) هوندو ان جي لاءِ حصو ان (عذاب) مان ۽ الله تعاليٰ سڀ شئي تي سگهہ وارو.

آيت 92: ڀُل ۾ قتل ڪندڙ لاءِ حڪم ديت (ڏنڊ) آهي.

آيت 93: ڄاڻي واڻي مؤمن کي قتل ڪندڙ جي سزا جهنم آهي.

آيت 101: سفر ۾ فرضي نماز گهٽائڻ جو حڪم.

آيت 103: جڏهن نماز کان واندا ٿيو تہ ويهي ويٺي ۽ پاسن ڀر هر حال ۾ الله تعاليٰ کي ياد ڪريو.

آيت 115: جيڪو جنهن ڏانهن ڦرندو الله تعاليٰ ان کي ان ڏانهن ڦيرائيندو.

آيت 117 کان 121: (1) شيطان جو واعدو

(2) فطرت انساني کي مٽائڻ گناهہ آهي.

آيت 127: يتيمن زالن جي حق ڏيڻ جن سان شادي جي رغبت، ضعيف ٻار ۽ يتيمن جي حق ادا ڪرڻ ۾ انصاف تي ٻيهو حڪم آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 128: زال مڙس جو صلح پاڻ ۾ ڀلو آهي.

آيت 129 کان 130: گهڻن زالن ۾ دلي برابري ڪرڻ توهان جي هٿ ۾ نه آهي.

آيت 145 : منافق جهنم جي سڀ کان هيٺين طبقي ۾ ويندا انهن جو مددگار نه لهندين.

آيت 158: حضرت عيسيٰ عليه السلام کي الله تعاليٰ پاڻ ڏانهن کنيو آهي.

159 حضرت عيسيٰ عليه السلام جي وفات کان اڳ سڀ ان تي ايمان آڻيندا.

آيت 170: انسانو حضرت محمد تي ايمان آڻيو.

آيت 174: الله اوهان ڏي پڌرا دليل موڪليا آهن.

(1) بُرهان (2) نوراً مُبيناً

آيت 176: ڪلاله جي ڇڏيل ميراث جي ورهاست جو ذڪر ڪلاله ڇاکي چئبو آهي ڪلاله ان شخص کي چئبو آهي جنهن کي نه پيءُ نه ڏاڏو ۽ نه اولاد هجي.

آيت جو مختصر تفسير هي آهي ته اي رسول ڪريم ! توکان ڪلالــه جي ورثي بابت پڇن ٿا، انهن کي چئو ته الله تعاليٰ توهان کي ڪلالـه بابت فتويٰ ٿو ڏئي ته جيڪر اهڙو ماڻهو مري وڃي جنهنجو اولاد هجي ئي ڪونه، ۽ فقــط ان جي ڀيڻ وارث آهي ته ان جي ڀيڻ کي ان جي ڇڏيل ترڪه مان اڌ ملندو. پر جي ڀيڻ مري وڃي ۽ ان کي به اولاد نه هجي ته پوءِ ان جي سڀ مال جو وارث ڀاءُ ٿيندو ۽ جي ڀاءُ مري وڃي ۽ ڀنيان به ڀينر ڇڏي ته انهن ٻنهين کي به ٽهايون ملنديون پر جي ڀائر ۽ ڀينر گڏ هوندا يعني ڪنهن ميت ڀائر ۽ ڀينرون گڏ ڇڏيون ته پوءِ ڀاءُ کي ڀيڻ جي حصي کان ٻيڻو ڏيو.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(5) سورة المآئدة (مدينة آيات 120)

المآئدة لفظ هن سورت جي آيت نمبر 112 مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي دستر خوان هن سورت ۾ جنهن دستر خوان جو ذڪر آهي دستر خوان حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي دعا سان سندس قوم (حوارين) جي مطالبي تي نازل ٿيو هو ان ڪري هن سورت جو نالو المآئدة رکيو ويو.

عربي لغات ۾ لفظ المآئدة جي معنيٰ اهو طعام جيڪو دستر خوان تي رکيل هجي.

هن سورت جو مضمون هيٺين ٽن تفسيرن تان ورتل آهي.

1. تفسير تنوير الايمان. (2) تفسير تفهيم القرآن 3. احسن البيان في تفسير القرآن

## هن سورت ۾ بيان ٿيل خصوصي احڪام.

1. هن سورت جي ابتدا اهڙن اخلاقن جي تربيت سان ٿي آهي جن جو تعلق جيئڻ هڪ قوم جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگي سان آهي تيئڻ بين الاقوامي معاملات ۽ تعلقات سان بہ آهي هن سورت ۾ سڀ کان اول (پهرين) عهد پوري ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي پوءِ اهو عهد ۽ واعدو خالق سان هجي يا مخلوق.

2. هن سورت ۾ ٻڌايو ويو آهي آسماني ڪتاب تورات، انجيل ۽ قرآن ڪريم مختلف نظرين وارا نہ آهن ٽئي ڪتاب هڪ ئي ذات پاڪ جا نازل ڪيل آهن ۽ انهن سيني ۾ هدايت ۽ نور آهي ۽ هر هڪ ۾ ان وقت جي لحاظ سان شريعت جو مڪمل نظام ۽ معاملات درست رکڻ جو واضح رستو ڏيکاريل آهي ۽ انهن سيني جو جامع قرآن ڪريم آهي. قرآن ٻين ڪتابن تي نگهبان آهي. قرآني قانون مطابق فيصلا ڪريو. قرآني قانون کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو قانون آهي؟

3. قرآن جي پڙهندڙن کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ ڏسو! هدايت جو نور يهودين ۽ نصارن ڏانهن بہ آيو هو پر انهن ان مان فائدو نہ ورتو ۽ هاڻي اهو هدايت ۽ نور اوهان لاءِ نازل ٿيو آهي ۽ اوهان کي ان مان فائدي وٺڻ جو موقعو مليو آهي تو هان ان تي عمل ڪجو. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اوهان بہ نفساني خواهش جو شڪار ٿي وڃو يهودي ۽ نصارا اوهان کي بہ پنهنجن مڪرن ۽ فريبن سان گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا نهن کان بچجو.

آيت 55: اوهان جو دوست رڳو ا تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ آهي ۽ اهي مؤمن آهن جيڪي نماز پڙهن ٿا ۽ زڪوات ڏين ٿا.

آيت 56: الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ سان محبت ڪرڻ وارا ڪامياب آهن.

الله تعاليٰ عدّل ۽ انصاف ڪندڙ کي دوست رکي ٿو.

آيت 35 وسيلي جي تلاش جو حڪم:

4. مسلمانن جي مذهبي، تمدني ۽ سياسي زندگي متعلق وڌيڪ حڪم ۽ هدايتون قرآن پاڪ جي آندل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شريعت جو ڪيترين شين هن سورت ۾ ذڪر ڪيل آهن ان سلسلي ۾ حج جي سفر لاءِ آداب مقرر ڪيا ويا. حج جا اداب، ڪعبي جي زيارت ڪرڻ، شَعَائر الله جي تعظيم ڪرڻ، کائڻ پيئڻ جي شين ۾ حلال ۽ حرام جون حدون قائم ڪرڻ، حرام ڪيل شين جو ذڪر (يعني حرام ڪيل شيون مردار ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت حرام ڪيو ويو آهي. ۽ اهو جانور جنهن تي غير الله جو نالو پڪاريو وڃي. گهٽو ڏيئي ماريل، ڌڪ سان مئل. ڪرڻ سان مئل ۽ ٻور جي اُڪل سان مئل. جنهن کي درندن کاڌو هجي مگر جنهن کي توهان جيئرو ڏسي ذبح ڪيو هجي ته اهو حلال آهي. آستانن تي ذبح ڪيل (حرام آهي) ۽ جنهن جي ورهاڱي جي سجاڳپ (پاڻ) تير جي فال سان ڪريو اهي سڀ گناهه جا ڪم آهن)

پوءِ جيڪو لاچار ٿئي بک ۽ گناهه ڏي مائل نه ٿئي (۽ مٿيون شيون حرام کائڻ روا (جائز) آهن) پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ مهربان آهي.

هن آيت جي وچ ۾ هڪ فقرو آهي ته "اڄ اوهان لاءِ اوهان جي دين کي ڪامل ڪيوسون ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪئي سون ۽ اوهان لاءِ دين اسلام کي پسند ڪيوسون"

توهان لاءِ پاڪ شيون حلال ڪيون ويون آهن. اهل ڪتاب وارن جو طعام (به) اوهان لاءِ حلال ڪيو ويو آهي ۽ اوهانجو طعام انهن لاءِ حلال آهي. پاڪدامن مؤمنياڻيون به اوهان کي شادي ڪرڻ لاءِ حلال آهن. توهان لاءِ اهل ڪتاب يعني يهودياڻيون ۽ نصراني پاڪدامن عورتون به شادي لاءِ اوهان لاءِ حلال آهن بشرطيڪ انهن کي مهر ڏيو ياد رهي ته گهڻن عالمن جو خيال آهي ته سورة بقره ۾ مشرڪ عورتن سان نڪاح کان منع جي حڪم ذريعي هي حڪم مشروط ڪيو ويو ته اهل ڪتاب مشرڪ نه هجن ته پوءِ انهن جي عورتن سان نڪاح جائز آهي. وضوءِ غسل ۽ تيمم قائدا مقرر ڪيا ويا. شراب ۽ جوا کي مڪمل حرام ٺهرايو ويو. فساد، بغاوت ۽ چوري جون سزائون مقرر ڪيون ويون. قسم ڀڃڻ جو ڪفارو مقرر ڪيو ويو. شاهدي واري قانون ۾ ڪجهه وڌيڪ حڪمن جو اضافو ڪيو ويو. شڪار جا احڪام احرام جي حالت ۾ شڪار نه ڪرڻ جو حڪم احرام جي حالت ۾ دريائي شڪار جي اجازت هي بيت ا امن جو گهر آهي. وصيت ۽ ان تي شاهدي ڏيڻ جو حڪم. اهل ڪتاب يهودين ۽ نصارن جي ڪُني جو مسئلو. قصاص جو بيان جنهن هڪ ماڻهو کي قتل ڪيو ڄڻ سيني کي قتل ڪيو ۽ جنهن هڪ کي بچايو تنهن سيني کي جياريو.

5. هن سورت ۾ عيسائين جو حضرت عيسيٰ پٽ مريم کي اا ڇوڻ ۽ ٽن الاهن ڇوڻ واري عقيدي جي پاڙ پٽڻ تي تفصيلي بحث ٿيل آهي.

جيڪي حضرت عيسيٰ کي الله تعاليٰ چون ٿا اُهي ڪافر آهن.

جن چيو الله ٽن الاهن مان هڪڙو آهي اهي ڪافر ٿي چڪا.

هن سورت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حضرت عيسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ نه ٿو ٿي سگهي. جيڪو ماءُ جي پيٽ مان ڄائو آهي ۽ جيڪو پنهنجي بقا لاءِ کائڻ، پيئڻ وغيره جو محتاج آهي اهو الله تعاليٰ جو ٻانهو آهي پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعاليٰ تي نہ تہ سگهي حضرت عيسيٰ عليہ السلام الله تعاليٰ جو رسول آهي جيئن اڳيان ٻيا رسول ٿي گذريا آهن ۽ ان جي ماءُ ٻـي بـي مريم الله تعاليٰ جي پاڪدامن ٻانهي آهي اهي ٻئي ماءُ پٽ ٻين ماڻهن وانگر کاڌو کائيندا هئا.

حضرت عيسيٰ عليہ السلام پٽ مريم جي خود بني اسرائيلن کي چيو تہ الله تعاليٰ جي عبادت ڪريو جيڪو منهنجو ۽ توهان جو رب آهي جيڪو الله تعاليٰ سان ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪندو ان تي الله تعاليٰ بهشت حرام ڪري ڇڏيندو ۽ ان جي جاءِ جهنم آهي.

حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي عيسائين تي شاهدي تہ مون ڪين رڳو اهو چيو هو جنهن جو توهان مون کي حڪم ڏنو هو تہ الله تعاليٰ جي ٻانهپ ڪريو جيڪو منهنجو ۽ توهان جو رب آهي ۽ آءٌ تيسين انهن جو نگهبان هئس جيسين آءٌ انهن ۾ هيس.

## هن سورت ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي الله تعاليٰ جي احسانن جو ذڪر آهي.

هن سورت ۾ لہ تعاليٰ پنهنجي محبوب رسول ڪريمين کي فرمايو تہ اي رسول ڪافرن منافقن جو ارمان نہ ڪر.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ پنهنجي محبوب ﷺ جن کي ٻہ دفعا يَاَيُّهَا الرَّسُوْلُ جي لفظن سان خطاب ڪري سندس عظمت ۽ شان جو اظهار ڪيو آهي. تفسير خازن لکيو آهي تہ پنهنجي محبوب سان يَاَيُّهَا الرَّسُوْلُ جو خطاب ڏيئي تمام تعظيم ۽ تڪريم سان ٿو ڳالهائي يا ايهاالنبي ٻہ عمدو خطاب آهي سو تہ قرآن ۾ گهڻن هنڌن تي آيو آهي يَاَيُّهَا الرَّسُوْلُ رڳو ٻن هنڌن تي آيو آهي رسول ۽ نبي ٻئي عزت ۽ تعظيم جا لفظ آهن الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبر پاڪ کي انهن تعظيم جي لفظن سان سڏيو آهي توهان قرآن شريف ۾ ڏسندؤ ڪٿي بہ پيغمبر پاڪ کي محمد يا احمد جي لفظن سان نہ سڏيو ويو آهي. بلڪ يَاَيُّهَا الرَّسُوْلُ ۽ ياايهاالنبي جي لفظن سان ياد ڪيو آهي ۽ ٻين نبي کي يا آدم عليہ السلام، يا ابراهيم عليہ السلام، يا موسيٰ عليہ السلام يا عيسيٰ عليہ السلام اهڙن لفظن سان ياد ڪيو اٿس.

آيت 14 : ۾ ٻڌايو آهي تہ نصارن الله تعاليٰ جي انجام کي وساريو.

هن آيت جو تفسير تنوير الايمان جلد 3 صفہ 72 ۾ هن طرح لکيو آهي

هن آيت جي پهرين فقري ۾ جن چيو تہ اسين نصارا آهيون انهن کان بہ اسان سندن نبي عليہ السلام جي معرفت انجام ورتو ۽ حضرت محمد ڪريم ﷺ تي ايمان آڻجو جيئن تہ انجيل يوحنا جي ڇهين باب ۾ آهي تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام نصارن کي چيو تہ مون کان پوءِ فارقليط يعني احمد نالي نبي ايندو ان تي ايمان آڻجو. ۽ ٻئي فقري ۾ آهي تہ پوءِ جنهن مان نصيحت ڏني اٿين تنهن مان وڏو حصو وساريائون يعني حضرت محمد ڪريم ﷺ تي ايمان ڪين آندائون حڪم جي تڪميل نہ ڪيائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 15: اي اهل ڪتاب (يهودي ۽ نصارا) اوهان وٽ رسول آيو توهان اهل ڪتاب جيڪي تورات ۽ انجيل مان لڪايو اهو بيان ڪري ٿو ته اي اهل ڪتاب (يهودي ۽ نصارا) تحقيق اوهان وٽ اسان جو رسول حضرت محمد ڪريم ﷺ آيو. ڪتاب مان گهڻيون شيون جي اوهان لڪايون ٿي سي بيان ڪري ٿو.

يعني حضرت محمد ﷺ انهن ڳالهين کي ظاهر ڪري ٿو جيڪي اوهان توريت ۽ انجيل مان لڪايون ٿي جيئن سنگساري واري آيت يهودين لڪائي هئي ۽ توريت ۽ انجيل مان ٻنهين قومن حضرت محمد ﷺ جي تعريف لڪائي هئي حضور جن اهي ڳالهيون ظاهر ڪيون ۽ ڪن ڳالهين کان درگذر بہ ڪري ٿو. هن آيت جو آخري فقرو آهي تہ (اي اهل ڪتاب) الله تعاليٰ جي طرفان بيشڪ اوهان وٽ هدايت لاءِ نور يعني محمد ﷺ آيو ۽ ڪتاب روشن.

آيت 16: قرآن اونداهي کان ڪڍي نور ڏانهن آڻي ٿو.

آيت 46 کان 47: جيڪو لڪ تعاليٰ جي حڪم موجب فيصلو نہ ڪندو اهو فاسق آهي هنن آيتن جو تفسير الايمان جلد 3 صفہ 119 تي هن ريت لکيل آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي فرمايو ٿو تہ اوهين ٻنهنجي انجيل کي ڏسو تہ اوهان کي ڇا چوي ٿو ۽ هن قرآن ۾ ڏسو تہ سڀ احڪام هڪ آهن باقي فقط ڪو ڪو حڪم زماني جي ڦير گهير موجب بدليو آهي نہ تہ سڀ ڪتاب حڪمن ۽ نصيحت ۾ هڪ آهن ڏسو تہ سچي انجيل ۾ ڇا لکيل آهي تہ "مڪہ معظمه جي شهر ۾ فارقليط يعني محمد پيدا ٿيندو تنهن تي ايمان آڻجو. انجو دين ابراهيمي هوندو ۽ ان جا حڪم گهڻو ڪري تورات ۽ انجيل وانگر هوندا اهو عربن مان هوندو".

تفسير ڪنز الايمان آيت 46 جيءَ جو تفسير ڪندي حاشئہ نمبر 122 تي لکيو آهي تہ هن آيت ۾ انجيل لاءِ لفظ "هُدي" ٻن جاين تي ارشاد ٿيو پهرين جاءِ تي گمراهي ۽ جهالت کان بچڻ لاءِ رهنمائي مراد آهي.

ٻيءَ جاءِ تي "هدي" مان سيد الانبياءَ حبيب ڪبريا ﷺ جن جي تشريف آوريءَ جي خوشخبري مراد آهي. جيڪا حضور عليہ الصلواة والسلام جي نبوت جي طرف ماڻهن جي واٽ لهڻ جو سبب ۽ آيت جي تفسير ڪندي حاشئہ 123 ۾ لکيو آهي سيد عالم ﷺ جن تي ايمان آڻڻ ۽ سندن نبوت جي تصديق ڪرڻ جو حڪم.

### 6. بني اسرائيل جي بابت قرآن جو فرمان.

آيت 12 ۾ الله تعاليٰ بني اسرائيلن کان ٻول ورتو ۽ انهن مان 12 سردار مقرر ڪيا ۽ لر تعاليٰ فرمايو (تہ) بيشڪ آءٌ اوهان سان آهيان جيڪڏهن اوهان نماز قائم ڪئي ۽ زڪواة ڏني ۽ منهنجن رسولن تي ايمان آندو ۽ انهن جي مدد ڪئي ۽ الله تعاليٰ کي نيڪ قرض ڏنو تہ اوهان جا گناهہ ختم ڪندس ۽ اوهان کي بهشت ۾ داخل ڪندس. جن جي هيٺيان نهرون وهن ٿيون پوءِ اوهان مان جيڪو هن ٻول وٺڻ کان پوءِ نہ مڃيندو اهو ڪافر ٿيندو.

آيت 13 بني اسرائيلن جي ٻول ڀڃڻ سبب الله تعاليٰ انهن تي لعنت ڪئي.

هن آيت جي فقرن ۾ چيل آهي تہ بني اسرائيلن (اڄ تعاليٰ جي) ڪلمن (فرمانن) کي سندن اصلي جاين کان ڦيرائن ٿا يعني جيئن حضرت محمد ڪريم ﷺ جي صفت ڦيرائي ڇڏيائون ۽ توريت جي حڪمن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي نفسـاني غرض لاءِ ڦير ڦار ڪيائون هن آيت ۾ چيل آهي تہ جيڪي انهن کي نصيحـتون ڪيون ويون آهن انهن مان وڏو حصو وساري ڇڏيائون.

خازن معنيٰ ڪئي آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي جن ڳالهين جو امر ڪيو هو جيئن تہ حضرت محمد ڪريم ﷺ تي ايمان آڻڻ ۽ سندس صفات حميده لاءِ علامات سعيده سان جيڪي ڪتاب ۾ پڙهيل هئا اُهي حڪم فراموش ڪري ويهي رهيا. هن آيت ۾ وڌيڪ چيل آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي محبوب عليڪ الصلواة والسلام کي فرمائي ٿو تہ اوهان انهن يهودين مان خيانت ڪندڙ واعدا ڀڃندڙ جي حالت کان هميشہ واقف ٿيندا رهندو مگر انهن مان ٿورا خيانت نہ ڪندا اهي سچي دل سان ايمان آڻڻ وارا پڪا مؤمن هوندا جيئن عبدالله بن سلام وغيره.

آيت 20 کان 21 اي بني اسرائيلو الله تعاليٰ جي احسانن کي ياد ڪريو.

هنن آيتن ۾ الله تعاليٰ بني اسرائيلن پنهنجا ڪيل احسان ياد ڪرائي ٿو. جيڪي هيٺ ڏنل آهن. حضرت موسيٰ عليہ السلام چيو پنهنجي قوم کي تہ الله تعاليٰ جي نعمت ياد ڪيو جڏهن:

1. اوهان جي قوم مان گهڻا پيغمبر ڪيائين.
2. اوهان کي بادشاهہ ڪيائين.
3. اوهان کي اهو ڏنائين جو جهان مان ڪنهن کي نہ ڏنائين.
4. چيائين پاڪ زمين ۾ داخل ٿيو جا اوهان لاءِ مقرر ڪئي آهي.

ڪنهن بہ قوم ۽ امت ۾ ايترا گهڻا نبي مبعوث نہ ڪيا ويا هئا جيترا بني اسرائيل ۾ حديث جي علم جي امام ابن ابي حاتم عليہ الرحمة لکيو آهي تہ بني اسرائيل جي پوئين دور ۾ جيڪو حضرت موسيٰ کان حضرت عيسيٰ عليہ السلام تائين هليو الله تعاليٰ انهن ۾ هڪ هزار (1000) نبي مبعوث فرمايا هئا.

آيت 44 جيڪي الله تعاليٰ جي موڪليل ڪتاب موجب حڪم نہ ڪري تہ اُهي ڪافر آهن.

آيت 78 بني اسرائيلن مان جن ڪفر ڪيو انهن تي حضرت دائود عليہ السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام لعنت ڪئي.

هن سورت ۾ هابيل ۽ قابيل جو قصو آهي.

ان کان علاوه هن سورت ۾ ٻيا ڪيترا امر اشارا موجود آهن.

**دستر خوان جو قصو هن سورة جي آيت 112 کان آيت 115 ۾ بڌايل آهي. جنهن جو خلاصو هن ريت آهي.**

## حوارين جو دستر خوان جي لاهڻ جو مطالبو

هي قصو تفسير تنوير الايمان جلد 3 صہ 221 تان ورتل آهي. حوارين حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي چيو تہ الله پاڪ ائين ڪري سگهي ٿو جو اسان لاءِ طعام جو خونچو آسمان کان نازل ڪري، تڏهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڪين چيو تہ ڇا ٿا چئو الله پاڪ کي سڀ قدرت آهي ان جو خوف ڪريو جو ايمان اٿوَ تہ اهڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ نہ بـڪو تڏهن انهن چيو تہ سائين اسان رڳو پنهنجي ڪاڏي ۽ دلين جي آرام ۽ وڌيڪ يقين اچڻ لاءِ اهو سوال ڪيو. باقي الله پاڪ جي قدرت ۾ ڪنهن کي شڪ ڪونہ آهي اهو سڀ شيءِ تي قادر آهي ۽ اسان جو ان ڳالهہ تي بہ وڌيڪ يقين ٿئي تہ تون برابر رسول آهين ۽ تنهنجو چوڻ سڀ بَرحق آهي ۽ اسين ان خونچي جي لهڻ تي شاهدي بہ ڏيون تڏهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام دعا گهري ان دعا ۾ الله پاڪ کي عرض ڪيائين تہ اي منهنجا رب پاڪ اسان تي آسمان کان خونچو نازل ڪر. اسان جي اول ۽ آخر عيد يعني خوش جو باعث ٿئي ۽ تنهنجي طرف هڪڙي نشاني ٿئي تڏهن خدا تعاليٰ فرمايو تہ هائو آءٌ نازل ڪريان ٿو پر ان جي نازل ٿيڻ کان پوءِ جيڪي بيشڪري ڪندو تہ آئون ان کي اهڙو عذاب ڪندس جو جهان سڄي ۾ اهڙو عذاب ڪنهن ٻئي کي نہ ڪندس.

## دستر خوان جي نزول جو واقعو

تفسير احسن البيان في تفسير القرآن جلد 3 صفہ 222 ، 223.

دستر خوان جي نزول جي باري ۾ علماءِ تفسير جو اختلاف آهي تہ "دستر خوان لٿو هو يا نہ" ڪن مفسرن جو چوڻ آهي تہ دستر خوان ڪونہ لٿو ڇاڪاڻ جڏهن حوارين دستر خوان لهڻ جي خواهش ڏيکاري تہ حضرت عيسيٰ عليہ الصلواة والسلام جن حوارين کي فرمايو تہ " الله تعاليٰ کان ڊڄو جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو ان تي حوارين حضرت عيسيٰ عليہ الصلواة والسلام کي عرض ڪيو تہ اسان اهڙي خواهش کان توبهہ ڪئي وري ڪڏهن بہ اهو مطالبو نہ ڪنداسون پوءِ حضرت عيسيٰ عليہ الصلواة والسلام جن انهيءَ دعا گهرڻ کان پوءِ دلي طرح توبہ تائب ٿيا تنهنڪري دستر خوان نازل ناهي ٿيو.

خلاصو تفهيم القرآن صہ 444 حاشئہ 129 تي لکيو آهي تہ قرآن هن معاملي ۾ خاموش آهي تہ اهو خونچو واقعي لاٿو بہ ويو هو يا نہ. ڪنهن ٻئي معتبر ذريعي سان بہ ان سوال جو جواب نہ ٿو ملي ممڪن آهي تہ خونچو نازل ٿيو هجي ۽ ممڪن آهي تہ حوارين بعد واري خوفناڪ ڌمڪي ٻڌي ڪٿي پنهنجو عرض واپس ورتو هجي.

جمهور مفسرن جو قول آهي تہ دستر خوان لٿو آهي ڇو تہ الله پاڪ پنهنجي پياري نبي حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي دعا جي جواب ۾ الله جل جلاله فرمايو إِنِّي مُنَزِّلُهَا عَلَيْكُمْ مان اوهان تي اهو دستر خوان لاهيندس ۽ الله تعاليٰ جو واعدو ۽ وعيد حق ۽ سچ آهي.

علامہ جمال الدين شامي لکيو آهي تہ: وهذا القول اعلم هو الصواب كما دلت عليه الاخبار ولاثار عن السلف وغيرهم (حوالہ تفسير القاسمي صہ 328 جلد 6، تفسير المظهري صہ 225 جہ 3)

يعني هي قول صحيح آهي جيئن حديثن ۽ اثرن ۾ سلف کان روايتون آيون آهن. ترمذي ، ابن جرير، ابن ابي حاتم ، ڪتاب الاصدد ۾ ابن الانبار، ابو الشيخ ۽ بن مردويہ حضرت عمار بن ياسر ﷺ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو:

اُنزلت لمائدة من السمآءِ خبزا ولحماً وامروا ان لا يخونوا و لا يد خرو لغد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فخانوا واد خروا ورفعو لغد فمسخوا قردة وخنازير

(حوالہ الدر المنثور صہ 234 جلد 3 جزء 7) يعني آسمان کان دستر خوان لاٿو ويو ان ۾ ماني گوشت هو ۽ نصارن کي امر ڪيو ويو هو تہ نہ ان ۾ خيانت ڪن ۽ نہ پٺي ڏينهن لاءِ گڏ ڪري رکن پر انهن خيانت بہ ڪئي ۽ پٺي ڏينهن لاءِ بہ کڻي رکيائون پوءِ باندر ۽ سوئر (مرون) بنايا ويا.

تفسير تنوير الايمان جلد 3 صفہ 224، 225 تان ورتل آهي.

قصہ نزول المائده: تفسير خازن واري اهو قصو خونچي جي نازل ٿيڻ جو هن طرح بيان ڪيو آهي. جو بعينہ (هوبهو ساڳيو) ترجمو ڪجي ٿو جڏهن حوارين حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي خونچي جي نازل ٿيڻ لاءِ زور ڀريو تڏهن حضرت عيسيٰ ڪپڙا ڍڪي وضو ڪري نماز پڙهي رنو ۽ چيائين تہ رب منهنجا اسان تي هڪڙو خونچو آسمان تان نازل ڪر پوءِ الله تعاليٰ وڏو ڳاڙهو دستر خوان ٻن ڪڪرجي وچ ۾ لهڻ لڳو سيئي ماڻهو ان کي ڏسي رهيا هئا اهو آهستي آهستي اچي حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي اڳيان لٿو تڏهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام روئي رب کي چيو منهنجا رب اسان کي شڪر ڪندڙ ڪر ۽ هن خونچي کي اسان لاءِ رحمت ڪر ۽ عذاب جي باعث نہ ڪر حوارين کي ان خونچي مان اهڙي خوشبو آئي جو ان کان اڳ ۾ انهن کي ڪڏهن بہ نہ آئي هئي حضرت عيسيٰ عليہ السلام چيو تہ اوهان مان جيڪو وڏيڪ نيڪ پرهيزگار هجي سو اٿي هن خونچي کي کولي تڏهن شمعون الصفا جو حوارين جو رئيس هو تنهن عرض ڪيو تہ سائين توکان وڌيڪ ٻيو ڪير آهي حقدار خونچي جو کولڻ جو توهين پاڻ کوليو تڏهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام وضو ڪري نماز پڙهي تمام گهڻي وقت تائين عاجزيءَ سان رنو تنهن کان پوءِ اٿي ان کي کوليائين ۽ چيائين بسم الله خير الرازقين پوءِ ڏٺائون تہ ان خونچي ۾ مڇيون، گهہ ۾ تريل هيون جن مان گهہ پئي ٽميو انهن جي منڍين جي اڳيان سرڪو ۽ پچڙين وٽ لوڻ ۽ پاسن کان سبزيون رکيل هيون ان کان سواءِ پنج مانيون جنهن تي زيتون هو ٻئي تي ماکي ٽين تي مکڻ چوٿين تي گوشت پڳل ۽ پنجين تي پنير پيل هو شمعون حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان دريافت ڪيو تہ هي طعام دنيا جي طعامن مان آهي يا بهشت جي طعامن مان آهي تڏهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام فرمايو تہ نڪي هي دنيا جي طعامن مان نہ بهشت جي طعامن مان آهي. هي طعام رب پاڪ جي قدرت سان پيدا ڪيو ويو آهي. حضرت عيسيٰ عليہ السلام حوارين کي فرمايو تہ اوهان شڪر ۽ حمدا الله تعاليٰ جو ڪريو تہ اوهان جي نعمت وڌي حوارين حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي چيو تہ هن طعام مان اول توهان کائون حضرت عيسيٰ عليہ السلام چين تہ مون کي خدا پناهہ ڏي آءٌ هن مان نہ کائيندس، اوهان جي خواهش موجب نازل ٿيو آهي اوهان کائون حوارين خونچي کائڻ کان ڊڄي ويا. پوءِ حضرت عيسيٰ عليہ السلام بکين، بيمارن، ڪوڙهہ وارن مسڪينن ۽ ٻين مرضن ۾ ڦاٿلن کي اهو طعام کارايو جن بہ اهو طعام کاڌو سي سڀ بيمار صحتياب ۽ غريب امير ٿي ويا اهو طعام کائڻ وارن جو تعداد 1300 مرد ۽ عورتون هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن روايتن ۾ 730 ڄڻن سيني ڪائي ڍؤ ڪيو پوءِ بہ خونچو ساڳيو پريل هيو ۽ پوءِ خونچي ۾ بچيل ڪاڌو (خونچو) اڌامي انهن جي اکين کان غائب ٿي ويو دستر خوان چاليهہ (40) ڏينهن مسلسل لاڳيتو لهندو رهيو سڀ حواري دنيا وارا، غريب عورتون ٻار کائيندا هئا پوءِ الله تعاليٰ حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڏانهن وحي موڪليو تہ خونچي خاص مسڪين ۽ غريبن کي کاراءِ ۽ دنيا وارن کي ان مان کائڻ نہ ڏي جڏهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام اهو علان ڪيو تہ ان قوم جا شاهوڪار ناراض ٿي چوڻ لڳا تہ هي صرف جادو آهي هي طعام رب پاڪ جي طرفان ڪين ٿو اچي جي رب پاڪ جي طرفان ايندو هجي ها تہ دنيا دار ۽ غريب سڀ پيا کائن ها تنهن ڪري ڪيترن ماڻهن جو اعتماد خونچي کان ڦري ويو تڏهن الله تعاليٰ جل شانہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي وحي موڪليو تہ مون توکي اڳئي چيو هو تہ هن خونچي جي نازل ٿيڻ کان پوءِ جيڪو بي شڪر، ڪفر ڪري منهن موڙيندو تنهن کي سخت عذاب ڪندس سو هاڻي هنن بي شڪري ۽ ڪفر ڪيو آهي پوءِ الله پاڪ انهن جون شڪليون مٽائي خنزير (سوئرن) جهڙيون ڪري ڇڏيون جن ماڻهن جون شڪليون خنزير جهڙيون ٿيون انهن جو تعداد 330 آهي اهو سوئر حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي ڏسيو پي رنا ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي آس پاس پي گهميا حضرت عيسيٰ عليہ السلام انهن جا نالا وٺيو پي سڏين تہ ڪنڌ جا اشارا پي ڪيائون ۽ پي رنا ڳالهائڻ جي قوت ڪانہ ٿين اهڙي طرح ٽي (3) ڏينهن زنده هئا ۽ چوٿين ڏينهن تي هلاڪ ٿي مري ويا.

تفسير تنوير الايمان چوڻ موجب هن اهو قصو تفسير خازن تان نقل ڪيو آهي.

مٿيون قصو مولانا محمد قاسم سومري پنهنجي قصص الانبياء جي (جلد 3 صفہ 558 کان 561) ۾ ساڳئيءَ طرز تي لکيو آهي.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا لله الرحمن الرحيم

## 6. سورت **الانعام** (مڪي آيات 165)

هي لفظ انعام هن سورت جي (16) سورهين رڪوع جي آيت نمبر 136 مان ورتل آهي هن سورت جي 16 رڪوع ۾ ڪن چوپاين جي حرام هئڻ ۽ ڪن جي حلال هئڻ متعلق عربن جي وهمي خيالن جي ترديد ڪئي ويئي آهي انهيءَ مناسبت سان هن جو نالو "الانعام " رکيو ويو آهي.

لغات ۾ انعام جي معنيٰ اصل ۾ اُٺُ باقي عام طرح رڍ، ٻڪري، ڳئون وغيره آهي.

هن سورت جي مضمونن کي ستن وڏن عنوانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1. شرڪي باطل ثابت ڪرڻ ۽ توحيد جي عقيدي ڏانهن دعوت.

2. آخرت جي عقيدي جي تبليغ ۽ انهيءَ غلط خيال جي ترديد تہ زندگي تہ رڳو اهائي دنيا جي زندگي آهي.

3. جاهليت جي وهم پرستي جي ترديد، جنهن ۾ هوقاتل هئا.

4. انهن سيني وڏن اخلاقي اصولن جي تلقين جن تي اسلام، سماج جي عمارت اڏڻ گهري ٿو.

5. نبي ڪريم ﷺ ۽ سندن دعوت جي خلاف ماڻهن جي اعتراضن جا جواب.

6.عام ڊگهي عرصي جي جدوجهد جي باوجود دعوت جي ڪنهن نتيجي نہ نڪرڻ تي حضور ڪريم ﷺ ۽ عام مسلمانن منجهہ جيڪا پريشاني ۽ بد دلي جي ڪيفيت پيدا ٿي رهي هئي، ان لاءِ دلداري ڏيڻ.

7. انڪارين ۽ مخالفن کي نصيحت، تنبيهہ ۽ دڙڪو.

**(نوٽ مضمونن جا 7 ستئي عنوان خلاصو تفهيم القرآن مان ورتل آهن)**

حضرت ڪعب اخبار فرمايو آهي تہ تورات جي پهرين آيت سورت الانعام واري پهرين آيت آهي.

هن سورت ۾ مٿي جامع مضمون لکيو آهي هاڻي هت ڪجهہ آيتن جا عنوان پڌايون ٿا.

آيت 1. تعريف جو حقدار الله تعاليٰ آهي.

آيت 2 کان 5 انسان جي مٽيءَ مان پيدائش.

آيت 17 کان 18 الله تعاليٰ کانسواءِ ٻيو ڪو بہ مصيبت جو ٽاريندڙ نہ آهي.

آيت 20 اهل ڪتاب پاڻ ڪريم جن جي نبي هجڻ کي پنهنجن پٽن وانگر سڃاڻن ٿا.

آيت 31 تحقيق نقصان پيو انهن کي جن ڪوڙو سمجهو الله تعاليٰ جي ملاقات کي. ٻئي فقري ۾ آهي تہ تان جو انهن وٽ قيامت اوچتو مٿان اچي ڪڙڪي.

آيت 32 دنيا جي حياتي ڪيل ۽ تماشو آهي.

آيت 38 سڀ ڪا شئي لوح محفوظ ۾ لکيل آهي.

آيت 51. قرآن سان نصيحت ڪريو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 61 کان 62 انسانن تي ملائڪ نگهبان آهن.
آيت 63 کان 65 مصيبت کان نجات ڪير ٿو ڏي الله تعاليٰ.
آيت 74 کان 83 تائين حضرت ابراهيم عليہ السلام جو تذڪرو
آيت 53 کان 55 آزمائش خدا جي بخشش جنهن ۾ سندس پيءُ کي نصيحت ڪرڻ ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام جو قصو ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام سان سندس قوم جي جنگ، حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي قوم کي چيو جن الله تي ايمان آندو ۽ شرڪ نہ ڪيائون الله تعاليٰ سان. قيامت ڏينهن انهن کي امن ملندو ۽ اهي هدايت وارا آهن ۽ اها آهي حجت انسان جي جا اسان حضرت ابراهيم عليہ السلام کي ان جي قوم تي ڏني.
آيت 84 کان 87 ڪجهہ نبين جو تذڪرو.
آيت 90 هي قرآن انسانن لاءِ نصيحت آهي.
آيت 92 هيءُ قرآن برڪت وارو آهي.
(هن آيت جي پهرين فقري ۾ لفظ اُمَّ الْقُرٰی آهي جنهن جي معنيٰ مڪہ شهر آهي)
آيت 96 الله تعاليٰ جي قدرت
آيت 97 الله تعاليٰ اوهان لاءِ ستارن کي پيدا ڪيو تہ توهان واٽون لهو.
آيت 98. الله تعاليٰ اوهان کي هڪڙي نفس مان پيدا ڪيو.
آيت 99 قدرت جون نشانيون
آيت 100 کان 202 ڪفار مشرڪن جو حال.
آيت 108 باطل معبودن کي گاريون نہ ڏيو.
آيت 111 اي محمد جي تنهنجي نبوت لاءِ مئل گواهي ڏين تہ بہ اهي ڪافر ايمان نہ آڻيندا.
آيت 112 هر ڪنهن پيغمبر لاءِ دشمنن کي پيدا ڪيوسيون جي انسانن ۽ جنن مان شيطان آهن.
آيت 113 ڪنهن پيغمبر لاءِ دشمن هئا (جن شيطان کان انسان شيطان وڌيڪ خطرناڪ آهن)
آيت 118 هن آيت ۾ الله فرمايو آهي تہ پوءِ ان جانور مان کائو جنهن تي ڪهڻ مهل الله تعاليٰ جو نالو ورتو ويو هجي جيڪڏهن سندس آيتن کي مڃيندڙ آهيو.
آيت 119 الله تعاليٰ جيڪي شيون اوهان تي حرام ڪيون آهن سي تفصيل سان اوهان کي ٻڌايون اٿس، فقط لاچاري بک ۾ مرڻ وقت جي مردار کاءِ تہ جائز آهي.
آيت 123 کان 124 دين جي دعوت ڏيندڙن جي مخالفت هر وقت وڏيرن پي ڪئي آهي.
آيت 125 کان 127 جنهن جو الله تعاليٰ سينو کوليندو آهي تنهن کي اسلام جو رستو ڏيکاريندو آهي.
آيت 129 اهڙي طرح اسين ڪن ظالمن کي ڪن تي غالب ٿا ڪريون ان جي (شامت) سببان جو ڪيائون

تي. الله تعاليٰ ظالمن تي ظالمن کي غالب ڪندو آهي.

آيت 136 : مشرڪن جو ٻجھڙو ورهاڱو

هن سورت جو نالو به هن آيت ۾ لفظ الانعام آهي اهو لفظ رکيو ويو آهي هن سورت جي نالي رکڻ جو سبب ۽ وضاحت اسان پهريون متي ڪري چڪا آهيون هتي آيت جو ترجمو پيش ڪجي ٿو.

"هنن ماڻهن الله تعاليٰ لاءِ خود پيدا ڪيل پوکن ۽ ڍورن مان هڪ حصو مقرر ڪيو آهي ۽ پنهنجي گمان جي آڌار تي چون ٿا ته هيءَ الله تعاليٰ لاءِ آهي ۽ هي اسان جي ٺاهيل شريڪن لاءِ پوءِ جيڪو حصو سندن ٺاهيل شريڪن لاءِ آهي اهو ته الله تعاليٰ کي نه ٿو پهچي مگر جيڪو الله تعاليٰ لاءِ آهي اهو سندن شريڪن کي پهچي وڃي ٿو ڪهڙا نه برا فيصلا پيا ٿا ڪن".

آيت 141 کان 142 ان تعاليٰ اوهان لاءِ باغ پيدا ڪيا باغن ۾ ڪجيون ۽ پوکون، زيتون ۽ ڏاڙهون هڪ جهڙا ۽ جدا جدا قسم جا پيدا ڪيا. انجي ميون مان کائو جڏهن ميوه دار ٿين لا باري وقت انجي زڪوات ڏيو ۽ اسراف نه ڪريو بيشڪ الله تعاليٰ اسراف ڪندڙن کي محبت نٿو رکي.

## عشر جو حڪم

هن آيت ۾ هي فقرو وَاٰتُوۡا حَقَّهٗ يَوۡمَ حَصَادِهٖ آهي جنهن سان عشر جي حڪم کي ظاهر ڪري ٿو جيڪو فرض آهي.

آيت 142 ۽ ڍورن مان بار کڻندڙ ۽ زمين سان لڳندڙ (پيدا ڪيائين) ان مان کائو جيڪي ا تعاليٰ اوهان کي روزي ڏني آهي شيطان جي وکن تي نه هلو اهو اوهان جو پڌرو دشمن آهي.

آيت 145 اي محمد انهن کي چؤ ته جيڪو وحي مون وٽ آيو آهي ان ۾ مون کي ڪا اهڙي شئي نٿي ملي جيڪا ڪنهن کائڻ واري تي حرام ڪيل هجي سواءِ ان جي جو مردار هجي يا وهايل رت هجي يا سوئر جو گوشت هجي. الله تعاليٰ کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي نالي تي ذبح ڪيو ويو هجي پوءِ جيڪو ماڻهو مجبوري جي حالت ۾ (انهن مان ڪا شئي کائي وڃي) نافرماني جو ارادو نه رکي ۽ هر گهرج واري حد ٽپي نه وڃي ته بيشڪ تنهنجو رب معاف ڪرڻ وارو ۽ ٻاجهارو آهي.

آيت 146 جن ماڻهن يهوديت اختيار ڪئي انهن تي اسان سيئي ننهن وارا جانور حرام ڪيا هئا ۽ ڳئون ۽ ٻڪري جي چربي به سواءِ ان جي جيڪا سندن پٺيءَ يا آنڊن تي لڳل هجي يا هڏي سان چنبڙيل هجي اها اسين کين سرڪشيءَ جي سزا ڏني هئي ۽ هي جيڪي ڪجهه اسان چئون ٿا بلڪل سچ چئون ٿا.

آيت 147 يهودين تي ڪهڙيون شيون حرام هيون اهي بيان ٿيل آهن.

آيت 151 کان 152 اي محمد انهن کي چئو ته اچو ته آءٌ اوهان کي اهي ڳالهيون ٻڌايان جيڪي ا تعاليٰ اوهان تي حرام ڪيون آهن هي (9) نَوَ ڳالهيون آهن.

1. الله تعاليٰ سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪريو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. ڀيءُ ماءُ سان سهڻو سلوڪ ڪريو.
3. بک جي ڪري پنهنجي اولاد نہ ڪهو.
4. بي شرمي، بي حيائيءَ جي ڪمن کي ويجها نہ وڃو توڙي اهي پڌريون هجن يا لڪل.
5. ناحق خون نہ ڪريو.
6. يتيم جو مال نہ کائو.
7. ماپ ۽ تور ۾ گهٽ وڌ نہ ڪريو يعني پورو پورو انصاف ڪريو.
8. بي انصافي نہ ڪريو.
9. الله تعاليٰ واري عهد کي نڀاهيو.

آيت 153 دين اسلام واري رستي تي هلو.

آيت 157 قرآن جي پيروي ڪريو.

159 جنهن دين ۾ وڳوڙ وڌو الله تعاليٰ انهن کي ٽوليون ڪري ڇڏيو.

هن سورت ۾ آهي تہ جيڪو ايمان نہ ٿو آڻي تنهنجو مثال ٻوڙي گونگي ۽ انڌي وانگر آهي.

مشرڪ مشڪل وقت ۾ بتن کي وساري خدا کي ٿا پڪارين.

پهرين امتن جڏهن پيغمبرن کي نہ مڃيو تڏهن انهن تي مٿن عذاب آيو.

هن سورت ۾ مؤمن زنده ۽ ڪافر مئل آهن.

هن سورت آهي تہ قيامت ۾ جنن کان پڇا ڪئي ويندي تہ انسانن کي ڇو تابع ڪيو. لا تعاليٰ ظالمن تي ظالمن کي غالب ڪندو.

آيت 130 کان 134 الله تعاليٰ ڪنهن قوم کي هلاڪ نہ ڪيو آهي مگر انهن ڏانهن رسول موڪليا اٿس.

آيت 161 کان 163 منهنجي نماز، قرباني، حياتي، مماتي سڀ الله تعاليٰ لاءِ آهي.

مختصر تفسير اي محمد ڪريم ﷺ ڪافرن کي چئو تہ آئون ملت ابراهيمي تي آهيان، جا درست ۽ محڪم دين آهي ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام مشرڪ نہ هو ۽ پنهنجي نماز، حج، قرباني، جيئڻ ۽ مرڻ سڀ ان خدا لاءِ آهي جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي مون کي اهو حڪم ٿيو آهي، آئون سڀني کان اڳي ان خدا جي اڳيان ڪنڌ جهڪائيندڙ ۽ فرمان بردار آهيان.

ان کان علاوه هن سورت ۾ ٻيا بہ ڪيترا امر ۽ اشارا آهن جيڪي سورت جي پڙهڻ سان معلوم ٿيندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (7) **سورت الاعراف** مکية (آيات 206)

الاعرَاف: لغات القرآن ڪريم ۾ هن لفظ جي معنيٰ متاهيون جايون انهن ديوارن جا متيان حصا آهي اها پٽ جيڪا قيامت جي ڏينهن بهشت ۽ دوزخ جي وچ ۾ نڪتل هوندي هن جي آيت 46 ۽ 48 ۾ اعراف لفظ جو ذڪر آهي.

احسن البيان في تفسير القرآن جلد 3 صہ 395 تي آهي علامہ ابن قتيبه لکيو آهي تہ اعراف بهشت ۽ دوزخ جي وچ ۾ ديوار آهي متي هجڻ ڪري اعراف سڏي ويئي آهي عرب هر متي رهندڙ شئي کي اعراف چوندا آهن. (حوالہ تفسير غريب القرآن صہ 168).

تفسير تنوير الايمان جلد 3 صہ 472 تي لکيو آهي تہ دوزخ ۽ بهشت جي وچ ۾ هڪ پردو هوندو ان جو نالو اعراف آهي. اعراف جمع آهي عرف جو جنهنجي معنيٰ آهي چوٽي يا بلند جاءِ.

## اعراف تي ڪير موجود هوندا؟

حضرت عبداد بن مسعود، حضرت حذيفہ بن اليمان حضرت ابن عباس، ضحاڪ ۽ ابن جبير رحمۃ اللہ علیہ جو قول آهي تہ اعراف تي اُهي شخص هوندا جن جون نيڪيون ۽ برايون برابر هونديون اهو قول گهڻن تفسير ۾ لکيل آهي، اهي جڏهن جنتين کي ڏسندا تہ انهن کي سلام ڪندا ۽ دوزخين کي ڏسندا تہ چوندا يا رب! اسان کي ظالم قوم سان گڏ نہ ڪر.

اعراف وارا اعراف ۾ عارضي رهندا آخر جنت ۾ داخل ٿيندا.

ٻيو قول آهي تہ ٻيا اعراف ۾ نبي سڳورا شهداءِ ۽ صالح مطلب اهي اعليٰ درجي جا ماڻهون هوندا انهن تي رب راضي هوندو انهن جي عزت افزائي ظاهر ڪرڻ لاءِ انهن کي اعراف جي عالي مقام تي ويهاريو ويندو تہ جيئن اهي قيامت جو فيصلو ڏسن تہ دوزخي برابر دوزخ جا لائق آهن بهشتي برابر بهشت جا حقدار آهن ۽ محشر وارا انهن جو شان ۽ اعليٰ مرتبو پنهنجي اکين سان ڏسن.

هاڻي اسان ڪجهہ آيتن جا عنوان، حڪم، هدايتون لکي رهيا آهيون.

آيت 2 کان 3 قرآن مؤمنن لاءِ نصيحت آهي.

آيت 4 کان 7 بداعمالن جي ڪري الله تعاليٰ ڪيترن ئي ڳوٺن کي چٽ ڪري ڇڏيو.

آيت 8 کان 10. قيامت واري ڏينهن (عملن جي) تور سچ آهي. عمل نامہ ڪيئن ترندا؟

آيت 8 جي پهرين فقري ۾ آهي تہ ان ڏينهن عمل جو تورڻ برحق آهي جو قيامت جو ڏينهن نيڪين ۽ بدين تورڻ لاءِ قدرتي ساهمي (تارازي) رکي ويندي.

تفسير خازن لکيو آهي تہ اي تعاليٰ ايڏي وڏي ساهمي (تارازي) پيدا ڪئي آهي جو ان ۾ ست آسمان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماپي وجن هڪ دفعي حضرت دائود عليہ السلام الله تعاليٰ جي درگاھ ۾ عرض ڪيو تہ اي رب منهنجا! مون کي اها ساهمي ڏيکاري جنهن ۾ تون عمل توريندين رب پاڪ اها ساهمي ڏيکاريس پوءِ ان کي ڏسي ۽ وڏائپ جاچي رب پاڪ جي درگاھ ۾ عرض ڪيائين تہ اي منهنجا رب ڪنهن کي اها قدرت آهي جو اها ساهمي نيڪين سان ڀري سگهندو مالڪ سائين فرمايس تہ اي دائود عليہ السلام جڏهن آءُ پنهنجي ٻانهي کان راضي ۽ خوش ٿيندو آهيان تہ کجور جي هڪ ڪارڪ سان ان ساهمي کي ڀري ڇڏيندو آهيان.

مٿين آيتن جو مختصر تفسير هيءُ آهي قيامت ڏينهن نيڪ ۽ بدعملن جي تور انصاف سان ٿيندي پوءِ جنهن جي نيڪين جو پاسو (پڙ) ڳرو ٿيندو اُهي ڇٽل آزاد ۽ بامراد ٿيا ۽ جن ماڻهن جي چڱاين جو پاسو (پڙ) هلڪو ٿيندو تہ انهيءَ پنهنجي نفس کي ڇيهو ۽ نقصان وڌو هن سببان جو اسان جي آيتن جو انڪار ڪيائون ۽ بيشڪ اوهان کي زمين ۾ قرار ڏنوسون ۽ گذران جا اسباب ان ۾ اوهان لاءِ پيدا ڪياسون پوءِ توهين ٿورو شڪر ڪريو.

آيت 11 کان آيت 28 هنن آيتن ۾ حضرت آدم عليہ السلام جي پدائش جو قصو شروع ٿئي ٿو. هن ۾ آيتن جي عنوانن کي ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي.

1. آدم کي پيدا ڪرڻ
2. آدم عليہ السلام جي صورت جوڙڻ
3. الله تعاليٰ حضرت آدم ۾ پنهنجي حڪم سان روح کي ڦوڪيو.
4. آدم عليہ السلام کي ملڪن کان سجدو ڪرائڻ
5. شيطان جو تڪبر ڪرڻ.
6. شيطان جي مهلت گهرڻ.
7. شيطان چيو تہ مان انسانن کي سڌي رستي کان گمراھ ڪندس.
8. آدم عليہ السلام ۽ حوا کي شيطان جو وسِوسو وجهڻ
9. پهريون ڪوڙو قسم شيطان کنيو.
10. آدم عليہ السلام ۽ حوا جو جنت جا پن ڍڪڻ
11. شيطان انسان جو ويري آهي.
12. آدم عليہ السلام ۽ حوا جي معافي گهرڻ.
13. حضرت آدم ۽ حوا کي الله تعاليٰ فرمايو تہ بهشت مان لهي وڃو.
14. پرهيزگاري جو لباس ڀلو آهي.
15. شيطان کان بچو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

16. شيطان اوهان کي ڏسن ٿا ۽ اوهين انهن کي نٿا ڏسو.

17. ا تعاليٰ خراب ڪمن جو حڪم نہ ڪندو آهي.

آيت 29 (1). رب انصاف جو حڪم ڪيو آهي.

2. پنهنجن منهن کي سڌو ڪريو سڀ ڪنهن نماز مهل.

3. خاص الله تعاليٰ جي عبادت ڪريو اخلاص سان جيئن اوهان کي پيدا ڪيائين تيئن (اوهين) موٽندؤ.

آيت 31. هن آيت ۾ چيل آهي تہ سڀ ڪنهن نماز وقت سينگار ڪيو. (پاڪ لباس پائي ۽ پاڪ جسم سان نماز پڙهو)

(2) کائو پيئو ۽ اجايو خرچ نہ ڪريو.

تفسير قرآني: تفسير مدارڪ لکيو آهي تہ هڪ يهودي ڪنهن عالم کان پڇيو تہ علم ٻہ آهن 1. دين جو علم (2) بدن جو علم يعني طب، سو اوهان جي قرآن ۾ دين جون ڳالهيون تہ گهڻيون آهن پر طب جي ڳالهہ تہ هڪ بہ نہ آهي عالم چيس تہ الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ سموري طب آهي جيڪا ٽن لفظن ۾ ڄاڻائي آهي. اهي ٽي لفظ هي آهن. كُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ کائو پيئو ۽ اجايو ضايع نہ ڪريو يعني ايترو کائو جنهن سان بک لهي وڃي گهڻيون بيماريون رڳو گهڻي کائڻ کان ٿين ٿيون.

## بد رسم جي ترديد

آيت 32 هن آيت جو مختصر تفسير خازن لکيو آهي تہ هي آيت انهن ڪفارن لاءِ نازل ٿي آهي جيڪي اگهاڙا ٿي ڪعبة الله جو طواف ڪندا هئا اي محمد ﷺ تون ڪافرن کي چئو تہ ڪاڏي پيتي ۽ ڍڪڻ جون شيون ڪنهن حرام ڪيون آهن؟ جيڪي مؤمنن لاءِ پيدا ڪيون آهن حالانڪہ اهي ڪافر بہ پيا ڪائن پر آخرت ۾ اهي نعمتون رڳو مؤمنن لاءِ هونديون.

آيت 33 رب رڳو بي حيائي کي حرام ڪيو. هن آيت ۾ فرمايو اي محمد ﷺ چئو تہ منهنجي رب رڳو بيحيائي جي ڪمن کي حرام ڪيو آهي پوءِ اهي ظاهر هجن توڙي ڳجها. الله تعاليٰ سان ڪنهن شئي کي شريڪ نہ ڪريو جنهن لاءِ الله تعاليٰ ڪو دليل نازل نہ ڪيو آهي اهو شرڪ بہ الله تعاليٰ حرام ڪيو آهي.

آيت 40 کان 41 الله تعاليٰ جي آيتن جو منڪر هرگز جنت ۾ داخل نہ ٿيندو.

آيت نمبر 41 جو ترجمو: بيشڪ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيو ۽ هٺ ڪيائون تہ انهن لاءِ آسمان جا دروازا نہ کوليا ويندا ۽ نہ بهشت ۾ داخل ٿيندا جيستائي اُٺُ سَئي جي ناڪي (سوراخ) مان لنگهي اهڙي طرح گنهگارن کي سزا ڏيون

آيت نمبر 41: انهن لاءِ دوزخ مان وڇاڻو هوندو ۽ انهن جي مٿان پوش بہ دوزخ جو هوندو اهڙي طرح ظالمن کي سزا ڏيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 42 کان 43 الله تعاليٰ ڪنهن انسان کي انجي طاقت کان وڌيڪ تڪليف نہ ٿو ڏي.
آيت 52 قرآن ايمان وارن لاءِ هدايت ۽ نور آهي.
آيت 54 آسمان ۽ زمين جي پيدائش
هن آيت ۾ هڪ فقرو آهي ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ هي آيت متشابهات آيتن مان آهي.
آيت 58 جهڙي زمين تهڙو سلو.

## آيت 59 کان 64 **حضرت نوح عليہ السلام جو قصو**

تفسير خازن حضرت نوح عليہ السلام جو شجرو لکيو آهي جيڪو هن ريت آهي نوح پٽ لامڪ پٽ متو سلخ پٽ اخنوع يعني ادريس پٽ حضرت آدم جو هو حضرت نوح 50 ورهين جي عمر ۾ خلق کي دين جي دعوت ڪيائين سندس عمر 950 سال دعوت ڏيندي رڳو 40 يا 80 ماڻهن مٿس ايمان آندو. حضرت نوح عليہ السلام چيو آءٌ الله تعاليٰ جي طرفان اوهان لاءِ نبي ٿيو آهيان الله تعاليٰ انهي واسطي مقرر ڪيو آهي تہ آءٌ توهان کي نصيحت ڪريان تہ توهان پرهيزگاري ڪريو من الله تعاليٰ توهان تي رحم ڪري پر سندس قوم ڪيس نہ مڃيو پوءِ انسان کي ۽ ٻين مؤمنن کي ٻيڙي ۾ بچايو سون ۽ ڪوڙن ڪافرن کي ٻوڙي ڇڏيوسون.
آيت 65 کان 72 عاد قوم جو قصو.

مختصر تفسير هنن آيتن ۾ عاد جي قوم جو قصو ذڪر ٿيل آهي هي قصو تفسير تنوير الايمان واري تفسير خازن ۽ حقانيءَ تان نقل ڪيو آهي.

اها عاد جي قوم حضرت نوح عليہ السلام جي طوفان کان پوءِ عرب جي ڏاکڻي حصن ۾ آباد هئي اِهو عاد حضرت ابراهيم عليہ السلام کان اڳي هو.

## **عاد جو شجرو**

عاد پٽ عوض پٽ آدم پٽ سام پٽ نوح عليہ السلام جو هو. اها قوم يمن ملڪ جي احقاف ۾ رهندي هئي احقاف واريءَ کي چوندا آهن. احقاف لفظ جي وضاحت سورت احقاف ۾ ڪيل آهي. اهو ملڪ ريگستان هو انهيءَ ملڪ جي آبادي عمان کان وٺي حضر موت تائين هُئي اها قوم تمام قداور ۽ قوت واري ۽ سرڪش هئي انهيءَ زور جي ڪري انهن جي حڪومت عرب جي اڪثر حصن تي هئي اها قوم بت پرست هئي الله تعاليٰ انهيءَ قوم جي هدايت لاءِ حضرت هود عليہ السلام کي نبي ڪري موڪليو.

## **هود جو شجرو**

هود بن عبدالله بن رباح بن الخود بن عاد بن عوض بن آدم بن سام بن نوح عليہ السلام هو. حضرت هود قوم وارن کي اول الله تعاليٰ جي توحيد جي تعليم ڏني پر عادين هود عليہ السلام کي چريو چيو ۽ هن جي هدايت تي عمل نہ ڪيائون الله تعاليٰ عاد قوم تي 3 ورهيہ لاڳيتو ڏڪر موڪليو جنهن کان اهي عاجز ٿيا پر ايمان نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آندائون پوءِ انهن تي حضرت هود جي نه مڃڻ ڪري عذاب نازل ٿيو جيڪو ڪاري ڪڪر جو عذاب هو انهيءَ ڪڪر ۾ عذاب جو واءُ هو اهو طوفان انهن تي برابر هڪ هفتي تائين هليو جنهن ۾ سڀ مري ويا يعني الله تعاليٰ جي قهر سان عاد جي قوم فنا ٿي ويئي باقي حضرت لوط عليہ السلام ۽ سندس ساٿي سمنڊ جي ڪناري وٽ سلامت هئا.

آيت 73 کان 79 هنن آيتن ۾ ثمود قوم جو قصو آهي

**ثمود قوم جو شجرو:** ثمود بن عابر بن آدم بن سام بن نوح عليہ السلام هي قوم عاد جي قوم کان پوءِ عرب جي اتر اوڀر ۾ مدينہ ۽ شام جي وچ ۾ رهندي هئي. ان کي حجر چوندا هئا. الله تعاليٰ انهن کي گهڻو مال ملڪ آبادي عطا ڪئي هئي اهي سڀ ڪافر ۽ بت پرست هئا الله تعاليٰ سندن قوم مان هڪ نبي صالح عليہ السلام موڪليو جنهن ڪين چيو منهنجي قوم الله تعاليٰ جي عبادت ڪيو جو ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود نہ آهي، بيشڪ توهان وٽ اوهان جي رب ڪريم جي طرفان هڪ معجزو آيو آهي هي الله تعاليٰ جي ڏاچي اوهان لاءِ نشاني آهي پوءِ ان کي ڇڏيو تہ الله تعاليٰ جي زمين ۾ چري ۽ ان کي ڪا سختي نہ پهچايو نہ تہ اوهان کي دردناڪ عذاب سان وٺندو. ياد ڪريو اوهان کي عاد جي قوم بعد جانشين ڪيائين اوهان کي زمين ۾ قرار ڏنائين نرم زمين مان ماڙيون جوڙيو ٿا ۽ جبلن مان گهر ٺاهيو ٿا زمين ۾ فساد نہ وجهو حضرت صالح عليہ السلام جي قوم مان جيڪي رئيس هئا سي انهن غريبن، ايماندارن کان پڇڻ لڳا تہ تحقيق حضرت صالح خدا جو رسول آهي چا انهن جن ايمان آندو انهن جواب ڏنو تہ الله تعاليٰ حضرت صالح عليہ السلام کي جيڪو حڪم ڏيئي اسان ڏي موڪليو آهي اسان جو ان تي پورو پورو يقين آهي اسين مؤمن آهيون اسان الله تعاليٰ جي حڪم کي مڃون ٿا پر جن کي پنهنجي دولت تي تڪبر هو تن چيو جنهن شئي تي توهان ايمان آندو آهي اسين ان جا منڪر آهيون پوءِ انهن جن ايمان نہ آندو انهن ڏاچيءَ کي ماريو ۽ تڪبر سان صالح عليہ السلام کي چيائون تہ جنهن عذاب جو تون اسان کي ڊپ ڏئين ٿو جي تون سچو رسولن مان آهين تہ اهو عذاب اسان تي آڻ تڏهن پوءِ انهن کي زلزلي ورتو پوءِ جنهن گهر ۾ هئا گوڏن ڀر ڪري مئل ٿيا پوءِ حضرت صالح انهن کان منهن ڦيري هليو ويو ۽ انهن کي چيائين تہ اي ڀائرو! مون تہ اوهان کي پنهنجي رب جا حڪم تي پهچايا ۽ توهان جي خير خواهي بہ ڪيم پر اوهين خير خواهي کي پسند نٿا ڪيو.

آيت 80 کان 84 هنن آيتن ۾ حضرت لوط عليہ السلام جي قصي جو ذڪر ٿيل آهي.

آيت 85 کان 87 آيتن ۾ حضرت شعيب جو قصو بيان ٿيل آهي.

آيت 103 کان 171 ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام جو قصو ۽ ڪيس مليل معجزن جو بيان ٿيل آهي، حضرت موسيٰ جي قصي کي حصن ۾ ورهائي انهن حصن يعني پاڳن کي عنوان ڏنا ويا آهن عنوان هيٺ ڏجن ٿا.

1. **حضرت موسيٰ جي قصي ۾ حضرت موسيٰ کي معجزا (9) نو مليل آهن.**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1. حضرت موسيٰ جي لٺ وارو معجزو، 2. هٿ جو روشن ٿيڻ، 3. ڏڪر، 4. ميون ڦول جي ڪمي
آيت 133 : 1. طوفان، 2. ماڪڙ، 3. جونءِ، 4. ڏيڏر، 5. رت.
2. حضرت موسيٰ سان جادوگرن جو مقابلو
3. جادوگرن جو ايمان آڻڻ
4. جادوگرن کي فرعون جي ڌمڪي تہ توهان جا هٿ ۽ اوهان جا پير ابتا سبتا ضرور وڍيندس وري اوهان کي سوري (ڦاسيءَ) تي چاڙهيندس.
5. جادوگرن جي دعا اي رب اسان جا پلتاءِ اسان تي صبر ۽ اسان کي مسلمان ڪري مار.
6. **فرعون تي آزمائش** "بيشڪ گرفتار ڪيوسون فرعون جي قوم کي ڏڪار ۽ ميون جي نقصان سان مَن نصيحت قبول ڪن.
7. بني اسرائيلن جي ڪاميابي.
۽ اها قوم جيڪا هيٺي هئي تنهن کي اولهہ جي زمين (يعني شام ۽ مصر) جو مالڪ ڪيوسون ان زمين ۾ برڪت رکي سون. موسيٰ عليہ السلام حاڪم ٿيو ۽ سچو ٿيو سهٽو وعدو تنهنجي رب جو بني اسرائيلن تي، بني اسرائيلن جي صبر ڪرڻ ڪري رب انهن جي دشمنن کي ماريو ۽ بيت المقدس واري زمين جو وارث بنايو.
8. بني اسرائيلن جو جاهلاڻو سوال
اسان بني اسرائيلن کي سمنڊ پار پهچايو پوءِ انهن تي اهڙي قوم ڏٺي جيڪي بتن جي پوڄا ڪري رهيا هئا ۽ پوءِ موسيٰ کي چوڻ لڳا تہ اي موسيٰ عليہ السلام جهڙي طرح هنن ماڻهن وٽ بت آهن اهري طرح هڪ بت اسان لاءِ جوڙي ڏي تڏهن موسيٰ انهن کي چيو تہ توهان وڏا جاهل آهيو اهي بت پرست جنهن دين تي آهن سو ڪوڙو دين آهي.
10. حضرت موسيٰ عليہ السلام جي رب کان ديدار جي گهر.
11. حضرت موسيٰ عليہ السلام کي تورات ڏيڻ جو واعدو
12. حضرت موسيٰ جي قوم جو گابي کي پوڄڻ
13. بني اسرائيلن جو پشيمان ٿيڻ
14. حضرت موسيٰ جي ڪاوڙ
15. تورات ڪيترو وڏو هو.
16. حضرت موسيٰ عليہ السلام جو حضرت هارون جي ڏاڙهي ۽ وارن کان ڇڪڻ
17. حضرت موسيٰ عليہ السلام جي معافي گهرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت موسيٰ چيو " اي رب منهنجا بخش ڪر مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ کي ۽ داخل ڪر پنهنجي رحمت ۾ تون رحم وارو آهين رحم ڪندڙ آهين.

18. الله جي پاڇهه

19. (70) ستر بني اسرائيلن جي چونڊ ۽ انهن جي هلاڪ ٿيڻ جو واقعو

20. الله تعاليٰ جي رحمت ڪشادي آهي.

21. الله تعاليٰ جي ڪامل نعمت پنهنجن ٻانهن تي آهي.

آيت نمبر 157: الله تعاليٰ حضرت موسيٰ کي سندس دعا ۽ سوال جي جواب ۾ فرمايو تہ اسان جو عذاب جنهن کي اسين گهرون ۽ جنهن کي لائق عذاب جو سمجهون تنهن کي پهچيندا آهيون باقي اسان جي رحمت ۾ سڀ شيون شامل آهن پر آخر ۾ اها رحمت اسين خاص انهن شخصن لاءِ لکندا سين جيڪي پرهيزگاري ڪندا ۽ زڪوات وغيره ڏيندا ۽ اسان جي آيتن تي ايمان آڻيندا اي موسيٰ اُهي رحمتون تنهن جي ڏينهن ۾ انهن لاءِ آهن جن ۾ اهي شيون يعني ٽيئي صفتون پرهيزگاري ايمان ۽ زڪوات ڏيڻ هونديون.

باقي آخري زمان ۾ انهن کي اها رحمت نصيب ٿيندي جيڪو محمد رسول الله ﷺ رسول نبي اُمي ءَ جي تابعداري ڪندا ۽ ان جي شريعت تي هلندا انهن ڏينهن ۾ يعني اُمي جي ڏينهن نبي امي جي تابعداري کان سواءِ ٿلهي تقويٰ ۽ زڪوات ۽ تورات ۽ انجيل جو ايمان ڪم نہ ايندو ۽ اهو نبي اُمي تنهن جي صفت تورات ۽ انجيل ۾ لکيل ڏسندا.

## تورات ۽ انجيل ۾ حضور جن جون صفتون

آيت 157 ۾ آهي تہ اهي جي تابعداري ڪن ٿا پيغمبر نبي امي جي اهو جنهن جي تعريف لهن ٿا لکيل تورات ۽ انجيل ۾ يعني الله تعاليٰ فرمايو تہ جڏهن محمد رسول الله ﷺ پيدا ٿيندو تڏهن بني اسرائيل توڻي پيا ڪيتري بہ تقويٰ ڪن توڻي زڪوات ڏين توڻي انجيل ۽ تورات کي مڃين تہ بہ منهنجي رحمت ۾ نہ کي داخل ٿيندا نہ کي اها رحمت انهن کي ملندي تيستائين جيستائين محمد ڪريم ﷺ جا تابع ٿين جو نبي رسول امي آهي جنهن جي تعريف انهن تورات ۽ انجيل ۾ لکيل ڏٺي آهي ان جي اتباع کان سواءِ نہ ڪا ملندن هدايت نہ ڪا سعادت ملندن. پروڙڻ گهرجي تہ هن سڄي آيت شريف ۾ الله تعاليٰ جل شانه حضرت محمد ڪريم ﷺ جون نو صفتون بيان فرمايون آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون.

1. رسول 2. نبي

رسول جو لفظ پوءِ نبي جي لفظ جو ذڪر هن ڳالهہ جو اشارو آهي تہ هو عام طرح جو رسول نہ آهي بلڪ رسول ۽ نبي هوندو جهڙي طرح سادات جي سردار کي شيخ السادات چون ٿا اهڙي طرح نبين جو سردار هوندو آهي.

3. باوجود رسالت ۽ نبوت جي اهو امي هوندو يعني ڪا بہ ظاهري (لکڻ پڙهڻ لکپڙهہ) ڪونہ سکيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو. مگر بــاوجود ان جي سـچي خلق جي علم الاولين و علم الاخرين جو سرچشـمو هوندو يعني اڳين ۽ پوين سين جو علم ان کي مليل هوندو حقيقت ۾ اهو وڏو ظاهر معجزو آهي ۽ علامت پيغمبري جي ظاهري آهي.

4. بني اسرائيل ۽ نصارا انهيءَ نبي جي صفت تورات ۾ لکيل ڏسندا افسوس آهي جو باوجوديڪ اصل تورات ۽ اصل انجيل ۾ ڪيتري قدر حضرت جن جي صفت الله تعاليٰ لکي هئي جيڪا حضرت جن جي زماني ۾ جيڪي يهودين نصارن کي معلوم هئي جن کي الله تعاليٰ گهريو تن ايمان آندو جن کي نہ گهريائين تن ايمان نہ آندو اٽلندو حسد ڪيو اچ ڪلهہ جيڪو تورات آهي ۽ جيڪو انجيل آهي تنهن ۾ حضرت جن جي صفت ظاهر جيڪا هئي اها يهودين ۽ نصارن ڪڍي ڇڏي آهي. باقي تنهن هوندي بہ الله تعاليٰ جي قدرت ڏسو تہ تورات استشنا باب 18 ۽ انجيل يوحنا باب 14 ۽ صحيفن ۾ حضرت جن جون بشارتون ڪيتري قدر موجود آهن ان ڪان سواءِ انجيل برنياس ۽ انجيل يوحنا مٿين ۾ خاص حضرت جن جو نالو فارقليط لکيل آهي جو احمد جي لفظ جو ترجمو آهي.

5. انهن کي چڱن ڪمن جو حڪم ڪندو

6. بڇڙن ڪمن کان منع ڪندو.

7. انهن لاءِ پاڪ شيون حلال ڪندو آهي.

8. پليت شيون مٿن حرام ڪندو آهي.

9. ۽ سندن ڳرو بار ۽ جيڪي تڪليفون مٿن هيون سي ڪاٺن لاهيندو آهي يعني جيڪي بني اسرائيلن تي شريعت موسويءَ ۾ ڳرا بار ۽ طوق انهن جي ڳردن ۾ پيل هئا ۽ اهي سڀ انهن تان لاهيندو جيڪي ماڻهو انهيءَ محمد ڪريم ﷺ تي ايمان آڻيندا ۽ ان جي حمايت ۽ تعظيم ڪندا اهي ماڻهو ڪامياب ۽ ڇٽيل ٿيندا.

حضور جن مڙني انسانن ڏي رسول ٿي آيو آهي

بني اسرائيلن تي انعام: (1) پهڻ تي لٺ هڻڻ سان 12 چشما جدا جدا ٿيا. (2). انهن مٿان ڪڪر جي ڇانو مقرر ڪيائين. 3 من و صلويٰ لاٿائين.

21. مڇي جي شڪار جو قصو

22. يهودين تي عجيب عذاب

23. ميثاق جو بيان

24. بلعم بن باعور جو قصو

25. حرص واري عالم جي مذمت

26. حرص وارو عالم ڪتي مثل آهي.

27. صبح ۽ شام رب جو ذڪر ڪريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا الله الرحمن الرحيم

## 8 **سورت الانفال** (مدينہ آيات 75)

الانفال لفظ هن سورت جي آيت 1 مان ورتل آهي. لغات القرآن ۾ الانفال جي معنيٰ آهي غنيمت جو مال (جنهن جي اصل معنيٰ آهي لڙائي ۾ وڌيڪ هٿ آيل مال) ان جو واحد نفل آهي.

تفسير تنوير الايمان جلد 4 صہ 161 تي انفال جي معنيٰ غنيمت جو مال آهي جيڪو ڪافر سان جهاد ڪرڻ ۾ فتح حاصل ٿيڻ کان پوءِ هٿ اچي تنهن کي انفال چئبو آهي.

احسن البيان في تفسير القرآن جلد 4 صہ 59 تي غنيمت جي شرعي اصطلاحي معنيٰ هن طرح ڪئي آهي تہ شرعي اصطلاح ۾ غنيمت ان منقول يعني کڻي سگهڻ جهڙي مال ۽ ملڪيت جو نالو آهي جيڪو مسلمان ڪافرن تي غالب ٿي حاصل ڪندا آهن.

هن سورت ۾ جهاد جي اصل مقصد دين جي خدمت ۽ الاهي رضا حاصل ڪرڻ سان گڏ جنت جي ملڻ کان سواءِ عارضي شئي انفال جو ذڪر آهي.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ ڪيترين ئي اخلاقي ۽ تمدني ڳالهيون ارشاد فرمايون آهن. انفال جو فيصلو يعني غنيمت جو مال الله تعاليٰ ۽ رسول ﷺ جو آهي. غنميت جي مال مان پنجون حصو الله تعاليٰ ۽ رسول ﷺ جو آهي. مال غنيمت جي تقسيم ڪرڻ جو طريقو. بدر جي جنگ جو قصو. حضور ﷺ جن مڪي کان مدينہ شريف ڏانهن هجرت جو واقعو ابو لباده جي توبہ. نزاع ۽ جهيڙي ڪرڻ جا نقصان. الله تعاليٰ پانهي جي زيادتيءَ ۾ بي شڪري ڪرڻ کان سواءِ نعمت نہ ٿو کسي. ڪافرن جي برائي. صلح جي ڪوشش ڪندڙ سان صلح ڪرڻ.

هن سورت جو گهڻو حصو جنگ بدر متعلق آهي. هن سورت ۾ ڪيترين ئي آيتون جنگ بدر بابت آهن جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿيون.

آيت 7 ۾ آهي تہ ياد ڪريو اهو موقعو جڏهن الله تعاليٰ توهان سان واعدو ڪري رهيو هو تہ پنهي ٽولن مان هڪڙو توهان کي ملندو (قريش جو تجارتي قافلو جيڪو شام ملڪ کان اچي رهيو هو جنهن جو اڳواڻ ابوسفيان هو يا قريش جو لشڪر جيڪو مڪي کان اچي رهيو هو جن ۾ اڳواڻ ابوجهل هو توهان گهريو پئي تہ هيڻو ٽولو توهان کي ملي پر الله تعاليٰ جو ارادو هو تہ پنهنجي فرمانن سان حق کي حق ڪري ڏيکاري ۽ ڪافرن جي پاڙ پٽي ڇڏي. (مڪي جي ڪافرن جو تعداد هڪ هزار کان مٿي هيو)

آيت 9: اهو وقت ياد ڪريو جڏهن توهان پنهنجي رب کي فرياد ڪري رهيا هئا جواب ۾ فرمايو تہ مان توهان جي مدد لاءِ هڪ ٻئي پٺيان هڪ هزار ملائڪ موڪلي رهيو آهيان.

آيت 11. ياد ڪريو جنهن مهل پنهنجي الله تعاليٰ کي پنهنجي طرفان ننڊ اڪرائي جي شڪل ۾ توهان تي اطمينان واري حالت طاري ڪري رهيو هو ۽ آسمان کان توهان جي مٿان مينهن وسايو تہ جيئن اوهان کي پاڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ۽ توهان تان شيطان جي وڌل حرڪت کي دور ڪري ۽ اوهان جي همٿ ٻڌائي ۽ ان وسيلي اوهان جا پير ڄمائي.
آيت 15 اي ايمان وارا جڏهن توهان هڪ لشــــڪر جي صورت ۾ ڪافرن جي ســـــامهون ٿيو ته انهن جي مقابلي ۾ پٺيون نه ڏيو.
آيت 16 جنهن اهڙي موقــعي تي پٺي ڏني ســـواءِ ان جي جو جنگي صورتحال ائين ڪري يا ڪنهن ٻئي فوجي جٿي سان ملڻ لاءِ باقي پٺي ڏيڻ وارو الله تعاليٰ جي غضب هيٺ ايندو سندس جاءِ جهنم هوندي.
آيت 17 پوءِ حقيقت اها آهي ته انهن کي توهان قتل نه ڪيو بلڪ الله تعاليٰ انهن کي قــتل ڪيو ۽ (اي نبي) تو نه اڇلي هئي بلڪ الله تعاليٰ اڇلي هئي (بــدر جي معرڪي ۾ جڏهن مســلمانن ۽ ڪافرن جي لشــڪر دو بدو ٿيو ۽ مرڻ ۽ مارڻ جو موقعو اچي ويو ته حـضور ﷺ جن واريءَ جي مٺ ڀري شـاهت الوجوه چوندي ڪافرن ڏانهن اڇلائي انهيءَ لاءِ الله تعاليٰ نبي کي چيو ته تو نه اڇلائي هئي بلڪ الله تعاليٰ اڇلي هئي) يعني هٿ نبيءَ جا هئا ۽ اندو انهن کي الله تعاليٰ ڪيو.
آيت 19 جي تشريح هن طرح آهي ته مڪي کان رواني ٿيڻ وقت مشرڪن ۽ ابوجهل ڪعبي جي غلاف کي پڪڙي رب کان دعا گهري هئي ته اي الله تعاليٰ محمد ﷺ جن حـــق تي هجن ته تون محمد ﷺ جن جي مدد فرماءِ ۽ انهن کي فتح عطا ڪر ۽ جيڪڏهن اسان حق تي هجون ته اســان جي مدد فرماءِ اســان کي فتح ڏي الله تعاليٰ انهن ڪافرن کي چيو ته جيڪو توهان فيصلو گهريو ته پوءِ اِهو فيصلو اوهان جي آڏو اچي ويو اها آيت نمبر 19 اِنْ تَسْتَفْتِحُوْا الله تعاليٰ نازل فرمائي.
آيت 20 اي ايمان آڻڻ وارؤ! الله تعاليٰ ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪريو ۽ حڪم ٻڌڻ کان پوءِ ان کان منهن نه موڙيو.
آيت 21 انهن ماڻهن وانگر نه بـڻجو جن چيو ته اسـان ٻڌو جيتوڻيڪ هو ٻڌندائي نه آهن (ٻڌڻ مان مراد آهي مڃڻ ۽ قبـول ڪرڻ هي اشـارو آهي) انهن منافقــن ڏانهن جيڪي ايمان جو اقــرار ڪندا هئا پر حــڪمن جي تابعداري نه ڪندا هئا.
آيت 22 بيشڪ الله تعاليٰ جي نظر ۾ بـدترين قسم جا جانور ٻوڙا ۽ گونگا ماڻهو آهن جيڪي عقل کان ڪم نٿا وٺن (يعني نه حق ٻڌن ٿا نه حق چون ٿا اهي گونگا ۽ ٻوڙا آهن)
آيت 24 هن آيت ۾ هڪ فقرو آهي ته اي ايمان وارؤ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ جي سڏ تي لبيڪ چئو. جڏهن رسـول ﷺ اوهان کي هن لاءِ ســڏي ٿو ته اوهان کي جيئرو ڪري (يعني اي مؤمنو الله تعاليٰ ۽ رســول ﷺ جا حڪم مڃيو ۽ جڏهن رسول ﷺ اوهان کي دين ايمان قرآن ڏي سڏي جنهن کان اوهان جي روح جي هميشه حياتي قائم رهي تڏهن ان جو چيو مڃيو ۽ ان جي سڏ جي پٺيان مڃڻ جو سڏ ڏيو).
ڪافرن جو قرآن بابت ڪوڙو خيال

آيت نمبر 31 ۽ آيت نمبر 32: نصر بـــن الحرث جي بـــاري ۾ لٿي آهي هي ڪافر جڏهن مڪي ۾ آيو ۽ حضور جن کي قرآن پڙهندي ۽ نماز ادا ڪندي ڏٺائين تڏهن چيائين هن قرآن جهڙو اسان اڳي ڪين ٻڌو آهي جي اسان جي مرضي پوي تہ اهڙ اسان بہ ٺاهي سگهون ٿا هن ۾ اڳوڻن جون ڪهاڻيون آهن تڏهن حضور جن فرمايو ڏيان ڪر هي الله تعاليٰ جو ڪلام آهي.

ڪافرن جي عذاب جي گهر: تڏهن نصر بن الحرث آسمان ڏانهن نهاري چيو تہ اي رب منهنجا جيڪڏهن اهو قرآن تو وٽان حق آهي تہ اسان تي آسمان کان پٿرن جو مينهن وساءِ يا ڪو ڏکوينڌڙ عذاب اسان تي آڻ پر حقيقت هي آهي تہ حضور جي هوندي الله تعاليٰ عذاب نہ ٿو ڪري.

آيت 33 الله تعاليٰ هن آيت ۾ فرمايو تہ الله تعاليٰ ڪي نہ جڳائيندو آهي جو تون انهن ۾ ماڻهن ۾ ويٺل هجين ڪين عذاب ڪري ۽ الله تعاليٰ ڪي (هي بہ) نہ جڳائيندو آهي جو ڪين هن هوندي عذاب ڪري جو اُهي بخشش گهرندا هجن.

آيت 39 ايمان وارا ڪافرن سان جنگ ڪريو ايستائين جو دين سمورو الله تعاليٰ لاءِ ٿي وڃي.

آيت 43 جڏهن الله تعاليٰ ڏيکاريو ڪافرن کي الله تعاليٰ خواب ۾ توکي ٿورو.

(واقعو بدر جو حضور جن کي خواب ڏيکاريو ڪافر ٿورا ڪري)

الله تعاليٰ اوهان جي اکين ۾ دشمنن کي ٿورو ڪري ڏيکاري ۽ انهن (ڪافرن) جي نگاهن ۾ توهان کي ٿورو ڪري پيش ڪيو هن لاءِ تہ جيڪا ڳالهہ ٿيڻي هئي ان کي الله تعاليٰ ظاهري ڪري ۽ آخرڪار سڀ معاملا الله تعاليٰ ڏانهن ئي موٽن ٿا.

آيت 48 (1) ڪافرن کي شيطان جو دلبو

2. لڙائي کان شيطان جو پڇڻ

آيت 65 ۽ 66 اي نبي ﷺ مؤمنن کي رغبت ڏي جنگ لاءِ.

1. جيڪڏهن اوهان مان ويهہ ڄڻا صابر تہ غالب ٿيندا 200 ڪافرن تي

2. جيڪڏهن اوهان مان 100 شخص صابر تہ غالب ٿيندا هڪ هزار ڪافرن تي

3. جيڪڏهن اوهان مان 100 شخص صابر تہ غالب ٿيندا ٻن 200 تي.

4. 1000 هڪ هزار غالب ٿيندا ٻن هزارن 2000 تي الله تعاليٰ جي حڪم سان ۽ الله تعاليٰ صبر ڪندڙ سان آهي.

جنگ بدر جي قيدين جي باري ۾ فيصلو

آيت 78 هن آيت ۾ فقرو آهي تہ الله تعاليٰ جي ڪتاب ۾ رت جا رشتيدار هڪ ٻئي جا وڌيڪ حقدار آهن ان کان علاوه هن سورت ۾ ٻيا ڪيترا اشارا ۽ حقيقتون آهن جيڪي سورت جي پڙهڻ سان معلوم ٿيندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## 9 **سورت التوبه** (مدينة آيات 129)

التوبہَ لفظ هن سورت جي آيت 104 ۾ بہ دفعا استعمال ڪيل آهي جتان هي لفظ ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي توبہ ڪرڻ.

هن سورت جا نالا ۽ انهن نالن سان سڏجن جو سبب: ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ قرآن ڪريم جي مفسرن هن سورت جا 15 پندرنهن نالا رکيا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

1. التوبة چو تہ هن ۾ حضور پر نور عليہ الصلواة والسلام جي اصحابي ڪعب بن مالڪ ۽ سندس ٻن ساٿين جي عظيم الشان توبہ جو ذڪر آهي.

2. البراءة: معنيٰ بيزار ٿيڻ. ان جيڪري جو هن ۾ مشرڪن کان بيزاري ۽ ساڻن ڪيل معاهدن کي ختم (ڪينسل) ڪرڻ جو بيان آهي (حوالہ ضياءالقرآن جلد 2 صہ 173)

3. المقشقشة: هي لفظ واحد مؤنث اسم فاعل جو صيغو قشمش يقشقش کان ورتل آهي بيمار کي بيماريءَ کان صحت ملندي آهي تہ چيو ويندو آهي تہ قشقشه ان کي بيماريءَ کان ڇڏايائين هيءَ سورت بہ مؤمن کي منافقيءَ کان ڇڏائي اخلاق ڏانهن آڻيندڙ آهي ان جي ڪري ان نالي سان سڏي وئي آهي (حوالہ بحر العلوم جلد 2 صفہ 30)

4. الفاضحه: خوار ڪندڙ (حوالہ الدر المنشور ص جلد 4 صفہ 120 ۽ 121) ڪافرن، منافقن کي خوار ڪندڙ

5. سورت العذاب: چو تہ هن ۾ ڪافرن کي عذاب ٿيڻ جو ذڪر گهڻو آهي.

6. المنقرة يعني ڪافرن جي دلين ۾ ڪل راز ظاهر ڪندڙ (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن ج 4 صہ 111)

7. المعبرة يعني ماڻهن جي رازن کي کوليندڙ

8. الحافرة يعني کوٽيندڙ: چو تہ ان منافقن جي دلين ۾ دفن ٿيل نفاق کي کوٽي مسلمانن جي اڳيان ظاهر ڪري رکيو. (حوالہ بحر العلوم جلد 2 صہ 30)

9. المثيره: معنيٰ چو تہ ان منافقن جي حالت کي پڌرو ڪري ڇڏيو. اهو نالو قرآن پاڪ جي مفسر قتاده کان نقل ڪيل آهي (حوالہ بحر العلوم جلد 2 صہ 30)

10. المبشرة: چو تہ ان منافقن جون ڍڄيون اڏائي ڇڏيون لڪائڻ نہ ڏنيون اهو نالو حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي.

11. المخزيه: خوار ڪندڙ ان جي ڪري جو هن سورت ۾ هڪ جملو آيت نمبر آهي وَاَنَّ اللّٰهَ مُخۡزِى الۡكٰفِرِيۡنَ بلاشڪ اِهُ تعاليٰ ڪافرن کي خوار ڪندڙ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

12. المنڪله: عذاب ڪندڙ
13. المشددة: ڪافرن تي سختي ڪندڙ
14 المدمدمة: ڪافرن تي عذاب پلٽائيندڙ
15. البحوث: بحث ڪندڙ ڇو تہ ان منافقن جي لڪل ڳالهين جو بحث ڪيو آهي
هن سورت جا نالا 1 کان 15 تائين احسن البيان في تفسير القرآن تان نقل ڪيا آهن جلد 4 صفحہ 110 ۽ 111)

**هن سورت جا مضمون**

1. عرب مان شرڪ ۽ ڪفر کي مڪمل طرح ختم ڪيو وڃي ۽ قديم مشرڪن واريون رسمون ختم ڪيون وڃن
2. هن ۾ مشرڪن کان براءة (بيزاري) ڪندي ساڻن معاهدا ختم ڪيا وڃن.
3. مڪي مڪرمہ کي فتح ڪرڻ ۽ ڪعبه جي انتظام سنڀالڻ کان پوءِ اهو حڪم ڪيو ويو تہ آئنده جي لاءِ ڪعبه جا متولي مسلمان رهن ۽ بيت الله شريف جي حدود ۾ شرڪ ۽ جهالت جون سموريون رسمون زور ۽ سختي سان نہ صرف بند ڪيو وڃن پر مشرڪ ان مقدس گهر کي ويجها بہ نہ وڃن.

هن سورت ۾ مسلمانن کي هدايت ڪئي ويئي تہ عرب کان ٻاهر جيڪي ماڻهو مسلمان نہ آهن انهن جي خود مختيار حڪمرانيءَ کي بہ تلوار جي ذريعي ختم ڪيو وڃي ڇو تہ اهي اسلام جي راه ۾ رڪاوٽ نہ بڻجن پر اُهي اسلامي اقتدار جي تابع ٿي رهڻ قبول ڪن جيتري قدر ايمان قبول ڪرڻ جو تعلق آهي اهو مٿن منحصر آهي خوشيءَ سان قبول ڪن تہ ڀلو آهي نہ تہ مرضيءَ وارا آهن پر ڪين اهو حق نہ آهي جو الله جل جلاله جي ڌرتيءَ تي قابض رهي ان جي عبادت کان روڪين جنهن ڌرتي پيدا ڪئي آهي.

سويلم جي گهر ۾ منافق جو هڪ ٽولو گڏ ٿي مسلمانن کي جنگ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪندو هو ان جو گهر ساڙيو ويو ۽ تبوڪ جي جنگ کان واپس ٿيندو مسجد ضرار (منافقن جي مسجد) کي ساڙيو ويو.

جن شخصن تبوڪ جي جنگ جي موقعي تي سستي ۽ ڪمزوري ڏيکاري هئي انهن کي نهايت شدت سان ملامت ڪئي وئي ۽ آئنده لاءِ فيصلو ڪيو ويو تہ جيڪو اسلام جي لاءِ قرباني ڏيڻ ۾ سستي ڪندو ان جو ايمان معتبر نہ رهندو (حوالہ تفهيم القرآن جلد 2 صہ 172، 173)

هن سورت ۾ ڪافرن سان معاهدن کي ٽوڙڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي هن سورت ۾ ڪافرن سان تعلقہ ٽوڙڻ جو بيان آهي.

## هن سورت ۾ بسم ا لله نہ لکڻ جو سبب

هن سورت جي شروعات ۾ بسم الله الرحمن الرحيم نٿي لکي وڃي ڇا ڪاڻ تہ نبي ڪريم ﷺ جن ان جي شروعات ۾ بسم الله نہ لکرائي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت ابن عباس ﷜ حضرت علي ڪرم الله وجهه کان پڇيو تہ ڇو توبہ جي سورت جي اول ۾ بسم نہ لکي وئي آهي تڏهن حضرت علي ﷜ جواب ڏنو تہ بسم الله امن جي لاءِ آهي ۽ جڏهن هن سورة ۾ وڙهندڙ ڪافر جي لاءِ ڪنهن بہ قسم جو امن ڪونهي تنهنڪري انهيءَ جي اول ۾ بسم الله نہ لکي ويئي آهي.

احسن البيان في تفسير القرآن جلد 4 صہ 114 نقل ڪيو آهي تہ حضور ﷺ جن هن سورة جي شروعات ۾ بسم الله الرحمن الرحيم لکڻ جو حڪم نہ ڏنو هو ڇو تہ جبرائيل عليہ السلام هن سورت کي آڻڻ وقت بسم الله سڳوري نہ آندي هئي (حوالہ القرطبي جلد 8 صہ 63).

هن سورت جو جامع مضمون مٿي لکيو آهي باقي مضمون جو حصو آيتن جي حوالن سان جيڪي قصا، حڪم ۽ هدايتون آهن ۽ منافقن جي منافقت جو ذڪر ٿيل آهن انهن آيتن جا عنوان ۽ تشريحون لکيون ويون آهن باقي سورت جو مواد هن سورت جي مطالعي ڪرڻ سان ڄاڻ حاصل ٿيندي.

هن سورت جي آيت 1 کان آيت 6 تائين مشرڪن کان بيزاريءَ جي اعلان جو ذڪر آهي.

آيت 7 کان 12 ۾ مشرڪن سان الله تعاليٰ ۽ رسول ﷺ جي عهد ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟

آيت 13 کان 16 توهان ڪافرن سان جنگ ڇو نہ ٿا ڪريو.

1. ڪافرن پنهنجن قسمن کي پيجي وڌو (واعدو ٽوڙي ڇڏيو)

2. رسول الله ﷺ کي مڪہ مڪرمہ کان ٻاهر ڪڍڻ ۽ جلاوطن جو ارادو ڪيو.

3. جن توهان سان پهريائين جنگ جي ڇيڙ ڇاڙ شروع ڪئي.

اي مؤمنو ڇا توهان اهڙن ڪافرن کان ڊڄو ٿا جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ ا تعاليٰ کان ڊڄڻ گهرجي توهان جنگ ڪريو الله تعاليٰ توهان جي هٿن سان انهن کي سزا ڏيندو ۽ انهن کي خوار ڪندو ۽ انهن تي اوهان کي فتح ڏيندو ۽ شفا ڏي مؤمنن جي جماعت جي سينن کي ۽ پري ڪري انهن جي دلين جي ڪاوڙ کي ۽ الله تعاليٰ جنهن کي گهرندو آهي تنهن جي توبہ قبول ڪندو آهي ۽ الله تعاليٰ سيني جي حال کان واقف ۽ حڪمت وارو آهي. ڇا اوهان ائين گمان ڪيو تہ ائين ڇڏيا ويندو جڏهن تہ اڃا الله تعاليٰ هي تہ پرکيو ئي نہ آهي تہ توهان مان اهي ڪهڙا آهن جن (ان جي واٽ ۾) جهاد ڪيو ۽ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ڪريم ۽ مؤمنن کان سواءِ ٻي ڪنهن کي پنهنجو دلي دوست نہ بنايو جيڪو ڪجهہ توهان ڪريو ٿا الله تعاليٰ ان کان باخبر آهي.

آيت 17 مشرڪن کي مسجد اڏڻ جو ڪو حق نہ آهي.

آيت 18 مسجدون آباد ڪرڻ جا حقدار آهن (جن ايمان آندو الله تعاليٰ تي، قيامت جي ڏينهن تي ۽ قائم ڪيائين نماز کي ڏنائين زڪواة ۽ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻي ڪنهن کان ڪين ڊڄي پوءِ اميد آهي تہ اها جماعت هدايت وارن مان ٿيندي.

آيت 19 کان 22 مؤمن مجاهد لاءِ وڏا درجا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 23 کان 24 دين جي مقابلي ۾ مائٽ مٽن جو خيال نہ ڪريو.

آيت 25 کان 27: (1) جنگ حنين جو قصو

2. حنين ۾ رب جي مدد.

مشرڪ پليت آهن تنهن ڪري انهن کي مسجد حرام ۾ نہ چڙهيو

آيت 28 مختصر تفسير اي مسلمانو مشرڪ بلڪل پليت آهن تنهن ڪري هن سال کان ڪعبة ا شريف جي ويجهو نہ وڃن ۽ جيڪڏهن ڏچو ٿا تنگدستي کان پوءِ الله تعاليٰ اوهان کي پنهنجي فضل سان دنيادار ڪندو بيشڪ الله تعاليٰ دانا حڪمت وارو آهي.

آيت 29 جنگ ڪريو انهن سان جيڪي الله تعاليٰ تي ايمان نہ ٿا آڻين ۽ نہ ڪي قيامت جي ڏينهن تي جيڪي حرام ڪيو ويو آهي ان کي حرام نہ ٿا سمجهن نہ ڪي سچي دين کي قبول ڪن ٿا تنهنڪري انهن اهل ڪتاب وارن سان وڙهو تان جو خوار ٿي پاڻهي پنهنجي هٿن سان جزيو ڏين.

آيت 30 کان آيت 33 يهودين ۽ نصارن جي بڪواس

1. يهودي چون ٿا تہ عزير عليہ السلام الله تعاليٰ جو پٽ آهي.

2. نصارا چون ٿا تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام الله تعاليٰ جو پٽ آهي.

3. يهودين ۽ نصارن پنهنجن مشائخن ۽ عالمن کي ۽ حضرت عيسيٰ کي خدا ڪري ورتو.

4. يهودين ۽ نصارن کي سندن ڪتاب تورات توڙي انجيل پنهين ۾ حڪم ڪيل آهي تہ هڪ الله تعاليٰ جي عبادت ڪريو جو هڪ آهي ان جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي اهو سڀني شريڪ ۽ عيبن کان پاڪ آهي.

آيت 32: گهرن ٿا تہ اجهائي وجهن الله تعاليٰ جي نور کي پنهنجن واتن سان ۽ قبول نہ ٿو ڪري مگر هي جو پورو ڪري پنهنجي نور کي چاهي ڪافر ناخوش ٿين.

5. اهو الله تعاليٰ آهي جنهن موڪليو پنهنجي رسولﷺ کي هدايت ۽ سچي دين سان تان تہ غالب ڪري ان کي سڀني دينن تي اگرچہ ڪافر ناخوش ٿين.

آيت 34 کان 35 (1) اهل ڪتاب جا اڪثر عالم ۽ مشائخ ماڻهن جا مال ٺڳي سان کائن ٿا.

2. الله تعاليٰ جي راهہ ۾ خرچ نہ ڪندڙ تي پلڪار

اي مسلمانو! اهل ڪتاب جا اڪثر عالم ۽ مشائخ ماڻهن جا مال ناحق، ناجائز رستي سان کائن ٿا ۽ ا جي راهہ کان ماڻهن کي روڪن ٿا جيڪي گڏ ڪن ٿا سون ۽ روپي کي ۽ نٿا خرچ ڪن الله تعاليٰ جي راهہ ۾ پوءِ خبر ڏي انهن کي دردناڪ عذاب جي.

جنهن ڏينهن گرم ڪيو ويندو ان مال کي جهنم جي باهہ ۾ پوءِ ڏنبيو ويندو ان سان سندن پيشاني، سندن پاسن ۽ پٺين کي چيو ويندو تہ هي ئي اهو (خزانو) آهي جو گڏ ڪيو پنهنجي نفس لاءِ پوءِ چکو اهو جيڪي گڏ ٿي ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 36. ا        تعاليٰ وٽ ٻارهه مهينا آهن، سندس ڪتاب ۾ انهن مان چار مهينا تعظيم جا آهن.

1. رجب   2. ذوالقعد   3. ذوالحج      4. محرم

آيت 38 کان 39: ا      تعاليٰ جي رستي ۾ چونه ٿا نڪرو.

آيت 40 جيڪڏهن توهان رسولﷺ جي مدد نه ڪندؤ ته الله تعاليٰ پاڻ ان جي مددگار آهي.

جيڪڏهن توهين رسول ڪريم ﷺ جي مدد نه ڪندؤ پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ ان کي مدد ڏني آهي جڏهن ان کي (مڪي) ڪان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو جو ٻن مان هڪڙو پاڻ هو جڏهن اهي ٻئي غار ۾ هئا تڏهن چيائين ته پنهنجي يار (ابوبڪر ﷺ) کي ته غم نه ڪر بيشڪ الله تعاليٰ پاڻ سان آهي پوءِ الله تعاليٰ لاٿو پنهنجو آرام ان تي ۽ قوت ڏنائين ان کي اهڙن لشڪر سان جن کي نه ڏٺو توهان ۽ هيٺ ڪيائين ڪافرن جي ڳالهه کي الله تعاليٰ جي ڳالهه هميشه مٿي آهي ۽ الله تعاليٰ غالب حڪمت وارو آهي.

هن آيت ۾ حضرت محمد ﷺ سندس ساٿي حضرت ابوبڪر ﷺ جن جو غار وارو ذڪر آهي.

آيت "لصاحبه" قرآني آيت مان مراد نبي جو ساٿي آهي اهو ابوبڪر ﷺ آهي اجماع آهي ته ابوبڪر جي حمايت قرآن مان آهي.

آيت 41 کان 42 هر حال ۾ جهاد ڪريو.

آيت 43 کان 48 جنگ تبوڪ جو واقعو

آيت 49 کان 52 جنگ تبوڪ ۾ منافقن جو ڪردار ۽ جنگ تبوڪ

آيت 101 کان 104 جنگ تبوڪ کان رهجي ويندڙ اصحابن جي توبه.

هن سورت جو ٽيون حصو منافقن جي منافقتن جي ذڪر سان ڀريل آهي جنهن ۾ منافقن مسلمانن کي جنگ ڪرڻ کان روڪيندا هئا اسلام جي عام ڪرڻ ۾ يا اسلامي تبليغ ڪرڻ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا هئا منافقن جا ڪردار اسلام حضور ڪريم ﷺ جن ۽ مسلمانن نقصان ڏيڻ لاءِ ڪوشان هوندا هئا. تنهنڪري الله تعاليٰ هتي منافقن جي ڪردار ۽ سندن شرارتون جيڪي اسلام جي خلاف ڪندا هئا انهن جو ذڪر چٽائي سان ٿيل آهي جيڪو هيٺ لکجي ٿو.

1. حضور جن تي منافقن جو الزام

2. دين تي مسخري ڪرڻ منافقن جو ڪم آهي.

3. منافقن جو حال اڳين ڪافرن جهڙو آهي.

4. ثعلب بن حاطب جو قصو

5. منافق جهاد کي پسند نه ٿا ڪن

6. جنگ تبوڪ ۾ منافقن جو ڪردار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

7. منافق جا ڪوڙا بهانا ٺاهڻ

8. منافق ڪوڙا قسم کڻندا آهن

9. منافق هر وقت ڊڄندو آهي.

10. منافقن جون نشانيون

11. منافقن کي دنيا ۾ ٻه دفعه عذاب ڪنداسون ۽ ٽيون عذاب آخرت ڏينهن ڪنداسون

12. مسجد ضرار جي مختصر بيان هن طرح آهي.

الله تعاليٰ انهيءَ مسجد ضرار يعني ضرر پهچائيندڙ جو بيان ڪيو آهي انهيءَ مسجد کي ڪن منافقن بي ايمانن مسجد قبا جي ضرر ۽ نقصان پهچائڻ لاءِ بڻايو هو اها مسجد مؤمنن جي وچ ۾ وڳوڙ وجهڻ لاءِ منافقن جوڙي هئي منافقن جي اها نيت آهي ته انهيءَ مسجد ۾ الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ سان ڪفر ڪريون. مسجد ضرار مديني جي منافقن مان ٻارهن (12) شخصن بي ايمانن بڇڙي نيت سان ٺاهي هئي جنهن کي اسلام ۾ مسجد ضرار يعني نقصان پهچائيندڙ چوندا آهن انهيءَ مسجد جي تيار ٿيڻ کان پوءِ مسجد جوڙيندڙن منافقن اچي حضور ﷺ جن کي عرض ڪيو ته اوهين هڪڙي ڏينهن تبرڪ طور اسان جي مسجد ۾ نماز پڙهايو ان وقت حضور ﷺ جن تبوڪ جي جنگ تي وڃڻ لاءِ تياري ۾ هئا تڏهن حضور ﷺ جن ڪين چيو ته انشاءَ الله تعاليٰ خير سان موٽي آياسون ته پوءِ اچي نماز پڙهائينداسون پوءِ جڏهن پاڻ سڳورا تبوڪ کان موٽيا ته وري انهن منافقن اچي ساڳيو عرض ڪيو ته تبرڪ جي طور توهين مهرباني فرمائي هڪڙي نماز ان مسجد ۾ پڙهايو ان مهل الله تعاليٰ اهي آيتون نازل فرمايون جن ۾ انهيءَ مسجد ضرار جي برائي بيان ٿيل آهي. الله تعاليٰ پنهنجي پياري محبوب ﷺ ڏانهن آيت 108 نازل فرمائي جنهن ۾ هڪ فقري ۾ رسول الله ﷺ کي ٻڌايو. لَا تَقُمۡ فِيۡهِ اَبَدًا

يعني تون ان مسجد ۾ هرگز نه بيهه مسجد ضرار حضور ﷺ جن جي حڪم سان ساڙائي ويئي.

الله تعاليٰ جا منافقن جي لاءِ هي حڪم آهن.

1. الله تعاليٰ وٽ منافقن جي خيرات قبول نه آهي.

2. ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪريو.

3. اي محمد ﷺ توهين منافقن لاءِ بخشش جي دعا گهرو يا نه گهرو الله تعاليٰ انهن کي ڪين بخشيندو.

4. اي محمد ﷺ بي ايمانن منافقن جي نماز نه پڙهه.

جنهن مسجد جون وصفون الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ بيان ڪيون ويون آهن ته اها ڪهڙي قسم جي مسجد آهي.

آيت 108 جي هڪ فقري ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي جا مسجد پهرين ڏينهن اڏائي ويئي آهي پرهيزگاري تي ان ۾ توکي بيهڻ وڌيڪ لائق آهي جنهن ۾ اهڙا ماڻهو آهن جي پاڪ رهڻ کي دوست رکن ٿا ۽ الله تعاليٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪ رهندڙن کي دوست رکي ٿو. قرآن ڪريم جا مفسر چون ٿا تہ اها ڪهڙي مسجد آهي جنهن لاءِ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ جيڪا مسجد اول ڏينهن کان وٺي تقويٰ جي نيت سان جڙيل آهن تنهن ۾ توهين بيهو ۽ نماز پڙهو.

حضرت عمر، حضرت زيد بن ثابت ۽ ابو سعيد خدري رضي الله عنهم اجمعين جو قول آهي تہ اها مسجد رسول الله ﷺ جي مديني شريف واري آهي.

حضرت ابو سعيد خدري ﷺ فرمايو تہ آءُ هڪ دفعہ حضرت جن وٽ سندن گهر ۾ ويس ۽ چيم تہ يا رسول الله ﷺ لَمَسْجِدٌ أُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى جنهن جي ڏٿي تعاليٰ قرآن شريف ۾ تعريف ڪئي آهي سا ڪهڙي مسجد آهي؟ تڏهن پاڻ پهڻين (پٿرين) جي مٺ ڀري پوءِ ڪٽي هنيائون زمين تي فرمايائون تہ اها اٿو هيءَ منهنجي مسجد مديني شريف واري اها حديث صحيح مسلم ۾ موجود آهي ۽ صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ٻنهين ۾ حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ

"مابين بيتي و منبري روضة من رياض لجنة و منبري عليٰ حوضي"

يعني منهنجي گهر ۽ منبر جي وچ ۾ هڪڙو باغ آهي بهشت جي باغ مان ۽ منهنجو منبر منهنجي حوض تي آهي يعني اها مسجد جي حد جيڪا منهنجي گهر ۾ منبر جي وچ ۾ آهي تنهن ۾ بهشت جو باغ آهي ۽ مهنجو منبر مسجد جو منهنجي حوض ڪوثر تي آهي.

حضرت ابن عباس ﷺ ۽ قتادة ﷺ ۽ سعيد بن جبير ﷺ وغيره جو قول آهي تہ اها مسجد جنهن جي لاءِ ا تعاليٰ انهيءَ آيت شريف ۾ تعريف ٿو فرمائي سا مسجد قبا آهي انهيءَ جي لاءِ هڪڙي حديث ابو دائود جي بہ آندي آهي ۽ حضرت رسول ﷺ جي ٻئي حديث ترمذي جي بہ آهي جو پاڻ فرمايائون تہ مسجد قبا ۾ نماز پڙهڻ ۾ عمري ڪرڻ جيترو ثواب آهي ۽ تفسير ڪبير واري لکيو آهي تہ اها آيہ انهن ٻنهين مسجد کي شامل ڪري ٿي مسجد نبوي توڙي مسجد قبا ٻئي انهيءَ ۾ شامل آهن.

صفات مؤمنين

1. اَلتَّآئِبُوْنَ اهي توبہ ڪندڙ آهن
2. الْعٰبِدُوْنَ عبادت ڪندڙ آهن
3. الْحٰمِدُوْنَ حمد ڪندڙ آهن
4. السَّآئِحُوْنَ تعاليٰ جي واٽ ۾ سفر ڪندڙ آهن
5. الرّٰكِعُوْنَ - السّٰجِدُوْنَ رڪوع ۽ سجدو ڪندڙ آهن رڪوع ۽ سجدي مان مراد آهي نماز يعني نماز پڙهندڙ آهن.
6. الْاٰمِرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَالنَّاهُوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ امر ڪندڙ آهن چڱن ڪمن جو ۽ منع ڪندڙ آهن بڇڙن ڪمن کان.
7. وَالْحٰفِظُوْنَ لِحُدُوْدِ اللّٰهِ تعاليٰ جي حدن جي حفاظت ڪندڙ آهن.

اوهان مان هڪ جماعت دين جا احڪام سکي ۽ سيکاري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 122 جو تفسير هن آيت جي پهرين فقري ۾ چيل آهي ۽ مناسب نہ آهي مؤمنن لاءِ تہ ٻاهر نڪرن سيئي هيڪاندا مطلب هي آهي جو مدارڪ واري لکيوي تہ مؤمنن کي اهو لائق نہ آهي جو سيئي هيڪاندا پنهنجا ڳوٺ هيڪلا ڇڏي مديني ۾ دين جي تعليم لاءِ اچن ڇو تہ ائين ڪرڻ سان پٺيان سندن ڳوٺن کي متان ڪنهن دشمن وغيره کان نقصان پهچي هن جي ٻئي فقري ۾ چيل آهي تہ پوءِ ڇو ٻاهر نہ اچن هر ڪنهن ٽولي کان انهن مان هڪ جماعت تان داناءُ ٿين دين ۾ ۽ تان ڊيڄارين پنهنجي قوم کي جڏهن موٽي اچن انهن ڏي تہ من اهي ڊڄن يعني پوءِ مسلمانن کي گهرجي تہ وڏي قبيلي يا شهر مان هڪڙي ننڍي جماعت کي دين جي علم سکڻ لاءِ موڪلين جيڪي اچي حضرت جن کان دين جا احڪام سکي داناءُ ٿين ۽ پوءِ جڏهن موٽي پنهنجي ڳوٺ وڃن تہ وڃي ڳوٺ ۾ رهيل وڏي ٽولي کي ڊيڄارين ۽ انهن کي هدايت ڪن تہ من هو ڊڄن ۽ الله تعاليٰ ڏانهن ورن.

اسان هن سورت جي باري ۾ جيڪي لکيو آهي ان جو مطالعو ڪرڻ فرمائيندا انهيءَ کان علاوه هن سورت جي پوري مطالعو ڪرڻ سان وڏيڪ فيض حاصل ٿيندو. (انشاءَ الله)






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (10) **سورت يونس** مکيہ (آيت 109)

هن سورت جو نالو دستور مطابق صرف نشاني خاطر رڪوع 10 جي آيت نمبر 98 مان ورتل آهي جنهن ۾ حضرت يونس عليہ السلام جي بيان ڏانهن اشارو آهي ۽ سندس قوم کي عذاب کان نجات جو ذڪر آهي. سورت جو موضوع حضرت يونس عليہ السلام جو قصو ناهي.

تفسير تفهيم القرآن خلاصو 1 صفحہ 740 تي هن سورت جو تعارف سورت جو موضوع ۽ جامع مضمون هن طرح لکيو آهي.

**موضوع**: تقدير جو موضوع ، دعوت، سمجهاڻي ۽ تنبيهہ آهي ڪلام جي شروعات هن نموني ٿئي ٿي.

ماڻهو هڪ انسان جي نبوت جي پيغام پيش ڪرڻ تي حيران آهن مٿس هرو ڀرو جادوگري جو الزام هڻي رهيا آهن جيتوڻيڪ جيڪا ڳالهہ هو پيش ڪري ٿو ان ۾ ڪا انوکي شئي نہ آهي هو تہ ٻن حقيقتن کان توهان کي خبردار ڪري رهيو آهي،

1. **توحيد** ۽ 2. **قيامت** ۽ **روز جزا جو اچڻ**

اهي ٻئي حقيقتون جيڪي توهان جي سامهون پيش ڪري رهيو آهي سي هڪ سچ پچ حقيقت آهن توهان کڻي مڃو يا نہ مڃو جيڪڏهن توهان مڃيندؤ تہ توهان لاءِ ڀلو آهي پر نہ مڃيندؤ تہ پاڻ ئي ان جو برو نتيجو ڏسندؤ.

**مباحث** هن تمهيد کان پوءِ هيٺيان بحث هڪ ترتيب سان سامهون اچن ٿا.

1. انهن غلط فهمين کي دور ڪرڻ ۽ انهن غفلتن تي تنبيهہ ڪرڻ جيڪي ماڻهن کي توحيد ۽ آخرت جي عقيدي مڃڻ ۾ رڪاوٽون ٿي رهيون هيون ۽ هميشہ ٿينديون (رهنديون)

2. انهن شبهن ۽ اعتراضن جو جواب جيڪي محمد ﷺ ۽ سندن آندل پيغام تي ڪيا ويندا هئا.

3. ٻي زندگيءَ (آخرت) ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي ان جي اڳواٽ خبر.

4. ان ڳالهہ تي تنبيهہ تہ دنيا جي هي زندگي امتحان جي زندگي آهي ۽ ان امتحان لاءِ توهان وٽ ايتري ئي مهلت آهي جيستائين توهان هن دنيا ۾ جيئرا آهيو جيڪڏهن توهان هي وقت وڃائي ڇڏيو ۽ نبي جي هدايت قبول ڪري امتحان جي ڪاميابيءَ جو سامان هٿ نہ ڪيو تہ پوءِ توهان کي ڪو ٻيو موقعو نہ ملندو.

هن سورت ۾ حضرت نوح عليہ السلام جو قصو بيان ٿيل آهي. ان کان پوءِ حضرت موسيٰ عليہ السلام جو قصو ٿوري تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي جنهن مان 4 ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ مقصد آهن.

1. هن سورت ۾ الله تعاليٰ توهان کي سنڀلجڻ لاءِ جيڪا مهلت ڏيئي رهيو آهي تنهن کي جيڪڏهن وڃائيو ۽ پوءِ فرعون وانگر الله تعاليٰ جي پڪڙ ۾ اچڻ کان پوءِ بلڪل آخري وقت ۾ توبهہ ڪئي تہ معاف نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيا ويندا.

2. هي تہ محمد ڪريم ﷺ ۽ سندس ساٿين کي اڄ جنهن بي وسي ۽ هيٺائي جي حالت ۾ توهان ڏسي رهيا آهيو ان مان اهو نہ سمجهو تہ اها صورت حال هميشہ رهندي توهان کي خبر نہ آهي تہ هنن ماڻهن جي مدد ۾ اهو الله تعاليٰ آهي جيڪو حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت هارون عليہ السلام جي مدد ۾ هو اهڙي طرح طريقي سان حالتون بدلائيندو آهي جنهن تي ڪنهن جي نظر نٿي پهچي سگهي.

3. توهان ماڻهو جيڪو معاملو محمد ڪريم ﷺ سان ڪري رهيا آهيو اهڙو ئي معاملو توهان کان اڳين ماڻهن حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت نوح عليہ السلام سان ڪيو هو ۽ خاطري ڪريو تہ ان طرز عمل جو جيڪو انجام انهن ڏٺو آهي سوئي توهان کي بہ ڏسڻو پوندو.

4. جن ماڻهن محمد ڪريمن جن تي ايمان آندو سي مخالف ماحول جي انتهائي سختي ۽ ان جي مقابلي ۾ پنهنجي لاچاري ڏسي مايوس نہ ٿين ۽ ڪين معلوم هئڻ گهرجي تہ انهن حالتن ۾ ڪهڙي طرح ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ پڻ اهي ان ڳالهہ کان بہ آگاهہ ٿين تہ جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان انهن کي ان حالت ۾ پار ڪري تہ ڪٿي اهي اها روش اختيار نہ ڪن جيڪا بني اسرائيل مصرين مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪئي آهي هن سورت جي آيت نمبر 98 جي اڳئين يعني پهرين حصي جو تفسير آهي تہ پوءِ ڇو نہ ڪو اهڙو ڳوٺ ٿيو جو ايمان آڻي تہ نفع ڏئي ان کي ايمان جو يعني ڇو نہ ڪو اهڙو ڳوٺ ٿيو انهن ڳوٺن مان جن کي اسان گناهن سببان هلاڪ ڪيو جو عذاب جي اچڻ کان اڳي ايمان آڻين ها تہ ڪين سندن ايمان نفع ڪري ها ۽ عذاب کان ڇٽي پون.

ساڳئي آيت جي پوئين يعني ٻئي حصي ۾ فرمايل آهي مگر قوم حضرت يونس عليہ السلام جي قوم جڏهن ايمان آندو پري ڪيوسون عذاب انهن کان خواري جو دنيا جي حياتي ۾ ۽ فائدي وارو ڪيوسون انهن کي مدد تائين يعني فقط حضرت يونس عليہ السلام جي قوم عذاب مهل جهٽ پٽ ايمان آندو تنهنڪري اسان انهن کان عذاب پري ڪيوسين ۽ انهن کي دنيا ۾ ڪجهہ مدت تائين آرام ۾ رکيوسين.

## حضرت يونس عليہ السلام جو قصو

تفسير خازن ۽ ٻين سيني تفسيرن لکيو آهي تہ حضرت يونس عليہ السلام جي والد جو نالو متي هو حضرت يونس عليہ السلام کي 28 سالن جي عمر ۾ نبوت جو تاج پڪائي ڪيس شامي قوم ڏانهن مبعوث ڪيو ويو اهي بني اسرائيل مان نہ هئا پر انهن کي حضرت يونس عليہ السلام جي امتي هجڻ جي لحاظ سان سندس قوم سڏيو ويو آهي. حضرت يونس عليہ السلام جي قوم نينوا جي ڳوٺ ۾ موصل جي علائقي ۾ سڀ مشرڪ ڪافر هئا بتن جي پوڄا ڪندا هئا. حضرت يونس عليہ السلام انهن کي اسلام ڏانهن سڏيو ۽ بتن جي پوڄا کان روڪيو پر انهن حضرت يونس عليہ السلام جي ڳالهہ مڃڻ کان انڪار ڪيو تڏهن حضرت يونس عليہ السلام انهن کي چيو تہ 40 چاليهن ڏينهن ۾ توهان تي عذاب ايندو پوءِ سيني ڪافرن پاڻ ۾ اتفاق ڪيو تہ حضرت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يونس عليہ السلام جون اڳي اسان سان ڪيل ڳالهيون سچيون ثابت ٿيون آهن باقي هن دفعي واري ڳالهہ ڏسجي تہ سچي ٿئي ٿي يا نہ تڏهن انهن مان ڪن پوڙهن چيو تہ ان ڳالهہ جي سچائي ۾ ڪوڙائي جي اوهان کي پرک ڪرڻي آهي اچ چاليهن رات جو حضرت يونس عليہ السلام کي ڏسجو جي هو اوهان جي شهر نينوا ۾ اڳين ڏينهن وانگر ستو تہ عذاب ڪونہ ايندو باقي اچ رات ڳوٺ ڇڏي ٻاهر هليو ويو تہ يقيناً سمجهو تہ توهان تي عذاب ايندو پوءِ نينوا جي ڳوٺ وارن ڏٺو تہ حضرت يونس عليہ السلام رات جو ڳوٺ مان نڪري هليو ويو پوءِ اچي خوف ٿين ۾ ڏٺائون تہ آسمان مان ڪارا ڪڪر پيدا ٿيا جن مان ٻاهر جا دونها ۽ اولا نبا پيا نڪرن تان جو عذاب جا ڪڪر پڻ ميل ڪن پري هئا حضرت يونس عليہ السلام کي نہ مجيندڙ نينوا جا ماڻهو حضرت يونس عليہ السلام کي ڳولڻ لڳا پر حضرت يونس عليہ السلام ڪين هٿ نہ آيو تنهنڪري ننڍا وڏا زالون مڙس وهٽ جانور سڀ ڳوٺ ڇڏي جهنگ پٽ ڏي ڀڳا اتي جهنگ ۾ ويهي الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ زاري ڪيائون ۽ حضرت يونس عليہ السلام جي چوڻ موجب ايمان آندائون ٻارن کي مائرن کان جدا ڪيائون وڏي آواز سان رب پاڪ جي درگاهہ ۾ زاريون ۽ دانهون ڪيائون ۽ توبهہ سان گردن کي هيٺ جهڪايائون ۽ تمام زور سان عاجزي ڪيائون رب پاڪ کي رحم آيو ۽ سندن توبہ قبول فرمائي ۽ عذاب انهن تان لهي ويو يعني الله تعاليٰ انهن کان عذاب پري ڪيو ۽ انهن کي دنيا ۾ ڪجهہ مدت تائين آرام ۾ رکيو. عذاب کان نجات وارو ڏينهن عاشوره ۽ جمع جو هو.

حضرت عبدالله بن مسعود فرمايو تہ انهن سيني گناهن کان توبہ ڪئي ۽ هڪ ٻئي جا حق حقوق هڪ ٻي کي واپس ڪيائون تڏهن الله تعاليٰ سندن توبہ قبول ڪئي.

راوي چئي ٿو تہ حضرت يونس عليہ السلام ان ڳوٺ کي ڇڏي ڪنهن ٻي ڳوٺ ۾ ويهي عذاب جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو تہ ڪڏهن ٿو منهنجي قوم تي عذاب اچي پر عذاب انجام جي وقت تائين نہ آيو تنهنڪري ماڻهن چيس تہ هاڻي وڃ پنهنجي قوم ڏي تڏهن انهن کي چيائين تہ هاڻي ڪهڙو منهن کڻي انهن ڏانهن وڃان ڇاڪاڻ تہ اهي ماڻهو مون کي ڪوڙو چوندا تنهنڪري اتان هليو پوءِ مڇي جي پيٽ ڳجهي ويو باقي رهيل قصو سورت والصٰفٰت ۾ آهي

* هن سورت تي جامع مضمونن ۾ حضرت يونس عليہ السلام جو قصو مٿي بيان ڪيو آهي هتي ڪجهہ آيتن جا عنوان پيش ڪجن ٿا.
* هي قرآن حڪمت وارو ڪتاب آهي.

الله تعاليٰ زمين ۽ آسمان کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو.

الله تعاليٰ جي اجازت کان سواءِ ڪو بہ سفارش ڪندڙ نہ آهي.

## ماهرن مطابق چنڊ جي 28 منزلن جا نالا هن ريت آهن.

1. سرطان، 2. بطين، 3. ثريا، 4. دبران، 5. هقعہ، 6. هنعة، 7. ذراع ، 8. نسر، 9. طرف، 10. جبهة،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

11.زبره، 12، مرفلا، 13. عوام، 14. سماڪ، 15. غفر، 16. زبانيان، 17. اڪليل، 18. قلب، 19. شولــــــــــة، 20.لفائر، 21. بلدة، 22. سعد الذابح، 23. معد بلع، 24. سعد السعود، 25. اسعد الاجنبية، 26. فرغ الدلو القدم 27 فرغ الدلو المؤخر (28) بطن الحوت.

* سڀ ڪنهن برج ڪي ٻه منزلون سڄيون ۽ ٽيون حصو ٽئين جو مليل آهي هر هڪ رات جو چنڊ هڪ منزل ۾ رهندو آهي.
* جيڪي آخرت ڪي وساري ويٺا تن جي جاءِ دوزخ آهي.
* جيڪڏهن الله تعاليٰ بدعملن جي سزا جلد ڏئي ها ته اجل پورو ڪيو وڃي ها.
* جڏهن به انسان کي تڪليف پهچي ٿي ته الله تعاليٰ کي پڪاري ٿو.
* انسان کي جڏهن سک پهچايو ٿا ته اوچتو ڪفر ڪري ٿو.
* الله تعاليٰ اوهان کي سلامتي جي گهر ڏانهن سڏيندو آهي.

شروع ۾ سڀ انسان بس هڪ ئي امت هئا پوءِ انهن جدا جدا عقيدا ۽ طريقا ٺاهيا.

آيت 26 جو پهريون فقرو آهي. لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوا الْحُسْنٰى وَزِيَادَةٌ

جن چڱائي ڪئي تن لاءِ اهڙي چڱائي بلڪه وڌيڪ آهي.

## ديدار (الاهي) الله تعاليٰ جو

تفسير خازن، تفسير خلاصة التفاسير ۽ مدارڪ ۽ حافظ ابن ڪثير وغيره سڀني لکيو آهي ته ان زيادة مان مراد ديدار الاهي جل شانه آهي جيڪي سڀني نعمتن کان وڌيڪ ۽ اعليٰ آهي.

حديث صحيح مسلم آهي حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو ته

**اذا دخل اهل الجنة يقولُ الله تبارڪ وتعاليٰ اتريدون شيئا ازيد ڪم فيقولون الم تبيض وجوهنا الم تد خلنا الجنة وتنجينا من النار فيڪشف الحجاب فما اعطوا شيئا احب اليهم من النظر اليهم**

يعني جڏهن بهشتي بهشت ۾ داخل ٿيندا ته الله تبارڪ وتعاليٰ انهن کي فرمائيندو ته اوهين اڃان ڪا ٻي وڌيڪ نعمت گهرو ٿا ڇا؟ جا هن کان به وڌيڪ اوهان کي عطا ڪريان تڏهن بهشتي چوندا ته رب اسان جا اسان تنهنجون مهربانون ڏٺيون تو اسان جا منهن نوراني ڪيا ۽ اسان کي بهشت ۾ داخل ڪيو ۽ تو اسان کي دوزخ کان ڇڏايو ۽ پوءِ انهيءَ مهل پردا کلي پوندا ۽ الله تعاليٰ جو ديدار ڏسي وٺندا پوءِ انهن کي الله تعاليٰ جي ديدار ۽ سندس منهن پاڪ ڏي نظر ڪرڻ جهڙي ٻي ڪا به شئي نه وڻندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ان حديث جي ٻي روايت ۾ ائين آيو آهي تہ حضرت رسول الله ﷺ اها حديث پڙهي پوءِ آيت
لِلَّذِينَ أَحْسَنُوا الْحُسْنَىٰ وَزِيَادَةٌ پڙهي تڏهن سمجهيو ويو تہ زيادة مان مراد الله تعاليٰ جو ديدار آهي.
احسن البيان في تفسير القران جلد 4 صفحہ 391 واري لکيو آهي تہ لِلَّذِينَ أَحْسَنُوا الْحُسْنَىٰ وَزِيَادَةٌ
معنيٰ انهن لاءِ جن سهڻا ڪم ڪيا سهڻي شئي آهي ۽ وڌيڪ بہ آهي يعني جن الله تعاليٰ جي طرفان واجب ڪيل عمل سهڻي نموني ادا ڪيا ۽ جن ڪمن کان الله تعاليٰ روڪيو انهن کان رڪجي ويا انهن لاءِ سهڻو ثواب آهي ۽ ڪن جو قول آهي تہ الْحُسْنَىٰ مان مراد بهشت آهي ۽ زيادة مان مراد انهن تي ٿيندڙ وڌيڪ مهربانيون آهن ۽ ڪي چون ٿا تہ زِيَادَةٌ مان مراد رب ڪريم جو ديدار آهي ڪي چون ٿا تہ زِيَادَةٌ مان مراد نيڪي ڪي ڏهوڻ تائين وڌائي ڪي چون ٿا تہ زِيَادَةٌ مان مراد موتيءَ جو ٺهيل ڪمرو ۽ ڪي چون ٿا تہ ان مان مراد الله تعاليٰ جي مغفرت ۽ رضامندي آهي (حوالہ فتح القدير جلد 2 صہ 438)

**فائدا:** زِيَادَةٌ مان مراد جيڪڏهن ديدار الاهي مراد وٺندو تہ ثابت ٿيندو تہ جنت ۾ سيني مؤمنن کي تعاليٰ جو ديدار نصيب ٿيندو ۽ اهو عمل جو بدلو نہ خالص الله تعاليٰ جو فضل ۽ ڪرم هوندو.

آيت نمبر 37 ۽ 38:

الله تعاليٰ قرآن شريف جون پنج صفتون بيان ڪيون آهن.

1. هن قرآن شريف جهڙو پيو ڪو ماڻهو الله تعاليٰ کان سواءِ هرگز ٺاهي نہ سگهندو.
2. هي قرآن شريف اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي.
3. هي قرآن الله تعاليٰ جا احڪام بيان ڪندڙ آهي.
4. اهو قرآن يقيني آهي ان ۾ ڪو شڪ شبهو نہ آهي.
5. اهو قرآن الله تعاليٰ جي طرفان نازل ٿيو آهي ۽ ڪنهن بشر جو ڪلام نہ آهي.

ايجان بہ جيڪڏهن اهڙي سچي قرآن کي ڪوڙو چون، يا چوندا آهن تہ محمد ﷺ پاڻ ٺاهيو آهي تہ چوين تہ پلا هڪڙي ننڍڙي سورة ان قرآن ڪريم جي سورتن جهڙي اوهين ٺاهي ڏيکاريو ۽ الله تعاليٰ کان سواءِ جنهن کان وٺيو مدد وٺو.

قرآن ۾ ٻن قسمن جا معجزا آهن

1. هڪ تہ ان جي عبارت اهڙي وضاحت ۽ بلاغت واري آهي جو ان جهڙي انسان کان ٺهي نہ سگهندي.
2. قرآن ۾ ايندڙ زماني جون ڳالهيون بہ مذڪور آهن جهڙوڪ مرڻ کان پوءِ ڪهڙو حال ٿيندو ۽ مسلمانن کي عجب جهڙيون فتحون حاصل ٿينديون.

آيت 47: سڀ ڪنهن امت لاءِ هڪ پيغمبر آهي.

آيت 57. قرآن شفا آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1. الله تعاليٰ کان اوهان وٽ نصيحت ۽ سينن جي (بيماري) لاءِ شفا آهي ۽ مؤمنن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي.

آيت 62. الله تعاليٰ جي اوليائن (پيارن) کي نہ ڀوءِ آهي نہ کي هو غمگين ٿيندا.

## خوابن جو بيان

تفسير خازن لکيو آهي تہ ترمذي سڳوري هڪڙي حديث صحيح حضرت عبادة بن صامة ﷺ جي روايت آندي آهي تہ مون رسول الله ﷺ کان پڇيو تہ **لهم البُشريٰ في الحيواة الدنيا** جي معنيٰ ڇا آهي تڏهن پاڻ مون کي فرمايائون تہ ان مان مراد سچا خواب آهن جن کي مؤمن ننڊ ۾ ڏسي ٿو.

تفسير خازن لکيو آهي تہ خواب ٽن قسمن جا آهن هڪڙو خواب صالح يعني سچو سا آهي خوشخبري خدا جي طرفان ۽ ٻيو خواب غمگين سو آهي شيطان کان ۽ ٽيون خواب آهي انسان کي پنهنجي ڳڻتين ۽ خيالن جو سو جهڙو هوندس تهڙا ڏسندو خواب انهيءَ تي اعتبار نہ آهي.

آيت 71 کان 74. حضرت نوح عليہ السلام جو قصو

آيت 75 کان 93 حضرت موسيٰ عليہ السلام جو قصو

آيت 98 کان حضرت يونس عليہ السلام جو قصو بيان ٿيل آهي جيڪو اسان مٿي بيان ڪري آيا آهيون.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(11) **سورت هود** مکية (آيات 123)

هن سورت ۾ حضرت هود عليہ الصلواة والسلام جو ذڪر تفصيل سان بيان ٿيل آهي ان ڪري هن سورت جو نالو هود رکيو ويو آهي هن سورت جي 11 يارهن آيتن (يعني آيت 50 کان 60) ۾ حضرت هود عليہ الصلواة والسلام جو نالو 4 چار ڀيرا آيو آهي حضرت هود عليہ السلام کي سندس قوم عاد ڏانهن موڪليو ويو حضرت هود عليہ الصلواة والسلام جي قبر حضرموت ۾ هڪ جاءِ تي آهي.

1. هن سورت ۾ قرآن پاڪ جي آيتن جي محڪم ۽ مضبوط هجڻ جو ذڪر آهي.

2. نبي پاڪ ﷺ جي بشير، نذير هجڻ جو ذڪر آهي.

3. هن ۾ قيامت، عذاب، عتاب ۽ ڪافرن تي الاهي غضب واقع ٿيڻ جو ذڪر آهي.

4. هن ۾ انهن انبيائن ۽ مرسيلن جا قصا وضاحت سان بيان ٿيل آهن جن الله تعالىٰ جي دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ ڪم ڪيو آهي ان جي تفصيل جو ذڪر آهي. انهن نبين جا نالا جن جا قصا هن سورت ۾ بيان ٿيل آهن هيٺ ڏجن ٿا.

1. حضرت نوح عليہ السلام جو قصو تفسير تنوير الايمان جلد 5 صفہ 48 ۽ 49 تي لکي ٿو تہ: نوح عليہ السلام آدم ثاني آهي ڇو تہ طوفان کان پوءِ فقط حضرت نوح عليہ السلام جي اولاد ۽ ٻين ٿورڙن باقي رهيلن جو اولاد جهان ۾ پکڙيو ۽ انهن جي نسل کان وري جهان آباد ٿيو. اڳيان ماڻهو سڀ طوفان ۾ غرق ٿي ويا، چون ٿا تہ حضرت نوح عليہ السلام جي پٽن ۽ پوٽن جيڪي ملڪ آباد ڪيا تن تي انهن جو نالو پيو جيئن حضرت نوح عليہ السلام جا ٻہ پوٽا هڪ هند ۽ ٻيو سنڌ هو وڏي پاءُ جو نالو هند ۽ سندس ننڍي ڀاءُ جو نالو سنڌ هو. وڏي هند جنهن علائقي کي آباد ڪيو ان جو نالو هند ٿيو ۽ ننڍي ڀاءُ سنڌ جنهن علائقي کي آباد ڪيو تنهن جو نالو سنڌ ٿيو اهڙي طرح ڪيچ مڪران. ڪڇ وغيره اهي سڀ حضرت نوح عليہ السلام جي اولاد جا نالا آهن جن اهي ملڪ آباد ڪيا. اها ڳالهہ ڪن تاريخ جي ڪتابن ۾ موجود آهي اهو قصو يعني حضرت نوح عليہ السلام جي پٽن ۽ پوٽن جيڪي ملڪ آباد ڪيا آهن اهي تاريخ فرشتہ تان نقل ڪيو آهي.

2. حضرت هود عليہ السلام جو قصو

3. حضرت صالح عليہ السلام جو قصو

4. حضرت ابراهيم عليہ السلام جو قصو

5. حضرت لوط عليہ السلام جو قصو ۽ سندس قوم تي عذاب ٿيڻ جو ذڪر آهي.

6. حضرت شعيب عليہ السلام جو قصو

7. حضرت موسىٰ عليہ السلام جو قصو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سورت ۾ پنهنجي رب کان بخشش گهرڻ جو حڪم ڏنل آهي.

آيت 6 (1) ۾ الله تعاليٰ روزي جو ذمو پاڻ تي ڪنيو آهي.

2. مگر روزي جي ڳولا ڪرڻ شرط آهي.

هر ڪنهن جاندار کي پنهنجي حال موافق روزي جي طلب ضروري آهي. شيخ سعدي رحمة الله عليه ڪهڙو نه سٺو بيت چيو آهي.

1. رزق هر چند بيگامن پرسد

2. شرط عقل است جستن از درها

3. گرچه ڪس بي اجل نخواهد مرد:

4. تو نه رو در دهان اژدها

يعني رزق اگرچه ضرور ملندو مگر عقل جو شرط آهي ته رزق کي سببن سان ڳولجي. اگر چه اجل کان سواءِ ڪوبه نه مرندو پر تون هرو ڀرو ارڙ نانگ جي وات ۾ نه وڃ. ڪي ڪوتاه ماڻهو ان نُڪتي کي نه ٿا سمجهن ۽ بيڪار ويهي رهن ٿا ۽ ان کي توڪل چون ٿا پر در حقيقت هو نه ٿا سمجهن ته الله تعاليٰ جل شانه قرآن شريف ۾ فرمايو آهي لَيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰی يعني انسان لاءِ ٻيو ڪجهه نه آهي.مگر سندس ڪوشش يعني جيڪا ڪوشش ڪندو سا ڪم ايندس چو ته الله تعاليٰ هٿ، پير، عضوا جيڪي انسان کي مليا آهن ان ڪري ته هو ڪمائي کائي.

1. هي قرآن رب العالمين طرفان آهي.

2. الله تعاليٰ جي ڪافرن کي چئلينج ڪري ٿو ته اسان جي قرآن شريف جي سورتن جهڙيون ڏهه سورتون ٺاهي ڏيکاريوا لله تعاليٰ کان سواءِ جنهن کان وٺيو مدد وٺو جي سچا آهيو پوءِ جي توهان ۽ توهان جا مددگار اهڙيون ڏهه سورتون ٺاهي نه سگهو ته توهين يقين سان سمجهو ته الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪوبه معبود عبادت جي لائق نه آهي اهوئي هڪڙو برحق آهي. جنهن جي طرفان هي قرآن شريف نازل ٿيل آهي.

جيڪي رڳو هن دنيا جي زينت گهرن ٿا تن لاءِ آخرت ۾ باهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي.

## حضرت هود عليه السلام جو قصو

حضرت عاد عليه السلام جي قوم ڏي اسان سندن ڀاءُ هود عليه الصلواة والسلام کي موڪليو جو سندن قوم ۽ نسب مان هو حضرت هود عليه السلام انهن کي چيو ته اي منهنجا ڀائرو! اوهين سڀ رب پاڪ جي عبادت ڪريو ان الله تعاليٰ جي جنهن کان سواءِ توهان جو ڪوبه معبود نه آهي توهان الله تعاليٰ سان بتن کي شريڪ ٿا ڪريو سو ته توهان رڳو افتراءُ (بهتان) ۽ ڪوڙ ٿا ڪريو اي منهنجا ڀائرو! هن سمجهائڻ ۽ پيغام پهچائڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيوض آءُ توهان کان ڪنهن قسم جي مزدوري هر گز نه ٿو گهران منهنجي مزدوري انهيءَ ته الله تعاليٰ جي ذمي آهي جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي هو مون کي پاڻهين روزي رزق پهچائيندو آهي ڇا توهان ايتري ڳالهه به ڪين ٿا سمجهو؟ اي پاڻرو! پنهنجي رب پاڪ کان پنهنجن اڳين گناهن جي معافي ۽ بخشش گهرو ۽ سندس درگاهه ڏي رجوع ٿيو ۽ توبه ڪريو الله تعاليٰ اوهان تي تمام سهڻو ڪڪر مينهن جو وسائيندڙ موڪلي ۽ توهان جي قوت کي وڌيڪ وڌائيندو يعني توهان جي پوکن ۾ برڪت وجهندو ۽ هيڪاري گهڻو وڌائيندو ۽ توهان هٺ ڪري ان ڳالهه کان هر گز منهن نه ڦيريو.

تفسير ڪنز الايمان ق صه 274 تي آيت نمبر 52 جي پنهنجي تفسير ۾ وضاحت ڪئي آهي جيڪا حاشئه 114 ۾ موجود آهي. ايمان آڻي جڏهن عاد جي قوم حضرت هود عليه السلام جي دعوت قبول نه ڪئي تڏهن الله تعاليٰ انهن جي ڪفر جي سبب ٽن سالن تائين برسات نه (وسائي) موقف ڪري ڇڏي ۽ سخت ڏڪر ظاهر ٿيو انهن جي عورتن کي سنڍ ڪري ڇڏيو اهي ماڻهو گهڻو پريشان ٿيا ته حضرت هود عليه السلام واعدو فرمايو ته جيڪڏهن اهي الله تعاليٰ تي ايمان آڻين ۽ ان جي رسول جي تصديق ڪن ۽ ان جي حضور ۾ توبه ۽ استغفار ڪن ته پوءِ الله تعاليٰ برسات موڪليندو ۽ انهن جي زمين کي سرسبز ۽ شاداب ۽ تازو ڪري زندگي عطا ڪندو ۽ پڻ قوت ۽ اولاد ڏيندو.

حضرت امام حسن ﷺ هڪ ڀيري امير معاويه وٽ تشريف وٺي ويو امير معاويه جي ملازم ڪيس چيو ته مان مالدار آهيان مگر مون کي اولاد ڪانهي مون کي اهڙي شئي ٻڌايو جنهن سان مون کي الله تعاليٰ اولاد ڏي پاڻ فرمايائين استغفار پڙهندو ڪر. ان استغفار جي ايستائين ڪثرت ڪئي جو روزانو ست سو ڀيرا استغفار پڙهڻ لڳو. ان جي برڪت سان ان شخص کي ڏهه پٽ ٿيا اها خبر حضرت امير معاويه کي پئي ته ان شخص کي فرمايائين ته تون حضرت امام کان هي معلوم ڇو نه ڪيو ته اهو عمل حضور اقدس ڪٿان فرمايو. ٻئي ڀيري جڏهن ان شخص کي امام سان ملاقات جو شرف حاصل ٿيو ته ان اهو معلوم ڪيو. حضرت امام حسن فرمايو ته حضرت هود عليه السلام جو قول نه ٻڌو. جيڪو ان فرمايو يَزِدْكُمْ قُوَّةً إِلَىٰ قُوَّتِكُمْ حضرت نوح عليه السلام جي هي ارشاد يُمْدِدْكُمْ بِأَمْوَالٍ وَبَنِينَ فائدو رزق جي ڪشادگي ۽ اولاد جي حاصل ڪرڻ لاءِ استغفار جو ڪثرت سان پڙهڻ قرآني عمل آهي.

آيت نمبر 53 جو تفسير تنوير الايمان واري هن طرح ڪيو آهي.

تڏهن حضرت هود عليه السلام کي سندس قوم عاد چيو ته اي حضرت هود عليه السلام! تو اسان وٽ پنهنجي پيغمبري بابت ڪو دليل نه آندو آهي، اسين رڳو تنهنجي چوڻ سان پنهنجي خدائن يعني بتن جي عبادت نه ڇڏينداسون ۽ اسان تو تي ايمان نه آڻينداسون ۽ اسين ائين ٿا سمجهون ته تو کي ڪنهن اسان جي بت ضرور (نقصان) آسيب (جن) پهچائي چريو ڪيو آهي تنهن ڪري تون اهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 54 کان 57. حضرت هود عليہ السلام جو قصو هي آهي تہ حضرت هود عليہ السلام انهن ڪافرن عاد جي قوم وارن کي هي جواب ڏنو تہ آءُ الله تعاليٰ کي شاهد ڪريان ٿو ۽ اوهان کي بہ شاهد ڪريان ٿو اوهان منهنجي ڳالهہ جا شاهد هجو تہ تحقيق آءُ اوهان جي انهن بتن معبودن کان بلڪل بيزار آهيان جن کي توهان الله تعاليٰ سان شريڪ ڪريو ٿا پوءِ جي اوهان منهنجي ڳالهہ کي پسند نہ ٿا ڪريو تہ توهان سڀني کي موڪل آهي سڀئي گڏجي منهنجي ايذاءُ پهچائڻ لاءِ تاهہ توهہ حيلا مڪر ۽ ڦند فريب ڪريو مون کي مهلت نہ ڏيو پلي منهنجي ايذاءَ ڏيڻ جي ڪوشش ڪريو. منهنجي توڪل الله تعاليٰ تي آهي جيڪو منهنجو رب آهي منهنجو انهيءَ تي ڀروسو آهي. اهو توهان جو بہ رب آهي ڪو بہ ساهوارو اهڙو نہ آهي جنهن جي چوٽي سندس هٿ ۾ نہ هجي بيشڪ منهنجو رب پاڪ عادل ۽ انصاف جي سڌي واٽ (رستي) تي آهي. يعني الله تعاليٰ پنهنجن بندن کي جنهن دين جي رستي هلائڻ گهري ٿو اهوئي رستو سنئون ۽ حق وارو آهي. هاڻي اجان بہ جي توهان الله تعاليٰ جي حڪم کان ڦرو ٿا يعني منهن موڙيو ٿا تہ جنهن حڪم ۽ پيغام پهچائڻ لاءِ الله تعاليٰ مون کي توهان ڏانهن موڪليو آهي سو مون توهان کي پهچائي ڇڏيو هاڻي منهنجو رب توهان جي جاءِ تي ڪنهن ٻئي قوم کي آڻي وسائي آباد ڪندو ۽ توهان هڪ ذري جيترو بہ رب پاڪ جي ڪم ۾ بگاڙ ۽ نقصان رسائي نہ سگهندؤ بيشڪ منهنجو رب هر شيءِ تي نگهبان آهي.

## آيت 58 کان 60 تائين حضرت هود جو قصو هي آهي.

جڏهن اسان جو انجام ڪيل عذاب آيو تہ حضرت هود عليہ السلام ۽ ٻيا اهي مؤمن جن ايمان آندو هو تن کي ڇڏايوسون يعني جيڪو سخت واءُ جي عذاب سان عاد جي قوم تي موڪليو هو تن کي حضرت هود عليہ السلام ۽ ان تي ايمان آڻيندڙن کي بچايوسون.

تفسير خازن لکيو آهي تہ اهي مؤمن جن حضرت هود عليہ السلام تي ايمان آندو هو اهي ڪل (4000) چار هزار هئا ۽ پنهنجي رحمت سان جيئن انهن کي هن دنيا جي عذاب کان ڇڏايوسون تيئن آخرت جي سخت عذاب کان بہ انهن کي ڇوٽڪارو ڏنوسون اهو حال ۽ اهو قصو عاد جي قوم جو آهي جن پنهنجي رب جي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ انهن کي نہ مڃيائون ۽ رسولن جي نافرماني ڪري هر ڪنهن هٺيلي سرڪش جي چوڻ تي لڳي فسادي ۽ ڪافر ٿين مٿن هن دنيا ۾ بہ لعنت پئي وسندي ۽ قيامت ۾ بہ ملعون ٿيندا ڏسو خبرداري سان تہ عاد جي قوم ڪافر ٿي پنهنجي رب کان، پوءِ ڏيان سان ڏسو تہ مٿن ڪهڙي نہ ڦٽڪار ۽ لعنت پئي.

هن سورت ۾ حضرت هود عليہ السلام جي قصي کان علاوه مٿي ٻڌائي آيا آهيون تہ هن سورت ۾ ٻين نبين جا قصا بيان ٿيل آهن، حضرت نوح عليہ السلام، حضرت صالح عليہ السلام، حضرت ابراهيم عليہ السلام، حضرت شعيب عليہ السلام ۽ هن سورت جي آيت نمبر 96 ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام جو حوالہ سان فقرو آهي جنهن ۾ چيل آهي تہ تحقيق موڪليوسون موسيٰ عليہ السلام کي پنهنجي نشانين ۽ روشن دليلن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان فرعون ۽ ان جي جماعت ڏي پوءِ انهن سيني ماڻهن فرعون جي چوڻ جي تابعداري ڪئي ۽ قيامت ڏينهن فرعون پنهنجي قوم جو اڳواڻ (امام) هوندو ۽ پنهنجي قوم ڪي وٺي دوزخ ۾ وڃي داخل ٿيندو هن سورت ۾ هي سمجهاڻي آهي تہ دنيا واري حياتيءَ جي ظاهري رخ تي ڀروسو ڪري جن قومن الله تعاليٰ جي رسولن جي دعوت ڪي ٺڪرايو آهي اُهي هن ڪان اڳ ۾ نهايت بڇڙو انجام ڏسي چڪا آهن هاڻي ڪهڙي ضرورت آهي جو توهان بہ ساڳئي واٽ تي هلو.

هن مضمون ڪي ادا ڪرڻ لاءِ سڌو سنئون خطاب بدران قوم حضرت نوح عليہ السلام عاد، ثمود قوم حضرت لوط عليہ السلام ۽ مدين وارن ۽ قوم فرعون جي قصن مان گهڻو ڪم ورتو ويو آهي.

انهن قصن ۾ جيڪا ڳالهہ خاص طرح نمايان ڪئي ويئي آهي سا هي آهي تہ الله تعاليٰ جڏهن فيصلو ڪرڻ تي ايندو تہ پوءِ بالڪل انصاف سان ڪندو آهي ان ۾ ذري برابر ڪنهن سان رعايت نہ ٿيندي.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

پاره 12 سورت 12 **سورت يوسف** مکية (رکوع 12 آيتون 111)

هن سورت ۾ حضرت يوسف عليہ السلام جو قصو بيان ٿيل آهي ان ڪري هن سورة جو نالو سورت يوسف رکيو ويو آهي هن سورت جي نازل ٿيڻ جو زمانو ۽ نازل ٿيڻ جو سبب هن سورت جي مضمون مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هي سورت بہ مڪي دور جي آخر ۾ نازل ٿي آهي جڏهن قريش جا ماڻهو ان مسئلي تي غور ڪري رهيا هئا تہ نبي پاڪ ﷺ جن کي قتل ڪن يا جلاوطن يا قيد ڪن انهيءَ زماني ۾ مڪي جي ڪن ڪافرن (شايد يهودين جي اشاري تي) نبي پاڪ ﷺ جن جي امتحان وٺڻ لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ کان سوال ڪيو تہ "بني اسرائيل جي مصر وڃڻ جو ڪهڙو سبب هو؟ الله تعاليٰ نہ صرف ايترو ڪيو جو هڪدم انهيءَ وقت ٿي. يوسف عليہ السلام جو سچو قصو پاڻ ڪريمين ﷺ جي زبان تي جاري ڪيو پر وڌيڪ هن قصي کي قريش جي ان معاملي تي لاڳو ڪري ڇڏيو جيڪو اهي يوسف عليہ السلام جي ڀائرن وانگر حضور ﷺ جن سان ڪري رهيا هئا.

حضرت سعد بن ابي وقاص ﷛ کان روايت تہ جڏهن حضرت حبيب اڪرم عليہ الصلواة والسلام تي قرآن پاڪ نازل ٿيندو هو تہ پاڻ اهو اصحابن سڳورن کي پڙهائيندا هئا هڪ ڀيري اصحابن سڳورن عرض ڪيو تہ يا رسول الله! جيڪڏهن قرآن پاڪ ۾ ڪو سهڻو قصو نازل ٿئي تہ پڙجي تڏهن الله جل شانه هي سورت نازل فرمائي.

(حوالہ روح الهماني صہ 170 جزء 12 جلد 4)

### هن سورت جي مضمون ۽ انهن جي بيان ڪرڻ جو فائدو:

هن سورت ۾ حضرت يوسف عليہ الصلواة والسلام جي مثان اچڻ وارين حالت جو ذڪر آهي جنهن سان ا جل جلاله پنهنجي پياري حبيب عليہ الصلواة والسلام کي تسلي ڏني تہ حضرت يوسف (عليٰ نبيعنا و عليہ الصلواة والسلام) جي مقابلي ۾ سندس ڀائرن جا منصوبا ناڪام رهيا ۽ سيني کي مجبور ٿي سندس عظمت ۽ بلنديءَ کي تسليم ڪرڻو پيو تيئن هڪ اهڙو ڏينهن اچڻ وارو آهي. جنهن ۾ مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو قريشي ڪافر بہ اوهان جي نبوت حقانيت ۽ عظمت کي تسليم ڪندا ۽ اها اوهان جي رحمت واريءَ دامن سان وابستہ هجڻ کي ئي پنهنجي نجات جو يقيني ذريعو سمجهندا.

### حضرت يوسف عليہ السلام جو نسب نامہ ۽ ان جي فضيلت:

حضرت يوسف عليہ السلام بن حضرت يعقوب عليہ السلام بن حضرت اسحاق بن حضرت ابراهيم (عليٰ نبينا و عليهم الصلواة والسلام) ان نسب جي لاءِ حديث بيان ٿيل آهي ڪريم پٽ ڪريم جو پوٽو ڪريم جو پڙ پوٽو ڪريم جو آهي يعني حضرت يوسف عليہ السلام جو پٽ يعقوب عليہ السلام جو پوٽو اسحاق عليہ السلام جو پڙ پوٽو حضرت ابراهيم عليہ السلام جو مطلب تہ حضرت يوسف عليہ السلام اهڙو تہ نسبت مان چونديل آهي جو پاڻ بہ نبي ۽ رسول سندس پيءُ حضرت يعقوب عليہ السلام بہ نبي ۽ رسول سندس ڏاڏو ۽ اسحاق بہ نبي ۽ رسول سندس پڙ ڏاڏو حضرت ابراهيم بہ نبي ۽ رسول اولو العزم آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت يوسف عليہ السلام کي الله تعاليٰ ٽن معجزن سان مشرف ڪيو. 1. خوابن جو تعبير 2 حسن 3. صفت نسب واري جيڪا متي حديث نسب بابت لکي آهي.

**حضرت يعقوب جا پٽ ۽ زالن جو تفصيل:**

حضرت يعقوب عليہ السلام کي ٻارنهن 12 پٽ هئا.

حضرت يعقوب عليہ السلام کي هڪ زال نالي راحيلا هئي جيڪا سندس ماروٽ (مامي جي ڌي) هئي جنهن مان حضرت يوسف عليہ السلام ۽ بنيامين ڄاوا هئا. جيڪا اڳ ۾ مري ويئي هئي حضرت يوسف عليہ السلام کي سندس ماسي پاليو هيو حضرت يوسف عليہ الصلواة والسلام جي پيدائش سنہ 1906 قبل مسيح لڳ ڀڳ زماني ۾ ٿي هئي باقي 10 پٽ ٻين ٽن 3 زالن مان هئا حضرت يعقوب عليہ السلام کي ٻئي زال نالي ليا هئي جنهن مان ڪيس، 6 پٽ (1). روبيل (2). شمعون (3). لاوي (4). يهودا، (5). ريان، (6). يشجر ۽ هڪ نياڻي دينہ ۽ 4 پٽ نالي (1). تفتالي، (2). وان، (3). جاد، (4). آسر ٻن ٻانهين جي اولاد مان هئا انهن ٻانهين جا نالا (1) زلفيٰ (2) يلهہ هو حضرت يعقوب عليہ السلام جي پهريان شادي ليا سان ٿي هئي ان جي وفات کان پوءِ ان جي ڀيڻ راحيلا سان ٿي جنهن مان حضرت يوسف عليہ السلام ۽ بنيامين ڄاوا هئا.

(حوالہ المظهري صہ 10 سورت يوسف جلد 5)

هن سورت ۾ ان پياري يوسف عليہ السلام جو ذڪر آهي جنهن کي پنهنجن (ڀائرن) کان تڪليفون پهتيون.

هن سورت ۾ حضرت يوسف عليہ السلام جو مفصل بيان آهي.

حضرت يوسف عليہ السلام جي خواب ڏسڻ واري عمر:

حضرت يوسف عليہ السلام جڏهن خواب ڏٺائون ان وقت سندس عمر جي لاءِ ٽي 3 قول آهن (1). 7 سال، (2). 12 سال (3). 17 سال) حضرت يوسف عليہ السلام اهو خواب رمضان المبارڪ مهيني جي قدر واري رات ڏٺو.

آيت 4 کان 6: حضرت يوسف عليہ السلام جو پنهنجي پيءُ کي خواب ٻڌائڻ:

حضرت يوسف عليہ السلام پنهنجي پيءُ حضرت يعقوب عليہ السلام کي چيو تہ اي بابا مون خواب ڏٺو آهي تہ سج، چنڊ ۽ يارهن تارا مون کي سجدو ڪيو سندس پيءُ چيس تہ اي پٽ انهيءَ خواب جي ڳالهہ تون پنهنجن ڀائرن کي نہ ٻڌائجان هو توکي ضرور ڪنهن بلا يا مڪر ۾ گرفتار ڪندا ان ۾ شڪ نہ تہ شيطان ماڻهو جو پڌرو دشمن آهي تنهنجو خواب سچو ٿيندو تنهنجو رب توکي منهنجي نسل ۽ اولاد ۾ برگزيدو ڪندو ۽ توکي خوابن جو تعبير سيکاريندو جهڙي طرح رب هن کان اڳ تنهنجي ڏاڏي حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ اسحاق عليہ السلام تي پنهنجون برڪتون عطا ڪيائين.

**خواب جي مراد:** يارهن تارن مان مراد يارهن ڀائر ۽ سج مان مراد سندس پيءُ آهي چنڊ مان مراد حضرت يوسف عليہ السلام جي ماءُ آهي. تفسير خازن سدي جي قول کان نقل ڪيو آهي تہ چنڊ مان مراد حضرت يوسف عليہ السلام جي ماسي آهي ڇو تہ حضرت يوسف عليہ السلام جي ماءُ جنهن جو نالو راحيلا هو اها اڳ ۾ مري وئي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### يهودين جو رسول الله ﷺ کان حضرت يوسف عليہ السلام جو قصو پڇڻ:

آيت 7 کان 10: مختصر تفسير: تفسير خازن لکيو آهي تہ يهودين رسول الله ﷺ کان پڇيو تہ حضرت يوسف عليہ السلام جو قصو ڪهڙي طرح آهي. تڏهن الله تعاليٰ اهي آيتون نازل فرمايون جن جو مطلب هن طرح آهي: بيشڪ حضرت يوسف عليہ السلام ۽ ان جي ڀائرن جي قصي ۾ سوال ڪندڙ لاءِ وڏيون وڏيون عجب جهڙيون نشانيون آهن حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن پاڻ ۾ گڏجي مخفي هڪ ٻئي سان ڳالهہ ڪئي ۽ چيو تہ بابي جي يوسف عليہ السلام ۽ ان جي سڳي ڀاءُ بنيامين سان گهڻي محبت آهي. اسين جماعت آهيون تحقيق اسان جو پيءُ پڌريءَ غلطي تي آهي اچو تہ حضرت يوسف عليہ السلام کي قتل ڪري ڇڏيون يا ان کي ڪنهن اهڙي جهنگ ۾ ڦٽو ڪري اچون جو بابي کي خبر نہ پوي پوءِ اسان جو پيءُ جي پاڻهين اسان سان محبت ٿيندي تنهن کان پوءِ توهين توبہ ڪري نيڪو ڪار ٿيو انهن مان هڪڙي چوندڙ چيو تہ حضرت يوسف عليہ السلام کي قتل نہ ڪريو توهين هن کي ڪنهن اونداهي کوهہ ۾ اڇلائي ڇڏيو تہ ڪو وانهڙو مسافر ان کي ڪيڏي ڪنهن ٻئي ملڪ کڻي وڃي.

سوال ڪندڙن يهودين کي حضرت رسول الله ﷺ حضرت يوسف عليہ السلام جو سچو قصو ٻڌايو ۽ حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن جا نالا ٻڌايا جيڪي مٿي لکي آيا آهيون.

## حضرت يوسف عليہ السلام کي ڀائرن جو کوهہ ۾ اڇلائڻ:

آيت 11 کان 15 پنهنجي پيءُ کي چيو بابا سائين ائين ڇو آهي جو تون حضرت يوسف عليہ السلام جي معاملي ۾ اسان تي ڀروسو نٿو ڪرين جڏهن تہ اسان سندس خير خواهہ آهيون. سڀاڻي هن کي اسان سان گڏ موڪل ڏي ڪجهہ کائيندو پيئندو ۽ راند روند سان بہ دل وندرائيندو اسان سندس حفاظت لاءِ موجود آهيون سندن پيءُ چيو توهان جو ان کي وٺي وڃڻ مون کي ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي ۽ ڊڄان ٿو تہ متان ڪيس بگهڙ کائي وڃي ۽ ان مهل توهان ڪائنس غافل هجو انهن جواب ڏنو: جيڪڏهن اسان جي هوندي ڪيس بگهڙ کاڌو جڏهن اسان هڪ ڇڳو جٿو آهيون تہ پوءِ تہ اسين ڏاڍا بيڪار نڪتاسون جڏهن اُهي ان کي ساڻ وٺي ويا ۽ ان کي هڪ ڦٽل کوهہ ۾ اڇلايو تہ اسان حضرت يوسف عليہ السلام کي وحي ڪيو تہ ڪو وقت ايندو جڏهن تون انهن ماڻهن کي سندن اها حرڪت جتائيندين هي پنهنجي عقل جي نتيجي بي خبر آهن.

## حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن جو پيءُ وٽ ڪوڙ ڳالهائڻ

آيت 16 کان آيت 18 مختصر تفسير: حضرت يوسف عليہ السلام جا ڀائر حضرت يوسف عليہ السلام کي کوهہ ۾ اڇلائي عشاء (رات) جو روئيندا پٽيندا پنهنجي پيءُ وٽ آيا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان ڊوڙڻ ۾ مشغول هئاسين ۽ حضرت يوسف عليہ السلام کي پنهنجي سامان وٽ ويهاريو هيوسين پوءِ اوچتو ان کي بگهڙ کائي ويو حضرت يوسف عليہ السلام جي ڪڙتي تي ڪوڙو رت لڳائي آيا ۽ هڪ بگهڙ بہ پڪڙي وٺي آيا ۽ پنهنجي پيءُ کي ٻڌايائون تہ هن بگهڙ تنهنجي پياري پٽ کي کاڌو آهي حضرت يعقوب پٽ جو ڪڙتو ڏسي چيو تہ حضرت يوسف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عليہ السلام کي بگھڙ نہ کاڌو آهي چو تہ ڪڙ تو قاتل نہ آهي بگھڙ حملو ڪري ها تہ ڪڙ تو ضرور ڪٿان قاتل هجي ها وري حضرت يعقوب عليہ السلام بگھڙ کان پڇيو تہ ڇا تو حضرت يوسف عليہ السلام کي کاڌو آهي بگھڙ کي الله تعاليٰ کان ڳالهائڻ جي قوت ملي بگھڙ حضرت يعقوب عليہ السلام کي چيو جو رڳو حضرت يعقوب عليہ السلام کي ٿي سمجهيو تہ سائين منهنجا مون تنهنجي فرزند کي هرگز نہ کاڌو آهي نکو مون ان کي ڏٺو بہ آهي وڏيڪ ڪراڙي بگھڙ چيو تہ اسان بگھڙن تي الله تعاليٰ نبين جو گوشت کائڻ حرام ڪيو آهي هنن تنهنجي پٽن مون کي پڪڙي چيلي جو رت سان منهنجو وات پري مونکي توهان جي سامهون پيش ڪيو آهي حضرت يعقوب عليہ السلام کي پڪ ٿي تہ حضرت يوسف عليہ السلام سان پنهنجي پائرن لچائي ڪئي آهي حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀھراڻ سڀ مونجهارا ختم ڪيا ۽ حضرت يعقوب عليہ السلام کي پڪ ٿي تہ حضرت يوسف عليہ السلام کي بگھڙ نہ کاڌو آهي چو تہ ڀهراڻ سڄو سارو هيو ڪٿان بہ قاتل نہ هو.

2. انهيءَ ڀهراڻ جنهن کي بہ ٻي زليخا ڦاڙيو هو تڏهن زليخان جي مڙس عزيز مصر کي خبر ڏني تہ حضرت يوسف عليہ السلام پاڪ آهي ۽ زليخا ڪوڙي آهي.

3. حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀهراڻ سنگھڻ سان تعاليٰ حضرت يعقوب عليہ السلام جي اکين جي روشنائي موٽائي ڏني پوءِ حضرت يعقوب عليہ السلام پٽن کي چيو تہ هي سڀ ڪجهہ پنهنجي ڪوڙ لکائڻ لاءِ ڪيو آهي منهنجو ڪم آهي صبر ڪرڻ ۽ جيڪي توهين بيان ڪريو ٿا اسين ان بابت خدا تعاليٰ کان مدد گھرون ٿا اهو ڪارساز رحيم آهي پاڻهين ان بابت مدد ڪندو.

## حضرت يوسف عليہ السلام جو کوهہ مان نڪرڻ ۽ قافلہ وارن جو خريد ڪرڻ:

قافلو آيو انهن پنهنجي پخالي کي پاڻي ڀرڻ لاءِ موڪليو هن پنهنجو ٻوڪو کوهہ ۾ وڌو تہ (يوسف عليہ السلام کي ڏسي) واکو ڪري چيائين مبارڪ هجيو! هتي تہ هڪ سهڻو ڇوڪرو آهي. انهن ماڻهن کيس واپاري مال سمجهي لڪائي ڇڏيو حالانڪہ هو جيڪو ڪري رهيا هئا الله تعاليٰ ان کان باخبر هو.

## حضرت يوسف عليہ السلام کي قافلي وارن کوهہ مان ٻاهر ڪڍڻ ۽ حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن جو قافلي وارن وٽ پهچي غلط بياني ڪرڻ:

جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن کي خبر پئي تہ يوسف عليہ السلام کي قافلي وارن کوهہ مان ٻاهر ڪڍيو آهي تہ اهي هڪدم قافلي وارن وٽ اچي پهتا ۽ چوڻ لڳا تہ هي اسان جو غلام آهي جيڪو ڀڄي آيو آهي ۽ ان کي ڀڄڻ جي عادت آهي ان ڪري اسين ان کي پاڻ وٽ رکڻ نہ ٿا گھرون جيڪڏهن اوهان خريد ڪرڻ گھرو تہ خريد ڪري سگھو ٿا. حضرت ابن عباس ۽ حضرت ابن مسعود ﷺ جو قول آهي تہ يوسف عليہ السلام جي ڀائرن کيس (20) ويهن درهمن ۾ وڪيو ۽ هر هڪ ڀاءُ بہ ٻہ درهم ڪنيا (حوالہ القرطبي صہ 155، 156 جلد9) (نقل تيل احسن البيان في تفسير القرآن جلد 5، صہ 36).

حضرت يوسف عليہ السلام کان ڀائرن پڇيو تہ تو کوهہ ۾ ٽي ڏينهن ڪيئن گذاريا؟ حضرت يوسف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عليہ السلام انهن کي فرمايو "هڪ اهڙي ڪلمي جي برڪت سان جنهن جي صدقي زندگي ملي آهي ۽ ان کي نہ مڃڻ وارا هلاڪ ٿي ويا آهن پاڻ کي ڇيو اهو ڪلمو اسان کي ٻڌايو فرمايائين تہ هي اهو ڪلمو آهي.

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ

امام غزالي رحمة الله عليه فرمايو آهي تہ اهو ڪلمو عبراني زبان ۾ توريت ۾ لکيل آهي. (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن صہ 37 جلد 5)

## عزيز مصر جي حضرت يوسف عليہ السلام کي قافلي وارن کان خريد ڪرڻ:

مختصر تفسير: آخرڪار قدرت خدا تعاليٰ جي عزيز مصر زليخا جي مڙس حضرت يوسف عليہ السلام کي خريد ڪيو تنهن پنهنجي زال زليخا کي چيو تہ تون هن پنهنجي غلام يوسف کي عزت ۽ آبرو سان سٺي جاءِ تي رکجان هن ۾ اميد آهي تہ پاڻ کي فائدو پهچندو يا اميد آهي تہ هن کي پٽيلو ڪري رکون ڇو تہ پاڻ کي ڀيو پٽ ڪونہ آهي ان کي ٿي پٽ ڪري رکون تہ اهو بہ وڏو فائدو آهي اهڙي طرح حضرت يوسف عليہ السلام لاءِ ان سر زمين ۾ پير ڪوڙڻ جي سورت ڪيئي ۽ ڪيس معاملن کي سمجهڻ جي تعليم ڏيڻ جو انتظام ڪيو الله تعاليٰ پنهنجو ڪم ڪري رهندو آهي پر گهڻا ماڻهو ڄاڻن نٿا ۽ جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام جوانيءَ تي رسيو تہ اسان کيس فيصلي جي قوت ۽ علم عطا ڪيو اهڙي ريت اسان نيڪ ماڻهن کي اجورو ڏيندا آهيون.

## زليخا جي نفساني خواهش لاءِ گهر ۽ حضرت يوسف عليہ السلام جو جواب

آيت 23 کان 24 جنهن گهر ۾ حضرت يوسف عليہ السلام رهندو هو تنهن يوسف عليہ السلام کان بدڪاري جي طلب ڪئي اندر گهر ۾ يوسف عليہ السلام کي وٺي وڃي دروازا بند ڪري ان کي چيائين تہ منهنجو مطلب پورو ڪر حضرت يوسف عليہ السلام چيس اهڙي بڇڙي ڪم کان خدا کان پناهہ گهران ٿو تنهنجو مرد منهنجو ڌڻي آهي. تنهن مون سان ڪيڏي مهرباني ڪئي آهي مون کي عزت واري جاءِ ڏني اٿس اهڙا ظالم ڪڏهن بہ ڇوٽڪارو نہ لهندا آهن ان زال يعني زليخا بري ڪم جو حضرت يوسف عليہ السلام ڏي قصد ڪيو ۽ حضرت يوسف عليہ السلام بہ خدا جا دليل برهان مهربانيون نہ ڏسي ها اهو ان ڪري ٿيو تہ جيئن انسان ڪانئس بدي ۽ بي حيائي کي پري ڪري ڇڏيو درحقيقت هو اسان جي چونڊيل پانهن مان هو.

**خدا تعاليٰ جا برهان:** آيت 24 جي هڪ فقري ۾ ذڪر آهي تہ حضرت يوسف عليہ السلام خدا تعاليٰ جا برهان يعني دليل ڏٺا اها ڪهڙا هئا تن بابت تفسير خازن ۽ ڪبير وغيره سيني هن طرح لکيو آهي تہ اُهي هيٺيان چار برهان هئا جيڪي حضرت يوسف عليہ السلام ڏٺا هئا.

1. پهريون حضرت يعقوب عليہ السلام کي ڏٺائين جنهن حضرت يوسف عليہ السلام کي سيني تي چماٽ هڻي جنهن کان سندس خواهش ناس ٿي ويئي.

2. حضرت يوسف عليہ السلام حضرت جبرائيل کي ڏٺو جنهن کيس دوزخ جي باهہ ڏيکاري ۽ چيس تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي زانين جي جاءِ آهي.

3. ان گهر ۾ قدرت جي قلم سان هي آيت لکيل ڏٺائين.

وَلَا تَقْرَبُوا الزِّنَىٰ إِنَّهُ كَانَ فَاحِشَةً وَسَاءَ سَبِيلًا

يعني هر گز زنا کي ويجهو نه وڃو ڇو ته اهو بي شرميءَ جو ڪم آهي ۽ برو رستو آهي.

4. بي بي زليخا جي گهر ۾ هڪڙو خاص بت رکيل هو جنهن ان مهل اتي ڪپڙي سان ڍڪيائين تنهن مهل حضرت يوسف عليه السلام بي بي زليخا کان پڇيو ته هن بت کي تو ڇا لاءِ ڍڪيو آهي تنهن تي بي بي زليخا چيس ته هيءُ منهنجو خدا آهي ان ڪري مون هن کي ڍڪيو آهي ته هو مون کي هن بي شرميءَ واري حالت ۾ نه ڏسي ۽ متان هو مون کي هن بي شرمي واري حالت ۾ ڏسي ڪاوڙ ڪري ۽ مون کي عذاب ڪري تڏهن حضرت يوسف عليه السلام کي دل ۾ خيال آيو ته افسوس ٿيو ته زليخا هڪ بيجان پٿر جي نهيل بت کان ڊڄي ٿي ۽ آءٌ پنهنجي خدا تعاليٰ کان جو حَيُ قيوم داناءُ بينا آهي ڇو نه ڊڄان ان جو شرم ڇو نه ڪريان اهي برهان ڏسي حضرت يوسف عليه اسلام اتي پڳو.

آيت 25 کان 29 جو مختصر تفسير حضرت يوسف عليه السلام ۽ زليخا ٻئي ڀڄندي دروازي تي پهتا ۽ زليخاحضرت يوسف عليه السلام جو پهراڻ پٺ کان ڦاڙي وڌو ٻنهي ڏٺو زال جي مڙس عزيز مصر کي جيڪو دروازي تي بيٺو هو ان مهل زليخا پاڻ تان تهمت ٽارڻ لاءِ پنهنجي مرد عزيز کي چيو ته جيڪو نامراد تنهنجي زال سان بي ايماني ۽ برائي ڪرڻ جو ارادو ڪري تنهن کي ڪهڙي سزا ڏجي ان کي قيد ڪيو وڃي يا وڏو عذاب ڏجيس تنهن تي حضرت يوسف عليه السلام جواب ڏنو ته مون هن جو نالو به نه ورتو آهي پر هن مون کي پاڻ ڏي بري ڪم لاءِ چڪيو ۽ اتي زليخا جي قبيلي مان هڪڙو شاهد به موجود هو تنهن چيو ته ڏسو ته حضرت يوسف عليه السلام جو پهراڻ اڳ کان ڦاٽل آهي ته حضرت يوسف عليه السلام ڪوڙو آهي ۽ زليخا سچي ۽ جيڪڏهن حضرت يوسف عليه السلام جو پهراڻ پٺ کان ڦاٽل آهي ته حضرت يوسف عليه السلام سچو ۽ زليخا ڪوڙي آهي پوءِ عزيز مصر نظر ڪري ڏٺو ته پهراڻ برابر پٺ کان ڦاٽل آهي تڏهن پنهنجي عورت زليخا کي چيائين ته پنهنجو ڪوڙ ۽ مڪر ڏس تحقيق توهان جي زالن جو مڪر ۽ ڪوڙ تمام وڏو آهي اي حضرت يوسف عليه السلام هاڻي هن ڳالهه جي پچر ڇڏي ڏي ۽ اي زليخا! تون ڏوهه ڪيو آهي تون پنهنجي ڏوهه جي پنهنجي رب کان بخشش گهر ڇو ته تو خطا ڪئي آهي.

تفسير ڪبير ۽ مدارڪ لکيو آهي ته ڪنهن عالم سڳوري فرمايو آهي ته آءٌ شيطان کان ايترو ڪين ٿو ڊڄان جيترو زالن جي مڪر کان ٿو ڊڄان ڇو ته الله تعاليٰ فرمايو آهي ته إِنَّ كَيْدَ الشَّيْطَانِ كَانَ ضَعِيفًا (سورت النساء آيت نمبر 76) مڪر شيطان جو ضعيف آهي ۽ هتي زالن جي مڪر بابت ٿو فرمائي. ان ڪَيدَ ڪُن عظيم، يعني تحقيق زالن جو مڪر وڏو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنڪري شيطان کان بہ وڌيڪ زالن جي مڪر کان ڊڃان ٿو غرض تہ زالن جو مڪر وڏو آهي، زليخا کي ڏسو تہ اتي جو اتي ڪهڙو ڪوڙو ڦند بنايائين.

حضرت محمد ﷺ جن فرمايو آهي تہ: **ترڪت بعدي فتنة اضر علي الرجال من النسآء** (حوالہ تفسير ابن ڪثير صہ 351 جلد1)

يعني مون پنهنجي رحلت کان پوءِ مرد لاءِ وڏي ۾ وڏو نقصان ڏيندڙ ڪو بہ فتنو عورت کان وڌيڪ نہ ڇڏيو آهي (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن ص33 جلد 2) مٿين حديث تفسير تنوير الايمان صہ 21 جلد 2، تفسير روح المعاني وارن بہ پنهنجن تفسير ۾ آندي آهي.

آيت 30 جڏهن اها خبر مصر جي زالن ٻڌي تہ انهن چيو تہ عزيز جي عورت پنهنجي ٻانهي ڪي جي اهڙي محبت دل ۾ گرفتار ٿي وئي آهي جو حيا بہ ڪونہ ٿي ڪري اسين سمجهون ٿيون تہ زليخا پڌري غلطيءَ گمراهي ۾ آهي والله اعلم.

مختصر تفسير آيت 31 ۽ 32 پوءِ جڏهن زليخا انهن زالن جي گلا ٻڌي تہ انهن ڏي ماڻهو موڪلي انهن کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ انهن لاءِ وڏي محفل تيار ڪيائين جنهن ۾ اهي اچي ويٺيون ۽ هر هڪ جي هٿ ۾ چاڪو ڏنائين پوءِ حضرت يوسف عليہ السلام کي چيائين تہ هنن جي وچ مان گذر يعني انهن جي سامهون لنگهي وڃ پوءِ جڏهن حضرت يوسف عليہ اسلام کي ڏٺائون تہ ان کي تمام وڏي عزت ۽ حسن وارو ڏٺائون ۽ بيخبريءَ ۾ پنهنجا هٿ وڍي وڌائون ۽ چيائون خدا تعاليٰ جي تعريف ۽ سارا هہ آهي هي جوان ماڻهو نہ آهي بلڪ هي تہ ڪو سڳورو ۽ سهڻو ملڪ آهي تڏهن زليخا چيو تہ هي جوان اهو اٿو جنهن جي عشق ۾ توهان مون کي طعنا ۽ مهڻا ٿي ڏنا. مون برابر هن کي ڦاسايو آهي پر هن بچايو پنهنجي پاڻ کي، هاڻي بہ جي نہ ڪندو جيڪي چوان ٿي تہ ان کي ضرور قيد ڪيو ويندو يا ضرور خوار ٿيندو.

## حضرت يوسف عليہ السلام جو قيد کي پسند ڪرڻ

آيت نمبر 33 کان آيت نمبر 35 جو مختصر تفسير:

جڏهن حضرت يوسف عليہ السلا ڏٺو تہ هي سڀ زالون مون کي برائي ڏي سڏين ٿيون تہ حضرت يوسف عليہ السلام چيو اي رب منهنجا مون کي قيد خانو تمام پسند آهي ان کان جنهن ڏي مون کي سڏين ٿيون انهن زالن جي مڪر، ڦند ۽ فريب کان مون کي نہ روڪيندين ۽ مون کي پنهنجي پناهہ ۾ نہ رکندين تہ آءُ ضرور انهن ڏي لاڙو ڪندس ۽ گناهہ ۾ گرفتار ٿي پوندس ۽ پوءِ مان جاهلن مان ٿي پوندس. الله تعاليٰ حضرت يوسف عليہ السلام جي دعا قبول فرمائي ۽ بچايو حضرت يوسف عليہ السلام کي انهن زالن جي فريب کان. پوءِ عزيز مصر سندس رفيقن ۽ زليخا وغيره کي خيال آيو تہ حضرت يوسف عليہ السلام کي ڪجهہ مدت قيد ڪيون باوجود هڪ عزيز مصر ۽ ان جي رفيقن حضرت يوسف عليہ السلام جي سچائي ۽ پاڪائي جو نشانيون ڏٺيون هيون تہ بہ حضرت يوسف عليہ السلام کي قيد ۾ موڪلي ڇڏيائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 36: جو مختصر تفسير: حضرت يوسف عليہ السلام کي جڏهن قيد ۾ موڪليائون تہ ان سان گڏ ٻيا ٻہ جوان بہ قيد ۾ داخل ٿيا. انهن ٻنهين کي ڏوهہ ڪيا هئا ۽ قيد خاني ۾ انهن ٻنهين خواب ڏٺا هئا انهن مان هڪڙي چيو تہ آءُ خواب ۾ ڏسان ٿو انگورن جو پاڻي نچوڙيان ٿو ٻئي چيو مون ڏٺو آهي تہ منهنجي مٿي تي مانيون رکيل آهن پکي انهن کي کائن ٿا پيا خبر ڏي اسانکي ان خواب جي تعبير جي، اسان ڏسون ٿا توکي نيڪن مان آهين.

آيت 37 ۽ 38 ۾ حضرت يوسف عليہ السلام جو الله تعاليٰ کي مڃڻ ۽ آبائي دين کي ظاهر ڪرڻ ٻڌايل آهي.

آيت 39 کان 40 ۾ حضرت يوسف عليہ السلام جي قيدين کي دين جي باري ۾ نصيحت ڪرڻ آهي.

آيت 41 هن آيت ۾ حضرت يوسف عليہ السلام جو قيدين کي خواب جو تعبير ٻڌائڻ جي باري ۾ ٻڌايل آهي. حضرت يوسف عليہ السلام انهن ٻنهين جوانن کي خواب جو تعبير هن طرح ٻڌايو تہ جنهن خواب ۾ انگورن جو پاڻي نچوڙي پيو اهو جلدي قيد کان آزاد ٿي ويندو ۽ وري ڏٺي پنهنجي کي شراب پياريندو ۽ مزا ماڻيندو ۽ ٻيو جنهن خواب ۾ مٿي تي مانيون رکيون آهن ۽ انهن مانين کي پکي پيا کائن ان تي بادشاه جو ڏوهہ ثابت ٿيندو تنهن کي ڦاسي ڏني ويندي چو تہ اهو خدا تعاليٰ وٽ فيصلو ٿي ويو آهي. جيڪو مون توهان کي چيو آهي برابر ائين ٿيندو.

آيت 42 ۽ حضرت يوسف عليہ السلام ڇوٽڪاري واري شخص کي چيو تہ مون کي پنهنجي ڏٺي اڳيان ياد ڪجان پوءِ وساريو شيطان ان کي تہ ياد ڪري پنهنجي ڏٺي وٽ پوءِ حضرت يوسف عليہ السلام ڪيترائي ورهيہ قيد خاني ۾ رهيو. (ريان بن وليد جو خواب لهڻ)

آيت 43 ۽ 44 ۾ هن طرح فرمايل آهي. مصر جي بادشاهہ ريان بن وليد خواب ڏٺو جنهن جو بيان هنن آيتن ۾ ٿيل آهي، بيان هي آهي تہ ست ڳئون ٿلهين متارين کي ٻيون ست ڳئون ڏٻريون کائي چٽ ڪري ويون آهن ۽ ڏسان ٿو تہ ست سنگ ساوا ان سان ٻريل هئا تن کي ست سڪل سنگ اچي لڳا اهي ستن ساون سنگن تي غالب ٿي ويا اي جماعت هاڻي مون کي ان خواب جي تعبير ٻڌايو جيڪڏهن اوهان ڄاڻو ٿا چيائون هي خواب پريشان ڪندڙ آهي ۽ اسين پريشان خوابن جو تعبير ڄاڻيندڙ نہ آهيون.

## حضرت يوسف عليہ السلام جو خوابن جو تعبير ڪرڻ

آيت 45 کان 49 ۾ حضرت يوسف عليہ السلام خوابن جو تعبير ڪرڻ جو بيان ٿيل آهي اهو بيان هي آهي انهن ٻن قيدين مان جيڪو شخص بچي ويو هو تنهن کي گهڻي عرصي کان پوءِ ڳالهہ ياد آئي ۽ هن چيو "مان توهان کي ان جو تعبير ٻڌائيندس مون کي ٺورو (جيل ۾ حضرت يوسف عليہ السلام وٽ) موڪليو هن وڃي چيو حضرت يوسف عليہ السلام کي "اي سچائي جا صاحب! مون کي خواب جو تعبير ٻڌاءِ تہ ست متاريون ڳئون آهن جن کي ست ڏٻريون ڳئون کائي رهيون آهن ۽ ست ساوا سنگ آهن ۽ ست سڪا سنگ ساون تي غالب ٿي ويا تہ جيئن آءُ انهن ماڻهن وٽ موٽي وڃان تہ من اهي ڄاڻي وٺن حضرت يوسف عليہ السلام چيو "ست سال سانده توهان پوک ڪندؤ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان وچ ۾ جيڪو فصل توهان لُڻو تنهن مان ٿورو حصو جيڪو توهان کي کاڌي لاءِ کتب اچي ڪڍي ٻيو سمورو اَنُ سنگن ۾ ئي رهڻ ڏيو پوءِ ست سال ڏاڍا ڏکيا ايندا انهيءَ زماني ۾ اهو سڀ اَنُ کاڄي ويندو جيڪو توهان ان وقت لاءِ اڳواٽ بچائي رکيو هوندو سواءِ ڪجهه ٿوري مقدار جي تنهن کان پوءِ هڪ سال اهڙو ايندو جنهن ۾ رحمت جي بارش سان ماڻهن جي فرياد رسي ڪئي ويندي ۽ هو رس نپوڙيندا.

## آيت نمبر 50: بادشاهه جو حضرت يوسف عليه السلام ڏانهن قاصد موڪلڻ

بادشاهه چيو حضرت يوسف عليه السلام کي منهنجي اڳيان آڻيو جڏهن بادشاهه جو قاصد حضرت يوسف عليه السلام وٽ آيو حضرت يوسف عليه السلام چيو ته موٽي وڃ پنهنجي ڌڻيءَ وٽ پوءِ ان کان پڇ ته ڪهڙو خيال آهي انهن زالن جن پنهنجن هٿن کي وڍيو تحقيق منهنجو رب انهن جي مڪر کي ڄاڻيندڙ آهي.

## حضرت يوسف عليه السلام جو قاصد کي جواب ڏيڻ

آيت 51 ۽ 52 ۾ هن طرح فرمايل آهي: قاصد اها ڳالهه جا حضرت يوسف عليه السلام ڪئي اها بادشاهه کي ٻڌائي تڏهن بادشاهه انهن عورتن کي گهرائي چيو ته جڏهن اوهان حضرت يوسف عليه السلام کان بُرو مطلب گهريو اوهان حضرت يوسف عليه السلام تي بري ڪم جي تهمت رکي هئي تنهن بابت ٻڌايو ته حضرت يوسف عليه السلام جو ڪهڙو خيال هو؟ سڀني زالن چيو ته توبه! پاڪائي آهي الله تعاليٰ کي اسان کي حضرت يوسف عليه السلام ۾ ڪا به برائي شهوت واري اصل نظر نه آئي. زليخا عزيز مصر جي عورت چيو ته هاڻي ته حق ظاهر ٿي پيو سچ ڳالهه ته هي آهي جو مون حضرت يوسف عليه السلام کان بري مطلب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تحقيق اهو سچن مان هو پوءِ قاصد اها سڄي ڳالهه حضرت يوسف عليه السلام کي ٻڌائي ته زالون چون ٿيون حضرت يوسف عليه السلام جو ڪو ڏوهه نه آهي. ان مهل حضرت يوسف عليه السلام فرمايو ته مون اها ڳالهه هن ڪري ظاهر ڪئي ته بادشاهه عزيز مصر کي پڪ ٿئي ته مون عزيز مصر جي پر پٺ ان جي امانت ۾ ڪا به خيانت نه ڪئي ۽ تحقيق خدا خيانت ڪندڙن کي هدايت نه ڪندو آهي.

حضرت يوسف عليه السلام فرمايو ته مان پنهنجي نفس کي پاڪ نه ٿو ٻڌايان ته هو ڪو سڀني عيبن کان پاڪ آهي بلڪ خدا جي مهرباني کان سواءِ ڪو چارو نه آهي تحقيق نفس گهڻو برائي جو امر ڪندڙ آهي مگر الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحيم جي مهرباني مون تي آهي جنهن مون کي انهيءَ نفس جي فريب کان بچايو.

## حضرت يوسف عليه السلام جو قيد مان نڪرڻ ۽ بادشاهي خزانن جو ملڻ

جڏهن بادشاهه کي حضرت يوسف عليه السلام جي سچائي معلوم ٿي ته قاصد کي چيائين ته حضرت يوسف عليه السلام کي مون وٽ وٺي اچو ته آءٌ ان کي خاص پنهنجي ڪم لاءِ مقرر ڪريان پوءِ جڏهن حضرت يوسف عليه السلام ان وٽ آيو ته بادشاهه ان جي لياقت، علم ۽ ايمانداري ڏسي حضرت يوسف عليه السلام کي چيائين تون اسان جي سرڪار ۾ وڏي عزت ۽ امانت وارو آهين تڏهن حضرت يوسف عليه السلام بادشاهه کي عرض ڪيو ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪار منهنجي ايڏي قدرداني ڪئي آهي ته مون کي زمين جي خزانن تي مقرر ڪريو آءُ خزانن جي حفاظت (سنڀال) چڱي طرح ڪندس ۽ حساب جي علم کان به داناءُ آهيان.

## حضرت يوسف عليه السلام جو مصر جو وزير جو عهدو سنڀالڻ

الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اسان حضرت يوسف عليه السلام کي مصر جي زمين ۾ وڏي عزت ۽ مرتبو ڏنو ۽ جتي ڪيس وڻندو هو اتي وڃي رهندو هو سڄو ملڪ سندس تصرف (اختيار، قبضي) ۾ هو اسين جنهن کي گهرون تنهن کي گهڻو فضل عطا ڪندا آهيون نيڪو ڪارن جو اجر، اسين هرگز ضايع نه ڪندا آهيون باقي آخرت جو اجر خاص انهن جي لاءِ آهي جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪئي.

## مختصر احوال زليخا جي حالت جو

خلاصة التفاسير ۽ صاحب حدائق الدقائق واري لکيو آهي ته جڏهن حضرت يوسف عليه السلام بادشاهه جو خاص مقرب ٿيو ۽ اڳيون عزيز مصر مري ويو تڏهن زليخان جو حال پريشان ٿي ويو ڇو ته هڪ ته سندس مڙس مري ويو ۽ سندس عزيز قريب جي يمن جي ملڪ جا حاڪم هئاسي به سڀ بادشاهه قتل ڪري ڇڏيا ۽ سندس مال متاع به حضرت يوسف عليه السلام جي عشق ۾ لٽجي ويو جيئن ته جيڪو ٽس حضرت يوسف عليه السلام جو نالو رکو وٺندو هو تنهن کي موتي ۽ سون ڪٽي ڏيندي هئي نيٺ بڪايل، مفلس ۽ انڌي ٿي پئي ۽ ويچاري مصيبت ۽ ڏکن جي ماريل ڪٿي ۾ گذاريندي هئي ۽ حضرت يوسف عليه السلام جي واٽ تي جهوپڙي اڏي تنهن ۾ رهندي هئي ۽ پنهنجن مائٽن جي رسم موجب بت پرستي ڪندي هئي ۽ هميشه ان بت کان حضرت يوسف عليه السلام جو ديدار پئي گهرندي هئي هڪڙي ڏينهن بت کان ڪڪ ٿي ان کي چيائين ته تو منجهان مون کي ته ڪو فائدو حاصل نه ٿيو ائين چئي بت کي پيچي پوءِ حضرت يوسف عليه السلام کان جيڪا خدا تعاليٰ جي ثنا ۽ تعريف ٻڌي هئائين سا خدا جي تعريف ڪري ڏٺي کان حضرت يوسف عليه السلام جو ميلاپ گهريائين خدا تعاليٰ جي رحمت جو درياه جوش ۾ آيو. ان ڏينهن حضرت يوسف عليه السلام جي واٽ تي اچي ويٺي جڏهن حضرت يوسف عليه السلام جي سواري زليخا جي پرسان لنگهي ته زليخا وڏي دردناڪ آواز سان هن طرح چيائين ته "پاڪ آهي اهو رب جنهن غلام کي فرمانبرداري ۽ نيڪي کان سرداري ۽ بادشاهي ڏني ۽ بادشاهن کي نافرماني سبب خوار ۽ هلاڪ ڪيائين اهو آواز حضرت يوسف عليه السلام جي دل ۾ کُپي ويو پوءِ ماڻهن کان پڇيائين ته هيءَ ضعيفه زال ڪير آهي؟ ماڻهن عرض ڪيو ته هي زليخا آهي تڏهن زليخا کي پاڻ وٽ گهرايائين ۽ پڇيائينس ته تنهنجو اسان ۾ ڪهڙو ڪم آهي؟ زليخا چيو ته منهنجا 3 ٽي ڪم آهن

1. دعا فرمايو ته رب تعاليٰ مون کي اکيون موٽائي ڏي ته انهن سان تنهنجو جمال پاڪ ڏسان حضرت يوسف عليه السلام دعا گهري سندس دعا قبول پئي رب جي حڪم سان زليخا جون اکيون روشن ٿيون حضرت يوسف عليه السلام جي ديدار ڪرڻ سان سڀ غم لهي ويس.

2. دعا فرمايو ته رب تعاليٰ مون کي اها جواني ۽ حسن عطا فرمائي حضرت يوسف عليه السلام دعا گهري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس دعا رب پاڪ قبول فرمائي ۽ زليخا کي اها جواني ۽ ساڳيو حسن بہ ملي ويس.

3. تنوير الايمان ۾ آهي تہ عرض ڪيائين تہ هاڻي توهان ســـان نڪاح نصيب ٿئي اهو منهنجو آخري عرض آهي، اهو ٻڌي حضرت يوسف عليہ السلام ماٺ ڪئي انهيءَ مهل حضرت جبرائيل عليہ السلام لهي آيو تنهن چيس تہ اي حضرت يوسف عليہ السلام الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ هيترا ڏينهن زليخا توکي پنهنجي تدبير ۽ حيلي سان پئي ڳوليو تنهنڪري تنهنجي وصال کان محروم پي رهي پر هاڻي اها تنهنجو وصال اسان کان ٿي گهري ۽ تنهنجي ميلاپ لاءِ اسان صلح ڪيو اٿس جو اسان تي ايمان آندو اٿس تنهنڪري هاڻي تون زليخا سان وصال (ديدار) جي دل جي مراد پوري ڪر ۽ ساڻس نڪاح ڪر حضرت يوسف عليہ السلام ان سان نڪاح ڪيو صحبت مهل زليخا کي ڏٺائين تہ بلڪل ڪنواري هئي ان جو سبب پڇيائون بي بي جواب ڏنو تہ هي تنهنجي امانت اول کان ئي محفوظ آهي عزيز جو هن کي هٿ بہ لڳل نہ آهي جو هو نامرد هو نيٺ بي بي زليخا ﷺ کي مجازي عشق مان رب جو حقيقي عشق حاصل ٿيو. حضرت يوسف عليہ السلام ان کي عبادت لاءِ محراب ٺهرائي ڏنو اتي بي بي زليخا هميشہ عبادت ۾ مشغول رهندي هئي ۽ حضرت يوسف عليہ السلام جي جمال پاڪ مان حقيقي خدائي حُسن ڏسندي هئي هڪ رات حضرت يوسف عليہ السلام گهريو تہ زليخا هنڪان پري نہ ٿئي پر زليخا کي رب جي عبادت جو شوق هو سا اُٿي محراب ڏي هلي پئي ان حضرت يوسف عليہ السلام سندس پهراڻ جهليو انهيءَ ڪشاڪش ۾ پهراڻ پٺ کان ڦاٽي پيو تڏهن بي بي زليخا حضرت يوسف عليہ السلام کي عرض ڪيو تہ اي يوسف عليہ السلام هي انهيءَ ڏينهن جو عيوض ۽ بـــــدلو آهي. جڏهن مون اوهان جو پهراڻ ڦاڙيو ۽ توهين مون کان پڇندڙ هئا ۽ اڄ اوهان منهنجو پهراڻ پٺ کان ڦاڙيو آهي ۽ آءُ رب ڏي پڇندڙ آهيان هاڻي تون ۽ آءُ ٻئي برابر ٿيا سون اي يوسف عليہ السلام پاڪ! اوهان جي سهڻي صحبت جي برڪت سان مون کي الله تعاليٰ پنهنجي محبت عطا فرمائي جنهن کان حرص ۽ هوس بلڪل بند ٿي وئي آهي تنهن کان پوءِ الله تعاليٰ حضرت يوسف عليہ السلام کي ٻہ فرزند بہ عطا ڪيا تفسير خازن لکيو آهي تہ هڪ جو نالو هو "افرائيم" ۽ ٻئي جو نالو هو "ميشا".

## حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن جو مصر ۾ اچڻ ۽ اَنُ وٺڻ

ڪنعان جي علائقن ۾ ڏڪار پيو هو تنهن ڪري حضرت يوسف عليہ السلام جا ڏهہ ڀائر مصر حضرت يوسف عليہ السلام وٽ اَنُ وٺڻ آيا حضرت يوسف عليہ السلام انهن کي سڃاتو هنن کيس نہ سڃاتو پر جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام ڪين اَنُ تيار ڪري ڏنو تڏهن ڪين چيائين تہ توهين وري جڏهن هتي اَنُ وٺڻ اچو تہ توهان پنهنجي پيٽتي ڀاءُ بن يامين کي پاڻ سان وٺي اچجو ۽ توهين نہ ٿا ڏسو تہ آءُ اوهان کي بلڪل پوري ماپ ٿو ڏيان ۽ آءُ سڀ کان چڱو مهمان نواز آهيان پر جيڪڏهن توهان ان کي مون وٽ نہ آندو تہ توهان کي اســـــان وٽان اَنُ نہ ملندو ۽ نڪي اسان وٽ اچجو چو تہ آنءُ هر هڪ خاندان جي وڏي جو حصو ان کي پاڻ کي ڏيندو آهيان. حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن چيو تہ اسين وڃون ٿا ۽ بن يامين جي آڻڻ لاءِ پنهنجي پيءُ کي عرض ڪندا سون ۽ ان کي ٻئي دفع ضرور وٺي ايندا سون ۽ حضرت يوسف عليہ السلام پنهنجن غلامن کي چيو تہ انهن جي اها موڙي جا اسان کي ڏيئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اناج خريد ڪيو اٿن سا سڀ اناج جي ٻورين ۾ وجهي ڇڏيو تہ هي جڏهن پنهنجي گهر ويندا تہ اتي پنهنجي موڙي ثابت ڏسي وري لالچ ڪري اَنُ وٺڻ ايندا.

## حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن جو پنهنجي پيءُ وٽ موٽي اچڻ ۽ ڀاءُ جي موڪل وٺڻ

پوءِ جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام جا ڀائرن اناج وٺي موٽي آيا تڏهن پنهنجي پيءُ حضرت يعقوب عليہ السلام کي هي احوال ڪيائون تہ بابا مصر جي بادشاهہ اسان کي چيو آهي تہ جي توهان آئنده پنهنجي پيئتي ڀاءُ بن يامين کي پاڻ سان نہ وٺي ايندو تہ آءُ اوهان کي اَنُ ڀري نہ ڏيندس تنهنڪري بن يامين کي موڪل ڏيو تہ اسان سان اتي هلي ۽ اسين ان جي نگهباني جا جوابدار آهيون حضرت يعقوب عليہ السلام چيو تہ مون کي هن جي نگهباني ۾ حفاظت جو توهان تي اهڙو اعتبار آهي جهڙو اڳي اوهان جي ڀاءُ حضرت يوسف عليہ السلام جي حفاظت جو اعتبار هو نگهباني ڪندڙ رب آهي جو سڀني کان وڌيڪ چڱو نگهبان آهي ۽ اهو سڀني ٻاجهارن کان وڌيڪ ٻاجهارو آهي.

## حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن جو سامان کولڻ ۽ ڀاءُ جي اجازت وٺڻ

جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن پنهنجو سامان کوليو تڏهن ڏٺائون تہ جيڪا موڙي (رقم) ڏيئي انهن حضرت يوسف عليہ السلام کان اَنُ ورتو هو سا ساڳي رقم سلامت ٻوري ۾ پئي آهي تڏهن خوش ٿي پنهنجي والد حضرت يعقوب عليہ السلام کي چوڻ لڳا تہ بابا هن کان وڌيڪ اسان کي ڇا گهرجي؟ جو اسان جيڪي موڙي ڏيئي اَنُ وٺي آيا هواسون سا سڀ اسان کي مصر جي بادشاهہ موٽائي ڏني آهي هاڻي اسان سان گڏ بن يامين کي ڇڏيو تہ مصر کان اَنُ آڻيون ۽ پنهنجي ڀاءُ بن يامين جي چڱي طرح نگهباني ڪنداسون ۽ هڪ اٺ جو بار بہ وڌيڪ آڻينداسون اهو اڳيون ماڻ ٿورو آهي حضرت يعقوب عليہ السلام چيو تہ هرگز ان کي اوهان سان نہ موڪليندس جيستائين اوهين الله تعاليٰ جو قسم نہ کڻندؤ تہ ان کي مون وٽ آڻيندو مگر جيڪڏهن توهين گرفتار ڪيا ويندو تہ توهان کي لاچاري سببان آءُ بہ معذور سمجهندس باقي ٻي ڪنهن صورت ۾ اوهين بن يامين جي آڻڻ لاءِ خدائي انجام موجب ٻڌل رهندؤ حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن جي انهيءَ ڪم ۾ نيت صاف هئي تنهنڪري ان بابت قسم کڻڻ ۽ انجام ڏيڻ ۾ ذرو بہ خيال نہ ٿيو يڪدم الله تعاليٰ جو قسم کڻي ٻول ڏنائون جڏهن اهو ٻول ڏيئي چڪا تڏهن حضرت يعقوب عليہ السلام فرمايو تہ اسين جيڪي هن مهل ٻول ۽ اقرار بابت ڇئي چڪا آهيون تنهن تي الله تعاليٰ شاهد آهي پوءِ بن يامين انهي جي حوالي ڪيائين.

## حضرت يعقوب عليہ السلام جي پنهنجي پٽن کي وصيت ڪرڻ

حضرت يعقوب عليہ السلام جا 11 ٻارهن پٽ بن يامين سميت ڪائنس موڪلائي مصر ڏي اَنُ وٺڻ لاءِ روانا ٿيا تڏهن حضرت يعقوب عليہ السلام کين نصيحت ڪئي اي منهنجا فرزندو! اوهين مصر ۾ سڀ هڪ دروازي کان داخل نہ ٿجو جدا جدا دروازن کان داخل ٿجو ڇو متان ماڻهو اوهان کي هيڪادو ڏسي نظر بد کان ايذاءُ پهچائن اوهان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي جيڪو حڪم ڏيان ٿو سو رڳو منهنجي تدبير آهي مگر آءُ رب جي قضا ۽ تقدير کي بلڪل ٽاري نہ سگهندس چو تہ سڄي جهان ۾ رب جو حڪم هلي ٿو ان تي منهنجو ڀروسو آهي ۽ توڪل وارن کي گهرجي تہ رڳو رب تي توڪل ڪن جڏهن حضرت يعقوب عليہ السلام جا پٽ سندس چوڻ موجب مصر ۾ جدا جدا دروازن کان لنگهي خير و عافيت سان وڃي پهتا پر جي رب انهن کي ڪو نقصان پهچائڻ گهري ها تہ انهيءَ طرح داخل ٿيڻ بہ تقدير (وارو نقصان) ٽاري ڪين سگهي ها. جدا جدا دروازن کان داخل ٿيڻ وارو حضرت يعقوب عليہ السلام جو حڪم (يعني تدبير) رڳو سندس دل جو خيال هو جنهن کي انهن پورو ڪيو پر تنهن هوندي بہ حضرت يعقوب عليہ السلام اهو چئي ڇڏيو تہ سڀ ڪم جي واڳ رب جي هٿ ۾ آهي ۽ انهيءَ ڳالهہ ۾ شڪ ڪونهي تہ حضرت يعقوب عليہ السلام کي گهڻو علم سيکاريو هو اهو صاحب علم هو جيڪي اسان سيکاريو هو پر ان کي گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن.

## نظر لڳڻ جو بيان

هن بابت صحيح مسلم ۾ حضرت عبدالله بن عباس ﷺ جي روايت کان هي حديث موجود آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ

## اَلعَينُ حَق وَلَو کَانَ شَيءَ سَابِقَ القَدرِ لسبقته العَين

يعني نظر اک جو حق آهي ضرور اثر ڪري ٿو جيڪڏهن جهان ۾ ڪا اهڙي شيءِ هجي ها جا تقدير کان اڳرائي ڪري ها تہ ضرور جيڪر اک جي نظر اڳرائي ڪري ها.

جهڙيءَ پٽ تاثير ڪرڻ ۾ جادو کان بہ زور آهي انهيءَ حديث مان نظر جي تاثير جو ڪيڏو وڏو اثر پروڙجي ٿو ان کان سواءِ هي ڳالهہ بہ صاف طرح انهيءَ حديث مان ظاهر ٿي چڪي تہ الله تعاليٰ جي تقدير ۽ منشا کان سواءِ ڀيو ڪجهہ بہ نہ ٿيڻو آهي پر انسان جي اک جي نظر جيڪو ڪم ڪري ٿي سو بہ الله تعاليٰ جي تقدير آهي.

## حضرت يوسف عليہ السلام وٽ ڀائرن جو اچڻ ۽ پنهنجي ڀاءُ بن يامين کي پاڻ وٽ رهائڻ

تفسير خازن ۽ درمنثور لکيو آهي تہ جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام جا ڀائر سندس دربار ۾ آيا تڏهن چيائون تہ اي عزيز! هي اسان جو اهو ڀاءُ آهي جنهن جي آڻڻ لاءِ توهان جو حڪم هو ان جو نالو بن يامين آهي تڏهن حضرت يوسف عليہ السلام چيو تہ اهو اوهان چڱو ڪم ڪيو ۽ اوهان کي ان جو چڱو عيوض ملندو پوءِ حضرت يوسف عليہ السلام سڀني ڀائرن کي تمام گهڻي اڪرام سان جاءِ ڏني ۽ کاڌي جي هر هڪ خونچي تي ٻن ٻن ڀائرن کي ويهاريائين. ڏهہ ڀائر پنجن خونچن تي ويهي رهيا ۽ بن يامين هيڪلو رهجي ويو حضرت يوسف عليہ السلام ان کي پاڻ سان گڏ ويهاري کاڌو کارايو رات جي وقت بہ هر هڪ بستري تي ٻہ ٻہ ڀائر گڏ سمهاريائين ۽ بن يامين بچي پيو تہ ان کي وري پاڻ سان سمهاريائين صبح جو حضرت يوسف عليہ السلام فرمايو تہ بن يامين کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڳو ڀاءُ ڪونهي هاڻي جي توهين پسند ڪريو تہ هي مون سان گڏ رهي سيني ڀائرن اها ڳالهہ خوشي سان قبول ڪئي پر جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام بن يامين ۾ئي هيڪلي جاءِ تي گڏ ٿيا تہ بن يامين کان پڇيائين تہ تنهنجي ماءُ جو نالو ڇا آهي؟ چيائين تہ منهنجي ماءُ جو نالو راحيل ڏيءُ لبان وري پڇيائينس تہ توکي ڪو سڳو ڀاءُ ماڻتو پيئتو هو؟ چيائين تہ حضرت يوسف عليہ السلام نالي سڳو ڀاءُ هو جو جهنگ ۾ گم ٿي ويو ائين چئي بن يامين روئڻ لڳو تڏهن حضرت يوسف عليہ السلام چيس تہ تنهنجي گم ٿيل ڀاءُ جي بدران آءُ تنهنجو ڀاءُ ٿيان تنهن تي بن يامين چيس تہ اي بادشاهہ! تو جهڙو ڀاءُ تہ ڪنهن کي نصيب سان ملي پر توکي نہ حضرت يعقوب عليہ السلام ڄڻيو آهي ۽ نڪي راحيل تون منهنجي ڀاءُ ڪيئن ٿي سگهندين؟ اتي حضرت يوسف عليہ السلام روئي وينو ۽ ڀاڪر پائي چيائين تہ اِني آنَا آخوڪ يعني سچ پچ آءُ تنهنجو ڀاءُ آهيان پر اهو راز مخفي رکجاءِ.

## حضرت يوسف عليہ السلام جو بن يامين جي رهائڻ جو حيلو ڪرڻ

پوءِ جڏهن انهن لاءِ سامان تيار ڪيائون پوءِ پنهنجي سڳي ڀاءُ بن يامين جي ٻوري ۾ پيالو رکيائون پوءِ اڳتي هليا تہ آواز ڪندڙ آواز ڪيو تہ اي قافلي وارو! اوهان ضرور چور آهيو.

## مؤذن ۽ قافلہ وارن جي وچ ۾ پيالي لاءِ سوال جواب

حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن انهن ڏي منهن ڪري چيو ڇا گُمُ ڪيو اٿوَ؟ چيائون شاهي پيمانہ گم ڪيو اٿون ۽ جنهن اهو آندو ان لاءِ اٺ جو بار آهي يعني انعام ۽ آءُ واعدي جو ضامن آهيان چيائون قسم آهي الله تعالىٰ جو توهين ڄاڻو ٿا اسان جي ايمانداري ۽ امانت داري ڪان تہ اسين هتي هن مصر جي ملڪ ۾ فساد ڪرڻ نہ آيا آهيون نہ ڪي چوري اسان جو شيوو آهي نہ اسين چور آهيون شال رب تعالىٰ اسان کي انهيءَ ٻري ڪم کان بچائي چيائون پوءِ ان چور جي ڪهڙي سزا آهي؟ حضرت يوسف عليہ السلام کي ڀائرن چيو تہ جنهن جي ٻوري مان اهو شاهي جو ڪٽورو نڪري پوءِ تہ اهو پاڻ ان جي سزا آهي يعني ان کي جهلي پاڻ سان ڪٽي بادشاهہ غلام ڪري ويهاري چو تہ اسين چورن کي انهيءَ طرح جي سزا ڏيندا آهيون.

حضرت يعقوب عليہ السلام جي شريعت ۾ اهو قاعدو هو چور کي پاڳٽي جو غلام ڪندا هئا.

تفسير خازن ۽ مدارڪ لکيو آهي تہ چور کي هڪ سال تائين غلام ڪندا هئا اها فتوىٰ بہ حضرت يعقوب عليہ السلام جي پٽن ڏني تہ جنهن جي ٻوري مان شاهي پيمانہ نڪري ان کي هڪ سال تائين بادشاهہ جو غلام ڪجو.

حضرت يوسف عليہ السلام پهريون پنهنجن پيئتي ڏهن ڀائرن جي ٻورن مان ڳولا شروع ڪئي، جڏهن ڏهن جا ٻورا ڏسي ورتائين تنهن کان پوءِ ڪڍيائين ان کي پنهنجي ڀاءُ بن يامين جي ٻوري مان اهڙي طرح حضرت يوسف عليہ السلام کي تدبير سيکاري سون. تہ پنهنجي ڀاءُ کي بادشاهہ جي دين ۾ نہ ٿي وٺي سگهيو چو تہ مصر جي بادشاهہ جي دين جو اهو حڪم هو تہ چور کي ڇهبڪ هڻجن جيڪا چوري ڪئي اٿس ان کان ٻيڻا پئسا ڀرائي وٺجن مگر رب جي خواهش هئي تہ بن يامين حضرت يوسف عليہ السلام وٽ رهي الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ اسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي گهرون ٿا تنهن جا درجا، حُسن، تدبير ۽ علم جي ڪري وڌايون ٿا.

## ڀائرن جو حضرت يوسف عليہ السلام کي جواب جو ڪوڙو الزام هڻڻ

حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن چيو تہ جيڪڏهن بن يامين چوري ڪئي آهي تہ عجب نہ آهي ڇو تہ ان کان اڳ سندس سڳي ڀاءُ (يوسف) بہ چوري ڪئي هئي پوءِ لڪايو حضرت يوسف عليہ السلام پنهنجي دل ۾ ان ڳالهہ کي ۽ انهن کي نہ ٻڌايائين ۽ چيائين تہ اوهين خراب ماڻهو آهيو ۽ خدا چاڱيءَ ريت ڄاڻيندڙ آهي جيڪو بيان ڪريو ٿا. ياد رهي تہ ننڍي هوندي حضرت يوسف جي ڦڦيءَ حضرت يوسف کي پاڻ وٽ رهائڻ لاءِ هڪ سهڻو اڳٺ ڪپڙن ۾ لڪائي کيس گهر موڪليو هو ۽ پوءِ وچي ان مان ڪڍيو هئائين ۽ ڀاءُ کان هڪ سال لاءِ يوسف عليہ السلام ورتو هئائين.

## ڀائرن جو حضرت يوسف عليہ السلام کي عذر ڪرڻ

جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام بن يامين کي پاڻ وٽ غلام ڪري رکيو تہ سندس ڀائرن حضرت يوسف عليہ السلام کي عرض ڪيو تہ اي عزيز! بن يامين جو پيءُ وڏي عمر جو پوڙهو آهي ۽ هن سان ڏاڍي محبت اٿس تنهنڪري مهرباني ڪري اسان مان هڪڙو ان جي عيوض پاڻ وٽ رک اسان توهان کي نيڪو ڪارن مان ڏسون ٿا، چيو حضرت يوسف عليہ السلام تہ الله تعاليٰ پناهہ ۾ رکي جو اسين ان کي ڇڏي ڏيون جنهن وٽان اسان جو سامان لڌو آهي ۽ ان جي عيوض ناحق ٻئي کي پاڻ وٽ روڪيون، جي ائين ڪريون تہ ظالم ٿيون اسين بن يامين کي نہ ڇڏينداسون.

تفسير خازن ۾ خلاصة التفاسير لکيو آهي تہ حضرت يوسف عليہ السلام کي ڀائرن گهٽيون منٿون ڪيون ۽ هن نہ مڃيو تہ اهي اچي ڪاوڙ ۾ انهن جي پاڪ خاندان جو اهو اثر هو تہ جڏهن اهي ڪاوڙ ۾ هوا تہ ڀيو ڪو بہ انهن سان مقابلو ڪري نہ سگهندو هو انهن ڀائرن ۾ روبيل نالي نهايت زوراور هو تنهن نهايت غصي ۾ اچي حضرت يوسف عليہ السلام کي چيو تہ اي بادشاهہ! جيڪڏهن تون بن يامين کي نہ ڇڏيندين تہ آءُ هتي ٻيهي اهڙي دانهن ڪندس جو ان جي هيبتناڪ آواز کان مصر جون زالون حمل ڪيرائي وجهنديون ان مهل روبيل جا وار بہ ڪڙا ٿي ويا ۽ سندس ڪپڙن کان بہ ٻاهر نڪري آيا مگر حضرت يوسف عليہ السلام کي خبر هئي تہ جيڪڏهن ڪو حضرت يعقوب عليہ السلام جي اولاد مان ان غصي واري کي ڇهندو هو تہ سندس غصو لهي ويندو هو تنهن تي پنهنجي ننڍي فرزند کي چيائين تہ تون آهستي وڃي روبيل جي پٺن کي ٿورو مهٽي آءُ (اچ) تنهن آهستہ وڃي بي خبري ۾ هن جي پٺن کي هٿ لاتو تہ يڪدم روبيل جو غصو لهي ويو. خلاصة التفاسير لکيو آهي تہ انهي مهل روبيل چيو تہ پڪ هن گهر ۾ ڪو حضرت يعقوب عليہ السلام جي اولاد جو تخم آهي تڏهن حضرت يوسف عليہ السلام چيس تہ حضرت يعقوب عليہ السلام ڪير آهي؟ روبيل البت ڪاوڙ جي چيس تہ اي بادشاهہ! حضرت يعقوب عليہ السلام جو نالو نہ وٺ اهو آهي اسرائيل عبدالله بن اسحاق ذبيع الله بن ابراهيم خليل الله تنهن تي حضرت يوسف عليہ السلام ڪٿي مات ڪئي تفسير خازن لکيو آهي تہ ٻيو دفعو وري روبيل کي ڪاوڙ چڙهي ويئي تنهن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت يوسف عليہ السلام پاڻ اٿيو ۽ وڃي لت هنيائينس تہ روبيل هڪدم ڪري پيو پوءِ ڪَنَ مان جهلي ڪڙو ڪيائينس تہ ڪاوڙ ڇڏي ويس پوءِ حضرت يوسف عليہ السلام چيس تہ اوهان عبراني ماڻهو ائين ٿا ڀانيو تہ اسان کان ٻيو ماڻهو قوت ۾ وڌيڪ آهي ئي ڪونہ.

## جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن کي پڪ ٿي تہ بادشاهہ اسان کي بن يامين نہ ڏيندو ۽ نااميد ٿيا تہ پاڻ ۾ مصلحت ڪيائون

جڏهن يوسف عليہ السلام جا ڀائر بن يامين جي موڪل کان نا اميد ٿيا تہ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ اي ڀائرو اوهان کي معلوم آهي تہ بن يامين بابت بابي پاڻ کان خدا جو قسم ورتو هو ۽ هن کان اڳ پاڻ کان حضرت يوسف عليہ السلام واري تقصير بہ ٿي آهي سندن وڏي ڀاءُ چيو تہ منهنجي دل نہ ٿي چوي تہ آءُ هتان اوهان سان وطن هلان جيستائين بابو پاڻ وٽ اچڻ جي موڪل ڏي يا خدا ڪو فيصلو ڪري يعني يا بن يامين مون کي ڏياري يا ڳوٺ وڃڻ جي موڪل ڏي تيستائين آءُ مصر کان پير ٻاهر نہ ڪڍندس ۽ خدا تعاليٰ سيني کان وڌيڪ تدبير ڪندڙ آهي جيڪا سندس مرضي هوندي اها ٿيندي.

پوءِ سندن وڏي ڀاءُ چيو ڀائرو! اوهان پنهنجي پيءُ ڏي وڃو ۽ چئوس تہ اي اسان جا بابا تنهنجي پٽ چوري ڪئي نہ شاهدي ڏني سون مگر اها جا ڄاتي سون ۽ نہ هئاسون اسين علم غيب جا ڄاڻيندڙ ۽ اسان کي غيب جي خبر نہ آهي تہ بن يامين چوري ڪئي يا نہ اهو رب کي معلوم آهي تہ ان ۾ ڪهڙو راز آهي جو تہ اسان کي بن يامين ۾ اهڙو گمان ڪونہ آهي ۽ توهان پڇا ڪريو ان ڳوٺ وارن کان جنهن ۾ هئاسون ۽ ان قافلہ کان جنهن ۾ آياسون ۽ اسين آهيون سچ چوندڙ

## حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن جو ڳوٺ موٽي اچڻ ۽ سندن والد کي بن يامين جي چوري بابت واقعو ٻڌائڻ

حضرت يوسف عليہ السلام جا ڀائر ڳوٺ موٽي آيا ۽ سندن والد کي بن يامين بابت قصو ٻڌايو تہ حضرت يعقوب عليہ السلام ڪين چيو تہ بن يامين هر گز چوري نہ ڪئي آهي ۽ اها ڳالهہ توهان پاڻ آندي آهي جا اوهان جي نفس جي من گهڙت آهي پوءِ منهنجو ڪم آهي صبر ڪرڻ مون کي الله تعاليٰ ۾ اميد آهي تہ مون کي ٻئي پٽ ملائيندو اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻيندڙ حڪمت وارو آهي پوءِ انهن کان منهن موڙيائين ۽ چيائين حضرت يوسف عليہ السلام لاءِ افسوس آهي ۽ ان جون ٻئي اکيون ڏک ۾ اڇيون ٿيون پوءِ اهو ڏک پريل هو چيو (سندس گهراڻي وارن) تہ خدا جو قسم تون هميشہ ياد ٿو ڪرين تان جو ٿئين بيمار يا ٿئين تون مئلن مان چيائين تہ آءُ پنهنجو سخت ڏک ۽ بيقراري الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ بيان ٿو ڪريان اهو خدا جي طرفان ڄاڻان ٿو.

هڪ دفعي حضرت يقعوب عليہ السلام رب جي درگاهہ ۾ هي دعا گهري "يا الله هن پوڙهي تي رحم ڪر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي چيلهه ٻــ ڏنگي ٿي ويئي آهي ۽ روئي روئي اکيون ٻـــ هليون ويون آهن اي منهنجا رب! مون کي ٻئي ڳل موٽائي ڏي تہ آءُ انهن کي مرڻ کان اڳ ســـــنگهان پوءِ تنهنجي اختيار آهي پر هڪ دفعو ٻئي ملاءِ تڏهن الله تعاليٰ جي طرفان حضرت جبرائيل عليہ السلام چيس تہ مون کي پنهنجي ذات جو قسـم آهي جي اهي ٻئي مري ويا هجن ها تہ بہ اهي جياري توسان ملايان ها تون غم نہ ڪر اهي ٻئي توکي ملندا. اي حضرت يعقـوب عليہ السـلام توکي خبر آهي تہ اهي ٻئي ڳل توکان ڇو جدا ڪيا؟ اهو ان ڪري جو هڪ ڏينهن تـو ٻـڪـري کهي طعـام پچايـو هـو ۽ تنهنجي دروازي تي فلاڻو روزه دار مســــــڪين طعام گهرڻ آيو پر تو ان کي ڪجهہ نہ ڏنو هاڻي تون وري ٻڪري کهي مسڪينن کي کاراءِ پوءِ حضرت يعقـوب عليہ السـلام ٻـڪـري کهي طعام ٺاهي شهر ۾ پڙهو ڏياريائين تہ جيڪو روزه دار هجي سو مون وٽ اچي طعام کائي ان کان پوءِ هر روز حضرت يعقـوب عليہ السـلام اهڙو طعام تيار ڪري مسـڪينن کي کارائيندو هو.

## مصيبت تي روئڻ

پروڙڻ گهرجي تہ حضرت يعقـوب عليہ السـلام پنهنجي فرزند جي گم ٿيڻ تي جيڪـو ارمان ۽ افسـوس ڪيو سـو هر گز ملامت ڪيل نہ آهي ڇو تہ اها سڀ شـڪـايت رب ڏي هئي نہ ڪنهن مخلوق ڏي الله تعاليٰ فرمايو تہ حضرت يعقوب عليہ السـلام صبر جميل ڪيو. تفسير خازن ۽ ابوالسعود وغيره لکيو آهي تہ انهيءَ آيت مان ثـابـت آهي تہ مصيبت ۽ سختي جي وقت ۾ روئڻ ۽ افسوس ڪرڻ جائز آهي ڇو تہ اکين جي روڄ ۾ افسوس کان پاڻ کي بند ڪرڻ اختيار کان ٻـاهر آهي.

حضرت رسول لهﷺ جن پنهنجي فرزند حضرت ابـراهيم عليہ السـلام جي وفات تي رنا هئا جيئن صحيح بخاري ۾ انس ﷺ جي روايت موجب ان سڳوري فرمايو تہ اسين رسول الله ﷺ سـان گڏ سندن فرزند حضرت ابـراهيم عليہ السلام وٽ وياسون جو دائي وٽ هو ان وقت رسول الله ﷺ حضرت ابراهيم عليہ السـلام جو سـاهہ ڏئي رهيو هو ۽ اسان ڏٺو تہ حضرت جن ڀنهي اکين مان هنجون پيون هاريون تڏهن حضرت عبدالرحمن بن عوف ﷺ عرض ڪيو تہ يا رسـول الله ﷺ اوهين بـــ رئون ٿا؟ پاڻ فرمايائون تہ: اِنها رحمة يعني اهو روڄ نہ آهي بـــلـڪـ رحمت آهي جا اکين مان اچي ٿي پوءِ فرمايائون تہ: **اِنَ اَلعَينَ تَدمَعَ وَالقلبُ يَحزَنُ وَلاَ نَقُولُ اِلاَ مَايَرضيٰ رَبنَا وَانَا بِفِرَاقِکَ يَا اِبَرَاهِيمُ لَمُحزُونَ**

بيشڪ اکيون منهنجون پاڻي هارن ٿيون ۽ دل افسوس ڪري ٿي ۽ اسين خدا جي رضا مندي کان سواءِ نہ ٿا چئو اي ابراهيم عليہ السلام اسين تنهنجي فراق ۾ غمگين آهيون.

تفسير خازن لکيو آهي حضرت يعقوب عليہ السلام پنهنجن پٽن کان مصر جي بادشـاهہ (حضرت يوسف عليہ السلام) جون سهڻيون صفتون عجيب ڳالهيون ۽ سخاوت ٻڌي دل ۾ خيال ڪيو تہ متان منهنجو پٽ حضرت يوسف عليہ السلام اهو هُجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ دفعي ملڪ الموت حضرت يعقوب عليہ السلام وٽ زيارت لاءِ آيو حضرت يعقوب عليہ السلام ملڪ الموت کان پڇيو تہ تو حضرت يوسف عليہ السلام جو روح قبضي ڪيو آهي يا نہ ملڪ الموت چيس تہ مون ان جو روح قبض نہ ڪيو آهي ان تي حضرت يعقوب عليہ السلام خوش ٿيو ۽ کيس حضرت يوسف عليہ السلام جي ملڻ جي اميد ٿي.

## حضرت يعقوب عليہ السلام جي پٽن کي وصيت تہ حضرت يوسف عليہ السلام جي ڳولا ڪريو

حضرت يعقوب عليہ السلام وري ٽئين دفعي پنهنجي پٽن کي چيو اي منهنجا فرزندو توهين وري وڃو ۽ حضرت يوسف عليہ السلام جي ڳولا ڪريو ۽ سندس ڀاءُ بن يامين جي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪريو الله تعاليٰ جي رحمت کان هرگز نا اميد نہ ٿيو. ڇو تہ رب جي رحمت کان فقط ڪافر ئي نا اميد آهن.

## حضرت يعقوب عليہ السلام هيٺين مضمون وارو خط مصر جي بادشاهہ ڏي لکي موڪليو

"اما بعد اسان جو سڄو گهراڻو خدائي آزمائش وارو آهي.

1. اسان جو ڏاڏو حضرت ابراهيم عليہ السلام باهہ ۾ وڌو ويو پر الله تعاليٰ باهہ مان باغ بڻائي ڇڏيو.

2. منهنجي ڏاڏي حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي پٽ اسماعيل جا هٿ پير ٻڌي ان جي ڪنڌ تي ڪاتي وهائي جنهن جي عيوض ۾ آخر بهشتي گهٽو قربان ٿيو.

3. آءُ حضرت يوسف عليہ السلام جي فراق ۾ گرفتار ڪيل آهيان جنهن جي لاءِ چوڻا تہ اهو جهنگ جي بگهڙ جو لقمہ ٿيو. وري عجب هي جو ان حضرت يوسف عليہ السلام جو سڳو ڀاءُ بن يامين منهنجي غمگين دل جي تسلي ۽ آرام لاءِ مون وٽ هو سو وري تو وٽ بند آهي منهنجون اکيون هاڻي نور ڇڏي ويون آهن ۽ منهنجي چيلهہ جُهڪي وئي آهي تنهنجو گمان آهي تہ منهنجو پٽ چور آهي پر تون هيءُ ڳالهہ ياد رک تہ اسين اهڙي خاندان جا ماڻهو آهيون جو اسين نڪي چوري ڪريون ۽ نڪو اسان جي نسل مان ڪو چور ٿيندو تنهنڪري تون منهنجو فرزند نور نظر مون ڏي موڪلي ڏي.

حضرت يعقوب عليہ السلام اهو خط پنهنجي پوٽي فارض بن يهودا کي ڏنو تہ مصر جي بادشاهہ کي پهچاءِ جڏهن فارض اهو خط مصر جي بادشاهہ حضرت يوسف عليہ السلام کي ڏنو تہ حضرت يوسف عليہ السلام خط ڏسي ڏاڍو رنو پوءِ اهو خط کڻي اڪيلو ڪنهن جاءِ تي پڙهيائين ۽ پڙهندي پڙهندي ايترو تہ رنو جو بيهوش ٿي ويو جڏهن هوش ۾ آيو تہ حضرت يوسف عليہ السلام ان خط جو جواب هن طرح لکيو.

## حضرت يوسف عليہ السلام جو حضرت يعقوب عليہ السلام کي خط

**اما بعد. فَقد سَمعتُ ذڪَر ابائڪ الڪِرام اِصبِرُ ڪمَا صَبَرَ وَ اظفِر ڪَمَا ظفر وَالسَّـلامُ**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني اوهان جي پيءُ ڏاڍن سڱورن جو ذڪر ڪرڻ بدران اوهان ڪي به گهرجي ته اهڙي طرح صبر ڪريو جيئن انهن صبر ڪيو ته اهڙي طرح فتح مند ٿيندو جيئن اهي فتح مند ٿيا هئا ۽ اوهان تي سلام هجن. خط پورو ٿيو

تنهن ڪان پوءِ حضرت يوسف عليه السلام خط آڻيندڙ پنهنجي ڀائٽي فارض کي ڪپڙن جو سهڻو وڳو ۽ گهڻو انعام ڏيئي واپس روانو ڪيو جڏهن حضرت يوسف عليه السلام جو خط حضرت يعقوب عليه السلام کي مليو ان پڙهي فرمايو ته خط ۾ لکيل ڳالهيون پيغمبرن جون آهن هي شخص ته پيغمبر ٿو معلوم ٿئي تنهن ڪان پوءِ پنهنجن پٽن کي فرمايائين ته اي منهنجا پٽ منهنجي گم ٿيل فرزند کي ڳولهيو مون کي اهي خدائي اسرار معلوم آهن جي توهان نه ٿا ڄاڻو.

تفسير لکيو آهي ته حضرت يوسف عليه السلام جيڪي ڪم ڪيا اهي سڀ خدا جي حڪم سان ڪيا ۽ هو مجبور هو انهيءَ واعدي پيءُ جي رنجش ۽ بد دعا ڪان بـه نـه ڊنو ڇو ته ان ۾ خدائي راز هو جيئن ته حضرت يعقوب عليه السلام خط ۾ لکيو ته اسان جي نسل مان ڪو به چور پيدا نه ٿيندو ته منهنجو ان جملي تي ايمان. اعتماد آهي.

## حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن سان سڃاڻپ

پوءِ جڏهن حضرت يوسف سان سندس ڀائر مليا ته حضرت يوسف عليه السلام چيو ته جيڪي اوهان حضرت يوسف عليه السلام ۽ ڀاڻس سان ڪيو سو ڄاڻو ٿا؟ جڏهن اوهان نادان هئا چيائون ته تحقيق تون حضرت يوسف عليه السلام آهين ڇا؟ چيائين ته آءُ حضرت يوسف عليه السلام آهيان ۽ هي منهنجو ڀاءُ بن يامين آهي اسان تي الله تعاليٰ احسان ڪيو آهي تحقيق جيڪو پرهيزگاري ڪندو ۽ صبر ڪندو ته تحقيق خدا نيڪوڪارن جو اجر ضايع نه ٿو ڪري.

جڏهن حضرت يوسف عليه السلام کي ڀائرن سڃاتو تڏهن چيائون ته خدا جو قسم ! الله تعاليٰ توکي اسان ڪان وڌيڪ عزت عطا ڪئي آهي ۽ اسين بيشڪ خطاڪار ۽ ڏوهاري هواسون حضرت يوسف عليه السلام فرمايو ته اوهان تي ڪا معيار ڪانهي خدا اوهان کي بخشيندو ۽ اهو سڀني رحم ڪندڙن ڪان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهي.

## حضرت يوسف عليه السلام پنهنجو پهراڻ ڀائرن جي هٿان پيءُ ڏانهن موڪلڻ

هي منهنجو پهراڻ کڻي وڃو ۽ اهو پهراڻ منهنجي پيءُ جي منهن تي وجهو ته ڏسندڙ ٿي پوي ۽ مون وٽ پنهنجي گهر جا سڀ ڀاتي آڻيو.

تفسير خازن توڙي ٻين لکيو آهي ته اهو پهراڻ بهشت مان آندو ويو هو مجاهد چيو ته حضرت جبرائيل حضرت يوسف عليه السلام کي چيو ته اهو پهراڻ حضرت يعقوب عليه السلام ڏي موڪل ته هن جون اکيون روشن ٿي پون.

## پهراڻ جي حقيقت

هڪ تفسير اهو لکيو آهي ته اهو پهراڻ اصل حضرت ابراهيم عليه السلام جو هو جڏهن نمرود حضرت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابراهيم عليہ السلام کي ڪپڙن کان آجو ڪري باهہ ۾ ٿي وڌو تہ ان وقت حضرت جبرائيل عليہ السلام اهو بهشتي ريشم جو پهراڻ بهشت مان آڻي ڪين ڍڪايو جنهن ڪري الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليہ السلام کي بـاهہ بـاغ ڪري ڏني. حضرت ابراهيم عليہ السلام جي وفات ڪان پوءِ اهو پهراڻ حضرت اسحاق عليہ السلام جي ورثي ۾ آيو. حضرت اسحاق عليہ السلام جي وفات ڪان پوءِ حضرت يعقوب عليہ السلام جي ورثي ۾ آيو ۽ حضرت يعقوب عليہ السلام ان پهراڻ کي تعويز ڪري چانديءَ ۾ مڙهائي حضرت يوسف عليہ السلام جي ڳچي ۾ وجهي ڇڏيو هو تہ متان هن کي نظر بـد لڳي وڃي جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام کوهہ ۾ پيو هو تڏهن بـہ اهو تعويز حضرت يوسف عليہ السلام سان گڏ هو پوءِ حضرت جبرائيل عليہ السلام آيو تنهن اهو پهراڻ تعويز مان ڪڍي حضرت يوسف عليہ السلام کي ڍڪايو هن وقت بہ خدا جي حڪم موجب حضرت جبرائيل عليہ السلام ڪيس چيو تہ اهو پهراڻ تون حضرت يعقوب عليہ السلام ڏي موڪل تہ هو پنهنجي منهن تي گهمائي تہ بينا ٿي پوي ڇو تہ ان ۾ بهشتي بوءِ آهي اها بوءِ جنهن بہ بيمار يا نابينا کي ايندي تہ بيمار انهيءَ مهل شفاياب ۽ نابينا وري بينا ٿي پوندو پوءِ پائر اهو پهراڻ کٽي ڪنعان ڏي روانا ٿيا.

## قافلي جو مصر مان نڪرڻ ۽ حضرت يعقوب عليہ السلام کي بوءِ جو اچڻ

جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام جا پائر مصر کان حضرت يوسف عليہ السلام کان پهراڻ وٺي پاهر نڪتا ۽ شهر ڇڏيائون ان وقت حضرت يعقوب عليہ السلام پنهنجي پٽن، پوٽن ۽ ڏهٽن ۽ پين کي چيو تہ مون کي حضرت يوسف عليہ السلام جي خوشبوءِ اچي ٿي جي توهين مون کي پوڙهو نہ ڄاڻو چيائون خدا جو قسم تون تہ اڃئين ويساري ۾ آهي تفسير ڪبير لکيو آهي تہ اهو حضرت يعقوب عليہ السلام جو معجزو هو جو ڪيس 240 ميلن تان ڪيس حضرت يوسف عليہ السلام جي پهراڻ جي بوءِ معلوم ٿي.

## حضرت يعقوب عليہ السلام کي حضرت يوسف عليہ السلام جي ملڻ جي خوشخبري

پوءِ جڏهن حضرت يعقوب عليہ السلام وٽ خوشخبري ڏيندڙ آيو ۽ خوشخبري ڏنائين تہ حضرت يوسف عليہ السلام اڃا جيئرو آهي ۽ پهراڻ حضرت يعقوب عليہ السلام جي منهن تي وڌائين تہ ان مهل خدا جي قدرت سـان هو ڏسـندڙ ٿي پيو ۽ پنهنجي پٽن وغيره کي چيائين تہ آءُ الله تعاليٰ جي پار کان اهي ڳالهيون ڄاڻان ٿو جي توهان نہ ٿا ڄاڻو.

## حضرت يوسف عليہ السلام جي پائرن پيءُ وٽ غلطي مڃڻ ۽ بخشش جي دعا گهرائڻ

حضرت يعقوب عليہ السلام کي پنهنجن ڏهن ئي پٽن چيو اي اسان جا ابا اسان لاءِ اسان جي گناهن جي بخشش گهر تحقيق اسين گنهگار آهيون چيائين تہ سگهوئي بخشش گهرندس اوهان لاءِ پنهنجي رب کان تحقيق اهو بخشيندڙ ٻاجهارو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حضرت يعقوب عليہ السلام جي حضرت يوسف عليہ السلام سان مصر ۾ ملاقات

پوءِ جڏهن داخل ٿيا حضرت يوسف عليہ السلام وٽ تہ ان پنهنجي پيءُ ماءُ کي پاڻ وٽ جاءِ ڏني ۽ چيائين تہ مصر ۾ امن وارا بنا خوف جي داخل ٿيو. حضرت يوسف عليہ السلام پنهنجي پيءُ ماءُ کي تخت تي مٿي جاءِ ڏني ۽ ان مهل سندس يارهن 11 يائر ۽ پيءُ ماءُ حضرت يوسف عليہ السلام ڏي منهن ڪري سڀ سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پيا چو تہ تابعداريءَ لاءِ ان دؤر ۾ سجده تعظيمي جائز هو جيڪو هاڻي ناجائز آهي. حضرت يوسف عليہ السلام چيو تہ اي پيءُ هي منهنجي اڳيئن خواب جو تعبير آهي منهنجي رب منهنجي خواب کي سچو ڪيو ۽ بيشڪ مون سان احسان ڪيائين جڏهن مون کي قيد کان ٻاهر ڪيڍيائين ۽ اوهان کي ٻهراڙيءَ کان آنڊائين هن کان پوءِ شيطان منهنجي ڀائرن جي وچ ۾ جهيڙو وڌو ۽ اهو بہ الله تعاليٰ جو احسان آهي جو اسان ڀائرن جو پاڻ ۾ صلح ڪرايائين بيشڪ رب منهنجو مهرباني ڪندڙ آهي، جنهن لاءِ وٽيس تحقيق اهو ڄاڻيندڙ حڪمت وارو آهي.

هڪ تفسير ۾ آيو آهي هڪ دفعي حضرت يوسف عليہ السلام حضرت يعقوب عليہ السلام جو هٿ وٺي پنهنجن خزانن ڏي وٺي ويو پهريون ڪيس روپين ڪپڙن جا خزانا ڏيکاريائين پوءِ هٿيارن جا خزانا ڏيکاري وري ڪاغذن جا خزانا ڏيکاريائين تڏهن حضرت يعقوب عليہ السلام چيس تہ بابا! تو وٽ هيترا ڪاغذ پيا هئا تو پهنجي خير عافيت جو هڪ خط بہ مون ڏانهن نہ لکيئي سو ڇو؟ حضرت يوسف عليہ السلام چيس تہ مون کي حضرت جبرائيل عليہ السلام منع ڪئي هئي پنهنجي والد کي خط نہ لکجانءِ تنهن تي حضرت يعقوب عليہ السلام چيس تہ تو حضرت جبرائيل عليہ السلام کان پڇيو هو تہ الله تعاليٰ ڇو مون ڏانهن خط لکڻ جي منع ٿو فرمائي؟ حضرت يوسف عليہ السلام چيس تہ بابا اها ڳالهہ توهان پاڻ حضرت جبرائيل عليہ السلام کان پڇي سگهو ٿا ڇو تہ رب تعاليٰ وٽ توهان جي عزت مون کان وڌيڪ آهي پوءِ جڏهن حضرت يعقوب عليہ السلام حضرت جبرائيل عليہ السلام کان سبب دريافت ڪيو تہ تڏهن حضرت جبرائيل عليہ السلام ٻڌايس تہ الله تعاليٰ مون کي فرمايو تہ حضرت يعقوب عليہ السلام جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام کي پنهنجن پٽن جي حوالي ٿي ڪيو تڏهن ڪين چيائين تہ آءُ ڊڄان ٿو تہ متان بگهڙ هن کي کائي وڃي جڏهن تہ حضرت يعقوب عليہ السلام کي مون تي اعتماد رکڻ گهربو هو نہ بگهڙ کان ڊڄڻ کپي ها تنهنڪري الله تعاليٰ خط لکڻ ۽ واقفي ڏيڻ کان بند ڪئي و الله اعلم بالصواب.

تفسير خازن لکيو آهي تہ حضرت يعقوب عليہ السلام حضرت يوسف عليہ السلام وٽ 24 چوويهہ سال رهيو پوءِ جڏهن سندن وفات ويجهي ٿي، تڏهن حضرت يوسف عليہ السلام کي وصيت ڪيائين تہ منهنجو جنازو شام جي مقدس زمين ۾ اسان جي والد حضرت اسحاق عليہ السلام جي پير ۾ دفن ڪجانءِ حضرت يوسف عليہ السلام وصيت موجب پنهنجي پيءُ جو لاش مبارڪ ساڳجي پيٽي ۾ بند ڪري شام ڏي کڻي ويو اتفاقاً حضرت عيص عليہ السلام جيڪو حضرت يعقوب عليہ السلام جو جاڙيو ڀاءُ هو تنهن بہ انهيءَ ڏينهن وفات ڪئي پوءِ حضرت يوسف عليہ السلام ٻنهين جاڙن ڀائرن کي هڪڙي قبر ۾ سندن والد جي پيرسان دفن ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حضرت يوسف عليہ السلام جي دعا گهرڻ

انهن سيني ڳالهين کان پوءِ حضرت يوسف عليہ السلام جي دل دنيا کان سير ٿي تنهنڪري رب جي درگاهہ ۾ هي دعا گهريائين تہ اي منهنجا رب تو مون کي پنهنجي مهرباني سان مون کي ملڪ ۾ حڪمت ڏني ان کان سواءِ خوابن جو تعبير بہ سيکاريو اي آسمانن ۽ زمين جا پيدا ڪندڙ ! دنيا خواهہ آخرت ۾ تون ئي منهنجو ڪارساز آهين هاڻي تون مون کي پنهنجي فرمانبرداري جي حالت ۾ هن جهان کان لڏاءِ ۽ مون کي پنهنجي نيڪن سان شامل ڪر.

حضرت يوسف عليہ السلام جي عمر 120 ورهيہ هئي بي بي زليخا مان کيس بہ پٽ ٿيا ۽ هڪ ڌيءُ هڪڙي پٽ جو نالو افرائيم ۽ ٻئي جو نالو ميشا هو ۽ ڌيءُ جو نالو رحمت يا رحيمہ هو جا حضرت ايوب عليہ السلام جي گهرواري هئي جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام جي وفات ٿي تہ سندس لاش کي سنگمرمر جي صندوق ۾ وجهي نيل ندي ۾ دفن ڪيو ويو اهو ان ڪري جو جڏهن يوسف عليہ السلام وفات ڪئي تہ سڄي مصر جي ماڻهن ۾ اهو جهڳڙو اچي پيو تہ هر محلي وارا جي خواهش هئي تہ حضرت يوسف عليہ السلام کي سندن محلي ۾ دفنايو وڃي تہ اسين ڪائنس برڪت حاصل ڪريون ان مسئلہ تي جهيڙو ايترو وڌيو جو جنگ جو خطرو هو تنهنڪري سيني جي صلاح ڪئي تہ حضرت يوسف عليہ السلام کي نيل نديءَ ۾ دفن ڪجي تہ ان جي برڪت پاڻيءَ جي وسيلي سيني کي حاصل ٿئي پوءِ کيس نيل ندي جي ساڄي پاسي دفن ڪيائون اهو پاسو آباد ٿيو ۽ کٻي پاسي ڏڪار پئجي ويو وري سندس لاش کي سڄي پاسي کان ڪڍي کٻي پاسي دفن ڪيائون تہ کٻو پاسو آباد ٿيو سڄو پاسو غير آباد ٿي ويو. وري اتان بہ صندوق ڪڍي نيل درياءَ جي وچ ۾ دفن ڪيائون پوءِ چوطرف آباد ٿي جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام مصر ۾ آيو تہ اها صندوق نيل درياء مان ڪڍي وڃي بيت المقدس جي زمين ۾ سندن ابن ڏاڏن سان دفن ڪيائون روايت آهي تہ اها صندوق 400 چار سَوَ ورهن کان پوءِ نيل دريا مان ڪڍي ويئي هئي والله اعلم.

تفسير مدارڪ لکيو آهي تہ حضرت يوسف عليہ السلام جي پٽ افرائيم کي هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو "نون" رکيو ويو يعني "نون" حضرت يوسف عليہ السلام جو پوٽو هو ۽ "نون" کي هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو حضرت يوشع عليہ السلام رکيو ويو جيڪو حضرت يوسف عليہ السلام جو پڙ پوٽو هو هي حضرت يوشع عليہ السلام جيڪو حضرت موسيٰ عليہ السلام سان گڏ هو.

تفسير مدارڪ لکيو آهي تہ جيڪو ان سورت کي پڙهندو ڏٽي تعاليٰ موت جي سڪرات آسان ڪندو ۽ ان کي اها بہ قوت بخشيندو تہ ٻئي ڪنهن مؤمن تي حسد نہ ڪندو.

تفسير مدارڪ اهو بہ لکيو آهي تہ اها سورت سڳوري الله تعاليٰ اڳين ڪتابن ۾ بہ موڪلي آهي بائيبل يعني هاڻي ڪي انجيل ۾ بہ اها سورت يوسف سڄي موجود آهي. الله الحمد.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (13) سورت الرعد "مدينة" آيات 43

الرعدي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 13 مان ورتل آهي. لغات القرآن ۾ رَعدُ جي معنيٰ آهي گجگوڙ، ڪڙڪو

تفسير تنوير الايمان ۾ انهيءَ سورت تي رعد جو نالو هن ڪري پيو جو هن سورت ۾ رعد ملائڪ جو نالو آيو آهي، جيڪو مينهن وچ ۾ گوڙ تي مقرر آهي ۽ هن سورت ۾ مينهن گوڙ ۽ رعد ملائڪ جي تسبيح جو ذڪر آهي.

رعد هڪڙو ملائڪ آهي جو ڪڪرن جي هلائڻ تي مقرر آهي ان سان باهه جا چهبڪ آهن جن سان هو ڪڪرن کي ڪاهيندو آهي جيڏانهن الله تعاليٰ گهرندو آهي. يهودين چيو ته هي جيڪو گوڙ جو آواز پڌو ٿا سو ڇا آهي؟ فرمايائون ته اها ڪڪرن ڪاهڻ لاءِ ان فرشتي جي هڪل آهي. ان سان ڪڪر ڪاهيو ويندو آهي جتي خدا جو حڪم هوندو آهي تڏهن يهودين چيو ته توهان سچ چيو.

ڪن مفسرن هن آيت جو تفسير هيٺن لکيو آهي ته عربي ۾ رعد گوڙ کي چوندا آهن پوءِ آيت جي معنيٰ هيءَ ٿي ته گوڙ الله تعاليٰ جي حمد تسبيح سان ٿو ڪري ۽ ملڪ به الله تعاليٰ جي خوف کان تسبيح پڙهن ٿا.

تفهيم القرآن خلاصو 2 صہ 66 ۾ تفسير واري هن طرح لکيو آهي لفظ "الرعد" کي هن سورت جو نالو قرار ڏنو ويو آهي هن نالي جو هي مطلب نه آهي ته هن سورت ۾ ڪڪرن ۽ گجگوڙ تي بحث ڪيو ويو آهي پر هي صرف نشاني طور ظاهر ڪري ٿو ته هيءُ اها سورت آهي جنهن ۾ لفظ "الرعد" آيو آهي يا جنهن ۾ رعد جو بيان آهي.

## مرڪزي مضمون

سورت جو مقصد پهرين ئي آيت ۾ پيش ڪيو ويو آهي يعني هي ته جيڪي ڪجهه محمد ڪريم ﷺ پيش ڪري رهيو آهي سوئي حق آهي پر اها ماڻهن جي غلطي آهي ته اهي ڪيس نٿا مڃن سڄي تقرير انهيءَ مرڪزي مضمون جي چوڌاري گهمي رهي آهي انهيءَ ڏس ۾ بار بار مختلف طريقن سان توحيد، آخرت ۽ رسالت جو برحق هئڻ ثابت ڪيو ويو آهي انهن تي ايمان آڻڻ جا اخلاقي ۽ روحاني فائدا سمجهايا ويا آهن ۽ انهن کي نه مڃڻ جا نقصان پڌايا ويا آهن وري اهو پڻ ذهن نشين ڪرايو ويو آهي ته ڪفر سراسر جهالت ۽ بي وقوفي آهي جيئن ته هن سڄي بيان جو مقصد صرف دماغن کي مطمئن ڪرڻ ئي نه آهي پر دلين کي ايمان ڏانهن ڇڪڻ به آهي. انهيءَ ڪري رڳو منطقي دليل بازيءَ کان ڪم نه ورتو ويو آهي پر هر هڪ دليل ۽ هر هڪ گواهي کي پيش ڪرڻ کان پوءِ هر طرح سان ڊڄارڻ، خوف ڏيارڻ ترغيب ڏيڻ ۽ شفقت سان تلقين ڪرڻ جو انداز اختيار ڪيا ويا آهن. جيئن بي وقوف ماڻهو پنهنجي ضد تان لهن.

تقرير جي وچ ۾ مخالفن جي اعتراضن کي بيان ڪرڻ کان سواءِ انهن جا جواب پڻ ڏنا ويا آهن. ۽ انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شبـهن کي ختم ڪيو ويو آهي جيڪي حضرت محمد ڪريم ﷺ جن جي دعوت بابت ماڻهن جي دلين ۾ موجود هئا يا مخالفن جي طرفان ظاهر ڪيا ويندا هئا ان سان گڏ ايمان وارن کي بہ تسلي ڏني ويئي آهي جيڪي ڪيترن سالن جي ڏکي جدوجهد جي ڪري ٿڪجي پيا هئا ۽ بي قراريءَ سان غيبي امداد لاءِ واجهائي رهيا هئا.

**هن سورت تي مٿي جامع مضمون لکيو آهي هتي ڪجهہ هن سورت جي آيتن جي روشنيءَ ۾ لکي رهيا آهيون**

آيت 11 ماڻهوءَ لاءِ (پهريدار ملڪ) هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ سندس اڳيان ۽ پويان مقرر ڪيا آهن الله تعاليٰ جي حڪم سان ان جي نگهباني ڪن ٿا هن آيت جي ٻئي فقري ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ بيشڪ الله تعاليٰ نہ ٿو ڦيرائي قوم جي حالت کي تان جو اهو ڦيرائيندو جيڪي سندس دل ۾ آهي ٽئين فقري ۾ آهي تہ الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن قوم جي عذاب جو ارادو ڪري تہ ان کي ختم ڪيٽو نہ آهي ۽ انهن لاءِ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو بہ ڪار ساز نہ آهي.

آيت نمبر 15 اهو الله تعاليٰ ئي آهي جنهن کي زمين ۽ آسمان جي هر شئي خوشي ۽ ناخوشي سان سجدو ڪري رهي آهي ۽ سيني شين جا پاڇا صبح ۽ شام انهيءَ جي آڏو جهڪن ٿا.

آيت نمبر 18 هن آيت ۾ ٻڌايل آهي تہ ڪڪر جي گجگوڙ ان جي ساراهہ سان گڏ سندس پاڪائي بيان ڪندي آهي ۽ فرشتا سندس هيبت کان ڏڪندي ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن.

آيت نمبر 19 الله تعاليٰ جي حڪم کي نہ مڃيندڙن لاءِ عذاب جو بيان

آيت 39 تقدير جو بيان

آيت 39. يَمْحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيُثْبِتُ ۖ وَعِنْدَهٗٓ اُمُّ الْكِتٰبِ ﴿٣٩﴾ ترجمو الله تعاليٰ جيڪي گهري ســو ميٽي ٿو ۽ قائم ٿو رکي اُم الڪتاب ان وٽ لوح محفوظ آهي.

يعني اصل ڪتاب انهيءَ وٽ آهي يعني اُم ُالڪتاب جي معنيٰ آهي "اصل ڪتاب" يعني اهو ســـرو ۽ سرچشمو جنهن مان سڀ آسماني ڪتاب نڪتا آهن:. انهيءَ آيت جو تفسير ڪبير، خازن ۽ ابـن مسعود ؓ لکيو آهي تہ حضرت عمر ؓ ۽ حضرت عبدالله بـن مسعود ؓ عنها ٻنهين سڳورن هن طرح تفسير ڪيو آهي تہ الله تعاليٰ نيڪ بختي ۽ بـــدبختي ۽ عمر ۽ رزق روزي وغيره سڀ ميٽي وري ٻيءَ طرح قـــائم ڪري. نيڪ بخت کي بدبخت ڪري بدبخت کي نيڪ بخت ڪري، ٿوري عمر واري جي گهٽي عمر ڪري، تنگ رزق روزي کي ڪشادو ڪري اهو سڀ الله تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي جنهن کي وٽيس تنهن کي ميٽي ۽ جنهن کي وٽيس تنهن کي قـــائم ڪري. ان مان ثابت ٿي ٿو تہ ڪنهن ٻئي کي الله تعاليٰ جي ڪم کي بدلائڻ جو اختيار نہ آهي باقي الله تعاليٰ کي جيڪو وٽي تنهن کي ميٽي ۽ جيڪو وٽي تنهن کي ثابت ڪري عمر گهٽائي يا وڌائي مٽزئي سندس مرضي آهي تفسير ابـن مسعود ائين بہ لکيو آهي تہ آيت سڳوري جو نظر بہ ائين چوي پيو تہ خدا تعاليٰ سڀ شيءَ کي ميٽي ۽ قائم ڪري سگهي ٿو. تان جو تفسير ڪبير ۽ ابن مسعود ائين بہ لکيو آهي تہ حضرت جابر ؓ اهو تفسير حضرت رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو هو اهو هڪ تفسير بس آهي انهيءَ تفسير کان پوءِ ٻين گهڻن تفسيرن کان قلم کي روڪيو ويو عام ڪتابن ۽ تفسير لکيو آهي تہ تقديرون ٻن قسمن جون آهن. 1. تقدير معلق 2. تقدير مبرم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1. تقدير معلق: هي تقدير اها آهي جا ڪنهن ڪم تي موقوف يا بيٺل هجي مثلاً ڪنهن جي لاءِ خدا تعاليٰ ائين لکايو هجي تہ فلاڻي جي عمر 50 سال آهي پر جي هو پنهنجي ماءُ پيءُ جي خدمت ۽ فرمان برداري ڪندو تہ سندس عمر 60 سال ٿيندي اها آهي تقدير معلق جا لوح محفوظ ۾ لکيل آهي ان ۾ محو ۽ اثبات، گهٽ ۽ وڌ ميٽجي ۽ قائم ٿئي ٿي انهيءَ تقدير معلق جي روشنيءَ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه سر سهڻي ۽ سرديسي ۾ بيت چيا آهن جيڪي شاهہ جي رسالي "شاهہ جو گنج" تان نقل ڪيا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

1. بيت

(1) قلم جنين جي هٿ ۾، سي جي ڪرم ڪن
تہ واري ڀيو لکن، انگ ورائي اڳيون

2. بيت

(2) قلم جنين هٿ ۾، جي واري ڀيو لِکن
تہ مهندان محبوبن، پڇڻ پاهت ناهڪو

سرديسي "بيت"

(3) قلم جنين هٿ ۾ واري ڀيو لکن
اکر ميٽي اڳيان، سبتا ڪيا سيڻ
آيو متان تن، پنڌ پراهون پهاڙ جو

ٻيا بہ ڪيترا اهڙا بيت تقدير جي موضوع تي "شاهہ عبداللطيف رحمة الله عليه چيا آهن شاهہ جو رسالو "شاهہ جو گنج" جو مطالعو ڪندا

2. تقدير مبرم جيڪا هرگز نہ بدلبي.

جيئن تہ نبوت، سعادت ۽ ڪم بختي هرگز نہ بدلبي اهو آهي خدا جو علم تنهن ۾ تبديلي ڪانهي باقي پهرين معلق ۾ ڦير گهير آهي پر آخر اها بہ وڃيو آخر مبرم ٿئي. پر پنهنجي وقت تي ضرور واقع ٿئي جيڪڏهن اها تقدير معلق نہ هجي ها تہ عمل، دعائون تدبيرون نذر ۽ ميڻائون سڀ بي فائده هجن ها اها ڪل تقدير آهي خلاصة التفاسير جو مطلب هي آهي تہ عقائد جا ڪتاب توڙي بعض تفسير وغيره سڀ چون ٿا تہ انهيءَ آيت ۾ جيڪو محو ۽ اثبات يعني ميٽجن ۽ قائم ٿيڻ آهي سو تقدير معلق ۾ آهي باقي تقدير مبرم ۾ اصل ڦير گهير ڪونهي. والله علم.

تقدير مبرم جي باري ۾ ڀٽائي صاحب چيو آهي تہ:

(1) لکيو جو نراڙ سو انگ ڪياڙي نہ ٿئي
پاڙيو ويني پار، جيڪي لکيو لوهہ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (14) **سورت ابراهيم** مکية آيات 52

هن سورت جي آيت نمبر 35 کان آيت 41 ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام جو ذڪر ٿيل آهي هن سورت جو نالو اڪثر سورتن وانگر نشاني خاطر آهي يعني اها سورت جنهن ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام جو قصو سندس نالي سان بيان ٿيل آهي. انهيءَ ڪري هن سورت جو نالو سورت ابراهيم رکيو ويو آهي. هي سورت "الر" مقطعات حروف سان شروع ٿئي ٿي جنهن جي معنيٰ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو. الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليہ السلام جو ذڪر (5) پنجن آيتن ۾ فرمايو آهي جيڪو آخر ۾ پيش ڪنداسين.

هن سورت جي ابتداءِ ان حقيقت جي بيان سان ٿي آهي الله جل شانه پنهنجي محبوب نبي عليہ الصلواة والسلام کي قرآن ڪريم ڏيئي ان لاءِ موڪليو آهي تہ پاڻ ماڻهن کي اونداهين مان ڪڍي هدايت جي روشني ڏانهن آڻين تہ جيئن اهي الله جل جلالہ جي سڌي واٽ تي يقين سان هلن ۽ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ حق جو انڪار ڪندڙ پاڻ تہ ڪفر ۽ شرڪ جي مهلڪ مرض ۾ مبتلا آهن پر ٻين کي بہ حق کان روڪي هلاڪ ڪري رهيا آهن.

هن سورت ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام جو ذڪر آيت نمبر 5 کان آيت نمبر 8 ۾ ٿيل آهي جنهن ۾ فرمايو ويو آهي تہ الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي پنهنجين نشانين سان موڪليو تہ پنهنجي قوم کي اونداهين کان نور جي طرف ٻاهر آڻ ۽ انهن کي الله تعاليٰ جي ڏينهن جي يادگيري ڏيار تحقيق انهيءَ ۾ سڀ ڪنهن صبر ڪندڙ شاڪر لاءِ نشانيون آهن حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي قوم کي چيو تہ الله تعاليٰ جون نعمتون ياد ڪريو جڏهن اوهان کي فرعون جي ماڻهن کان ڇڏايائين جن توهان کي عذاب جي سختي تي پهچائي اوهان جي پٽن کي ڪٺائون ٿي ۽ اوهان جي ڌيئرن کي جيئرو ٿي ڇڏيائون ۽ انهيءَ ڳالهہ ۾ اوهان جي رب کان وڏي آزمائش آهي ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام چيو تہ توهين جيڪي زمين ۾ آهيو سڀ سڀئي ڪفر ڪندو تہ پوءِ تحقيق خدا بي پرواهہ واکاڻيل آهي. حضرت موسيٰ عليہ الصلواة والسلام تي ماڻهن جي هدايت لاءِ تورات نازل ٿيو ۽ اوهان قرآن پاڪ ڪٽي ماڻهن کي الله تعاليٰ جو نعمتون ياد ڏياريو ٿا تہ اهي بہ شڪر ڪن مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو ڪافرن کي تنبيهہ ڪيو ويو آهي تہ اوهان بہ اڳين ڪافرن وانگر منهنجي محبوب نبي عليہ الصلواة والسلام کي ڌمڪيون ڏيو ٿا مگر ياد رکو جيئن اهي پاڻ هلاڪ ٿي ويا ۽ نبين عليهم الصلواة والسلام کي ڪاميابي ملي تيئن اوهان بہ ختم ٿي ويندؤ ۽ منهنجي محبوب عليہ الصلواة والسلام ۽ سندس تابعدارن کي ڪاميابي ۽ فتح نصيب ٿيندي ۽ جيئن ڪافرن جي گفتگو جي انداز مان لاپرواهي ۽ بي باڪي ظاهر هئي تيئن انهن جي ملامت ڪرڻ ۾ قرآن ڪريم جي انداز بيان گهڻو سخت آهي هن سورت ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام جو ذڪر ۽ سندس دعائن جو بيان آهي اُهي ۽ سڀ قبول ٿيون انهن جا آثار مڪہ مڪرمہ ۾ نمايان طور نظر اچن ٿا اهو سڀ مضمون جي آخر ۾ شامل ڪنداسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سورت ۾ نبين جي بي فرمانن جي سزا بابت به وضاحت ٿيل آهي.

هن سورت ۾ ا تعاليٰ جنن ۽ انسانن کي نعمتون ياد ڏياري پنهنجي وحدانيت ثابت ڪري ٿو ۽ چوي "و ته اي جنو ۽ اي انســـانو! جيڪڏهن الله جي نعمتن کي ڳڻيندؤ ته انهن کي شمار ڪري نه سگهندؤ چو ته ا تعاليٰ جون نعمتون حساب ۽ شمار کان ٻاهر آهن. هن سورت ۾ الله تعاليٰ ظالمن کي قيامت ياد ڏياري ٿو.

هن سورت ۾ چيل آهي ته جنهن ڏينهن هي زمين ٻيءَ زمين سان بدل ٿي ويندي ۽ آسمان به بدلايا ويندا هن لاءِ حضرت عبدالله بن مسعود ؓ جو قول آهي ته زمين ٻي ٿيندي جيئن ته قيامت واري زمين صاف اڇي هوندي جنهن تي ڪنهن ماڻهو اصل گناهه ڪونه ڪيو هوندو.

حضرت علي ؓ جو قول آهي ته قيامت جي ڏينهن زمين رُپي يعني چاندي جي ٿيندي ۽ آسمان سون جو ٿيندو.

هن سورت ۾ گنهگار جي بابت به ذڪر ٿيل آهي ۽ تبليغ جو حڪم آهي.

هن سورت ۾ قيامت جي ڏينهن ڪافرن کي پيش ايندڙ حالات کي پيش ڪري تنبيه ڪئي وئي آهي ته جيڪڏهن اوهان مان ڪو ماڻهو الاهي عذاب کان بچڻ گهري ٿو ته اهو منهنجي محبوب نبي عليہ الصلوٰة والسلام جي دامن کي مضبوطيءَ سان وٺي ٿو اوهان جا مڪر پلي ڪٽي ايترا مضبوط هجن جو انهن سان جبل به پنهنجون جايون ڇڏي وڃن مگر مان الله تعاليٰ حق وارن جو محافظ آهيان اهي مڪر منهنجي اڳيان ڪامياب نه ٿيندا.

ســـــورت جي آيت نمبر 24 کان 26 تائين پاڪ وڻ ڪلمو پاڪ ۽ پليت وڻ بڇڙن ڪمن جي نتيجو جو ذڪر ٿيل آهي آيت نمبر 24 ۾ ان جي اڳئين فقـــــري ۾ فرمايل آهي ته تو نه ڏٺو ڇا؟ ته الله تعاليٰ پاڪ لفظ جو مثال پاڪ وڻ وانگر ڪيئن بــيان ڪيو آهي جنهن جي پاڙ محڪم هجي ان جي ٽاري آسمان ۾ هجي. هر وقــت پنهنجي رب جي حڪم سان ميوا ڏي ٿو.

تفسير خازن توڙي ٻين تفسير لکيو آهي ته پاڪ لفظ مان مراد ڪلمه طيب يعني لاالـــــٰـه الله محمد رسول الله ۽ پاڪ وڻ مان مراد آهي کجي جو وڻ" هن موضوع تي صحيح بخاريءَ ۽ صحيح مسلم ۾ حديث آيل آهي ته اهو پاڪ وڻ کجي آهي. ڇو ته ڪيس حضرت آدم عليہ السلام جي پيل مٽي مان پيدا ڪيو ويو.

آيت نمبر 26 بڇڙي ڪلمه جو مثال خراب وڻ وانگر آهي جو زمين تان پٽيو ويو تفســير خازن لکيو آهي ته بڇڙو ڪلمه شرڪ ۽ ڪفر آهي ۽ بڇڙو وڻ ٽوهه جيئن ترمذي جي حديث آهي جنهن ۾ حضور جن فرمايو آهي ته خراب وڻ ٽوهه آهي ڪافرن جو ڪفر ۽ اندر ٽوهه وانگر ڪوڙو ۽ زهر قــاتل آهي. ٽوهه جي وڻ کي زمين ۾ ٽڪاءُ ڪونهي ٽوهه واريا سي زمين ۾ ٿيندو آهي پاڙ زمين ۾ محڪم نه اٿس شاخون بــلند نه اٿس ڪاڏو ڇگو نه اٿس ڪافرن جو مثال بـــ اهو آهي جو دل ۾ ايمان نه اٿن بـــرو لفظ شـــرڪ جو ڪلمون آهي وات تي اٿن انهن کي ثواب هرگز نه ملندو نڪي ســندن نيڪ عمل آسمان ڏي ويندو انهن ڪافرن کي آخرت ۾ ڪجهه بـــ حــاصل نه ٿيندو. حــضرت جن فرمايو آهي ته سيني عملن کان وڌيڪ ڪلمه پاڪ طيبه ۽ ڪلمو "اشــهد" آهي هن کان پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت ابراهيم عليہ السلام جو قصو پيش ڪريون ٿا جيڪي هيٺ ڏجي ٿو.

## قصو حضرت ابراهيم عليہ الصلواة والسلام جو

الله تعاليٰ هن سورت ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام جو قصو (6) ڇهن آيتن يعني آيت نمبر 35 کان نمبر 41 ۾ نازل فرمايو آهي جيڪو هن ريت آهي ۽ اهو تفسير تنوير الايمان جلد 5 صہ 357 تان ورتل آهي.

## حضرت ابراهيم عليہ السلام جي مڪہ شهر ۾ اولاد لاءِ دعا گهرڻ

آيت نمبر 35 ۽ آيت نمبر 36 ۾ هن ڳالهہ کي ياد ڪريو تہ جڏهن حضرت ابراهيم عليہ السلام ا تعاليٰ کان دعا گهري تہ اي منهنجا رب! هن مڪي جي شهر کي تون امن جي جاءِ ڪر ۽ مون کي منهنجي اولاد کي بتن جي پوڄا کان بچاءِ. اسان کي بت پرستيءَ جي گمراهيءَ کان پري ڪر. اي منهنجا رب! انهيءَ بت پرستي جي گمراهي ۾ گهڻا ماڻهو گرفتار ٿيل آهن. جيڪو منهنجي تابعداري ڪندو سو منهنجو آهي ۽ جيڪو منهنجي نافرماني ڪندو ۽ منهنجو حڪم نہ مڃيندو تہ تون بخشيندڙ ۽ مهربان آهين تفسيرن لکيو آهي تہ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي انهيءَ دعا جو مطلب هي آهي تہ جيڪو منهنجو تابع آهي اهو تہ منهنجو آهي باقي جيڪي منهنجي نافرماني ڪري ۽ تنهنجا گناهہ ڪن تن کي بہ تون بخش ڪر جو تو غفور رحيم آهين.

آيت نمبر 37 جي اڳين حصي ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام دعا گهري تہ اي منهنجا رب! مون پنهنجي اولاد مان ڪن کي بنا پوک واري واديءَ ۾ تنهنجي عزت واري گهر وٽ هن لاءِ ٽڪايو آهي تہ اي منهنجا رب! نماز قائم ڪن.

## قصو حضرت اسماعيل عليہ السلام جو

پروڙڻ گهرجي تہ حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي فرزند حضرت اسمٰعيل عليہ السلام کي جو تمام ننڍو ٻار هو ۽ پنهنجي گهر واري بي بي هاجرة ﷺ پنهين کي مڪي شريف جي بيابان ۾ صفا مروه پهاڙن وٽ اچي ڇڏيو. اتي نڪو ماڻهو هو نہ آبادي هئي ان وقت اها دعا گهريائين اهو قصو سيني تفسيرن لکيو آهي بلڪہ صحيح بخاري ۾ بہ آهي اهو تفسير روح البيان تان نقل ڪري هتي لکيو آهي حضرت ابراهيم عليہ السلام شام جي ملڪ ۾ رهندو هو سندس گهر واري بي بي سارة ﷺ کي هاجران نالي ٻانهي هئي جا هن اها ٻانهي حضرت ابراهيم عليہ السلام کي بخشي هئي جنهن مان حضرت ابراهيم عليہ السلام کي پٽ حضرت اسماعيل عليہ السلام ڄائو تہ بي بي ساره کي رنج محسوس ٿيو تنهنڪري حضرت ابراهيم عليہ السلام کي قسم ڏنائين تہ انهن پنهين ماءُ ۽ پٽ يعني بي بي هاجرة ﷺ ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام کي هتان شام جي ملڪ مان ڪڍي ڪنهن ٻيرپٽ ۾ ڇڏي اچ جتي نہ پاڻي هجي نہ ڪو گهر هجي يعني رڻ پٽ هجي حضرت ابراهيم عليہ السلام ويچار ڪيو ڇا ڪرڻ گهرجي پوءِ انهيءَ مهل حضرت جبرائيل عليہ السلام ٻڌايس تہ رب پاڪ جو حڪم آهي تہ جيئن بي بي ساران ﷺ چئي ٿي تيئن ڪريو پوءِ حضرت ابراهيم عليہ السلام بي بي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاجرة رضي الله عنها ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام کي اٺ تي سوار ڪري شام کان مڪي جي زمين ۾ صفا مروه پهاڙي تي آندو ۽ صفا مره پهاڙي جي جاءِ تي پنهين ماءُ ۽ پٽ کي لاٿو زم زم جي کوهہ وٽ نہ هو پاڻي ۽ نڪو هو ماڻهو نہ ڪو ڳوٺ هو بي بي هاجرة رضي الله عنها وٽ هڪ ٻورو ڪجور جو هڪ پکال پاڻي جي رکي حضرت ابراهيم عليہ السلام پاڻ اُٺ تي چڙهي شام ڏي روانو ٿيو پوءِ بي بي هاجرة رضي الله عنها ان جي پٺيان لڳي ۽ چيائينس تہ هن بيابان برپٽ ۾ اسان کي اڪيلو ڇڏي تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ حضرت ابراهيم عليہ السلام ان کي ڪو جواب نہ ڏنو ٻي ڀيرو ٽي دفعا ساڳيو جملو دهرايو پر حضرت ابراهيم عليہ السلام هن کي ڪو جواب نہ ڏنو تڏهن بي بي هاجران دل جاءِ ڪري خوش ٿي چيائين تہ هي سڀ رب پاڪ جي حڪم سان ٿي رهيو آهي اسان کي الله تعاليٰ هتي ضايع نہ ڪندو پوءِ حضرت ابراهيم عليہ السلام ڪعبة الله واري جاءِ تي بيهي اها مٿين دعا گهري جا آيت شريف ۾ آهي پوءِ بي بي هاجرة رضي الله عنها ڪارڪون ڪائي پکال مان پاڻي پيتو جڏهن پکال جو پاڻي ختم ٿي ويو تہ بي بي هاجران ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام اڃارا ٿيا حضرت اسماعيل عليہ السلام اڃ جي ڪري زمين تي پير پي هنيا بي بي هاجره حضرت اسماعيل عليہ السلام جو اهو حال ڏسي پاڻي جي تلاش جي لاءِ جبل صفا تي چڙهي تہ من ڪو ماڻهو ڏسان ۽ ٻچي لاءِ پاڻي جو ڏس ملي پوءِ اتان لهي پٽ يعني ميدان تي ڊوڙي ماڻهو جي تلاش ڪيائين پوءِ جڏهن اتي بہ ڪو ماڻهو نہ ڏٺائين تہ اتان لهي مرواه ڊوڙيندي مروه جبل تي چڙهي اهڙي طرح بي بي سائڻ جبل مروه ۽ جبل صفا تي ست دفعا ڊوڙي بي بي سائڻ جي ڊوڙڻ ڪري ساڳيا ست دفعا سعي مقرر ٿي هر مسلمان حج ۽ عمره تي وڃڻ وقت صفا جبل ۽ مروه جبل تي ست دفعا ڊوڙيندو آهي جيڪو عمل بي بي سائڻ جو رب کي پسند اچي ويو انهيءَ ڪري ست دفعہ ڊوڙڻ مقرر ٿي ويو.

بي بي سائڻ نا اميد ٿي مروه جبل ۽ صفا جبل کان واپس پنهنجي ٻچي حضرت اسماعيل عليہ السلام وٽ آئي ۽ ڏٺائين تہ جتي حضرت اسماعيل عليہ السلام پيرن جو ڪڙيون پيو هڻي اتي الله تعاليٰ جي قدرت سان پاڻي جو چشمو جاري ٿيو آهي پوءِ بي بي سائڻ ان پاڻي جي چوڌاري مٽي جو ٻنو ٻڌو ۽ پاڻي کي گڏ ڪيو پوءِ ان پاڻي مان پکال ڀري ٻئي ماءُ پٽ اهو پاڻي پيندا هئا.

هڪڙو ڏينهن اچتو عربن جي قبيلي بنوجرهم جو قافلو جيڪو يمن کان نڪتو ۽ شام وڃي رهيو هيو جڏهن چشمي جي پر ۾ آيا تہ ڏٺائون تہ جبل جي چوگرد پکي اڏامي رهيا هئا تڏهن قافلي وارن سمجهيو تہ جاتي پکي اڏامي رهيا آهن اتي ضرور پاڻي هوندو جڏهن انهيءَ جاءِ تي آيا تہ بي بي هاجره سائڻ ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام کي ڏٺائون اتي انهن وٽ پاڻي جو چشمہ ڏٺائون پوءِ بي بي سائڻ کي چيائون تہ هن پاڻي مان اسان کي ۽ اسان جي جانورن کي پاڻي پيئڻ جي موڪل ڏي ۽ اسان کي ان ۾ شريڪ ڪر تہ اسين توکي جانورن جي کير ۾ شريڪ ڪيون پوءِ بي بي سائڻ انهن کي موڪل ڏني تان جو ان قافلي جا ماڻهو اتي ويهي رهيا ۽ مڪہ جو شهر ٻڌجي ويو. حضرت اسماعيل عليہ السلام اتي چڱي حالت ۾ وڏي جوان ٿيو ۽ عربي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پولي ڳالهائڻ لڳو انهن ٿي عربن مان شادي به ڪيائين ۽ بي بي هاجره سائڻ اتي وفات ڪئي.

انهيءَ آيت نمبر 37 جي پوئين حصي ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام دعا گهري ته ڪن ماڻهن جون دليون انهن جي طرف رغبت ڪندڙ ڪر ته من هو شڪر ڪن يعني اي منهنجا رب! هن بيابان جهنگ بر پٽ ۾ آءُ پنهنجو اهل ڇڏي وڃان ٿو تون پنهنجي عنايت سان هتي ماڻهن کي شوق ڏي ته انهن ڏي اچن ۽ انهن وٽ رهن ۽ انهن سان محبت ڪن ۽ انهن کي ڦلن ۽ ميون مان رزق ڏي الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليہ السلام جو اهي ٻئي دعائون جلدي قبول ڪيون جيئن ته جنهن ڏينهن زم زم وارو چشمو ظاهر ٿيو انهيءَ ڏينهن يمن جا ماڻهو اتي آيا تان جو اتي مڪہ جو شهر ٻڌجي ويو ۽ ماڻهن کي ان پاڪ زمين جو اڄ ڏينهن تائين ڪيترو نه شوق آهي جو هر ملڪ هر علائقي جا ماڻهو ان زمين تي وڃن ٿا ۽ مڪہ جي ماڻهن کي انهن مان هزار فائدا آهن حج جي هڪ ٻن مهينن ۾ ايترو واپار ٿئي ٿو ۽ ان مان (نفعو) ڪين ايترو ٿئي ٿو جو ٻارهن ئي مهينا مزي سان کائن ٿا ۽ طائف مان ايترا ميوا مڪہ ۾ اچن ٿا جنهن جو شمار ڪونهي اهي ميوا به تمام سٺا ۽ سهڻا آهن.

آيت نمبر 38 ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي رب کي چيو اي اسان جا رب! جيڪي اسين ڳجهو ڪريون ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪريون ٿا سو تون بيشڪ ڄاڻين ٿو ۽ الله تعاليٰ تي ڪا به شيءِ نه زمين ۾ نه ڪي آسمان ۾ ڪا مخفي آهي. اها دعا حضرت ابراهيم عليہ السلام جي آهي ته اي رب منهنجا توکي ڳجهي ۽ ظاهر ڳالهه سڀ معلوم آهي ۽ زمين ۾ ڪا به شيءِ توکان لڪل نه آهي.

آيت نمبر 39 کان آيت نمبر 41 حضرت ابراهيم عليہ السلام رب جو شڪر ڪندي رب پاڪ کان دعائون گهري ٿو. جڏهن الله تعاليٰ کيس حضرت اسحاق عليہ السلام به عطا ڪيو هو تفسير خازن ۽ معالم التنزيل ۾ انهن لکيو آهي ته حضرت ابراهيم عليہ السلام جي عمر (99) نوانوي سال هئي ڪيس حضرت اسماعيل عليہ السلام ڄائو ۽ حضرت اسحاق جي ڄمڻ وقت سندس عمر (112) هڪ سؤ ٻارنهن ورهيہ.

هتي آيت نمبر 39 کان آيت نمبر 41 جو خلاصو لکجي ٿو ته حضرت ابراهيم عليہ السلام چيو ته ا تعاليٰ جا هزار شڪرانا ۽ لک احسان جنهن مون کي هن ٻڍاپڻ يعني ڪراڙپ ۾ حضرت اسماعيل عليہ السلام ۽ حضرت اسحاق عليہ السلام ٻئي عطا ڪيا جي ٻئي منهنجا پيارا فرزند آهن انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته منهنجو رب پاڪ دعا ٻڌي ٿو اي منهنجا رب! تون مون کي اها توفيق ڏي جو آءُ هميشہ نماز پڙهندو رهان نه رڳو آءُ پر منهنجي اولاد کي به اها توفيق ڏي ته اهي به هميشہ نماز پڙهندا رهن ۽ اي منهنجا رب پاڪ تون ضرور اها دعا قبول ڪر. اي منهنجا رب پاڪ جنهن ڏينهن قيامت جو حساب ٿئي تنهن ڏينهن مون کي توڙي منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ سيني مؤمنن کي بخش ڪر.

حضرت ابراهيم عليہ السلام جي قرباني جو ذڪر سورت الصّٰفّٰت ۾ بيان ٿيل آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عيدالاضحيٰ جي ڏينهن عيد نماز کان اڳ نہ کائڻ بابت

تفسير تنوير الايمان جي جلد 5 صفحہ 223 ۽ 324 ۾ لکيل آهي تہ عيدالاضحي جي ڏينهن عيد نماز کان اڳ ۾ نہ کائڻ اهو اهڙو فعل آهي جنهن تي حضرت رسول الله ﷺ ۽ سيني صحابن سڀورن هميشگي ڪئي آهي بلڪہ پنهنجن ٻارن کي بہ عيد نماز کان اڳي کائڻ نہ ڏيندا هوا حتيٰ کہ مائرون بہ پنهنجن ننڍن ٻچن کي کير نہ پياريندي يون هيون. درالمختار بـاب العيدين ۾ لکيو آهي تہ فان الاخبـار عن اصحابـة تواترت في منع الصبيان عن الاکل والاطفال عن الرضاع غداءِ الاضحيٰ يعني صحابن کان لڳولڳ حديثون ثابت ٿي چڪيون آهن تہ صحابي سڀورا ننڍن ٻارن کي کاڌي کان بند ڪندا هوا ۽ کير پياڪ ٻچن کي کير پيارڻ کان عيدالاضحيٰ جي ڏينهن عيد نماز کان اڳي پوءِ ڏسو تہ اهڙي هميشگي جي باوجود ۽ اهڙي تاڪيد بہ اهو عيد کان اڳہ کائڻ مستحب آهي، پر سنت نہ آهي ۽ ان جي ڇڏڻ کان ڪراهت تنزيہ نہ ٿيندي انهيءَ ساڳئي ڪتاب (درالمختار وري بحرالرائق کان نقل ڪيو آهي تہ "قال في البحر هو مستحب ولا يلزم من ترک المستحب ثبوت الکراهة از لا بدلها من دليل خاص يعني بحرالرائق چيو هو تہ اهو عيد کان اڳہ کائڻ مستحب آهي.



خانہ ڪعبہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (15) **سورت الحجر** (مکية آيات 99)

الحِجرِ لفظ هن سورت جي آيت نمبر 80 مان ورتل آهي لغات القرآن ۾ هن جي معنيٰ آهي منع ڪيل علائقو (اهو ڳوٺ جتي قوم ثمود رهندي هئي) هن ۾ حجر وارن جو قصو آهي تفسير تنوير الايمان واري جلد 5 جي ص 400 تي لکيو آهي ته حجر جي وادي عرب ۽ شام جي وچ ۾ آهي انهن ۾ الله تعاليٰ حضرت صالح عليه السلام کي اُٺ (ڏاچي) جي معجزي سان پيغمبر ڪري موڪليو پر هنن حضرت صالح عليه السلام کي نه مڃيو ۽ انهن ان اُٺ (ڏاچي) کي ڪهي وڌو ۽ تنهنڪري انهن تي الله تعاليٰ جو عذاب آيو.

تفهيم القرآن جلد 2 جي ص 133 جي حاشئه 45 تي لکيو آهي ته هي ثمود جي قوم جو مرڪزي شهر هو ان جا پڙا مديني جي اتر اولهه ۾ موجود شهر العلاءَ کان چند ميلن جي فاصلي تي آهن مديني کان تبوڪ ويندي هي هنڌ عام رستي تي اچي ٿو ۽ قافلا ان واديءَ مان لنگهن ٿا پر نبي ﷺ جي هدايت موجب ڪوبه هتي ترسي نٿو اٺين صدي هجري ۾ ابن بطوطه حج تي ويندي هتي پهتو هو اهو لکي ٿو ته هتي ڳاڙهي رنگ جي جبلن ۾ ثمود جي قوم جون عمارتون موجود آهن جيڪي انهن ٽڪرين کي گهڙي انهن ۾ ٺاهيون هيون انهن جا چٽ هن وقت تائين اهڙا ته تازا آهن چڻ اڄ ٺاهيا ويا آهن انهن جاين ۾ اڄ به ڳريل سڙيل انساني هڏا ملن ٿا وڏيڪ تفهيم القرآن خلاصو 2 ص 117 تي تعارف ۾ لکيو آهي هن سورت ۾ به مضمون بيان ٿيا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

1. پهريون انهن ماڻهن کي جيڪي نبي پاڪ ﷺ جي دعوت جو انڪار ڪري رهيا هئا پاڻ سڳورن ﷺ تي چٿرون ڪندا هئا ۽ سندن ڪم ۾ طرح طرح جون رڪاوٽون وجهندا هئا.

2. ٻيو حضور ﷺ جن جي تسلي ۽ همت افزائي پر ان جو اهو مقصد ناهي ته اها سورت سمجهاڻي ۽ نصيحت کان خالي آهي. قرآن ۾ ڪٿي به الله تعاليٰ صرف تنبيهه يا رڳو داٻ دڙڪي کان ڪم نه ورتو آهي سخت کان سخت ڌمڪين ۽ ملامتن جي ڪرڻ سان گڏ نصيحت ۽ تفهيم (سمجهاڻڻ) کان به ڪم ورتو آهي. ان ڪري هن سورة ۾ به هڪ طرف توحيد جي دليلن ڏانهن مختصر اشارا ڪيا ويا ته ٻئي طرف حضرت آدم عليه السلام ۽ ابليس (لعين) جو قصو ٻڌائي نصيحت فرمائي ويئي آهي.

احسن البيان في تفسير القرآن جي جلد (5) صفه 286 تي هن سورت جي تعارف تي لکيو آهي ته هن سورت جو مضمون هيٺين ڳالهين (عنوانن) تي مشتمل آهي.

1. سورت جي ابتداءَ ۾ قرآن ڪريم جو شان بيان ٿيل آهي.
2. ڪافرن جو بيان، مثال ۽ ڪائنات جي تخليق جو ذڪر تفصيل سان وضاحت ٿيل آهي.
3. حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن ۽ مؤمنن کي تسلي ڏني ويئي آهي ته پريشان نه ٿيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاميابي اوهان جي آهي جو ذڪر ٿيل آهي.
4. آسمانن ۽ زمين جي وصفت بيان ٿيل آهي.
5. حضرت ابراهيم عليہ السلام وٽ ملائڪ مهمان بڻجي آيا ۽ ڪيس پٽ جي خوشخبري ڏيڻ وارو ذڪر بيان ٿيل آهي.
6. حضرت لوط عليہ السلام جو ذڪر هن ۾ حضرت لوط عليہ السلام جي قوم تي عذاب جو بيان ۽ حضرت لوط عليہ السلام کي شهر کان نڪرڻ جو حڪم
7. مڪي جي ڪافرن جو نبي ڪريم ﷺ جن کي مجنون ڪوٺڻ
8. برجن جو بنائڻ ۽ شيطان جي پويان باهہ جو ڪڍ پوڻ
9. روزيءَ جو ضامن رب آهي.
10. حضرت آدم عليہ السلام ۽ جن جي پيدا ٿيڻ جو بيان
11. انسانن کي الله تعاليٰ ۾ اميد رکڻ کپي ڇو تہ غفور رحيم آهي.
12. حضرت لوط عليہ السلام ۽ حضرت شعيب عليہ السلام جي قوم تي الاهي عذاب
13. ثموديـن تي الله تعاليٰ جو عذاب
14. الحمد جو ٻہ دفعا نزول ٿيڻ ۽ فضيلت
15. قرآن جي حفاظت ڪندڙ الله تعاليٰ آهي.
16. الله تعاليٰ حضور جن جي حياتي جو قسم کڻڻ
نوٽ هن سورت ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ڳالهيون بيان ٿيل آهن جيڪي هن سورت جي پڙهڻ سان معلوم ڪري سگهجن ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (15) **سورت النحل** (مکية) (آيات 128)

النحل لفظ هن سورت جي آيت نمبر 68 مان ورتل آهي عربي زباني ۾ نحل کي ماکي جي مک چوندا آهن. سورت ۾ ماکيءَ جي مک جي عجب جوڙ جو بيان آهي.

تفسير خازن لکيو آهي تہ نحل سورت کي سورت النعيم بہ چوندا آهن نعيم جي معنيٰ آهي نعمتون هن سورت ۾ الله تعاليٰ قسمين قسمين نعمتن جو ذڪر ڪيو آهي. هن نالي رکڻ جو اشارو آهي جيئن رب پاڪ ماکيءَ جي مک کي الهام ڪيو آهي ماکي ٺاهڻ ۽ اجتمائي صورت ۾ رهي ڪم ڪرڻ جو سليقو عطا ڪيو آهي.

الله تعاليٰ ماکيءَ جي مک هي حڪم ڪيو آهي انهيءَ حڪم جو ذڪر قرآن ڪريم جي ٻن آيتن آيت نمبر 68 ۽ آيت نمبر 69 ۾ ٿيل آهي جن جو ترجمو هي آهي آيت نمبر 68 جو ترجمو تنهنجي رب ماکي جي مک ڏي الهام ڪيو تہ تون پنهنجا گهر جوڙ ڪن جبلن ۾ ۽ ڪن وڻن ۾ ۽ جن شين مان ماڻهو گهر جون ڇتيون جوڙين ٿا تن ۾ آيت نمبر 69 ۾ ترجمو: پوءِ کاءُ تون هر ڪنهن جنس جي ميون مان پوءِ هل تون پنهنجي رب جي واٽن تي رب جو فرمانبردار ٿي نڪري ٿي انهيءَ جي پيٽ مان پيئڻ جي شيءِ رنگا رنگي يعني ماکي تحقيق ان ۾ نشاني آهي ان قوم لاءِ جي فڪر ڪن ٿا.

جيئن مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ هن سورت ۾ رب پاڪ ماکيءَ جي مک ڏي الهام ڪيو آهي تنهن ڪري هن سورت جو نالو النحل رکيو ويو آهي.

تفهيم القرآن خلاصو پيو صفہ 138 تي لکيو آهي تہ هن جو مرڪزي مضمون شرڪ کي باطل ڪرڻ، توحيد کي ثابت ڪرڻ پيغمبرن جي دعوت نہ مڃڻ جي ڪري برن نتيجن تي تنبيهہ ۽ سمجهاڻي ۽ حق جي مخالفت، رڪاوٽ تي داٻ دڙڪو آهي.

احسن البيان تي في تفسير القرآن جلد 5 صفہ 350 تي هن سورت جي مضمون ۾ هن سورت مان ٿي کي وڌيڪ ڳالهيون لکي وضاحت ڪئي آهي. جيڪي هي آهن.

هن سورت ۾ آفاقي ۽ دلائل ڏيئي اسلام جي انهن نظريات کي ثابت ڪيو آهي هن کي ڪافر عقل ۽ مشاهدي جي خلاف سمجهندا هئا هن سورت خاص موضوع الوهيت، وحي، بعث ۽ شور آهن ۽ هن ۾ آسمانن ۽ زمينن، سمنڊن، جبلن، واريءَ جي ڏڙن، سخت زمين جي بيابانن، موجون هڻندڙن دريائن انهن ۾ هلندڙ ٻيڙين، سبز باغن ۽ آسمان ۾ هلندڙ چمڪندڙ تارن وغيره سان جيڪي انسان پنهنجي حياتيءَ ۾ ٻڌي ۽ ڏسي ٿو الله جل شانہ جي وحدانيت، جا دلائل بنائي پيش ڪيو ويو آهي ۽ آخر ۾ نہ مڃڻ وارن لاءِ عذاب جو بيان ۽ انهن صفتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن جو اسلام جي هر مبلغ ۾ هجڻ ضروري آهي.

هن سورت جي مضمون ۾ وڌيڪ وضاحت ڪجي ٿي تہ الله تعاليٰ آيت نمبر 98 ۾ فرمائي ٿو تہ (اي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي پوءِ جڏهن توهن قرآن پڙهين تڏهن شيطان تڙيل کان ا        تعاليٰ جي پناهه گهرندو ڪر.

آيت نمبر 103 ۾ چيل آهي تہ (اي نبي) اسان کي معلوم آهي اهو ماڻهو تنهنجي باري ۾ چوندا آهن تہ هن شخص کي هڪ ماڻهو سيکاريندو آهي حالانڪہ انهن جو اشارو جنهن ڏانهن آهي تنهن جي زبان عجمي (غير عربي) آهي ۽ هي پڌري عربي زبان آهي.

## Ÿپوين لاءِ ملت ابراهيم تي هلڻ جو حڪم

آيت نمبر 120 حضرت ابراهيم عليہ السلام جو ذڪر هن ريت آهي تہ حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي ذات ۾ هڪ پوري امت هو، الله تعاليٰ جو تابعدار ۽ هڪ طرفو (ٻيا در ڇڏي الله تعاليٰ جو ٿيل هو) اهو ڪڏهن بہ مشرڪ نہ هو.

آيت نمبر 121 الله تعاليٰ جي نعمتن جو شڪر ادا ڪندڙ الله تعاليٰ کيس چونڊي ورتو هو ۽ سڌو رستو ڏيکاريائين.

آيت نمبر 122: اسان کي هن دنيا ۾ نعمت ڏني ۽ تحقيق اهو آخرت ۾ ڀلارن مان هو.

آيت 123 پوءِ اسان تو ڏانهن وحي ڪيوسين تہ هڪ رخ وٺي ابراهيم جي طريقي تي هل ۽ اهو مشرڪن مان نہ هو.

* الله تعاليٰ پنهنجون نعمتون ٻڌائي ٿو تہ چوپايا اوهان لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن.
* الله تعاليٰ پنهنجون نعمتون ياد ڪرائي ٿو.
* ڪافرن چيو تہ الله تعاليٰ اسان ڏانهن ملائڪ موڪلي ها ۽ ان جو جواب
* هر مخلوق ۽ ان جا پاڇا الله تعاليٰ جو سجدو ڪن ٿا فقط ڪافر ئي منڪر آهن.
* الله تعاليٰ ظالمن کي مقرر وقت تائين مهلت ڏئي ٿو.
* اي نبي ﷺ تنهنجو ڪم تبليغ ڪرڻ آهي.
* الله تعاليٰ نعمتون ياد ڏياري سمجهائي ٿو.
* عدل ۽ انصاف ڪرڻ ۽ بڇڙائي ۽ بيحيائي کان بچڻ
* قول (واعدو) ڪريو تہ پورو ڪريو.
* پنهنجن واعدن تي پورا رهو.
* آيت نمبر 99 قرآن پڙهڻ وقت اعوذ بالله پڙهڻ
* ڪافرن جي اعتراض جو جواب
* حلال ۽ حرام جو بيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (17) **بني اسرائيل** (مكية) آيات 111

1. تفسير بحرالعلوم جي حاشئہ ۾ لکيو آهي تہ هن سورت کي ”بني اسرائيل ان جي ڪري سڏيو آهي جوان سورت ۾ ”بني اسرائيل“ جو ذڪر ٿيل آهي ۽ صحابہ ڪرام ﷺ جي دور ۾ ان نالي سان مشهور هئي.

2. تفسير تنوير الايمان جلد 1 صفہ 122، 123 تي لکي آهي يَٰبَنِيٓ إِسۡرَٰٓءِيلَ اي اسرائيل جا اولاد! اسرائيل عبراني ٻوليءَ ۾ حضرت يعقوب عليہ السلام جو نالو آهي عربيءَ ۾ ان جي معنيٰ آهي عبدالله. اِسرَا جي معنيٰ ٻانهو ۽ ايل جي معنيٰ الله آهي.

3. تفسير عزيزي وارو چئي ٿو تہ اهو نالو حضرت اسحاق عليہ السلام پنهنجي پٽ حضرت يعقوب عليہ السلام تي اهو نالو هڪ مَلڪ جي آڇ تي رکيو هو.

4. تفسير تفهيم القرآن خلاصو جلد 1 صفہ 91 حاشئہ 123 جو (2) (البقر) ۾ لکيو آهي تہ حضرت يعقوب عليہ السلام جو نالو اسرائيل هو انهيءَ ڪري هي نسب بني اسرائيل جي نالي سان مشهور ٿيو هن شاخ ۾ جڏهن بستي ۽ تنزل جو زمانو آهي تہ پهريان يهوديت پيدا ٿي پوءِ عيسائيت جنم ورتو.

5. تفسير تفهيم القرآن خلاصو جلد 1 صفہ 58 حاشئہ 56 تي لکيل آهي تہ اسرائيل جي معنيٰ عبدا يعنيٰ الله جو ٻانهو هي حضرت يعقوب عليہ السلام جو لقب آهي جو ڪيس الله تعاليٰ جي طرفان عطا ٿيل آهي ان جي ڪري سندس اولاد کي بني اسرائيل چوندا آهن.

هتان ڪان سورت بني اسرائيل جو مضمون احسن البيان في تفسير القرآن ڪان ورتل آهي.

1. هن سورت ۾ بني اسرائيلن جا واقعا چڱيءَ طرح بيان ٿيل آهن.

2. هن سورت ۾ انهن چنچر جي ڏينهن وارن کي مليل شريعت جو ذڪر آهي ابن جرير حضرت عباد ﷺ کان روايت آندي آهي تہ توراۃ جو خلاصو سورت بني اسرائيل جي (15) پندرهن آيتن ۾ ذڪر ڪيل آهي.

3. هن سورت ۾ نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام کي عطا ڪيل شرف ۽ شان جو ذڪر آهي هن ۾ عام سان گڏ خاص نعمتون جو ذڪر آهي.

4. هن سورت ۾ آهي تہ قرآن ڪريم شفا ۽ رحمت آهي.

5. هن سورت ۾ قرابت سان گڏ مسڪينن ۽ مسافرن کي بہ خير خيرات ڏيڻ جي تلقين ڪيل آهي.

6. هن سورت ۾ والدين جي خدمت لاءِ تاڪيد ڪيو ويو آهي.

## معراج جو بيان

هن سورت جي پهرين رڪوع ۾ معراج شريف ۽ بني اسرائيل جو تاريخي ذڪر آهي
هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ معراج جو بيان ٿيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت نمبر 1 جو ترجمو: اهو (اڄ) پاڪ آهي جنهن پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) کي هڪڙي رات (جي اندر) تعظيم واري مسجد مان انهيءَ مسجد اقصيٰ تائين جنهن جي چوڌاري برڪت رکي سون هن لاءِ سير ڪرايو ته ڪيس پنهنجون نشانيون ڏيکاريون بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي.

معراج جو اصطلاح ۾ "معراج" ۽ "اسراءِ" جي نالي سان مشهور آهي گهڻن معتبر روايتن مطابق هي واقعو هجرت کان هڪ سال اڳ۾ پيش آيو حديث ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ ان واقعي جو تفصيل ڪيترن ئي اصحابن سڳورن کان روايت ٿيل آهي جن جو تعداد 25 تائين پهچي ٿو انهن مان مفصل ترين روايتون حضرت انس بن مالڪ ﷺ، حضرت عمر ﷺ، حضرت ابوبڪر ﷺ، حضرت علي ﷺ، حضرت عبدالله بن مسعود، حضرت عبدالله بن عباس ﷺ، حضرت ابو سعيد خذري ﷺ، حضرت حُذَيفه بن يمان ﷺ، حضرت عائشه ﷺ هنن اصحابن سڳورن جا نالا تفسير تفهيم القرآن مان ورتا ويا آهن.

احسن البيان في تفسير القرآن واري انهن سان گڏ ٻيا اصحاب هي به شامل ڪيا آهن.

حضرت عثمان ﷺ، حضرت عبدالله بن زبير

حضرت عبدالله بن عمر ﷺ، حضرت ابوذر غفاري

حضرت مالڪ بن صغمعه حضرت ابوهريره

حضرت شداد بن اوس ﷺ، حضرت ابي بن ڪعب

حضرت عبدالرحمان بن قرط ﷺ، حضرت ابو حبه

حضرت جابر انصاري ﷺ، حضرت بريده بن اسمعي

حضرت ابو ايوب انصاري، حضرت ابو امامه

حضرت سمرة بن جنب، حضرت ابو الحمراءِ

حضرت صهيب رومي، حضرت اسامه بن زيد

حضرت بلال بن سعد، حضرت امهاني، حضرت اسماءِ بنت ابي بڪر صديق ﷺ

(حواله تفسير ابن ڪثير صه 24 جلد 5، نعيمي صه 28 جلد 15)

قرآن مجيد هتي صرف "مسجد حرام" (بيت الله) کان مسجد اقصيٰ "بيت المقدس" تائين حضور جن جي وڃڻ جي وضاحت ڪري ٿو ۽ ان سفر جو مقصد هي ٻڌائي ٿو ته الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهي کي پنهنجون ڪي نشانيون ڏيکارڻ ٿي گهريون ان کان وڌيڪ جو تفصيل قرآن نه ٻڌايو آهي. حديث شريف ۾ جيڪو تفصيل آيو آهي تنهن جو خلاصو هي آهي ته رات جي وقت جبرائيل عليه السلام پاڻ سڳورن ﷺ جن کي اٿاري مسجد حرام کان مسجد اقصيٰ تائين براق تي وٺي ويو اتي پاڻ سڳورن نبين عليهم السلام جن جي نماز ۾ امامت فرمائي پوءِ اهو پاڻ سڳورن ﷺ کي عالم بالا ڏانهن وٺي هليو ۽ اتي مختلف آسماني طبقن ۾ ڪيترا جليل القدر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نبين سان پاڻ سڳورن جي ملاقات ٿي آخر ڪار حضور جن جي انتهائي بلندين تي پهچي پنهنجي رب جي حضور ۾ حاضر ٿيا ۽ ان حاضريءَ جي موقعي تي ٻين اهم هدايتن کان علاوه پاڻ سونهارن کي (5) پنج وقت نماز جي فرضيت جو حڪم ٿيو ان کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن بيت المقدس ڏانهن وريا ۽ اتان مسجد حرام موٽي آيا ان سلسلي ۾ ڪيترن ئي روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ سڳورن ﷺ کي جنت ۽ دوزخ جو مشاهدو به ڪرايو.

تفسیر مظہری جلد ہفتم (7) صفحہ 10 سے نقل کیا ہے جس میں لکھا ہے کہ ''ابویعلی نے مسند اور طبرانی نے الکبیر میں بیان کیا ہے کہ جب حضور ﷺ کو معراج ہوئی اُس رات کو آپ حضرت اُم ہانی کے مکان میں تھے اور اُسی رات (فوراً) آپ واپس آ گئے تھے اور اُم ہانی سے معراج کی کیفیت بیان فرمائی تھی، اور فرمایا تھا کہ پیغمبروں کو مُشکل (یعنی مجم) کر کے میرے سامنے لایا گیا اور میں نے ان کو نماز پڑھائی پھر صبح کو حضور ﷺ مسجد میں آئے اور قریش کو اطلاع دی''

حوالہ تفسیر مظہری جلد ہفتم صفحہ 12 اور صفحہ 13 میں لکھا ہے کہ ''حضرت انس رضہ نے معراج کی حدیث بیان کی جس میں یہ بھی ذکر کیا کہ آسمان دنیا میں پہنچے تو وہاں سے دو (2) دو دریا نکلتے دیکھے جبرائیل نے کہا یہ نیل اور فرات ہیں دونوں کا سرچشمہ یہاں ہے۔ پر جبرائیل نے آپ کو آسمان میں لے چلے وہاں ایک اور دریا دیکھا جس پر موتی اور برجد کا محلّہ بنا ہوا تھا، دریا میں ہاتھ مارا تو وہ یکدم خالص مشک بن گیا۔ رسول اللہ ﷺ نے پوچھا جبرائیل یہ کیا ہے جبرائیل نے کہا یہ کوثر ہے جو اللہ نے آپ کے لیے رکھ چھوڑا ہے حضرت انس رضہ نے بیان جاری رکھتے ہوئے کہا، پھر آپ ﷺ کو ساتویں آسمان تک لے جایا گیا۔ موسیٰ نے کہا اے رب میرا تو گمان بھی نہ تھا کہ کسی کو مجھ پر بلندی حاصل ہوگی۔ پھر آپ کو اور اوپر لے جایا گیا جس کا علم سوائے اللہ کے اور کسی کو نہیں یہاں تک کہ سدرۃ المنتہیٰ پر پہنچے اور اللہ جبار رب العزت کا قرب حاصل ہوگیا۔ رب العزت کچھ نیچے آیا یہاں تک کہ دو کمانوں کے فاصلے کے بقدر رہا اور بھی زیادہ قریب ہوگیا۔

هن سورت ۾ بني اسرائيل جو تاريخي ذڪر آهي ٻئي رڪوع ۾ ٻانهن جي نيڪين ۽ برن عملن جو ۽ انهن جي نتيجي جو بيان آهي.

ٽئين رڪوع ۾ والدين ٻين جي حقوقن جو بيان آهي.

چوٿين رڪوع ۾ شريعت جا اوامر (حڪم) (اوامر "امر جو جمع آهي لفظ عربي آهي)

پنجين رڪوع ۾ الله جل شانه جي حمد ۽ قدرت جو ذڪر ٿيل آهي.

ڇهين رڪوع ۾ شيطان جي مڪاري ۽ ان کي ختم ڪرڻ جي لاءِ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي محنتن ۽ مشقتن برداشت ڪرڻ جو ذڪر آهي.

ستين رڪوع ۾ شيطان کي سيدنا حضرت آدم عليٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام کي سجدي ڪرڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪم ۽ شيطان جو حضرت آدم عليہ السلام تي سجدي ڪرڻ کان انڪار ۽ انسان جي عظمت جو بيان.

ائين رڪوع ۾ قيامت جي ڏينهن وارن جو دردناڪ منظرن ۽ انهن جي ذڪر کي پڙهي عبرت وٺي بچاءُ ڪرڻ جي تلقين.

نائين رڪوع ۾ نفلي عبادتن جي لاءِ ارشاد.

ڏهين رڪوع ۾ انساني روح (زندگي) ۽ ايماني روح (قرآن پاڪ) جي ڳالهہ.

يارهين رڪوع ۾ محشر جي ميدان ۾ مجرمن جي حليي حالتن ۽ ملائڪن جو ذڪر

ٻارهين رڪوع ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي مليل معجزن، فرعون جي حالت، توحيد باري تعاليٰ ۽ شريعت جو بيان (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 5 صفہ 463 حوالہ 3 نعمي صہ 11 جلد 15)

هن سورت جي رڪوع ۾ 2 ۽ 3 ۾ حيات انساني جي نظام جا اهي تفصيل بيان ڪيا ويا آهن جيڪي اسلام دنيا جي سيني قومن جي اڳيان پيش ڪرڻ چاهي ٿو اهو بہ صاف معلوم ٿي رهيو هو تہ ظلم جو دور عنقريب ختم ٿيندو ۽ حق ۽ ان جا حامي بلند ۽ بالا رهندا هن سورت ۾ نهايت اهم ڳالهہ معراج شريف جو ذڪر آهي، هي مواد جيڪو مضمونن ۾ شامل ڪيو آهي اهو تفهيم القرآن خلاصو 2 صہ 192 ۽ 193 تان نقل ڪيو ويو آهي جيڪو هن ريت آهي.

هن سورت ۾ تنبيهہ، سمجهاڻي ۽ تعليم ٽيئي ڳالهيون هڪ مناسب انداز ۾ گڏ ايون ويون آهن.

تنبيهہ مڪي جي ڪافرن کي ڪئي ويئي آهي تہ بني اسرائيل ۽ ٻين قومن انجام مان سبق وٺو ۽ ان پڪار کي قبول ڪيو جيڪا محمد ڪريم ﷺ ۽ قرآن جي ذريعي پيش ڪئي وڃي ٿي نہ تہ برباد ڪيا ويندؤ بني اسرائيل کي پڻ جيڪي هجرت کان پوءِ سگهو ئي (جلد ئي) وحي ءَ جي زبان جا مخاطب ٿيڻوارا هئا، تنبيهہ ڪئي وئي آهي تہ اڳ ۾ جيڪي سزائون توهان کي مليون آهن تن مان عبرت حاصل ڪريو ۽ هاڻي جيڪو موقعو توهان کي محمد ﷺ جي نبوت مان ملي رهيو آهي تنهن مان فائدو وٺو هي آخري موقعو بہ جيڪڏهن توهان وڃايو ۽ وري پنهنجي اڳين روش کي ورجايو تہ دردناڪ انجام ۾ مبتلا ٿيندؤ.

هن سورت ۾ سمجهايو ويو آهي تہ انسان جي سعادت ۽ بدبختي ۽ ڪاميابي ۽ ناڪامي جو دارو مدار اصل ۾ ڪهڙين شين تي آهي، توحيد، آخرت، نبوت، قرآن جي برحق هئڻ جا دليل ڏنا ويا آهن ۽ انهن شهبن کي ختم ڪيو ويو آهي جيڪي انهن بنيادي حقيقتن بابت مڪي جي ڪافرن طرفان پيش ڪيا ويندا هئا.

هن تعليم جي پهلوءَ ۾ اخلاق ۽ تمدن جا اهي وڏا وڏا اصول بيان ڪيا ويا آهن جن تي زندگيءَ جو نظام کي قائم ڪرڻ محمدي دعوت جي پيش نظر هو هي جڻ اسلام جو منشور (پڌرنامو) هو جيڪو اسلامي حڪومت جي قائم ٿيڻ کان هڪ سال اڳ عرب وارن جي سامهون پيش ڪيو ويو.

انهن سيني ڳالهين سان گڏ نبي ڪريم ﷺ جن کي هدايت ڪئي وئي تہ مشڪلات جي هن طوفان ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مضبوطيءَ سان پنهنجي موقف تي قائم رهن ۽ ڪفر سان ٺاهه جو ڪو خيال بہ دل ۾ نہ آڻين مسلمانن کي پڻ تلقين ڪئي وئي آهي تہ اهي پوري صبر ۽ سڪون سان حالتن جو مقابلو ڪندا رهن ۽ تبليغ ۽ اصلاح جي ڪم ۾ پنهنجي جذبات کي قابو ۾ رکن ان سلسلي ۾ نفس جي اصلاح ۽ نفس جي پاڪائي لاءِ ڪين نماز جو نسخو ڏسيو ويو روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي پهريون موقعو آهي جڏهن پنج وقت نماز وقت جي پابنديءَ سان مسلمانن تي فرض ڪئي وئي.

ان کان علاوه هن سورة جي مضمون ۾ هيٺيون ڳالهيون شامل آهن.

حضرت موسيٰ عليہ السلام جو ذڪر ٿو فرمائي تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي ڪتاب توراة بني اسرائيلن جي هدايت لاءِ بني اسرائيلن کي اسان چيو تہ خبردار اسان کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نڪو سمجهو ڪارساز نہ پر جهلو اي بني اسرائيلو توهان انهيءَ قوم جو اولاد آهيو جن کي ٻيڙي تي حضرت نوح عليہ السلام سان گڏ چاڙهيو هو حضرت نوح عليہ السلام اسان جو خاص شاڪر شڪر انو ڪندڙ ٻانهو هو.

* اولاد کي قتل نہ ڪرڻ جو ذڪر
* قرآن وارو رستو سڌو آهي جو ذڪر
* سڀ ڪنهن ماڻهو کي عمل نامو ڳچي ۾ ٻڌل هوندو
* زنا جي ويجهو نہ وڃڻ جو ذڪر
* ناحق ڪنهن کي قتل نہ ڪريو.
* يتيم جي مال جي ويجها نہ وڃو
* انجام پورا ڪريو پنهنجا تحقيق انجام جي بابت پڇا ٿيندي.
* قيامت ڏينهن هر عضوي کان پڇا ٿيندي.
* آڪڙجي نہ هل
* آسمان ۽ زمين الله تعاليٰ جي تسبيح پڙهن ٿا
* جڏهن تون قـــرآن پڙهندو آهين تہ اســـان تنهنجي ۽ آخرت تي ايمان نہ آڻڻ وارن جي وچ ۾ پردو ڪري ڇڏيندا آهيون.
* قيامت کان اڳ ۾ سڀ ڳوٺ تباهہ ٿي ويندا، هن ۾ ڪافرن جي سوالن جو جواب ڏنل آهي.
* سچن ٻانهن تي شيطان جو وس نہ هلي سگهندو.
* حضرت آدم عليہ السلام جي اولاد کي عزت وارو ڪيوسين ۽ انهن کي پاڪ شيون ڏنيوسين پنهنجي ڪيتري مخلوق تي مان وارو ڪيوسين.

ڏنو ويندو اعمال نامون انهن جو ســندن ســجي هٿ ۾ پوءِ اهي پڙهندا پنهنجي اعمال نامي کي ۽ نہ ظلم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو ويندو ذري جيترو انهن سان.

* جيڪو شخص جنهن جي ڪري لڳندو اهو قيامت ڏينهن انهيءَ سان گڏ اٿندو جنهن ڏينهن سڏينداسون سيئي ماڻهن کي ساڻ مهندار ماڻهن جي)

* الله تعاليٰ جي حڪم موجب رسول الله ﷺ هجرت ڪئي

* پنجن نمازن جو بيان

* تهجد نماز جو بيان

* مقام محمود (سار اهيل جاءِ) جو ذڪر

* آيت نمبر 80 کان 81 هي دعا آهي جڏهن رسول الله ﷺ جن الله تعاليٰ جي حڪم سان مڪي شريف کان مدينہ پاڪ ڏانهن هجرت ڪن پيا تہ الله تعاليٰ اها آيت نازل ڪئي حضور ﷺ جن کي حڪم ٿيو تہ اوهين هي دعا پڙهو.

آيت نمبر 82 ۾ آهي تہ قرآن حق ۽ شفا آهي.

آيت نمبر 85 روح منهنجي رب جو امر آهي نہ ڏنو ويو آهي اوهان کي علم مگر ٿورڙو.

آيت نمبر 88 ۽ 89 انسان ۽ جن گڏجي تہ بہ هن سچي قرآن جهڙو ٻيو قرآن نہ ٺاهي سگهندا.

آيت 101 کان 104 حضرت موسيٰ عليہ السلام جي نون (9) معجزن جو بيان

1. لٺ، 2. هٿ روشن، 3. مڪڙ، 4. چچڙ، 5. ڏيڏر، 6. رت، 7. ٻهڻ، 8. درياءَ جو ڦاٽڻ، 9. جبل جو سندن مٿي کان اچي بيهڻ (حوالہ مدارڪ ابن عباس جي قول کان نقل ڪيو آهي)

(حوالہ تفسير تنوير الايمان جلد 5 صفحہ 625).

آيت نمبر 105 کان 106 قرآن الله تعاليٰ جو ڪلام حق ۽ شفا آهي.

آيت نمبر 110 جو هڪ فقري ۾ آهي ۽ نہ پڙهہ تون وڏي سڏ سان پنهنجي نماز ۾ ۽ نہ گهٽ آهستي پڙهہ ۽ ان جي وچ واري واٽ اختيار ڪر.

* اي نبي اسان توکي ماڻهن تي وڪيل بڻائي موڪليو آهي.

* اسان هڪڙن نبين کي ٻين کان وڌيڪ مرتبا ڏناسين.

* اسان ئي حضرت دائود عليہ السلام کي زبور ڏنوسين.

* اسان ثمود کي ظاهر ظهور ڏاچي آڻي ڏني ۽ انهن مٿس ظلم ڪيو.

* ان کان علاوه باقي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هن سورت جو مطالعو ڪرڻ فرمائيندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (18) **سورت الڪهف** (مڪية آيات 110)

**الڪهف: لغت ۾ الڪهف جي معنيٰ آهي جبل جي غار، چڙ، جبل ۾ پناهه جي جاءِ**

احسن البيان في تفسير القرآن جلد 5 صه 573 سورة الڪهف ۾ اصحاب ڪهف جو ذڪر آهي. هن سورت جو نالو رسول الله ﷺ جن پاڻ رکيو آهي (حواله حاشئه تفسير بحر العلوم صه 288 جلد 2)

تفسير تنوير الايمان جلد 5 صه 632 ۾ ڪهف جي معنيٰ آهي جبل جي غار يعني چڙ هن سورت ۾ انهن ڀلارن يارن جو ذڪر آهي جيڪي غار ۾ وڃي رهيا هئا جنهن ڪي عربي ۾ اصحاب الڪهف يعني ڪهف وارا چون ٿا ڪهف لفظ هن سورت جي آيت نمبر 9 مان ورتل آهي.

تفهيم القرآن جلد 2 صه 237 موضوع ۽ مضمون لکيو آهي ته الله پاڪ هي سورت مڪي جي مشرڪن جي ٽن سوالن جي جوابن ۾ نازل ڪئي آهي جيڪي مشرڪ نبي ڪريم ﷺ جو امتحان وٺڻ لاءِ اهل ڪتاب جي مشوري سان پاڻ سڳورن ﷺ جي سامهون پيش ڪيا هئا.

1. اصحاب ڪهف ڪير هئا؟ (2) حضرت خضر جي قصي جي حقيقت ڇا آهي؟

3. ذوالقرنين جو قصو ڪيئن آهي؟

اهي ٽيئي قصا عيسائين ۽ يهودين جي تاريخ سان واسطو رکندا هئا. پهرين صرف اصحاب ڪهف جي قصي جو ذڪر ڪنداسين جنهن جو ذڪر الله پاڪ قرآن مجيد ۾ ڪيو آهي.

اصحاب ڪهف وارا توحيد جا مڃيندڙ هئا جنهن جي دعوت قرآن ڪريم ڏيئي رهيو آهي.

تفسير تنوير الايمان جلد 5 صه 637 تان ورتل حوالو هن ريت آهي ته ڪهف جي معنيٰ مٿي لکي آيا آهيون ته غار جبل ۽ رقيم اصحاب ڪهف وارن جو قصو تفسير ڪنز الايمان واري ق صه 355 ڪجهه حصو تفسير تنوير الايمان تان ورتل آهي.

حضرت عيسيٰ عليه السلام کان پوءِ انجيل جي مڃيندڙن جي حالت تمام خراب ٿي ويئي اهي توحيد کي ڇڏي بت پرستي ڪرڻ لڳا انهن جو بادشاهه دقيانوس به بت پرست هو ۽ وڏو ظالم هو جيڪي توحيد کي مڃيندڙ هئا ۽ بت پرستي تي راضي نه ٿيندا هئا انهن کي بادشاهه قتل ڪرائي ڇڏيندو هو اصحاب ڪهف "افسوس" شهر جي شريفن ۽ معززن مان ايمان وارا هئا دقيانوس جي ڏاڍ ۽ ظلم کان پنهنجو ايمان بچائڻ لاءِ ڀڳا ۽ ويجهي جبل جي هڪ غار اندر پناهه ورتائون ۽ الله تعاليٰ کان دعا گهريائون ته اسان جا رب پاڪ هن سختي جي وقت اسان تي رحمت فرماءِ، بخشش فرماءِ اتي سمهي پيا (309) ٽي سو نَوَ ورهيه انهيءَ حال ۾ رهيا بادشاهه کي ڳولا کان بعد معلوم ٿيو ته اهي غار ۾ آهن ۽ بادشاهه جي حڪم موجب غار کي مضبوطيت ڏيئي بند ڪيو ويو ته جيئن اهي ان ۾ مري وڃن ۽ اها ئي انهن جي قبر ٿي وڃي اها هئي انهن لاءِ سزا. بادشاهه جنهن ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي اُها پٽ تعمير ڪرائڻ جو ڪم حوالي ڪيو سو نيڪ مرد هو تنهن صحاب ڪهف وارن جا نالا تعداد ۽ پوري واقعي جي تختي تي نقش ڪري ٽامي جي صندوق پٽ جي بنياد ۾ محفوظ ڪري رکي ڇڏيو هي بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ اهڙي تختي شاهي خزاني ۾ بہ محفوظ ڪرائي ويئي.

سمجهڻ گهرجي تہ ڪهف جي معنيٰ آهي جبل جي غار ۽ رقيم مرقوم ۽ مڪتوب جي معنيٰ ۾ اچي ٿو يعني لکيل شئي انهن اصحاب ڪهف وارن کي اصحاب الرقيم انهيءَ ڪري چون ٿا جو هڪڙو پهڻ يعني پٿر گهڙيل انهيءَ غار جي منهن تي ماڻهن رکيو هو تنهن تي انهن اصحاب ڪهف وارن جي حقيقت لکي ڇڏي هئي تنهنڪري انهن کي اصحاب رقيم بہ چوندا هئا.

ڪن مفسرن لکيو آهي تہ بن خدا پرستن اهو اصحاب ڪهف وارو واقعو پٿر جي پٽي تي لکي انهيءَ غار جي منهن تي رکيو تہ جيئن يادگار رهي، قرآن ڪريم اصحاب ڪهف وارن جا نالا ظاهر نہ ڪيا آهن پر تفسير وارن اصحاب ڪهف جا نالا پنهنجن تفسيرن ۾ لکيا آهن پر تفسير وارن نالن ۾ اختلاف ڪيو آهي.

حافظ ابن ڪثير حضرت ابن عباس ﷛ جي روايت سان آندو آهي تہ ان سڳوري فرمايو تہ اهي ٿورا جيڪي اصحاب ڪهف جي عدد جو علم ڄاڻن ٿا سي اسين آهيون تان جو حضرت علي ﷛ ۽ حضرت ابن عباس﷛ جي روايت سان آندو آهي تہ ان سڳورن فرمايو تہ اهي ٿورا جيڪي اصحاب ڪهف جي عدد جو علم ڄاڻن ٿا سي اسين آهيون تان جو حضرت علي ﷛ ۽ حضرت ابن عباس ﷛ کان انهن ٻلارن جا نالا هي نقل ڪيا آهن.

1. مڪسلمينا، 2. مخشلميا، 3. تمليخا، 4. مثليتا، 5. مرنوش، 6. برنوش، 7. شازنوش ۽ انهن جي ڪتي جو نالو قطمير هو. والله اعلم الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ اي محمد ﷺ تو چئہ تہ انهن جو اندازو الله تعاليٰ ٿو ڄاڻي مگر ڪي ٿورا ڀانها سمجهن ٿا سي بہ سندن نبيءَ جي ٻڌائڻ سان سمجهن ٿا جيئن تہ حضرت محمد ڪريم ﷺ ۽ ان جي اصحاب ڄاڻن ٿا ۽ حضرت محمد مصطفيٰ کي اها ڳالھ وحي ذريعي ڄاڻائي وئي تنهن کان پوءِ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ اي محمد ﷺ! انهن اصحاب ڪهف جي نسبت زياده گفتگو نہ ڪريو فقط قرآن جي خبر تي هلو ۽ قرآن جي حڪمن تي قائم رهو.

## اصحاب ڪهف جي قصي ۾ ست عجب آهن

1. الله تعاليٰ انهن جي ڪنن تي پردا وجهي ڇڏيا جنهن ڪان نہ ٿي ٻڌائون ۽ نہ ٿي سمجهائون بس ننڊ ۾ آهيون
2. 309 ورهہ انهيءَ حالت ۾ گذري ويا پر انهن کي خبر نہ پيئي.
3. سج ايرڻ ۽ سج لهڻ مهل انهن تي اس (تڙڪو) نہ ٿيو ٿي.
4. اها ننڊ عجب جهڙي هئي جا جاڳڻ ۽ اسان جي ننڊ کان ٻئي هئي.
5. انهن جو پاسو ورائڻ بہ سال ۾ بہ دفعا
6. ڪتي جو بہ ايتري مدت ويٺو رهڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

7. انهن کي دهشت کان ڪنهن جو ڏسي نه سگهڻ.
8. اهي خدا جي قدرت جا عجائب.

زماني گذرڻ کان پوءِ دقيانوس هلاڪ ٿيو ان جي هلاڪت کي ڪيئي زمانا گذري ويا ۽ ڪيئي بادشاهه تبديل ٿيا هئا جو ايستائين هڪ بادشاهه جنهن جو نالو بيدروس هو جيڪو تمام نيڪ هو ان بادشاهه 68 سال حڪومت ڪئي پوءِ ان جي ملڪ ۾ فرقه بندي پيدا ٿي ۽ ڪي ماڻهو مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿيڻ ۽ قيامت جي اچڻ جا منڪر ٿي ويا ۽ بادشاهه اڪيلو ٿي پيو ۽ روئي رب پاڪ کان دعا گهريائين "يا رب ڪا اهڙي نشاني ظاهر فرماءِ جنهن سان خلق کي مئلن جي اٿڻ ۽ قيامت جي اچڻ جو يقين ٿئي".

انهيءَ زماني ۾ هڪ شخص ٻڪرين جي آرام جي جڳهه حاصل ڪرڻ لاءِ انهيءَ غار کي تجويز ڪيو ۽ ان غار جي ٻت ڪرائي ٻت ڪيرائيندڙ تي اهڙي هيبت طاري ٿي جو ڀڄي ويا. اصحاب ڪهف وارا الله تعاليٰ جي حڪم سان خوش ٿي اٿيا سندن چهرا ڪليل طبيعتن ۾ خوشي هين هڪ ٻئي کي سلام ڪيو ۽ نماز پڙهيائون نماز کان فارغ ٿي پاڻ مان هڪ دوست نالي يمليخا کي شهر موڪليائون ته کائڻ لاءِ سامان وٺي اچ يمليخا شهر ويو ۽ شهر پناهه جي دروازي تي اسلامي نشاني ڏٺائين ۽ نوان نوان ماڻهو ڏٺائين انهن کي حضرت عيسيٰ عليه السلام جو نالو کڻندي ٻڌائين حيران ٿيو ته ڪالهه ته ڪو شخص پنهنجو ايمان ظاهر ڪري نه ٿي سگهيو ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي نالي وٺڻ سان قتل ڪيو ويندو هو پر هاڻي ته ماڻهو بنا خوف خطري جي حضرت عيسيٰ عليه السلام جو نالي جا قسم کڻن ٿا پوءِ ماني پچائيندڙ جي دڪان تي وڃي ۽ کاڌي خريد ڪرڻ لاءِ ان کي دقيانوسي سڪو ڏنائين ان سڪي جو هلڻ صدين کان بند هو ان سڪي کي سڃاڻڻ وارو به ڪونه هو تنهنڪري هن کي پڪڙي حاڪم وٽ سڪي سميت پيش ڪيو حاڪم نيڪ هو جنهن هن کان سڪي بابت معلومات ڪئي يمليخا چيو ته هي سڪو اسان کي پنهنجو آهي، حاڪم چيو ته انهيءَ کي اعتبار نٿو اچي ڇاڪاڻ ته هي سڪو 300 سالن ورهن کان وڌيڪ پراڻو آهي اسان اهڙو سڪو ڪڏهن به ڏٺو نه آهي يمليخا چيو مان جيڪو توهان کان دريافت ڪريان سو ٺيڪ ٺيڪ ٻڌاءِ ته معاملو حل ٿئي يمليخا پڇيو ته دفيانوس بادشاهه ڪهڙي حال ۾ آهي حاڪم چيو ته اڄ ساري زمين تي انهيءَ نالي جو ڪو بادشاهه نه آهي پر سوين سال اڳ انهيءَ نالي سان هڪ بي ايمان بادشاهه گذريو آهي يمليخا چيو سائين ڪالهه ٿي ته اسان ان جي خوف کان جان بچائي ڀڄا آهيون ۽ منهنجا سنگتي ويجهي جبل جي غار ۾ پناهه گزين آهن هلو ته توهان کي انهن سان ملايان حاڪم ۽ شهر جا نمائنده هڪ وڏي خلق ساڻ ڪري غار وٽ پهتا اصحاب ڪهف سندن دوست يمليخا جي انتظار ۾ هئا جڏهن نيڪ بخت حاڪم يمليخا سان گڏ پهتا ۽ يمليخا سمورو قصو ٻڌايو انهن سڀڙن سمجهي ورتو ته اسان الله تعاليٰ جي حڪم سان ايترو عرصو سمهيا پيا هياسي هاڻي ان ڪري اٿاريا ويا آهيون ته ماڻهن لاءِ موت کان پوءِ زنده ڪرڻ جو دليل ۽ نيشاني ٿيون حاڪم غار جي منهن وٽ پهتو ته ٽامي جي صندوق ڏٺائين ان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوليائين تہ ان مان تختي ظاهر ٿي جنهن تي اصحاب ڪهف جي حقيقت لکيل هئي ڪن مفسرن موجب اصحاب ڪهف وارن جي حقيقت پهڻ (پٿر) تي اڪريل ڏنائون اهو ان ڪري لکون ٿا تہ جڏهن بہ غار کلي تہ ماڻهو حال تي واقف ٿي وڃن اها تختي يعني ڪتبو پڙهي سيني کي تعجب ٿيو ماڻهن الله تعالىٰ جو حمد ۽ ثنا بجا آندي جو اُن اهڙي نشاني ظاهر فرمائي جڏي جنهن سان موت کان بعد جيئرو ٿيڻ جو يقين ٿئي حاڪم پنهنجي بادشاهہ بيدروس کي واقع جو اطلاع ڏنو اهو اميرن ۽ عمائد کي وٺي حاضر ٿيو شڪر الاهي جو سجدو ڪيائين الله تعالىٰ سندس دعا قبول فرمائي اصحاب ڪهف بادشاهہ سان مليا ۽ فرمايائون اسان توکي الله تعالىٰ جي حوالي ڪريون ٿا والسلام عليک رحمت الله و برڪاته الله تعالىٰ تنهنجي ملڪ ۾ حفاظت فرمائي ۽ جنن ۽ انسانن جي شر کان بچائي بادشاهہ بيٺو ئي هو تہ اهي سڀئي پنهنجن بسترن جي طرف واپس ٿي خواب ۾ مصروف ٿيا. الله تعالىٰ کين وفات ڏني بادشاهہ ساڳجي صندوق ۾ انهن جي جسمن مبارڪن کي محفوظ ڪيو ۽ انهن الله تعالىٰ جي رُعب سان حفاظت فرمائي جو ڪنهن جي طاقت نہ آهي جو اتي پهچي سگهن بادشاهہ غار جي منهن وٽ مسجد ٺاهڻ جو حڪم ڏنو ۽ هڪ خوشيءَ جو ڏينهن مقرر ڪيائين تہ هر سال عيد وانگر ماڻهو اتي اچن جيئن اصحاب ڪهف وارا واقعو ماڻهن ذهن نشين ٿئي تہ مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿيڻو آهي ۽ قيامت تي يقين ٿئي اصحاب ڪهف وارا غار ۾ سج ايرڻ وقت داخل ٿيا هئا ۽ جڏهن اٿيا تہ سج لهڻ وارو هو تنهنڪري انهن گمان ڪيو تہ هي اهوئي ڏينهن آهي.

تفهيم القرآن خلاصو 2 (صہ 242 کان 248) مان نقل ڪيل آهي تہ اسان جا مفسر لکن ٿا تہ جنهن بادشاهہ جي ظلم کان نوجوان ڀڄي ڪهف غار ۾ پناهہ ورتي ان بادشاهہ جو نالو دقيانوس آهي شهر جو نالو "افسوس يا آفسس آهي"

۽ گبن چوي ٿو تہ ان جو نالو قيسر "ڊيسيس" (Decius) هو جنهن شهر ۾ واقعو پيش آيو "اهو شهر جو نالو "افسس (Ephesus) هو. جيڪو ايشياء ڪوچڪ جي اولهندي ڪناري تي هو رومين جو سڀ کان وڏو شهر ۽ مشهور بندرگاهہ هو ۽ وري جنهن بادشاهہ جي زماني ۾ ڪهف وارا جاڳيا ان جو نالو اسان جا مفسر بادشاهہ بيد روس لکن ٿا ۽ گبن چوي ٿو تہ انهن جي جاڳڻ جو واقعو قيصر "ٿيوڊوسيس (Theodosius) ٻئي جي زماني ۾ پيش آيو هو. جيڪو رومي حڪومت جي عيسائيت قبول ڪرڻ کان پوءِ سنہ 408ع کان سنہ 450ع تائين روم جو قيصر رهيو.

سنہ 1834 ۾ ريورنڊ ٽي ارنڊيل (Arundell) "ايشيا ڪوچڪ جون کوجنائون" (Discoveries in Asia Miner) جي نالي سان پنهنجا جيڪي مشاهدا شايع ڪيا هئا، انهن ۾ هو ٻڌائي ٿو تہ پراڻي شهر افسس جي کنڊرن سان لڳ هڪ ٽڪري تي حضرت مريم ۽ ستن ڇوڪرن (اصحاب ڪهف) جي مقبرن جا نشان لڌا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حضرت موسيٰ عليہ السلام جو قصو

اهو حضرت موسيٰ عليہ السلام الله جل شانه جو نبي ۽ ڪليم ۽ بني اسرائيل وارو هو. حضرت ابن عباس ﷺ حضرت اُبي بن ڪعب ﷺ کان روايت آندي آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ هڪ ڏينهن (حضرت موسيٰ عليہ السلام بني اسرائيل سان خطاب ڪرڻ لاءِ اٿي بيٺو ڪائنس پڇيو ويو تہ سيني کان وڏو عالم ڪير آهي حضرت موسيٰ فرمايو سيني کان وڏو عالم آءُ آهيان الله تعاليٰ کي ائين چوڻ پسند نہ آيو چو تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي ائين چوڻ گهربو هو تہ سڀ کان وڏو علم ڄاڻيندڙ الله تعاليٰ آهي تڏهن الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليہ السلام ڏي وحي ڪيو تہ هڪڙو منهنجو ٻانهو مجمع البحرين ۾ آهي اهو تو کان وڌيڪ علم ڄاڻيندڙ آهي تڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام چيو تہ اي رب آءُ ان وٽ ڪيئن پهچي سگهان ٿو تڏهن الله تعاليٰ فرمايس تہ هڪ مڇي لوٽا ئيل چليءَ ۾ وجهي درياهہ جو ڪنارو ڏئي هليو وڃ پوءِ جتي اها مڇي درياهہ ۾ هلي وڃي اهو منهنجو ٻانهو اتي هوندو.

آيت نمبر 60 ۾ آهي تہ ۽ (ياد ڪر چيو حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي جوان کي تہ هميشہ پيو پنڌ ڪندس تان جو آءُ جاءِ گڏ ٿيڻ ٻن دريائن جي يا پيو هلندس مدتون.

آيت نمبر 61 کان آيت نمبر 63 جو مختصر تفسير: پوءِ جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت يوشع ٻئي هلندي هلندي ٻن دريائن جي گڏجڻ واري جاءِ وٽ پهتا تڏهن انهن کان سندن مڇي وسري ويئي اها مڇي درياءَ ۾ سرنگ وانگر هلي ويئي پوءِ جڏهن وري اتي هليا ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن حضرت موسيٰ عليہ السلام يوشع عليہ السلام بن متي جيڪو سندس رفيق هو تنهن کان پنهنجو ڪاڌو گهريو.

هي قصو هن سورت جي آيت نمبر 60 کان آيت نمبر 82 تائين آهي جيڪو هن طرح آهي.

۽ چيائين تہ اچو ڪي سفر ۾ اسان کي گهڻو ٿڪ پهتو آهي تڏهن حضرت يوشع عليہ السلام عرض ڪيو تہ جڏهن پاڻ پٿر وٽ ڪالهہ آرام ڪيو هيوسين تڏهن اتي مون کان مڇي وسري ويئي ۽ شيطان مون کي وسارائي ڇڏيو جو اوهان جي ڳالهہ جو ڪجهہ بيان ڪريان ۽ مڇي تہ عجب طرح سان درياءَ ۾ پنهنجو رستو ورتو يعني درياهہ ۾ هلي ويئي (لوٽائيل لفظ تفسير ابن ڪثير فرمايو آهي)

آيت نمبر 64 کان آيت نمبر 65 مختصر تفسير: حضرت موسيٰ عليہ السلام حضرت يوشع عليہ السلام کي فرمايو تہ اها ڳالهہ تہ پاڻ ڳولهي سون جتي مڇي درياءَ ۾ ويئي اتي تہ پنهنجو ئي مطلب آهي تنهن ڪري وري ٻئي ڄڻا پنتي موٽيا ۽ جڏهن ان جاءِ تي اچي پهتا تڏهن اسان کي ٻانهن مان هڪڙو ٻانهون حضرت خضر عليہ السلام ڏنائون جنهن کي اسان پنهنجي طرفان رحمت ۽ علم لدني ڏنو هو. عرائس ۾ لکيل آهي تہ حضرت خضر عليہ السلام جو نالو بلهام آهي ۽ خضر هن ڪري چوندا هيس جو هو جتي ويهندو هو اتي زمين ۾ سبزي ۽ ساوڪ ٿي ويندي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علم لدني ڇا آهي: علم لدني اهو علم آهي جو قلب ۾ اچي پوي اهو آهي علم لدني.

## ”حضرت خضر عليہ السلام جو شجرو“ ۽ قصو

حضرت خضر عليہ السلام جنهن جو نالو بلهام آهي تنهن جو شجرو هي آهي بَلهامُ بن ملڪان بن فالغ بن عامر بن شالخ بن ارفخسد بن سام بن نوح عليہ السلام.

تفسير حافظ ابن ڪثير لکيو آهي تہ حضرت خضر عليہ السلام حضرت ابراهيم خليل الله جي ڏينهن ۾ حضرت سڪندر ذوالقرنين جو خاص وزير هو.

تفسير روح البيان لکيو آهي تہ اهل ولايت وارا اولياءَ الله جي صوفي سيئي ان ڪان ٿي متفق آهن تہ حضرت خضر عليہ السلام حيات آهي ڇو تہ اوليائن سڳورن ان کي حيات ڏٺو آهي ۽ ان سان ڳالهايو آهي.

آيت نمبر 66 کان آيت نمبر 77 ڇيو حضرت موسيٰ عليہ السلام حضرت خضر عليہ السلام کي تہ پيروي ڪريان آءُ تنهنجي هن شرط تي جو سيکارين تون مون کي ان کان جيڪي سکين تون هدايت کان. ڇيو حضرت خضر عليہ السلام تہ تون هرگز نہ ڪري سگهندين مون سان صبر ۽ ڪيئن صبر ڪندين تون ان ڳالهہ تي جنهن جي توکي نہ آهي خبر. ڇيو حضرت موسيٰ عليہ السلام لهندين تون مون کي جي الله تعاليٰ گهريو آهي تہ صبر ڪندڙ ۽ نہ نافرماني ڪندس تنهنجي ڪنهن حڪم ۾، ڇيو حضرت خضر عليہ السلام پوءِ جي تابعداري ڪرين منهنجي تہ پوءِ نہ پڇ مون کان ڪنهن شيءِ بابت تان جو شروع ڪريان آءُ واسطي تنهنجي ان جو ذڪر

آيت نمبر 71 کان آيت نمبر 73 اهي هڪ ٻيڙي ۾ چڙهيا حضرت خضر عليہ السلام ٻيڙي ۾ سوراخ ڪري ڇڏيو. حضرت موسيٰ عليہ السلام ڇيو تہ تو هن ۾ ان ڪري سوراخ ڪيو تہ جيئن سڀ ٻڏي وڃن هي تو هڪ اڻنگو ڪم ڪيو. هن ڇيو تہ مون تو کي ڇيو هو تہ تون مون سان گڏ صبر نہ ڪري سگهندين. حضرت موسيٰ عليہ السلام ڇيو ڀل چڪ تي تون مون کي نہ پڪڙ. منهنجي معاملي ۾ تون ٿورو سختي کان ڪم نہ وٺ.

آيت نمبر 74 پوءِ ٻئي هليا تان جو جڏهن مليا هڪ ڇوڪري کي پوءِ (حضرت خضر عليہ السلام) ان کي قتل ڪيو حضرت موسيٰ عليہ السلام ڇيو تو قتل ڪيو هڪ بيگناهہ جان کي ڪنهن ٻہ جان جي بدلي وٺڻ کان سواءِ تحقيق ڪم ڪيو تو ناپسند ڪيل.

آيت نمبر 75 کان آيت نمبر 77 (حضرت خضر عليہ السلام) ڇيو تہ توکي نہ ڇيو هو تحقيق تون مون سان صبر ڪري نہ سگهندين پوءِ حضرت موسيٰ عليہ السلام ڇيس جيڪڏهن آئنده آءُ توهان کان ڪنهن شيءِ بابت سوال ڪيان تہ پوءِ تون مون سان سنگت نہ ڪجانءِ ۽ جدا ٿي وڃجانءِ پوءِ وري ٻئي اٿي هليا تان جو هڪ ڳوٺ ۾ آيا جتي انهن ٻنهين کي بک لڳي ڳوٺ وارن کان طعام گهريائون پر ڳوٺ وارن انڪار ڪيو مهماني ڪرڻ کان. پوءِ ڏٺائون ان ڳوٺ ۾ هڪ ڀت ڪرڻ تي هئي پوءِ (حضرت خضر عليہ السلام) ان کي سنئون ڪيو ڇيو (حضرت موسيٰ عليہ السلام) تہ جي تون گهرين ها تہ ان تي ڪا مزدوري وٺين ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت نمبر 78 مختصر تفسير جڏهن ٽيون دفعو حضرت موسيٰ عليہ السلام حضرت خضر عليہ السلام جي ڪم تي اعتراض ڪيو ۽ صبر نہ ڪري سگهيو تڏهن حضرت خضر عليہ السلام چيس تہ هاڻ تنهنجي انجام موجب تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ جدائي ٿي ۽ منهنجي رفاقت تو سان ختم ٿي هاڻي آءُ تو کي انهن ڳالهين جي حقيقت ٻڌايان ٿو جن تي تو صبر ڪري نہ سگهين.

آيت نمبر 79 کان آيت نمبر 82 جنهن ٻيڙي ۾ پاڻ چڙهيا سون اها ٻيڙي ڪن مسڪينن جي هئي جي درياءَ ۾ پورهيو ڪندا هئا مون ان کي عيبدار ڪرڻ گهريو انهن جي اڳيان اهڙو بادشاهہ اچي رهيو هو جو جنهن سڀ کان ٻيڙي ظلم سان کسي ورتي هئي.

2. نينگر (جو ماريو ويو) تنهن جا ماءُ پيءُ مؤمن هئا تنهنڪري ڊنا سون تہ نافرماني ۽ ڪفر سان ٻنهي کي ڪافر ڪندو پوءِ ارادو ڪيوسون تہ انهن کي انهن جو رب ڏيئي بهتر ان کان ستو ۽ ويجهو ڪري ٻاجهہ جي ڪري.

3. ۽ اها پت ٻن يتيمن ڇوڪرن جي هئي شهر ۾ ۽ ان جي هيٺيان انهن جو خزانو هو ۽ انهن جو پيءُ نيڪوڪار هو پوءِ تنهنجي رب ارادو ڪيو تہ اهي ڇوڪرا پنهنجي جوانيءَ کي پهچن ۽ پنهنجو خزانو ڪڍن پنهنجي رب جي مهربانيءَ سان ۽ مون ان کي پنهنجي حڪم سان نہ ڪيو ان جي حقيقت اها آهي جنهن تي تون صبر ڪري نہ سگهئين. (حضرت خضر عليہ السلام) چيو تہ اي حضرت موسيٰ عليہ السلام اهي سڀ ڪم مون پنهنجي اختياريءَ سان نہ ڪيا بلڪہ الله تعاليٰ جي ارادي ۽ حڪم سان ڪيم جن ڳالهين تي اوهان صبر ڪري نہ ٿي سگهيا تن جي اها حقيقت هئي جا اوهان کي ٻڌايم.

## ذوالقرنين جو قصو

تحقيق مان خبر پوي ٿي تہ سڪندر ٻہ هئا.

پهريون سڪندر جنهن جو ذڪر قرآن ۾ آيو آهي اهو حضرت ابراهيم عليہ السلام خليل الله عليہ السلام جي وقت جو هو انهيءَ اول حضرت ابراهيم عليہ السلام سان گڏ ڪعبت الله جو طواف ڪيو هو ۽ الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ قرباني بہ ڪيائون حضرت ابراهيم عليہ السلام تي ايمان آندو هو ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي تابعدارن مان هو سڪندر پهريون آهي. جنهن جو ذڪر قرآن ۾ آهي حضرت خضر عليہ السلام ان جو وزير هو.

ٻيو سڪندر يعنيٰ پويون سڪندر فيلقوس جو پٽ ڪافر هو جنهن جو وزير ارسطاليس فيلسوف هو اهو سڪندر حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان (300) ٽي سو ورهہ اڳي هو ان کي سڪندر پويون يا ٻيو چيو ويندو آهي.

اا تعاليٰ ذوالقرنين يعني سڪندر پهرين جو ذڪر قرآن جي آيت نمبر 83 کان آيت نمبر 98 ۾ فرمايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. سڪندر ذوالقرنين کي الله تعاليٰ وڏي قدرت عطا ڪئي هئي جنهن بابت تفسير خازن حضرت علي ﷺ جو قول نقل ڪيو آهي ته ان سڳوري فرمايو آهي ته الله تعاليٰ ڪڪرن کي ان جي لاءِ مطيع ڪيو هو جن تي هو هوا ۾ چڙهندو هو ۽ دنيا جا اسباب سامان ڪل ان کي مليل هئا ۽ نور ۽ روشني ان کي اهڙي مليل هئي جو رات ۽ ڏينهن ان جي اڳيان هڪ جهڙا هئا زمين توڙي سمند جو سير ان لاءِ آسان هو ۽ بادشاهي خزانا وغيره ان کي مليل هئا پوءِ ان سڪندر ذوالقرنين مغرب جي سفر جي تياري ڪئي تنهن جو ذڪر هيٺين آيتن ۾ اچي ٿو.

ذوالقرنين جي معنيٰ آهي ٻن سڱن جو صاحب عربي ۾ قرن چوندا آهن سڱ کي، اهو سندس لقب هو ته ذوالقرنين جي يعني جنهن جي حڪومت مشرق ۽ مغرب تائين هئي.

## آيت نمبر 86 کان آيت نمبر 89 : **ذوالقرنين جو مغرب جي طرف سفر**

ايترو (سير ڪيائين) تان جو جڏهن سج جي لهڻ جي جاءِ کي پهتو ان کي ڏٺائين ته ڳپ واري تلاءُ ۾ لهي ٿو ۽ ان جي نزديڪ لڌائين هڪ (قوم) جماعت کي اسان چيو ته اي ذوالقرنين يا عذاب ڪرين يا منجهن ڪو چڱائي جو سڏارو ڪرين (ته توکي اختيار آهي) ذوالقرنين چيو ته جنهن ظلم ڪيو ته ان کي سگهو عذاب ڪنداسون پوءِ موٽايو ويندو پنهنجي رب ڏي پوءِ ان کي سخت عذاب ڪندو. پر جنهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ته ان لاءِ چڱو بدلو آهي ۽ سولائي (آساني) چونداسون ان کي پنهنجي معاملي ۾ وري موٽي سامان (جي مدد) سان هليو.

## آيت نمبر 90 کان 92: ذوالقرنين جو مشرق طرف سفر

ايترو (سفر ڪيائين) تان جو جڏهن سج جي اڀرڻ واري جاءِ کي پهتو ته اهو هڪ اهڙي قوم تي اڀرندو ڏٺائين جو اسان انهن لاءِ نه جوڙيو هو هن طرف سج کان ڪو پردو. اهڙي طرح اهو قصو آهي ۽ تحقيق اسان وٽ ان جي ساري خبر آهي پوءِ وري سامان (جي مدد) سان هليو.

## آيت نمبر 93 کان آيت نمبر 94 : **ذوالقرنين جو ٽيون سفر**

مختصر تفسير: (ذوالقرنين جو اهو ٽيون سفر گهڻو ڪري اتر طرف هو) جڏهن ملڪ فتح ڪندو ٻن جبلن جي وچ ۾ ويو اتي هڪ قوم ڏٺائين انهن ذوالقرنين جي ٻولي ترجمان جي ذريعي سمجهي ذوالقرنين کي چيائون ته ياجوج ۽ ماجوج اسان جي ملڪ ۾ وڏو فساد ڪن ٿا قرلٽ ڪري نقصان ڏين ٿا. جيڪڏهن اسان ۽ انهن جي وچ ۾ هڪڙي وڏي ڀت ٺاهيون ته اسان توهان لاءِ ڍل (ڏن) مقرر ڪريون جا اوهان کي هميشه ڏينداسون ذوالقرنين چيو ته الله تعاليٰ جو سڀ ڪجهه ڏنل آهي توهان رڳو منهنجي مدد ڏيو. لوهه جا ٽڪر آڻيو ته اوهان ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي وچ ۾ پٽ ٻڌي ڇڏيان. پوءِ ذوالقرنين ٻنهين جبلن جي وچ ۾ اهڙي پٽ ٻڌي. لوهه کي گرم ڪري ان کي شيهي ۽ پگهاريل ٽامي جو پاڻي ڏيئي اهڙو مضبوط ڪيائين جو ياجوج ماجوج ان تي چڙهي نه ٿي سگهيا ۽ نه کي سرنگهه ڪري ٿي سگهيا پٽ تيار ڪري ذوالقرنين انهن کي چيو اها الله تعاليٰ جي مهرباني آهي ان جو انعام آهي توهان کي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي اها نعمت گهڻو وقت قائم رهندي جڏهن پٽ ڪرڻ لاءِ الله تعاليٰ جي واعدي جو وقت ايندو يعني قيامت جو وقت ايندو اها ديوار (پٽ) ڪري پوندي منهنجي رب جو واعدو برحق آهي.

## ياجوج ۽ ماجوج ڪير هئا

تفسير لکيو آهي ته ياجوج ماجوج حضرت نوح عليه السلام جي اولاد مان آهن چو ته طوفان کان پوءِ سڄي دنيا ۾ حضرت نوح عليه السلام جو ئي نسل آهي حضرت نوح عليه السلام کي 4 پٽ هئا، 1. سام جنهن مان عرب فارس، روم وارا آهن، 2 حام هن جو اولاد شيدي ۽ سوڊاني آهن. 3. يافث هن جو اولاد ترڪ ۽ ياجوج ماجوج آهن.

آيت نمبر 99 کان 101 مختصر تفسير حافظ ابن ڪثير هڪ صحيح حديث آندي آهي جنهن جو مطلب هي آهي ته ياجوج ماجوج هر روز انهيءَ سڪندر واري پٽ کي کوٽين ٿا تان جو کوٽي کوٽي جڏهن ڪِرَڻَ کي اچي ويجهو پوي ٿي ۽ سج جي روشني ان مان ڏسڻ ۾ اچي ٿي تڏهن چون ٿا ته باقي سڀاڻي رهيل کي کوٽي پٽ پيجنداسون پر پوءِ صبح جو اچي ڏسندا ته اها پٽ اوتري ئي ٺهيل ۽ سخت هوندي آهي وري ان کي نئين سر کوٽين ٿا، هر روز انهن جي اهڙي ڪار لڳي پئي آهي پوءِ جڏهن آخري زمانو ٿيندو ۽ الله تعاليٰ جي مرضي ٿيندي ته هاڻي ياجوج ۽ ماجوج ٻاهر ڪڍي خلق ڏي موڪليان ته شام جو چوندا ته هاڻي انشاءالله تعاليٰ سڀاڻي اچي باقي رهيل پٽ پيجنداسون پوءِ ٻئي ڏينهن تي رهيل پٽ پيجي ٻاهر نڪرندا.

هاڻي الله تعاليٰ هن آيت ۾ واقعي جي حقيقت هن طرح بيان ڪئي آهي ته جڏهن ياجوج ۽ ماجوج پٽ پيجي نڪرندا ته ماڻهن سان درياءَ جي لهر وانگر ملندا فساد ۽ قرلٽ ڪندا اها حالت حضرت عيسيٰ عليه السلام جي زماني ۾ قيامت کان اڳ دجال کان پوءِ ٿيندي قيامت ڏينهن حضرت اسرافيل عليه السلام صور ڦوڪيندو ۽ اسين سيني ماڻهن کي محشر جي ميدان ۾ گڏ ڪنداسين ۽ ان ڏينهن دوزخ کي ڪافرن جي سامهون آڻينداسون جن ڪافرن جون اکيون اسان جي هن قرآن کان پردي ۾ هيون ۽ اهڙا ته حق کان ڪاوڙيل ۽ ٻوڙا هئا جو اهي قرآن کي ٻڌي به نه سگهندا هوا.

ان کان سواءِ الله تعاليٰ ٻڌائي ٿو ته:

مؤمن لاءِ جنت جي خوشخبري ۽ جنت الفردوس جو بيان

الله تعاليٰ جي تعريف ڪرڻ جي نه آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت 110 چؤ تہ تحقيق سواءِ ان جي نہ آهي جو آءُ مثل اوهان جي ماڻهو آهيان رڳو مون ڏي وحي ڪيو ٿو وڃي تہ اوهان جو معبود هڪ معبود آهي پوءِ جيڪو اميد ٿو رکي ملاقات پنهنجي رب جي پوءِ گهرجي تہ نيڪ ڪم ڪري ۽ پنهنجي رب جي عبادت ۾ ڪنهن کي شريڪ نہ ڪري.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا للہ الرحمن الرحيم

## (19) سورت مريم (مکيه آيات 98)

مريم لفظ هن سورت جي آيت نمبر 16 مان ورتل آهي هن سورت جو نالو مريم اُن ڪري پيو جو الله تعاليٰ هن سورت ۾ بي بي مريم ؓ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي والده جو قصو بيان فرمايو آهي ان کان علاوه هن سورت ۾ پهرين ٻن رڪوعن ۾ حضرت يحيٰ عليہ السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو قصو ٻڌائڻ کان پوءِ ٽئين رڪوع ۾ زماني جي حالتن جي مناسبت سان حضرت ابراهيم عليہ السلام جو قصو ٻڌايو ويو آهي ڇو جو اهڙن حالتن ۾ اهو پنهنجي پيءُ خاندان ۽ ملڪ وارن جي ظلم کان تنگ ٿي وطن مان نڪري روانو ٿيو هيو. ان ۾ هڪ طرف مڪي جي ڪافرن کي هي سبق ڏنو ويو آهي ته اڄ هجرت ڪرڻ وارا مسلمان حضرت ابراهيم عليہ السلام واري حالت ۾ آهن توهان ماڻهو انهن ظالمن جي پوزيشن ۾ آهيو جن توهان جي پيءُ ۽ اڳواڻ حضرت ابراهيم عليہ السلام کي گهر مان ڪڍيو ٻئي پاسي مهاجرن کي بشارت ڏني ويئي آهي ته جهڙي طرح حضرت ابراهيم عليہ السلام وطن مان نڪري تباهہ نہ ٿيو پر اڃان وڌيڪ سر بلند ۽ اوچو ٿيو اهڙي ئي چڱي پڇاڙي توهان جو انتظار ڪري رهي آهي ان کان پوءِ چوٿين رڪوع ۾ ٻين نبين جو بيان ڪيو آهي جنهن مان هي ٻڌائڻ مقصد آهي تہ سيئي نبي سڳورا اهوئي دين کڻي آيا هئا جيڪو حضرت محمد ڪريم ﷺ جن آندو آهي آخري ٻن رڪوعن ۾ مڪي جي ڪافرن جي گمراهين تي سخت نڪتہ چيني ڪئي ويئي آهي ۽ ڳالهہ ختم ڪندي ايمان وارن کي خوشخبري ٻڌائي ويئي آهي تہ حق جي دشمنن جي سيني ڪوششن جي باوجود آخر ڪار توهان مخلوق جا پيارا رهندا. (حوالہ تفسير تفهيم القرآن جلد 2 صفہ 283)

هن سورت ۾ آيت نمبر 16 کان آيت نمبر 46 تائين بي بي مريم حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي والده جو قصو بيان ٿيل آهي هي قصو تفسير تنوير الايمان جلد 6 صفہ 39 کان 46 تان لکيو آهي جيڪو هن ريت آهي:

## بي بي مريم ؓ کي فرزند جي عطا ٿيڻ جو قصو

اي محمد ڪريم ﷺ ! هن قرآن ۾ بي بي مريم ؓ جو قصو پڙهہ اهو قصو هن طرح آهي جو بي بي مريم هڪ وقت پنهنجي گهر جي اڀرندي پاسي پري ٿي هن ڪري تہ غسل ڪري تنهن ڪري ماڻهن کان پردو ڪيائين تہ ڪو بہ ان کي ڏسي نہ سگهي. ان وقت اسان حضرت جبرائيل عليہ السلام کي موڪليو جو خوبصورت ماڻهو جي شڪل ۾ ٿي ان وٽ آيو تڏهن بي بي مريم ان کي ڏسي خوف کاڌو جو سمجهائين تہ هي ڪو اجنبي ماڻهو آهي تنهنڪري ان کي چيائين تہ آءُ تنهنجي شر کان الله تعاليٰ جل شانه جي ذات پاڪ کان پناهہ ٿي گهران جي تون پرهيز گار آهين تہ مون کان پري ٿي مون کي رب پاڪ پناهہ ۾ رکندو.

حضرت جبرائيل عليہ السلام بي بي مريم کي چيو تہ آءُ ڪو فاسق فاجر بري ارادي وارو ماڻهو نہ آهيان تون خوف نہ ڪر آءُ تنهنجي رب جو موڪليل قاصد آهيان مون کي هن لاءِ رب پاڪ موڪليو آهي تہ توکي پاڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ عطا ڪريان تڏهن بي بي مريم ان کي چيو ته مون کي ڇوڪرو ڪيئن ٿيندو؟ جو مون کي ڪنهن ماڻهوءَ اڃ تائين هٿ نه لاٿو آهي نه آءٌ بدڪار. زناڪار آهيان يعني نه مون نڪاح ڪيو آهي ۽ نه زنا ياٿي آهيان حضرت جبرائيل عليه السلام چيس ته جيئن آءٌ چوان ٿو اهو رب پاڪ جو واعدو آهي رب پاڪ جو فرمان آهي ته ماءُ پيءُ کان سواءِ ٻـ ڇوڪر پيدا ڪرڻ مون لاءِ آسان آهي گهرون ٿا ته ان ڇوڪر کي ماڻهن لاءِ نشاني ڪريون ۽ ماڻهو ڏسن ته الله تعاليٰ پيءُ کان سواءِ هن پاڪ فرزند پيلاري نبيءَ کي پيدا ڪيو آهي ۽ دنيا ۾ اسين حضرت عيسيٰ عليه السلام کي پيغمبر بنايون ۽ اهو ماڻهن کي نيڪوڪاري ۽ ايمان جو رستو ڏيکاري جنهن ڪري ماڻهو راهه تي اچن ته اسين انهن تي رحمت ڪريون ۽ انهن کي بهشت ۾ داخل ڪريون اهو ڪم يعني پيءُ کان سواءِ پٽ پيدا ڪرڻ اسان وٽ مقرر ٿي چڪو آهي پوءِ حضرت جبرائيل عليه السلام بي بي جي پهراڻ ۾ ڦوڪ ڏني جنهن کان بي بي مريم کي حمل ٿي پيو.

جڏهن بي بي مريم کي حمل ٿيو ته ڏاڍي پريشان ٿي دل ۾ چيائين ماڻهن کي ان بابت ڇا چوان سچي ڳالهه ڪندس ته به ماڻهو نه مڃيندا پوءِ سندس ماسي جيڪا حضرت ذڪريا عليه السلام جي زال هئي ۽ ان کي به حمل هيو تنهن سان اهو راز ظاهر ڪيائين تفسير حافظ ابن ڪثير لکيو آهي ته جڏهن بي بي مريم کي حمل ظاهر ٿيو ته سڀ کان پهريون علم بي بي مريم جي سوٽ کي ٿيو جنهن جو نالو يوسف نجار هو جيڪو نيڪ ۽ صالح ۽ بيت المقدس جو خادم ۽ تمام وڏو عابد هو تنهن بي بي مريم جي حامله هجڻ تي حيرت ٿي ته بي بي مريم اهڙي پاڪيزه عورت آهي جنهن ڪڏهن ڏاري مرد ڏي اک کڻي نه ڏٺو آهي پوءِ ان کي پيٽ ڪيئن ٿيو آهي ۽ ان مسئلي تي يوسف کي گمان ٿيو تنهن ڪري هڪ ڏينهن بي بي مريم کي چيائين ته آءٌ توهان کان هڪ ڳالهه پڇڻ چاهيان ٿو ان جو جواب مون کي پورو ڏج بي بي سڳوري چيس ته پڇ اها ڪهڙي ڳالهه آهي؟ "چيائين ته وڻ ۽ پوک سواءِ ٻج جي هرگز نه ٿيندا آهن. اهڙي طرح ٻار به پيءُ کان سواءِ پيٽ ۾ ڪيئن ايندو؟" بي بي چيس ته آءٌ تنهنجو اشارو سمجهان ٿي. تو چيو ته ڪو به وڻ ۽ پوک ٻج کان سواءِ پيدا ڪين ٿيندو آهي پر الله تعاليٰ پهريان جڏهن وڻن کي زمين ۾ پيدا ڪيو تڏهن نه ٻج هو ۽ نه ڪا ٻي شئي فقط پنهنجي قدرت سان پيدا ڪيائين. اهڙي طرح حضرت آدم عليه السلام کي ته ماءُ پيءُ کانسواءِ رڳو مٽي مان پيدا ڪيائين. خدائي حڪم هو اها شيءِ بنا دير ٿي پوندي آهي.

وڌيڪ بي بي مريم چيس ته توکي معلوم نه آهي ته الله تعاليٰ قادر آهي خالق آهي هو وس وارو آهي جڏهن ڪا شيءِ ٺاهيندو آهي ته رڳو ڪُنُ فرمائيندو آهي ته اها شيءِ ٺهي پوندي آهي بي بي مريم جي انهيءَ ڪلام سان سندس سوٽ يوسف نجار کي يقين اچي ويو ۽ سندس گمان شڪ ختم ٿي ويو.

الله تعاليٰ بي بي مريم کي الهام ڪيو ته اها پنهنجي قوم کان جدا ٿي هلي وڃي ان ڪري اها بيت لحم ۾ هلي ويئي جتي کجي جو سڪل وڻ بيٺل هو اتي پاڻي به ڪو نه هو جنهن جي ان وقت ضرورت ٿيندي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي بي مريم کي هڪ اڪيلائي پيو ويم جا سور ٽيون خلق جي بدنامي جو فڪر انهن سڀني جي ڪري بيبي صاحبہ پريشان ٿي چوڻ لڳي تہ هاءِ افسوس! جيڪر هن ڏينهن کان اڳ مري وڃان ها ۽ وسريل هجان ها ماڻهن کي منهنجو نالو بہ ياد نہ هجي ها. ان وقت الله تعاليٰ جي حڪم سان هڪ ملڪ هيٺين طرف کان بي بي کي هن طرح آواز ڏنو اي مريم تون غم نہ ڪر ڏس تنهنجي پيرن کان الله تعاليٰ چشمو جاري ڪيو آهي تو کي جيترو پاڻي گهرجي اوترو پيءُ ۽ انهيءَ ڪجي جي وڻ کي ڌوڏو ڏي تہ توتي پڪل ڪارڪون ڪيرينديون پوءِ کاءُ ۽ خوش ٿي. اها پار ڄڻڻ واري عورت لاءِ بهترين غذا آهي. پوءِ جيڪڏهن تو وٽ ڪو ماڻهو اچي تو سان ڳالهائي تہ تون ان کي اشاري سان سمجهائج تہ مون کي اڄ ڳالهائڻ کان روزو آهي تنهنڪري اڄ آءُ هرگز ڪنهن ماڻهو سان نہ ڳالهائيندس.

سمجهڻ گهرجي تہ انهن ڏينهن ۾ ڳالهائڻ کان روزو رکندا هئا تہ اڄوڪو ڏينهن ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائيندس اهو روزو انهن تي لازم ٿي پوندو هو بي بي مريم بہ ان ڏينهن انهيءَ قسم جو روزو رکيو هو مگر محمد ﷺ جي امت تي ان قسم جا روزا نہ آهن رسول الله ﷺ جن اهڙن روزن کان منع فرمائي والله اعلم.

## بي بي مريم جو عيسيٰ عليہ السلام کي وٺي بيت المقدس ۾ قوم ڏي اچڻ ۽ ماڻهن جو گهٽ وڌ ڳالهائڻ

پوءِ بي بي مريم عليہ السلام حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي وٺي بيت المقدس ۾ قوم ڏي آئي. اتي خلق جو ميڙ ٿيو ان ميڙ بي بي تي ملامت ڪئي ۽ چيائونس تہ اي مريم بيشڪ بڇڙي شيءَ آندي اٿئي قوم چيس تہ اي هارون جي ڀيڻ تو کي چا ٿيو تنهنجو پيءُ تہ نيڪ مرد هو ۽ بدڪار نہ هو. نڪا تنهنجي ماءُ بدڪار هئي.

سمجهڻ گهرجي تہ قوم جي ماڻهن بي بي مريم کي چيو تہ اي هارون جي ڀيڻ تنهن جو مطلب اهو نہ آهي تہ بي بي مريم حضرت موسيٰ عليہ السلام جي ڀاءُ هارون جي ڀيڻ هئي "هارون جي ڀيڻ" جو استعارو جي نيڪ عورت لاءِ ڪم آڻيندا هئا.

تفسير تنوير الايمان واري جلد 2 صفہ 64 تان لکيو آهي تہ عمران ٻہ آهن هڪڙو عمران پهريون جيڪو حضرت موسيٰ عليہ السلام جو والد هو ۽ ٻيو عمران بي بي مريم جو والد هيو عمران پهرين ۽ ٻئي عمران جي وچ ۾ 1800 ارڙهن سَوَن ورهن جو (فرق) وقفو آهي. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو تہ بي بي مريم حضرت موسيٰ عليہ السلام جي ڀاءُ حضرت حضرت هارون عليہ السلام ۾ ڪيترن سَوَورهيہ جو وقفو آهي يعني بي بي مريم حضرت هارون کان ڪيترائي سَوَورهيہ پوءِ پيدا ٿي آهي. تنهنڪري حضرت هارون عليہ السلام ۽ بي بي مريم پاڻ ۾ ڀاءُ ڀيڻ نہ آهن پهرين عمران جو پٽ حضرت هارون عليہ السلام حضرت موسيٰ عليہ السلام جو ڀاءُ بني اسرائيلن ۾ پرهيزگاري ڪري مشهور معروف هو تنهنڪري بي بي مريم کي پرهيز گاري ڪري ان جي ڀيڻ چيو ويو آهي. جو انهن ۾ اها روش هئي جو نيڪ ماڻهو کي اڳين نيڪن سان نسبت ڏيندا هئا صحيح مسلم،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترمذي ۽ نسائي ۾ حضرت مغيرؓ روايت ڪئي آهي تہ حضرت رسول الله ﷺ جن مون کي نجران ڏي موڪليو پوءِ اتي جي نصارن مون کان سوال پڇيو تہ اوهين قرآن ۾ پڙهو ٿا

يَٰٓأُخۡتَ هَٰرُونَ اي هارون جي ڀيڻ باوجود هن جي تہ حضرت هارون عليہ السلام بي بي مريم کان ڪيترا ورهيہ اڳي هو پوءِ حضرت مغيرهؓ فرمايو تہ جڏهن آءُ حضرت رسول الله ﷺ وٽ آيس تہ حضرت جن کان پڇيم تڏهن پاڻ فرمايائون اِنـَّهُمۡ كَانُوا يَسۡمَعُونَ بِالۡاَنۡبِيَاءِ وَالصَّالِحِينَ قَبۡلَهُمۡ مطلب تہ هتي هارون مان مراد حضرت موسيٰ عليہ السلام جو ڀاءُ نہ آهي، بلڪہ انهن ڏينهن ۾ ماڻهو تبرڪ جي طرح پيغمبرن ۽ صالحن جا نالا رکندا هئا ان مان پتو پوي ٿو تہ ان دستور مطابق سيده مريم جي هڪ ڀاءُ جو نالو هارون هو. هن ۾ ماڻهن جو هي مطلب هو تہ اي مريم! تون تہ اهڙي پاڪ خاندان جي ڌيءُ آهين جو تو کي حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت هارون عليہ السلام جهڙي متقين جي ڀيڻ چئي سگهجي ٿو تو کان نالائق حرڪت ڪيئن ٿي؟

بني اسرائيلن بيبيءَ کي مٿيون (بهتان) اوپالو (مهڻو، طعنو) ڏنو تڏهن بي بي هٿ سان اشارو ڪري چين تہ مون کي ڳالهائڻو نہ آهي باقي جيڪي اوهان کي پڇڻو آهي تہ هن ٻار کان پڇو تڏهن انهن چيو تہ تون اسان سان (چٽر) مسخري ٿي ڪرين جو پينگهي ۾ سمهندڙ ٻار سان ڪيئن ڳالهايون.

## حضرت عيسيٰ عليهم السلام جو قوم کي پينگهي مان جواب ڏيڻ

جڏهن بي بي مريم بني اسرائيلن کي ٻار جي ڳالهائڻ لاءِ اشارو ڪيو ان وقت حضرت عيسيٰ عليہ السلام وڏي آواز سان هن طرح فرمايو تہ آءُ الله تعاليٰ جو ٻانهو آهيان الله تعاليٰ مون کي ڪتاب انجيل ڏنائين ۽ مون کي نبي ڪيائين ۽ مون کي برڪت وارو ڪيائين جتي بہ هجان ۽ مون کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڪيائين جيستائين جيئرو هوندس تيستائين الله تعاليٰ جا حڪم پورا ڪندس ۽ منهنجي ماءُ لاءِ مون کي نيڪوڪار ڪيائين ۽ مون کي هٺيلو بدبخت نہ ڪيائين مون تي سلام آهي جنهن ڏينهن آءُ پيدا ٿيس ۽ جنهن ڏينهن وفات ڪندس ۽ جنهن ڏينهن قيامت ۾ جيئرو ٿي اٿندس اهو حضرت عيسيٰ عليہ السلام پٽ مريم جڏهن بني اسرائيلن حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو اهو معجزو ڏٺو تہ سڀني کي تعجب ٿيو ۽ خاموش ٿي ويا ۽ بي بي مريم تي اعتراض ڪرڻ ڇڏي ڏنائون ان ڏينهن جي ڳالهائڻ کان پوءِ حضرت عيسيٰ عليہ السلام ننڍي هوندي وري ڪجهہ نہ ڳالهايو والله اعلم.

## آيت نمبر 52 کان آيت نمبر 53: حضرت موسيٰ عليہ السلام جو قصو

حضرت موسيٰ عليہ السلام الله تعاليٰ جو ٻانهون هو اسان حضرت موسيٰ عليہ السلام کي سندس ڇپي پاسي کان طور سينا جبل ۾ آواز ڏنو جڏهن مدين کان موٽي پنهنجي وطن ڏي آيو ٿي تہ اي موسيٰ! آءُ رب العالمين آهيان ۽ اسان ان کي ڳجهي ڪلام لاءِ ويجهو ڪيو تہ هو اسان جو ڪلام ٻڌي ۽ اسان سان هم راز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي ۽ اسان ان کي پنهنجي مهرباني؏ سان سندس ڀاءُ هارون کي بہ نبي ڪيو جو سندس ساٿي ۽ مددگار ٿيو.

## حضرت اسماعيل عليہ السلام جو قصو

آيت نمبر 54 کان آيت نمبر 55 ۾ ڪتاب جو قصو حضرت اسماعيل عليہ السلام جو ياد ڪر تحقيق اهو سچي واعدي وارو هو ۽ رسول هو ۽ پنهنجي اهل کي نماز ۽ زڪواة جو امر ڪندو هو ۽ پنهنجي رب وٽ پسند هو.

## حضرت ادريس عليہ السلام جو قصو

آيت نمبر 56 کان آيت نمبر 57 احضرت دريس عليہ السلام کي ڪتاب ۾ ياد ڪر تحقيق اهو سچو نبي هو ۽ چاڙهيوسون ان کي بلند مڪان (آسمان) تي

آيت نمبر 58 گذريل نبين جو برگزيده هجڻ

* نماز ڇڏڻ جو بيان
* ملائڪ الله تعاليٰ جي حڪم سان لهندا آهن.

آيت نمبر 71 ۽ آيت نمبر 72 هر هڪ دوزخ (يعني پلصراط) تان گذرندو

آيت نمبر 71 کان آيت نمبر 71 جو ترجمو: ۽ اوهان مان ڪوبہ نہ آهي مگر ان تان لنگهندڙ آهي. اهو واعدو تنهنجي رب تي لازم واعدو ڪيل آهي (72). پوءِ انهن کي ڇڏيندا سون جن تقويٰ ڪئي ۽ ظالمن کي گوڏن ڀر ڪريل ڇڏيندا سون.

* قيامت جي منڪر کي جواب ۽ سزا
* آيت نمبر 76: الله تعاليٰ هدايت وارن کي گهڻو ڏي ٿو.
* قيامت جي ڏينهن ڪافرن جا بت پڪا دشمن هوندا
* قيامت جي ڏينهن مؤمن الله پاڪ جا مهمان ۽ ڪافر دوزخ جا مهمان هوندا
* آيت نمبر 87 شفا ڪير ڪري سگهندا. ترجمو: جنهن الله وٽان انجام ورتو تنهن کان سواءِ (ٻيا ڪي) شفا ڪري نہ سگهندا.
* نيڪو ڪارن سان الله تعاليٰ دوستي رکي ٿو
* پڙهندڙن لاءِ عرض آهي تہ بي بي مريم جو قصو جيڪو ۽ جيترو هن سورت ۾ جتان کان شروع ٿيو آهي اهو لکيو آهي. باقي بي بي مريم جي والدين يعني پيءُ ۽ ماءُ جو ذڪر، عمران جي زال جي ٻاس جڏهن بي بي مريم پيٽ ۾ هئي، ۽ بي بي مريم جي پالنا جو ذڪر سورت آل عمران ۾ آهي. اتان پڙهندا.

## سورت مريم جون ڀلايون ۽ برڪتون

1. عالمن ۽ ڪاملن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر روز فجر جي نماز کان پوءِ نهايت صحيح لفظن سان هي سورت مبارڪ اول ۽ آخر (11) يارهن ڀيرا درود شريف پڙهي تہ اهو آخرت جي ثواب حاصل ڪرڻ سان گڏ دنيا ۾ بہ دولت مند ۽ خوش حال گذاريندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. جيڪڏهن ڪنهن شخص جي مڙسي ختم ٿي ويئي هجي تہ ڪنهن ڪامل مرشد کي هي سورت پڙهي ٻڌائي ان ڪان اجازت وٺي ٽي (3) ڀيرا روز يارهن (11) ڏينهن پڙهڻ سان ويل مڙسي واپس ايندس اول ۽ آخر درود شريف پڙهڻ سان وڏيڪ فائدو ۽ برڪتون حاصل ٿينديون.و الله الموفق والمعين.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (20) سورت طـه (مکية آيات 135)

طـــه لفظ مقطعات آهي جنهن جي معنيٰ صرف الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو هن سورت جو نالو طـــه ان ڪري رکيو ويو آهي جو هن سورت جي شروعات طـه لفظ سان ٿيل آهي. طـه لفظ آيت نمبر 1 ۾ آهي.

هن سورت جي اول ۾ حضرت جن سان الله تعاليٰ خطاب ڪري تهجد جي تڪليف ڪرڻ بابت حڪم فرمايو آهي.

هن سورت جي شروعات وارين آيتن ۾ نبي پاڪ ﷺ جن ڪي تسلي ڏني ويئي آهي تہ هي قرآن ان قادر مطلق نازل فرمايو آهي جنهن جي ڪبريائي جي سامهون ڪائنات جي هر شئي ڪنڌ جهڪايو بيٺي آهي ان جي ڪري اوهان تي هي قرآن ان جي لاءِ نازل نہ ڪيو ويو آهي تہ اوهان رنج تڪليف ۾ مبتلا ٿيو يقيناً اوهان کي مليل دين پکڙجندو ۽ ڪاميابي اوهان جا قدم چمندي.

هن سورت ۾ تفصيل سان حضرت موسيٰ عليہ السلام جو قصو بيان ٿيل آهي.

هن ۾ تحت الثريٰ جو ذڪر

حضرت موسيٰ عليہ السلام جي قصي ۾ ڪي عنوان ڏجن ٿا تہ جيئن قصو سمجهہ ۾ اچي وڃي.

1. (آيت نمبر 25 کان 31) حضرت موسيٰ عليہ السلام جي دعا
2. حضرت موسيٰ عليہ السلام جي دعا قبول ۽ والده کيس پيٽيءَ ۾ وجهي درياءَ ۾ اڇلڻ ۽ اتان نڪرڻ
3. حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت هارون عليہ السلام جو فرعون ڏانهن وڃڻ کيس ا تعاليٰ جو حڪم پڌائڻ ۽ فرعون جو سوال ڪرڻ
4. حضرت موسيٰ عليہ السلام جو فرعون کي جواب ڏيڻ
5. انسان زمين مان آهي ۽ ان ۾ داخل ٿيندو
6. جادوگرن جو ميدان ۾ اچڻ
7. جادوگرن جو جادو اڇلڻ ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام جي لٺ کي اڇلڻ
8. جادوگرن جو حق کي ڏسي ايمان آڻڻ ۽ کين فرعون جو ڌيڄارڻ
9. جادوگرن جو فرعون کي صاف جواب ڏيڻ
10. فرعون جادوگرن کي ڦاسي ڏني يا نہ
11. حضرت موسيٰ عليہ السلام جو درياءَ جي طرف وڃڻ ۽ فرعون جو ٻڏڻ
12. بني اسرائيل جي فرعون کان نجات
13. حضرت موسيٰ عليہ السلام جو (70) ستر ماڻهن کي وٺي طور سينا تي وڃڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

14. سامري جو قصو

15. هن سورت ۾ جبلن بابت سوال ۽ جواب.

آيت نمبر 109 **شفاعت جو بيان** ان ڏينهن ڀيو ڪو به شفاعت ڪري نه سگهندو مگر جنهن کي الله تعاليٰ موڪل ڏيندو ۽ ان جي ڳالهائڻ کان خدا راضي ٿيندو اهو ئي شفاعت ڪندو.

آيت نمبر 114 علم جي واڌاري لاءِ دعا گهرڻ

آيت نمبر 115 کان آيت نمبر 123 حضرت آدم عليه السلام جو قصو هتي (7) ستون ڀيرو آيو آهي.

آيت نمبر 115 بيشڪ آدم کي اڳ حڪم ڪيو هوسون پوءِ وساريائين سندس ڪا پڪي ارادي وارو نه لڌوسون تفسير حافظ ابن ڪثير حضرت ابن عباس رضي الله عنه جو نقل آندو آهي ته ان سڳوري فرمايو آهي ته:

**انما سمي الانسان لانه عهداليه فنسي.** يعني انسان تي جو انسان نالو پيو آهي سو هن ڪري جو ان سان الله تعاليٰ انجام ڪيو هو پوءِ ان کي نسيان يعني ويسر ٿيس. انهيءَ آدم جي نسيا مان جو نالو پيو جيئن عربي ۾ ناس معنيٰ ماڻهو يا ويسر وارو والله اعلم.

آيت نمبر 116 اسان ملائڪن کي چيو ته حضرت آدم عليه السلام کي سجدو ڪريو سڀني ملائڪن اسان جي حڪم موجب سجدو ڪيو مگر ابليس قبول نه ڪيو يعني انڪار ڪيو (117)، پوءِ اسان حضرت آدم عليه السلام کي چيو تحقيق هي تنهنجو دشمن آهي ۽ تنهنجي عورت (زال) جو پوءِ متان اوهان ٻنهين کي بهشت مان ڪڍي (118)، پوءِ ڏک ۾ پوين تحقيق تو لاءِ بهشت آهي ان ۾ نه بکيو ٿيندين نه اگهاڙو (119) ۽ نه تون اڃايل ٿيندين ۽ نه ان ۾ گرمي ٿيندين (120) پوءِ شيطان ان کي وسوسو وڌو چيائين ته اي آدم توکي ڏس ڏيان چا هميشه رهڻ جي وڻ جو ۽ هميشگي جي بادشاهي جو جا پراڻي نه ٿئي (121) پوءِ وڻ مان کاڌائون پوءِ انهن تي سندين اگهڙ انهن تي ظاهر ٿي ۽ پاڻ تي پن تي ويڙهيائون بهشت جي پنن مان ۽ حضرت آدم عليه السلام پنهنجي رب جي نافرماني ڪئي (122) پوءِ واٽ گم ڪيائين پوءِ ان کي سندس رب سڳورو ڪيو پوءِ توبه قبول ڪيائين (123) ۽ هدايت ڪيائين خدا فرمايو ته هيٺ لهو ان کان ٻئي، اوهان مان ڪي ڪن جا ويري ٿيندا پوءِ اچي اوهان وٽ منهنجي طرفان هدايت پوءِ جيڪو منهنجي هدايت جو تابع ٿيندو سو نه گمراهه ٿيندو نه ڪي ڏک ڏسندو.

## حضرت آدم عليه السلام جو حضرت موسيٰ عليه السلام جو پاڻ ۾ تڪرار

صحيح مسلم ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان هي حديث آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو ته

حديث احتجَّ ادم و موسيٰ فقال موسيٰ يا ادم انتَ ابُونَا اخرَجتَنَا منَ الجنة فقالَ له ادم انتَ يا موسيٰ اصطَفٰكَ الله بعلامه وَخطَّ لكَ التوراةَ بيده بكَم وَجَدت الله كَتَبَ التوراةَ قَبل ان اخلَقَ قَالَ مُوسيٰ باربَعين سنَة قَالَ فَهَل وَجدت فيهَا و عَصيٰ آدم رَبَه فَغويٰ قَال نعم فَهل تلومني عليٰ ان عَملت عملاً كَتَبَ الله عَلَي قبل ان يخلقني باربَعين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قال رسول الله صلي الله عليہ وسلم فاحتج ادم و موسيٰ. ترجمہ: حضرت آدم عليہ السلام ۽ حموسيٰ عليہ السلام پاڻ ۾ تڪرار ڪيو حضرت موسيٰ عليہ السلام کي چيو تہ اي حضرت آدم عليہ السلام! تو اسان جو ڏاڏو آهين ۽ تو ڪٽڪ جو داڻو کائي اسان کي بهشت مان ٻاهر ڪڍيو تڏهن حضرت آدم عليہ السلام چيس تہ اي حضرت موسيٰ عليہ السلام الله تعاليٰ توکي پنهنجي ڪلام ٻڌائڻ لاءِ برگزيده ڪيو ۽ پنهنجي هٿ سان تنهنجي لاءِ توريت لکيائين توکي خبر آهي مون کي ٻڌاءِ تہ الله تعاليٰ منهنجي پيدا ڪرڻ کان اڳي ڪيترا ورهيہ توريت لکيو؟ حضرت موسيٰ عليہ السلام چيس تہ تنهنجي پيدا ڪرڻ کان (40) چاليهہ ورهيہ اڳ الله تعاليٰ توريت لکيو تڏهن حضرت آدم عليہ السلام چيس تہ پلا توريت ۾ تو ائين لکيل ڏٺو هو تہ آدم گناهہ ڪيو؟ پوءِ واٽ گم ڪيائين چيائين تہ هائو! مون برابر توريت ۾ اهڙي طرح لکيل ڏٺو. تڏهن حضرت آدم عليہ السلام چيس تہ پوءِ تون مون کي چو ٿو ملامت ڪرين؟ ان ڪم تي جو مون کان ٿيو جنهن کي جو خدا تعاليٰ مون کان اڳي چاليهہ ورهيہ لکائي ڇڏيو هو رسول الله ﷺ فرمايو تہ حضرت آدم عليہ السلام کي حجت ۽ تڪرار ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام تي غلبو ٿيو.

## خدا تعاليٰ جي تقدير ۽ قضا جو بحث

قضا تي بحث ڪيترن مفسرن پنهنجن تفسيرن ۾ ڪيو آهي پر قضا تي بحث ڪرڻ يا لکڻ منهنجي وس جي ڳالهہ نہ آهي هتي قضا يا تقدير بابت مٿي بيان ڪيل حديث جي روشنيءَ ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمۃ الله عليہ جي رسالي "شاهہ جو گنج" مان هڪ وائي جيڪا قضا سان واسطو رکي ٿي ان جو ڪجهہ سٽون لکجن ٿيون:

داستان پنجون سر ڪوهياري ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف جي "وائي"

### وائي

ٿلهہ: منهنجي شهر پنيور ۾، گلا ڪا مَ ڪري
لکيو تان نہ ٽري پڙي جيڏيون
گلا ڪا م ڪري!

1. جو سينگارُ سرتيين، سومون ناهہ ڳري،
2. جهڙي تهڙي حال سين، وڃان پير پري
. جنه وڻ ويهي هَلئا، سَجڻ3 سانگ ڪري
4. لامون تنه وڻ سَنديون لوڏي لايان ڳري
5. قضا جا ڪريم جي ڪنه کان ڪين ٽري
6. جيڪين لکئيو لوح ۾، پاريان سو پري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

7. الله عبداللطيف چئي، شل قادر ڪرم ڪري.

داستان ٻارهون سرديسي بيت

(1)

لکيو جو نراڙ، سو انگ ڪياڙي نه ٿئي
ٻاريو ويٺي ٻار جيڪي لالڻ لکيو لوح ۾

(2)

جتي جيتروين لکيون لوح قلم ۾
تتي تيتريون گهڙيون گهارڻ آئيون

(3)

اي ڪَرمُ ڪريم جو قضا ڪيو ڪوءِ
جَنين لکيو جوءِ سوئي ٿي لوڙيان

حضرت آدم عليه السلام الله تعاليٰ جا شڪرانا ڪندي فرمائي ٿو ته اهي مالڪ جا احسان آهن جنهن منهنجي دعا صدقي حضرت محمد ﷺ جي قبول فرمائي ۽ مون تان قضا معاف ڪري ۽ مون کي نوازيو. اڳي جي احسانن تي بيت جيڪو حضرت آدم عليه السلام تي الله تعاليٰ احسان ڪيا ان جي ترجماني ڪندي داستان ائون سُرُ سريراڳ ۾ هڪ بيت هن طرح فرمايو آهي.

بيت

”جيڪي منجهه جهان سا سڀ صفت تنهنجي
قادر تنهنجي قدرت جا، مڙيئي مڪان
”وَ الله عَليٰ كُل شيء قدير“ ڪهيو ٿي قرآن
پدمن ڪان پري ٿيا، تو آگي جا احسان
ظاهر ساڻ زبان چئي چئان ڪيترا

**هن سورت ۾ ڪجهه الله تعاليٰ جا حڪم هيٺ ڏائجن ٿا.**

* الله تعاليٰ جي ذڪر کان منهن موڙڻ جي سزا
* نماز جي (5) پنجن وقتن جو بيان / نماز جو تاڪيد
* دنيا چند ڏينهن لاءِ آهي.
* مڪي جي ڪافرن جو اعتراض محمد ﷺ پڌرو معجزو ڇو نه ٿو آڻي انهن کي الله تعاليٰ جو جواب ته أَوَلَمْ تَأْتِهِم بَيِّنَةُ مَا فِي الصُّحُفِ الْأُولَىٰ ﴿١٣٣﴾ ترجمو: انهن وٽ نشاني نه آئي ڇا؟ جا پهرين ڪتابن ۾ آهي حضور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن جو وڏو معجزو نہ ٿا ڏسن تہ حضور جن مڪتب، مدرسي ۾ نہ پڙهيا سڄي عمر اڻپڙيل اڻلکندڙ اُمي رهيا نہ ڪنهن اهل ڪتاب کان ڪجهہ پڙائون نہ ڪنهن پڙهيل سان صحبت ڪيائون تنهن هوندي بہ هي ڪتاب قرآن شريف اهو آندو اٿس جنهن ۾ اڳين ماڻهن جا قصا ۽ سڀ احوال سچا آهن جي اڳين ڪتابن ۽ صحيفن سان بلڪل پورا موافق آهن ان کان وڌيڪ ڪهڙو معجزو يا نشاني ٿي سگهي ٿي. ان نشانيءَ تي غور نہ ٿا ڪن.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

## (21) سورت الانبياء (مکية آيات 112)

هن سورت جو نالو الانبياءَ ان جي ڪري رکيو ويو آهي هن سورت ۾ (16) سورهن نبين جو ذڪر ٿيل آهي جن جا نالا هي آهن.

1. حضرت ابراهيم عليہ السلام، 2. حضرت موسيٰ عليہ السلام، 3. حضرت هارون عليہ السلام
4. حضرت لوط عليہ السلام، 5. حضرت اسحاق عليہ السلام، 6. حضرت يعقوب عليہ السلام
7. حضرت دائود عليہ السلام، 8. حضرت سليمان عليہ السلام، 9. حضرت ايوب عليہ السلام
10. حضرت اسماعيل عليہ السلام، 11. حضرت ادريس عليہ السلام،
12. ذوالڪِفل عليہ السلام جو ترجمو (نصيب وارو)
13. حضرت ذڪريا عليہ السلام، 14. حضرت يحيٰ عليہ السلام
15. حضرت عيسيٰ عليہ السلام، 16. حضرت محمد رسول الله عليٰ نبينا محمد وعليٰ جميع الانبياء والمرسلين، حضرت بيبي مريم ﷺ جو قصو بہ آهي. (حصوالہ تفسير تنوير الايمان جلد 6 صفہ 143)

سڀ پيغمبر الله تعاليٰ جي طرفان چونڊيل آيا هئا انهن جي چوڻ جو مقصد هو الله تعاليٰ جو پيغام جيڪو سندس ڪتابن ۽ صحيفن ۾ آهي اهو ماڻهن تائين پهچائڻ يعني الله تعاليٰ جي پيغام جي تبليغ ڪرڻ. توحيد جي دعوت ڏيڻ يعني الله تعاليٰ کي هڪ ڪري مڃڻ جو عقيدو، وحدانيت هيڪڙائي تي يقين ڪرڻ. ان سان ڪنهن بہ ٻئي کي شريڪ نہ بنائڻ. قيامت جي اچڻ تي يقين ڪرڻ يعني مرڻ کان پوءِ وري جيئري ٿيڻ تي يقين ڪرڻ. الله تعاليٰ جي طرفان هڪ دين آهي جيڪو دين پنهنجن پيغمبرن ۽ سندس ڪتابن ۽ صحيفن جي ذريعي ٻڌايو آهي اهو سڀني نبين جو دين آهي انهيءَ دين جي تبليغ سڀني نبين ڪئي آهي. اهوئي دين حضرت محمد ﷺ جن جو آهي. جنهن جي پاڻ تبليغ ڪري رهيو آهي.

سڀني نبين کي تبليغ جي دوران طرحين طرحين تڪليفون، مصيبتون آيون پر آخرڪار الله تعاليٰ جي طرفان غير معمولي طريقن سان پنهنجي پيغمبرن جي مدد فرمائي المقصد تہ الله تعاليٰ جي طرفان انسان ذات جو اصل دين اهوئي هڪ آهي ۽ ٻيا جيترا بہ مذهب دنيا ۾ ٿيا آهن سي رڳو گمراهہ انسانن جا ٺاهيل آهن جنهن ۾ رڳو تفرقا، فساد ۽ فتنا آهن.

آخر ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ انسان جي ڇوٽڪاري جو دارومدار انهيءَ هڪ دين جي پيروي ڪرڻ ۾ آهي جيڪو الله تعاليٰ جي طرفان نازل ٿيل آهي اهوئي سچو رحمت آهي.

هن سورت جي شروعات تي قيامت جي بحث سان ڪئي ويئي آهي ۽ بيان ڪيو ويو آهي تہ ماڻهو ان کان غافل آهن ۽ اهي جڏهن قرآن ٻڌن ٿا تہ لڙ ۽ گوڙ ڪن ٿا ۽ سندن دليون فضوليات ۾ مشغول آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ســــــورت جي مختلف آيتن ۾ آسمان ۽ زمين واري مخلوق جو ذڪر آهي ۽ آخر ۾ انهن سيني جي لاءِ موڪليل رحمت واري نبي ڪريم ﷺ جن جو ذڪر آيو آهي ٻين لفظن ۾ چئجي تہ پهرين آيت ۽ آخري آيتن ۾ قيامت واري ڏينهن يعني حساب واري ڏينهن شفاعت ڪرڻ وارو بہ موجود هوندو (حوالہ نعيمي ص 11 جلد 17 ۽ ورتل تفسير احسن البيان في تفسير القرآن جلد 6 صفہ 173).

هن سورت ۾ رب العالمين جي وحدت جا دلائل ڏيڻ کان پوءِ انهن مشرڪن جو حال بيان ڪيو ويو آهي جيڪي الله تعاليٰ جي رسول ڪريم ﷺ جن سان چٽرون ٺوڪون ڪري ملندا هئا ۽ ڪين ڪوڙو چوندا هئا ۽ انهن جي ان حالتن بيان ڪرڻ کان پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي ان طريقي، اصول کي بيان ڪيو ويو آهي جنهن جي تحت سرڪشن ۽ مجرمن کي هلاڪ ڪندو آهي.

تفهيم القرآن خلاصو 2 صفحہ 350 تي مرڪزي مضمون تي بحث هن ريت ڪيو آهي.

هن سورت ۾ ان چڪتاڻ تي بحث ٿيل آهي جيڪا نبي ڪريم ﷺ ۽ قريشن جي سردارن جي وچ ۾ برپا هئي اهي ماڻهو حضور ﷺ جن کي نبوت جي دعوا ۽ توحيد جي دعوت يعني الله تعاليٰ کي هڪ ڪري مڃڻ جو عقيدو، وحدانيت ۽ هيڪڙائي تي يقين ڪرڻ، قيامت واقع ٿيڻ تي جيڪي شڪ شبها ۽ اعتراض پيش ڪندا ها تن جو جواب ڏنو ويو آهي.

قريش جي طرفان پاڻ سڳورن ﷺ جي مخالفت ۾ جيڪي ستون ستيون ٿي ويون تن تي داٻ دڙڪو ڪيو ويو آهي ۽ انهن حرڪتن جو برن نتيجن کان آگاهہ ڪيو ويو آهي ۽ آخر ۾ اهو احساس ڏياريو ويو آهي تہ جنهن شخص کي توهان پنهنجي لاءِ زحمت مصيبت سمجهي رهيا آهيو سو حقيقت ۾ توهان جي لاءِ رحمت ٿي آيو آهي

1. قريش جو هي تصور هو تہ زندگي بس هڪ راند آهي جنهن کي ٿورڙا ڏينهن رهي بس ائين ئي ختم ٿيڻو آهي. ان جو ڪو حساب ڪتاب نہ آهي ان تي وڏي اثرائتي انداز ۾ ان جو ٽوڙ ڪيو ويو آهي.

2. شرڪ تي سندن اصرار ۽ توحيد جي خلاف سندن جاهلاڻي تعصب جي سڌاري لاءِ مختصر پر تمام وزني دليل ڏنا ويا آهن.

3. مڪي جي ڪافرن جي هيءَ غلط فهمي تہ بشر (انسان) ڪڏهن بہ رسول نٿو ٿي سگهي ۽ ان ڪري نبي ڪريم ﷺ کي رسول مڃڻ کان انڪار ڪرڻ ان جو وڏي تفصيل سان رد ڪيو ويو آهي.

4. مڪي جي ڪافرن جا پاڻ سڳورن تي ۽ قرآن تي اعتراض ڪندا هئا قرآن جي باري ۾ چوندا هئا تہ هي شاعري آهي اهي اجايا خيال آهن، اهي جڙتو افسانا آهن الله تعاليٰ جي گڏيل جواب آهي مڪي جي ڪافرن کي تہ ان ڪتاب ۾ آخر کهڙي نرالي ڳالهہ آهي جيڪا اوهان جي سمجهہ ۾ نہ ايندي هجي جنهن جي ڪري ان بابت توهان پنهنجا رايا قائم ڪري رهيا آهيو ان ۾ تہ توهان جو پنهنجو ئي ذڪر ڪيو ويو آهي ڇا توهان سمجهو نہ ٿا "ملائڪ الله تعاليٰ جي مرضي کان سواءِ ڪنهن جي شفاعت ۽ سفارش نہ ڪندا آهن يعني جو جنهن جي حق ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شفاعت ۽ سفارش ڪندا آهن جنهن کان خدا خوش هجي ۽ اهو ايماندار ۽ نيڪو ڪار به هجي.

اڳيان اسان حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ هارون کي فرقان، (روشني) ۽ ذڪر ڏنوسون انهن پرهيز گارن جي ڀلائي لاءِ.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته قيامت ڏينهن اسين عدل جي ساهمي رکنداسون پوءِ ڪنهن ماڻهو سان ظلم نه ڪيو ويندو. ڪجهه به ۽ جي ماڻهو جو عمل اهر جي داڻي برابر هوندو ان کي به حاضر ڪنداسون ۽ اسين حساب ڪندڙ ڪافي آهيون هت ياجوج ۽ ماجوج جو قصو بيان پڻ ٿيو آهي قيامت جي ڏينهن آسمان جي ويڙهجي وڃڻ وارو ذڪر به هن سورت جي آيت نمبر 104 ۾ موجود آهي.

هي آهي هن سورت جو جامع يا مرڪزي مضمون باقي هن سورت ۾ ڪافي ڳالهيون موجود آهي هن سورة کي غور ڪري پڙهڻ سان توهان کي معلوم ٿي ويندو.



قرآن پاڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا الله الرحمن الرحيمر

## (22) سورت الحج (مدينة آيات 78)

الحج لفظ هن سورت جي آيت نمبر 27 مان وَاَذِّنۡ فِی النَّاسِ بِالۡحَجِّ مان ورتل آهي.

حج عربي جو لفظ آهي سنڌي ڪا لغت حج جي معنيٰ آهي ڪعبة الله جي طواف ۽ ٻين احڪامن جو عبادت جي نيت سان ارادو حج اسلام جو هڪ رڪن آهي (جيڪو 9 ذوالحج تي عرفات جي ميدان تي ادا ٿئي)

تفسير تنوير الايمان جلد 6 صفحہ 223 لکي ٿو تہ هن سورت تي سورت الحج جو نالو هن ڪري پيو جو هن سورت ۾ حج ۽ ان سان لاڳاپيل احڪامن جو بيان ٿيل آهي جيئن هن سورت جي آيت نمبر 26 کان 29 ۾ فرمايل آهي جيڪي هن طرح آهي.

آيت نمبر 26 ۾ ياد ڪر جڏهن ابراهيم لاءِخانہ ڪعبہ کي مقرر ڪيوسون تہ مون سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ نہ ڪر ۽منهنجو گهر پاڪ ڪر طواف ڪندڙ ۽ بيهندڙن ۽ رڪوع ڪندڙن ۽ سجدي ڪندڙن لاءِ.

آيت نمبر 27 ۽ ماڻهن ۾حج جو آواز ڏي تہ اچن توو ٽ پيادا ۽ سوار سڀ ڪنهن ڏٻري سٻري اٺ تي سڀ ڪنهن پراهين رستي کان ايندا.

آيت نمبر 28 تہ پنهنجن فائدن لاءِ حاضر ٿين ۽ الله تعاليٰ جو نالو ياد ڪن معلوم ڏينهن ۾ ان تي جيڪي انهن کي رزق ڏنو آهي چوپاين وهڻن جي قسم مان پوءِ ان مان کائو ۽ محتاج فقيرن کي کارايو.

آيت نمبر 29 پوءِ گهرجي تہ پنهنجي بت جي مَرُ پري ڪن ۽ پنهنجا نذرانا پورا ڪن ۽ هن کان آڳاٽي گهر جو طواف ڪن.

هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ قيامت جو بيان ٿيل آهي جن الله تعاليٰ تي ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ا تعاليٰ انهن کي بهشت ۾ داخل ڪندا جن جي هيٺيان نهرون وهن ٿيون.

آيت نمبر 17 دنيا ۾ گهٽو ڪري 6 قسمن جا ماڻهو آهن جن جو ذڪر هن آيت ۾ ٿيل آهي. 1. مومن مسلمان، 2. يهودي، 3. صابي تارا پوڄيندڙ، 4. نصارا عيسائي، 5. مجوسي (گبر ۽ آتش پرست)، باهہ جا پوڄاري جن کي هن ملڪ ۾ پارسي ڪري سڏيندا آهن، چو تہ انهن اصل وطن فارس يعني ايران آهي، 6. مشرڪ ڪافر در حقيقت هدايت تي اهو فرق آهي جنهن کي الله تعاليٰ هدايت ڏني آهي اهي سلام وارا آهن.

آيت نمبر 18 هن آيت ۾ بيان ٿيل آهي تہ هر شيءِ الله جو سجدو ڪري ٿي.

حرام کي ڇڏڻ ۽ حلال کي کائڻ جو حڪم

آيت نمبر 32 کان آيت نمبر 33 حج جي قرباني ءِ جو حڪم

آيت نمبر 36 قرباني جي اٺ کي اوهان لاءِ الله تعاليٰ جي نشانين مان ڪيو آهي، انهن ۾ چڱائي آهي پوءِ انهن تي الله جو اسم ياد ڪريو پوءِ جڏهن زمين تي ڪري پاسو ان جو پوءِ ان مان کائو ۽ کارايو فقير نہ گهرندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ۽ سوال ڪندڙ کي بہ اهڙي طرح اسان انهن کي اوهان لاءِ مطيع ڪيو تہ من اوهين شڪر ڪريو.

آيت نمبر 37 قرباني جو گوشت ۽ ان جو رت خدا کي نہ ٿو پهچي پر اوهان مان ان کي پرهيز گاري پهچي ٿي.

آيت نمبر 39 هن آيت الله تعاليٰ مومنن کي ڪافرن سان جهاد ڪرڻ جي موڪل آهي ڇو تہ ڪافر مومنن سان ناحق وڙهن ٿا الله تعاليٰ مؤمنن جي فتح ۽ مدد ڏيڻ تي قادر آهي.

مڪي جي ڪافرن جو عذاب گهرڻ

آيت نمبر 58 جن خدا جي راهہ ۾ هجرت ڪئي ۽ پوءِ ڪُٺا ويا يا مري ويا تہ خدا انهن کي روزي ڏيندو چڱي روزي ۽ تحقيق الله تعاليٰ بهتر روزي ڏيندڙ آهي.

## توحيد جو بيان

آيت نمبر 73 ۾ مکين جو مثال: هن آيت ۾ الله تعاليٰ ٿو فرمائي اي انسانو هڪ مثال ڏنو وڃي ٿو غور سان ٻڌو جن معبودن کي توهان الله تعاليٰ کان سواءِ پڪاريندا آهيو سي سڀ گڏجي ڪري هڪ مک بہ پيدا ڪرڻ گهرن تہ نٿا ڪري سگهن پر جيڪڏهن مک ڪانئن ڪا شيءِ کسي وڃي تہ اهي ان کان ڇڏائي بہ نہ سگهندا مدد گهرڻ وارا بہ هيٺا ۽ جن کان مدد گهري وڃي ٿي سي بہ هيٺا آهن.



مُقامِ ابراهيم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا لله الرحمن الرحيم

## (23) سورت المؤمنون (مکية آيات 118)

المؤمنون لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي عربي لغت ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ايمان آڻڻ وارو مرد

تفسير تنوير الايمان جي جلد 6 صفه 287 تي لکيل آهي تہ هن سورت جو نالو مؤمنون رکيو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ هن سورت ۾ مؤمنن ايماندارن جو ذڪر آهي ان سورت ۾ مؤمنن جي انعام ۽ ڪافرن جي مصيبتن ۽ خرابين وغيره جو بيان آهي.

احسن البيان في تفسير القرآن واري لکيو آهي تہ هن سورت جي شروعاتي (10) ڏهن آيتن ۾ مؤمنن جي صفتن ۽ انعام جو ذڪر آهي جيڪي اسلام جي نور سان پنهنجي دلين کي منور ڪندي پنهنجي عملن ۽ جذبات کي قرآن ڪريم جي پيش ڪيل قانون جي هيٺيان رکن ٿا شروعاتي آيتن ۾ ارشاد ٿيو آهي تہ اهڙي قسم جي ماڻهن مٿان پنهي جهانن جي ڪاميابي جو تاج رکيو ويندو اهي ماڻهو آهن فردوس اعليٰ جو نعمتون انهن جي انتظار ۾ آهن.

نبي ڪريم ﷺ جن جي طرفان توحيد ۽ قيامت قائم ٿيڻ واري عقيدي بيان ڪرڻ تي ڪافرن کي اعتراض هو تہ انهن جي خيال مطابق اهي عقيدا عقل، تجربي ۽ مشاهدي جي خلاف آهن ان ڪري اهي ڪنهن بہ قيمت تي انهن کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هئا هن سورت ۾ اسلام جي انهن ٻن بنيادي عقيدن جي متعلق انهن جي غلط فهمين کي دور ڪيو ويو آهي سندن سامهون آفاقي ۽ انفسي هر قسم جا دلائل پيش ڪيا ويا آهن انهن کي چيو ويو آهي تہ ذرا پنهنجي پيدائش تي غور ڪيو ڪٿي (مني واري) پاڻيءَ جي ڦڙي ۾ هڪ جرثومو (جراثيم) ۽ ڪٿي ان مان پيدا ڪيل هي حضرت انسان. هيءُ ڪنهن جي قدرت جو ڪرشمو آهي اهڙو عجيب نموني پيدا ڪرڻ ڪنهن جي حڪمت جي جلوه گري آهي ذرا اکيون کولي آسماني بلندين جي طرف نهاريو اتي ڪنهن جي قدرت ۽ صفت جا جلوا نظر اچي رهيا آهن پاڻي جيڪو هر قسم جي زندگي جو سرچشمو آهي ان کي مخلوق تائين پهچائڻ جو انتظام ڪهڙو نہ سهڻي نموني ڪيل آهي ايتري قدر جو جبلن جي چوٽين تي بہ ان ئي مٺا چشما پيدا ڪري ڇڏيا آهن الغرض تہ ان جي مخلوقات ۾ غور ڪرڻ سان سندس قدرت، حڪمت ۽ علم محيط جو اندازو ٿي ويندو جڏهن انهن ڪمال وارين صفتن سان اهوئي موصوف آهي تہ پوءِ ڪيتري ناداني آهي جو ان سان اهڙين شين کي شريڪ بنايو وڃي جن ۾ انهن صفتن مان ڪا بہ صفت موجود ناهي نہ اهي نقصان ڏئي سگهن ٿيون نہ نفعو ۽ غور ڪري ڏسو تہ اهڙي قادر لاءِ جيڪو سيني کي ڏسندڙ سيني کي ڄاڻيندڙ جي لاءِ اوهان کي مرڻ کان پوءِ جيئرو ڪرڻ مشڪل نہ آهي.

هن سورت ۾ ڪجهہ انبياء عظام عليهم الصواة والسلام جا اصول بہ بيان ڪيل آهن ۽ جنهن ناروا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ناجائز. غير مناسب) سلوڪ سان سندن قومون ڪين پيش آيون ۽ انهن جو انجام جيڪو ٿيو اهو بہ بيان ڪيل آهي تانت ڪافر انهن تباهہ ٿيل قوم جي احوال مان عبرت وٺن ۽ حبيب پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي مطمئن رهن تہ سندن ئي حق وارو پيغام بلند رهندو.

مڪي مڪرمہ جا مشرڪ اچي رسول الله ﷺ کي چوندا هئا تہ جيڪڏهن اوهان اسان جي فلاڻي فلاڻي ڳالهہ مڃيو اسان جي راءِ مطابق فلاڻي فلاڻي آيت ۾ ردو بدل ڪيو يا مسڪين اصحابي جيڪي اوهان جي چو طرف ويٺا آهن انهن کي پنهنجي مجلس مان ڪڍي ڇڏيو يا گهٽ ۾ گهٽ جيڪو وقت اسين اچون اهو وقت انهن کي هتان اٿي وڃڻ جو حڪم ڏيو تہ پوءِ اسين توهان جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون شايد انهن کي اهو خيال ڪيو هوندو تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام ۽ اسلام کي اسان جي تعاون جي سخت ضرورت آهي ان جي ڪري اسين ڪهڙا بہ نا معقول شرط لڳائينداسون تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن اهي شرط قبول فرمائيندا الله جل جلالہ انهن جي وچ جو هيئن ارشاد فرمائي هميشہ جي لاءِ خاتمو ڪري ڇڏيو حق باطل جي مشورن جو محتاج نہ آهي ۽ جيڪڏهن اوهان جي راءِ مطابق ان ۾ تبديليون ڪيون وڃن تہ دنيا جو سارو نظام درهم برهم ٿي ويندو ۽ قيامت قائم ٿي ويندي ان ڪري انهيءَ خيال کي هميشہ جي لاءِ دل مان ڪڍي ڇڏيو.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ انسان کي بيڪار پيدا نہ ڪيو آهي.

هن سورت ۾ قدرت ۽ وحدانيت جا دلائل انهن شين جا نالا ڏنا ويا آهن جيڪي انسان مشاهدو ڪري رهيو آهي ۽ آخر ۾ قيامت جا هولناڪ منظر بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ انسان ٻن ٽولن ۾ ورهائجي ويندا. (1).نيڪ بخت (2) بد بخت.

هن سورت ۾ قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ (تحقيق مومن ڪامياب ٿيا) سان مومنن کي ڪاميابي جو رستو ٻڌايو ويو آهي (حوالہ روح المعاني صہ 2 جزء 18 جلد 6)

## پڙهڻ جا برڪتون

(1) احمد، ترمزي نسائي، حاڪم صحيح سندن سان المختارة ۾ الضيا المقدسي، عبدالرزاق، العقيلي، عبد بن حميد ابن المنذر ۽ الدلائل ۾ البيهقيءَ حضرت عمر بن خطاب ﷺ کان روايت آندي آهي تہ ان فرمايو تہ جڏهن نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن تي وحي نازل ٿيندي هئي تہ سندن منهن مبارڪ وٽ ماکيءَ جي مکن جي آواز وانگر (آواز) ٻڌڻ ۾ ايندو هو پوءِ هڪ ڏينهن سندن ذات پاڪ تي وحي جو نزول شروع ٿيو پوءِ اسان ڪجهہ وقت خاموش رهياسين جڏهن ڪانئن اها ڪيفيت پوري ٿي تہ قبلي کي سامهون ٿي هي دعا گهريائون. اللهم زدنا ولا تنقصنا واکرمنا وتهنا واعطنا ولا تحرمنا واثرنا توثر علينا اللهم ارضنا وارض عنا.

ترجمو:(1) اسان کي زياده ڏي

(2) اسان کي گهٽ نہ ڪر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) اسان کي عزت وارو بڻاءِ
(4) اسان کي خوار نہ ڪر
(5) اسان کي ئي اختيار فرماءِ
(6) اسان تي ٻين کي اختيار نہ ڏي
(7) اسان کان راضي ٿيءُ
(8) اسان کي راضي بہ بڻاءِ

(2) الادب المفرد ۾ امام بخاري، نسائي، ابن المنذر ۽ حاڪم صحيح سند چوندي، ابن مردويہ ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقي ابن بابنوس کان روايت آندي آهي تہ مون سيده عائشہ ؓ کي عرض ڪيو رسول الله ﷺ جن جو اخلاق ڪيئن هو؟ فرمايائين تہ سندن اخلاق "قرآن" هو ان کان پوءِ فرمايائون تہ سورة "المومنون قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ پڙهين ٿو؟ مون اها سورت پڙهي ڏهہ (10) آيتون پوريون ڪيون تہ فرمايائين: رسول الله ﷺ جن جي خلق هي هو (حوالہ احسن البيان في التفسير القرآن (ج 6 صہ 332)

(3) لغوي ۽ ثعلبي حضرت عبدالله بن مسعود ؓ کان روايت آندي آهي تہ اهو هڪ سخت بيماري شخص کان لنگهيو اُن جي ڪن ۾ سورت المومنون جون هي آخري آيتون اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا کان وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ پڇاڙيءَ تائين پڙهيائين يعني آيت نمبر 115 کان آيت نمبر 118 تائين ڪل 4 آيتون پڙهيائين تہ اهو ان وقت تندرست ٿي ويو. حضرت رسول پاڪ عليہ الصلواه والسلام جن فرمايو تہ ڇا پڙهيئي؟ عرض ڪيائين تہ هي آيتون. پاڻ فرمايائون تہ: ان پاڪ ذات جو قسم آهي جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ منهنجو ساهہ (مبارڪ) آهي تہ جيڪڏهن ڪو يقين وارو ماڻهو هي آيتون جبل تي پڙهي تہ اهو بہ پنهنجي جاءِ کان هلي پوندو. (حوالہ القرطبي صہ 157 جلد 12)، (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 6 صفہ 390)

سورت المومنون جي پڇاڙي وارين (4) آيتن يعني آيت نمبر 115 کان آيت نمبر 118 جي پلائي

حافظ ابن ڪثير هڪڙي حديث ابن ابي حاتم کان آندي آهي تہ حضرت عبدالله بن مسعود ؓ هڪڙي شخص جن واري جي ڪَنَ ۾ اها آيت سڀوري اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا آخري تائين يعني آيت نمبر 115 کان وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ آيت نمبر 118 تائين پڙهي جنهن ڪري ان کي جِنُ صفا ڇڏي ويو. اها ڳالهہ حضرت رسول الله ﷺ کي ڪنهن شخص وڃي ٻڌائي پوءِ پاڻ حضرت عبدالله بن مسعود کان پڇيائون تہ تو جِنَ واري جي ڪَنَ ۾ ڇا پڙهيو هو تڏهن ان سڀوري فرمايو تہ اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا کان وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ تائين يعني آيت نمبر 115 کان آيت نمبر 118 تائين پڙهيم تڏهن حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ اها آيت جنهن جن واري جي ڪَنَ ۾ پڙهي تہ انهيءَ جن کي اصلي ساڙي ڇڏيندو تنهن کان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اسان کي انهيءَ خداوند ڪريم جل جلالہ جو قسم آهي تہ جيڪڏهن ڪو يقين ڪامل وارو مرد اها آيت جبل تي پڙهي تہ اهو جبل بہ پنجي چٽ ٿي ويندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (24) **سورت النور** (مدينة آيات 64)

النور هن سورت جي آيت نمبر 35 اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ مان ورتل آهي نور جي معنيٰ آهي روشني هن سورت جو نالو النور آهي نور نالو ان جي ڪري آهي جو ان ۾ هڪڙي پلاري ۽ زور عجيب آيت النور آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ جي نور جو عجب مثال ڏنل آهي.

هن سورت کي النور ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو هن ۾ انوار رباني جا شعاع آهن هن ۾ الله تعاليٰ جي نور جو عجيب مثال ڏنل آهي هي سورت نور جا نور عليٰ نور آهي.

نور الله جل شانه جي سهڻن نالن مان هڪ نالو آهي هن سورت ۾ الله تعاليٰ جي حدن ۾ قسمين قسمن جي حڪمن جو بيان آهي ۽ الله تعاليٰ هن سورت ۾ 2 رڪوع بي بي عائشه جي پاڪائي ۽ براءت لاءِ بيان ڪيا آهن.

احسن البيان في تفسير القرآن جلد 6 صه 391 وارو لکي ٿو ته هن سورة ۾ انسان جي گهريلو زندگي جي متعلق واضع هدايتون ۽ احڪام جاري ڪيا ويا آهن هن جو نالو مبارڪ ٿي ان ڳالهه ڏانهن رهنمائي ڪري رهيو آهي ته جنهن معاشري ۾ هي نظام پوري طرح نافذ ڪيو ويو اهو گهر سچين خوشين جي انوار سان چمڪايو ويندو آهي ۽ انسان پنهنجي باڪدامني کي هر آلودگيءَ کان پاڪ رکي ۽ ان جو طريقو اهو سيکاريو ويو آهي ته هر مومن مرد ۽ عورت پنهنجي نگاهن کي هيٺ رکي ۽ اها حقيقت آهي ته جيستائين اکين ۾ شرم ۽ حياءُ هوندو آهي ته انسان جي دل جي دنيا جي باطل خيالات ۽ ناپاڪ نظرين کان محفوظ رهندي آهي.

هن سورت ۾ معاشري ۾ نظم ۽ ضبط قائم رکڻ لاءِ هيٺيان حڪم نازل ٿيل آهن.

* هن سورت جي آيت نمبر 2 زنا ڪندڙ عورت ۽ زنا ڪندڙ مرد جي سزا هر هڪ کي (100) هڪ سو درا ماڻهون جي سامهون هڻڻ جو بيان
* زانياڻي ۽ مشرڪياڻي سان نڪاح نه ڪريو.
* زنا جي مسئلي ۾ چئن شاهدن جو احوال
* خبيث خبيثاڻي سان ۽ پاڪ پاڪائي واري (عورت) سان ناپاڪ مرد ناپاڪ عورت سان نڪاح جي باري ۾ بيان.
* چئو مسلمانن مردن کي ته ڍڪين پنهنجي اگهڙن کي ۽ پناهه ۾ رکن پنهنجي اگهڙن کي
* اکين کي جهڪو ڪريو پراون عورتن يا مردن ڏانهن نظر نه ڪريو
* آيت نمبر 31 چئو مومنياڻين عورت کي ته ڍڪين پنهنجي اگهڙن کي ۽ پناهه ۾ رکن پنهنجي شرم گاهن کي ۽ نه ظاهر ڪن پنهنجن سينگارن کي مگر جيڪي ظاهر آهي انهيءَ کان گهرجين ته پنهنجن چادرن (پوتي رئو) کي پنهنجن سينن تي ورائي رکي ڇڏين نه ظاهر ڪن سينگار پنهنجا مگر پنهنجن مڙسن تي پنهنجن پيئرن تي يا پنهنجي مردن جي پٽن تي يا پنهنجي پائرن يا پنهنجي پائٽن يا پنهنجن پاڻيجن يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنھنجن زالن يا پنھنجن ٻانھن يا انھن خدمتگار مردن تي جن کي زالن ڏانھن خواھش نہ آھي يا انھن ڇوڪرن تي جن کي زالن جي اوگھڙ جي خبر نہ پوي ۽ نہ ھڻن پنھنجن پيرن کي زمين تي تان تہ ڄاتو وڃي اھو جو مخفي ٿي ڪيائون پنھنجن سينگارن کان ۽ توبہ ڪريو الله تعاليٰ جي طرف سيئي اي مومنو من توھين ڇوٽڪاري وارا ٿيو.

* آيت نمبر 32 نڪاح جو حڪم
* ٻانھن ۽ ٻانھين بابت بيان
* ڪافرن جا عمل رڃ جي مثال آھن
* ڪڪرن بابت احوال
* ھر شيءِ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪري ٿي
* منافق فيصلو نہ مڃيندو
* موڪل کان سواءِ پرائي گھر ۾ نہ وڃو

## خلافت بابت بيان

آيت نمبر 55 مختصر تفسير اوھان مان جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم بہ ڪن تا انھن سان الله تعاليٰ واعدو ڪيو آھي تہ ضرور انھن کي پنھنجي مھرباني سان ملڪ جي خلافت يعني بادشاھي عطا ڪندو جھڙي طرح الله تعاليٰ انھن کي بادشاھي ڏني جيڪي توھان کان اڳي ٿي گذريا جيئن تہ حضرت سليمان عليہ السلام ۽ حضرت دائود عليہ السلام وغيرہ کي الله تعاليٰ بادشاھي خلافت عطا ڪئي ۽ جيڪو دين الله تعاليٰ انھن مومنن لاءِ پسند ڪيو آھي يعني دين اسلام اھو انھن جي لاءِ قائم محڪم ڪندو ۽ انھي دين تي انھن کي ثابت رکندو خوف ۽ ڊپ جيڪو ھينئر انھن تي لڳو ٿيو آھي سو ھن کان پوءِ عنقريب تمام جلد لاھي انھن کي امن امان ڏيندو جو ھرگز الله تعاليٰ کان سواءِ ٻي ڪنھن کان ڪين ڊڄندا ۽ اھي آرام امن سان اسان جي عبادت ڪندا ۽ ڪنھن بہ شيءِ کي اسان جو شريڪ نہ ڪندا ۽ جيڪو انھن سيني احسانن کان پوءِ بيشڪري ڪندو تہ اھڙا ماڻھو بيفرمان ۽ فاسق آھن.

آيت نمبر 58 کان آيت نمبر 59 ۾ آھي بالغن کي ٻئي جي گھر وڃڻ ۾ موڪل وٺڻ گھرجي.

آيت نمبر 61 نہ آھي انڌي تي ڪو گناھ، نہ ڪي تي منڊي تي ڪو گناھ ۽ نہ ڪي بيماري تي، نہ ڪي خود اوھان تہ جو کائو اوھين پنھنجي گھرن مان، پنھنجي پيئرن جي گھرن مان يا پنھنجن مائرن جي گھر مان يا پنھنجن ڀائرن جي گھرن مان يا پنھنجي ڀينرن جي گھرن مان چاچن جي گھرن مان، مامن، ماسين جي گھرن مان جن جون ڪنجون اوھان جي ھٿ آھن يا دوستن جي گھرن مان، نہ آھي اوھان تي ڪو گناھ جيئن کائو گڏجي يا ڌار ڌار پوءِ جڏھن داخل ٿيو اوھين گھرن ۾ پوءِ سلام ڪريو پنھنجن ماڻھن تي جو اھا دعا برڪت واري سٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي الله وٽان اهڙي طرح بيان ڪري ٿو الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ نشانين کي من توهان سمجهو.

* سلام بابت احوال
* مؤمن جو ڪم آهي تہ ڪنهن ڪم سان وڃڻ وقت موڪل وٺڻ
* آيت نمبر 63 نبيءَ جي در تي ڏاڍيان سڏڻ منع آهي.
* جيڪي بہ آسمان ۾ زمين ۾ آهي سو الله تعاليٰ جو آهي.

**افڪ جو واقعو** (بهتان بابت احوال بيان)

تفهيم القرآن خلاصو پيو ۾ افڪ جي باري لاءِ لکيو آهي تہ جڏهن جنگ بدر جي فتح سان عرب ۾ اسلامي تحريڪ جو جيڪو عروج شروع ٿيو هو اهو جنگ خندق تائين پهچندي پهچندي انهي حد تائين وڌي چڪو هو جو مشرڪن، يهودين، منافقن ۽ متربصين سڀئي اهو محسوس ڪرڻ لڳا هئا تہ هن نئين اٿندڙ تحريڪ کي فقط هٿيارن ۽ فوج جي طاقت سان شڪست نہ ٿي ڏيئي سگهجي تنهنڪري هاڻ انهن کي هڪ نئين تدبير اختيار ڪئي ۽ پنهنجي اسلام دشمن سرگرمين جو رخ جنگي ڪاروائين کان هٽائي ڪري حملن ۽ اندروني فتنہ انگيزين ڏانهن ڦيرايو.

اهو افڪ جو واقعو (بهتان بابت بيان) ڪن بد بختن مسلمانن جيڪي منافق هئا. جن جو سردار عبدا بن اُبي هو انهن فتنو پيدا ڪيو اهي اسلامي تحريڪ جا مخالف رسول الله ﷺ جا دشمن ۽ اسلامي تحريڪ کي ڇيهي (نقصان) ڏيڻ وارا هئا انهن هڪ ئي وقت ڪيتري شڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

اسلامي تحريڪ ۽ رسول الله ﷺ جي دشمنن اهو بهتان رسول ﷺ جن جي پياري گهر واري بيبي عائشہ صديقہ ؓ جيڪا حضرت ابوبڪر صديق ؓ جي نياڻي تي ٻڌو تہ جيئن رسول پاڪ جن ۽ حضرت ابوبڪر جي عزت ۽ وقار تي حملو ڪيو وڃي.

ٻئي طرف اسلامي تحريڪ جي نهايت ئي بلند اخلاقي وقار کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ٽئين طرف اهڙي چڻنگ اڇلي ويئي جو جيڪڏهن اسلام پنهنجي پيروي ڪندڙن جون حالتون نہ بدلايون هجن ها تہ مهاجرن ۽ انصارن ۾ خود انصارن جا ٻئي قبيلا پاڻ ۾ وڙهي مرن ها.

اهو قصو گهڻو ڪري صحيح بخاري کان نقل ٿيل آهي ڪن منافقن ۽ ڪن بد بختن نالي جي مسلمانن بي بي عائشہ رضي الله عنها سڳوري تي بهتان ٻڌو بيبي عائشہ ؓ حضرت رسول الله ﷺ جن جي پياري گهر واري ۽ حضرت ابوبڪر صديق ؓ جي نياڻي هئي. انهيءَ بيبي سڳوري جي پاڪائي ۽ برات لاءِ الله تعاليٰ هن سورت جا (2) رڪوع. رڪوع نمبر 8 ۽ رڪوع نمبر 9 نازل فرمايا آهن.

سمجهڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ ان پاڪدامن نور عليٰ نور بي بي عائشہ سڳوري جي پاڪائي لاءِ سڄا بہ رڪوع نازل ڪيا يعني 18 آيتون نازل فرمايون. اِنَّ الَّذِيۡنَ جَآءُوۡ بِالۡاِفۡكِ کان وٺي رِزۡقٌ كَرِيۡمٌ آيت نمبر 11 کان آيت نمبر 26 تائين والله اعلم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

## (25) سورت الفرقان (كلية آيات 77)

الفرقان لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ فرق كندڙ ڌار ڌار كرڻ وارو ۽ حق كي باطل كان جدا كرڻ وارو. قرآن پاڪ جو به نالو آهي هن سورت ۾ حق ۽ باطل يعني كفر شرڪ، اسلام ۽ ايمان جي وچ ۾ جدائي بيان ٿيل آهي تنهن كري هن سورت جو نالو الفرقان ركيو ويو آهي.

هن سورة ۾ انهن شبهن ۽ اعتراضن تي گفتگو كئي وئي آهي جيكي قرآن ۽ محمد كريم ﷺ جن جي نبوت ۽ سندن پيش كيل تعليم تي مكي جي كافرن طرفان پيش كيا ويندا هئا انهن مان هڪ هڪ جو توريل تكيل جواب ڏنو ويو آهي ۽ گڏو گڏ حق جي دعوت كان منهن مٽڻ جا اگرا نتيجا به چٽي طرح ٻڌايا ويا آهن آخر ۾ ايمان وارن جي اخلاقي خوبين جو هڪ نقشو چٽي عام ماڻهن جي سامهون ركيو ويو ته هن كسوٽي كي پركي ڏسي وٺو ته كير كوٽو آهي ۽ كير كرو آهي هڪ پاسي هن سيرت ۽ كردار جا ماڻهو آهن جيكي حضرت محمد ﷺ جي تعليم سان هن وقت تائين تيار ٿيا آهن ۽ آئنده تيار كرڻ جي كوشش ٿي رهي آهي.

احسن البيان في تفسير القرآن واري لكيو آهي ته هن سورت جو مقصد ابتدائي آيتن ۾ نهايت جامعيت سان بيان ٿيل آهن هن ۾ توحيد، رسالت، قرآن كريم ۽ نبي كريم عليه الصلوٰة والسلام جي تعليم تي كيل اعتراضن ۽ شبهات بيان كري انهن جا جواب نهايت مؤثر انداز سان بيان ٿيل آهن.

هن سورت جو محور قرآن كريم جي سچي هجڻ ۽ محمدي نبوت عليٰ صاحبها الصلوٰة والسلام كي ثابت كرڻ آهي ۽ سورت جي وچ ۾ كجهه ٻين نبين سڳورن عليهم الصلوٰة والسلام ۽ كين كوڙ چوندڙن جي ذكر سان گڏ انهن تي آيل عذاب ۽ سزائن جو ذكر آندل آهي مثلاً قوم حضرت نوح عليه السلام ، قوم عاد، قوم ثمود، اصحاب الرس، ۽ قوم حضرت لوط عليٰ انبينا و عليهما الصلوٰة والسلام جي قومن جو بيان ۽ هن سورت ۾ الله جل شانه جي قدرت وحدانيت، عجيب صفت جي به سمجهاڻي ڏنل آهي (حواله روح المعاني ص 230 جزء 18 جلد 6)، (حواله احسن البيان في تفسير القرآن جلد 6 صفه 471)

* الله تعالىٰ كان سواءِ ٻئي كي سڏڻو نه آهي.
* الله تعالىٰ جي ٻندن جو احوال
* بت كو به فائدو نه ٿا ڏين مكي وارن كي تنبيه
* ٻن سمندن جي گڏجڻ جو بيان
* الله تعالىٰ جي نشانين جو بيان
* مكي جي كافرن جو اعتراض ۽ جواب
* جنهن ڏينهن آسمان ككرن سان ڦاٽندو ۽ ملائڪ لاٿا ويندا الڳ الڳ ان ڏينهن بادشاهي الله تعالىٰ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ هوندي اهو ڏينهن ڪافرن تي ڏکيو هوندو.

* قيامت ۾ ڪافرن جو حال
* رسول پاڪ ﷺ جن تي ڪافرن جو اعتراض ۽ جواب
* قيامت کي ڪافر ڪوڙو سمجهن ٿا ان بابت جواب
* بهشت ۽ دوزخ بابت احوال
* حشر جي ڏينهن ڪافرن کي ڪوڙو چوڻ
* ڪافرن کي جواب ته رسول ڪائيندا آهن.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

## (26) سورت الشعرآء (مڪية آيات 227)

الشعراءُ لفظ هن سورت جي آيت نمبر 224 مان ورتل آهي الشعرآءَ جي معنيٰ آهي شاعر ماڻهو شعرآءَ شاعرن ڪي چئبو آهي هن سورت جي آيت نمبر 224 کان آيت نمبر 227 ۾ شاعرن جو ذڪر ڪيل آهي انهيءَ ڪري هن سورت جو نالو الشعرآءُ رکيو ويو آهي.

## شاعرن بابت احوال

آيت نمبر 224 وَالشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ ترجمو شاعرن جي پيروي گمراهه ڪن ٿا يعني جيڪي شاعر شريعت الله جل شانه جي پياري نبي عليہ الصلواة والسلام جي شان جي خلاف شعر چون ٿا انهن جي اتباع (پيروي) ڪندڙ گمراهه ۽ بي دين آهن.

آيت نمبر 225 ۽ آيت نمبر 226 جو ترجمو: ڇا تو نه ڏٺو ته بلاشڪ اهي هر واديءَ ۾ حيران ڦرن ٿا ۽ بيشڪ اهي چون ٿا اهو جيڪو ڪن نه ٿا مطلب ته شاعرن کي اوهان نه ڏٺو آهي ته انهن جي قول جو عمل جي زندگيءَ سان ڪو تعلق ناهي شاعر شجاعت ۽ دليريءَ جا مضمون (بيت) ٺاهيندو آهي پر پڇڻ جي ميدان ۾ سيني کان اڳيان هوندو آهي اهو پاڪدامنيءَ جا شعر ٺاهيندو آهي پر پاڻ ان تي عمل نه ڪندو آهي.

آيت نمبر 227 مگر جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا ۽ الله کي گهڻو ياد ڪيائون ۽ ان کان پوءِ جو ظلم ڪيا ويا بدلو ورتائون ۽ ظالم جلد ڄاڻندا ته ڪهڙي موٽڻ جي جاءِ ڏانهن موٽن ٿا يعني عام شاعرن کان اهي مستثنيٰ آهن جن جو شعر حقائق ۽ صداقتن تي مبني آهي ۽ اهي مومن ۽ صالح ۽ الله جل شانه جو ذڪر گهڻو ڪندڙ آهن ۽ جن ظلم ڏسڻ کان پوءِ پلاند ورتو آهي ۽ جن ظالمن حضور عليہ الصلواة والسلام کي ايذايو ۽ الله تعاليٰ جي پانهن جا حق تلف ڪيا انهن کي جلدي خبر پوندي ته ڪهڙي موٽڻ جي جاءِ ۾ ويندا.

مذڪور آيتن مان فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

(1) وَالشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ (۽ گمراهه شاعرن جي تابعداري ڪندڙ آهن) مان واضع ٿيو ته قرآن ڪريم ۽ حبيب پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي ارشادات جي مقابلي ۾ شاعرن جي شعر کي ترجيح ڏيڻ گمراهن جو ڪم آهي عام جاهل صوفي سڏيندڙ به ان ذهن وارا هوندا آهن انهن جي صحبت ۽ محبت کان پري رهجي نه ته ايمان جي وڃڻ جو خطرو آهي.

(2) اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَذَكَرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا (مگر جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪري الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪيائون) مان واضح ٿيو ته مومن، صالح ۽ الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪندڙ شاعر ان ۾ داخل نه آهن مفسرن پلارن لکيو آهي جيڪو شعر حڪمت وارن مضمونن وعظ ۽ نصيحت تي مشتمل آهن اُهي اطاعت ۽ ثواب ۾ داخل آهن (حوالہ معارف القرآن صہ 554 جلد 6) علامہ قرطبي عليہ الرحمه هن آيت جي تفسير ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصحابن سڳورن ﷺ جا شعر ذڪر ڪري لکيو آهي تہ سهڻي مضمون وارن شعرن جو اهل علم مان ڪير بہ انڪار نہ ڪندو ۽ وڏن وڏن اصحابن شعر چيا آهن باقي بڇرو قول يا بڇرو جملو ڪٺي شعر ۾ نہ هجي تہ اهو پڙهڻ منع آهي. (حوالہ القرطبي صہ 147 جلد 13)

تفسير تنوير الايمان جلد 7 صہ 120 تان نقل ڪيو آهي آهي.

اهي شاعر جي ديندار نيڪ ڪردار مومن آهن ۽ رب تعاليٰ کي پنهنجن شعرن ۾ تو ڙ شعرن کان سواءِ گهڻو ياد ڪن ٿا انهن جو ذڪر آيت نمبر 227 ۾ ٿيل آهي اهي شاعر انهن ٻين شاعرن کان حڪم ۾ جدا آهن جن جو ذڪر آيتن نمبر 224، آيت نمبر 225 ۽ آيت نمبر 226 ۾ آهي.

جن شاعرن جو ذڪر آيت نمبر 227 ۾ آهي اهي جيڪڏهن ڪن ڪافرن جي گلا ۽ مذمت شعرن ۾ ڪن ٿا ۽ انهن کان بدلو وٺن ٿا تہ جڏهن انهن تي ظلم ٿئي ٿو تڏهن انهن جي گلا شعرن ۾ ڪن ٿا اهڙا شاعر ايماندار آهن جيئن حضرت حسان بن ثابت صحابي شاعر هو جنهن حضرت رسول الله جي طرفان شعر ۾ انهن ڪافرن کي جواب ڏنا هئا جن حضرت جن جي شعرن ۾ گلا ۽ بدگوئي ڪئي هئي، صحيح مسلم ۾ حضرت بي بي عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ فرمايو حضرت رسول الله ﷺ اصحابن کي تہ ڪافرن قريشن جي شعرن ۾ هجوَ (گلا، بدگوئي) ڪريو پوءِ تحقيق اها گلا انهن جي شعرن ۾ نهايت سخت آهي. تيرن تکن جي لڳڻ کان پوءِ بہ حضور جن ڪعب بن مالڪ ۽ حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنہ کي گهرائي انهن کي فرمايو قريش شعرن ۾ اسان لاءِ هجوَ (گلا) ڪن ٿا انهن جو جواب توهان شعرن ۾ ڏيو. حضرت رسول الله ﷺ حسان بن ثابت رضي الله عنہ لاءِ فرمايو تہ هڻ تير نر يعني حسان پوءِ پر حضرت حسان پنهنجي زبان کي پڪي چوريو پوءِ حضرت جن کي چيائين تہ مون کي قسم آهي انهيءَ ذات پاڪ خدا تعاليٰ جو جنهن توکي نبي برحق ڪري موڪليو آهي تحقيق آءٌ چني ڦاڙي ڇڏيندس انهن ڪافرن کي جيئن چني ڦاڙي وجهبو آهي. پوءِ پاڻ حسان کي فرمايو اي حسان تڪڙ نہ ڪر، جيئن ابوبڪر صديق ﷺ کي قريشن جي نسبن جي گهڻي خبر آهي ۽ انهن ڪافرن قريشن ۾ منهنجو نسب آهي سو وچي ان کان پڇ تہ اهو توکي منهنجو نسب جدا ڪري ڏئي تنهن کان پوءِ حضرت ابوبڪر ﷺ کان حضرت جن جو نسب شريف پڇي ياد ڪيائين تنهن کان پوءِ حضرت جن کي اچي چيائين تہ يارسول الله ﷺ حضرت ابوبڪر ﷺ مون کي اوهان جو نسب پڌائي ڇڏيو آءٌ اوهان کي انهن مان ٻاهر ڪڍندس جيئن اٽي ڳوهيل مان وار ٻاهر ڪڍبو آهي پوءِ حضرت حسان ڪافرن جي هجوَ (گلا) ڪئي شعرن ۾ گلا ڪئي بي بي عائشہ فرمايو تہ مون ان مهل حضرت جن کان ٻڌو جو فرمايائون تہ اي حسان! روح القدس تيستائين تنهنجي مدد پيو ڪندو جيستائين تو خدا ۽ رسول جي طرفان ڪافرن کي جواب پيو ڏيندين بي بي صاحبہ ائين بہ فرمايو تہ مون حضرت جن کان اهو بہ ٻڌو جو پاڻ فرمايائون تہ حسان ڪافرن جي هجوَ ڪئي تنهنڪري مسلمانن کي ڪاوڙ غصو ۽ طعنو کان شفا ملي ۽ خود حسان جي دل بہ ٺري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تفهيم القرآن خلاصو 2 صفحہ 591 ۽ 592 تي ٽن آيتن 224 کان 226 جو تفسير هن طرح لکيو آهي تہ هي بہ انهن جو الزام جو جواب آهي تہ حضور ﷺ کي شاعر چوندا هئا.

مطلب هي آهي تہ شاعرن سان گڏ چنبڙيل رهڻ وارا ماڻهو سندن اخلاق عادتن ۽ خصلتن ۽ طبيعتن ۾ انهن ماڻهن کان بلڪل مختلف هوندا آهن جيڪي نبي ﷺ سان گڏ توهان کي نظر ايندا آهن پنهي ٽولن جو فرق اهڙو پڌرو فرق آهي جو هڪ نظر ڏسندي ئي ماڻهو ڄاڻي سگهي ٿو تہ اهي ڪهڙا ماڻهو آهن.

حاشئہ نمبر 143 يعني ڪا واٽ مقرر ناهي جنهن تي اچي سوچيندا ۽ پنهنجي ڪلام جي طاقت صرف ڪندا هجن پر سندن فڪر جو گهوڙو بي لغام گهوڙي وانگر هر هڪ واديءَ ۾ ڀٽڪندو رهندو آهي ۽ جذبات خواهشات جو مطالبن جي هر نئين لهر انهن جي زبان مان هڪ نئون مضمون ادا ڪرائيندي آهي جنهن کي سوچن ۽ بيان ڪرڻ ۾ ان جو ڪو ماڳهين لحاظ ئي نہ هوندو آهي تہ اها ڳالهہ حق ۽ سچائي بہ آهي يا نہ شاعرن جي انهن معروف خصوصيتن کان جيڪو شخص واقف هجي تنهن جي دماغ ۾ اها بي تڪي ڳالهہ ڪيئن ويهي سگهي ٿي تہ هن قرآن جي آڻڻ واري تي شاعريءَ جي تهمت رکي وڃي جنهن جي تقرير توريل تڪيل جنهن جي ڳالهہ هڪ ٽڪ جنهن جي واٽ بلڪل پڌري آهي ۽ جنهن حق ۽ سچائي ۽ ڀلائي جي دعوت کان هٽي ڪڏهن هڪ لفظ بہ زبان مان نہ ڪڍيو هجي.

حاشئہ نمبر 144 اها شاعرن جي هڪ ٻي خصوصيت آهي جيڪا نبي ﷺ جي طرز عمل جي بلڪل خلاف هئي.

حضور ﷺ جن جي باري ۾ سندن سيڪو ڄاڻڻ وارو ڄاڻيندو هو تہ پاڻ سڳورا جيڪي ڪجهہ چوندا آهن سوئي ڪندا آهن ۽ جيڪي ڪندا آهن سوئي چوندا آهن ان جي برخلاف شاعر بابت ڪنهن کي معلوم نہ هو تہ انهن وٽ چوڻ جون ڳالهيون هڪڙيون آهن تہ وري ڪرڻ جو ٻيون هونديون آهن.

آيت نمبر 227 جي تفسير ڪندي بہ حاشئہ نمبر 145 ۽ 146 لکيا آهن جنهن ۾ مسلمانن ۽ مؤمنن شاعرن جي باري ۾ وضاحت ڪئي آهي. هتي شاعرن جي ان عام مذمت کان جيڪا مٿي بيان ٿي مسلمانن شاعرن کي مستثنیٰ (الڳ) ڪيو ويو آهي جيڪي چئن خصوصيتن جا مالڪ هجن جيڪي هيٺ ڀڌائجن ٿيون.

1. اهي مومن هجن، 2. پنهنجي عملي زندگي ۾ صالح هجن، 3.هي تہ الله تعالیٰ کي گهڻو ياد ڪرڻ وارا هجن پنهنجن عام حالتن ۽ وقتن ۾ بہ ۽ پنهنجي ڪلام ۾ بہ، 4. چوٿين صفت هي آهي تہ اهي شخص غرض لاءِ ڪنهن کي گهٽ وڌ نہ ڳالهائين نہ ذاتي يا نسلي ۽ قومي عصبيتن (پنهنجائي) لاءِ انتقام جي باهہ ڀڙڪائين پر جڏهن ظالمن جي مقابلي ۾ حق جي حمايت لاءِ ضرورت پوي تہ پوءِ زبان کان اهو ڪم وٺن جيڪو هڪ مجاهد تير ۽ تلوار کان وٺندو آهي تنهنڪري روايتن ۾ اچي ٿو تہ هر وقت ليلائيندو رهڻ ۽ ظلم جي مقابلي ۾ نياز منديءَ وارا عرض نامہ پيش ڪندو رهڻ مؤمنن جو شيوو ناهي انهيءَ بابت روايتن ۾ اچي ٿو تہ ڪافرن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشرڪن جا شاعر اسلام ۽ نبي ﷺ جي خلاف الزامن جو جيڪو طوفان اٿاريندا هئا ۽ نفرتن ۽ عداوتن جو جيڪو زهر پکيڙيندا هئا تنهن جو جواب ڏيڻ لاءِ حضور ﷺ جن پاڻ حضرت ڪعب ؓ بن مالڪ ۽ حسان ؓ بن ثابت کي اسلام جي مخالفت ڪرڻ وارن شاعرن کي جواب ڏيڻ ۽ انهن جي هجوَ (گلا) چوڻ جي هدايت ڪئي هئي.

حاشئہ نمبر 146 ظلم ڪرڻ وارن مان مراد هتي اهي ماڻهو آهن جيڪي حق کي هيسائڻ لاءِ هٺ ۽ هوڏ سان نبي ڪريم جن تي شاعري يوپائي، جادوگري ۽ چرياٽپ جون تهمتون لڳائيندا و تندا هئا تہ جيئن اڻ ڄاڻ ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ جي دعوت کان بدگمان ٿين ۽ سندن دعوت ڏانهن توجهہ نہ ڏين.

تفسير ڪنز الايمان واري سورت الشعراءُ جي 4 آيتن جيڪي آيت نمبر 224 کان آيت نمبر 227 جو تفسير هن طرح ڪيو آهي اهي آيتون شاعرن جي باري ۾ نازل ٿيل آهن انهن چئن آيتن مان پهريون ٽي آيتون آيت نمبر 224 کان 226 تائين ڪافرن جي شاعري جي مذمت ڪيل آهي ڪافر شاعر پنهنجي شعرن ۾ رسول الله ڪريمن جي هجو (گلا) ڪندا هئا ۽ چوندا هئا جهڙو حضرت رسول ﷺ جن چون ٿا تهڙو اسان بہ چئي سگهون ٿا سندن قوم جا گمراهہ ماڻهو انهن کان انهن شعر کي نقل ڪندا هئا. انهن جي آيت ۾ مذمت فرمائي ويئي هر قسم جون ڪوڙيون ڳالهيون ٺاهن ٿا ۽ هر لغو (بيهودو، واهيات) ۽ باطل ۾ سخن آرائي ڪندا هئا اهي ڪافر شاعر پٽڪيل آهن.

مسلمان مومن شاعر جيڪي ڪافر شاعرن واري طريقي کان پاسو ڪن ٿا اهي هن حڪم کان جدا ڪيا ويا آهن هن ۾ اسلام جي شاعرن جو جدا هجڻ فرمايو ويو آهي انهن اسلامي، مؤمنن شاعرن جون وصفون آيت نمبر 227 ۾ ٻڌايل آهن اهي حضور ڪريم جي تعريف لکن ٿا، الله تعاليٰ جو حمد لکن ٿا، اسلام جي تعريف لکن ٿا ان تي اجر ۽ ثواب لهن ٿا.

بخاري شريف ۾ آهي تہ مسجد نبوي ۾ حضرت حسان جي لاءِ منبر وڇايو ويندو هو اهو ان تي ويهي محبوب رسول ڪريم ﷺ جن جي ثنا پڙهندو هو ۽ ڪافرن جي بدگوين جو جواب ڏيندو هو رسول الله ﷺ جن ان جي حق ۾ دعا فرمائيندا هئا.

بخاري جي حديث آهي تہ حضور جن فرمايو تہ ڪي شعر حڪمت ٿيندا آهن محبوب رسول الله ﷺ جن جي مجلس مبارڪ ۾ اڪثر شعر پڙهيا ويندا هئا.

ترمذي جي حديث ۾ جابر بن سمره کان روايت ٿيل آهي تہ حضرت عائشہ صديقہ ؓ فرمايو تہ شعر ڪلام آهي ڪو سٺو ٿيندو آهي تہ ڪو برو تنهنڪري سُٺي کي وٺو، بُري کي ڇڏيو. شعبي چيو تہ حضرت ابوبڪر صديق ؓ شعر چوندو هو حضرت علي المرتضيٰ ؓ سيني کان وڌيڪ شعر چوڻ وارو هو شعر انهن جي لاءِ ذڪر الاهي کان غفلت جو سبب نہ ٿي سگهيو بلڪہ انهن ماڻهن جڏهن بہ شعر چيو تڏهن الله تعاليٰ جي حمد و ثناء ۽ ان جي توحيد ۽ محبوب رسول ڪريم ﷺ جن جي تحت ۽ صحابہ اڪرام ۽ امت جي صالح ٻانهن جي مدح، حڪمت، نصيحت، زهد ۽ ادب ۾ ، ڪافرن کان گلا جو بدلو ورتائون ڪافرن جي طرف کان جو انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلمانن جي ۽ سندس اڳواڻن جي مذمت ڪئي انهن سڳورن کي دفع ڪيو ۽ ان جا جواب ڏنا اهي مذموم نہ آهن بلڪہ اجر ۽ ثواب جا حقدار آهن.

حديث ۾ آهي تہ مومن پنهنجي تلوار سان جهاد ڪري ٿو ۽ پنهنجي زبان سان بہ هي انهن جو جهاد آهي يعني جن مشرڪن محبوب ﷺ جن جي گلا ۽ مذمت ڪئي موت کان پوءِ انهن جاءِ جهنم طرف هوندي ۽ اهو برو ٺڪاڻو (رهڻ جو هنڌ) آهي.

علاوه شاعرن جي مضمون کان هن سورت ۾ هيٺيان عنوان بہ شامل آهن.

هن سورت ۾ ٻين سورتن وانگر توحيد، رسالت، قيامت جو ذڪر ۽ قرآن ڪريم لاءِ روشن دليل آهن هن ۾ قرآن بابت دليل آهن ۽ حضور ﷺ جي تبليغ جو ذڪر موجود آهي هن سورت ۾ نبي ۽ قرآن ڪريم تي اعتراض ۽ ان جو جواب جو ذڪر بيان ٿيل آهن.

هن سورت جي ابتداء ۾ قرآن مجيد جو ذڪر آهي جيڪو خلق جي هدايت جي لاءِ نازل ڪيو ويو آهي اهو انسانيت جي مرضن لاءِ شفا آهي پر ڪافرن انهن سيني شئن جو انڪار ڪيو ۽ ان جي واضح آيتن جو ساطع برهانن جي هوندي ٻيا معجزا طلب ڪري رهيا آهن جيڪا سندن سرڪشي، هوڏ هٺ ڌرمي آهي.

نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن گهڻي محنت ڪندا هئا تہ ماڻهو مسلمان ٿي ايمان آڻي جهنم جي باھ کان بچن هن سورت ۾ الله تعاليٰ حضور صلعم جن کي مطمئن ڪندي ٻڌايو آهي تہ جيڪڏهن اهي ايمان نہ ٿا آڻين تہ توهان پاڻ کي تڪليف ۾ نہ وجهو انهنجي ايمان نہ آڻڻ جو سبب اهو ناهي تہ انهن کا نشاني نہ ڏٺي آهي پر ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ اهي هٺيلا ضدي آهن سمجهائڻ سان بہ مڃڻ نٿا گهرن ان تمهيد کان پوءِ ڏهين (10) رڪوع تائين جيڪو مضمون مسلسل بيان ٿيو آهي سو هي آهي تہ حق جي طالبن لاءِ تہ الله تعاليٰ جي زمين تي هر طرف نشانيون ئي نشانيون پکڙيل آهن جن کي ڏسي اهي حقيقت پروڙي سگهن ٿا پر هٺيلن ماڻهن ڪڏهن بہ ڪنهن شيءِ کي ڏسي ايمان نہ آندو آهي ايستائين جو الله تعاليٰ جي عذاب اچي کين پڪڙ ۾ ورتو آهي. انهيءَ مناسبت سان تاريخ جي ستن قومن جا حال پيش ڪيا ويا آهن جن هٺ ۽ هوڏ مان ڪم ورتو هو جهڙو مڪي جا ڪافر وٺي رهيا آهن انهن ستن قومن ڏانهن جن نبين کي موڪليو ويو هو انهن جا نالا هي آهن. 1. حضرت موسيٰ عليہ السلام، 2. حضرت ابراهيم عليہ السلام، 3. حضرت نوح عليہ السلام، حضرت هود عليہ السلام، حضرت صالح عليہ السلام، حضرت لوط عليہ السلام، حضرت شعيب (عليٰ نبينا و عليهم الصلواة والسلام) پر ستن ئي قومن نبين جي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪيس ڪوڙو چيو الله تعاليٰ انهن قومن تي عذاب نازل ڪيو ۽ جيڪو حشر انهن قومن سان ٿيو ان جو بيان هن سورت ۾ ٿيل آهي هن تاريخي بيان جي وچ ۾ ڪي ڳالهيون ذهن نشين ڪرايون ويون آهن.

پهريون هي تہ نشانيون ٻن قسمن جون آهن هڪ اهي جيڪي الله تعاليٰ جي زمين تي هر طرف پکڙيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن جن کي ڏسيو سيڪو عقلمند ماڻهو تحقيق ڪري سگهو ٿو تہ نبي جنهن ڳالهہ ڏانهن سڏي ٿو سا حق آهي يا ناهي. پئي قسم جون نشانيون اهي آهن جيڪي تباهہ ڪيل قومن ڏنيون هاڻي اهو فيصلو ڪرڻ خود مڪي جي ڪافرن جو پنهنجو ڪم آهي تہ اهي ڪهڙي قسم جي نشاني ڏسڻ گهرن ٿا.

ٻي هيءَ تہ هر زماني ۾ ڪافر جي ذهنيت هڪ جهڙي رهي آهي انهن جون حجتون هڪ جهڙيون هيون انهن جا اعتراض هڪ جهڙا هئا ۽ آخر ڪار انهن جو انجام بہ هڪ جهڙوئي رهيو ان جي برخلاف سڀ ڪنهن دور ۾ نبين جي تعليم بہ هڪ هئي پنهنجن مخالفن جي مقابلي ۾ سندن دليل ۽ حجت جو انداز بہ ساڳيو هو ۽ انهن سيني سان الله تعالىٰ جي رحمت جو معاملو بہ ساڳيو هو اهي ٻيئي نمونا تاريخ ۾ موجود آهن ڪافر پاڻ ڏسي سگهن ٿا تہ سندن تصوير ڪهڙي نموني سان ملي ٿي.

ٽئين ڳالهہ جيڪا بار بار ورجهائي ويئي سان هيءَ آهي تہ الله تعالىٰ زبردست، قادر ۽ سگهارو بہ آهي ۽ رحيم بہ آهي هاڻي اها ڳالهہ ماڻهن کي پاڻ طئي ڪرڻ گهرجي تہ اهي پنهنجو پاڻ کي هن جي رحم جو حقدار بنائن ٿا يا قهر جو مستحق ڪن ٿا.

## سورت الشعرآء جون فضيلتون

هي سورت مبارڪ بہ نهايت پلاري ۽ برڪتن واري آهي.

1. المستدرڪ ۾ حاڪم حضرت معقل بن يسار ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ أعطيت طٰہٰ و طٰسٓمٓ وحٰمٓ مِن الوَاح مُوسىٰ (حوالہ المظهري صہ 54 جلد 7) مون کي طٰہٰ ۽ طٰسٓمٓ سورتون ۽ حٰمٓ سورتون حضرت موسىٰ عليہ الصلواة والسلام جي ڦرهين مان ڏنل آهن.

2. حضرت براءَ بن عازب ﷺ کان روايت آهي تہ نبي پاڪ جن فرمايو الله تعالىٰ مون کي توراة جي بجاءِ (7) ست ڊگهيون سورتون عطا ڪيون آهن ۽ انجيل جي بجاءِ المئين (سوَ آيتن واريون سورتون) ۽ زبور جي بجاءِ طٰسٓمٓ واريون سورتون ڏنيون آهن ۽ حٰمٓ وارين سورتن سان مون کي ٻين تي فضيلت عطا ڪيائين مون کان اڳي جي ڪنهن بہ نبي نہ پڙهيون هيون.

بَلَغَ الْعُلیٰ بِکَمَالِہٖ
کَشَفَ الدُّجیٰ بِجَمَالِہٖ
حَسُنَتْ جَمِیْعُ خِصَالِہٖ
صَلُّوْا عَلَیْہِ وَآلِہٖ

حضرت شيخ سعدي شيرازي رحمة الله عليه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر الله الرحمن الرحيم

## (27) سورت النمل (مکيه آيات 93)

النمل: عربي زمان ۾ نمل جي معنيٰ آهي ماڪوڙي ڪيل. ڪوليون. هي لفظهن سورت جي آيت نمبر 18 مان ورتل آهن هن سورت ۾ وَادي النَمل جو بيان آهي جنهن ڪري هن سورت جو نالو النمل رکيو ويو آهي آيت نمبر 18 جو ترجمو هن طرح ڪيو آهي. "تان جو جڏهن ڪِولين جي ميدان (واديءَ) تي پهتا (تڏهن) هڪ ڪِول چيو تہ اي ڪِوليون اوهين پنهنجن برڙن ۾ گهڙو تہ سليمان ۽ سندس لشڪر پنهنجي بي خبريءَ ۾ اوهان کي نہ لتاڙين پوءِ (سليمان) اُن جي ڳالهائڻ کان مرڪي کِليو.

تفسير ابو السعود لکيو آهي تہ حضرت سليمان عليہ السلام جو لشڪر مٿان هوا ۾ پئي اڏامندو ماڪوڙي انهن جو مٿان آواز ٻڌي ائين سمجهو تہ زمين تي آهن تنهنڪري ڪِولين کي اهو حڪم ڪيائين تہ سڀ ڪِوليون انهيءَ ڪِول جي حڪم جي تابع هيون پوءِ حضرت سليمان عليہ السلام اتي اچي مٿان بيهي رهيو ۽ واءُ کي چيائين تہ تون لڳڻ بند ٿيءُ تہ ڪِوليون پنهنجن ڏرن ۾ داخل ٿي وڃن.

حضرت سليمان عليہ السلام سان ڪِول جو ڪلام

تفسير روح البيان لکيو آهي تہ حضرت سليمان عليہ السلام انهيءَ ڪول کان پڇيو تہ تنهنجو لشڪر ڪيترو آهي تڏهن ڪِول عرض ڪيو تہ منهنجا چار هزار ڪوتار آهن هر هڪ ڪوتار جي هٿ ۾ چاليهہ (40) هزار نقيب آهن ۽ هر هڪ نقيب جي هٿ چاليهہ (40) هزار ڪوليون آهن حضرت سليمان عليہ السلام چيس تہ ڇو اهو سڀ لشڪر پنهنجو ٻاهر نہ ٿي ڪڍين؟ ڪِول جواب ڏنو تہ اي الله تعاليٰ جا نبي اسان کي الله تعاليٰ سڄي زمين عطا ڪئي پر اها اسان کي اختيار نہ ڪئي ۽ اسان زمين جي اندر پنهنجي جاءِ پسند ڪئي انهيءَ ڪري تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ اسان جي حال جو واقف نہ هجي. تڏهن حضرت سليمان عليہ السلام چيس تہ مون کي ڪا نصيحت ڪر. تنهن تي حضرت سليمان عليہ السلام کي چيائين تہ اي حضرت سليمان عليہ السلام الله تعاليٰ تو کي جيڪي عنايتون ڪيون آهن انهن مان هڪ ٻڌاءِ تڏهن حضرت سليمان عليہ السلام چيس تہ الله تعاليٰ واءُ کي منهنجو گهوڙو بنايو آهي جو صبح جو مهيني جو پنڌ تو ڪري ۽ شام جو بہ هڪ مهيني جو پنڌ تو ڪري تنهن تي حضرت سليمان عليہ السلام کي چيائين تہ انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ تو کي جيڪا دنيا جي بادشاهي ۽ اسباب مليو آهي سو سڀ واءُ وانگر آهي ۽ واءُ جو ڪم آهي جو ڪڏهن لڳندو ۽ ڪڏهن نہ لڳندو پوءِ جنهن دنيا جي مال ۽ اسباب تي ڀروسو ڪيو تنهن تي ڪَرَ واءُ تي ڀروسو ڪيو. (هي سڄو تفسير تنوير الايمان جلد 7 صہ 137 کان 139)

ابن ابي حاتم قتادة کان روايت آندي آهي تہ ڪِولين واري وادي شام جي سرزمين ۾ هئي.

ابن ابي حاتم شعبي کان آندو آهي تہ اها ڪِول اڏامندي هئي ڪيس بہ پر هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ اها ڪِول منديِ هئي ان کان علاوه هن سورت ۾ هي عنوان بہ شامل آهن.

هيءَ سورت پنج خطبن تي مشتمل آهي پهريون خطبو سورت جي شروعات کان چوٿين رکوع جي پڇاڙي تائين آهي ۽ ٻيو خطبو پنجين رکوع جي شروعات کان سورت جي پڇاڙي تائين آهي.

پهرين خطبي ۾ ٻڌايو ويو تہ قرآن جي هدايت مان صرف اهي ئي ماڻهو فائدو وٺي سگهن ٿا جيڪي انهن حقيقتن کي مڃي وٺن جن کي اهو ڪتاب هن ڪائنات جي بنيادي حقيقتن جي حيثيت سان پيش ڪري ٿو ۽ وري مڃي وٺڻ کان پوءِ پنهنجي عملي زندگي ۾ بہ اطاعت ۽ تابعداريءَ جو رويو اختيار ڪن پر ان واٽ تي اچڻ ۽ هلڻ ۾ جيڪا شئي سڀني کان وڏيڪ رڪاوٽ بڻجي ٿي اها آهي قيامت جو انڪار ان تمهيد کان پوءِ ٽن قسمن جي سيرتن جا نمونا پيش ڪيا آهن.

1. پهريون نمونو فرعون، ثمود قوم جي سردارن ۽ حضرت لوط عليہ السلام جي قوم جي سرڪش ماڻهن جو آهي جيڪي آخرت کان غافل، بي نياز ۽ نفس جا غلام ٿي ويا هئا اهي ماڻهو ڪنهن نشاني کي ڏسي بہ ايمان آڻڻ لاءِ تيار نہ ٿيا بلڪ اهي اٽلندو انهن ماڻهن جا دشمن بڻجي ويا جن انهن کي خير ۽ ڀلائي ڏانهن سڏيو.

2. ٻيو نمونو حضرت سليمان عليہ السلام جو آهي جنهن کي الله تعاليٰ دولت حڪومت ۽ شان شوڪت سان تمام گهڻو نوازيو هو پر انهن سڀني ڳالهين هوندي بہ جيئن تہ اهو پنهنجو پاڻ کي الله تعاليٰ جي حضور ۾ جوابده سمجهندو هو تنهنڪري سندس مٿو هر گهڙي حقيقي ڏاتار جي اڳيان جهڪيل رهندو هو.

3. ٽيون نمونو سبا جي راڻي بي بي بلقيس جو آهي جيڪا عرب جي تاريخ ۾ نهايت مشهور دولتمند قوم تي حڪمران هئي ان وٽ اهي سڀ ڳالهيون موجود هيون جيڪي ڪنهن انسان کي نفس جي وڏائي ۾ مبتلا ڪري سگهنديون آهن وري اها هڪ مشرڪ قوم سان واسطو رکندي هئي اباڻي تقليد جي ڪري بہ ۽ سندس قوم ۾ پنهنجي سرداري برقرار رکڻ خاطر بہ هن لاءِ شرڪ واري دين کي ڇڏي توحيد وارو دين اختيار ڪرڻ ان کان وڏيڪ ڏکيو هو پر جڏهن مٿس حق پڌرو ٿي ويو تہ ڪابہ شيءِ کيس حق قبول ڪرڻ کان روڪي نہ سگهي جاڪاڻ جو سندس گمراهي هڪ مشرڪ ماحول ۾ اکيون کولڻ جي ڪري هئي نفس جي غلامي ۽ خواهشن جي بندگيءَ جي بيماري مٿس مسلط نہ هئي.

هن سورت ۾ ٻہ دفع بسم الله الرحمن الرحيم لکيل آهي هڪڙي بسم الله الرحمن الرحيم سورت جي شروعات ۾ آهي ٻيو دفعو حضرت سليمان عليہ السلام بي بي بلقيس ڏانهن خط لکيو ان خط جي شروعات ۾ بسم الله الرحمن الرحيم سان ڪيائين ان خط جو مضمون هي آهي " منهنجي مقابلي ۾ شرڪشي نہ ڪريو ۽ مسلمان ٿي مون وٽ حاضر ٿي وڃو".

هد هد جو قصو بي بي بلقيس سبا جي راڻي جي خبر هد هد حضرت سليمان عليہ السلام کي ٻڌائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي اهو مٿيون خط حضرت سليمان عليہ السلام جو بہ هد هد بي بي بلقيس کي پهچايو هو ٻئي خطبي ۾ سڀ کان پهرياڻين ڪائنات جي ڪرم پڌرين مشهور حقيقتن ڏانهن اشارو ڪري مڪي جي ڪافرن کان لاڳيتا ڪي سوال ڪيا ويا آهن تہ ٻڌايو اهي حقيقتون ان شرڪ جي شاهدي ڏيئي رهيون آهن يا توحيد جي ان کان پوءِ ڪافرن جي اصلي بيماريءَ تي آڱر رکي وئي آهي تہ جنهن شيءِ کين انڌو ڪري ڇڏيو اها اصل ۾ آهي قيامت جو انڪار.

ان بحث مان مقـــصد سُتلن کي ڌونڌاڙي جاڳائڻ آهي تنهنڪري 6 ۽ 7 رڪوع ۾ لاڳيتو اهي ڳالهيون ارشاد فرمايون ويون آهن جيڪي ماڻهن ۾ آخرت يعني قيامت جو احساس سجاڳ ڪن.

ڪلام جي پڇاڙي ۾ قــرآن جي اصلي دعوت يعني الله تعاليٰ واحــد جي بـــندگيءَ جي دعوت نهايت مختصر پر انتهائي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري ماڻهن کي خبردار ڪيو ويو آهي تہ ان کي قبول ڪرڻ توهان جي پنهنجي لاءِ نفعي وارو ۽ ان کي رد ڪرڻ توهان جي پنهنجي لاءِ نقصان ڪار آهي.

بي بي بلقيس جو تخت حضرت سليمان عليہ السلام هڪ شخص جنهن وٽ ڪتاب جو علم هو تنهن کان گهرايو جنهن شخص اهو تخت اک ڇنڀ کان اڳ ۾ آڻي حضرت سليمان عليہ السلام جي اڳيان حاضر ڪيو ۽ حضرت سليمان عليہ السلام تخت ڏسي رب جو شڪر ڪيو.

* حضرت صالح عليہ السلام ۽ ان جي قوم جو قصو حضرت موسيٰ عليہ السلام جي معجزن جو بيان
* الله تعاليٰ جي وحدانيت جا دليل
* نبي ڪريم ﷺ جو غمگين ٿيڻ ۽ الله تعاليٰ جي دلجاءِ ڏيڻ
* قيامت جي ويجهو دابة الارض جو ظاهر ٿيڻ
* **قيامت جو بيان**

تفسير تنوير الايمان جلد 7 صفہ 191) آيت نمبر 87 جو قيامت جي باري ۾ هن طرح تفسير لکيو آهي ۽ جڏهن قـــيامت جي ڏينهن حـــضرت اســـرافيل ڦوڪ ڏيندو تہ ان مهل جيڪي زمين ۽ آسمان ۾ هونداســـي سڀ گهٻرائيندا ۽ بيهوش ٿي ويندا مگر جن کي الله تعاليٰ گهريو آهي سي بيهوش نہ ٿيندا.

تفسير خازن وغيره لکيو آهي تہ حضرت اسرافيل عليہ السلام خدا تعاليٰ جي حڪم سان صور ۾ ٽي (3) دفعا ڦوڪ ڏيندو 1. هڪڙي ڦوڪ بـــيهوش ٿيڻ لاءِ (2) ٻئي ڦوڪ مرڻ لاءِ (3) ڦوڪ قـــيامت جي موٽي اُٿڻ لاءِ ۽ انهيءَ آيت ۾ مراد آهي پهرين ڦوڪ جنهن سان سڀ ماڻهو بيهوش ٿي ويندا. ماڻهو خواه جن ۽ ملڪ فقط چئن ملڪن کان سواءِ جن جو بيان هيٺ ايندو. انهيءَ تفسير خازن لکيو آهي تہ اِلاَّمَن شاَءَ الله "يعني جِنَ کي الله تعاليٰ گهرندو تن کي بيهوشـــي ۽ گهٻراهٽ نہ ٿيندي" اهي هوندا شـــهيد سڳورا جن کي انهيءَ ڦوڪ کان بيهوشي ۽ تڪليف نہ ٿيندي ۽ اهي ان مهل بـــ عرش عظيم جي چوگرد تلوارين تي ٽيڪ ڏيئي ويٺا هوندا اهو مضمون حديث جو آهي جنهن جو راوي حضرت ابـوهريره ﷺ آهي ۽ ڪن ائين بـــ چيو آهي تہ چئن وڏن ملڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جبرائيل، اسرافيل، ميڪائيل ۽ عزرائيل بہ انهيءَ ڦوڪ کان ڪا ذرو تڪليف نہ پهچندي

جيئن تفسير خازن وغيره لکيو آهي تہ ٻي ڦوڪ کان پوءِ جڏهن سڀ مري ويندا تہ الله تعاليٰ حڪم ندو عزرائيل کي تہ تون اسرافيل جو روح قبض ڪر پوءِ جڏهن اسرافيل مري ويندو تڏهن عزرائيل کان ا تعاليٰ پڇندو تہ منهنجي خلق مان باقي ڪير رهيو آهي تڏهن عزرائيل عرض ڪندو تہ اي رب پاڪ منهنجا! تنهنجي ذات پاڪ تہ هميشہ دائم ۽ قائم آهي باقي جبرائيل ميڪائيل ۽ ملڪ موت رهيا آهيو. تڏهن الله تعاليٰ فرمائيندس تہ ميڪائيل جو روح بہ قبض ڪر پوءِ اهو بہ فنا ٿيندو پوءِ فرمائيندس تہ هاڻي منهنجي مخلوقات مان باقي ڪير رهيا؟ تڏهن عرض ڪندو تہ رب منهنجا! تنهنجي ذات قديم ۽ قائم آهي ۽ مخلوقات مان هڪڙو آءُ ۽ ٻيو جبرائيل باقي آهيون پوءِ الله تعاليٰ فرمائيندو ملڪ الموت کي تو مري ۽ فنا ٿي رهہ. پوءِ هو بہ مري ويندو. تڏهن ا تعاليٰ فرمائيندو جبريل کي تہ هاڻي منهنجي خلق مان باقي ڪير رهيو آهي؟ جبرائيل عرض ڪندو تہ رب منهنجا! تنهنجي ذات دائم ۽ قائم آهي مخلوق مان ٻانهو ضعيف فاني جبريل آهي تڏهن الله تعاليٰ فرمائيندس تہ تون بہ ضرور فاني ٿيندين پوءِ جبريل بہ فنا ٿي ويندو پوءِ الله تعاليٰ جي ذات پاڪ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونہ بچي رهندو.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (28) سورت اَلْقَصَص (مکيه آيات 88)

"القصص" هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 25 جي جملہ "وَقَصَّ عَلَيْهِ الْقَصَصَ" مان ورتل آهي لغوي اعتبار سان (قصص) جي معنيٰ آهي واقعن کي ترتيب وار بيان ڪرڻ ان لحاظ سان هي لفظ معنيٰ جي اعتبار سان بہ هن سورت جي عنوان تي سگهي ٿو ڇو تہ هن سورت ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام جي قصي جا مختلف ڀاڱا جيڪي انهن ۾ بيان ڪيا ويا آهن تن جي پاڻ ۾ ملڻ سان پورو قصو ٺهي وڃي ٿو.

حضرت موسيٰ عليہ السلام هڪ اسرائيل گهراڻي ۾ پيدا ٿيو حضرت موسيٰ عليہ السلام حضرت يعقوب جي پٽ لاوي جي اولاد مان هو سندس پيءُ جو نالو عمران آهي.

هن سورت ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ فرعون وغيره جا قصا بيان ٿيل آهن.

بائيبل ۽ تلمود مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻار جو نالو "موسيٰ" فرعوني جي گهر ۾ رکيو ويو هو اهو عبراني ٻولي جو نہ پر قبطي ٻوليءَ جو لفظ آهي موسيٰ جي لفظ جي معنيٰ آهي "مون هن کي پاڻيءَ مان ڪڍيو" پراڻي مصري ٻوليءَ ۾ بہ حضرت موسيٰ عليہ السلام جي نالي جي اها تخريج (توجيهہ) صحيح ثابت ٿئي ٿي ان زبان ۾ "مو" پاڻي کي چوندا هئا "اوشيَ جو مطلب هو "بچايل". (حوالہ تفهيم القرآن خلاصو 2 صہ 643 حاشئہ 16).

هن سورت جو مرڪزي موضوع هي آهي هن سورت جو موضوع انهن شبهن ۽ اعتراضن کي دور ڪرڻ لاءِ جيڪي نبي ڪريم ﷺ جي رسالت تي ڪيا ويا ٿي ۽ انهن بهانن کي ختم ڪرڻ آهي جيڪي پاڻ سڳورن تي ايمان نہ آڻڻ لاءِ پيش ڪيا ويا ٿي.

ان مقصد لاءِ سڀ کان اڳ حضرت موسيٰ عليہ السلام جو قصو بيان ڪيو ويو آهي جيڪو نزول قرآن جي زماني وارين حالتن سان گڏجي پاڙهي پاڻ کي حقيقتون ٻڌندڙ جي ذهن نشين ڪري ٿو.

پهريون هيءُ تہ الله تعاليٰ جيڪو ڪجهہ گهرندو آهي تہ ان لاءِ اهو غير محسوس طريقي سان اسباب ۽ وسيلا تيار ڪري ڇڏيندو آهي جنهن ٻار هٿان آخرڪار فرعون جو تختو اونڌو ڪرڻ هو تنهن کي الله تعاليٰ خود فرعون جي ئي گهر ۾ سندس پنهنجن هٿن سان پالنا ڪرائي هيءَ تہ نبوت ڪنهن شخص کي ڪنهن وڏي جشن ۽ زمين و آسمان مان ڪنهن اعلان سان نہ ڏني ويندي آهي توهان کي اچرج ٿئي ٿو تہ محمد ﷺ کي ماڻ ميٽ ۾ نبوت ڪٿان ملي ويئي ۽ ويٺي ويٺي هي نبي ڪيئن بڻجي ويو پر جڏهن موسيٰ عليہ السلام جو توهان پاڻ حوالو ڏيو ٿا لَوْلَآ اُوْتِيَ مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى (آيت 48) تنهن کي بہ اهڙيءَ طرح واٽ هلندي نبوت ملي هئي.

ٽين هيءُ تہ جنهن ٻانهي کان الله تعاليٰ ڪو ڪم وٺڻ گهرندو آهي ظاهري طرح ڪا طاقت ان وٽ نہ هوندي آهي پر وڏا وڏا الشڪر ۽ ساز و سامان وارا آخرڪار سندس مقابلي ۾ بيوس ٿي پوندا آهن جيڪا نسبت اڄ توهان حضرت محمد ﷺ ۽ پنهنجي وچ ۾ ڏسي رهيا آهيو. تنهن کان گهڻو وڌيڪ فرق حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ فرعون جي طاقت جي وچ ۾ هو پر ڏسو ڪنهن هاريو ڪنهن کٽيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٿين هيءُ تہ توهان ماڻهو هر هر موسيٰ جو حوالو ڏيندا آهيو تہ "حضرت محمد ﷺ کي اهو سڀ ڪجهہ چو نہ ڏنو ويو جيڪو موسيٰ عليہ السلام کي ڏنو ويو" يعني عَصَا (لٺ) ۽ يَدُ بَيضاءَ (روشن هٿ) ۽ ٻيا پڌرا معجزا پر توهان کي ڪا بہ خبر آهي تہ جن ماڻهن کي اهي معجزا ڏيکاريا ويا هئا انهن کي ڏسي بہ ايمان نہ آندو چو جو اهي حق جي خلاف هٺ ۽ بغض ۾ مبتلا هئا انهيءَ بيماري ۾ اڄ توهان بہ مبتلا آهيو ڇا توهان انهيءَ قسم جا معجزا ڏسي ايمان آڻيندؤ وري توهان کي اها خبر بہ آهي تہ جن ماڻهن اهي معجزا ڏسي حق جو انڪار ڪيو هو تن جو انجام ڪهڙو ٿيو. آخر ڪار الله تعاليٰ کين تباهہ ڪري ڇڏيو. هاڻي ڇا توهان بہ هٺ ۽ هوڏ سان معجزا گهري پنهنجي شامت آڻڻ گهرو ٿا.

هي اهي ڳالهيون آهن جيڪي ڪنهن پڌرائي کان سواءِ پاڻهي پاڻ هر ان شخص جي دل ۾ ويهي وينديون هيون جيڪي مڪي جي ڪافرائي ماحول ۾ هن قصي کي ٻڌندو هو ڇاڪاڻ جو ان وقت حضرت محمد ڪريم ﷺ ۽ مڪي جي ڪافرن جي وچ ۾ اهڙي ئي ڇڪتاڻ برپا هئي جهڙي هن کان اڳ ۾ فرعون ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام جي وچ ۾ برپا ٿي چڪي هئي ان کان پوءِ (5) پنجين رڪوع کان اصل موضوع تي سڌي سنئين ڳالهہ شروع ٿي رهي آهي.

پهرين هن ڳالهہ کي محمد ڪريم ﷺ جي نبوت جو هڪ ثبوت قرار ڏنو ويو ٿو تہ پاڻ سڳورا ﷺ امي هئڻ جي باوجود بہ هزار ورهہ اڳ گذريل تاريخي هڪ واقعو پورو تفصيل سان ٻڌائي رهيو آهي. وري پاڻ سڳورن ﷺ جي نبوت کي انهن ماڻهن لاءِ الله تعاليٰ جي هڪ رحمت قرار ڏنو ويو ٿو جو اهي غلفت ۾ پيل هئا جو الله تعاليٰ سندن هدايت لاءِ اهو انتظام ڪيو پوءِ انهن جي ان اعتراض جو جواب ڏنو ويو ٿو تہ هن نبي اهي معجزا ڇو نہ آندا جيڪي حضرت موسيٰ عليہ السلام هن کان اڳ ۾ آندا هئا انهن کي چيو ويو ٿو تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي توهان ڪڏهن مڃيو آهي جو هاڻي هن نبي کان معجزن جي گهر ڪري رهيا آهيو آخر ۾ مڪي جي ڪافرن جي ان اصلي بهاني کي بيان ڪيو ويو ٿو جيڪي نبي ڪريم ﷺ جي ڳالهہ نہ مڃڻ لاءِ اهي پيش ڪندا هئا انهن جو چوڻ هي هو تہ جيڪڏهن اسان عرب وارن جي شرڪ جو دين ڇڏي هي توحيد جو نئون دين اختيار ڪريون تہ هڪدم هن ملڪ مان اسان جي مذهبي، سياسي ۽ معاشي وڏيرپ ختم ٿي ويندي اها ڳالهہ جيئن تہ قريش جي سردارن لاءِ حق جي دشمني جو اصلي ڪارڻ هئي تنهنڪري الله تعاليٰ ان تي سورة جي پڇاڙي تائين تفصيل سان بيان فرمايو آهي. (حوالہ تفهيم القرآن جلد 2 صفہ 636 کان 638)

اسان هاڻي حضرت موسيٰ عليہ السلام جي قصي جا مختلف پاڳا جيڪي بيان ڪيا ويا آهن تن جي پاڻ ۾ ملڻ سان پورو قصو ٺهي ٿو انهن پاڳن کي عنوان ڏنا ويا آهن جيڪي هي آهن.

1. حضرت موسيٰ عليہ السلام جي ڪير بابت احوال

2. چيو زال فرعون کي هي ڇوڪرو قتل نہ ڪريو هي تنهنجي منهنجي اکين جو ٺار آهي. هي اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو پٽ ڪنداسون.

3. حضرت موسيٰ عليہ السلام جو جوان ٿيڻ ۽ قبطيءَ کي مڪ هڻڻ جو بيان

4. حضرت موسيٰ عليہ السلام جو شهر ڇڏڻ جو بيان

5. حضرت موسيٰ عليہ السلام جو شعيب عليہ السلام وٽ پهچڻ

6. حضرت شعيب چيو حضرت موسيٰ کي آءُ ارادو ڪريان ٿو تہ توکي پرڻايان هڪڙي ڌيءُ هنن ٻنهي مان هن شرط تي منهنجي اٺ سال مزدوري ڪرين ڏهن سالن کي اهو تو وٽان احسان آهي.

7. حضرت موسيٰ عليہ السلام انجام ڏهن سال پورو ڪيو ۽ حضرت شعيب جي نياڻي بي بي سفوران سان نڪاح ٿيو.

8. حضرت موسيٰ جو واپس موٽڻ ۽ معجزن جو ملڻ

9. حضرت موسيٰ عليہ السلام کي خوف کان ساڄو هانءُ تي کٻي ٻڇي جي هيٺيان هٿ رکڻ سان خوف لهي ويندو هيس الله تعاليٰ اهو معجزو حضرت موسيٰ عليہ السلام کي ڏنو.

10. حضرت موسيٰ عليہ السلام کي فرعون ڏانهن وڃڻ جو حڪم

11. حضرت موسيٰ عليہ السلام جو فرعو تي غلبو

12. حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ هارون عليہ السلام جو فرعونين وٽ پهچڻ

13. فرعون جي حضرت موسيٰ عليہ السلام سان جنگ ۽ فرعون جو لشڪر سوڌو ٻڏڻ

* هن سورت ۾ نبي ڪريم کي دلجايون ڏيڻ
* هن ۾ حضرت محمد ڪريم ﷺ جي امت جي ڀلائي
* اهل ڪتاب وارن جن ايمان آندو (قرآن تي)انهن کي ٻہ اجر ڏنا ويندا
* تحقيق تون هدايت نہ ٿو ڪرين جنهن کي محبت ٿو رکين پر خدا هدايت ٿو ڪري جنهن کي گهري ٿو.
* ڪافرن جو اعتراض ۽ ان جو جواب
* قيامت جي ڏينهن ڪافرن کي بتن ۽ سردارن بابت پڇاڻو
* ڪافرن جو اعتراض تہ هي قرآن ڪنهن وڏي سردار تي ڇو نہ لٿو ۽ ان جو جواب
* ڪافرن لاءِ دليل
* قارون جو قصو. قارون جو جواب ۽ اڳين قومن جون ياد گيريون ڏيارڻ
* قارون کي زمين جو ڳهڻ
* متڪبر جو حال بدانجام ۽ بدمال ڏسو
* وڏائي ۽ تڪبر جي تنبيهہ
* نبي ڪريم ﷺ جن کي هجرت وقت مڪو شريف ياد اچڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (29) سورت العنکبوت (مکيه آيات 69)

هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 41 مان ورتل آهي العنکبوت جي معنيٰ آهي ڪوريئڙو.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ ڪافرن، بت پرستن کي ڪوريئڙي سان مشابهت ڏني آهي تنهن ڪري هن سورت جو نالو العنکبوت رکيو ويو آهي. آيت نمبر 41 ۾ ڪمثل العنکبوت لفظ مذڪور آهي.

مضمون تفهيم القرآن خلاصو صفحہ 282،683).

الله تعاليٰ هي سورت هڪ صادِقُ الاِيمانِ ماڻهن ۾ عزم، همٿ ۽ استقامت پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ ٻئي پاسي ڪمزور ايمان وارن ماڻهن کي شرم ڏيارڻ لاءِ نازل فرمائي ان سان گڏو گڏ مڪي جي ڪافرن کي بہ ان ۾ حق سان دشمني جي انجام بابت سخت تنبيهہ ڪئي وئي.

ان سلسلي ۾ انهن سوالن جا جواب بہ ڏنا ويا آهن جيڪي مسلمان نوجوانن کي ان وقت پيش اچي رهيا هئا جهڙوڪ سندن والدين مٿن زور ڏيندا هئا تہ اسان جي دين تي قائم رهو جنهن قرآن تي توهان ايمان آندو آهي تنهن ۾ بہ تہ اهو لکيل آهي تہ ماءُ ۽ پيءُ جو حق سيني کان وڌيڪ آهي سو اسان جيئن چئون ٿا تيئن ڪريو نہ تہ توهان پاڻ پنهنجي ئي ايمان جي خلاف ڪم ڪندؤ ان جو جواب آيت نمبر 8 ۾ هن طرح آهي آيت جو ترجمو: اسان انسان کي هدايت ڪئي آهي تہ پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ سان سهڻو سلوڪ ڪر. پر جيڪڏهن اهي تو تي زور پرين تہ تون مون سان ڪنهن اهڙي (معبود) کي پاڻيوار مڃ جنهن کي تون (منهنجي شريڪ جي حيثيت) سان) نٿو ڄاڻين تہ انهن جي اطاعت نہ ڪر مون ڏانهن ئي توهان سيني کي موٽي اچڻو آهي. پوءِ مان توهان کي ٻڌائيندس تہ توهان ڇا ڪندا رهيا آهيو.

اهڙي طرح ڪن نون مسلمانن کي سندن قبيلي جا ماڻهو چوندا هئا تہ گناهہ ۽ ثواب اسان جي مٿان آهي توهان اسان جو چيو مڃو ۽ هن شخص کان ڏار ٿي وڃو الله تعاليٰ وٽ جو جواب اسان ڏينداسين ان جو جواب آيت نمبر 12 ۽ آيت نمبر 13 ۾ هن طرح آهي آيت نمبر 12 جو ترجمو: اهي ڪافر ايمان آڻڻ وارن کي چوندا آهن تہ توهان اسان جي طريقي جي پيروي ڪريو ۽ اسان توهان جي گناهن کي پنهنجي مٿان کڻنداسين جڏهن تہ انهن جي گناهن سان ڪجهہ بہ اهي پنهنجي مٿان کڻڻ وارا نہ آهن اهي نسورو ڪوڙ ڳالهائن ٿا.

آيت نمبر 13 جو ترجمو: ها ضرور اهي پنهنجا بار بہ کڻندا ۽ پنهنجن بارن سان گڏ ٻيا ڪيترا بار بہ کڻندا ۽ قيامت جي ڏينهن پڪ سان ڪائنن انهن بهتان بازين جو پڇاڻو ٿيندو جيڪي اهي مڙهيندا رهيا آهن.

هن سورت ۾ جيڪي قصا بيان ڪيا ويا آهن تن ۾ گهڻو ڪري اهو پهلو پڌرو آهي تہ اڳين نبين کي ڏسو تہ ڪهڙيون سختيون انهن تي ٿيون ۽ ڪيترو ڊگهو عرصو اهي ستايا ويا پوءِ آخرڪار الله تعاليٰ طرفان انهن جي مدد ٿي تنهنڪري گهبرايو نہ الله تعاليٰ جي مدد ضرور ايندي پر آزمائش ۽ پرک جو هڪ دور گذرڻ ضروري آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ مسلمانن کي هدايت ڪئي ويئي تہ جيڪڏهن ظلم ۽ ڏاڍ توهان برداشت ڪان ٻاهر آهي تہ ايمان ڇڏڻ بدران گهر گهاٽ ڇڏي نڪري وڃو الله تعاليٰ جي زمين ڪشادي آهي جتي الله تعاليٰ جي عبادت ڪري سگهو اتي هليا وڃو.

انهن سڀني ڳالهين سان گڏ ڪافرن کي سمجهائڻ جو پهلو بہ نہ ڇڏيو ويو آهي توحيد ۽ آخرت ٻنهي حقيقتن کي دليل سان سندن ذهن ۾ ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هن سورت ڪان علاوه ٻيا بہ ڪيترا ارشاد الله تعاليٰ جي طرفان نازل ٿيل آهن جن مان ڪي هي آهن. (حوالہ تفهيم القرآن خلاصو 2 صفہ 682،683)

* الله تعاليٰ جي وحدانيت
* حضرت نوح عليہ السلام جو قصو
* حضرت ابراهيم عليہ السلام جي مارڻ جون صلاحون
* حضرت ابراهيم عليہ السلام تي الله تعاليٰ جون ٻلايون

تفسير حافظ ابن ڪثير لکيو آهي تہ: الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي نسبت فرمايو تہ اسان ان جي اولاد ۾ نبوت جو ڪتاب کي قائم ڪري رکيو. حضرت ابراهيم عليہ السلا ڪان پوءِ جيڪو بہ نبي رسول ٿيو سي سڀ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي اولاد مان هئا چو تہ سڀ نبي ۽ پيغمبر بني اسرائيل جا اولاد هئا يعني حضرت يعقوب عليہ السلام جو تانجو سڀني ڪان پوءِ حضرت عيسيٰ عليہ السلام بن مريم نبي ڪريم ﷺ جي اچڻ جي بشارت ڏني تہ مون ڪان پوءِ هڪڙو نبي رسول عربي قريش هاشمي خاتم النبين سڀني رسولن جو سردار حضرت اسماعيل عليہ السلام جي اولاد مان پيدا ٿيندو.

* حضرت لوط عليہ السلام جي قوم جو قصو
* حضرت لوط عليہ السلام جي قوم تي عذاب
* حضرت شعيب عليہ السلام جي قوم جو قصو
* اڳين قومن يعني عاد ۽ ثمود قومن جي تباهي
* ڪوريئڙي جو مثال ٻين جي پيٽ ۾: جن ماڻهن الله تعاليٰ کي ڇڏي ٻيا سرپرست بڻايا آهن انهن جو مثال ڪوريئڙي جهڙو آهي جيڪو پنهنجو گهر اڏيندو آهي ۽ سڀني گهرن ڪان وڌيڪ ڪمزور ڪوريئڙي جو گهر ٿي هوندو آهي ڪاش اهي ماڻهو سمجهن ها.
* (اي نبي) ان ڪتاب جي تلاوت ڪر جيڪو توڏانهن وحي وسيلي موڪليو آهي ۽ نماز قائم ڪر بيشڪ نماز بي حيائي ۽ برائي جي ڪمن کي روڪي ٿي ۽ الله جو ذڪر تہ اجا بہ وڏو آهي.
* نبي ڪريم ﷺ جن تي امي هجڻ جو دليل
* قرآن شريف جون آيتون روشن آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* قرآن مجيد معجزو آهي اعتراضَ جو جواب
* ايمان آڻڻ کان پوءِ چڱا ڪم ڪرڻ سان جنت ملندي
* روزي الله تعاليٰ ڏيندو آهي.
* دنيا راند جي مثال آهي

وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ هن سورت جو تفصيل پڙهندا.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (30) **سورت الروم** (مکيه آيات 60)

لفظ الروم هن سورت جي آيت نمبر 2 مان ورتل آهي روم لفظ قوم، شهر يا ملڪ جو نالو آهي هن ۾ روم جي بادشاهه جي غالب ۽ مغلوب ٿيڻ جو ذڪر آهي. ان ڪري هن سورت جو نالو الروم آهي.

هن سورت ۾ جهاد ۾ مومنن ڪي مدد ۽ دشمنن تي غالب ڪرڻ جو بيان ڪيو ويو آهي هن سورت ۾ توحيد جا دليلن جو ذڪر تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي (حواله المراغي صه 26 جزء 21 جلد 7)

تفسير احسن البيان في تفسير القرآن ج 7 صه 137 تان ورتل آهي ته هن سورت ۾ مختلف مقامن (جائن) تي الله جل شانه جي قدرت ۽ حڪمت جا روشن دليل ذڪر ڪري ثابت ڪيو ويو آهي ته اهو الله تعالىٰ آهي جيڪو هن ڪمال جي صفتن سان موصوف آهي ان کان سواءِ سڀ سندس پانها آهن ڪنهن ڪي به اهو نه ٿو جڳائي جو ان جي همسريءَ جي ڪو دعوىٰ ڪري ۽ نه ڪنهن ڪي ڪو حق آهي جو ڪنهن ڪي ان سان شريڪ بنائي.

تفهيم القرآن خلاصو جلد 2 صفه 718 تان هي موضوع ۽ مضمون ورتل آهي.

هن سورت ۾ ڪلام جي شروعات ان ڳالهه سان ڪئي ويئي آهي ته اڄ رومي مغلوب ٿي ويا آهن پر ٿورڙن ورهين ۾ رخ مٽجي ويندو ۽ جيڪي مغلوب آهي سو غالب ٿي ويندو.

روم ۽ ايران جي معاملي کان تقـــرير جو رخ آخرت جي مضمون ڏانهن مڙي ٿو لاڳيتو ٽن رڪوعن ۾ مختلف طريقن سان اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي آخرت جو ٿيڻ ممڪن به آهي معقول به آهي ۽ ان جي ضرورت به آهي.

ان سلسلي ۾ آخرت تي دليل ڏيندي ڪائنات جي اهڃاڻن کي شاهديءَ طور پيش ڪيو ويو آهي سي بلڪل اهي ساڳيائي اهڃاڻ آهن جيڪي توحيد تي به دلالت ڪن ٿا ان ڪري چوٿين رڪوع جي شروعات کان تقرير جو رخ توحيد جي حق هئڻ ۽ شريڪ جي باطل هئڻ ڏانهن ٿي وڃي ٿو ۽ پڌايو وڃي ٿو ته شرڪ ڪائنات ۽ انسان جي فطرت جي خلاف آهي تنهنڪري جتي انسان ان گمراهيءَ کي اختيار ڪيو آهي ته اتي فساد ظاهر ٿيو آهي هن موقعي تي وري ان عظيم فساد ڏانهن جيڪو ان وقت دنيا جي سيني کان وڏين ٻن حڪومتن جي وچ ۾ جنگ جي ڪري موجود هو اشارو ڪندي پڌايو ويو آهي ته اهو فساد به شرڪ جي نتيجن مان هو.

ســـــورت جي پڇاڙيءَ تي تمثيل جي انداز ۾ ماڻهن کي سمجهايو ويو آهي ته جهڙي طرح مئل زمين (ويران) الله تعالىٰ جي وسايل مينهن سان امالڪ جيئري (آبـــاد) ٿي پوندي آهي اهڙي طرح الله تعالىٰ پاران موڪليل وحي ۽ نبوت به مئل انسانيت جي حق ۾ رحمت جو وسڪارو آهن هن موقعي مان فائدو وٺندؤ ته اهائي عرب جي سڄي ويران زمين خدائي رحمت سان سرسبز ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن ان مان فائدو نه وٺندؤ ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو ئي نقصان ڪندؤ

* هن سورت ۾ مٿين ارشادن کان سواءِ ٻيا بہ ڪافي ڪجهہ ارشادات آهن جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا.

* ايران ۽ رومين جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون وري بہ ٻڌائجي ٿو تہ هن سورت ۾ ايران ۽ رومين جي جنگ جو بيان آهي.

* الله تعاليٰ جي نعمتن کي ڏسڻ جي باجود بہ انڪار ڪيو ٿا آخرت جو ذڪر بہ مٿي ڪيو ويو تہ قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ ٻيهر پيدا ڪندو.

* هن سورت ۾ آيت نمبر 18 ۾ نماز جي پنجن وقتن جو بيان آهي.

* الله تعاليٰ انسان کي نشانيون ٻڌائي ياد گيريون ڏياري ٿو.

* هر شيءِ الله تعاليٰ جي تابعدار آهي.

* الله تعاليٰ انسانن کي مثال جي ذريعي سمجهائي ٿو.

* الله تعاليٰ جي تنبيهہ تہ ابراهيمي دين کي قائم ڪريو.

* فرقہ بندي نہ ڪريو

* آسودگيءَ ۾ غريبن مسڪينن جي سنڀال لهڻ

* وياج جا ٻہ قسم آهن

* زڪوات يا خيرات ڏئي احسان نہ رکي

* هوائن ۽ دريائن جا فائدا

* انسان جي ٽن مرحلن جو بيان

* سندس نشانين مان هي آهي تہ الله تعاليٰ توهان لاءِ توهان جي ئي جنس مان زالون خلقيون جيئن توهان انهن وٽ سڪون حاصل ڪريو ۽ توهان جي وچ ۾ محبت ۽ رحمت پيدا ڪيائين.

* الله تعاليٰ جي تنبيهہ تہ ابراهيمي دين کي قائم ڪريو.

هن سورت جي آيت نمبر 30 جو ترجمو پوءِ (اي نبي ۽ نبيءَ جا تابعدارو) هڪ طرفو ٿي رخ ابراهيم دين ڏانهن ٻيهارجو. قائم رهو ان فطرت تي جنهن تي الله تعاليٰ انسان کي پيدا ڪيو آهي الله تعاليٰ جي خلقڻ ۾ ڪا مٽ سٽ نہ ٿي ڪري سگهجي اهو سڌو سنئون دين آهي پر گهڻا ماڻهو ڄاڻن نہ ٿا.

هن آيت جو تفسير تفهيم القرآن خلاصو 2 صہ 735،734 حاشئہ نمبر 43 کان حاشئہ نمبر 47 هن آيت جو تفسير لکيو آهي. حاشئہ 43: ان دين مان مراد اهو خاص دين آهي جنهن کي قرآن پيش ڪري رهيو آهي جنهن ۾ بندگي عبادت ۽ اطاعت جو حقدار الله وحده لاشريڪ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نہ آهي.

حاشئي 44: ”هڪ طرفو ٿي پنهنجو رخ ان دين ڏانهن ڪري ٻيهاريو“ يعني پوءِ ڪنهن ٻئي طرف جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رخ نہ ڪريو پنھنجي حياتيءَ لاءِ ان واٽ کي اختيار ڪرڻ کان پوءِ ڪنھن ٻي واٽ ڏانھن واجھائڻ بہ نہ کپي.

حاشئہ نمبر 45 يعني سڀ انسان ان فطرت تي پيدا ڪيا ويا آھن تہ انھن جو ڪو خالق ڪو رب ڪو معبود ۽ حقيقي مالڪ ھڪ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو نہ آھي انھيءَ فطرت تي توھان کي قائم رھڻ گھرجي.

انھيءَ مضمون کي ڪيترين حديثن ۾ نبي ﷺ واضع طرح بيان فرمايو آھي مثال طور بخاري ۽ مسلم ۾ آھي حضور ﷺ جن فرمايو آھي تہ سڀ ڪو ٻار جيڪو ڪنھن ماءُ جي پيٽ مان ڄمندو آھي اصلي انساني فطرت تي ڄمندو آھي پوءِ اھي ماءُ پيءُ آھن جيڪي ڪيس بعد ۾ عيسائي يا يھودي يا مجوسي وغيره بنائي ڇڏيندا آھن ان جو مثال ايئن آھي جيئن سڀ ڪنھن جانور جي پيٽ مان پورو پنو صحيح سالم ڦر نڪرندو آھي ڪو ڦر بہ ڪن ڪپيل نہ ھوندو آھي پر مشرڪ پنھنجي جھالت جي وھمن جي ڪري ان جا ڪن ڪپيندا آھن.

حاشئہ نمبر 46 يعني الله تعاليٰ انسان کي پنھنجو ٻانھو بنايو آھي ۽ پنھنجي ئي بندگيءَ لاءِ پيدا ڪيو آھي اھا بناوٽ ڪنھن جي مٽڻ سان نٽي مٽجي سگھي نہ انسان ٻانھي مان ڦري غير ٻانھو ٿي سگھي ٿو نہ وري ڪنھن غير خدا کي خدا بنائڻ سان اھو حقيقت ۾ سندس خدا ٿي سگھي ٿو انسان ڪٽي پنھنجا ڪيترا بہ خدا بنائي پر اھا حقيقت پنھنجي جاءِ تي اٽڙ آھي تہ اھو ھڪ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنھن جو بہ ٻانھو نہ آھي.

* ھن آيت جو ترجمو ھي بہ ٿي سگھي ٿو تہ الله تعاليٰ جي جوڙيل بناوٽ ۾ مٽ سٽ نہ ڪئي وڃي يعني الله تعاليٰ جنھن فطرت تي انسان کي پيدا ڪيو آھي تنھن کي بگاڙڻ ۽ مسخ ڪرڻ صحيح ناھي.

* حاشئہ نمبر 47 يعني سنيئن ۽ سليم فطرت تي قائم رھڻ ئي سڌو ۽ صحيح طريقو آھي.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا الله الرحمن الرحيم

## (31) **سورت لقمان** (مکيه آيات 34)

لقمان هڪ شخص جو نالو آهي جنهن جو نالو هن سورت جي آيت نمبر 12 آيت نمبر 13 مان ورتل آهي لقمان هڪ متقي، داناءُ هيو هن کي الله تعاليٰ حڪمت عطا ڪئي آهي جنهن جو ذڪر هن سورت ۾ ٿيل آهي هن سورت جي ٻئي رڪوع ۾ اهي نصيحتون ڏنيون ويون آهن جيڪي لقمان حڪيم پنهنجي پٽن کي ڪيون هيون هن سورت ۾ ان جون حڪمتون، نصيحتون ۽ توحيد جا بيان ٿيل آهن

## حضرت لقمان ڪير هو

لقمان هڪ وڏو حڪيم ۽ نيڪ بخت شخص هو عرب ۾ ان جي حڪمت ۽ دانائي مشهور هئي حضرت ابن عباس فرمايو آهي ته لقمان حڪيم نبي نه هو لقمان ڪاري رنگ جو ڏنار هو جو ٻڪريون چاريندو هو ٻين اڪثر تفسيرن ۾ لکيو آهي ته لقمان نبي نه هو بلڪ خدا جو صالح ٻانهو هو تفسيرن ۾ ٻين لکيو آهي ته لقمان باعور جو پٽ هو ۽ اصل باعور حضرت ايوب جو ڀاڻيجو هو يعني چون ٿا ته لقمان آذر جي اولاد مان هو. تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو ته لقمان يونان جي حڪيمن مان هڪڙو هو.

تفسير حافظ ابن ڪثير وغيره لکيو آهي ته هڪڙي شخص لقمان حڪيم کي حڪمت جي ڏينهن ۾ ڏٺو ته لقمان کي چيائين آءُ توکي سڃاڻان ٿو جو تون ته ڏنار ٻڪرين جو چاريندڙ هئين ۽ تون ڪاري رنگ جو شيدي آهين تڏهن لقمان چيس ته منهنجي بدن جو ڪارو رنگ ته پڌرو آهي پر توکي منهنجي ڪهڙي ڪم کان عجب لڳو آهي. ان چيس ته ماڻهو تنهنجي دروازي تي پيا اچن وڃن ۽ سيئي توکان اچيو پڇن ۽ جيڪي تون انهن کي چوين ٿو تنهن تي سڀ ڪو راضي ٿيو وڃي تڏهن لقمان چيو ته آءُ بيشڪ ڏنار هوس مگر هي مرتبو جو مون کي حاصل ٿيو آهي اهو هيٺين ڳالهين جي ڪري ٿيو آهي.

1. نامحروم عورتن کان اکيون بند ڪيم.
2. زبان کي اجائي ڳالهائڻ کان روڪيم
3. حلال جو گرهه کاڌم
4. پنهنجي اوگهڙ کي زنا کان بچايم
5. هميشه سچ ڳالهايم
6. پنهنجن ڪيل انجامن کي پاڙيم
7. مهمانن کي عزت ڏنم
8. پنهنجن پاڙي وارن کي خوش ڪيم
9. بيهودي ۽ بي فائدي ڪم کي ڇڏي ڏنم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ڳالهين مون کي اهڙو سردار بنائي ڇڏيو.

تفسير لکيو آهي ته لقمان حڪيم حضرت داؤد عليہ السلام جي ڏينهن ۾ هوندو هو ۽ حڪمت ۾ ان جو وزير هو.

ڪن عرب جي لکيل پڙهيل ماڻهن وٽ صحيفہ لقمان نالي سان سندس سياڻپ جي ڳالهين جو هڪ مجموعو بہ موجود هو.

تفهيم القرآن خلاصو 2 صفہ 747 تي تفسير واري سورت لقمان جو موضوع ۽ مضمون هن طرح لکيو آهي هن سورة ۾ ماڻهن کي شرڪ جي واهيات هجڻ ۽ ان جي نامعقوليت ۽ توحيد جي سچائي ۽ معقوليت سمجهائي وئي آهي ۽ کين دعوت ڏني ويئي آهي تہ ابـــن ڏاڏن جي انڌي تقـــليد ڇڏي دل کولي ان تعليم تي غور ڪن جيڪا حضرت محمد ﷺ جهانن جي پالڻهار طرفان پيش ڪري رهيو آهي ۽ اکيون کولي ڏسن تہ هر طرف ڪائنات ۾ ۽ خود انهن جي پنهنجي وجود ۾ ڪهڙا ڪهڙا پڌرا نشان سندس سچائيءَ جي شاهدي ڏيئي رهيا آهن.

هن سلسلي ۾ اهو بہ پڌايو ويو تہ هي ڪو نئون نياپو ناهي جيڪو دنيا ۾ يا عرب ۾ پهريون ڀيرو آيو هجي اڳ ۾ بہ جيڪي ماڻهو علم، عقل، حڪمت ۽ دانائي رکندا هئا سي اهي ئي ڳالهيون ڪندا هئا جيڪي اڄ حضرت محمد ﷺ جن چئي رهيا آهن توهان جي پنهنجي ئي ملڪ ۾ لقمان نالي هڪ حڪيم تي گذريو آهي جنهن جي حڪمت ۽ ڏاهپ جا توهان پاڻ بہ قائل آهيو هاڻي توهان پاڻ ئي ڏسو تہ هو ڪهڙي عقيدي ۽ ڪهڙن اخلاقن جي تعليم ڏيندو هو.

هن سورت ۾ مٿين ڳالهين کان سواءِ هيٺيان ارشادات بہ پڌايل آهن.

**الله تعاليٰ جي عظمت**

الله تعاليٰ جي ڪلمن جي عظمت ڏسو تہ ايڏي آهي جو دنيا جي سيني وڻن کي قلم بـــنائجي ۽ ستن سمنڊن کي مس ڪجي ۽ پوءِ ان جي ڳالهين صفتن ۽ قدرت ڪٺي لکي تہ اها درياء ڪٺي پون ۽ لکي پوريون نہ پون ۽ خدا تعاليٰ جا ڪلما هر گز نہ ڪٽن ۽ نکو انسان انهن کي لکي ۽ گهيري سگهندو.

## حڪمت ڇا کي چئجي.

الله تعاليٰ تو فرمائي تہ اسان لقمان کي حڪمت ڏني حڪمت ڇا کي چئبو آهي سمجهڻ گهرجي تہ حڪمت طب کي نہ چئبو آهي بلڪہ اها حڪمت آهي جو طاقت جي موافق علم حاصل ڪري ۽ تمام چڱن ڪمن کي عمل ۾ آڻڻ جو ملڪ پورو حاصل ڪري نفس انسانيت کي ڪامل ڪرڻ جو نالو آهي.

جامع القرآن لکي آهي تہ حڪمت هي آهي جو الله تعاليٰ حضرت لقمان عليہ السلام تي عقل جي رستي کان اهي ڳالهيون کوليون هيون جي موافق هيون پيغمبرن جي حڪم سان تڏهن معلوم ٿيو تہ حڪمت چئجي انهن عقل جي ڳالهين کي جي موافق هجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(32) **السجدة**(مکيه آيات 30)

هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 15 مان ورتل آهي السجدة لفظ جي معنيٰ آهي سجدو آيت نمبر 15 ۾ سجدي جو جيڪو مضمون آيو آهي تنهن ڪي سورة جو عنوان مقرر ڪيو ويو آهي ۽ ان ڪري جن جو نالو آهي سورت السجدة ان آيت نمبر 15 جو ترجمو هي آهي "اسان جي آيتن تي اُهي ماڻهو ايمان آڻيندا آهن جن کي هي آيتون پڙهائي جڏهن نصيحت ڪئي ويندي آهي تہ سجدي ۾ ڪري پوندا آهن ۽ پنهنجي رب جي حمد سان گڏ سندس پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ اهي وڏائي نہ ڪندا آهن".

تفسير تفهيم القرآن خلاصو نمبر 2 صہ 764 ۽ 765 تي هن سورت جو موضوع ۽ بحث هن طرح لکيو آهي. سورت جو موضوع توحيد ۽ آخرت رسالت، بابت، ماڻهن جي شڪ شبهن کي ختم ڪرڻ ۽ انهن ڏانهن حقيقتن تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏيڻ آهي حق جي دعوت جي انهن ٽنهي بنيادي ڳالهين کي مڪي جي ڪافرن جي اعتراضن جو جواب ڏيندي سڀ کان پهريان انهن کي هي چيو ويو تہ بنا ڪنهن شڪ شعبي جي هي الله تعاليٰ جو ئي ڪلام آهي ۽ ان لاءِ نازل ڪيو ويو آهي تہ نبوت جي فيض کان محروم ۽ غفلت ۾ پيل هڪ قوم کي ڏونداڙيو وڃي توهان ان کي جڙتو ڪيئن ٿا چئي سگهو جڏهن تہ ان جو الله تعاليٰ طرفان لٿل هجڻ پڌرو آهي پوءِ وري کين چيو ويو تہ هي قرآن جن حقيقتن کي توهان جي سامهون پيش ڪري ٿو عقل کان ڪم وٺي سو چيو تہ انهن ۾ ڪهڙي شيءِ عجب جهڙي آهي. زمين ۽ آسمان جي انتظام کي ڏسو خود پنهنجي پيدائش ۽ بناوٽ تي غور ڪريو چاهي سڀ ڪجهہ قرآن جي تعليم جي سچائي تي شاهدي ناهي. پوءِ آخرت جي عالم جو نقشو چٽيو ويو آهي ۽ ايمان جا سٺا نتيجا ۽ ڪفر جا خراب نتيجا بيان ڪري ترغيب ڏياري وئي آهي تہ ماڻهو برو نتيجو سامهون اچڻ کان اڳ ۾ ڪفر ڇڏي قرآن جي تعليم کي قبول ڪن.

جيئن الله تعاليٰ هن سورت جي آيت نمبر 21 ۾ فرمايو آهي تہ "انهيءَ وڏي عذاب کان اڳ ۾ اسان هن دنيا ۾ (ڪنهن نہ ڪنهن) ننڍي عذاب جو مزو کين چکائيندا رهنداسين تہ من اهي (پنهنجي بغاوت واري روش کان) باز اچي وڃن. مطلب تہ انهن کي هن آيت ۾ پڌايو ويو آهي تہ اها الله تعاليٰ جي وڏي رحمت آهي جو اُهو انسان جي ڏوهن تي آخري ۽ فيصلي ڪندڙ اوچتي عذاب ۾ سندس پڪڙ نٿو ڪري پر ان کان اڳ ۾ ننڍيون ننڍيون تڪليفون ڏيندو رهندو آهي تہ جيئن پٽيڪل انسان خبردار ٿئي ۽ سندس اکيون کلن.

پوءِ فرمايائين تہ دنيا ۾ هي ڪو پهريون ۽ انوکو واقعو تہ ناهي هن کان اڳ ۾ موسيٰ (عليہ السلام) تي بہ ڪتاب لٿو هو جنهن کي توهان ڄاڻو ٿا. پڪ ڄاڻو تہ هي ڪتاب الله تعاليٰ جي ئي طرفان آيو آهي ۽ چڱي طرح سمجهي ڇڏيو تہ هاڻي بہ ائين ئي ٿيندو جيئن موسيٰ عليہ السلام جي زماني ۾ ٿيو هو امامت ۽ اڳواڻي هاڻي انهن کي نصيب ٿيندي جيڪي هن الاهي ڪتاب کي مڃيندا ۽ ان کي رد ڪرڻ وارن لاءِ ناڪامي مقدر ٿي چڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي.

وري مڪي جي ڪافرن کي چيو ويو آهي تہ پنهنجي تجارتي سفرن توهان جن اڳين تباهہ ٿيل قومن جي آبادين تان لنگهندا آهيو تن جي پڇاڙي ڏسي وٺو ڇا اها پڇاڙي توهان پنهنجي لاءِ پسند ڪريو ٿا؟ ظاهر ڪان دوڪو نہ ڪاٿو اڄ ايمان وارا جنهن صورتحال ۾ ڦاٿل آهن ان کي ڏسي اهو سمجهي ويٺا آهيو تہ اها ڳالهہ گهٽو قوت هلڻ واري ناهي پر اهو رڳو توهان جي نظر جو دوڪو آهي ڇا اهو توهان جو ڏينهن رات جو مشاهدو نہ آهي جو اڄ هڪ زمين بلڪل ويران ٿي پئي آهي پر سياٽي هڪ ئي مينهن سان اها پنيٽ ڪري اپامندي ۽ ان ۾ سلا ڦٽندا آهن.

ڪلام جي پڇاڙيءَ تي نبي ڪريم ﷺ کي خطاب ڪري فرمايو ويو تہ اهي ماٺهو توهان جي واتان فيصلي جي ڏينهن جي ڳالهہ ٻڌي مذاق اڏائيندا آهن انهن کي چؤ تہ جڏهن توهان جي ۽ اســـــان جي فيصلي جو قوت اچي ويندو تہ ان وقت ان کي مڃڻ سان توهان کي تر جيترو بہ فائدو نہ ٿيندو تنهن ڪري مڃٺو اٿو تہ هينئر ئي مڃيو.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (33) **سورت الاحزاب** (مدينه آيات 73)

الاحزاب هن ۾ غزوه احزاب جو تفصيلي بيان آهي جيڪا جنگ نتيجن جي اعتبار سان هڪ فيصلہ ڪن جنگ هئي احزاب لفظ هن سورت جي آيت نمبر 20 ۽ آيت نمبر 22 مان ورتل آهي. (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 7 صہ 256)

عربي ۾ احزاب جي معنيٰ ٽوليون جماعتون ۽ گروهہ آهي

تفسير تنوير الايمان جلد 7 صہ 450 ۾ هن طرح ذڪر ٿيل آهي احزاب حزب جو جمع آهي انهيءَ جي معنيٰ آهي ٽولي ۽ جماعت هن سورت ۾ انهن جماعتن جو ذڪر آهي جيڪي حضور ﷺ ۽ صحابن تي چڙهي آيون هيون ۽ چئني طرفن کان مدينہ پاڪ کي گهيري ورتو هئائون جن جي دفع يعني روڪڻ لاءِ حضرت جن خندق هڪ طرف کان کوٽي ويئي هئي ان جو مشورو حضرت سليمان فارسي ﷛ ڏنو هيو شهر جي چوگرد خندق کوٽڻ جو حڪم ڏنو هو انهيءَ واقعي کي غزوه خندق چوندا آهن اهو ماهہ شوال ۾ جنگ احد کان هڪ ورهيہ پوءِ سنہ 5 هجري ۾ واقعو ٿيو هو انکري هن جو نالو احزاب پيو.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ ارشادات نازل ڪيا آهن جن مان ڪجهہ جو ذڪر ڪجي ٿو.

هن سورت جي آيت نمبر 4 ۾ فرمايل آهي تہ الله تعاليٰ ڪنهن بہ شخص جي سيني ۾ بہ دليون نہ رکيون آهن ۽ توهان جي انهن زالن کي جن کي توهان (ماءُ چئي) ظاهر ڪريو ٿا توهان جون مائرون نہ بنايائين ۽ نہ ان توهان جي پٽيلن کي توهان جا سچا پچا پٽ بڻايائين هي تہ اهي ڳالهيون آهن جيڪي توهان ماٺهو پنهنجي واتان پيا ڪندا آهيو. پر الله تعاليٰ بس اها ڳالهہ چوندو آهي جيڪا حق هوندو آهي. اهو ئي صحيح رستي ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو.

پٽيلن کي سندن کي پيئن جي نالي سان سڏيندا ڪريو ۽ جيڪڏهن سندن پيءُ جو نالو معلوم نہ آهي تہ اهي توهان جا ديني ڀائر آهن.

* بيشڪ نبي تہ مؤمنن کي پنهنجي جانين ساهہ کان وڌيڪ پيارو آهي.
* قرابت وارا وڌيڪ حقدار آهن.
* ا تعاليٰ جي ڪتاب موجب مٽ مائٽ عام مؤمنن ۽ مهاجرن جي ڀيٽ ۾ هڪ ٻئي جا وڌيڪ حقدار آهن.
* اي محبوب ياد ڪر جڏهن اسان نبي ڪريم ﷺ لاءِ سيني نبين کان عهد ورتو.
* پيغمبرن کان ڪل عهد ڪيترا ورتا ويا آهن. ڪل ٽي 3 عهد ورتا ويا.
* هن سورت جي ٻئي ۽ ٽئين رڪوع پڇاڙي تائين غزوه احزاب ۽ غزه بني عزه بني قريظہ جي واقعن تي تبصرو ڪيو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* جنگ احزاب ۾ مومنن تي الله تعاليٰ جي نعمت
* مسلمانن جي آزمائش ۽ منافقن جي منافقي
* يثرب مديني شهر جو نالو آهي
* خندق ۾ منافقن جي شرارت جا پول پڌرا
* رسول الله ﷺ جي تابعداري کان سواءِ رستو نہ ملندو.
* مؤمنن واعدو پورو ڪري ڏيکاريو
* منافقن جي باري ۾ بيان
* آيت نمبر 26 آيت نمبر 27 جنگ بني قريظہ جو ذڪر
* هن سورت جي چوٿين رڪوع جي شروعات کان وٺي آيت نمبر 35 تائين نبي ڪريم ﷺ جن جي حرمن پاڪ کي هدايتون.

آيت نمبر 28 اي نبي چؤ پنهنجين زالن کي تہ جي ارادو ڪريو ٿيون دنيا جي حياتي جو ۽ ان جي زينت جو تہ اچو تہ ڪجھہ فائدو مال متاع ڏيئي ڀلي نموني موڪل ڏيئي ڇڏيان.

آيت نمبر 29 جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ۽ آخرت جي گهر جون طلبگار آهيو تہ چاٽي وٺو تہ توهان مان جيڪي نيڪوڪار آهن بيشڪ الله تعاليٰ انهن لاءِ وڏو اجر تيار ڪيو آهي.

آيت نمبر 30 ۾ جو فرمان آهي اي نبي جون گهر واريون! توهان مان جيڪا ظاهر بي حيائي جو ڪم ڪندي تہ ان کي ٻيڻو عذاب ڏنو ويندو ۽ الله تعاليٰ لاءِ اهو تمام سولو ڪم آهي.

هن آيت آهي ۾ توهان مان جيڪا الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ جي اطاعت ۽ نيڪ عمل ڪندي تنهن کي ٻيڻو اجر ڏينداسين ۽ اسان ان لاءِ عزت وارو رزق بہ تيار ڪيو آهي.

آيت نمبر 32 کان آيت نمبر 34 الله پاڪ جو حضور ﷺ جي گهر وارين سان خطاب آهي.

آيت نمبر 32 ۾ چيل آهي تہ اي نبيءَ جو زالون! توهان عام عورتن وانگر نہ آهيو جيڪڏهن توهان ا تعاليٰ کان واقعي ڊڄو ٿيون تہ نرم زبان سان نہ ڳالهائينديون ڪريو ڇو تہ متان جنهن شخص جي دل ۾ بيمار آهي سو ڪنهن لالچ ۾ نہ پئجي وڃي پر صاف سنئين سڌي ڳالھہ ڪنديون ڪريو.

آيت نمبر 33 آيت تَطۡهِيۡرًا نالي سان مشهور آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ نبيءَ جي زالن کي ارشاد ڪيو تہ پنهنجن گهرن ۾ ٽڪي ويهي رهو ۽ جهالت جي اڳئين دور جيان هار سينگار ڪري نہ ڏيکاريندي‌ون وتو. نماز قائم ڪريو زڪواة ڏيو ۽ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول جي اطاعت ڪريو الله تعاليٰ تہ اهو ٿو گهري تہ توهان نبيءَ جي اهل بيت (گهروارن) کان گندگيءَ کي دور ڪري ڇڏي ۽ توهان کي چڱي طرح پاڪ ڪري.

هن ۾ هڪ فقرو هي جيڪو هيٺ ڏجي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

إِنَّمَا يُرِيدُ اللَّهُ لِيُذْهِبَ عَنكُمُ الرِّجْسَ أَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيرًا ترجمو: اي پيغمبر اهل بيت وارو ا تعاليٰ رڳو اهوئي گهرندو آهي تہ اوهان کان پليتي پري ڪري ۽ اوهان کي چڱي طرح پاڪ ڪري.

ابن ڪثير لکيو آهي تہ گهڻين حديثن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ازواج مطهرات کان سواءِ حضرت علي ﷺ فاطمہ ﷺ حسن ﷺ حسين ﷺ ۽ ڪن ٻين کي بہ انهيءَ آيت ۾ شامل ٿيڻ جي بزرگي حاصل آهي جيئن تہ حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ حضرت جن هن آيت جي نازل ٿيڻ بعد ڇهن مهينن تائين فجر نماز لاءِ حضرت سيده النساءِ فاطمة الزهراءِ جي دروازي کان لنگهندا هوا تہ بلند آواز سان فرمائيندا هئا تہ اي اهل بيت! صبح جي نماز لاءِ اٿو ۽ اها آيت پڙهندا هئا.

امام احمد بي بي ام سلمہ ﷺ کان روايت ڪئي تہ هڪ دفعي آنحضرت ﷺ جن منهنجي گهر ۾ تشريف فرما ٿيا تہ ايتري ۾ بيبي فاطمہ ﷺ ڪنيءَ ر ڌل طعام ڪٺي آئي حضور ﷺ جن ڪيس فرمايو تہ تون پنهنجي مڙس ۽ ٻنهين پٽن کي سڏِ سيئي حاضر ٿيا ۽ گڏجي کائڻ شروع ڪيائون آنحضرت ﷺ هڪ چادر تي ويٺا هئا مون حجره ۾ نماز ٿي پڙهي پوءِ الله تعاليٰ اها آيت إِنَّمَا يُرِيدُ جيڪا آيت تَطْهِيرًا جي نالي سان مشهور آهي نازل فرمائي پوءِ حضور ﷺ جن چادر جي بچيل ٽڪر سان انهن ماڻهن کي ڍڪيو ۽ آسمان جي طرف هٿ ڪڻي عرض ڪيو تہ يا الله پاڪ هي منهنجا اهل بيت آهن پوءِ تون هنن کان بہ پليتي دور ڪر ۽ انهن کي تمام پاڪيزگي سان ڪر بيبي ام سلمہ ﷺ فرمائي ٿي تہ مان بہ پنهنجو مٿو ڪڍي عرض ڪيم تہ يا رسول الله ﷺ مان بہ اوهان سان گڏ آهيان؟ پاڻ بہ پيرا فرمايائون تہ تون بهتري ۾ آهين ابن ڪثير جو چوڻ آهي تہ انهيءَ روايت جا سڀ راوي معتبر آهن.

امام احمد بہ سند سان انهيءَ روايت کي آندو آهي ۽ امام ابن جرير صحيح سند سان حضرت ام سلمہ ﷺ کان روايت ڪئي آهي تہ اها آيت منهنجي گهر ۾ نازل ٿي آهي ان وقت منهنجي گهر ۾ حضور ﷺ، علي ﷺ، فاطمہ ﷺ، حسن ﷺ، حسين ﷺ هوا پوءِ مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله مان بہ اوهان جي اهل بيت مان آهيان ڇا؟ پاڻ فرمايائون تہ تون تہ تمام چڱائي ۾ آهين تون رسول الله جي زالن ۾ آهين.

آيت نمبر 34 ۾ ارشاد الله تعاليٰ جي آيتن ۽ دانائيءَ جي انهن ڳالهين کي جيڪي توهان جي گهرن ۾ پڙهيون وڃن ٿيون ياد رکو بيشڪ الله تعاليٰ لطيف ۽ باخبر آهي.

آيت نمبر 35 ۾ الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ مومن فرمانبردار ۽ عورتن جي تعريف ڪئي آهي.

آيت نمبر 36 کان آيت نمبر 42 تائين مضمون حضرت زينب ﷺ سان حضور ﷺ جن جي نڪاح جي سلسلي ۾ آهي ان لاءِ انهن سيني اعتراضن جا جواب ڏنو ويو آهي جيڪي مخالفن طرفان ان نڪاح تي ڪيا پيا ويا جن مضمونن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

آيت نمبر 36 هن ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ۽ جڏهن الله تعاليٰ ۽ سندس پيغمبر ڪنهن ڪم بابت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪم ڪري (تڏهن) ڪنهن مومن ۽ ڪنهن مؤمنياڻي کي انهيءَ پنهنجي ڪم ۾ ڪو اختيار هجڻ نہ جڳائي ۽ جيڪو الله تعاليٰ ۽ سندس پيغمبر جي نافرماني ڪندو سو بيشڪ پڌري ڀل ۾ ڀلو.

آيت نمبر 37 زيد پنهنجي عورت کان حاجت پوري ڪئي (يعني طلاق ڏنائين تنهن مهل) ان کي تو سان پرڻايوســـون (هن لاءِ تہ مؤمنن تي پنهنجي پٽيلين جي زالن پرڻجن ۾ ڪا اوکائي نہ رهي جڏهن تہ انهن کان پنهنجو حاجتون پوريون ڪري چڪا هجن) ۽ الله تعاليٰ جي حڪم تہ عمل ۾ اچڻ ئي گهربو هو.

آيت نمبر 38 جو پهريون فقـــري ۾ آهي تہ پيغمبر کي ڪا اوکائي نہ آهي جيڪي الله تعاليٰ جي ان لاءِ حلال ڪيو آهي.

آيت نمبر 39 ۽ آيت نمبر 40 ۾ بيبي زينب ﷞ سان حضور ﷺ جن جو پرڻجڻ ڪافرن جا الزام ۽ قرآن جو جواب هنن آيت ۾ ارشادات آهن تہ ”جيڪي الله تعاليٰ جا پيغام پهچائيندا آهن ۽ ان کان ڊڄندا آهن ۽ الله تعاليٰ کان سـواءِ ٻي ڪنهن کان نہ ٿا ڊڄن ۽ الله تعاليٰ حســاب ڪندڙ ڪافي آهي اوهان امتين مان محمد ﷺ ڪنهن جو پيءُ نہ آهي پر خدا جو رسول ۽ خاتم النبين آهي ۽ الله تعاليٰ هر شي جو علم رکندڙ آهي.

آيت نمبر 41 الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪرڻ جو حڪم آهي.

آيت نمبر 42 صبح شام سندن پاڪائي بيان ڪريو.

آيت نمبر 51 ۾ آهي تہ اي نبي توکي اختيار ڏنو وڃي ٿو تہ پنهنجين زالن مان جنهن کي گهرين ڏار رکُ ۽ جنهن کي گهرين پاڻ ســان گڏ رکُ ۽ جنهن کي گهرين ڏار ڪرڻ کان پوءِ پاڻ وٽ گهرائي وٺ ان معاملي ۾ توتي گناهہ نہ آهي. اهڙي طرح وڌيڪ اميد آهي تہ انهن جون اکيون ٺنديون ۽ اهي غمگين نہ ٿينديون ۽ جيڪي ڪجهہ بہ ڪين تون ڏيندي تنهن تي اهي سڀ خوش رهنديون ۽ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو جيڪي ڪجهہ اوهان جي دلين ۾ آهي ۽ الله تعاليٰ ڄاڻيندڙ ۽ بردبار آهي.

آيت نمبر 52 ان کان پوءِ تنهنجي لاءِ ٻيون عورتون حـــلال نہ آهن ۽ نہ ان جي اجازت آهي جو انهن جي جاءِ تي ٻيون زالون آڻين ڪٽي انهن جي ســـونهن توکي ڪيتري ئي وڻي البـــــت ٻانهين جي توکي اجازت آهي ۽ الله تعاليٰ سڀ شيءِ تي نگهبان آهي.

آيت نمبر 53 سماجي سڌارن جو ٻيو قدم کنيو ويو اهو هيئين حڪم تي مشتمل آهي نبي ڪريم ﷺ جن جي گهرن ۾ بنا موڪل جي ڏارين مردن جي اچ وڃ تي پابندي ملاقات ۽ دعوت جو قانون جيڪڏهن توهان کي نبيءَ جي زالن کان ڪجهہ گهرڻو هجي تہ پردي جي پويان گهرو. نبيءَ جي زالن سان نڪاح ڪرڻ جائز نہ آهي اهو تعاليٰ وٽ وڏو گناهہ آهي.

آيت نمبر 43 اهوئي آهي جيڪو توهان تي رحمت موڪليندو آهي ۽ سندس فرشتا توهان لاءِ رحمت جي دعا ڪندا آهن تہ جيئن هو توهان کي اونداهين مان ڪڍي روشني ڏانهن آڻي ۽ هو مؤمنن تي ڏاڍو مهربان آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت نمبر 44 جنهن ڏينهن اهي ان سان ملندا تہ سندن استقبال سلام سان ٿيندو ۽ ان لاءِ الله تعاليٰ وڏو عزت وارو اجر تيار ڪيو آهي.

آيت نمبر 45 کان آيت نمبر 48 رسول الله ﷺ کي دنيا ۾ موڪلڻ جو مقصد ۽ سندن مبارڪ مرتبو.

آيت نمبر 49 اي ايمان وارو جڏهن توهان مؤمن عورتن ســــان نڪاح ڪريو پوءِ کين هٿ لائڻ کان اڳ ۾ طلاق ڏيئي ڇڏيو تہ توهان جي طرفان انهن تي ڪا عدت لازم نہ آهي جنهن جي پوري ٿيڻ جي توهان گهر ڪري سگهو تنهن ڪري کين ڪجهہ مال ڏيئي ڀلي نموني رخصت ڪريو.

آيت نمبر 50 کان آيت نمبر 52 ۾ نبي ﷺ جن لاءِ نڪاح جو خاص ضابطو بيان ڪيو ويو آهي جيڪو هي آهي تہ اي نبي اسان تو لاءِ حلال ڪيون تنهنجون اهي زالون جن جا تو مهر ادا ڪيا آهن ۽ اهي عورتون جيڪي الله تعاليٰ جي ڏنل ٻانهن مان تنهنجي ملڪيت ۾ اچن ۽ تنهنجي چاچي جون ڌيئر ۽ ڦپين جون ڌيئر ۽ مامي جون ڌيئر ۽ ماســـين جون ڌيئر جن تو ســـان هجرت ڪئي آهي ۽ اها مؤمنياڻي جنهن پنهنجو پاڻ کي نبيءَ لاءِ هبه (بخشـــش) ڪيو هجي جيڪڏهن نبي هن کي نڪاح ۾ وٺڻ گهري اها رعايت خاص تو لاءِ آهي ٻين مؤمنن لاءِ نہ آهي اسان کي معلوم آهي جيڪي عام مؤمنن تي انهنجي زالن ۽ ٻانهين جي باري ۾ اسان فرض ڪيوسين (توکي ان کان اســان ان لاءِ آجو ڪيو آهي) تہ جيئن توتي تنگي نہ رهي ۽ الله بخشـــڻهار ۽ ٻاجهارو آهي عالمن جو چوڻ آهي تہ اها رعايت نبي پاڪ کي دين جي پکيڙڻ ۽ ٻين اصلاحي مقصدن لاءِ حاصل هئي.

آيت نمبر 55 کان آيت نمبر 58 هنن آيتن ۾ پردي بابت مفصل بيان. درود شريف پڙهڻ جو حڪم ۽ مؤمن جي غيبت ۽ تهمت جي سخت منع ٿيل آهي.

آيت نمبر 59 ۾ پردي جو حڪم:

اي نبي! چؤ پنهنجين زالن کي ۽ پنهنجي ڌيئرن کي ۽ مومنن جي زالن کي تہ پائن پاڻ تي چادرون مٿي کان پيرن تائين (جڏهن ٻاهر نڪرن) اهو برقعو اوڍر آهي تہ نہ سڃاتيون وڃن جيئن تڪليف نہ ڏنيون وڃن ۽ الله تعاليٰ بخشڻهار مهربان آهي.

آيت نمبر 64 ڪافرن جو حضور ﷺ کان قيامت بابت سوال ڪرڻ ۽ انهن کي دوزخ جي سزا بابت ٻڌائڻ.

آيت نمبر 69 کان آيت نمبر 71 مؤمنو انهن وانگر نہ ٿيو جن حضرت موسيٰ عليہ السلام کي ايذايو پوءِ تعاليٰ ان کي ان عيب کان پاڪ ڪيو جو چياڻون ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام خداوند عزت وارو هو (الله پاڪ جو پٿر جي معجزي سان حضرت موسيٰ عليہ السلام کي تهمت کان پاڪ ڪرڻ ۽ ماڻهن کي تہ رسول ﷺ کي نہ ايذايو).

آيت نمبر 72 زمين ۽ آسمانن جو خدا جي امانت کڻڻ کان انڪار. امانت انسان کڻي امانت جي وضاحت هن هنڌ "امانت" مان مراد خلافت آهي. جيڪا قرآن مجيد مطابق انسان کي زمين ۾ عطا ڪئي ويئي آهي خلافت بابت تشريح لاءِ ڏسو سورة بَقر حاشيہ 38.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (34) **سورت السبا** (مکيه آيات 54)

السبا: هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 15 ۾ ذڪر ٿيل آهي.

احسن البيان في تفسير القرآن جلد 7 صه 371 تان ورتل آهي

نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کان هڪ اصحابي ﷺ عرض ڪري پڇيو ته سبا ڇا هو؟ ڪنهن مرد جو نالو آهي يا ڪنهن عورت جو يا ڪنهن وادي جو؟ پاڻ فرمايائون ته اهو هڪ مرد هو ڪيس ڏهه پٽ هئا جن مان ڇهه (6) يمن ۾ رهيا هئا ۽ چار (4) شام ملڪ ۾ (حوالہ ضياءُ القرآن صہ 117 جلد 4) مفسرن ان جي نسب جو سلسلو هن طرح لکيو آهي سبا بن يشعب بن يعرب بن قحطان. ارشاد الاهي آهي. لَقَدْ كَانَ لِسَبَإٍ فِي مَسْكَنِهِمْ آيَةٌ ترجمو البت تحقيق سبا جي قوم وارن لاءِ سندن ڳوٺ ۾ نشاني هئي"

هن مان سبا جي قوم جو ذڪر ظاهر ٿئي ٿو.

ابن ڪثير لکيو آهي ته يمن ملڪ جي بادشاهن ۽ اتي جي باشندن جو لقب آهي تبع جيڪي ان ملڪ جا مقتدا ۽ پيشوا هئا اهي به ان ئي قوم مان هئا ۽ انهيءَ قوم مان بيبي بلقيس به هئي الله تعالىٰ انهن تي پنهنجي رزق جا دروازا کولي ڇڏيا هئا ۽ پنهنجن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جي ذريعي کين پنهنجي توحيد ۽ احڪام جي اطاعت جي ذريعي نعمتن جي شڪر جو حڪم ڏنو هو ۽ ڪافي مدت تائين اهي ان حال تي قائم هئا بعد ۾ الله تعالىٰ کان غافل ٿيڻ بلڪه ان جي انڪار جي نوبت تائين وڃي پهتا الله تعالىٰ انهن کي تنبيه ڪرڻ لاءِ انهن ڏانهن (13) تيرهن نبي علىٰ نبينا و عليهم الصلواة والسلام موڪليا جن انهن کي گهڻو ئي سمجهايو ۽ انهن کي سڌي واٽ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهي پنهنجي غفلت ۽ لاپرواهي جي ڪري ان کان نه مڙيا ته انهن وٽ سيلاب جو عذاب آيو جنهن انهن جي شهر ۽ باغن کي ويران ڪري ڇڏيو. ڪن مؤرخن سبا جو اصل نالو عبد شمس هو ۽ مؤرخن لکيو آهي ته ان سبا پنهنجي زماني ۾ اسان جي نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جي تشريف آوري جي بشارت بيان ڪئي هئي ان ڪجهه اهڙا عربي شعر به چيا هئا جن ۾ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جي آمد جو ذڪر ڪندي اها تمنا ڪئي هيائين ته "ڪاش مان ان زماني ۾ هجان ها ته سندن پيغام جي مدد ڪيان ها ۽ انهن شعرن ۾ پنهنجي قوم کي حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن تي ايمان آڻڻ ۽ مدد ڪرڻ جي تلقين ڪئي هيائين ۽ مٿي مذڪور حديث ۾ بيان ٿيو ته سبا جا ڏهه پٽ هئا جن مان (6) يمن ۾ آباد ٿيا ۽ چار (4) شام ملڪ ڏانهن ويا اهو واقعو انهن تي سيلاب جي عذاب اچڻ کان بعد جو آهي جو ان سيلاب کان پوءِ اهي مختلف طرفن ۽ شهرن ۾ پکڙجي ويا هئا (حوالہ تفسير ابن ڪثير صہ 530 جلد 3)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اهي سبا وارا ڪهڙي دور ۾ هئا

مفسرن ڀلارن امام قشيري عليہ الرحمة جي حوالي سان لکيو آهي تہ سبا جي قوم حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان پوءِ ۽ حضرت محمد رسول الله ﷺ جن کان اڳ فطرت واري دور ۾ هئي. (حوالہ معارف القرآن صہ 280 جلد 7).

تفهيم القرآن خلاصو 2 صفہ 834 . 835 تاريخ مان اها ڳالهہ معلوم ٿئي ٿي تہ قديم زماني کان سبا جي قوم ۾ هڪ گروهہ اهڙو موجود هو جيڪو ٻين معبودن کي مڃڻ بدران هڪ الله تعاليٰ کي مڃيندو هو موجوده دور ۾ آثارن جي کوجنائن جي سلسلي ۾ يمن جي کنڊرن مان جيڪي ڪتبا مليا آهن تن مان ڪي هن ننڍڙي گروهہ جو ڏس ڏين ٿا 650 ق.م جي ويجهي زماني جي ڪن ڪتبن مان معلوم ٿئي ٿي تہ مملڪت سبا جي ڪيترن هنڌن تي اهڙيون عبادت گاهون ٺهيل هيون جيڪي "ذُوسموي "يا ذوسماي" (يعني رب السمآءَ) جي عبادت لاءِ خاص هيو ڪن هنڌن تي ان معبود جو نالو ملڪن "ذُسموي" (اهو بادشاهہ جيڪو آسمانن جو مالڪ آهي) لکيو ويو آهي اهو گروهہ صدين تائين يمن ۾ لاڳيتو موجود رهيو جيئن 378ع جي هڪ ڪتبي ۾ الہ ذوسموي جي نالي سان هڪ عبادت گاهہ جي تعمير جو بيان ملي ٿو. وري 465ع جي هڪ ڪتبي ۾ هي لفظ ملن ٿا "بنصر وردا الــــهن بعل سمين وار ضين" (يعني ان الله تعاليٰ جي مدد ۽ تائيد سان جيڪو آسمانن ۽ زمين جو مالڪ آهي) انهيءَ زماني جي هڪ ٻئي ڪتبي ۾ جنهن جي تاريخ 458ع آهي انهيءَ خدا لاءِ رحمان جو لفظ بہ استعمال ڪيو ويو آهي اصل لفظ آهي بردار حمنن (يعني رحمان جي مدد سان) تاريخ مطابق "سبا ڏکڻ عرب جي هڪ تمام وڏي قوم جو نالو آهي جيڪا ڪيترن وڏن قبيلن تي مشتمل هئي سبا عرب جي هڪ شخص جو نالو جنهن جي نسل مان عرب ۾ هي قبيلا پيدا ٿيا ڪِندهہ، حمير، آزِدَ، اَشعَريين، مَذَحِج اَنمار (ان جون ٻہ شاخون آهن خثعم ۽ بَجِيلہُ) عاملہ، جُذام، لخم ۽ غسان (احمد، ترمذي وغيره)

گهٽي اڳوٽي زماني کان دنيا ۾ عرب جي هن قوم جي هاڪ هئي 2500 ق.م ۾ اُور جا ڪتبا هن جو بيان سابوم جي نالي سان ڪندا آهن.

هن جو وطن عرب جي اولهہ ڏکڻ واري ڪنڊ هئي جيڪا اڄ يمن جي نالي سان مشهور آهي سندس عروج جو دور مسيح کان (1100) يارهن سَوَ سال اڳ شروع ٿئي ٿو. حضرت دائود عليہ السلام ۽ حضرت سليمان عليہ السلام جي زماني ۾ هڪ دولتمند قوم جي حيثيت سان هن جي شهرت دنيا ۾ پکڙي وئي هئي شروع ۾ اها سج جي پوڄاري قوم هئي پوءِ جڏهن سندن راڻي بيبي بلقيس حضرت سليمان عليہ السلام 965 کان 926 جي هٿ تي ايمان آندو تہ غالب گمان مطابق ان جي اڪثريت مسلمان ٿي ويئي هئي پر بعد ۾ الائجي ڪنهن وقت ان ۾ شرڪَ ۽ بت پرستي جو وري زور اچي ويو.

اهڙي طرح الله تعاليٰ جي ڏمر ان قــــــوم کي انتهائي اوچائي تان ڪيرائي ڪڏ ۾ اڇلايو جتان کان ڪا (مغضوب) (ڏمر ۽ ورتل) قوم نڪري نٿي سگهي ڪو وقت هو جو ان قوم جي دولت جا افسانا ٻڌي يونان ۽ روم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن جا وات پاڻي پاڻي ٿيندا هئا.

اسٽرابـــولکي ٿـو تـہ ماڻهو ســون ۽ چانديءَ جا ٿانوَ واپرائيندا هئا ۽ انهن جي جاين جي ڇتين پيتن ۽ درن ۾ هاٿي جا ڏند، سون چاندي ۽ جواهرن جو ٿيل آهي.

پلیني چوي ٿـو تـہ روم ۽ فارس جو ڌن انهن ڏانهن وهندو وڃي ٿو اُهي هن وقـــت دنيا جي سڀني کان وڏيک مالدار قوم آهن انهن جو سائو ستابو ۽ شاداب ملک باغن ۽ پوکن ۽ مال سان ڀريل آهي.

آر.ٽي. ميڊورس چوي ٿـو تـہ اهي ماڻهو عيش ۾ مســت ٿي رهيا آهن ۽ ٻارڻ جي ڪاٺين بـــدران دالچيني، صندل ۽ ٻيو خوشبودار ڪاٺيون ٻاريندا آهن انهن جي تواريخ ۾ پهريون پيرو ”صَنعاءَ“ جي اوچي جابلو هنڌ تي اها آسمان سان ٽڪرندڙ عمارت (Sky Scraper) اڏي جيڪا قصر غمدان جي نالي سان صدين تائين مشـهور رهي آهي عرب تاريخدانن جو بـــيان آهي تہ ان جون (20) ويهہ منزلون هيون سيڪا منزل (36) ڇٽيهہ فوٽ يعني 720 فوٽ اوچي هئي اهو سڀ ڪجهہ بـس انهيءَ وقـت تائين رهيو جيســتائين الله تعاليٰ جو فضل انهن تي رهيو آخر ڪار جڏهن انهن نعمت جي انتهائي نا شڪري ڪئي تہ رب قدير جي مهربـان نظر هميشہ انهن کان ڦٽجي ويئي ۽ انهن جو نالو نشان بہ باقي نہ رهيو.

## سورت تي مضمون

هي مضمون (احسن البيان في تفسير القرآن جلد 7 صفہ 354،353) تان ورتل آهي. هن سورت جو موضوع اسلامي عقيدو، دين جا اصول، توحيد، نبوت ۽ قيامت جو اثبـات آهي شروعات ۾ ان الله جل شانہ جو حمد بـيان ڪيل آهي جنهن ۾ مخلوق کي وجود ڏنو جهان جي نظام کي مضبـوط بــنايو ڪائنات کي پنهنجي حــڪمت ســان تدبـير ڏنو اهوئي خالق ۽ حـڪيم آهي ان جي علم کان سواءِ آسمانن ۽ زمين ۾ ذري جو وزن بـہ غائب ناهي ۽ اهو سڀ ڪجهہ رب العالمين جي وحدانيت تي وڏو دليل آهي ۽ هن سـورت ۾ هڪ نهايت اهم ڳالهہ اها بـہ بـيان ڪيل آهي تہ مشـرڪ آخرت جا منڪر، مرڻ کان بــعد جيئرو ٿيڻ کي ڪوڙو چوڻ وارا آهن الله تعاليٰ پنهنجي پياري رسـول عليہ الصلواة والسـلام جن کي حـڪم فرمايو آهي تہ هميشہ سـچ ڳالهائيندڙ ”الصادق الامين“ آيو جنهن کي ڪافر بـــ مڃيندا هئا پر قيامت جي وقوع کي قسم سان بيان ڪيو تہ شايد پوءِ سندن شڪ شبها دور ٿين.

هن سورت ۾ ٻـن نبين سڳورن حضرت داؤد عليہ السـلام ۽ حضرت سـليمان عليٰ نبـينا و عليہ الصلواة والسلام جو ذڪر ۽ ڪين مسخر ڪري ڏنل شين جو بہ بـيان آهي جيئن حضرت سـليمان عليٰ نبـينا و عليہ الصلواة والسـلام جي لاءِ هوا، پکي ۽ جِنَ مسـخر هئا حضرت دائود عليٰ نبينا و عليہ الصلواة والسـلام سان گڏ جبـل بــہ تسبـيح پڙهندا هئا هن سـورت ۾ حـضرت خاتم النبـين عليہ الصلواة والسـلام تي ڪيل ڪافرن جي اعتراضن ۽ شبهات جا اهڙي طرح سهڻي نموني جواب ۽ رد بـيان ٿيل آهي جيئن وحدانيت جي منڪرن کي جواب ڏنا ويا آهن ۽ سـورت سڳوريءَ جي آخر ۾ مشـرڪن کي ان الله تعاليٰ واحـد قــهار تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏني ويئي آهي جنهن جي قدرت جي هٿ ۾ ساري مخلوق جي امرن جي تدبير آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا الله الرحمن الرحيمر

## (35) سورت الفاطر (مکيه آيات 45)

لفظ الفاطر هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي پيدا ڪرڻ وارو. بڻائڻ وارو. ڦاڙڻ وارو. عدم ڪي ڦاڙي وجود ۾ آڻڻ وارو هي معنيٰ لغات القـــــرآن مان ورتل آهي. جيئن هن آيت نمبر 1 جي معنيٰ آهي سڀ ساراهه الله تعاليٰ جي لاءِ آهي جيڪو پيدا ڪندڙ آهي آسمان ۽ زمين جو ۽ بڻائيندڙ ملائڪن جو قاصد جيڪي ٻن ٻن. ٽن ٽن. چئن چئن پرن وارا آهن وڌائي ٿو خلقت ۾ جيڪي گهري بيشڪ الله تعاليٰ هر شئي تي قادر آهي. هن آيت جي فقري مان ثابت آهي تہ فاطر لفظ جي جي معنيٰ پيدا ڪندڙ ۽ بڻائيندڙ آهي تنهنڪري هن سورت جو نالو فاطر يعني پيدا ڪندڙ يا بڻائيندڙ رکيو ويو آهي.

## موضع ۽ مضمون

ڪلام جو مطلب هي آهي تہ نبي ڪريم ﷺ طرفان توحيد جي دعوت جي مقابلي ۾ جيڪو رويو ان وقت مڪي وارن ۽ انهن جي سردارن اختيار ڪيو هو. ان تي نصيحت جي انداز ۾ ڪين تنبيهہ ۽ ملامت بہ ڪئي وڃي ۽ مٺي انداز ۾ فهمائش بہ ڪئي وڃي مضمون جو تت هي آهي تہ نادانؤ ! نبي جنهن واٽ ڏانهن توهان کي سڏي رهيو آهي تنهن ۾ توهان جو پنهنجو ڀلو آهي ان تي توهان جي ڪاوڙ ۽ ان کي ناڪام ڪرڻ لاءِ توهان جون تدبيرون اصل ۾ سندس خلاف نہ آهن پر توهان جي پنهنجي خلاف آهن هو جيڪي ڪجهہ توهان کي چئي رهيو آهي تنهن تي غور تہ ڪريو آخر ان ۾ اجائي ڳالهہ ڪهڙي آهي هو شرڪ جي ترديد ڪري ٿو توهان خود اکيون پٽي ڏسو ڇا شرڪ لاءِ دنيا ۾ ڪو معقول بنياد موجود آهي ۽ هو توحيد جي دعوت ڏئي ٿو هو توهان کي چئي ٿو تہ هن دنيا جي زندگيءَ کان پوءِ هڪ ٻئي زندگي آهي جنهن ۾ سڀ ڪنهن کي پنهنجي عمل جو نتيجو ڏسڻو پوندو توهان سوچيو تہ متس توهان جا شڪ شبها ڪيتري قدر بي بنياد آهن هاڻي جيڪڏهن سراسر معقول ۽ حقيقت تي ٻڌل ڳالهين کي توهان نٿا مڃيو تہ ان ۾ نبي جو ڪهڙو نقصان آهي شامت تہ توهان جي پنهنجي ئي ايندي ڇو تہ قيامت واري ڏينهن ڪو بہ بار کڻندڙ ڪنهن ٻئي جو بار نہ کڻندو ۽ جيڪڏهن ڪو بار سان لڏيل نفس پنهنجو بار کڻڻ لاءِ ڪنهن کي پڪاريندو تہ سندس بار جو ڪو ٿورڙو حصو بہ ونڊائڻ لاءِ ڪوئي نہ ايندو ڪٺي هو ويجهي ۾ ويجهو عزيز ڇو نہ هجي الله تعاليٰ ئي تہ آهي جنهن توهان کي زمين ۾ خليفو بڻايو سو هاڻي جيڪو ڪفر ڪري ٿو تہ سندس ڪفر جو وبال متس آهي ۽ ڪافرن کي سندن ڪفر ان ڪانسواءِ ٻي ڪا بہ ترقي نٿو ڏئي جو سندن رب جو ڏمر متن گهٽي ڪان گهٽو پوندو وڃي ٿو ۽ ڪافرن لاءِ خساري ۾ واڌاري ڪان سواءِ ٻي ڪا بہ ترقي ڪانهي.

آيت نمبر 25: هن سورت جي هڪ آيت جي فقري ۾ آهي تہ جيڪڏهن اهي ماڻهو توکي ڪوڙو ٿا سڏين تہ ڪانئن اڳ گذريل ماڻهو بہ ڪوڙو سڏيو هو وٽن سندن رسول چٽا دليل صحيفا ۽ روشن هدايت ڏيڻ وارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب ڪٺي آيا هئا.

آيت نمبر 26: پوءِ جن ماڻهن نہ مڃيو تن کي مون پڪڙيو پوءِ ڏسو منهنجي سزا ڪهڙي سخت هئي.

آيت نمبر 32: پوءِ اسان ان ڪتاب جو وارث بڻايو سين انهن ماڻهن کي جن کي اسان (ان وراثت جي لاءِ) پنهنجن ٻانهن مان چونڊي ڪنيو هاڻي ڪو تہ انهن مان پنهنجي نفس تي ظلم ڪرڻ وارو آهي ۽ ڪو وچٿرو آهي ۽ جيڪي ماڻهون الله تعاليٰ جي حڪم سان نيڪين ۾ اڳواٽي ڪندڙ آهن اهو ئي تمام وڏي فضل ۾ آهن.

آيت نمبر 33 هميشہ رهڻ واريون جنتون آهن جن ۾ اهي داخل ٿيندا اتي کين سون جا ڪنگڻ ۽ موتين سان سينگاريو ويندو اتي سندن لباس ريشم هوندو.

جن ماڻهن ڪفر ڪيو تن لاءِ دوزخ جي باهہ آهي. هن سورت ۾ بار بار نبي ڪريم ﷺ کي تسلي ڏني وئي تہ توهان جڏهن نصيحت جو حق پوري طرح ادا ڪري رهيا آهيو تہ گمراهيءَ تي ڪي ٻيهڻ وارن ٻاران سنئين واٽ تي نہ ايندڙ جا ڪا ذميواري توهان تي ناهي ان سان گڏ پاڻ سڳورن ﷺ کي هيءَ ڳالهہ بہ سمجهائي وئي تہ جيڪي ماڻهو حق مڃڻ نہ ٿا گهرن انهن جي رويي تي نہ تون غمگين ٿي نہ وري انهن کي سنئينءَ واٽ تي آڻڻ جي ڳڻتي ۾ پنهنجي جان ڳار. ان جي بدران تون پنهنجو ڌيان انهن ماڻهن ڏانهن ڪر جيڪي تنهنجي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار آهن.

ايمان قبول ڪرڻ وارن کي بہ انهيءَ سلسلي ۾ وڏيون بشارتون ڏنيون ويون آهن جيئن سندن دليون ضبوط ٿين ۽ اهي ا تعاليٰ جي واعدن تي ڀروسو ڪري حق جي واٽ مضبوط ٿي بيهن.

(حوالہ تفسير تفهيم القرآن 851)






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (36) سورت يٰـس (مكيه آيات 83)

يٰـــس لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 آهي آيت ۾ هڪڙو لفظ يٰـــس آهي هي لفظ مقطعات وارن لفظن مان آهي هتي هي ڳالهه به ڏيان ۾ آڻڻ گهرجي ته اهي اکر مقطعات قرآن ڪريم جا اسرار آهن هر ڪنهن مقطعة جو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي انهن جي معنيٰ جو اطلاع ڪونه آهي پر الله تعاليٰ رسول ڪريم ﷺ کي پنهنجي اسرارن جون ڳالهيون اهڙين رمزن سان سمجهائي ٿو جي رمزون ٻين کي معلوم نه آهن.

* (1) يٰس جي معنيٰ ڪيترن ئي مفسرن ڪئي جنهن ۾ حضرت ابن عباس ﷛، عڪرمه، حسن بصري ۽ سفيان بن عيينه جو قول آهي ته يٰس جي معنيٰ آهي "يا ايها الانسان" "اي انسان" (حواله تفسير ابن ڪثير صه 563 جلد 3) (حواله احسن البيان في تفسير القرآن 469)

* (2) ابن مردويه حضرت ابن عباس ﷛ کان ۽ ابن ابي شيبه ابن المنذر ۽ دلائل التبوة ۾ بيهَقيءَ محمد بن حنفيه کان روايت آهي ته "يٰس" جي معنيٰ يا محمد آهي. (حواله الدر المنثور صه 41 جلد 7)

* (3) ابوبڪر وارن جو قول آهي ته يٰس جي معنيٰ يا سيد البشر! اي انسانن جا سردار.

* هن سورت مبارڪ جو نالو "يٰس" آهي جيڪو ان سورت جي پهرين آيت مان ورتل آهي.

* هن سورت ۾ اسلامي دعوت جي ٽن بنيادي اصولن ڏانهن سڏيو ويو آهي جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

1. توحيد    2. رسالت    3. قيامت

هن سورت ۾ سڀ کان اول (پهرين) نبي ڪريم ﷺ جن جي برحق رسول هجڻ کي قرآن ڪريم جي قسم کڻڻ سان بيان ڪيو ويو آهي ۽ اهو به ٻڌايو آهي ته بلاشڪ اوهان مرسلن مان آهيو. سڌي واٽ تي يعني اوهان سچي دين ۽ سڌيءَ واٽ تي آهيو (۽ اهو قرآن) غالب ۽ رحيم وٽان آهي، ته جيئن تون خبردار ڪرين هڪ اهڙي قوم کي جنهن جا ابا ڏاڏا خبردار نه ڪيا ويا هئا جنهن ڪري اهي غفلت ۾ پيل آهن. گهڻي مدت کان عرب جي سرزمين نبوت جي نور کان محروم هئي ڪيئي سوَ سال گذري چڪا هئا ته هن علائقي ۾ ڪو نبي مبعوث نه ٿيو هو گهڻي عرصي تائين گمراهه رهڻ جي سببان انهن جي فهم ۽ غور جو قوتون بيڪار بڻجي چڪيون هيون ان جي ڪري انهن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن تي ايمان آڻڻ کان انڪار ڪيو هو.

هن سورت ۾ انهن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ انهن کي مثال طور ڳوٺ اَصحابَ القريَهِ وارن جو قصو ٻڌاءِ جڏهن ان ۾ رسول آيا. اسان انهن ڏانهن ٻه رسول موڪليا پوءِ انهن ٻنهي کي ڪوڙو چيائون پوءِ وري اسان ٽيون مدد ۾ موڪليو ۽ انهن سڀني چيو اسان توهان ڏانهن رسول ڪري موڪليا ويا آهيون پر انهن الله تعاليٰ جي پيغام پهچائيندڙن کي ڪوڙو چيو ان جي ڪري اهي برباد ڪيا ويا اوهان انهن واري روش اختيار نه ڪيو. ان دوران شهر جي ڏور انهين ڇيڙي کان هڪ شخص ڊوڙيندو آيو ۽ چيائين اي منهنجي قوم رسولن جي تابعداري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريو انهن جي تابعداري ڪيو جيڪي اجر نہ ٿا گهرن ۽ سڌي واٽ تي آهن منهنجي ڳالهہ مڃيو (نيٺ انهن ماڻهن ان کي قتل ڪري ڇڏيو) ۽ ان شخص کي چيو ويو تہ بهشت ۾ داخل ٿي وڃ ان چيو ڪاش منهنجي قوم کي اها خبر پوي ها تہ منهنجي رب ڇا جي ڪري منهنجي بخشش ڪئي ۽ مون کي عزت وارن مان ڪيائين پوءِ ان جي قوم هڪڙي ڌماڪي سان هڪدم اجهائجي ويا ان کان پوءِ الله جل شانہ پنهنجي قدرت ۽ حڪمت تي تڪويني دلائل پيش فرمايا آهن قتل ۽ ويران زمين تي مينهن ڪير ٿو وسائي؟ ڪنهن جي حڪم سان غذائي جنسون ۽ گهڻي تعداد ۾ مختلف رنگن ۽ ذائقن وارا ميوا پيدا ٿين ٿا. سج ۽ چنڊ جي ايرڻ ۽ لهڻ ۽ ان جي مقرر ڪيل رفتار ڏانهن متوجہ ڪيو ويو آهي ۽ پڌايو ويو آهي تہ اهي سڀ پنهنجي مدار ۾ هلڻ جي باوجود نہ ڪڏهن هڪ ٻئي سان ٽڪرجن ٿا ۽ نہ مقرر ڪيل وقت کان گسن ٿا ۽ نہ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪن ٿا اهو پيچيدو نظم و نسق ان عمدگيءَ سان ڪنهن جي تدبير عمل جو نتيجو آهي؟ دريائن ۽ سمنڊن ۾ ٻيڙيون سامان ۽ مسافر کڻي هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ تائين ڪنهن جي حڪم سان پهچائين ٿيون.

آيت نمبر 27 الله تعاليٰ جي ڏنل رزق مان الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪيو ۽ جڏهن ڪين چئبو آهي تہ ا تعاليٰ جيڪو رزق توهان کي ڏنو آهي ان مان ڪجهہ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪيو تہ اهي ماڻهن جن ڪفر ڪيو آهي ايمان وارن کي جواب ڏيندا آهن "ڇا اسان انهن کي کارايون جن کي جيڪڏهن الله تعاليٰ گهري ها تہ پاڻ کارائي ها؟ توهان تہ بلڪل گمراهہ ٿي ويا آهيو".

آيت نمبر 48 کان 50 قيامت اوچتو ايندي جنهن جو آواز سخت هوندو ۽ اهي ان وقت وصيت بہ نہ ڪري سگهندا ۽ نہ ئي پنهنجي گهر وارن ڏانهن موٽي سگهندا.

آيت نمبر 51 کان 54 جڏهن صور ڦوڪيو ويندي تہ قبرن وارا رب ڏانهن ڊوڙندا گهبرائجي چوندا اڙي ڪنهن اسان جي سمهڻ جي جاءِ مان اٿاري کڙو ڪيو هي اهائي ڳالهہ آهي جنهن جو رحمان واعدو ڪيو هو ۽ رسولن جي ڳالهہ سچي هئي.

آيت نمبر 55 کان 57 **بهشتي ماڻهن جو احوال:** اڄ بهشتي ماڻهو مزا ماڻڻ ۾ مشغول آهن اهي ۽ سندن زالون گهاٽين ڇانون ۾ تختن تي ٽڪيو هڻي ٽيڪ ڏنل آهن ۽ هر قسم جو لذيذ شيون سندن کائڻ پيئڻ لاءِ اتي موجود آهن جيڪي طلبيندا سو انهن لاءِ حاضر آهي.

آيت نمبر 58 بهشت ۾ انهن نيڪوڪارن کي الله تعاليٰ جي طرفان سلام چيو ويو آهي انهن تي تجلي ٿيندي ۽ انهن کي الله تعاليٰ جو پنهنجي ديدار کان سرفرازي عطا فرمائيندو جنهن کان هميشہ جي فرحت خوشي حاصل ٿيندي خدا تعاليٰ جو سلام بهشتين تي.

تفسير معالم التنزيل هڪڙي حديث پاڪ ثعلبي ﷺ جي اسناد سان حضرت جابر بن عبدالله ﷺ جي روايت سان آندي آهي تہ فرمايو حضرت رسول لله ﷺ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**بَينهُما اَهلَ الجَنَةَ فِي نَعِيمهِمُ اِذ سَطع لَهمُ نُور فَمَنَعُوا رُو سَهُم فَاذا الرب عَزَ وَجَلَ قَدُ اشرف عليهم من فوقهم فقال السلام عليكُمُ يا اَهل الجَنَـةِ فذالِك قولَه عَزَ وَجَلُ سَلام قَولاً مِن رَّبِ رَحيُم. يَنظرُ اِلَيهِم وَيَنظرُون اِليهِ فَلا يَلُتَفِتُون الاشيءِ مِنَ النـعِيم مادا موا ينظرون اِليه حتيٰ يَحْتجِب عَنهُم فَيبقيٰ نُورُ، وَبركتُه فِي دِيارهِم.**

يعني بهشت وارا جي نعمتن ۾ هوندا تہ اوچتو مٿن نور جو چمڪاٽ ٿيندو پوءِ پنهنجا ڪنڌ سي مٿي ڪٽندا ۽ ڏسندا تہ الله تعاليٰ سندن مٿان تشريف آور آهي پوءِ الله تعاليٰ چوندن تہ اي اهل بهشت جا اوهان تي سلام آهي. اهو آهي فرمودو الله تعاليٰ جو سَلٰمٌ ۠ قَوۡلًا مِّنۡ رَّبٍّ رَّحِيۡمٍ۝ پوءِ الله تعاليٰ انهن بهشتين ڏي نظر ڪندو ۽ اهي بهشتي بہ ڏانهس نهاريندا پوءِ ان مهل ديدار جي لذت ۾ اهڙو غرق ٿي ويندا جو بهشت جي ڪنهن بہ نعمت ڏي هر گز نہ ڏسندا پوءِ جڏهن الله تعاليٰ انهن ڪان پاڻ کي پري ڪندو ۽ حجاب پوندو تہ بہ سندن نوراني رهندو ۽ خدا جي برڪت انهن جي گهرن ۾ باقي رهندي تفسير روح البيان لکيو آهي تہ خدا تعاليٰ جا سلام ٻانهن تي ٻن قسمن جا آهن هڪڙو قسم اهو جو الله تعاليٰ پنهنجي خاص ايلچي پيغمبر جي هٿان سلام موڪلي جيئن قرآن مجيد جي سورت الانعام جي آيت نمبر 54 ۾ آهي وَاِذَا جَآءَكَ الَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِاٰيٰتِنَا فَقُلۡ سَلٰمٌ عَلَيۡكُمۡ يعني اي محمد! جڏهن مؤمن تو وٽ اچن تڏهن تون انهن کي چؤ تہ توهان تي سلام آهي.

ٻيو قسم سلام جو اهو آهي جو سواءِ واسطہ ۽ ايلچي جي الله تعاليٰ پاڻ پنهنجن ٻانهن تي ڪري اهو سلام هي آهي سَلٰمٌ ۠ قَوۡلًا مِّنۡ رَّبٍّ رَّحِيۡمٍ۝ جو ڌڻي تعاليٰ پاڻ بنا واسطہ بهشتين تي فرمائيندو پوري ٿي عبارت تفسير جي

آيت نمبر 59 کان آيت نمبر 64 اي گنهگارو! اڄوڪي ڏينهن (نيڪن کان) جدا ٿيو اسان اوهان سان عهد نہ ڪيو هو ڇا؟ اي آدم جي اولاد نہ پوڄيو شيطان کي تحقيق اهو توهان جو پڌرو دشمن آهي؟ هي تہ عبادت منهنجي ڪريو سنئين واٽ اها آهي ۽ تحقيق شيطان اوهان مان گهڻي خلق گمراهہ ڪئي پوءِ توهان نہ پئي سمجهو ڇا؟ هي اهو جهنم آهي جنهن جو اوهان کي واعدو ڏنو ويو. اڄ ان ۾ داخل ٿيو هن ڪري جو اوهان ڪفر ٿي ڪيو.

آيت نمبر 65 کان آيت نمبر 67 قيامت جي ڏينهن هٿ ڳالهائيندا ۽ پير شاهدي ڏيندا قيامت جي ڏينهن اسين انهن جي واتن تي مهر هڻنداسون ۽ اسان سان انهن جا هٿ ڳالهائيندا ۽ انهن جا پير شاهدي ڏيندا ان سببان جيڪي ڪيائون ٿي. ۽ جي اسين گهرون تہ انهن جي اکين کي بي نوراندو ڪري ڇڏيون پوءِ رستي جي طرف ڊوڙي پوءِ ڪاٿي ڏسندا ۽ جي گهرون تہ اهي جتي آهن اتي انهن جي صورتون مسخ ڪريون جيئن تہ اهي نہ اڳيان وڌي سگهن ۽ نہ پٺيان موٽن.

آيت نمبر 68 کان آيت نمبر 70 انسان جوانيءَ کان پوءِ ڪراڙو ٿي فنا ٿئي ٿو ان لاءِ نصيحت وٺڻ ضروري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت نمبر 68 ۾ جنهن کي ڊگهي عمر ڏيون ٿا ان کي پيدائش ۾ گهٽايون ٿا. پوءِ ڇو نه ٿا سمجهن (پيدائش ۾ گهٽائڻ (معنيٰ زور ۽ قوت ۾ گهٽجڻ) مطلب آيت جو ته وڏي عمر مان اٿلندو قوتن جو گهاٽا پو آهي والله اعلم.

آيت نمبر 69 کان آيت نمبر 70 اسان پيغمبر کي شعر نه سيکاريو ۽ نه ان کي لائق آهي هي ته هڪ نصيحت ۽ پڌرو قرآن آهي ته جيئن جيئن هو هر ان شخص کي ڊيڄاري جيڪو زنده هجي ۽ انڪار ڪرڻ وارن تي حجت قائم ٿي وڃي.

آيت نمبر 71 کان آيت نمبر 76 الله تعاليٰ جون عظيم قدرتون ۽ نعمتون حاصل ڪرڻ کان پوءِ بـ عمل صالح نه ٿا ڪن.

هن آيت ۾ آهي تہ ا تعاليٰ پنهنجي قدرت سان وهڻن کي پيدا ڪيو پوءِ اهي انهن جا مالڪ آهن پوءِ انهن کي انهن لاءِ مطيع ڪيوسون. پوءِ انهن سان ڪي انهن جي سواري لاءِ آهن ۽ ڪي انهن مان کائن ٿا وهڻن ۾ انهن لاءِ فائدا آهن پر شڪر نه ٿا ڪن.

آيت نمبر 77 کان آيت نمبر 80 انسان نطفي مان پيدا ڪيو پنهنجي پيدائش وساريائين ۽ چيائين ته پرائا هڏا ڪير جيئرو ڪندو انسان جيڪو مني جي قطري مان پيدا ٿيو آهي اهو پڌرو جهڳڙو ڪندڙ بڻجي ويو ۽ اسان لاءِ مثال بيان ڪيائين ۽ پنهنجي پيدائش وساريائين ۽ چوي ٿو ته انهن هڏن کي ڪير جيئرو ڪندو ۽ اهي پرائا آهن اي محمد تون ڪافرن کي چؤ ته انهن هڏن کي اهو جياريندو جنهن ڪين پهرين ڀيري پيدا ڪيو ان جي قدرت ۾ ڪا بہ ڪمي ڪانہ آهي اهو خدا هر مخلوقات کي پيدا ڪري ٿو ان جي علم کان ڪا بہ شئي ڳجهي ڪانہ آهي اهو رب اهڙي قدرت وارو آهي جو اوهان لاءِ سائي وڻ مان باهه پيدا ڪري ٿو.

آيت نمبر 81 کان آيت نمبر 83 الله پاڪ هر چيز تي قادر آهي صرف ان جي ارادي سان اها شيءِ ٿي پوندي آهي.

الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن شيءِ کي پيدا ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهي ته فقط ان شيءِ کي امر ڪندو آهي ته ڪُن يعني ٿي پؤ ته اها ٿي پوندي.

اهو پاڪ آهي اهو خدا جنهن جي هٿ ۾ هر شي جي بادشاهي آهي ۽ ان جي طرف سيني کي موٽڻو آهي

## ڀلايون ۽ برڪتون

هن سورت پاڪ جون ڀلايون ۽ برڪتون نبوي احاديث عليٰ قائلها الصلواة والسلام ۾ تمام گهڻيون آيل آهن اسان هتي هڪ حديث پيش ڪيون ٿا.

خطيب حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو "جو سورت يٰس جي تلاوت پڙهي ته اهو ان جي لاءِ ويهن دينارن جي في سبيل الله خيرات ڪرڻ جي برابر آهي ۽ جنهن ان جي تلاوت ڪئي ته ان لاءِ ويهن حجن جي برابر آهي ۽ جنهن اها لکي پيئي ته اها ان جي اندر ۾ هزار يقين ۽ هزار نور ۽ هزار برڪتون ۽ هزار رحمتون ۽ هزار رزق داخل ڪري ان مان هر قسم جو ڏوڪو ۽ بيماري ڪڍي ڇڏيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (37) سورت الصافات (مکيه آيات 182)

هن سورت جو نالو ”الصٰـفٰـــت“ آهي جيڪو سندس پهرين آيت ۾ مذڪور آهي الصٰـفٰـــت جي معنيٰ آهي. صف ٻڌندڙ جنهن مان مراد آهي ملائڪ انهي ســـــورت جي اول ۾ ملائڪن جو ذڪر آهي تنهنڪري هن سورت جو نالو الصٰـفٰـت رکيو ويو آهي.

مڪي جا مشرڪ تارن کي بہ خدا جي قضاءِ ۽ قدرت ۾ شريڪ ڄاڻيندا هئا ۽ انهن جي پوڄا بہ ڪندا هئا ۽ قيامت جا منڪر هئا ۽ جنن ۽ شيطانن کي بہ مڃيندا هئا شيطان جا نذر نياز بہ ڪندا هئا الله تعاليٰ هن سورت ۾ انهن سيني ڳالهين جو رد ڏنو آهي ۽ شــيطان اڪثر ڪوڙيون خبرون اچي ڪفارن کي ٻڌائيندا هئا جنهن تي اهي شيطان غيب داني جي دعويٰ ڪندا هئا. الله تعاليٰ هن سورت ۾ انهن سيني ڳالهين جو رد ڏنو آهي.

جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي تہ مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو ڪافر شرڪ جي لعنت ۾ بــري طرح گرفتار هئا آيت نمبر 6 کان آيت نمبر 35 تائين بيان ڪيو ويو آهي تہ جيڪڏهن انهن کي لاالـــــــٰـہ الا الله تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏني وڃي تہ اهي تڪبر ۽ غرور ڪندي ان کي مســترد ڪن ٿا ۽ چون ٿا تہ هڪ شــاعر ۽ مجنون جي چوڻ تي اسين پنهنجن معبودن جي عبادت وارو عقيدو نہ ڇڏينداسون ڪائنات جو هي ايترو وسيع معاملو هڪ الله تعاليٰ جي هلائڻ جي وس کان ٻاهر يا ناممڪن آهي هن سورت ۾ توحيد جي عقيدي کي دلين ۾ مضبوطي سان وهارڻ لاءِ الله تعاليٰ هن سورت جي ابتدائي ٽن آيتن ۾ ٽن شين صٰـفٰـــت، زاجرات ۽ تٰـلِيٰـــت جو قسم کڻي پنهنجي طاقت جو بيان ڪرڻ فرمايو آهي.

1. صٰـفٰـت (پنهنجي پالڻهار وٽ) قطار ڪري صفن ٻڌڻ وارن ملائڪن جو قسم آهي.

2. زاجرات: جهڻڪ ڏيئي (شيطانن کي) ڌمڪائڻ وارن ملائڪن جو قسم آهي.

(3) تٰـلِيٰـت: پوءِ (قرآن) پڙهڻ واري جماعت جو قسم آهي.

ٽيئي قســــم کڻي الله تعاليٰ آيت نمبر 4 کان آيت نمبر 10 ۾ هن طرح فرمايو آهي توهان جو ســچو پچو معبود تہ بس هڪڙو آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جو ۽ انهن سيني شين جو مالڪ آهي جيڪي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ آهن سج ايرڻ وارن هنڌن جو مالڪ آهي بيشڪ اسان دنيا جي آسمانن کي تارن جي رونق سان سينگاريو آهي ۽ هر هڪ ســرڪش شــيطان کان ان کي محفوظ ڪيو آهي اهي شــيطان ملاءِ الاعليٰ جون ڳالهيون ٻڌي نہ ٿا سگهن هر طرف کان ماريا ۽ تڙيا ويندا آهن ۽ انهن لاءِ لاڳيتو عذاب آهي تنهن هوندي بــــ جيڪڏهن انهن مان ڪو ڪا ڳالهہ جهٽي وٺي ٿو تہ هڪ ٻرندڙ شـعلو ســندس پيڇو ڪندو آهي مطلب ســتارا آسمان جي زينت ۽ شيطانن کي ملائڪن جون ڳالهيون ٻڌڻ کان روڪڻ جو هڪ قدرتي ڪرشمو آهن.

قيامت جي بـاري ۾ بہ انهن جو نظريہ هي هو تہ اڻين ٿيڻ ناممڪن آهي اهي قرآن کي جادو ٻڌرو چون ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو بہ چون ٿا تہ جڏهن اسين مري وينداسين ۽ مٽي ۾ هڏا ٿينداسون تہ اسين اٿنداسون ڇا؟

اسان جا ابا ڏاڏا بہ اٿندا ڇا يعني وري جيئرا ٿيندا ڇا؟

ان جي جواب ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ اي محمد ڪريم چوين تہ هائو! توهين ۽ توهان جا ابا ڏاڏا سڀ جياريا ويندا ۽ گهڻو سخت هڪل سان ڪين پڌاءِ اوهان ذليل ٿيندڙ آهيو مطلب تہ قيامت ضرور قائم ٿيندي ۽ اوهان کي ذليل ۽ رسوا ڪري حشر جي ميدان ۾ ٻيهاريو ويندو قيامت جي ڏينهن قيامت جا منڪر هڪ ٻئي سان وڙهي هڪ ٻئي تي الزام تراشي ڪندا ان جو هتي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ ماڻهو عبرت حاصل ڪن.

جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن جي توحيد ۽ آخرت جي دعوت جو جواب چٿرن ۽ چرچن سان ڏنو ۽ سندن رسالت کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو ان تي مڪي جي ڪافرن کي نهايت زوردار طريقي سان تنبيهہ ڪئي ويئي آخر ۾ کين چٽي طرح خبردار ڪيو ويو تہ سگهوئي پيغمبر تي توهان چٿرون ڪري رهيا آهيو توهان جي ڏسندي ئي ڏسندي توهان تي غالب ٿي ويندو مڪي جي ڪافرن کي الله تعاليٰ هن سورت جي 9 نون آيتن ۾ آيت نمبر 171 کان آيت نمبر 179 اهو چتاءُ ڏنو آهي جيڪو هن ريت آهي تہ "پنهنجن موڪليل ٻانهن سان اسان اڳ ۾ ئي واعدو ڪري ڇڏيو آهي تہ ضرور سندن مدد ڪئي ويندي ۽ اسان جو لشڪر ئي غالب ٿيڻو آهي پوءِ اي نبي! ڪجهہ وقت تائين کين پنهنجي حال تي ڇڏي ڏي ۽ ڏسندو رهہ سگهوئي اهي پاڻ ۾ ڏسي وٺندا. ڇا اهي اسان جي عذاب لاءِ تڪڙ ڪري رهيا آهن جڏهن اهو انهن جي اڱڻ ۾ اچي لهندو تہ اهو ڏينهن انهن ماڻهن لاءِ تمام برو هوندو جن کي خبردار ڪيو ويو آهي. بس ڪو ٿورڙي وقت لاءِ کين ڇڏي ڏي ۽ ڏسندو رهہ سگهوئي اهي پاڻهي ڏسي وٺندا".

مڪي جي مشرڪن ۽ ڪافرن جو اهو خيال هو اها تحريڪ مڪي جي ماٿرين ۾ دفن ٿي ويندي پر جيئن تہ الله تعاليٰ آيت نمبر 171 کان آيت نمبر 179 ۾ جيڪو پڌايو هو اها ساڳئي ڳالهہ سامهون آهي جو 15-16 ورهين کان وڌيڪ مدت نہ گذري هئي تہ مڪہ مڪرمہ فتح ٿيو.

تنبيهہ ڪرڻ سان گڏو گڏ الله تعاليٰ ان سورت ۾ سمجهاڻي ۽ ترغيب جو حق بہ پوري توازن سان ادا ڪيو آهي توحيد ۽ آخرت جي عقيدي جي صحت تي مختصر پر دلنشين دليل ڏنائين مشرڪن جي عقيدن تي تنقيد ڪري پڌايائين تہ هنن ڪهڙين بيهودين ڳالهين تي ايمان آندو آهي کين انهن گمراهين جي بڇڙن نتيجن کان آگاهہ ڪيائين اهو پڌايائين تہ ايمان ۽ چڱن عملن جا نتيجا ڪيڏا شاندار آهن وري ان سلسلي ۾ پوئين تاريخن جا مثال ڏنا آهن ۽ ڪيترن نبين سڳورن جا قصہ بيان ڪيا آهن جن کي ڪيترين تڪليفن مان گذرڻو پيو پر انهن صبر ڪندي الله تعاليٰ تي توڪل ڪري توحيد، قيامت جي دعوت ڏيندا رهيا هن سورت جن انبياءُ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جو ذڪر ٿيل آهي اهي هيٺ ڏجن ٿا.

1. حضرت نوح عليہ السلام جو ذڪر سلام هجي نوح تي جهانن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. قصو حضرت ابراهيم عليہ السلام جو ۽ باھہ مان سلامت نڪرڻ

حضرت ابراهيم عليہ السلام جو الله تعاليٰ کان صالح پٽ گھرڻ ۽ ڪيس ملڻ کان پوءِ پٽ کي ذبح ڪرڻ جو امتحان ۽ پاس ٿيڻ.

جيترا بہ نبين جا قصا هن سورت ۾ بيان ڪيا ويا آهن تن ۾ سڀني کان وڌيڪ سبق جوڳو حضرت ابراهيم عليہ السلام جي پاڪ زندگيءَ جو اهو اهم واقعو آهي تہ پاڻ الله تعاليٰ جي هڪ اشاري ملندي ئي پنهنجي سڪيلڌي پٽ کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو ان ۾ رڳو انهن قريشي ڪافرن لاءِ ئي سبق نہ هو جن الله تعاليٰ ۽ سندس رسول تي ايمان آندو هو پر اهو واقعو پڌائي ڪين ڏسيو ويو تہ اسلام جي حقيقت ۽ اصل روح ڇا آهي.

حضرت ابراهيم عليہ السلام حضرت نوح عليہ السلام جي تابعن مان هو يعني حضرت ابراهيم عليہ السلام حضرت نوح عليہ السلام جي ساڳئي دين تي هو جيئن تہ سڀني نبين جو دين هڪڙو آهي.

3. حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت هارون عليہ السلام جو قصو انهن جي قوم مان پيروي ڪندڙن تي الله تعاليٰ جي رحمت نازل ڪئي وئي.

4. **حضرت الياس عليہ السلام جو قصو:** حضرت الياس عليہ السلام رسولن مان هو ۽ الله تعاليٰ کي پيارو هو. تفسير در منثور تفسير اتفاق لکيو آهي تہ حضرت الياس عليہ السلام ۽ حضرت خضر عليہ السلام ٻئي جيئرا آهن حضرت خضر عليہ السلام درياء تي مؤڪل آهي ۽ حضرت الياس عليہ السلام برپٽ تي مؤڪل آهي ۽ اهي ٻئي هر سال حج تي اچي پاڻ ۾ گڏبا آهن والله اعلم.

5. حضرت لوط عليہ السلام رسولن مان هو ان جو قصو.

6. قصو حضرت يونس عليہ السلام جو مڇي جي پيٽ ۾ وڃڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ.

انهن سڀني نبين الله تعاليٰ جي حڪم موجب پنهنجين قومن کي الله تعاليٰ جو پيغام پهچايو ۽ برائين کان روڪيو توحيد ۽ قيامت جي بابت تبليغ ڪئي ان کان علاوه هن سورت ۾ ٻيا فرمان بہ آهن.

1. ڪافرن لاءِ دوزخ ۾ ٿوهر (زقـوم) هوندو دوزخين کي اهو کارايو ويندو. اهو دوزخين لاءِ عذاب هوندو اهو وڻ دوزخ جي تري مان نڪري ٿو.

2. ملائڪ هر وقت الله تعاليٰ جي صفت بيان ڪرڻ ۾ مصروف آهن.

3. الله پاڪ وڏي عظمت وارو رب آهي هن کي ياد ڪرڻ وارا نجات پائيندڙ آهن.

هن سورت جون آخري آيتون رڳو ڪافرن لاءِ ئي تنبيهہ نہ هيون پر انهن ايمان وارن لاءِ بشارت بہ هيون جيڪي نبي ڪريم ﷺ جي تائيد ۽ حمايت ۾ انتهائي حوصلہ شڪن حالتن جو مقابلو ڪري رهيا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(38) سورت صٓ (مکيه آيات 88)

حرف (اکر) صٓ هن سورت جو پهريون يعني شروعات وارو حرف آهي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي. صٓ اکر مقطعة آهي جنهن جو مفهوم الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو ڇو ته ٻئي ڪنهن کي مقطعات لفظن جي ڄاڻ نه آهي.

## تاريخي پسمنظر

امام احمد نسائي ترمذي وغيره کان روايتون نقل ٿيل آهن جن جو تت هي آهي ته جڏهن ابو طالب بيمار ٿيو ته قريش جي 25 سردارن محسوس ڪيو ته هاڻي ابوطالب جو آخري وقت آهي انهن پاڻ ۾ صلاح ڪري حضرت ابوطالب وٽ آيا ۽ کيس چيائون ته توهان پاڻ اسان جو ۽ پنهنجي ڀائٽي جو جهيڙو انصاف سان نبيري وڃ ته چڱو آهي انهن 25 قريش جي سردارن چيو ته تنهنجو ڀائٽيو "اسان کي اسان جي دين تي ڇڏي ڏي" ۽ اسان کيس سندس دين تي ڇڏي ڏيون ٿا اهو اسان جي معبودن جي برائي نه ڪري ان شرط تي توهان اسان جو توهان جي ڀائٽي سان ناهه ڪرائي ڇڏيو. ابوطالب نبي ڪريم ﷺ جن کي گهرايو پاڻ سڳورن کي اها ڳالهه ٻڌائون جيڪا قريش جي سردارن کيس چئي هئي نبي ڪريم ﷺ جواب ۾ فرمايو چاچا سائين مان ته انهن جي سامهون هڪ اهڙو ڪلمو پيش ڪريان ٿو جنهن کي جيڪڏهن اهي مڃي وٺن ته سمورو عرب انهن جي فرمان جو تابعدار عجم (غير عرب) انهن جو ڍل ڏيندڙ ٿي وڃي انهن پڇيو اهو ڪهڙو ڪلمو آهي پاڻ سڳور ﷺ جن فرمايو. لَآ اِلٰـــهَ اِلاَّ اللہ اهو ٻڌي سڀ سردار ٽپ ڏيئي اٿي بيٺا ۽ اهي ڳالهيون چوندا نڪري ويا جيڪي هن سورت جي شروعاتي حصي ۾ الله تعالىٰ نقل ڪيون آهن.

## موضوع ۽ بحث

مٿي جنهن مجلس جو ذڪر ڪيو ويو آهي انهيءَ تي تبصري سان هن سورت جي شروعات ٿي آهي ڪافرن ۽ نبي ڪريم ﷺ جي ڳالهه ٻولهه کي بنياد بنائي الله تعالىٰ ٻڌايو ته انهن ماڻهن جي انڪار جو اصلي سبب اسلامي دعوت جو ڪو نقص ناهي، پر انهن جو پنهنجو تڪبر، حسد ۽ انڌي تقليد تي اصرار آهي ان کان پوءِ الله تعالىٰ سورت جي ابتدائي حصي ۾ ۽ آخري فقرن ۾ به ڪافرن کي ڪري نموني خبردار ڪيو آهي ته جنهن شخص تي اڄ توهان چٿرون ڪري رهيا آهيو سگهوئي اهو غالب ٿي ويندو ۽ اهو وقت پري ناهي جڏهن سندس اڳيان توهان سڀ سر نوائيندؤ.

انهن کان اڳ ۾ نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ميخن واري فرعون ۽ ثمود ۽ لوط جي قوم ۽ ايڪه وارن انهن مان هر هڪ رسولن کي ڪوڙو ڀانيو ۽ پوءِ منهنجي سزا جو فيصلو مٿن لاڳو ٿي ويو. منهنجي عذاب کان بچي نه سگهيا.

هن سورت ۾ 9 نَون پيغمبرن جو ذڪر ٿيل آهي پر هن سورت ۾ حضرت دائود عليه السلام جو قصو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌيڪ تفصيل سان بيان ٿيل آهي.

الله تعاليٰ نبي ڪريم ﷺ جن کي فرمائن ٿا تہ اي نبي صبر ڪر انهن جي ڳالهين تي جيڪي مڪي جا ڪافر ڪن ٿا ۽ انهن جي اڳيان اسان جي (هڪ) ٻانهي دائود جو قصو بيان ڪر جيڪو وڏين طاقتن جو مالڪ هو هر معاملي ۾ الله تعاليٰ ڏانهن منهن ڪرڻ وارو هو اسان جبلن کي ان سان مسخر ڪري ڇڏيو هو جو صبح ۽ سانجهيءَ اهي ان سان گڏ تسبيح ڪندا هئا پکي مڙي ويندا هئا ۽ سيئي سندس تسبيح ڏانهن متوجہ ٿي ويندا هئا اسان سندس سلطنت مضبوط بڻائي ڇڏي ۽ کيس حڪمت عطا ڪئي هئي فيصلو ڪندڙ ڳالهہ چوڻ جي صلاحيت بخشي هئي.

اسان وٽ ان لاءِ ويجهڙائي وارو مرتبو ۽ سهڻي پڇاڙي آهي.

* **الله پاڪ جي طرفان حضرت دائود عليہ السلام کي حق انصاف جي تلقين** (اسان کيس چيو) اي دائود! اسان توکي زمين ۾ خليفو بڻايو آهي تنهنڪري تو ماڻهن تي حق سان حڪومت ڪر ۽ نفس جي خواهش جي پيروي نہ ڪر جو اها توکي الله تعاليٰ جي واٽ کان ڀٽڪائي ڇڏيندي. جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي واٽ کان ٿڙي ويندا آهن انهن لاءِ بيشڪ سخت سزا آهي انهن حساب جي ڏينهن کي وساري ڇڏيو.

الله تعاليٰ دائود کي حضرت سليمان عليہ السلام پٽ عطا فرمايو حضرت سليمان عليہ السلام تمام چڱو ٻانهو هو. حضرت سليمان جو مفصل بيان آهي .

**حضرت ايوب عليہ السلام جو قصو.** آيت نمبر 41 کان آيت نمبر 44 ۾ بيان ٿيل آهي

**ٻين نبين جو بيان:**

اي محمد ڪريم ﷺ تون اسان جي سچن ٻانهن کي ياد ڪر ۽ اسان جي ٻانهن حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت اسحاق عليہ السلام ، حضرت يعقوب عليہ السلام جو بيان ڪر جيڪي عمل جي تمام گهڻي طاقت ۽ بصيرت رکندڙ هئا اسان انهن کي خاص صفت ڪري برگزيده ڪيو هو.

بيشڪ اسان وٽ انهن جو شمار چونڊيل نيڪ شخصن ۾ آهي حضرت اسماعيل عليہ السلام ۽ حضرت اليسع عليہ السلام ۽ ذولڪفل جو بيان ڪر

مؤمن هميشہ جنت ۾ رهندا دوزخين لاءِ جهنم بچڙي جاءِ آهي جتي ڪافر هڪ ٻئي تي ملامت ڪندا رهندا.

آخر ۾ آدم عليہ السلام ۽ ابليس جو قصو بيان ڪيو ويو آهي ان مان مقصد قريش ڪافر کي اهو ٻڌائڻ آهي تہ محمد ڪريم ﷺ جي اطاعت کان جيڪو تڪبر توهان کي روڪي رهيو آهي انهيءَ تڪبر آدم عليہ السلام جي اڳيان جهڪڻ کان ابليس کي روڪيو هو ان ڪري جيڪو انجام ابليس جو ٿيڻو آهي سوئي آخرڪار توهان جو بہ ٿيڻو آهي.

الله پاڪ رسول ﷺ جن کي حضرت داود عليہ السلام جي اها خبر ٻڌائي ٿو تہ جڏهن حضرت دائود



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻ ۾ پائر بي قاعدي پٽ ٽپي سندس ماڙيءَ ۾ آيا هئا جڏهن دائود وٽ پهتا ته هو کين ڏسي گهٻرائجي ويو انهن چيو ڊڄ نه اسان مدعي ۽ مدعا عليه (جهيڙي) جون ٻه ڌريون آهيون جن مان هڪڙي ٻئي تي زيادتي ڪئي هئي تون اسانجي وچ ۾ ٺيڪ ٺيڪ حق جو فيصلو ڪر بي انصافي نه ڪجانءِ اسان کي سنئين واٽ ڏيکارج هي منهنجو ڀاءُ آهي ان وٽ نوانوي 99 رڍون آهن مون وٽ هڪ رڍ آهي هن مون کي چيو ته اها هڪ رڍ ٻـــــ منهنجي حوالي ڪر ته سو (100) پورو ڪريان ۽ ڳالهائڻ ۾ مون کي دٻائي ويٺو آهي دائود جواب ڏنو هن شخص پنهنجين رڍن سان تنهنجي رڍ گڏائڻ جي گهر ڪري بيشڪ توتي ظلم ڪيو آهي ۽ اها حقيقت آهي ته گڏجي رهڻ وارا ماڻهو گهڻو ڪري هڪ ٻئي تي زيادتي ڪندا رهندا آهن بس اهي ئي ماڻهو ان کان بچيل آهن جيڪي ايمان وارا آهن ۽ نيڪ عمل ڪندا آهن ۽ اهڙا ماڻهو تمام ٿورڙا آهن (اها ڳالهه چوندي) دائود سمجهي ويو ته اها ته اســـــان اصل ۾ سندس آزمائش ڪئي آهي تنهنڪري پنهنجي رب کان معافي گهري ۽ سجدي ۾ ڪري پيو ۽ رجوع ڪيائين سو اسان ان کي بخشيو سون. بيشڪ ان کي اسان وٽ مرتبو آهي ۽ چڱو موٽڻ جو هنڌ آهي.

(حوالو تفهيم القرآن جلد 3 صفه 68 کان 70)






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (39) **سورت الزمر** (ميڪه آيات 75)

هي لفظ هن سورت جي ٻن آيتن آيت نمبر 71 ۽ آيت نمبر 73 مان ورتل آهي عربي لغت ۾ هن لفظ جي معنيٰ ٽوليون ٽوليون آهي.

تفسير تنوير الايمان جلد 8 صہ 363 تان نقل ٿيل آهي زمر لفظ جي معنيٰ آهي ٽولي يا جماعت هن سورت ۾ بهشتين ۽ دوزخين جي ٽولين جو جدا جدا ذڪر آهي ۽ هن ۾ شرڪ جو رد بہ چڱي طرح بيان ٿيل آهي.

آيت نمبر 71 ۽ آيت نمبر 72 ۾ آهي تہ ڪافرن کي ٽوليون ڪري دوزخ ڏي ڪاهيو ويندو انهن لاءِ دوزخ جا سڀ دروازا کوليا ويندا ملائڪ انهن کي چوندا هاڻي اوهان دوزخ ۾ گهرو اوهان ان ۾ هميشہ رهندؤ.

آيت نمبر 73 اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي رب کان ڊنا انهن کي ٽوليون ڪري بهشت ڏي آندو ويندو جتي اهي هميشہ لاءِ رهندا.

## مضمون

هي سموري سورت هڪ بهترين ۽ انتهائي اثرائتو خطبو آهي. ان جا مخاطب گهڻو ڪري قريشي ڪافر آهن ۽ انهن جهڙا انيا ڪافر آهن جيتوڻيڪ ڪٿي ڪٿي ايمان وارن کي بہ خطاب ڪيو ويو آهي ان ۾ محمدي دعوت عَليٰ صاحِبَهَا الصَلٰواة والسلام جو اصل مقصود ٻڌايو ويو آهي جيڪو هيءُ آهي تہ انسان خالص الله تعاليٰ جي بندگي اختيار ڪري ۽ ڪنهن ٻئي جي اطاعت ۽ عبادت سان پنهنجي خدا پرستيءَ کي نہ وچڙائي هن بنيادي اصول کي هر هر مختلف نمونن سان پيش ڪندي نهايت زور دار طريقي سان توحيد جي سچائي ۽ ان کي مڃڻ جي بهترين نتيجن ۽ شرڪ جي غلطي ۽ ان تي ڄمي بيهڻ جي نتيجن کي پڌرو ڪيو آهي ماڻهن کي دعوت ڏني وئي آهي تہ اهي پنهنجي غلط روش کان مڙي وڃن ۽ پنهنجي رب جي رحمت ڏانهن موٽڻ انهيءَ سلسلي ۾ ايمان وارن کي هدايت ڪئي وئي تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ جي بندگيءَ لاءِ هڪ هنڌ تي ڏکيائي ۽ تنگي آهي تہ سندس زمين ڪشادي آهي پنهنجو دين بچائڻ خاطر ڪنهن ٻئي هنڌ ڏانهن نڪري وڃن الله تعاليٰ توهان کي توهان جي صبر جو اجر ڏيندو ٻئي پاسي نبي ڪريم ﷺ کي فرمايو ويو تہ انهن ڪافرن کي ان ڳالهہ کان بلڪل مايوس ڪري ڇڏيو تہ سندس ظلم ۽ ستم بہ توهان کي حق واري واٽ تان هٽائي سگهندو. (حوالہ تفهيم قرآن خلاصو 3 صفہ 92).

هن سورت ۾ توحيد جي عقيدي کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ تڪويني آيتون بيان ڪيل آهن تہ آسمانن ۽ زمينن کي ان حسن، خوبي ۽ عقلن کي حيرت ۾ وجهندڙ نظم ۽ ضبط سان پيدا ڪرڻ وارو صرف هڪ الله تعاليٰ آهي رات ۽ ڏينهن جي گردش ۾ تسلسل قائم رکندڙ بہ اهوئي آهي سج ۽ چنڊ ان جي حڪم جا پابند آهن ۽ پنهنجي مقرر رستي تي هلي رهيا آهن ان ئي اوهان کي اوهان جي مائرن جي پيٽن وارن انڌيرن ۾ سهڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نموني خلقيو آهي.

هن سورت جي مضمونن ۾ زياده عذر طلب هي مضمون آهي تہ انسان ٻہ قسم آهن

1. هڪڙا پاڻ کي وسارينڌڙ آهن جن کي جڏهن مصيبتون ۽ ايذاءِ پنهنجي لپيٽ ۾ آڻين ٿا تہ دانهون ڪرڻ لڳندا آهن الله جل شانہ جي دربار ۾ رڙيون ڪري پڪا واعدا ڪندا آهن تہ جيڪڏهن هن مصيبت کان بچي ويا تہ باقي سموري زندگي تنهنجي بندگي ۽ تنهنجي فرمانبرداري ۾ گذاريندا سين پر جڏهن خداوند ڪريم جي رحمت سندن ساٿ ڏيندي آهي تہ انهن کي ياد ئي نہ رهندو آهي تہ متن اهو ڪرم ڪنهن ڪيو.

2. ٻيا اهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي زندگي جي هر گهڙي پنهنجي پاڪ پروردگار جي ذڪر ۽ عبادت ۾ گذاريندا آهن انهن جون راتيون رب جي عبادت ۾ ان طرح گذرن ٿيون اهي ڪڏهن هٿ ٻڌيو بيٺا آهن تہ ڪڏهن سجدي ۾ ڪريل آهن آخرت کان ڊڄندا آهن ۽ پنهنجي رب جي رحمت ۾ اميد رکندا آهن.

(اي نبي) چئو تہ اي منهنجا ٻانهوءَ جن ايمان آندو پنهنجي رب کان ڊنو جن ماڻهن هن دنيا ۾ ڀلي روش اختيار ڪئي تن لاءِ ڀلائي آهي ۽ الله تعاليٰ جي زمين ڪشادي آهي صبر ڪرڻ وارن کي تہ سندن اجر ٻنا حساب جي ڏنو ويندو (اي نبي) انهن کي چئو مون کي تہ حڪم ڏنو ويو آهي تہ دين کي الله تعاليٰ لاءِ خاص ڪري ان جي بندگي ڪريا ۽ مون کي اهو ٻہ حڪم ڏنو ويو آهي تہ سڀ کان اول آءٌ پاڻ مسلمان بڻجان مان پنهنجي دين کي الله تعاليٰ لاءِ خالص ڪري انهيءَ جي بندگي ڪندس.

آيت نمبر 31 نيٺ قيامت جي ڏينهن توهان سيئي پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ پنهنجو پنهنجو مقدمو پيش ڪندؤ.

هن سورت ۾ آيت نمبر 33 ۾ چيل آهي ۽ جيڪو شخص سچائي کڻي آيو ۽ جن ان کي سچو ڪري مڃيو اهوئي عذاب کان بچڻ وارا آهن يعني اهي ماڻهو جن ان جي تصديق ڪئي تہ ظاهر آهي تہ الله تعاليٰ جي عدالت مان انهن کي سزا ملڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

آيت نمبر 34 ۾ چيل آهي انهن کي سندن رب وٽ اهو سڀ ڪجهہ ملندو جنهن جي اهي خواهش ڪندا اهو آهي اجورو نيڪي ڪندڙ جو هن آيت جو تفسير تفهيم القرآن جي حاشئہ نمبر 53 تان نقل ڪيو آهي جيڪو هن طرح آهي ان ڳالهہ جو خيال رهي تہ هتي في الْجَنَّةِ (جنت ۾) نہ پر عِندَ رَبِّهِمْ (پنهنجي رب وٽ) جا الفاظ ارشاد ٿيا آهن ۽ ظاهر آهي تہ پنهنجي رب وٽ تہ ٻانهو مرڻ سان ئي پهچي وڃي ٿو ان ڪري آيت جي منشا هي معلوم ٿئي ٿي تہ جنت ۾ پهچي ڪري ئي نہ پر مرڻ جي وقت کان وٺي جنت ۾ وڃڻ تائين جي زماني ۾ بہ صالح مؤمن سان الله تعاليٰ جو معاملو اهوئي آهي اهو برزخ جي عذاب کان ڏينهن قيامت جي سختين کان حساب جي سختي کان حشر جي ميدان جي خواري کان ۽ پنهنجي ڪوتاهين ۽ قصورن تي پڪڙ کان ضرور بچڻ گهرندو ۽ الله تعاليٰ جون اهي سموريون خواهشون پوريون ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت نمبر 41 ۾ آهي (اي نبي) اسان سڀني انسانن لاءِ اهو ڪتاب توتي حق سان نازل ڪيو آهي هاڻي جيڪو سنئين واٽ وٺندو سو پنهنجي لاءِ وٺندو جيڪو ڀٽڪندو ان جي ڀٽڪڻ جو وبال مٿس ئي هوندو تون ان جو ذميوار نہ آهين

آيت نمبر 42 ۾ چيل آهي تہ اهو الله تعاليٰ ئي آهي جيڪو موت جي وقت روح قبض ڪندو ۽ جيڪو اڃان نہ مئو آهي تنهنجو روح ننڊ ۾ ڪڍندو آهي پوءِ جنهن تي هو موت جو فيصلو لاڳو ڪندو آهي ان کي روڪي وٺندو آهي ۽ ٻين جي روحن کي هڪ مقرر وقت تائين موٽائي ڇڏيندو آهي انهيءَ ۾ وڏيون نشانيون آهن انهن لاءِ جيڪي سوچڻ سمجهڻ وارا آهن.

آيت نمبر 44 چوين شفاعت سموري الله جي اختيار ۾ آهي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي جو اهو مالڪ آهي پوءِ انهيءَ ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ تفسير تفهيم القرآن حاشئہ نمبر 63 تان ورتل آهي. يعني ڪنهن ۾ اها طاقت ناهي تہ الله تعاليٰ جي حضور ۾ پاڻئي سفارشي ٿي بيهي سو ان ۾ سندس سفارش مڃرائڻ جي طاقت وري ڪٿان ايندي اها ڳالهہ تہ بلڪل الله تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي تہ جنهن کي گهري سفارش جي موڪل ڏي ۽ جنهن کي گهري نہ ڏي ۽ جنهن بابت گهري تہ نہ ڪرڻ ڏي.

آيت نمبر 53 (اي نبي) چئي ڇڏ تہ اي منهنجا ٻانهؤ جن پنهنجي پاڻ تي زيادتي ڪئي آهي الله تعاليٰ جي رحمت کان مايوس نہ ٿيو بلاشڪ الله تعاليٰ سموري گناهہ بخشي ڇڏيندو آهي اهو تہ غفور رحيم آهي. احسن البيان في تفسير القرآن جلد 7 صفہ 671) آيت 53 جي تفسير هن طرح ڪيو آهي لَاتَقْنَطُوْا مِنْ رَحْمَةِ اللّٰهِ واري حياتي بخشيندڙ بشارت ٻڌايل آهي ٻانهن کي سمجهايو ويو آهي تہ اوهان پنهنجي نفسن تي ظلم جي حد ڪري ڇڏي آهي پر هاڻي بہ ـــــــ ان جي رحمت واري دروازي تي اچي ان کي کڙڪائيندو تہ اهو اوهان کي مايوس ڪري نہ موٽائيندو اوهان جا ڪيل گناهہ بخشيندو ۽ نئين سر پاڪيزه زندگي شروع ڪرڻ هڪ ڀيرو وري موقعو ڏيندو.

آيت نمبر 54 ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ موٽي اچو پنهنجي رب ڏانهن ۽ سندس تابعدار بڻجي وڃو هن کان اڳ جو توهان تي عذاب اچي ڪڙڪي ۽ پوءِ توهان کي ڪٿان بہ مدد ملي نہ سگهي.

آيت نمبر 67 کان آيت نمبر 74 ۾ هنن آيتن ۾ قيامت واقعي ٿيڻ جو نقشو پيش ڪيو ويو آهي جيڪو هن ريت آهي.

انهن ماڻهن الله جو ائين قدر ئي نہ ڪيو جيئن سندس قدر ڪرڻ جو حق آهي. "قيامت جي ڏينهن ساري زمين سندس مٺ ۾ هوندي ۽ آسمان سندس سڄي هٿ ۾ وڙهيل هوندا پاڪ ۽ مٿانهون آهي اهو ان شرڪ کان جيڪو اهي ڪن ٿا ان ڏينهن صور ڦوڪي ويندي ۽ سڀ مري ڪري پوندا جيڪي آسمان ۽ زمين ۾ آهن سواءِ انهن جي جن کي الله تعاليٰ جيئرو رکڻ گهري پوءِ وري ٻئي هڪڙي صور ڦوڪي ويندي ۽ اما لڪ سيئي اٿي ڪڙا ٿي ڏسڻ لڳندا زمين پنهنجي رب جي نور سان روشن ٿيندي ۽ عملن وارو ڪتاب آڻي رکيو ويندو انبياءَ ۽ سمورا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهد حاضر ڪيا ويندا ماڻهن جي وچ ۾ ٺيڪ ٺيڪ حق جو فيصلو ڪيو ويندو ۽ مٿن ڪو بہ ظلم نہ ٿيندو اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو هو دوزخ ڏانهن ٽولا ٽولا ڪري موڪليا ويندا ۽ دوزخي ڪي ســــدائين دوزخ ۾ رهڻو آهي ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي رب جي نافرماني ڪرڻ ڪان بچيل هوندا انهن کي ٽولا ٽولا ڪري جنت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ ان ۾ سدائين رهندا.

اهي ڪير هوندا جيڪي الله جل شـانہ جي دهشـت سـان بـيهوش نہ ٿيندا اهي چار مقـرب ملائڪ 1. جبرائيل 2. ميڪائيل، 3. اسرافيل، 4. ملڪ الموت آهي ۽ بـعض روايتن جي مطابـق عرش جا ڪڻندڙ ملائڪ بہ انهن ۾ شـامل هوندا انهن جي اســتثنا ڪرڻ جو مطلب تہ ڦوڪ جي اثر جي ڪري انهن تي موت نہ ايندو پر پوءِ انهن تي بہ موت ايندو ۽ هڪ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪير بہ ان وقت زندهہ نہ هوندو. (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 7 صفہ 737 ۽ 738)

قيامت جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل ۽ ڏسو سورت نمل جي آيت نمبر 87 تفسير تنوير الايمان جلد 7 صفہ 191






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (40) **سورت المؤمن** (مکيه آيات 85)

هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 28 مان ورتل آهي هن سورت ۾ انهيءَ مؤمن جو ذڪر آهي جيڪو فرعون جي قوم مان هو ان مخفي طور حضرت موسيٰ عليہ السلام تي ايمان آندو هو پر پنهنجي ايمان کي فرعون ۽ فرعون جي قوم کان مخفي رکندو هو. حضرت موسيٰ عليہ السلام سان گڏ هٽڻ ڪري درياءَ نيل ۾ ٻڏڻ کان بچي ويو. انهيءَ ڪري هن سورت جو نالو المؤمن رکيو ويو آهي.

تفسير فتح البيان ۾ حافظ ابن ڪثير حضرت حسن بصري، مقاتل ۽ سدي جي قول سان بيان هن طرح آهي ته اهو مؤمن قبطي هو ۽ فرعون جو سوٽ هو مفسرن هن مؤمن شخص جي نالي ۾ اختلاف ڪيو آهي. مگر حضرت ابن عباس ﷺ ۽ اڪثر عالمن جي قول موجب سندس نالو حِزقيل هو سدي ۽ مقاتل جو قول آهي اهو فرعون جي قبيلي مان هو هن مؤمن جي نالي لاءِ (5) پنج قول آهن. حزقيل نالو تفسير هاشمي مان ورتل آهي.

(1) حضرت ابن عباس ۽ مقاتل فرمايو آهي ته هن جو نالو عزبيل هو.

2. ڪعب جو قول آهي ته هن جو نالو حبيب هو.

3. شعيب، جبائي جو قول ته هن جو نالو شمعون آهي.

4. ابن اسحاق جي قول مطابق هن جو نالو جبريل

5. شمعان

جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام فرعون کي حق جي دعوت ڏني ۽ پنهنجي قول جي صداقت کي روشن معجزن سان ثابت ڪيو تڏهن فرعون چيو ته مون کي ڇڏيو ته موسيٰ کي قتل ڪيان ۽ پلي پنهنجي رب کي سڏي چو ته مون کي اهو خوف ٿئي ٿو ته اوهان جي دين کي ميٽي ڇڏيندو يا زمين ۾ فساد برپا ڪندو اتي فرعون جي مائٽ مان هڪ مؤمن جنهن جو تعارف مٿي ڪري چڪا آهيون تنهن حضرت موسيٰ عليہ السلام جي دفاع ڪندي فرعون ۽ سندس قوم کي هن طرح سمجهائيندي سٺي نصيحت ڪئي آهي جو هن کان وڌيڪ نصيحت ظالم بادشاهه ۽ ڪافر قوم کي پيو ڪوبہ ڪري نہ سگهندو تنهنڪري هن مومن مرد کي اعليٰ درجي جي جهاد جو درجو مليو جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ تمام زور بهتر ۽ افضل جهاد حق ۽ انصاف جو ڪلمو ظالم بادشاهه کي چوڻ آهي هن مؤمن جي نصيحت (يعني خطاب) جيڪو فرعون ۽ ڪافر قوم کي ڪيو آهي اهو پورو خطاب الله تعاليٰ قرآن مجيد جي آيت نمبر 28 کان آيت نمبر 35 ۽ آيت نمبر 38 کان آيت نمبر 45 ۾ بيان فرمايو آهي جيڪو هن طرح آهي:

آيت نمبر 28 ۽ فرعون جي مائٽ مان هڪ مؤمن مڙس جو پنهنجو ايمان لڪائيندو هو (تنهن) چيو تہ اهڙي مڙس کي ڪهو ٿا جو چوي ٿو تہ منهنجو پالڻهار الله تعاليٰ آهي بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان (چڱا) معجزا آندا اٿس ۽ جيڪڏهن (ڪٿي) ڪوڙو هجي ته سندس ڪوڙ (جو وبال) مٿس آهي ۽ جيڪڏهن سچو هوندو ته جيڪو واعدو اوهان سان ڪري ٿو تنهن مان ڪجهه اوهان کي ضرور پهچندو ڇو ته جيڪو حد کان لنگهندڙ ڪوڙو هوندو تنهن کي الله تعاليٰ سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي.

آيت نمبر 29: اي منهنجي قـــوم اڄ اوهان جي بادشـــاهي آهي ملڪ ۾ (اوهين) غالب آهي جيڪڏهن (عذاب اســان وٽ اچي ته الله تعاليٰ جي عذاب کان بچڻ لاءِ) اســان کي ڪير واهر ڏيندو؟ فرعون چيو ته جيڪا چڱي مصلحت ڏسان ٿو. تنهن کان سواءِ (ٻي) اوهان کي نه ٿو ڏيکاريان ۽ اوهان کي سڌي رستي کان سواءِ (ٻيو رستو) نه ٿو ڏيکاريان.

## فرعون جي قوم مان ايمان آڻيندڙ شخص جي پنهنجي قوم کي تبليغ ڪرڻ

آيت نمبر 30 ۽ جنهن ايمان آندو هو تنهن چيو ته اي منهنجي قوم بيشـڪ آءٌ اوهان تي اڳين ٽولين جهڙي (عذاب جي) ڏينهن (اچڻ) کان ڊڄان ٿو.

آيت نمبر 31 جهڙو حال نوح جي قـوم ۽ عاد ۽ ثمود ۽ انهن کان پوءِ وارين قـومن تي آيو هو اها حقيقت آهي ته الله تعاليٰ ٻانهن تي ظلم ڪرڻ نه گهرندو آهي.

آيت نمبر 32 ۽ اي منهنجي قـوم بيشـڪ آءٌ اوهان تي هڪ ٻئي کي سـڏڻ جي انهيءَ ڏينهن (اچڻ) کان ڊڄان ٿو.

آيت نمبر 33 جنهن ڏينهن اوهين پٺيرا ٿي ڀڄندؤ. الله کانسواءِ (ٻيو) اوهان کي ڪو بچائڻ وارو نه هوندو ۽ جنهن کي الله تعاليٰ ڀلائي ڇڏي تنهن کي ڪو سڌو رستو ڏيکارڻ وارو ڪونهي.

آيت نمبر 34 ۽ بيشـڪ هن کان اڳ اوهان يوسف معجزن سـان آيو هو پوءِ جيڪو اوهان وٽ آندائين تنهن کان (اوهين) هميشـــ شـــڪ ۾ هئو تان جو جڏهن مئو (تڏهن) چيو ته اُن کان پوءِ (ٻيو) ڪو پيغمبر الله تعاليٰ نه موڪليندو. اهڙيءَ طرح جيڪو حد کان لنگهندڙ شڪ ڪندڙ آهي تنهن کي الله تعاليٰ ڀلائيندو آهي.

آيت نمبر 35 انهن کي (ڀلائيندو آهي) جيڪو الله تعاليٰ جي نشـانين بابــت اهڙيءَ حُجت ڏاران جا وٽن آئي هجي جهڳڙو ڪندا آهن (اهو ســـندس جهڳڙو ڪرڻ) الله تعاليٰ وٽ ۽ مؤمنن وٽ وڏي غضب جهڙي ڳالهه آهي اهڙي طرح الله تعاليٰ سڀ ڪنهن وڏائي ڪندڙ هٺيلي جي دل تي مهر هڻندو آهي (فرعون جي قوم مان ايمان آڻيندڙ مڙس جي پنهنجي قوم کي تقرير يعني خطاب ڪندي چئي ٿو)

تفهيم القـــرآن جلد 3 صه. 138 تي ان مؤمن مڙس هن ســـورت جي رڪوع 5 ۾ آيت نمبر 38 کان سندس قوم کي خطاب ۾ چئي ٿو.

آيت نمبر 38 ۽ جنهن ايمان آندو هو تنهن چيو ته اي منهنجي قـــوم منهنجي تابـــعداري ڪريو ته (آءٌ) اوهان کي سڌي رستي لايا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت نمبر 39 اي منهنجي قوم هي دنيا جي حياتي (ٿوري) وٽ کان سواءِ (ڪجهه) ڪي نہ آهي ۽ بيشڪ آخر ئي سدائين رهڻ جو هنڌ آهي.

آيت نمبر 40 جنهن بد ڪم ڪيو تنهن کي رڳو اهڙو بدلو ڏبو ۽ جنهن چڱو ڪم ڪيو خواه مڙس هجي خواه زال ۽ اُهو مؤمن بہ هجي تہ اهي بهشت ۾ گهڙندا منجهس اڻ ڳڻي روزي ڏبي.

آيت نمبر 41 ۽ اي منهنجي قوم مون کي ڇا (ٿيو) آهي جو (آءٌ) اوهان کي ڇوٽڪاري ڏانهن سڏيان ٿو ۽ (اوهين) مون کي باهہ ڏانهن سڏيو ٿا.

آيت نمبر 42 (اوهين) مون کي سڏيو ٿا تہ الله تعالىٰ جو انڪار ڪريان ۽ ساڻس اهڙي شيءِ شريڪ ٺهرايان جنهن (جي حقيقت) جي مون کي ڄاڻپ نہ آهي ۽ آءٌ اوهان کي غالب بخشڻهار ڏانهن سڏيان ٿو.

آيت نمبر 43 بلاشڪ اوهين مون کي اُنهيءَ ڏانهن سڏيو ٿا جنهن کي دنيا ۽ آخرت ۾ سڏڻ جو ڪو حق نہ آهي بيشڪ اسان جو موٽڻ الله تعالىٰ ڏانهن آهي ۽ بيشڪ حد کان لنگهندڙ ئي دوزخي آهن.

آيت نمبر 44 پوءِ جيڪي اوهان کي چوان ٿو سو سگهو ياد ڪندؤ ۽ (آءٌ) پنهنجو ڪم الله تعالىٰ کي سونپيان ٿو ڇو تہ الله تعالىٰ ٻانهن (جي حال) کي ڏسندڙ آهي.

آيت نمبر 45 پوءِ جيڪو ڦند سٽيائون تن جي بڇڙائي کان الله تعالىٰ کيس بچايو ۽ فرعون جي ماڻهن کي بڇڙي عذاب ويڙهيو. يعني پاڻي ۾ غرق ٿي ويا.

هي مضمون احسن البيان في تفسير القرآن جلد 7 صفحہ 746 تان ورتل آهي.

هن سورت جي منڍ ۾ فرمان آهي تہ هي ڪتاب ڪنهن انسان جو تصنيف ناهي بلڪ ان کي الله تعالىٰ نازل ڪيو آهي جيڪو عزيز ۽ عليم بہ آهي تہ غافِرِ لذنب قَابِلِ التَّوبہ يعني گناهہ بخشيندڙ ۽ توبہ قبول ڪندڙ صاحب آهي ڇا اهڙي الله تعالىٰ جي نازل ڪيل ڪتاب هن ۾ ڪو نقص تلاش ڪري سگهجي ٿو.

هن سورت ۾ پڻ امرن ڏانهن خصوصي توجہ ڏياريل آهي هڪ تہ مڪي جا رهاڪو ڪافر هر ڳالهہ تي ٻي ڪريم ﷺ جن سان جهيڙو ۽ تڪرار ڪندا هئا جنهن ڪان پاڻ سڳورا غمگين ٿيندا هئا هن سورت ۾ ا عز اسمہ کين تسلي ڏني وئي آهي تہ اڳين امتن جو بہ سندن طرف موڪليل رسولن سان اهو رويو هوندو هو پوءِ جيئن اهي انبياءَ سڳورا عليٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام ڪم ڪندا رهيا تيئن اوهان بہ پنهنجو پيغام ڏيڻ جاري رکو ۽ هن ۾ اهو بہ بيان ٿيو آهي تہ جيڪڏهن هي ڪافر مون کي پنهنجو سچو معبود تسليم نٿا ڪن تہ ڇا ٿي پيو ڳڻڻ کان گهڻا نوري مخلوق ملائڪ جيڪي عرش کي ڪنيو بيٺا آهن ۽ ان جي چؤطرف طواف ۾ مصروف آهن اهي هر وقت منهنجو حمد بہ ڪن ٿا ۽ منهنجي تسبيح بہ پڙهن ٿا ۽ اهي اوهان تي ايمان آڻڻ وارن اوهان جي سچن امتين لاءِ مغفرت جي دعا بہ گهرندا رهن ٿا.

هن سورت ۾ بہ مختلف مقامات ۾ ا تعالىٰ جي توحيد ۽ وڏائي جو تڪويني دلائل بيان ٿيل آهن تانتہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن کي يقين حاصل ٿئي ته جنهن جي قدرت جا اهي ڪرشما آهن اهوئي وحده لاشريڪ له سچو معبود ۽ برحق آهي ۽ ڪافر جو قيامت جي ڏينهن حسرت پريو. انجام ٿيندو ان جو به نقشو پيش ڪيل آهي تا جيئن جيڪي ماڻهو ان هولناڪ انجام کان بچڻ گهرن اهي پاڻ سنڀالي وٺن. (حواله احسن البيان في تفسير القرآن جلد 7 صفحه 746)

ان کان علاوه ڪي ارشادات هيٺ ڏجن ٿا.

1. عرش کي کڻندڙ چار ملائڪ آهن.

2. آخرت ۾ ساڻن ٻيا چار فرشتا شامل ٿيندا پوءِ ڪل اٺ ٿيندا يعني آخرت ۾ تنهنجي رب جو عرش اٺ فرشتا کڻندا عرش کڻندڙ فرشتن جو درجو ٻين فرشتن کان افضل اعليٰ آهي.

## هن ۾ عرش عظيم جي صفت آهي.

مجاهد جو قول آهي ته ستن آسمانن ۽ عرش جي وچ ۾ ستر هزار حجاب (پردا) آهن تن ۾ ڪي نوراني ته ڪي اونداهي جا آهن عرش سندن کڻندڙ فرشتن جو قبلو آهي جيئن انسانن جو قبلو ڪعبت الله آهي.

ڪنهن بزرگ نظم ۾ فرمايو آهي ته قبلا ڪل پنج آهن

1. عرش قبلو حاملين جو　　2. ڪرسي ڪروبين جو

3. معمور سندو مَلَڪن جو　　4. مقدس نبين جو

5. ڪعبت الله مسلمان مؤمنن جو

عرش جي چوگرد فرشتن جي صف آهي

هيٺين ارشادات کي عنوانن ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

* هن ۾ مؤمنن جي دعا (شفاعت) خاندان جي فردن لاءِ بيان ٿيل آهي ۽ هن ۾ به دفع جيئرو ٿيڻ به به دفع مرڻ جو ذڪر آهي.
* الله پاڪ هر چيز تي قادر آهي سندس صفتن جو بيان
* قيامت جي هيبت سخت هوندي ۽ اکين جي خيانت بابت احوال
* خدا جي عذاب کان ڪافر بچي نه سگهيا
* فرعون جو پٽن کي قتل ڪرڻ جو حڪم
* فرعون جي غلط ڳالهين ڪرڻ جو احوال
* قبر جو عذاب برحق آهي
* خدا جي مدد رسولن ۽ مؤمنن سان دنيا ۽ آخرت ۾ رهندي
* الله پاڪ حضرت موسيٰ کي هدايت وارو ڪتاب ڏيئي مضبوط ڪيو ۽ حضور ﷺ جن کي استغفار لاءِ



www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

حڪم فرمايو

* آسمانن زمينن جي پيدائش وڏو زبردست ڪم آهي
* دجال پليت جو بيان
* رب چئي ٿو تہ مون کان دعا گهرو تہ قبول ڪريان اوهان لاءِ جيڪي منهنجي عبادت کان تڪبر ڪن ٿا سي جلد دوزخ ۾ ويندا
* رات ۽ ڏينهن قدرت جي طرفان هڪ انعام آهي
* رسول الله ﷺ جو الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪافرن کي سمجهائڻ ۽ انسان جي پيدائش جي حقيقت
* جن ڪافرن خدا جي حڪمن ۽ رسولن جي پڌايل ڳالهين تي عمل نہ ڪيو تن جي سزا بابت
* الله پاڪ جا هزارين انعام انسانن جي مٿان آهن.
* الله تعاليٰ جي عذاب اچڻ وقت ڪافرن جون سڀ تدبيرون بيڪار ٿي ويون.
* مرڻ وقت ايمان آڻڻ ۽ توبهہ ڪرڻ قبول آهي يا نہ.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (41) حٰـم السجدة (مکيه آيات 54)

هن سورت جو نالو ٻن لفظن مان جڙيل آهي لفظ حٰـــــــــم ۽ ٻيو السجدة يعني اها سورت جنهن جي شروعات حٰـم سان ٿئي ٿي جنهن ۾ آيت نمبر 38 سجدي جي آيت آيل آهي.

حٰـم حروف مقطعات آهن جنهن جي معنيٰ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو.سعيد بن خبير عطاء خراساني جو قول آهي تہ ح . الله عزا اسمه جي نالن حڪيم، حميد، حي، حليم ۽ حنان جو مخفف آهي.

م . الله تعاليٰ جي نالن ملڪ، مجيد ۽ منان جو مخفف آهي (حــوالہ حاشـئہ ماجديه ص935) مشـــهور تابعي محمد بـن ڪعب القرطبي روايت ٿو ڪري جڏهن حـضرت حمزه ؓ مسـلمان ٿيو تہ ڪافرن کي سـخت صدمو پهتو ۽ انهن بـيت الله شريف ۾ هڪ ميٽنگ منعقد ڪئي قريشن جي ٻين رئيسـن سـان گڏ عُتبہ بـن ربيعہ (اَبو سفيان جو سهرو) بہ اتي موجود هو ۽ مسجد جي ٻيءَ ڪنڊ ۾ رسول الله ﷺ اڪيلا تشريف فرما هئا قريش سردارن جي مشوري سان حضور ڪريم ﷺ وٽ وڃي ڪري چيو "ڀائٽيا" هي ڪم جيڪو تو شروع ڪيو آهي ان مان جيڪڏهن تنهنجو مقـصد مال حـاصل ڪرڻ آهي تہ اسـان سڀ گڏجي توکي ايترو مال ڏيون جو تون اسان سڀني کان وڌيڪ مالدار ٿي وڃين جيڪڏهن سردار ٿيڻ چاهين تہ توکي سـردار ڪيون.جيڪڏهن بـادشاهہ ٿيڻ گهرين ٿـو تہ توکي بادشاهہ ڪريون جيڪڏهن توتي ڪو جن ايندو آهي تہ اسان پنهنجي خرچ سان تنهنجو علاج ڪرايون. عتبـــو اهي ڳالهيون ڪندو رهيو ۽ حـــضور ﷺ جن ماٺ ڪري ٻڌندا رهيا پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: ابـو الوليد توکي جيڪي ڪجهہ چوڻو هو سـو چئي چڏئي هن وراڻيو هائو پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو چڱو هاڻي منهنجي ڳالهہ ٻڌ ان کان پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ بسم الله الرحمن الرحيم پڙهي هن سورة جي تلاوت شروع ڪئي ۽ عتبو پنهنجا ٻئي هٿ پويان زمين تي ٽيڪي ڏيان سان ٻڌندو رهيو سجدي جي آيت (آيت نمبر 38) تي پهچي پاڻ سڳورن ﷺ سـجدو ڪيو پوءِ مٿو کڻي فرمايائون "اي ابـــو الوليد منهنجو جواب تو ٻڌي ورتو هاڻي تون ڄاڻي تنهنجو ڪم ڄاڻي" عتبـو اٿي قـريش جي سـردارن ڏانهن واپس آيو ۽ ڪيس چيائين تہ الله جو قسـم مون اهڙو ڪلام ٻڌو جيڪو مون اڳ۾ ڪڏهن بہ نہ ٻڌو آهي الله جو قسـم اهو نہ شعر آهي نہ جادو آهي اي قـريش جا سردارؤ منهنجي ڳالهہ ٻڌو ۽ ان شخص کي سـندس حـال تي ڇڏي ڏيو مان سمجهان ٿـو تہ اهو ڪلام ضرور اثـر ڏيکاريندو قريش جا سردار سندس ڳالهہ ٻڌندي ئي چوڻ لڳا "وليد جا پيءُ" آخر ان جي جادو تو تي بہ اثـر ڪيو (ابن هشام جلد 1 صہ 314.313). (حوالہ تفهيم القرآن خلاصو ٽيون صفحہ 162،161)

## موضوع ۽ مضمون

هي ڪافرن جي هٺ ڌرمي ۽ تعصب جو ذڪر ٿي رهيو آهي تہ اهي قـــرآن ڪريم کان منهن موڙي ان جي احڪام کي ٻڌڻ نٿا نہ قبول ڪري عمل ڪن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائون تہ اسان جون دليون ان کان جنهن ڏانهن توهان اسان کي سڏيو ٿا پردن ۾ آهن "اڪنة" "ڪنان" جو جمع آهي ان مان مراد اهو ڪپڙو يا غلاف آهي جنهن ۾ ڪنهن شيءِ کي چڱيءَ طرح ويڙهي رکبو آهي ۽ اسان جي ڪنن ۾ گهرائي آهي يعني ٻوڙائپ آهي اسين ٻڌون نٿا ۽ اسان ۽ تنهنجي وچ ۾ حجاب آهي مطلب تہ اسان ۽ تنهنجي وچ ۾ اهڙي شيءِ حائل آهي جو تنهنجو حق جو نور ان مان لنگهي اسان تائين نٿو پهچي پوءِ تون عمل ڪر اسين بہ عمل ڪندڙ آهيون يعني اوهان پنهنجي طريقي تي ڪم ڪندا رهو اسين پنهنجي طريقي تي ڪم ڪري رهيا آهيون اسين اوهان جي اتباع نہ ڪنداسون (حوالہ تفسير ابن ڪثير صہ 90 جلد 4). (احسن البيان في تفسير القرآن جلد 7 صفہ 822)

انهن جي جواب الله تعالىٰ نبي ڪريم ﷺ جن کي فرمايو تہ اي پيارا رسول ﷺ اوهان انهن کي فرمايو تہ مان جنس صورت ۽ هيئت ۾ اوهان جهڙو بشر آهيان. نہ ملائڪ آهيان نہ جِنُ جو اوهان کي مون سان ملڻ ممڪن ناهي ۽ نہ مان اوهان کي اهڙي ڳالهہ ڏانهن سڏيان جيڪا عقل ۽ سمجهہ ۾ نہ اچي مون اوهان کي ٻڌايو آهي تہ مون ڏانهن وحي موڪليو وڃي ٿو تہ اوهان جو سچو معبود هڪ آهي ان جي توحيد عقلي ۽ نقلي آفاقي ۽ انفسي دليلن سان ثابت آهي پوءِ ان ڏانهن ئي متوجہ ٿي ان هڪ جي عبادت ڪيو ۽ ان کان پنهنجن ڪيلن گناهہ جي مغفرت طلب ڪريو.

باوجود الله تعالىٰ جي مٿين جواب ڏيڻ جي ڪافرن جا نبي ڪريم ﷺ جن تي هي اعتراض هئا.

1. قرآن ڪريم جي الاهي ڪلام هجڻ تي هو. انهن جي ذهن ۾ هو تہ قرآن الله تعالىٰ جي طرفان نازل ٿيل نہ آهي پر محمد پنهنجو ڪلام ٺاهي پڙهي ٿو يا ڪنهن کان سکي پوءِ پڙهي ٻڌائي ٿو قرآن ڪريم پنهنجي لاءِ زبردست حتمي ۽ قطعي انداز ۾ فرمايو آهي

اهو ان رب جو ڪلام آهي جيڪو رحمان ۽ رحيم آهي ان ارشاد سان اهي شڪ ۽ شبها خود بخود ختم ٿي ويا جيڪي ڪافرن جي ذهنن ۾ پيدا ٿيندا هئا.

2. ڪافرن جو ٻيو اعتراض الله جل شانہ جي توحيد تي هو اهي الله تعالىٰ جي هڪ هجڻ کي تسليم نہ ڪندا هئا ۽ انهن پنهنجا ڪيترائي معبود ٺاهي رکيا هئا.

هن سورة ۾ انهن جي باطل خيالات جي ترديد لاءِ تڪويني دلائل جو ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن جي آئيني ۾ الله تعالىٰ جي ڪامل قدرت علم محيط ۽ ڪبريائي جا جلوا صاف صاف نظر اچي رهيا آهن ۽ انهن کي متنبه بہ ڪيو ويو آهي، تہ اوهان منهنجي محبوب عليہ الصلواة والسلام جي خلاف جيڪو رويو رکيو آهي ان جا نتيجا نهايت خطرناڪ نڪرندا اوهان کان پهريان بہ وڏيون طاقتور قومون گذريون آهن. جن جي مادي ترقي ۽ خوشحالي ٻڌي اچ بہ اوهان حيران ٿي وڃون ٿا مگر انهن جڏهن سندن ڏانهن موڪليلن رسولن علىٰ نبينا و عليهم الصلواة والسلام سان صحيح سلوڪ نہ رکيو تہ انهن کي تباهہ ۽ برباد ڪيو ويو اوهان بہ جيڪڏهن باز نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيا تہ اوهان جو بہ اهڙو حال ڪيو ويندو.

هن سورت ۾ قيامت جو ذڪر ڪري انهن کي ٻڌايو ويو آهي تہ اوهان جيڪي ڪجهہ ڪيو پيا اوهان جي جسم جا عضوا اوهان جي مٿان اکين ڏٺي جا سرڪاري شاهد بڻجي اوهان جي خلاف شاهدي ڏيندا. ان وقت اوهان پنهنجن گناهن تي ڪهڙي طرح پردو وجهي سگهندؤ. ڪافر پنهنجا سڀ حيلا هلائي چڪا هئا تانتہ اسلام جي پيش قدمي روڪي سگهن پر قرآن ڪريم جي تاثير انهن جا سڀ منصوبا مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيا هئا ان جي ڪري انهن هي پروگرام طي ڪيو هو تہ جڏهن بہ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪئي وڃي تہ ايترو گوڙ ۽ شور ڪيو جو ڪوبہ قرآن ٻڌي نہ سگهي. پر سندن اها تدبير بہ ڪامياب نہ وئي. هن سورت مبارڪ ۾ حق وارن جي استقامت تي هجڻ واري شان کي بہ بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان کان پوءِ اهڙن پانهن تي ٿيڻ وارن انعامن ۽ نوازش جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ گڏوگڏ انهن سهڻن اخلاقن جو بہ ذڪر ٿيو جن سان اهي سينگاريل آهن آخر ۾ ٻڌايو ويو هي تہ ا تعالىٰ پنهنجي ڪلام جو پاڻ محافظ ۽ نگهبان آهي باطل کي ان ۾ داخل ٿيڻ جي ڪا قوت ۽ جرات ناهي. (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن ج 7 صفہ 819).

مخالفن کي اهي جواب ڏيڻ سان گڏوگڏ انهن مسئلن ڏانهن بہ ڌيان ڇڪرايو ويو جيڪي ان سخت مخالفت جي ماحول ۾ ايمان وارن کي ۽ خود نبي ڪريم ﷺ کي درپيش هئا ايمان وارن جي اهو چئي ڪري همت ٻڌائي وئي تہ توهان حقيقت ۾ بي يارو مددگار نہ آهيو پر جيڪو شخص ايمان جي راهہ تي مضبوطيءَ سان جمي بيهندو آهي الله جا فرشتا مٿس نازل ٿيندا آهن ۽ دنيا کان وٺي آخرت تائين سندس ساٿ ڏيندا آهن.

نبي ڪريم ﷺ کي ٻڌايو ويو تہ دعوت جي رستي رڪاوٽ بڻيل ڇپون ظاهر ۾ تہ ڏاڍيون سخت ڏسڻ ۾ اچن ٿيون پر سهڻي اخلاق جو هٿيار اهو هٿيار آهي جيڪو انهن کي پيچي پورا پورا ڪري ڇڏيندو صبر کان ڪم وٺو ۽ جڏهن بہ شيطان تاءُ ڏياري ۽ ڪنهن ٻئي هٿيار کان ڪم وٺڻ تي اياري تہ الله جي پناهہ گهرو.

حضور ﷺ جن جو معجزو چنڊ کي بہ ٽڪر ڪرڻ وارو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (42) **سورة الشوريٰ** (مکيه آيتون 53، رکوع 5)

الشوريٰ لفظ هن سورت جي آيت نمبر 38 مان ورتل آهي شوريٰ جي معنيٰ مشورو ڪرڻ يا صلاح ڪرڻ آهي انهيءَ ڪري هن سورت جو نالو الشوريٰ رکيو ويو آهي هن آيت جي فقري شوريٰ جي وضاحت ٿيل آهي تہ مومن پنهنجا گهريلو، معاشي ۽ سياسي سيئي معاملا هڪ ٻئي جي صلاح ۽ مشوري سان طي ڪن ٿا. اسلامي رياست جو اهو اصول آهي جنهن تي جيڪڏهن عمل ڪيو وڃي تہ اسلامي سوسائٽي ۾ آمريت، چڙواڳي ۽ ڊڪٽيٽر شپ نہ رهي. هن سورت جي شروعات حروف حٰمٓ (1) عٓسٓقٓ (2) سان سان ٿيل آهي اهي حروف مقطعات آهن جهن جي معنيٰ الله تعاليٰ کي خبر آهي.

هن سورت ۾ ڳالهہ جي شروعات هن نموني ڪئي ويئي آهي تہ محمد ڪريم ﷺ تي وحيءَ جو اچڻ نئين ڳالهہ نہ آهي اهڙو ئي وحي ان نموني جي هدايت سان الله تعاليٰ هن کان اڳ ۾ بہ نبين سڳورن تي لاڳيتو موڪليندو رهيو آهي آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪجهہ آهي انهيءَ جو ئي آهي ۽ اهو مٿانهون ۽ عظيم آهي.

هن سورت ۾ ماڻهن کي ٻڌايو ويو آهي تہ نبي رڳو غافلن کي سجاڳ ڪرڻ اٽڪاڻن کي رستو ڏيکارڻ لاءِ آيو آهي اهو الله تعاليٰ جي مخلوق جي قسمتن جو مالڪ نہ بڻايو ويو آهي نبي ﷺ جي ڳالهہ کي نہ مڃڻ وارن جي پڪڙ ڪرڻ ۽ کين عذاب ڏيڻ يا نہ ڏيڻ الله تعاليٰ جو ڪم آهي جيڪڏهن الله گهري ها تہ انهن سيني کي هڪ ئي امت ڪري ڇڏي ها پر اهو جنهن کي گهرندو آهي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪندو آهي ۽ ظالمن جو نہ ڪوئي ولي آهي ۽ نہ مددگار ڇا اهي انهن ان کي ڇڏي ٻيا ولي ورتا آهن ولي تہ الله تعاليٰ ئي آهي اهو ئي مئلن کي جيئاريندو آهي ۽ اهو سڀ ڪنهن شئي تي قادر آهي ان کان پوءِ اهو ٻڌايو ويو تہ جنهن دين کي محمد ڪريم ﷺ پيش ڪري رهيو آهي سو حقيقت ۾ آهي ڇا ان جو پهريون بنياد آهي تہ الله تعاليٰ ڪائنات ۾ انسانن جو خالق، مالڪ آهي ان ڪري الله تعاليٰ انسانن جو حاڪم بہ پڻ آهي ۽ انهيءَ کي ئي حق آهي تہ انسان کي دين ۽ شريعت (اعتماد ۽ عمل جو نظام) ڏي انهيءَ بنياد تي الله تعاليٰ شروع کان انسانن لاءِ هڪ دين مقرر ڪيو آهي. اهو هڪ دين ئي آهي جيڪو هر زماني ۾ سيني نبين کي ڏنو ويو هو جيئن آيت نمبر 13 ۾ چيل آهي ان توهان لاءِ دين جو اهو ئي طريقو مقرر ڪيو آهي جنهن جو حڪم ان حضرت نوح عليہ السلام کي ڏنو هو ۽ جيڪو (اي محمد) هاڻي تو ڏانهن اسان وحي جي ذريعي موڪليو آهي ۽ جنهن جي هدايت حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي ڏني ويئي هئي. ”ان تائيد سان ان دين کي قائم ڪريو ۽ منجهنس ڏار ڏار (فرقا) نہ ٿيو. اهائي ڳالهہ انهن مشرڪن کي سخت ڏکي لڳي آهي جنهن ڏانهن (اي محمد) تون کين دعوت ڏيئي رهيو آهين الله تعاليٰ جنهن کي گهرندو آهي پاڻ ڏانهن چونڊيندو آهي ۽ اهو پاڻ ڏانهن اچڻ جو رستو انهيءَ کي ڏيکاريندو آهي جيڪو ان ڏانهن رجوع ڪري سڀ نبي انهيءَ ابتداءَ کان وٺي هڪ ئي دين

جي دعوت ڏيندا رهيا آهن انهن انساني معاشري ۾ ڪڏهن بہ افتراق ۽ انتشار جو ٻج نہ پوکيو البتہ انهن کان پوءِ اچڻ وارن پنهنجي سرداري بحال رکڻ لاءِ تفرقي بازي جو آغاز ڪيو. هتي آيت نمبر 15 خصوصي طور توجه سان سمجهڻ جي مستحق آهي جنهن ۾ ڏهہ احڪام ڏنل آهن اهي هي آهن.

1. پوءِ ان جي لاءِ پوءِ سڏ
2. جيئن امر ڪيو ويو آهين تيئن استقامت ڪر
3. انهن جي خواهشات جي اتباع نہ ڪر
4. فرماءِ تہ جيڪو ڪتاب الله تعاليٰ نازل ڪيو آهي ان تي مون ايمان آندو آهي
5. مان امر ڪيو ويو آهيان تہ اوهان ۾ عدل ڪيان
6. الله تعاليٰ اسان جو بہ رب آهي ۽ اوهان جو بہ رب آهي.
7. اسان لاءِ اسان جا عمل آهن اوهان جي لاءِ اوهان جا عمل آهن.
8. اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪا حجت ناهي
9. اوهان کي الله تعاليٰ گڏ ڪندو ۽ اسان کي
10. ۽ ان ڏانهن ئي موٽڻ آهي.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ جي دعوت کي لبيڪ چوڻ کان پوءِ ا جي دين تان ڦرندو انهن لاءِ سخت عذاب آهي.

* الله تعاليٰ حق سان هي ڪتاب ۽ ميزان نازل ڪيو آهي.

* هن سورت ۾ الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن تي گهڻو مهربان آهي جنهن کي وڻيس سو ڏيندو آهي اهو وڏي سگهہ وارو آهي.

آيت نمبر 20 ۾ آهي تہ جيڪو آخرت جي پوک گهرندو آهي تنهن جي پوک ۾ واڌارو ڪندا آهيون ۽ جيڪو دنيا جي پوک گهرندو آهي تنهن کي دنيا مان ئي ڏيندا آهيو پر آخرت ۾ ان جو ڪو حصو نہ آهي.

آيت نمبر 23 جي هڪ فقري ۾ آهي تہ هي آهي اهو فضل جنهن جي خوشخبري الله تعاليٰ سندن انهن ٻانهن کي ڏيندو آهي جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا. اي نبي انهن ماڻهن کي چئو تہ مان ان ڪم تي توهان کان ڪنهن اجر جو طالب نہ آهيان ان ئي آيت جي ٻئي فقري ۾ آهي تہ پر ايترو سوچان ٿو تہ عزيزن قريبن ۾ محبت هجي.

آيت نمبر 23 جو ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي رحمة الله عليه جي قرآن مجيد جي ترجمي کان ورتل ڏسو ترجمو اهو (ثواب) اهو آهي جنهن جي الله تعاليٰ پنهنجن انهن ٻانهن کي خوشخبري ڏيندو آهي جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيا آهن (اي پيغمبر ڪين) چؤ تہ آءُ اوهان کان ان (پيغام پهچائڻ) تي ڪو اجورو نہ ٿو گهران (جڳائي تہ) مائٽن (جي وچ) ۾ محبت (رکو) ۽ جيڪو چڱائي ڪمائيندو تنهن لاءِ ان ۾ چڱائي وڌائيندا سون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو تہ اللہ تعالیٰ بخشڻھار ۽ قدر ڄاڻڻ وارو آهي.

هن فقري ۾ اصلي لفظ آهن إِلَّا الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبَىٰ ترجمو: مان توهان کان ڪو اجر نٿو گھران پر " قُرْبَىٰ "مائٽي جي محبت ضرور گھران ٿو

لغات القرآن ۾ " قُرْبَىٰ "جي معنيٰ (رشتيداري، مٽي مائٽي، قرابت، ويجها مائٽ يا عزيز قُرْبَىٰ لفظ قرآن ڪريم ۾ (16) سورهن جاين تي استعمال ٿيو آهي.

آيت نمبر 39 ۾ مؤمن جي اها خوبي بہ بيان ٿي آهي تہ اهو بي غيرت ۽ بي حميت نہ هوندو آهي جو مخالف ان کي ماريندو رهي ۽ هي خاموش ٿي ڪنڌ جهڪايو ويٺو رهي بلڪہ اهو پنهنجي حق وٺڻ جي لاءِ اٿي کڙو ٿيندو آهي جيستائين ان کي حق نہ ملندو آهي تيستائين خاموش نہ رهندو آهي ها دشمن تي ڪنٽرول ڪرڻ کان پوءِ ان کي معاف ڪرڻ هي بہ مسلمانن جو اخلاق آهي ۽ انهن مختلف طريقن جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي جن سان الله عزوجل پنهنجي نبي عليہ الصلواة والسلام کي وحي موڪليندو آهي.

هن سورت ۾ قرآن پاڪ جي ذڪر ۽ ڪافرن جي طعنن کي دفع ڪرڻ سان حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي تسلي ڏني ويئي آهي.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

## (43) سورت زخرف (مڪيه (آيتون 89 رڪوع 7)

هن پهرين سورت جو نالو "زخرف" آهي جيڪو هن سورت جي آيت نمبر 35 ۾ ذڪر ڪيل آهي.

زخرف لفظ جي معنيٰ سون، سونهري، منڙيون ڳالهيون بناوتي آهي هن سورت جي شروعات حٰــــم مقطعات حروف سان ٿي آهي جنهن جي معنيٰ الله تعاليٰ کي خبر آهي.

آيت نمبر 35 جو ترجمو "سڀ چاندي ۽ سون جا ٺهرائي ڏيو ها اهو تہ رڳو دنيا جي حياتي جو سامان آهن ۽ آخرت تنهنجي رب وٽ رڳو پرهيز گارن لاءِ آهي"

هي سورت بہ انهن 7 ستن سورتن مان آهي جن جي ابتداءِ "حٰـم" سان ڪيل آهي.

رسول الله ﷺ فرمايو تہ حٰـم وارين سورتن سان مون کي ٻين تي فضيلت عطا ڪيائين مون کان اڳي اهي ڪنهن نبي نہ پڙهيون آهن.

هن سورت سڳوريءَ شروعات اڳيئن سورت جي پڇاڙيءَ سان ملي جلي ٿي.

هتي بہ ان ڪتاب جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي حٰـم هي مقطعات حروف آهن جن جو مٿي ذڪر ڪيو آهي علامہ اسماعيل حقي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ "حٰــم" الله عزوجل جي ٻن وڏن نالن مبارڪن حنان ۽ منان ڏانهن اشارو آهي حنان اهو آهي جيڪو منهن موڙيندڙ ٻانهي ڏانهن بہ لطف و ڪلام سان متوجہ ٿيندو آهي تہ شايد وري ٻئي ان جي معنيٰ آهي مهربان منان اهو آهي جو گهرڻ ۽ سوال ڪرڻ کان اڳئي عطا ڪندو آهي.

بيت الله جي اندران جيڪي (3) ٽي ٿنڀ آهن انهن جي بہ انهن ٽن نالن ڏي نسبت ڪيل آهي.

(1)اسطوانة الحنان (2) اسطوانة المنان (3) اسطولانة الديان

اها نسبــت انهن جي تعظيم جي لاءِ ڪيل آهي جيئن بــيت الله ناقــة الله وغير هما ۽ هنن ٽن نالن ڏانهن نسبت ڪرڻ ۾ اهو بہ اشارو آهي تہ رحيم، دنيا ۾ عطا ڪرڻ وارو ۽ آخرت ۾ بدلو ڏيڻ وارو بہ آهي ۽ اها بـہ ان جي رحمت آهي جو قرآن ڪريم نازل فرمايائين.

هن ســورت ۾ زوردار نموني قريشــن ۽ عرب وارن جي انهن جاهلاڻي عقــيدن ۽ وهمن تي تنقــيد ڪئي آهي جن تي پڪا ڄميا ويٺا هئا ۽ هٽڻ لاءِ تيار نہ هئا ۽ نهايت پختي ۽ دل نشين طريقي سان انهن نامعقوليت جو پردو فاش ڪيو ويو آهي.

هن ســورت ۾ ڪلام جي شــروعات ڪئي آهي تہ توهان پنهنجين شــرارتن ذريعي هي گهرو ٿا تہ ان ڪتاب کي نازل ٿيڻ کان روڪيون پر الله تعاليٰ ڪڏهن بہ شريرن جي ڪري نبين جو موڪلڻ ۽ ڪتابن جو نزول نہ روڪيو آهي پر انهن شريرن ظالمن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو آهي جيڪي سندس هدايت جو رستو روڪي بيٺا ٺا اها ڳالهہ ا تعاليٰ هاڻي بہ ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪان پوءِ ٻڌايو ويو تہ اهو مذهب ڪهڙو آهي جنهن ڪي اهي ماڻهو سيني ۾ سانديون وتن ۽ اهي دليل ڪهڙا آهن جن جي پروسي تي اهي محمد ڪريم ﷺ جن جو مقابلو ڪري رهيا آهن خود مجن ٿا تہ زمين ۽ آسمان جو ۽ انهن جو پنهنجو ۽ سندن معبودن جو خالق ۽ انهن جو رازق بہ الله تعاليٰ ئي آهي پوءِ بہ ٻين کي الله تعاليٰ سان خدائي ۾ ڀائيوار ڪرڻ تي اصرار ڪندا رهن ٿا ۽ انهن ڪي الله تعاليٰ جو اولاد چون ٿا ۽ ملائڪن بابت چون ٿا تہ اهي الله جون ڌيئر آهن ۽ انهن جي پوڄا ڪندا آهن آخر انهن کي ڪيئن خبر پئي تہ فرشتا عورتون آهن.(3)

انهن جهالتن تي ڪين چيئيبو وڃي ٿو تہ تقدير جو بهانو بنائي چوندا آهن تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ اسان جي ان ڪم کي پسند نہ ڪري ها تہ اسان ڪيئن انهن بتن جي پوڄا ڪري سگهون ٿا حالانڪ الله تعاليٰ جي پسند ۽ ناپسند معلوم ڪرڻ جو ذريعو سندس ڪتاب آهن ۽ اهي ڪم ناهن جيڪي دنيا ۾ سندس مشيت جي ڪري ٿين ٿا مشيت جي ڪري تہ پنهنجي شرڪ جو هڪ دليل هي بہ ڏين ٿا تہ ابن ڏاڏن ڪان اهو ڪم ائين ئي ٿيندو ٿو اچي چڻ انهن وٽ ڪنهن مذهب جي حق هئڻ لاءِ اهو دليل ڪافي آهي حالانڪ حضرت ابراهيم عليہ السلام جنهن جي اولاد هئڻ جي ڪري ئي انهن جي سموري فخر ۽ عزت جو دارو مدار آهي اهڙي انڌي تقليد (پيروي) کي رد ڪري ڇڏيو هو جنهن جو ساٿ ڪو معقول دليل نہ ڏيندو هجي پوءِ جيڪڏهن انهن ماڻهن کي اسلاف جي تقليد (وڏن جي پيروي) ئي ڪرڻي هئي تہ ان لاءِ بہ پنهنجي تمام وڏن بزرگن ابراهيم ۽ اسماعيل عليما السلام ڪي ڇڏي انهن پنهنجن جاهلن وڏن ڪي چونڊيو آهي. (4)

محمد ڪريم ﷺ جي رسالت مڃڻ ۾ ڪين رڪاوٽ آهي تہ ان ڪري جو وٽس مال دولت ۽ رياست ۽ وڏيرپ تہ آهي ئي ڪونہ چوندا آهن تہ جيڪڏهن خدا اسان وٽ ڪنهن کي نبي بنائي موڪلڻ گهريو پئي تہ اسان جي ٻنهي شهرن (مڪي يا طائف) جي وڏن ماڻهن مان ڪنهن کي بنائي ها انهيءَ سبب ڪري فرعون بہ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي حقير ڄاتو هو ۽ چيو هيائين تہ آسمان جو بادشاهہ جيڪڏهن مون زمين جي بادشاهہ وٽ ڪو ايلچي موڪلي ها تہ ان کي سون جا ڪنگڻ پارائي، فرشتن جي هڪ فوج سندس اردلي ۾ ڏيئي موڪلي ها هي ڪٿان آيو آهي. 5،4،3،2،1 (حوالہ تفهيم القرآن خلاصو 3 صفہ 221،222).

قريش ڪافرن ۽ فرعون جي اعتراضن کي الله تعاليٰ هي چوندي رد ڪيو آهي تہ نبوت مون الله تعاليٰ جي انعام آهي ان کي عطا ڪرڻ جو پئي ڪنهن کي ڪو بہ حق نہ آهي الله جل شانہ ئي ڄاڻي ٿو تہ ان "نعمت عظميٰ" جي اهليت ڪنهن ۾ موجود آهي ۽ ان انعام جو لائق ڪير آهي.

هن سورت ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ اي حبيب هي مقدس ڪتاب ۽ هدايت جو صحيفہ جيڪو اسان اوهان تي نازل فرمايو آهي ان جو نزول اوهان ۽ اوهان جي ساري قوم جي لاءِ عزت ۽ شرف جو باعث آهي ان جي برڪت سان اوهان کي بي حساب ڀلايون نصيب ٿينديون ان جي فيض سان انسانيت جي قافلي جي قيادت جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منصب اوهان کي ملندو ان کي بـــار نہ سمجهو ان جي تعليمات کي پنهنجي ترقـــي جي واٽ ۾ رڪاوٽ نہ پانيو بـــلڪہ ڪلي دل ان کي قبـــول ڪري خوشـــيءَ ســـان ان تي عمل ڪنداهلو ان ضمن ۾ حـــضرت ابــــراهيم عليہ السلام ،حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام جي حالات ڏانهن بہ مختصر اشارو ڪيل آهي تانت مصيبـــتن جي هجوم وقـت انهن جي اولو العزمي ۽ استقـامت تسـڪين قـلب جو باعث بنجي.

هن ســـورت جي آخر ۾ ڪري ڳالهہ پڌائي وئي آهي تہ نہ الله تعاليٰ جو اولاد آهي نہ زمين ۽ آسمان جا خدا ڏار ڏار آهن الله تعاليٰ هڪ آهي جنهن جو ڪوبـــ مٽ مائٽ يا شـــريڪ نہ آهي ۽ نہ ان وٽ ڪنهن سفارشـــيءَ جي اهڙي پهچ آهي جو چاڻي پجهي گمراهي اختيار ڪرڻ وارن کي ان جي سزا کان بچائي سگهي.

هن سورت جي آيت نمبر 86 جو تفسـير هن طرح آهي جيڪي الله تعاليٰ کان سواءِ عبـادت ڪن ٿا اهي شـفاعت جا مالڪ نہ ٿيندا مگر جنهن حق جي شاهدي ڏني ۽ اهي ڄاڻن ٿا يعني جيڪي ڪافر بـتن ۽ ٻين بـاطل معبودن جي عبادت ڪن ٿا اهي بت ۽ باطل معبـود هئڻ جي لاءِ سندن شـفاعت نہ ڪري سگهندا جيئن اهي خيال ڪري ويٺا آهن پر جيڪي الله تعاليٰ جي توحـيد ۽ رسـولن عليهم الصلواة والســلام جي رسـالت جي حـق جي شاهدي ڏيندا ڪين اهو علم بہ آهي انهن جي شـفاعت ٿيندي ۽ اهي ٻين جي بہ شـفاعت ڪري سگهندا (بـاذن الله عزوجل






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا الله الرحمن الرحيم

## (44) **سورت الدخان** (مکيه) (سورت ۾ (3) ٽي رڪوع ۽ 59 آيتون آهن)

الدخان لفظ هن سورت جي آيت نمبر 10 مان ورتل آهي. لغات القرآن ۾ الدخان جي معنيٰ آهي دونهو (قيامت جي وڏين نشانين مان هڪ آهي جيڪا قيامت کان پهريون ظاهر ٿيندي) ان ڪري هن سورت جو نالو الدخان رکيو ويو آهي.

هن سورت جي شروعات ۾ حروف حٰـم مقطعات آهن اهي حروف آيت نمبر 1 ۾ آهن.

هن سورت جي شروعات ۾ قرآن پاڪ جو ذڪر آندو ويو آهي.

هن سورت جي (6) ڇهن آيتن جو ترجمو هن طرح آهي.

(1) حٰـم. (2) هن پڌري ڪتاب جو قسم آهي

(3). تہ بيشڪ اسان هن (ڪتاب) کي برڪت واري رات ۾ لاٿو. بيشڪ اسين ڊيڄاريندڙ هواسون

(4) اُن (برڪت واري رات) ۾ سيڪو ڪم حڪمت وارو ڪبو آهي.

(5) (اهو پاڻ وٽان (پنهنجي حڪم) سان (لاٿوسون) بيشڪ اسين (ٿي پيغمبر کي) موڪلڻ وارا هواسون.

(6) تنهنجي رب جي سبب (اُن کي لاٿوسون) اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻيندڙ آهي.

تفسير تنوير الايمان هنن آيتن جو تفسير هن طرح لکيو آهي.

آيت نمبر 2 قسم آهي پڌري ڪتاب جو شايد ڪتاب مبين کان مراد لوح محفوظ هجي ڇو تہ لوح محفوظ بہ اُم الڪتاب آهي يا شايد مراد قرآن مجيد هجي انهن کي بيضاوي تفسير ذڪر ڪيو آهي اهڙي طرح شيخ جلال الدين محلي لکيو آهي ۽ امام ابن ڪثير بہ اها مراد ورتي آهي يعني قرآن ڪريم.

آيت نمبر 3 جو ترجمو مٿي ڪيل آهي باقي ابن عباس ﷺ فرمايو تہ سارو قرآن مجيد گڏ هڪ دفع لوح محفوظ کان هن دنيا جي آسمان تي بيت المعمور ۾ شب قدر جي رات نازل ٿيو پوءِ اُتان ٿورو ٿورو ضرورت موافق نازل ٿيندو رهيو. 23 ٽيوهن ورهين تائين جبرائيل عليہ السلام آڻيندو رهيو جنهن واقعي بابت جيتري قدر جبرائيل کي حڪم الاهي ٿيندو هو اوتري قدر حضور ﷺ تي وحي پهچائيندو هو. مترجم چوي ٿو تہ هن مان شب قدر جي فضيلت بہ ظاهر ٿي وئي جو انهيءَ رات ۾ قرآن مجيد جهڙي اعليٰ نعمت نازل فرمائي وئي تنهن هوندي بہ الله تعاليٰ شب قدر جي فضيلت ۾ آيت نمبر 4 ۾ زياده فرمايو جيئن تہ انهيءَ رات ۾ هر ڪنهن محڪم امر جو تفصيل فرمايو ويندو آهي. محڪم مان مراد آهي تہ ان ۾ مٽجڻ نہ ٿيندو آهي (ابن ڪثير) امر مان مراد آهي تہ سال جي اندر جيڪي ڪم ٿيڻوارا آهن جيئن تہ ڄمڻ، موت، رزق قحط فتح شڪست مطلب تہ هر قسم جا واقعا، حادثا ننڍا وڏا ڪم پنهنجي قوت تي هن سال جي اندر آئنده سال تائين ٿيندا جهڙي طرح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ڪنهن جاءِ تي جنهن شخص جي حق ۾ واقع ٿيڻ وارا آهن سڀ حڪم محڪم بيان ڪيا وڃن ٿا ۽ انهن ۾ ڪا ڦير ڦار ۽ مٽجڻ نه ٿيندو آهي ۽ ملائڪن کي سڀ ڪم ظاهر ڪري ڏنا ويندا آهن پوءِ جهڙي طرح الله تعاليٰ ظاهر فرمايو آهي ملائڪ اهڙي طرح انهن کي ڪمن کي جهان ۾ ڏسن ٿا ۽ الله تعاليٰ جي قدرت ڪامله ڏسي ملائڪ سندس تسبيح پڙهن ٿا ابن عباس ﷛ کان روايت آهي ته جيڪي به سڄي سال اندر نيڪي ۽ بدي پيدا ٿيڻ ۽ مرڻ ٿيو آهي سو سڀ قدر جي رات لکيو وڃي ٿو. جيئن به لکيو وڃي ٿو ته فلاڻو شخص حج ڪندو ۽ فلاڻو حج تائين نه پهچندو.

آيت نمبر 5 ۽ آيت نمبر 6 تفسير آهي ته امر محڪم جو اهو تفصيل اسان جي حڪم سان هوندو آهي بيشڪ اسان رسول موڪليندڙ آهيون تنهنجي رب جي طرفان پنهنجي رحمت سان تحقيق تنهنجو رب خوب ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهي يعني شب قدر جي رات ۾ سيئي ڪم محڪم تفصيل وارا پنهنجي حڪم سان فيصل فرمائيندو آهي ۽ سڄي سال جا ڪم اهڙي طرح ٿي ٿيندا آهن.

هن سورت جي آيتن نمبر 10 ۽ آيت نمبر 11 ۾ فرمايل آهي ته چڱو انتظار ڪريو ان ڏينهن جو جڏهن آسمان پڌرو دونهون آڻيندو ۽ اهو ماڻهن تي ڇائنجي ويندو اها آهي دردناڪ سزا"

تفسير تفهيم القرآن خلاصو ٿيون صفحه 250 حاشئه نمبر 11 انهن آيتن ۾ قيامت جي عذاب جو ذڪر آهي.

حضرت علي، ابن عمر، ابن عباس وغيره چون ٿا انهن آيتن ۾ سمورو بيان قيامت جي ويجهي زماني جو آهي ۽ اهو دونهو جنهن جي خبر ڏني ويئي آهي انهيءَ زماني ۾ زمين تي پکڙجي ويندو وڏيڪ تقويت ان تفسير کي انهن روايتن مان ملي ٿي جيڪي مسلم، طبراني ۽ ابن جرير ۾ خود نبي ﷺ جن کان منقول آهن

توهان پاڻ الله تعاليٰ کان ڪائنات جي سڀ ڪنهن شيءِ جو مالڪ ۽ پالڻهار مڃو ٿا پر ان هوندي به توهان ٻين معبودن ناهڻ تي سندرو ٻڌي بيٺا آهيو ۽ ان لاءِ دليل توهان وٽ ان کان سواءِ ڪجهه به ناهي ته ابن ڏاڏن جي وقتن کان ائين ٿي ٿيندو اچي ٿو جيڪڏهن توهان جي ابن ڏاڏن اها حرڪت ڪئي ته ڪو سبب ناهي جو توهان به اکيون پوري ائين ڪندا رهو.

الله تعاليٰ جي ربوبيت ۽ رحمت جي تقاضا رڳو اهائي ناهي ته هو توهان جو پيٽ پالي پر هي به آهي ته توهان جي رهنمائي جو انتظام ڪري انهيءَ رهنمائي لاءِ هن رسول موڪليو آهي ۽ ڪتاب نازل ڪيو آهي.

ان تمهيد کان پوءِ ان ڏڪار جي ڳالهه ڪئي وئي آهي جيڪو ان وقت پيل هو ۽ ٻڌايو ويو آهي ته ان ڏڪار جي تنبيهه به انهن حق جي دشمنن جي غفلت دور نه ڪري سگهندي.

انهيءَ سلسلي ۾ اڳتي هلي فرعون ۽ سندس قوم جو حوالو ڏنو ويو آهي ته انهن ماڻهن جي به بلڪل اهڙي ئي آزمائش ٿي هئي جهڙي آزمائش سان هاڻي قريشي ڪافرن کي واسطو پيو آهي انهن وٽ به اهڙو معزز رسول ﷺ آيو اهي به نشانيءَ تي نشاني ڏسندا ويا پر پنهنجي ضد کان نه مڙيا ايتري قدر جو آخر ڪار رسول جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جان جا دشمن ٿي پيا ۽ پوءِ اهڙو نتيجو ڏٺائون جيڪو سدائين لاءِ عبرت ۽ سبق بڻجي ويو يعني فرعون سان گڏ سندس سردار ۽ پوءِ لڳ سڀ ٻڏي ويا ۽ انهن جي ملڪيت جو ٻين کي وارث ڪيوسين پوءِ انهن تي نه آسمان رنو ۽ نه زمين رني ٿورڙي مهلت بـــ ڪين نه ڏني ويئي يعني انهن ڪافرن کي نيڪ عمل ڪين هئا جو آسمان جي دروازن کان مٿي وڃن جو انهن لاءِ آسمان روئي ۽ نه انهن الله تعاليٰ جي عبادت ٿي ڪئي جو انهن لاءِ اها جاءِ زمين روئي.

روايت ۾ آهي آنحضرت ﷺ فرمايو ته هر مؤمن واسطي آسمان ۾ ٻه دروازا آهن هڪ دروازي کان سـندس رزق نازل ٿئي ٿو يعني لهي ٿو ٻئي دروازي کان سند نيڪ عمل ۽ نيڪ ڪلام داخل ٿيندا آهن پوءِ جڏهن مومن مرندو آهي ته اها ڳالهه بـــند ٿي ويندي آهي ۽ ٻئي دروازا ان تي روئيندا آهن پوءِ حـــضور ﷺ جن آيت نمبر 29 پڙهي ۽ مومن لاءِ ڪا بـــ جاءِ غربـــت نه آهي توڙي پرديس ۾ مري ته بـــ آسمان ۽ زمين ان تي روئن ٿا ۽ آسمان کنهن به ڪافر تي نه روئندو آهي (ابن جرير) (حواله نقل ڪيل تنوير الايمان جلد 9 صه 150)

حضرت علي ﷛ کان روايت آهي ته مومن ميت لاءِ نماز جي جاءِ روئي ٿي (ابن ابي حاتم)

ابن عبـاس ﷛ کان بـه اهڙي روايت آيل آهي (ابـن جرير، باسـناد صحيح) ۽ اصحابـن ڪرامن کان ثـابـت آهي ته مومن تي چاليهه ڏينهن تائين آسمان ۽ زمين روئندا آهن چاليهه ڏينهن اهو قـــــول مجاهد جو آهي ۽ امام حسين رضي الله عنه جي شهادت لاءِ مذڪور آهي ته جنهن ڏينهن شـهيد ٿيو هو انهيءَ ڏينهن هر هڪ پٿر هيٺيان رت نظر ٿـي آيو ۽ ان ڏينهن سج گرهڻ به ٿي هئي ۽ آسمان به ڳاڙهو ٿيو هو ۽ پٿر به وسڻ لڳا هئا.

## ڪافرن جو قيامت کان انڪار:

هن ســـورت جي آيت نمبر 34 کان آيت نمبر 37 ۾ ڪافرن جي قـــيامت کان انڪار ڪرڻ جو ذڪر آهي ۽ آيت نمبر 37 جي پهرين فقري ۾ قـوم تبـع جو ذڪر آهي اسـان ڪين انهيءَ ڪري ناس ڪيو جو اهي ڏوهاري ٿـي پيا هئا.

عڪرمه رحمة الله عليه ابـن عباس ﷛ کان روايت آهي تـه:

تبع ابو ڪرب اسعد بن ملڪ آخري مسلمان بادشاهه هو

عڪرمه رحمة الله عليه ۽ ابن عباس ﷛ کان روايت آهي تبع ابو عرب اسعد آخري تبع جي خاندان مان مسـلمان بادشاهه هو قريشن کان ڪجهه اڳ۾ ان جي بادشاهي هئي انهيءَ عراق فتح ڪري سمر قند وسايو مڪه معظمه ۾ بـه ان جا نشان گهٽا آهن جاهليت جي زماني ۾ تبع اهڙي بادشاهه کي چوندا هئا جيئن اسلام ۾ خليفو هوندو آهي.

شـــيخ رازي چيو آهي ته انهيءَ بادشـــاهه سڀ کان پهريون خانه ڪعبـــه تي غلاف چاڙهيو ۽ شـــعب ۾ (6000) ڇهه هزار اٺ قربان ڪيا هئا ۽ (6) ڇهه ڏينهن مڪه مڪرمه ۾ رهي طواف ۽ حج به ڪيائين.

معالم التنزيل تفسير واري لکيو آهي ته جڏهن مدينه منوره ۾ ان جو پٽ قتل ٿيو ۽ انهيءَ تبع بادشاهه مديني کي خراب ڪرڻ گهريو تڏهن يهودين کيس ٻڌايو ته هن شـــهر ۾ آخري زماني جو پيغمبر هجرت ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندو تہ تبع بادشاهہ اها ڳالهہ ٻڌي ان تي ايمان آندو ۽ مدينہ منور کي ويران نہ ڪيائين ۽ روايت آهي تہ تبع (700) ست سَوَ سال اڳ رسول الله ﷺ تي ايمان آندو هو (السراج) جڏهن تبع کي چيائون تہ رسول مقبول هجرت ڪري ايندو تہ تبع تعظيم جا بيت ناهي. ان سان گڏ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن جي نالي هڪ عرض نامون (خط) لکيو جنهن ۾ ان پنهنجي ايمان آڻڻ جو ذڪر ڪندي ڪين محبت سان عرض ڪيو تہ سندن ايمان قبول ٿئي ۽ قيامت جي ڏينهن ڪيس شفا کان محروم نہ ڪيو وڃي (حوالہ ضياءُ القرآن جلد 4 صفہ 422)

ان جو هڪ شعر هي آهي

"شهدت عليٰ احمد انه

رسول من الله باريءَ النسم"

شعر جو ترجمو مان احمد (عليہ الصلواة والسلام) جي لاءِ هي شاهدي ٿو ڏيان تہ بلاشڪ اهو الله تعاليٰ نسلن کان پيدا ڪندڙ جي طرفان رسول آهي.

"فلو مد عمري الي عمري

لكنت وزير اله و ابن عم"

ترجمو: پوءِ جيڪڏهن ان جي تشريف آوريءَ تائين منهنجي عمر وڌائي وئي تہ مان ان جو وزير ۽ ساٿي رهندس.

سيني مفسرن ۽ مورخن جو اتفاق آهي تہ اهو تبع مسلمان هو ۽ ان جي قوم وارا ڪافر هئا ان ڪري ان جي پنهنجي سر کان سواءِ ان جي قوم جي هلاڪت ۽ بربادي بيان ڪيل آهي (حوالہ روح البيان جلد 8 صفہ 420)

علامہ قرطبي ان خط جا آخري لفظ هي لکيا آهن (حوالہ القرطبي) "جيڪڏهن مان اوهان (جي دور مبارڪ) کي نہ پهچا تہ پوءِ مون لاءِ شفاعت ڪرڻ فرمائجو ۽ مون کي قيامت جي ڏينهن نہ وسارجو بلاشڪ مان اوهان جي پهرين امتين مان آهيان"

ان تبع سان گڏ جيڪي علماءُ هئا انهن مان هڪ گروهہ اتي (مدينہ منوره) ۾ رهڻ جي اجازت گهري تبع بادشاهہ نہ صرف انهن کي رهڻ جي اجازت ڏني پر انهن جي رهڻ لاءِ جايون بہ ٺهرائي ڏنيون سندن زندگيءَ جي ضرورتن جو بہ انتظام ڪرڻ فرمايو.

انهن ۾ جيڪو وڏو عالم هيو هن پنهنجا شعر ۽ عرض نامون (خط) امانت طور ان جي حوالي ڪيا ان عالم کي فرمايائين تہ جيڪڏهن تون کي سندس زيارت نصيب ٿئي تہ هي عرض نامون (خط) سندس خدمت اقدس ۾ پيش ڪجاءِ جيڪڏهن نہ تہ پنهنجن پونيرن (پوين) کي وصيت ڪري ڇڏجانءِ تہ اهي هن عريضو (خط) کي سنڀالي سندن خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪن.

جڏهن نبي پاڪ ﷺ جن هجرت ڪري مدينہ منور ۾ تشريف فرما ٿيا تہ جنهن گهر جي سامهون نبي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائين جن جي ڏاچي مبارڪ ويٺي هئي اهو گهر ابو ايوب انصاريؓ جو هو ۽ هي ان عالم جي اولاد مان هو جنهن کي خط مليو هو ان اهو خط پيش ڪيو ۽ حضرت حبيب پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن حضرت علي ﷺ کي حڪم فرمايو تہ اهو پڙهي ٻڌائي محبوب ڪريمن عليہ الصلواة والسلام جن اهو خط ٻڌي ان جو ايمان قبول فرمايو ۽ سندن لاءِ شفاعت جي درخواست بہ منظور ڪئي (حوالہ ضيا القرآن جلد 4 صفہ 443)

بادشاهہ ڪرب تبع جڏهن يمن ڪان مدينہ منوره آيو وري وطن واپس ٿيو هو تہ يمن ڪان مدينہ منورہ اچڻ وڃن لاءِ رستو ٺهرايو هيائين ان رستي سان مديني منوره ايندو ويندو هو انهن کي تبع ان جي ڪري سڏيندا هئا جو گهڻا ماڻهو سندن تابعدار هوندا هئا اهل عرب سندن عظمت ۽ شان ڪان چڱي طرح واقف هئا هن خاندان (250) اڍائي سوَسالن تائين حڪمراني ڪئي آهي. (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 8 صفہ 124 ڪان 126).

هن سورت ۾ گنهگارن جو کاڄ زقوم (ٿوهر) جو وڻ آهي.

خدا ترس ماڻهن امن ۽ امان واري جاءِ ۾ هوندا مطلب بهشت ۾ هوندا ۽ ڪيس بهشت جو نعمتون عطا ٿيل هونديون. اهي اطمينان ۾ هوندا اتي جو موت جو مزو ڪڏهن نہ چکندا بس دنيا ۾ جيڪو موت آين سو آين تعاليٰ ڪين پنهنجي فضل سان دوزخ جي عذاب ڪان بچائيندو اهائي وڏي ڪاميابي آهي.

ان ڪان پوءِ ٻيو موضوع آخرت جو ڪنيو ويو آهي مڪي جا ڪافر آخرت جا سختيءَ سان انڪاري هئا ان جي جواب ۾ آخرت جي عقيدي جا ٻہ دليل مختصر نموني ڏنا ويا هڪ تہ هن عقيد جو انڪار هميشہ اخلاق لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندو رهيو آهي..

(2) ٻيو اهي تہ ڪائنات ڪنهن بازيگر جي راند نہ آهي پر اهو هڪ حڪمت پريون نظام آهي ۽ حڪيم (داناء) جو ڪم بيڪار نہ هوندو آهي پوءِ اهو چئي ڳالهہ ختم ڪئي ويئي تہ توهان کي سمجهائڻ لاءِ هي قرآن توهان جي پنهنجي صاف ۽ سڌي ٻولي ۾ نازل ڪيو ويو آهي هاڻي جيڪڏهن توهان سمجهائڻ سان نٿا سمجهو ۽ برو نتيجو ئي ڏسڻ گهرو ٿا تہ انتظار ڪريو اسان جو نبي بہ انتظار ۾ آهي جيڪي ڪجهہ ٿيڻو آهي سو پنهنجي وقت تي سامهون اچي ويندو.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

## (45) سورت الجاثية (مکيه)

(هن سورت ۾ (4) چار رڪوع ۽ 37 ستٽيهه آيتون آهن)

الجاثية لفظ هن سورت جي آيت نمبر 28 مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي گوڏن ڀر ڪرڻ واري (ٽولي) جماعت انهيءَ سبب جي ڪري هن سورت جو نالو الجاثية رکيو ويو آهي.

آيت نمبر 28 جنهن مان هي لفظ ورتو ويو آهي ان آيت جو ترجمو هن طرح آهي.

”ان وقت تون سڀ ڪنهن ٽولي کي گوڏن ڀر ڪريل ڏسندين هر هڪ ٽولي کي پڪاريو ويندو ته اچي پنهنجو عمل نامون ڏسي ڪين چيو ويندو توهان کي انهن عملن جو بدلو ڏنو ويندو جيڪو توهان ڪندا رهيا آهيو“.

هن آيت جو تفسير تفهيم القرآن خلاصو (3) صه 273 حاشئه 41 هن طرح ڪيو آهي. يعني اتي حشر جي ميدان جو اهڙو هول ۽ الاهي عدالت جو اهڙو رعب طاري ٿيندو جو وڏن وڏن خانن جي خاني ختم ٿي ويندي ۽ عاجزي سان گڏ سڀ گوڏن ڀر ڪريل هوندا

## موضوع ۽ بحث

ان جو موضوع توحيد ۽ آخرت جي متعلق مڪي جي ڪافرن جي شڪن ۽ اعتراضن جو جواب ڏيڻ ۽ (انهن جي مخالفت واري) رويي تي ڪين خبردار ڪرڻ آهي ڪلام جي شروعات توحيد جي دليلن سان ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ انسان جي پنهنجي وجود کان وٺي زمين ۽ آسمان تائين هر طرف پکڙيل بي شمار نشانين ڏانهن اشارو ڪري ٻڌايو ويو آهي ته توهان جيڏانهن به نظر ڊوڙائي ڏسندو ته سڀ ڪا شيءِ انهيءَ توحيد جي شاهدي ڏيئي رهي آهي جنهن جي مڃڻ کان توهان انڪار ڪري رهيا آهيو.

هن سورة ۾ هي به ارشاد ٿيل آهي ته انسان هن دنيا ۾ جيترين شين کان ڪم وٺي ٿو ۽ جيڪي بي حد و حساب شيون ۽ قوتون هن ڪائنات ۾ سندس فائدي لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن اهي سموريون هڪ الله تعاليٰ جو بخشيل ۽ تابع ڪيل آهن ڪو شخص صحيح غور ۽ فڪر کان ڪم وٺي ته سندس عقل ئي پڪاري شاهدي ڏيندو ته اهو الله تعاليٰ سندس محسن آهي ۽ انهيءَ جو ئي حق آهي ته انسان سندس شڪر گذار ٿئي.

هن سورت ۾ آهي ته جيڪو چڱا عمل ڪندو سو پنهنجي ئي لاءِ ڪندو آهي ۽ جيڪو برائي ڪندو سو پاڻ ئي ان جو نتيجو ڀوڳيندو پوءِ جٽو ته سيني کي پنهنجي رب ڏانهن ئي آهي.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته بني اسرائيلن کي اسان ڪتاب ۽ حڪم ۽ نبوت عطا ڪئي هئي انهن کي اسان بهترين زندگيءَ جي سامان سان نوازيو سڄي دنيا جي ماڻهن تي ڪين فضيلت عطا ڪئي ۽ دين جي معاملي ۾ واضح هدايتون ڏنيون پوءِ جيڪو اختلاف انهن جي وچ ۾ ٿيو سو علم اچڻ کان پوءِ ٿيو ۽ ان ڪري ٿيو ته اهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي زيادتي ڪرڻ گهرندا هئا الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن انهن معاملن جو فيصلو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو جن ۾ اهي اختلاف ڪندا رهيا هئا.

هن سورت ۾ مڪي جي ڪافرن ڪي ان هٺ هوڏ، وڏائي ٺوڪن ۽ چٽرن ۽ ڪفر تي ڄمي بيهڻ تي سخت ملامت ڪئي وئي جنهن سان اهي قرآن جي دعوت جو مقابلو ڪري رهيا هئا ۽ کين خبردار ڪيو ويو تہ هي قرآن هڪ وڏي نعمت آهي ان کي رد ڪرڻ جو انجام سخت تباهي وارو ٿيندو.

ان سلسلي ۾ رسول الله ﷺ جي پوئلڳن کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ اهي الله تعاليٰ کان بي ڊپا ماڻهو توهان سان جيڪي بيهودگيون ڪن ٿا ان تي درگذر ۽ بردباريءَ کان ڪم وٺو توهان صبر ڪندؤ تہ الله تعاليٰ پاڻ انهن سان پڄندو ۽ توهان کي ان صبر جو اجر عطا ڪندو.

پوءِ آخرت جي عقيدي بابت ڪافرن جي جاهلاڻن خيالن تي گفتگو ڪئي ويئي آهي ۽ انهن جي ان دعويٰ جي جواب ۾ تہ مرڻ کان پوءِ ڪا ٻي حياتي ناهي الله تعاليٰ لاڳيتا ڪي دليل ڏنا آهن.

اهي دليل ڏيڻ کان پوءِ الله تعاليٰ پوري زور سان فرمائي ٿو تہ جهڙيءَ طرح توهان پنهنجو پاڻ جيئرا نہ ٿيا آهيو پر اسان جي جيارڻ سان جيئرا ٿيا آهيو اهڙيءَ طرح توهان پاڻهي پاڻ مري بہ نٿا سگهو پر اسان طرفان موت ڏيڻ سان ٿي مرندا آهيون ۽ هڪ وقت ضرور اهڙو ايندو جڏهن توهان سڀ هڪ ئي وقت تي گڏ ڪيا ويندؤ جڏهن اهو وقت ايندو تہ توهان پنهنجين اکين سان ڏسي وٺندؤ تہ پنهنجي الله تعاليٰ جي حضور ۾ پيش ٿيل آهيو ۽ توهان جو عمل نامون بنا گهٽ وڌائيءَ جي تيار آهي جيڪو توهان جي هڪ هڪ ڪرتوت جي شاهدي ڏيئي رهيو آهي ان وقت توهان کي معلوم ٿي ويندو تہ آخرت جي عقيدي جو اهو انڪار ۽ ان سان اهو جيڪو چرچر توهان ڪريو ٿا سو توهان کي ڪيترو مهانگو پيو آهي. (حوالہ تفهيم القرآن جلد 3 صفحہ 260،261).






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم اللہ الرحمن الرحيم

## (46) سورت اِلاحقَاف (مکيہ)

(رکوع 4 چار ۽ آيتون 35 پنجٽيھہ آهن)

اِلاَحقَاف لفظ هن سورت جي آيت نمبر 21 مان ورتل آهي جنهن جي لغت ۾ معنيٰ آهي واري جا دڙا وادي يا ماٿري. احقاف جمع آهي حقف جو ۽ حقف واريءَ جي دڙي کي چئبو آهي يمن ۾ احقاف نالي هڪڙي وادي هئي جنهن ۾ واريءَ جون ڊِبون ۽ گهڻا دڙا آهن اهو علائقو عادين جو ملڪ آهي جتي اهي رهندا هئا اهو علائقو حجاز، يمن جي وچ ۾ ۽ الربع الخالي جي ڏکڻ ۾ احقاف وارو علائقو آهي جتان وڌندي وڌندي يمن جي اولاهين ڪناري ڪان وٺي عمان ۽ حضر موت کان ٿيندي عراق تائين هنن پنهنجي حڪومت قائم ڪئي.

هاڻي ڪي شهر مڪہ کان اٽڪل 124 ميلن جي مفاصلي تي اتر طرف حضر موت ۾ هڪ هنڌ آهي جتي ماڻهن حضرت هود عليہ السلام جي مزار ٺاهي آهي ۽ اها حضرت هود عليہ السلام جي قبر جي نالي سان ٺي مشهور آهي.

هن سورت ۾ حضرت هود عليہ السلام احقاف سندس قوم عادين کي ڊيڄارڻ جو ذڪر ٿيل آهي.

جيئن تہ مڪي مڪرمہ جتي قريشين ڪافرن جا سردار پنهنجي وڏائي ۾ مست هئا پنهنجي مال ۽ دولت فخر، غرور ۽ تڪبر ۾ هئا توحيد جي دعوت انهن جي خيال ۾ باطل هئي قرآن مجيد کي الله تعاليٰ جو ڪلام مڃڻ لاءِ تيار نہ هئا تنهن ڪري هن سورت ۾ کين عاد جي قوم جو قصو ٻڌايو ٿو وڃي جنهن بابت عربن وٽ مشهور هو تہ عاد جي قوم ان سر زمين جي سيني قومن کان وڌيڪ طاقت واري قوم هئي ان ڪري مڪي مڪرمہ جي رهاڪن قريشين جي سردارن کي عاد جي قوم جي قصي مان سبق حاصل ڪرڻ جي لاءِ چيو ويو آهي تہ اهي طاقتور هوندي بہ خداوندي جي عذاب کان بچي نہ سگهيا ڪفر جي ڪري تباهہ ۽ برباد ٿي ويا.

### مختصر عاد جي قوم تباهہ ٿيڻ جو قصو هي آهي.

عاد جي ڀاءُ هود عليہ السلام احقاف ۾ پنهنجي قوم عاد کي خبردار ڪيو هو تہ اهڙا خبردار ڪرڻ وارا ان کان اڳ ۾ بہ گذريا هئا ۽ ان کان پوءِ بہ ايندا رهيا تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن جي بندگي (عبادت) نہ ڪريو. مون کي توهان جي باري ۾ هڪ وڏي هولناڪ ڏينهن جي عذاب جو ڊپ آهي، انهن چيو تون اسان کي پنهنجن معبودن کان ڦيرائڻ گهرين ٿو جنهن عذاب جو خوف ڏين ٿو اهو عذاب آڻ پوءِ جڏهن انهن ان عذاب کي پنهنجين وادين ڏانهن ايندي ڏٺو تہ چوڻ لڳا "اهو ڪڪر آهي جيڪو اسان تي وسندو" پر اهو هوا جو طوفان هو جنهن ۾ دردناڪ عذاب اچي رهيو اهو عادين کي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ لاءِ اچي رهيو هو پنهنجي رب جي حڪم سان سڀ ڪنهن شئي کي تباهہ ڪري ڇڏيندو آخر ڪار انهن جو حال هي ٿيو انهن جو رهڻ جو هنڌ ڪجهہ نہ بچيو اهڙي طرح ڏوهاري قوم کي بدلو ڏيندا آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخي لحاظ سان الاحقاف جي هاڻوڪي حالت ڏسي ڪو شخص اهو گمان بہ نہ ٿو ڪري سگهي تہ ڪڏهن هتي هڪ شاندار تمدن رکڻ واري سگهاري قوم آباد هئي گهڻو ڪري گمان هي آهي تہ هزارين ورهيہ اڳ ۾ اهو هڪ سر سبز علائقو هوندو پر الله تعاليٰ جي عذاب عادين جي علائقي تي اچڻ ڪري سڄو علائقو رڻ پٽ ريگستان بڻجي ويو.

هن سورت ۾ فرمان آهي تہ ان کان اڳ ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام جو ڪتاب رهنما ۽ رحمت بڻجي آيو آهي ۽ هي ڪتاب ان جو تصديق ڪندڙ عربي ٻولي ۾ آيو آهي جيئن ظالمن کي ديڄاري ۽ چڱي روش اختيار ڪندڙن کي خوشخبري ڏئي هن ۾ انسان کي هدايت ڪئي تہ هو پنهنجي والدين سان چڱو ٻرتاءُ ڪري خاص ڪري ماءُ سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ جو زياده تاڪيد آهي ڇو تہ ان جي ماءُ کيس وڏي تڪليف سان سندس پيٽ ۾ سانڍيو ۽ تمام ڏکيائي سان کيس ڄڻيو ۽ پالي وڏو ڪيو تان جو جڏهن اهو (جوانيءَ) کي پهتو ۽ (40) چاليهہ ورهين جو ٿيو ان چيو "اي منهنجا رب مون کي توفيق ڏي تہ مان تنهنجي انهن نعمتن جو شڪر ادا ڪريان جيڪي تو مون تي ۽ منهنجي والدين تي عطا ڪيون ۽ اهڙو نيڪ عمل ڪريا جنهن مان تون راضي ٿئين ۽ منهنجي اولاد کي بہ نيڪ ڪر مون کي سک ڏي مان تنهنجي حضور ۾ توبهہ ڪريان ٿو ۽ فرمان جي تابع (مسلم) ٻانهن مان آهيان.

اهو ڪافر شخص جنهن پنهنجي مسلمان پيءُ ماءُ کي اسلام جي تعليم ڏيڻ تي اف چيو توهان مون کي خبر ڏيئي رهيا آهيو تہ آءُ قيامت ۾ ٻيهر جيئرو ٿي قبر مان ٻاهر نڪرندس هو انهيءَ عقيدي کان انڪار ڪري ٿو هن جا پيءُ ماءُ الله تعاليٰ کي فرياد ڪن ٿا تہ هلاڪت اچي. قيامت جي اچڻ تي نہ ايمان آڻيندڙ تي قيامت جو اچڻ ڏکيو آهي بيشڪ الله تعاليٰ جو واعدو سچو آهي.

هن سورت ۾ ٻڌايل آهي تہ هنن حضرت رسول ڪريم ﷺ جي زبان مبارڪ مان قرآن ٻڌي مسلمان ٿيڻ جو ذڪر آهي پاڻ سڳورا ﷺ نخلہ ۾ ڪي ڏينهن وڃي ترسيا انهن ڏينهن ۾ هڪ پيرو رات جي وقت پاڻ سڳورا ﷺ نماز ۾ قرآن جي تلاوت ڪري رهيا هئا جنن جي هڪ ٽولي جو اتان لنگهڻ ٿيو انهن قرآن ٻڌو ايمان آندائون ۽ موٽي وڃي پنهنجي قوم ۾ اسلام جي تبليغ شروع ڪيائون.

تفهيم القرآن خلاصو 3 صفحہ 294 حاشئہ نمبر 35 تان ورتل آهي معتبر روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان کان پوءِ جنن جا لاڳيتا ڪيترائي وفد نبي ڪريم ﷺ جن وٽ حاضر ٿيڻ لڳا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان انهن جون روبرو ملاقاتيون ٿينديون هيون ان متعلق جيڪي روايتون حديث جي ڪتابن ۾ بيان ٿيون آهن تن کي گڏائڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هجرت کان اڳ ۾ مڪي شريف ۾ گهٽ ۾ گهٽ (6) ڇهہ وفد آيا هئا.

هڪ موقع تي رات جي وقت عبدالله بن مسعود پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ هو ۽ مڪي شريف جي حَجَوُن جي هنڌ تي جنن جي هڪ مقدمي جو پاڻ سڳورن فيصلو ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سورت جي آخر ۾ نبي ﷺ جن کي صبر ڪرڻ لاءِ هدايت ڪيل آهي جهڙي طرح اولو العزم رسولن صبر ڪيو.

هن آيت جو تفسير هن طرح آهي تہ جهڙي طرح توهان کان اڳ آيل نبي پنهنجي قوم جي بي رخي مخالفت، مزاحمت ۽ طرحين طرحين جي ايذائن جو مقابلو ورهين جا ورهيہ لاڳيتو صبر ۽ اڻ ٽڪ ڏک ڏوڙ سان ڪندا رهيا اهڙي طرح تون بہ ڪر ۽ اهو خيال دل ۾ نہ آڻ تہ اهي ماڻهو جلدي ايمان آڻن يا وري الله تعاليٰ مٿن عذاب نازل ڪري.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(47) **سورت محمد** (مدينه)

(چار 4 رڪوع ۽ اٺهٽيهه (38) آيتون آهن)

محمد لفظ هن سورت جي آيت نمبر 2 مان ورتل آهي يعني هي اها سورت آهي جنهن ۾ محمد ﷺ جو نالو مبارڪ آيو آهي ان کان سواءِ ان جو هڪ ٻيو مشهور نالو "قتال" به پڻ آهي جيڪو آيت نمبر 20 مان ورتل آهي.

ٽيون نالو هن سورت جو "الذين كفروا" هي سورت هن سورت جا شروعات وارا لفظ آهن. (حوالہ فتح القدير صہ 28 جلد 5)

## هن سورت جو مضمون

هن سورت ۾ جهاد جو حڪم ۽ ڪفارن جي قيدين ۽ مسلمانن جي غلبہ ۽ قوت جو ذڪر فرمايل آهي.

هن سورت جو مضمون احسن البيان في تفسير القرآن جلد 8 صفہ 206 تان ورتل آهي. جيڪو هن ريت آهي. هن سورت ۾ ٻين مدني سورتن وانگر تشرعي احڪام بيان ٿيل آهن مثلاً جنگ جا احڪام، قيدين ۽ غنيمتن جا احڪام منافقن جا احوال پر خاص "محور" جنهن تي هي سورت ڦري ٿي سو جهاد في سبيل الله آهي هن ۾ الله عزوجل جي دشمنن ڪافرن جو ڪفر ۽ الله عزوجل جي دين کان روڪڻ بيان ڪندي سندن اعمال جو برباد هجڻ ٻڌائيندي ساڻن جنگ ڪرڻ جو حڪم ڪيل آهي تہ جيئن زمين انهن جي پليديءَ کان پاڪ رهي هن ۾ ڪافرن جي گهٽي قتل ٿيڻ کان پوءِ انهن کي قيد ۾ رکڻ جو حڪم بہ ٿيل آهي بعد ۾ عزت ۽ مدد حاصل ڪرڻ جون واٽون ڏسيندي مومنن جي لاءِ الله تعالیٰ جي مدد حاصل ڪرڻ جا شرط بہ بيان ڪيا ويا آهن ۽ اهي آهن ان جي دين جي مدد ڪرڻ ۽ شريعت کي مضبوط ٿي وٺڻ ۽ مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو ڪافرن سرڪشن کي اڳين جابرن ڪافرن جي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ جا واقعا ٻڌائي متنبه ڪيو ويو آهي هن سورت پاڪ منافقن جي حال کان بہ باخبر رکيو آهي ۽ آخر ۾ مومنن کي عزت ۽ مدد حاصل ڪرڻ جي واٽ وٺڻ جي دعوت ڏني آهي ۽ اهو آهي جهاد في سبيل الله باطل جي اڳين سرخم نہ ڪرڻ دينوي حياتي کي مٺو ڪري انهن سان صلح نہ ڪرڻ ڇو تہ هيءَ حياتي نيٺ ختم ٿيڻ واري آهي. (حوالہ صفوة التفاسير صہ 204 ۽ 205 جلد 3)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمہ اللّٰہ الرحمن الرحيم

## (48) **سورت الفتح** (مدينه)

(رڪوع چار (4) ۽ آيتون اوڻٽيهہ (29) آهن)

هن سورت جو نالو "الفتح" هي جيڪو هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي.

لفظ فتحا جي معنيٰ فتح، مراد آهي فتح مڪہ ۽ فتح خيبر هن سورت لفظ فتحا (3) ٽي دفعا استعمال ٿيل آهي. هڪ لفظ فتحا آيت نمبر 1 ۾ آهي آيت جو ترجمو آهي تہ "اي نبي اسان توکي پڌري فتح عطا ڪئي"

ٻيو فتحا لفظ آيت نمبر 18 ۾ آهي انهيءَ آيت جو ترجمو آهي "اللّٰہ تعاليٰ مؤمنن کان خوش ٿي ويو جڏهن اهي وڻ جي هيٺيان توسان بيعت ڪري رهيا هئا انهن جي دلين جو حال کيس معلوم هو ان ڪري هن مٿن سڪينت (تسلي) نازل ڪئي ۽ کين انعام ۾ ويجهي فتح بخشي هن آيت جي پهرين فقري جي تشريح حاشئہ نمبر 32 ۾ ٿيل آهي هتي وري انهيءَ بيعت جو بيان آهي جيڪا حديبيہ جي هنڌ اصحاب سڳورن کان هڪ وڻ جي هيٺيان ورتي ويئي هئي ان بيعت کي "بيعت رضوان" چيو ويندو آهي.

هن آيت نمبر 19 جي تشريح حاشئہ نمبر 34 ۾ تشريح آهي تہ اهو اشارو آهي خيبر جي فتح۽ان جي مال غنيمت ڏانهن ۽ اها آيت ان ڳالهہ جي پڌرائي ڪري ٿي تہ اللّٰہ تعاليٰ اهو انعام رڳو انهن ماڻهن لاءِ مخصوص ڪيو هو جيڪي بيعت رضوان ۾ شريڪ هئا انهن کان سواءِ ڪنهن کي ان فتح ۽ انهن غنيمتن ۾ شريڪ ٿيڻ جو حق نہ هو.

صلح حديبہ کان پوءِ جلد ئي مسلمانن خيبر تي چڙهائي ڪئي ۽ ان کي فتح ڪيو.

حاشئہ نمبر 35 ان مان مراد ٻيون فتحون آهن جيڪي خيبر کان پوءِ مسلمانن کي لاڳيتيون حاصل ٿينديون رهيون.

حاشئہ نمبر 36 مان مراد آهي صلح حديبہ جنهن کي سورة جي شروعات ۾ فتح مبين چيو ويو آهي.

حاشئہ نمبر 37 يعني قريش جي ڪافرن کي همت نہ ڏنائين جو اهي حديبيہ جي هنڌ تي توهان سان وڙهن ها.

آيت نمبر 20 جي هڪ فقري ۾ آهي تہ ۽ ماڻهن جا هٿ توهان ڏانهن وڌڻ کان روڪي ڇڏيا. جيئن اها مؤمنن لاءِ هڪ نشاني ٿي پوي ۽ اللّٰہ تعاليٰ توهان کي سنئين واٽ ڏانهن توهان کي هدايت بخشي.

ٽيون دفعو لفظ فتحا آيت نمبر 27 ۾ استعمال ٿيل آهي آيت جو ترجمو هي آهي "بيشڪ اللّٰہ پنهنجي رسول کي سچو خواب ڏيکاريو هو جيڪو بلڪل حق جي مطابق هو تہ انشاءَ اللّٰہ توهان ضرور مسجد حرام (بيت اللّٰہ) ۾ ڪامل امن سان داخل ٿيندؤ پنهنجا مٿا ڪوڙائيندؤ ۽ ڪترائيندؤ ۽ توهان کي ڪو بہ ڊپ نہ هوندو اهو ان ڳالهہ کي ڄاڻي ٿو جنهن کي توهان نہ ڄاڻيندا هئا ان ڪري اهو خواب پورو ٿيڻ کان اڳ ان اها ويجهي فتح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان کي عطا ڪئي.

مٿي جيڪو لفظ فتحا 3 آيت ۾ استعمال ٿيل آهن انهن جو مختصر بيان آهي

(1)هن سورت ۾ صلح حديبيه جو ذڪر آهي.

(2) جيڪي نبي پاڪ ﷺ ۽ مشرڪن جي وچ ۾ سنہ 7 ست هجري ۾ ٿيو اهوئي مڪي مڪرمہ جي فتح جي شروعات بڻيو هو جنهن سان مؤمنين کي عزت قوت ۽ مدد ملي هن ۾ انهن منافقن جو بہ ذڪر آهي جيڪي حبيب پاڪ ﷺ جن سان گڏجي نڪتا هئا هن سورت ان خواب جو بہ ذڪر آهي جيڪو پاڻ سڳورن مديني منور ۾ ڏٺو هيائون اهو خواب سچو ٿيو جو حضور ﷺ ۽ سندس ساٿي امن سان مڪي مڪرمہ ۾ داخل ٿيا ۽ بنا ڪنهن خون خرابي جي مڪہ مڪرمہ فتح ٿيو.

آيت نمبر 28 ۾ الله تعاليٰ پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو تان تہ ان کي هر هڪ دين تي غالب ڪري ۽ ان حقيقت تي الله تعاليٰ شاهد ڪافي آهي.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (49) **سورت الحجرات** (مدينہ)

(رڪوع ٻہ (2) آيتون ارڙهن (18) آهن)

هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 4 مان ورتل آهي عربي لغات القرآن ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي حجرا، ڪمرا، حويلي، گهر آيت نمبر 4 جو ترجمو هي آهي بيشڪ جيڪي حجرن جي ٻاهران بيهي توکي سڏيندا آهن تن مان گهڻا بي سمجهہ آهن هن جو مطلب آهي تہ جيڪي ماڻهو حجرن جي ٻاهران بيهي رسول الله ﷺ جن جو نالو وٺي وڏي آواز سان سڏ ڪن ٿا انهن مان گهڻا تہ بيوقوف ۽ ڪم عقل آهن.

الله تعاليٰ هن سورت ۾ آيتون نمبر 2 کان 5 نازل فرمائي نبي سائين جن جو شان ظاهر ڪيو آهي (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 8 صہ 306) تان ورتل آهي مجاهد فرمايو آهي تہ هي آيت نمبر 4 بن تميم قبيلي جي آيل وفد جي (جنهن ۾ 70 ماڻهو هئا) باري ۾ نازل ٿي جيڪي حضور پاڪ ﷺ جن سان ملڻ آيا هئا ۽ مسجد ۾ داخل ٿي سندن مبارڪ حجرن جي ٻاهران بيهي ڪين وڏي آواز سان سندن اسم مبارڪ وٺي سڏڻ لڳا حالانڪ پاڻ سڳورا ان وقت منجهند جي آرام ۾ هئا.

تفهيم القرآن واري لکيو آهي تہ ڪڏهن اهڙا اڻ گهڙيا ماڻهو بہ پاڻ سڳورن جي حجرن جي ٻاهران چڪر هڻي اتان ئي پاڻ ڪريم جن کي وڏي آواز اسم مبارڪ وٺي سڏيندا هئا الله تعاليٰ اهڙن ماڻهن جي رويہ کي برداشت نہ ڪيو ڇاڪاڻ تہ رسول الله ﷺ جن جو اعليٰ شان هجڻ ڪري ماڻهن جو اهو رويو اڻوندڙ هو الله تعاليٰ هن سورت ۾ رسول الله ﷺ جي ادب ڪرڻ جي عنوان تي 4 آيتون آيت نمبر 2 کان آيت نمبر 5 تائين نازل فرمايون آهن جن ۾ حڪم ڪيو ويو تہ رسول الله ﷺ جن سان ادب جي دائري ۾ پيش اچو ائين نہ ٿئي جو توهان جا ڪيل عمل برباد ٿي وڃن.

انهن آيتن جو ترجمو پيش ڪجي ٿو. آيت نمبر 2: اي ايمان وارؤ پنهنجا آواز پيغمبر جي آواز کان مٿي نہ ڪريو ۽ جيئن اوهان جو هڪ ٻئي سان وڏي سڏ ڳالهائڻ آهي (تيئن) ساڻس ڳالهہ ڏاڍيان نہ ڳالهايو جو متان اوهان جا عمل ڇٽ ٿي وڃن ۽ اوهان نہ پروڙيندا هجو.

آيت نمبر 3 بيشڪ پنهنجن آواز کي الله تعاليٰ جي پيغمبر جي آڏو جهڪو ڪندا اِهي اُهي آهن جن جي دلين کي الله تعاليٰ پرهيز گاريءَ لاءِ آزمايو آهي، انهن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي.

آيت نمبر 4 بيشڪ حجرن جي ٻاهران توکي سڏيندا آهن تن مان گهڻا بي سمجهہ آهن.

آيت نمبر 5 ۽ جيڪڏهن اُهي تنهنجي نڪرڻ تائين صبر ڪن ها تہ انهن لاءِ ڀلو هجي ها، ۽ ا تعاليٰ بخشڻهار مهربان آهي.

* ۽ جيڪڏهن مؤمنن مان ٻہ ٽولا پاڻ ۾ وڙهي پون تہ انهن ۾ ٺاهہ ڪرايو پوءِ جيڪڏهن انهن مان هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽولو ٻئي ٽولي تي زيادتي ڪري تہ زيادتي ڪرڻواري سان وڙهو تان جو اهو الله تعاليٰ جي حڪم ڏانهن موٽي اچي پوءِ جيڪڏهن موٽي اچي تہ انهن جي وچ ۾ انصاف سان صلح (ناهہ) ڪرايو ۽ الله تعاليٰ انصاف ڪرڻوارن کي پسند ڪري ٿو.

* اي ايمان وارا نہ مرد مردن تي ٺٺوليون ڪن ٿي سگهي ٿو جو اهي ڪائن ڀلا هجن نہ عورتون ٻئي عورتن سان ٺٺوليون ڪن ٿي سگهي ٿو تہ اهي ڪائن ڀليون هجن هڪ ٻئي کي برن لقبن سان نہ سڏيو.

* توهان مان ڪو ڪنهن جي گلا نہ ڪري ڇا توهان ۾ ڪو اهڙو آهي جيڪو پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائڻ پسند ڪندو هجي ڏسو توهان پاڻ ان کان نفرت ڪندا آهيو.

* اي انسانو! اسان توهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۽ پوءِ توهان جون قومون ۽ قبيلا ناهيا تہ جيئن توهان هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهو الله تعاليٰ وٽ عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان ۾ وڌيڪ پرهيزگار آهي.

* بدوي چون ٿا تہ اسان ايمان آندو چئو تہ اوهان ايمان نہ آندو آهي توهان چئو تہ اسان اسلام آندو آهي نہ داخل ٿيو آهي ايمان اوهان جي دلين ۾ ۽ جي چيو مڃيو الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ جو گهٽ نہ ڪندو اوهان جي عملن مان ڪو ذرو بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ مهربان آهي.



(پراڻي زماني جا گهر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا الله الرحمن الرحيم

## (50) **سورت ق** (مکيہ)

(رڪوع ٽي (3) آيتون پنجيتاليهہ (45)

ق هن سورت جو منڍ وارو اکر آهي.

ق اکر هن سورت جي آيت نمبر 1 جو پهريون اکر آهي تنهنڪري هن سورت جو نالو ق رکيو ويو آهي.

ق مقطعات اکرن مان آهي مقطعات اکرن جي معنيٰ مفهوم ۽ مراد الله تعاليٰ کي خبر آهي اسان کي انهن اکرن تي ايمان آڻڻو آهي تہ اهي اکر سچ ۽ حق آهن ۽ الله تعاليٰ طرفان نازل ٿيل آهن ۽ سچا آهن.

* سڄي سورت جو موضوع آخرت آهي رسول الله ﷺ جن جڏهن مڪي شريف ۾ دعوت جي شروعات ڪئي تہ ماڻهو کي سڀ کان وڌيڪ اچرج پاڪ ڪريمن ﷺ جي ان ڳالهہ تي ٿيو تہ مرڻ کان پوءِ انسان ٻيهر جيئرا ڪري اٿاريا ويندا ۽ کين سندن عملن جو حساب ڏيڻو پوندو ماڻهو چوندا هئا تہ اها ڳالهہ تہ بلڪل اڻ ٿيڻي آهي مڪي شريف ڪافرن جي خيال ۾ اهو ناممڪن آهي جو جڏهن اسان جو ذرو ذرو زمين ۾ ٽڙي پکڙي ويو هجي تہ انهن ڪنڊريل جزن کي هزارين ورهيہ گذري وڃڻ کان پوءِ وري گڏ ڪري اسان جو اهوئي جسم نئين سر ٺاهيو وڃي ۽ اسان جيئرا ٿي وڃون؟ تنهن جي جواب ۾ الله تعاليٰ طرفان اها تقرير (سورة ق) نازل ٿي ان ۾ نهايت مختصر نموني ننڍن ننڍن جملن ۾ هڪ پاسي آخرت جي امڪان ۽ ان جي واقع ٿيڻ تي دليل ڏنا ويا آهن ۽ ٻئي پاسي ماڻهن کي خبردار ڪيو ويو آهي تہ توهان ڪٿي اچرج ڪريو يا عقل ۾ نہ اچڻ جهڙي ڳالهہ سمجهو يا ان کي ڪوڙو چئو قيامت هر حال ۾ ٿيندي سمورا انسان ٻيهر جيئرا ڪري اٿاريا ويندا ۽ ڪائنٽ سمورن عملن جو حساب ورتو ويندو توهان جي نہ مڃڻ سان حقيقت مٽجي نٿي سگهي. (حوالہ تفهيم القرآن جلد 3 صفہ 354،355)

* هن سورت ۾ ٻڌايو ويو آهي انهن کان اڳ حضرت نوح عليہ السلام جي قوم ۽ رس وارن ۽ ثمود ۽ عاد ۽ فرعون ۽ حضرت لوط عليہ السلام جي ڀائرن ۽ ايڪ وارن ۽ تبع جي قوم بہ هر هڪ رسولن کي ڪوڙو ڪيو ۽ آخر منهنجي عذاب جو انجام مٿن لازم ٿيو.

* هن سورت جي آيت نمبر 16 ۾ فرمايل آهي تہ بيشڪ انسان کي اسان پيدا ڪيو آهي ٻئي ڪنهن نہ پيدا ڪيو نہ هو پاڻهين پيدا ٿيو آهي ۽ اسين ان جي دلي ارادن ۽ وسوسن کي ڄاڻون ٿا ڇو تہ اسين ان کي ڪنڌ جي رڳ (نبض) کان بہ ويجها آهيون.

* آيت نمبر 19 ۾ آهي تہ آئي سختي موت جي حق سان هي اهو آهي جو تون ان کان ڀڄندڙ هئين (موت جي سڪرات)

هن سورت ۾ نبي پاڪ ﷺ جن کي فرمايل آهي تہ اي نبي جيڪي ماڻهو اهي ڳالهيون چون ٿا تن تي صبر ڪر ۽ پنهنجي رب جي حمد سان گڏو گڏ ان جي تسبيح ڪندو رهہ سج ايريي ۽ سج لٿي کان اڳ ۾ ۽ رات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي وقت واري ان جي تسبيح ڪر ۽ سجدن (نماز) کان واندو ٿيڻ کان پوءِ بہ تشريح رب جي حمد ۽ تسبيح مان مراد هتي نماز آهي سج اڀرڻ کان اڳ ۾ "فجر نماز آهي" سج لٿي کان اڳ ۾ بہ نمازون آهن هڪ ظهر جي ٻي عصر "رات جي وقت" مغرب ۽ عشاءَ جون نمازون آهن ۽ ٽيون تهجد بہ رات جي تسبيح ۾ شامل آهي باقي رهي اها تسبيح جيڪا سجدي مان واندي ٿيڻ کان پوءِ ڪرڻ جي هدايت ڏني وئي آهي تہ ان مان مراد نماز کان بعد وارو ذڪر بہ ٿي سگهي ٿو ۽ فرض کان بعد نفل ادا ڪرڻ بہ ٿي سگهي ٿو.

## هن سورت جون ڀلايون ۽ برڪتون

هي سورت سڳوري نهايت شاندا آهي جو حضور عليہ الصلواة والسلام جن ان ڪي گهڻو تلاوت فرمائيندا هئا جيئن روايتن مان واضح آهي (1) صحيح مسلم جابر بن سمره کان ۽ ابن ماجه وغيره قطبة بن مالڪ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن هي سورة "ق" فجر جي پهرين رڪعت ۾ تلاوت ڪندا هئا.

(2) امام احمد، مسلم، ابوداود، ابن ماجه، ترمذي ۽ نسائي ابو واقد ليثي ﷛ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن عيد جي نماز ۾ (سورة) "ق" ۽ اِقتَرَبَتِ پڙهندا هئا.

(3) ابو دائود، بيهقي، ابن ماجه ۽ ابن ابي شيبه ام هشام بنت حارثہ کان روايت آندي ان فرمايو تہ مون (سورة) "ق" وَالقُرآنِ المَجِيد" حضور جن جي منهن مبارڪ کان سکي ياد ڪئي هئي جو پاڻ هر جمع جي خطبه ۾ منبري تشريف فرما ٿيندا. اها سورة "ق" پڙهندا هئا.

مٿيون سيئي روايتون هن ڳالهہ جو دليل آهن تہ حضرت نبي عليہ الصلواة والسلام جن وڏن وڏن اجتماعن، عيدن، جمعن وغيره ۾ هي سورت سڳوري تلاوت ڪرڻ فرمائيندا هئا ڇو تہ اها خلق جي ابتداءَ بعث، نشور، معاد، حساب، جنت جهنم ۽ ثواب، عذاب، ترغيب ۽ ترهيب جي ذڪر تي مشتمل آهي.

(حوالہ المراغي صہ 150 . جزاۂ 26 جلد 9) (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 8 صفہ 328).



تسبيح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (51) **سورت الذاريت** (مکيہ)

(رڪوع ٽي (3) آيتون سٺ (60)

ذاريـــت لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي لغات القرآن ۾ ذاريـــت جي معنيٰ وکيرڻ واريون هوائون، ڇڙوڇڙ ڪرڻ واريون هوائون. الذاريت مان مراد هوائون آهن جيڪي مٽي، ڪک، پن وغيره کي اڏائي ڇڏينديون آهن. (حضرت علي جو قول)

ملائڪ. تارا بہ تي سگهن ٿا.

تفسير ڪجي ٿو: وَالذّٰرِيٰتِ ذَرۡوًا ۝١ فَالۡحٰمِلٰتِ وِقۡرًا ۝٢ فَالۡجٰرِيٰتِ يُسۡرًا ۝٣ فَالۡمُقَسِّمٰتِ اَمۡرًا ۝٤

(1)قسم آهي انهن هوائن جو جيڪي غبار ۽ لٽ کي اڏائن ٿيون.

(2)پوءِ انهن ڪڪرن جو قسم جيڪي مينهن جو بار کڻن ٿا.

(3) وري انهن ٻيڙين جو قسم جيڪي نرمي ۽ آساني سان هلن ٿيون.

(4) ملڪن جو قسم جيڪي زمين وارن تي شيون ورهائن ٿا.

تفسير حافظ ابـن ڪثير ۾ لکيل آهي تہ هڪ دفعي حضرت علي رضي الله عنه منبر تي چڙهي ماڻهن کي چيو تہ اوهان جنهن بہ آيت يا حديث بابت سوال ڪندو تہ مان ان جو جواب ڏيندس تنهن تي ڪنهن شخص عرض ڪيو تہ يا حضرت ذاريات مان ڇا مراد آهي؟ فرمايائون تہ هوا. وري ان شخص عرض ڪيو تہ حاملات ڇا آهي؟ حضرت علي فرمايو تہ ڪڪر آهي وري ان شـخص عرض ڪيو تہ جاريات ڇا آهي پاڻ فرمايائون تہ ٻيڙيون وري ان عرض ڪيو ت مُقسمٰـــــت ڪير آهي؟ حضرت علي رضي الله عنه جواب ڏنو تہ الله تعاليٰ جا ملائڪ آهن جيڪي الله تعاليٰ جا حڪم پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پهچائن ٿا.

## ذاريـت بابت حضرت علي رضي الله عنه جي تقرير

تفسير تنوير الايمان جلد 9 صہ 349 ۽ 350 تان ورتل آهي. جيڪا هن ريت آهي تفسير ۾ امام فخر الدين رازي لکي ٿو تہ ذاريـت مان مراد هوا آهي يا ملائڪ يا تارا بہ ٿي سگهن ٿا يا تہ هي مراد وٺجي تہ ذاريـت مان هي مراد اهڙو امر آهي جنهن جو ڇٽڻي سان تعلق هجي مثلاً هوا پوءِ ڇئبو تہ ذاريـــت مان مراد اها هوا جا ڪڪر پيدا ڪري ٿي ۽ حاملہ اها هوا آهي جا ڪڪرن کي ملائي وچ آسمان تي بيهاري ۽ جاريہ اها هوا جا روئي زمين تي ڪڪر کي پکيڙي ٿي ۽ مقسمٰـت اها هوا آهي جا جدا جدا ملڪن ۽ ڳوٺن تي مينهن وسائي ٿي و الله اعلم.

## مضمون الذاريات تي

(حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 8 صفہ 346، 347) تان ورتل آهي.

قيامت جو عقيدو اسلام جي بنيادي عقائد مان آهي زندگيءَ جو جيڪو پروگرام اسلام پيش ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ان تي صحيح طور سان عمل ان وقت تي سگھندو آهي ۽ ان جي فيوضات ۽ برڪات کان انسان ان وقت مستفيض ٿي سگھندو آهي جڏهن قيامت تي ان جو يقين محڪم هجي ان جي ڪري الله تعاليٰ هن سورت جي پهرين ڇهن آيتن جن ۾ متعدد شين جو قسم کنيو آهي تنهنجو ذڪر مٿي تي چڪو آهي الله تعاليٰ قسم کڻي ٻڌايو آهي تہ قيامت جي اچڻ جو واعدو سچو آهي اهو ڏينهن ضرور ايندو جڏهن نيڪوڪار کي جزا ۽ بري کي سزا ملندي ڪافر جيڪي قيامت جو انڪار ڪن ٿا انهن وٽ ان انڪار جو ڪو بہ معقول وجه ناهي صرف قياس آرايون آهن جن جي ڪا حقيقت ناهي ۽ اهي عيش ۽ عشرت جي نشي ۾ بيهوش آهن جڏهن موت مٿان ايندن تڏهن انهن خوفناڪ حالتن کان سندن پہ اکيون ڇڄڻ تہ چار ٿي ويندیون پر ان وقت حسرت ۽ ندامت کان سواءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو وري ٻڌايو ويو آهي تہ انهن جي برعڪس ٻيا اهڙا ٻانها بہ آهن جيڪي هر وقت پنهنجي رب ڪريم کان ڊڄندا رهندا آهن ان جي هر ارشاد تي عمل ڪن ٿا انهن جون راتيون ذڪر خدا ۾ گذرن ٿيون ۽ رات جي پوئين حصي ۾ پنهنجي ڪوتاهين ۽ غفلت تي مغفرت طلب ڪندا آهن ۽ جيڪو مال ۽ ملڪيت انهن کي الله عزوجل عطا ڪيو آهي ان مان غريبن ۽ مسڪينن کي ڏين ٿا ٻئي رڪوع ۾ متقين جي سردار سيدنا ابراهيم عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي حالات بيان ڪندي ڪيس وڏي عمر ۾ پٽ جي ڄمڻ جي بشارت ڏيڻ جو ذڪر آهي ان کان بعد اهڙين قومن جو ذڪر ڪيل آهي جيڪي فسق ۽ فجور ۾ سرشار هئا سندن طرف موڪليلن پيغمبر عليٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام جي دعوت کي ٺڪرايو ان جي سزا ملڻ جي ڪري انهن جو جيڪو حال ٿيو اهو سيني جي لاءِ باعث عبرت آهي ٽئين رڪوع ۾ الله تعاليٰ جي شان ۽ عظمت بيان ڪرڻ کان پوءِ ٻڌايو آهي تہ ان جي پناهہ ۽ رحم جي هيٺيان اچو ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ بنايو پهريائين بہ ماڻهن پنهنجن نبين عليٰ نبينا و عليهم الصلواة والسلام کي جادوگر ۽ چريو سڏيو هو اي محبوب (عليڪ الصلواة والسلام) جيڪڏهن ڪافر اوهان جي لاءِ بہ اهڙا الفاظ ڪڍن ٿا تہ اوهان انهن کان منهن مبارڪ موڙي ڇڏيو ۽ انهن کي نصيحت ڪندا رهو ايمان وارا نصيحت کان فائدو وٺندا هن کان پوءِ جنن ۽ انسانن جي پيدا ڪرڻ جو غرض ۽ غايت بہ بيان ڪئي وئي آهي تہ اهي الله تعاليٰ جي عبادت ڪن ۽ ان جي احڪام تي پابند رهن ان ۾ سندن فائدو آهي الله جلت صفاته کي انهن جي ڪا ضرورت ناهي نہ اهو انهن کان رزق گھري ٿو بلڪ ساري ڪائنات ان جي محتاج ۽ ان کان عطا ڪيل رزق تي هلي ٿي ۽ جيڪي ماڻهو ان حقيقت کي نہ ٿا سمجهن انهن جي لاءِ هلاڪت ۽ تباهي آهي هن جي شروعات ۾ قسم سان بيان ڪيو ويو آهي تہ اهي سڀ ڳالهيون حق آهن.

(حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 8 صفحہ 346،347).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا لله الرحمن الرحيم

(52) **سورت الطُّورِ** مکيه (رڪوع ٻه (2) آيتون اوڻونجاهه 49)

الطور: هي لفظ سورت الطور جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي عربي لغات القرآن ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي سرسبز پهاڙ، جبل، وڻن وارو پهاڙ، سينا جي هڪ جزيره نما پهاڙ جو نالو آهي.

تفسير تنوير الايمان ج 9 صه 374 تان ورتل آهي تفسير ڪبير، خازن ۾ حافظ ابن ڪثير لکيو آهي ته والطور مان مراد جبل طور سينا آهي جنهن تي حضرت موسيٰ عليه السلام ا لله تعاليٰ سان ڳالهايو هو.

احسن البيان في تفسير القرآن جي جلد 8 صفه 371 ۽ 372 تان ورتل آهي ته فرمان رباني آهي "والطُّورِ" طور جو قسم آهي. طور سرياني ٻولي جو لفظ آهي ان جبل کي چيو ويندو آهي جنهن تي ساوڪ هجي خشڪ جبل کي طور نه چئبو آهي ۽ بعض علماء ان کي عربي لغت جو چيو آهي پر هاڻي ان جبل کي چوندا آهن جنهن تي ا لله عزوجل حضرت موسيٰ عليٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام کي پنهنجي همڪلاميءَ سان نوازيو ۽ ان کي نبوت سان سرفراز فرمايو ۽ روشن هٿ ۽ لٺ جي معجزن سان سندس تائيد ڪري ان وقت جي سڀني کان طاقتور ۽ ظالم حڪمران کي دعوت حق ڏيڻ جي لاءِ موڪليو جيڪو خدا هجڻ جو دعويدار هو يعني فرعون ۽ سندس سردار ڏانهن.

## هن سورت جو مضمون

هن سورت جي پهرين رڪوع جو مضمون آخرت آهي.

هن سورت جي شروعاتي آيتن ۾ ڪيترين اهم شين جا قسم کڻي اعلان ڪيو ويو آهي ته قيامت ضرور ايندي دنيا ۾ ڪابه اهڙي طاقت ناهي جيڪا ان کي روڪي سگهي جن پنجن شين جو ا لله تعاليٰ قسم کڻي ڪنيو آهي اهي شيون هيٺ ڏجن ٿيون.

1. طور جي معنيٰ لغات القرآن جي حوالي سان منڍ ۾ لکي آهي. تفهيم القرآن خلاصو ٿيون صه 392 حاشئه 1 مان ورتل آهي: طور جي اصلي معنيٰ جبل آهي ۽ "الطور" مان مراد اهو خاص جبل آهي جنهن تي ا لله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليه السلام کي نبوت سان نوازيو هو.

2. وکِتٰبٍ مسطور معنيٰ ۽ ڪتاب ڪليل: هتي ڪليل ڪتاب مان مراد اهو مقدس ڪتاب جو مجموعو آهي جيڪو اهل ڪتاب وٽ موجود هو ان کي "ڪليل ڪتاب" ان ڪري چيو ويو آهي جو اهو اڻ پڙهيل نه هو اهو پڙهيو ويندو هو ۽ سولائي سان معلوم ڪري سگهبو هو ته ان ۾ ڇا لکيل آهي.

احسن البيان في تفسير القرآن صه 372 جلد 8 تان ورتل آهي " وَكِتٰبٍ مَّسْطُوْرٍ فِيْ رَقٍّ مَّنْشُوْرٍ " ۽ ڪليل دفتر ۾ لکيل ڪتاب جو "رق" ان دفتر کي چوندا آهن جنهن ۾ لکيو ويندو آهي ان جي مراد ۾ مختلف قول آهن.

(الف). ان مان مراد قرآن مجيد آهي

(ب). ان مان مراد هر اهو دفتر آهي جنهن ۾ شرعي احڪام لکيل هوندا آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ج). تہ ان مان مراد اهو ڪتاب آهي جيڪو الله عزوجل پنهنجي قدرتي هٿ سان حضرت موسيٰ عليٰ نبينا و عليہ الصلواة والسلام جي لاءِ لکيو ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام قلم جي هلڻ جو آواز ٻڌي رهيو هو هڪ قول آهي تہ ان مان مراد اهو دفتر آهي جيڪو ڪلهن تي ويٺل ملائڪ لکندا آهن ۽ قيامت جي ڏينهن ڪڍيو ويندو جيئن رباني فرمان آهي "وَنُخرِجُ لَه يَومَ القِيٰـمَہِ كِتَاباً يلقٰـه مَنشُورا" (۽ اسين ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن ڪتاب ڪڍنداسون جيڪو ان کي ان حال ۾ ملندو جو اهو کليل هوندو)

3. وَالبَيتِ العَمُور معنيٰ آباد گهر آهي.

بيت العمور ڇا آهي: حافظ ابن ڪثير هي حديث ابن جرير کان روايت ڪري ٿو تہ ڪن ماڻهن حضرت علي ﷛ کان پڇيو تہ "بيت العمور ڇا آهي؟ جواب ڏنائين تہ بيت العمور آسمان تي هڪ اڏيل گهر آهي اهو سامهون ڪعبت الله جي مٿان آهي بيت العمور جي عزت آسمان تي اهڙي آهي جهڙي ڪعبت الله جي زمين تي آهي ان ۾ سڀ ڪنهن ڏينهن (70000) ستر هزار ملائڪ نماز پڙهن ٿا ۽ معلوم ٿيو تہ بيت العمور آسمان تي ملائڪن جو ڪعبو آهي جنهن ۾ ملائڪ نماز پڙهن ۽ سندن طواف ڪن ٿا. (حوالہ تفسير تنوير الايمان جلد 9 صفہ 374).

تفهيم القرآن خلاصو (3) صفحہ 392 حاشئہ (3) تان نقل ڪيل آهي "آباد گهر" مان مراد حضرت حسن بصري ﷛ وٽ بيت الله يعنيٰ ڪعبة الله آهي جيڪو حج ۽ عمري طواف ۽ زيارت ڪرڻ کان خالي نہ هوندو آهي ۽ حضرت علي ﷛ ابن عباس ﷛ وغيره ان مان مراد بيت المعمور وٺن ٿا جنهن جو بيان معراج جي سلسلي ۾ نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي جنهن جي پٺ سان پاڻ ڪريم ﷺ حضرت ابراهيم عليہ السلام کي ٽيڪ ڏنل ڏٺو هو.

4. وَالسَّقفِ المَرفوعِ: لغات قرآن ۾ سقف جي معنيٰ ڇت مراد آهي آسمان يا عرش عظيم ۽ مَرفوعِ جي معنيٰ آهي اوچو ڪيل، مٿي ڪيل، بلند ڪيل حاشئہ (4) يعني مٿانهين ڇت مان مراد آسمان آهي. جيڪو زمين تي هڪ قبي وانگر پکڙيل ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ هت اهو لفظ سموري عالم بالا لاءِ آيو آهي.

5. وَالبحـر المسجور: معنيٰ آهي موجون هڻندڙ سمنڊ لغات القرآن جي معنيٰ بحر جي معنيٰ درياه يا سمنڊ، مَسجور معنيٰ آهي اياميل، ڀريل، ٽمٽار، يعني موجون هڻندڙ سمنڊ.

* هي اها حقيقت آهي جنهن تي انهن پنجن شين جو قسم کنيو ويو آهي رب جي عذاب مان مراد آخرت آهي.

هن سورت ۾ ٻڌايو ويو آهي جڏهن آخرت پيش ايندي تہ ان کي ڪوڙو چوڻ وارن جو انجام ڪهڙو ٿيندو ۽ جيڪي قيامت (آخرت) کي مڃي تقويٰ جي روش اختيار ڪرڻ وارن کي الله تعاليٰ جي ڪهڙين نعمتن سان نوازيو ويندو اهي نعمتون هي آهن تہ مؤمن بهشت جو لذتون ماڻيندا ۽ نيڪو ڪارن کي بهشت ۾ هر قسم جا ميوا ملندا.

ان کان پوءِ ٻئي رڪوع ۾ قريشي سردارن جي ان رويي تي تنقيد ڪئي وئي آهي جيڪو رسول الله ﷺ جي دعوت جي مقابلي ۾ اختيار ڪيو هو اهي پاڻ ڪريم ﷺ جن کي ڪڏهن ڪاهن (پوپو) ڪڏهن چريو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن شاعر قرار ڏيئي مٿن الزام لڳائيندا هئا ته هي قرآن پاڻ سڳورا ﷺ گهڙي الله تعاليٰ جي نالي سان پيش ڪري رهيا آهن اهي پاڻ ڪريم ﷺ جي دعوت ۽ تبليغ جا انڪاري هئا اهي پاڻ ۾ گڏجي ويهي سوچيندا هئا ته پاڻ سڳورن ﷺ جي خلاف ڪا اهڙي چال هلجي جو جنهن سان سندن دعوت (يعني تحريڪ) جو خاتمو ٿي وڃي

تعالي جيئن مٿي چئي آيو آهي ته مڪي جي قريشين جي سردارن چيو ته هي قرآن الله تعاليٰ جي طرفان نه آهي ۽ اهو قرآن پاڻ سڳورن ٺاهي الله تعاليٰ جي نالي سان پيش ڪيو آهي ته الله تعاليٰ آيت نمبر 34 ۾ جواب فرمايو آهي ته جيڪڏهن اهي پنهنجي ڳالهه ۾ سچا آهن ته انهيءَ شان جو هڪ ڪلام ٺاهي آڻين انهيءَ آيت جو مختصر تفسير هن طرح آهي.جيڪڏهن توهان ان کي انساني ڪلام چوٿا ته ان معيار جو ڪو ڪلام آڻي ته ڏيکاريو جنهن کي ڪنهن انسان جوڙيو هجي اهو چئلينج نه رڳو قريش کي هو پر سڄي دنياجي منڪرن کي سڀ کان اول انهيءَ آيت ۾ ڏنو ويو آهي ان کان پوءِ ٽي ڀيرا مڪي شريف ۽ وري آخري ڀيرو مديني منوره ۾ ورجايو ويو (ڏسو سورة يونس آيت نمبر 38، هود (13) بني اسرائيل(88) البقره .23) پر ڪو به شخص ان جو جواب ڏيڻ جي نه ان وقت همت ساري سگهيو ۽ نه ان کان پوءِ اڄ تائين ڪنهن کي اها جرائت ٿي جو قرآن جي مقابلي ۾ ڪنهن انساني تصنيف کي آڻي ڏيکاري.

انهيءَ کان علاوه الله تعاليٰ هنن جي انهيءَ رويي تي تنقيد ڪندي لاڳيتا ڪي سوال ڪيا آهن جن مان هر هڪ سوال يا انهن جي ڪنهن اعتراض جو جواب آهي يا انهن جي جهالت ۽ ناداني ءَ تي تبصرو آهي پوءِ فرمايائين ته انهن ماڻهن کي تنهنجي نبوت جو قائل ڪرڻ لاءِ ڪو معجزو ڏيکارڻ بلڪل اجايو آهي.

هن رڪوع جي شروعات ۾ به رسول الله ﷺ کي اها هدايت ڪئي ويئي ته انهن مخالفن ۽ دشمنن جي الزامن ۽ اعتراضن جي پرواه نه ڪندي پنهنجي دعوت ۽ نصيحت جو ڪم لاڳيتو جاري رکو ۽ آخر ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي تاڪيد ڪيو ويو ته صبر سان انهن رڪاوٽن جو مقابلو ڪندا رهو. ايستائين جو الله تعاليٰ جو فيصلو اچي وڃي ان سان گڏو گڏ پاڻ سڳورن ﷺ کي اها به خاطري ۽ اطمينان ڏياريو ويو ته تنهنجي رب توکي حق جي دشمنن جي مقابلي ۾ بيهاري ڇڏي نه ڏنو آهي پر سدائين تنهنجي نگهباني ڪري رهيو آهي جيستائين سندس فيصلي جي گهڙي اچي تيستائين اهو سڀ ڪجهه سهندو رهه ۽ پنهنجي رب جو حمد (واکاڻ) ۽ تسبيح (پاڪائي) بيان ڪرڻ سان اها قوت حاصل ڪندو رهه جيڪا اهڙين حالتن ۾ الله تعاليٰ جو ڪم ڪرڻ وارن لاءِ گهربل آهن.

آيت نمبر 49 جو تفسير تفهيم القرآن حاشئه نمبر 41 ۽ نمبر 42 هن طرح آهي.

حاشئه نمبر 41 ان مان مراد سانجهي، سومهڻي ۽ تهجد جون نمازون به آهن قرآن مجيد جي تلاوت به ۽ جو ذڪر به آهي.

حاشئه نمبر 42 تارن لڙڻ مان مراد رات جي پوئين پهر ۾ انهن جو لهڻ ۽ صبح جي روشني نروار ٿيڻ تي انهن جي سهائي جو هلڪو ٿيڻ آهي اهو صبح جي نماز جو وقت آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(53) **سورت النجم** (مکيه رکوع 3 ٽي آيتون ۽ ٻاھٺ 62)

النجم هن سورت جي آيت نمبر 1 تان ورتل آهي هن سورت جو پهريون ڪلمو آهي.

عربي لغات القرآن ۾ النجم جي معنيٰ آهي ستارو، ثريا ستارو.

## تفسير تنوير الايمان جلد 9 صفحه 400 تان ورتل آهي:.

1. تفسير حافظ ابن ڪثير لکيو آهي ته ابن عباس ۽ سفيان ثوري ۽ ابن نجيح ۽ مجاهد چيو آهي ته نجم مان مراد ڪتيون آهن.

2. تفسير فتح البيان لکيو آهي ته نجم مان مراد زهره تارو Venus آهي جو آسمان ۾ سيني ستارن ۾ وڏو ۽ سهڻو آهي حضرت ﷺ جن جي وقت ۾ مشرڪ مڪي جا انهيءَ زهره ستاري جي عبادت ڪندا هئا.

3. حافظ بن ڪثير لکيو آهي ته اعمش کان روايت آهي ته مجاهد ﷺ فرمايو آهي ته والنجم مان مراد آهي قرآن اذا هوا مان مراد آهي جنهن وقت نازل ٿيو حضور جن تي.

4. تفسير ڪبير واري لکيو آهي ته والنجم مان مراد قطب تارو چو ته ڪتيون رهنمائي لاءِ هڪ جاءِ تي قائم آهن.

5. ضحاڪ جي قول موجب نجم مان مراد اهو تارو آهي جو شيطان کي آسمان تي چڙهڻ مهل امڙ تي لڳن ٿا. انهيءَ قول موجب تفسير ڪبير واري لکيو آهي ته نجم مان مراد وجود مسعود آنحضرت ﷺ جو ٿي سگهي ٿو چو ته جهڙي طرح آسمان جي چڙهڻ کان شيطان کي تارا روڪين يا تهڙي طرح زمين تي فساد ڪرڻ کان شيطان کي وجود رسول ﷺ جو روڪي.

6. تفسير روح البيان لکيو آهي ته والنجم مان مراد آهي ڪتيون چو ته ڪتيون هڪ ڇڳو تارن جو آسمان ۾ عجب سورة تي آهي ۽ انهيءَ ڇڳي ۾ ست (7) تارا ڏسڻ ۾ ايندا آهن مگر حضرت رسول الله ﷺ ڪتين ۾ (12) ٻارنهن ستارا ڏسندا هئا جي تمام ٻاريڪ ۽ سنها آهن حضرت جن جي اکين مبارڪن ۾ الله تعاليٰ نظر جي قوت عطا ڪئي هئي جنهن جي وسيلي (12) ٻارهن تارا ڏسندا هوا ٻيو سيڪو ماڻهو (7) ست تارا ڏسندو آهي.

تفسير تنوير الايمان جي مٿي لکيل بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته لفظ النجم تي گهڻا قول آهن.

تفهيم القرآن واري ٻه جلد 3 صفحه 409 تي هن طرح لکيو آهي ته مفسرين جا لفظ النجم تي گهڻا قول آهن جيڪي ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا.

1. ڪن مفسرن وٽ نجم مان مراد ڪتيون آهن.

2. ڪن مفسرن وٽ نجم مان مراد زهر Venus آهي.

3. ڪن وٽ هتي النجم چئي ستارن جي جنس مراد ورتي ويئي آهي يعني مطلب هي آهي ته جڏهن صبح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو ۽ سيئي تارا لهي ويا.

تفسير ڪنزالايمان ق صہ 631 حاشئہ 2 تان ورتل آهي.

هن تفسير واري نجم جي مٿين وصفن کان علاوه چيو آهي تہ:

1. ڪن مفسرن نجم جنس نجوم مراد ورتي آهي.

2. ڪن مفسرن وڻ مراد ورتا آهن جيڪي ساق (ٿڙ) نہ ٿا رکن زمين تي پکڙجن ٿا.

3. ڪن مفسرن نجم مان مراد قرآن پاڪ ورتو آهي.

4. سيني کان لذيذ تفسير اهو آهي جيڪو حضرت قدس سره اختيار فرمايو آهي تہ نجم مان مراد محبوب جي ذات گرامي هادي برحق سيد الانبياءُ محبوب محمد مصطفيٰ ﷺ آهي (حوالہ خازن)

## "سورت جو مضمون"

(حوالہ تفهيم القرآن تان ورتل آهي)

هن سورت جو موضوع مڪي جي ڪافرن کي ان روش جي غلطي تي خبردار ڪرڻ آهي جيڪا قرآن ۽ محمد ڪريم ﷺ جي مقابلي ۾ هلي رهيا هئا ڪلام جي شروعات ان نموني ڪئي ويئي آهي تہ حضرت محمد ڪريم ﷺ پنڪيل ۽ ٺڙيل شخص ناهي جيئن توهان سندس لاءِ مشهور ڪندا رهو ٿا ۽ اسلام جي اها دعوت هن پاڻ پنهنجي دل مان گهڙي ورتي آهي جيئن توهان سمجهي رهيا آهيو بلڪ جيڪي ڪجهہ هو پاڻ پيش ڪري رهيو آهي سو خالص وحي آهي جيڪو مٿس نازل ڪيو ويو آهي تہ جيڪي حقيقتون اهو توهان جي سامهون بيان ڪري ٿو اهي سندس پنهنجي قياس ۽ گمان جون جوڙيل ناهن پر سندن اکين ڏٺيون حقيقتون آهن جيڪي الله تعاليٰ حضور ڪريمن ﷺ جن کي معراج واري رات ڏيکاريون. الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي تہ "اسان ان کي پنهنجون وڏيون نشانيون ڏيکاريون" معراج جو واقعو قرآن مجيد جي ٻن سورتن ۾ بيان ٿيل آهي هڪ سورت بني اسرائيل جي آيت نمبر 1 ۾ ۽ ٻيو سورت النجم جي پهرين رڪوع جي شروعات وارين 18 آيتن ۾ حضور ڪريمين ﷺ جن جو شان ۽ سندس معراج جو ذڪر بيان ٿيل آهي معراج جو واقعو برحق آهي.

ان کان علاوه هن سورت جي آيت نمبر 26 ۾ بيان ٿيل آهي تہ آسمان ۾ ڪيترائي ملائڪ موجود آهن جن جي شفاعت ڪنهن بہ ڪم نٿي اچي سگهي جيستائين جو الله تعاليٰ ڪنهن اهڙي شخص جي حق ۾ ان جي اجازت نہ ڏي جنهن جي لاءِ اهو عرض پڌڻ گهري ۽ ان کي پسند ڪري.

هن سورت جي آيت نمبر 36، آيت نمبر 37 ۽ آيت نمبر 38 ۾ چيل آهي تہ ڇا ان کي انهن ڳالهين جي خبر نہ پهتي آهي جيڪي حضرت موسيٰ عليہ السلام جي صحيفن ۽ ان حضرت ابراهيم عليہ السلام جي صحيفن ۾ بيان ٿيون آهن جنهن وفا جو حق ادا ڪيو اهو تہ ڪو بہ بار کڻندڙ ٻئي جو بار نہ کڻندو.

تفهيم القرآن خلاصو ٿيون حاشئہ 36 تان ورتل آهي هتي انهيءَ تعليم جو ذڪر ڪيو ويو آهي تہ جيڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي صحيفن (لکتين) ۾ نازل ٿي هئي.

حضرت موسيٰ عليہ السلام جي صحيفن مان مراد تورات آهي باقي حضرت ابراهيم عليہ السلام جي صحيفن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ هنڌن صحف ابراهيم جي تعليم جي ڪن جزن ڪي نقل ڪيو ويو هي هڪ هن سورت ۾ ٻيو سورة الاعليٰ جون آخري آيتون آهن.

آيت نمبر 38 تفسير ۾ آهي تہ هن آيت مان ٽي وڏا اصول نڪرن ٿا.

1. هڪ هي تہ هر شخص پنهنجي فعل جو پاڻ ذميوار آهي.

2. ٻيو هي تہ ڪنهن هڪ شخص جي فعل جي ذميواري ٻئي تي نٽي وجهي سگهجي مگر هي تہ ان فعل جي ڪرڻ ۾ سندس پنهنجو حصو هجي.

3. ٽيون هي تہ ڪو شخص جيڪڏهن پاڻ گهري تہ بہ ڪنهن ٻئي شخص جي فعل جي ذميواري پنهنجي مٿان نٽو کڻي سگهي ۽ نہ ئي اصلي ڏوهاريءَ کي ان ڪري ڇڏي سگهجي ٿو تہ سندس جاءِ تي سزا ڀوڳڻ لاءِ ڪو ٻيو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي پيش ڪري رهيو آهي.

**آيت نمبر 39 جو تفسير تفهيم القرآن حاشئہ نمبر 38 جي (1) ۽ (2) ۾ ايصال ثواب (ثواب بخشڻ) جي بابت تفصيل سان لکيل آهي ان تان پڙهي سگهجي ٿو.**

هن سورت ۾ آهي تہ آخر پهچڻو تہ رب وٽ آهي اهو ماري ٿو، جياري ٿو، نر ۽ مادي جو جوڙ پيدا ڪيو اهو آسودو ڪري ٿو ۽ جائداد بخشي ٿو اهوئي شعريٰ تاري جو رب آهي ۽ ان ئي عاد واري اوائلي قوم ڪي ناس ڪيو ثمود ڪي ناس ڪيو، ان کان اڳ ۾ حضرت نوح عليہ السلام جي قوم ڪي تباهہ ڪيائين، حضرت لوط عليہ السلام جون وسنديون تباهہ ڪيائين (اونڌي ڪرڻ وارن ڳوٺن ڪي ڪٽي هيٺ اڇلايائين پوءِ ڍڪيائين انهن تي اهو ڪجهہ جيڪو (توهان ڄاڻو ٿا تہ) ڇا ڍڪيائين)

## آيت نمبر 56 ۾ مفسرن جا ٽي قول آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

1. هي تہ نذير مان مراد حضرت محمد ﷺ جن آهن.

2. هي تہ ان مان مراد قرآن مجيد آهي.

3. هي تہ ان مان مراد پهريون هلاڪ ٿيل قومن جي پڄاڻي آهي جنهن جو حال مٿين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

هن سورت جي مضمون ۾ آهي تہ فيصلي جي گهڙي ويجهي اچي پهتي آهي جنهن کي ڪوبہ ٽاري نہ ٿو سگهي ان گهڙي جي اچڻ کان اڳ ۾ محمد ڪريم ﷺ ۽ قرآن مجيد جي ذريعي سان توهان کي ساڳئي طرح خبردار ڪيو وڃي ٿو جهڙي نموني اڳين ماڻهن کي خبردار ڪيو ويو هو هاڻي ڇا اهائي ڳالهہ آهي جيڪا توهان کي عجيب لڳي ٿي. جنهن تي توهان ٺٺوليون ڪريو ٿا. (حوالہ تفهيم القرآن جلد 3 صفہ 408)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

## (54) **سورت القمر** (رڪوع ٽي 3 آيتون 55)

**القمر: هي لفظ سورت القمر جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي عربي لغت ۾ القمر جي معنيٰ چنڊ آهي.**

**تفهيم القرآن جلد 3 صه 429 تان نقل ڪيو آهي.**

هن سورت جي شَقَّ القَمَرُ (چنڊ ٻه اڌ ٿيڻ) جي واقعي جو بيان آهن محدثن ۽ مفسرن جو ان ڳالهه تي اتفاق آهي ته اهو واقعو هجرت کان اٽڪل (5) پنج ورهه اڳ مڪي شريف ۾ منيٰ جي هنڌ تي پيش آيو هو.

حقيقت هي آهي ته چنڊ ڦاٽڻ جو واقعو قرآن جي واضح لفظن مان ثابت آهي ۽ هي واقعو حديث جي روايتن تي ان جو دارو مدار ناهي باقي روايتن مان ان جا تفصيل معلوم ٿين ٿا ۽ خبر پوي ٿي ته اهو ڪڏهن ۽ ڪيئن پيش آيو هو اهي روايتون بخاري، مسلم، ترمزي احمد، ابوعوانه ابوداؤد، طيالسي، عبدالرزاق، ابن رير، بيهقي، طبراني، ابن مردويه ۽ ابو نعيم اصفهاني ڪيترن ئي سَنَدَن سان حضرت علي ﷺ حضرت عبدا بن مسعود ﷺ حضرت عبدا الله بن عباس ﷺ حضرت عبدا الله بن عمر ﷺ حضرت حذيفه ﷺ حضرت انس بن مالڪ ﷺ ۽ حضرت جبير بن مطعم ﷺ کان نقل ڪيون آهن انهن مان ٽي بزرگ يعني حضرت عبدا الله بن مسعود حضرت حذيفه ﷺ ۽ حضرت جبير بن مطعم ﷺ وضاحت ڪن ٿا ته اهي ان واقعي جا اکين ڏٺا شاهد آهن.

* سيني روايتن کي گڏ ڪرڻ سان ان جا جيڪي تفصيل معلوم ٿين ٿا. اُهي هي آهن ته اهو واقعو هجرت کان اٽڪل (5) پنج ورهيه اڳ ٿيو هيو چنڊ جي چوڏهين جي رات هئي. چنڊ تازو ايريو هو اوچتو اهو ڦاٽو ۽ ان جو هڪ ٽڪر سامهون واريءَ ٽڪريءَ جي هڪ پاسي ۽ ٻيو اڌ ٻئي پاسي نظر آيو اها حالت بس هڪ جهٽ رهي ۽ پوءِ ٻئي ٽڪر پاڻ ۾ ملي ويا نبي ڪريم ﷺ جن ان وقت منيٰ ۾ هئا پاڻ ڪريم ﷺ ماڻهون کي چيو ڏسو ۽ شاهد رهجو ڪافرن چيو حضرت محمد ﷺ اسان تي جادو ڪيو هو ان ڪري اسان جي اکين کي ڌوڪو ٿيو ٻين ماڻهن چيو حضرت محمد ﷺ اسان تي ته جادو ڪري سگهيو پر سيني ماڻهن تي نٿي ڪري سگهيو ٻاهران ايندڙ ماڻهن کي اچڻ ڏيو انهن کان پڇنداسين ته اهو واقعو انهن ب ڏٺو يا نه ٻاهران جڏهن ڪي ماڻهو آيا ته انهن شاهدي ڏني ته انهن به اهو منظر ڏٺو هو.

* "چنڊ ڦاٽڻ وارو واقعو مالا بار جي تاريخن ۾ بيان ٿيل آهي ته ان رات اتان جي راجا اهو منظر ڏٺو هو"

تفسير تنوير الايمان جلد (9) صه 450 تان ورتل آهي تفسير تنوير الايمان واري معجزو شق القمر هن طرح لکيو آهي. هن سورت ۾ الله تعاليٰ حضور ﷺ جو معجزو چنڊ ڦاٽڻ وارو بيان فرمايو آهي سيني تفسيرن جو اتفاق آهي ته "وانشق القمر" مان مراد آهي حضور ﷺ جن جي اشاري سان چنڊ جو ڦاٽڻ.

قرآن شريف جي آيت وانشق القمر به معجزي تي دلالت ڪري ٿي چو ته اَنشق جو لفظ ماضي آهي جنهن کي گذريل زمانو چئبو آهي تنهن مان صاف ظاهر آهي ته چنڊ حضور جن جي وقت ۾ ڦاٽو هو اهو وڏو دليل آهي ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضور ﷺ جن جي معجزي تي شڪ شبهو نہ آهي.

* تفسير روح البيان ۾ امام زاهد کان نقل ٿيل آهي تہ هڪڙي رات 14 تاريخ ابوجهل ۽ ٻيا يهودي وغيره گڏجي رسول ﷺ جن وٽ آيا ابوجهل حضور ﷺ جن کي چيو تہ يا رسول الله ﷺ اڄ اسان کي ڪو معجزو ڏيکاريو تہ اسان مسلمان ٿيون ۽ جي معجزو نہ ڏيکاريندي تہ توکي هن تلوار سان قتل ڪنداسون تہ هن تي حضور ﷺ جن فرمايو تہ ڪهڙو معجزو ٿا گهرو تنهن تي ابـــــوجهل هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو تہ اهڙو ڪو معجزو طلب ڪري جنهن جو ٿيڻ ناممڪن هجي تنهن تي ٻين مشرڪن ڪيس چيو تہ محمد جادوگر آهي تون چويس تہ چنڊ ڦاڙي ڏيکاري ڇو تہ جادو زمين تي هلندو آهي پر آسمان تي جادوگر جو اثر نہ هلندو آهي تنهن تي ابـوجهل چيو اي محمد اڄ اسان کي چنڊ چيري ڏيکار. حضور ﷺ اها ڳالهہ ٻڌي شاهد آڱر سان چنڊ کي اشارو ڪيو تہ الله تعاليٰ جي قدرت سان چنڊ پورا ٻہ اڌ تي پيو هڪ اڌ تي پيو هڪ اڌ ساڄئي هنڌ رهيو پيو ٻئي هنڌ ويو ڪن حديثن ۾ آهي تہ ٻيو اڌ جبل تي لهي آيو تنهن تي ابوجهل ۽ ٻيا يهودي وغيره عجب ۾ پئجي ويا. ابـوجهل وري حضور ﷺ جن کي چيو تہ پيلا هاڻي چنڊ کي چئو تہ گڏجي ساڳئي وانگر ٿي وڃي. حضور جن وري ٻہ آڱر جو اشارو ڪيو تہ چنڊ جا ٻئي اڌ پاڻ ۾ ملي هڪ تي ساڳئي شڪل ۾ چوڏهين جو چنڊ ٿي ويو انهيءَ معجزي ڏسڻ سان گهڻا ماڻهو مسلمان ٿيا پر ابوجهل اتي ٻہ چيو تہ محمد جادو ڪري اسان جي اکين کي خراب ڪيو تنهن تي هڪڙي ڪافر چيو تہ جي محمد جادو ڪيو هوندو تہ هي واقـــعو رڳو مڪي ۾ ٿي هوندو مڪي کان ٻاهر ٻين ڳوٺن ۾ چنڊ ڪونہ ڦاٽو هوندو هاڻي ايندڙ ويندڙ مسافرن کان پڇا ڪريو تہ خبر پئجي ويندي پوءِ ڪافرن سيني ملڪن جي مسافرن کان پڇا ڪئي انهن بہ ائين چيو تہ برابر چوڏهين تاريخ فلاڻي وقت چنڊ ٻہ اڌ تي پوءِ وري گڏجي ويو والله علم.

* هن سورت ۾ شقَ القَمر (چنڊ ٻہ اڌ ٿيڻ) جي واقعي جو بيان ٿيل آهي ان واقعي کي مٿي تفصيل سان بـيان ڪيو آهي هن سـورت مڪي جي ڪافرن کي ان هٺ ۽ هوڏ تي خبردار ڪيو آهي جيڪو انهن رسـول الله ﷺ جي دعوت جي مقابلي ۾ اختيار ڪيو هو. قرآن قيامت جو نقشو تفصيل سان بيان ڪيو آهي نہ رڳو ايترو ٿي پر اهو ان ڳالهہ جي خبر بـــ ڏيئي رهيو هو تہ جڳ جي نظام جي هيٺ مٿي ٿيڻ جي شـــروعات ٿي ويئي آهي ۽ اهو وقت ويجهو آهي جڏهن قيامت بـرپا ٿيندي پر ڪافرن ان کي جادوءَ جو ڪرشمو ڪوٺيو ۽ انڪار تي ڄميا رهيا انهيءَ هٺ تي هن سورة ۾ مٽن ملامت ڪئي ويئي آهي. (1)

* هن سورت ۾ فرمايو ويو آهي تہ ماڻهو نہ سمجهائڻ سان سمجهن ٿا نہ وري تاريخ مان عبرت وٺن ٿا ۽ نہ ئي اکين سان پڌريون نشانيون ڏسي ايمان آڻن ٿا هاڻي اهي ان وقت مڃيندا، جڏهن قيامت سچ پچ قائم ٿيندي. (2)

* ان کان پوءِ سندن اڳيان حضرت نوح عليہ السلام، عاد، ثمود ۽ حضرت لوط عليہ السلام جي قوم ۽ اهل فرعون جو حال مختصر لفظن ۾ بـيان ڪري ٻڌايو ويو آهي تہ الله تعاليٰ جي موڪليل رسـولن جي چتاءُ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙو چئي اهي قومون ڪهڙي عذاب ۾ گرفتار ٿيون ۽ هڪ هڪ قوم جو قصو بيان ڪرڻ کان پوءِ وري وري اها ڳالهه ورجائي ويئي تہ هي قرآن نصيحت جو سولو ذريعو آهي هن سورت ۾ اهو جملو ڇهہ دفع فرمايل آهي تہ ”اسان هن قرآن کي نصيحت لاءِ سولو ذريعو بنايو آهي پوءِ ڇا آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟ جنهن مان جيڪڏهن ڪا قوم سبق وٺي سنئين واٽ وٺي تہ انهن عذابن جي نوبت نہ ايندي جيڪي انهن قومن تي ڪڙڪيا. (3)

ان کان پوءِ مڪي جي ڪافرن کي خطاب ڪري فرمايو ويو آهي تہ جن عملن تي ٻين قومن کي سزا ملي آهي. اهي ئي عمل جيڪڏهن توهان اختيار ڪندؤ تہ پوءِ توهان سزا کان ڪيئن بچي سگهندو ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجي ڀڙي ۽ ايڪي تي ڦونڊجي رهيا آهيو تہ سگهوئي توهان جا اهي ڀانهن ڀيلي هار کائي ڀڄندا نظر ايندا ۽ ان کان وڌيڪ سخت معاملو توهان سان قيامت جي ڏينهن ٿيندو. (4)

آخر ۾ ڪافرن کي ٻڌايو ويو تہ الله تعاليٰ کي قيامت برپا ڪرڻ لاءِ ڪنهن وڏي تياريءَ جي ضرورت ناهي ان جو بس هڪ حڪم ٿيندي ئي اک ڇنڀ ۾ اها اچي ڪڙڪندي پر سڀ ڪنهن شيءِ وانگر دنيا جي نظام ۽ انسان ذات جي بہ هڪ تقدير آهي ان تقدير جي لحاظ سان جيڪو وقت ان ڪم لاءِ مقرر آهي انهيءَ وقت تي اهو ٿيندو اهو نٿو ٿي سگهي تہ جيڪڏهن ڪو چيلينج ڪري تہ ڪيس قائل ڪرڻ لاءِ قيامت آڻي ڏيکار جي. (5)

(حوالہ تفهيم القرآن جلد 3 صفہ 427،428 نمبر 1 کان 5)






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(55) **سورت الرحمٰن** (مدينه رڪوع ٽي 3 آيتون 78)

الرحمٰن: هي لفظ هن سورت جو پهريون ڪلمون.

هن سورت جو پهريون لفظ ۽ هن سورت جي آيت نمبر 1 تان ورتل آهي جنهنجي معنيٰ وڏو مهربان. عام بخشش ڪرڻ وارو. رحمٰن الله تعاليٰ جو خاص صفاتي نالو آهي. (رحمت فرمائيندڙ)

احسن البيان في تفسير القرآن ج 8 ص445 ۽ 446 تان نقل ٿيل آهي رحمٰـــــن جي معنيٰ آهي گهڻو مهربان ۽ نهايت رحمت فرمائيندڙ جنهن جي جودو ڪرم جو دسترخوان ايترو ڪشادو آهي جنهن مان مومن ۽ ڪافر، فرمانبردار بي فرمان پنهنجا ۽ پراوا ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ مستفيد ٿيندا رهندا آهن ۽ ان جي رحمت ايڏي وسيع آهي جو فقط هيءَ فاني دنيا نه پر ازل کان ابد تائين سڀ ان جي رحمت ۽ ڪرم ۾ پناهه وٺي رهيا آهن.

هن سورت ۾ هي فقرو ﴿فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ﴾ (31) ايڪٽيهه دفع ورجايو آهي ته (اي جن ۽ انسان! توهان رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ)

هي مضمون تفهيم القرآن جلد 3 صفه 440،441 تان ورتل آهي هي قرآن مجيد جي اها سورة آهي جنهن ۾ انسان سان گڏ زمين جي ٻي با اختيار مخلوق جنن کي به سڌو سنئو خطاب ڪيو آهي جيتوڻيڪ قرآن پاڪ ۾ ڪيترن هنڌن تي اهڙيون پڌرايون موجود آهن جن مان معلوم ٿئي ٿو ته انسان وانگر جن به هڪ با اختيار ۽ جوابدهه مخلوق آهي ۽ انهن به انسانن وانگر ڪافر ۽ مؤمن، فرمانبردار ۽ سرڪش موجود آهن ۽ انهن ۾ به اهڙا ٽولا موجود آهن جن نبين سڳورن ۽ آسماني ڪتابن تي ايمان آندو آهي پر هي سورة ان ڳالهه جي پڪي پڌرائي ڪري ٿي ته رسول الله ﷺ ۽ قرآن مجيد جي دعوت جنن ۽ انسانن ٻنهي لاءِ آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جي رسالت رڳو انسانن تائين محدود ناهي.

سورة جي شروعات ۾ ته خطاب جو رخ انسانن ڏانهن ٿي آهي ڇاڪاڻ جو زمين جي خلافت رڳو انهن کي حاصل آهي الله تعاليٰ جا رسول رڳو انهن مان آيا الله تعاليٰ جا ڪتاب انهن جي ٻولين ۾ نازل ڪيا ويا آهن پر اڳتي هلي آيت نمبر 13 کان انسانن ۽ جنن ٻنهي کي مخاطب ڪيو آهي ۽ هڪ ئي دعوت ٻنهي جي سامهون پيش ڪئي ويئي آهي.

سورة جا مضمون ننڍن ننڍن فقرن ۾ هڪ خاص ترتيب سان ارشاد ٿيل آهن.

آيت نمبر 1 کان آيت نمبر 4 تائين هي فرمايل آهي ته هن قرآن جي تعليم ا تعاليٰ جي طرفان آهي ۽ اها بلڪل ان جي رحمت جي گهر ۽ تقاضا آهي ته اهو هن تعليم سان انسان ذات جي هدايت جو بندوبست ڪري.

آيت نمبر 5 کان آيت نمبر 6 ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪائنات جو سمورو نظام ا تعاليٰ جي فرمانرواريءَ ۾ هلي ٿو ۽ زمين ۽ آسمان جي هر شيءِ ان جي فرمان جي تابع آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت نمبر 7 کان آيت نمبر 9 ۾ هڪ ٻي اهم حقيقت هي بيان ڪئي ويئي آهي تہ الله تعاليٰ ڪائنات جي هن سموري نظام کي پوري پوري توازن (برابري) مان عدل تي قائم ڪيو آهي ۽ ان نظام جي فطرت هيءَ گهر ڪري ٿي تہ ان ۾ رهڻ وارا بہ پنهنجي اختياري حدن اندر عدل تي ئي قائم رهن ۽ توازن نہ ٽوڙين.

آيت نمبر 10 کان آيت نمبر 25 تائين الله تعاليٰ جي قدرت جا عجائبات ۽ ڪمالات بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ سندس انهن نعمتن ڏانهن اشارا ڪيا ويا آهن جن مان انسان ۽ جنَ فائدو وٺي رهيا آهن.

آيت نمبر 26 کان آيت نمبر 30 تائين انسان ۽ جن ٻنهي کي اها حقيقت ياد ڏياري ويئي آهي تہ هن ڪائنات ۾ هڪ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ غير فاني ۽ لازوال ناهي ۽ ننڍو وڏو ڪوبہ موجودات مان اهڙو ناهي جيڪو پنهنجي وجود ۽ وجود جي ضرورتن لاءِ الله تعاليٰ جو محتاج نہ هجي.

آيت نمبر 31 کان آيت نمبر 36 تائين انهن ٻنهي ٽولن کي خبردار ڪيو ويو آهي تہ سگهوئي اهو وقت اچڻ وارو آهي جڏهن توهان کان پڇاڻو ٿيندو انهيءَ پڇاڻي کان توهين ڀڄي ڪيڏانهن وڃي نٿا سگهو.

آيت نمبر 37 کان آيت نمبر 38 ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو پڇاڻو قيامت جي ڏينهن ٿيڻ وارو آهي.

آيت نمبر 39 کان آيت نمبر 45 تائين ڏوهاري انسانن ۽ جنن جو انجام ٻڌايو ويو آهي.

۽ آيت نمبر 46 کان سورت جي پڇاڙيءَ تائين تفصيل سان اهي انعام بيان ڪيا ويا آهن جيڪي آخرت ۾ نيڪ انسانن ۽ جنن کي عطا ڪيا ويندا.

تفسير تنوير الايمان واري پنهنجي تفسير ۾ هن سورت ۾ هي موضوع لکيا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

1. الله تعاليٰ حضرت آدم عليہ السلام کي سڪل مٽي مان پيدا ڪيو.
2. هر چيز الله تعاليٰ جي اڳيان عاجز ۽ محتاج آهي.
3. قيامت جي ڏينهن ڪافرن جا منهن ڪارا هوندا.
4. نيڪوڪار بهشت ۾ بادشاهن وانگر تخت تي آرام سان ٽيڪ ڏيئي ويهندا.
5. بهشت ۾ ٻہ باغ آهن هڪ سون جو ٻيو چانديءَ جو ٺهيل آهي.


ٻن مليلن سمندن جو منظر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا اللہ الرحمن الرحيم

(56) **سورت الوَاقعه** (مکيه رکوع ٽي 3 ۽ آيتون ڇهانوي 96)

هي لفظ الواقعه هن سورت جي آيت نمبر 1 ورتل آهي. الواقعه جي معنيٰ آهي لازمي يا ضروري ٿيڻ واري مراد قيامت آهي تنهنڪري هن سورة جو نالو الواقعه رکيو ويو آهي.

## مضمون

مضمون تفسير احسن البيان في تفسير القرآن جلد 8 صفحه 467،466 تان ورتل آهي.

جنهن وقت جي سورت نازل ٿي ان وقت صرف (3) ٽي ڳالهيون زيري بحث هيون.

1. توحيد 2. قرآن مجيد 3. قيامت قائم ٿيڻ.

قيامت قائم ٿيڻ ان جي باري ۾ انهن جو انڪار نهايت سخت هو اهي ان کي محال ۽ عقل جي خلاف سمجهندا هئا ان جي ڪري اهي سورتون، جيڪي ان زماني ۾ نازل ٿيون هيون انهن ۾ قيامت جي باري ۾ غلط فهيمن کي دور ڪرڻ ڏانهن خصوصي توجه ڏياريو ويو آهي.

هن سورت جي شروعات ٿي قيامت ٿيڻ جي ذڪر سان ڪئي ويئي آهي ۽ هيءُ بيان ڪيو ويو آهي تہ ان ڏينهن انسان ٽن ٽولن ۾ ورهايا ويندا.

1. سڄي پاسي وارو ٽولو
2. کبي پاسي وارو ٽولو
3. سبقت ڪرڻ وارو ٽولو.

1. سڄي پاسي واري جماعت جن کي عمل نامون سڄي هٿ ۾ ملندو اهي مؤمن هوندا انهن جو حال تمام سهڻو هوندو جيئن تہ انهن جي عزت ۽ شرف ڏسي هو ڪنهن کي عجب ۽ عبرت لڳندي اهي اوچي مرتبي وارا انسان هوندا.

2. کبي پاسي واري جماعت جن کي اعمال نامہ کبي هٿ ۾ ملندا اُهي بد بخت ۽ نياڳا ماڻهو هوندا اهي ماڻهو اللہ تعاليٰ وٽ ذلت لهندا انهن جو حال نهايت دردناڪ هوندو کبي پاسي واري جماعت جي اهڙي پريشان حالت تي سيني کي عبرت وٺندي.

3. ٽيون سبقت ڪرڻ واري جماعت اللہ تعاليٰ کي ويجهي هوندي ۽ اڳرائي ڪندڙ هوندا اها جماعت نبين، صديقن، صالحن، شهيدن جي جن پيو ڪوبہ ڪلهو هٽي نہ سگهندو اصحاب اليمين کان بہ اها ٽين جماعت عزت ۽ فضيلت واري هوندي جي بهشت ۾ خدا جي روبرو هوندا ان کان بي وڌيڪ ڪهڙي عزت ۽ فضيلت آهي.

پهرين رڪوع ۾ وڌي تفصيل سان السابقون ۽ اصحاب اليمين جا حالات ذڪر ڪيا ويا آهن ٻئي رڪوع ۾ اصحب الشمال جي (کابي پاسي وارا) جي اهڙي پريشان حالت جي ڪيفيت بيان ڪئي وئي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي پڙهي دل تي ڏڪڻي طاري ٿي وڃي ٿي آيت نمبر 58 کان پوءِ رکوع جي اختتام تائين الله عزوجل جي وجود ۽ ان جي وحدانيت جا دلائل اهڙي رنگ ۾ پيش ڪيا ويا آهن جن کي تسليم ڪرڻ کان اهي به پڇي نه سگهيا آخري رکوع ۾ قرآن ڪريم جي حقانيت ۽ ڪلام الاهي هجڻ تي دلائل پيش ڪيا ويا آهن "مَوَاقِعِ النجُومِ" جو قسم کڻي پڙندڙن کي متوجه ڪيو ويو آهي ته جنهن بي نظير نظام بيمثال باقاعدگي ۽ هم رنگيءَ جو مشاهدو اوهان تارن جي دنيا ۾ ڪري رهيا آهيو اهڙي طرح جو بي عديل نظم ۽ نسق ۽ هر آيت جي ٻي آيت سان وابستگي اوهان کي قرآن ڪريم ۾ نظر ايندي پر ان جي معنائن ۽ معارف تائين رسائي هر شخص جو نصيحت ناهي اهي ماڻهو جن جي دل نگاهه ۽ نيت پاڪ هوندي آهي حقيقت صرف انهن جي اڳيان کلي سامهون ايندي آهي بجاءِ ان جي جو اوهان هن مٿي چشمي مان ڍؤ ڪري پيو ها، پنهنجي اُڃ لاهيو ها، اوهان کي ڪوڙو چيو ۽ نه مڃيو ڇا اوهان جي مقدر ۾ صرف ڪوڙو چوڻ ئي آهي؟

آيت نمبر 83 کان آيت نمبر 86 تائين انهن کي موت ياد ڏياري تنبيهه ڪئي ويئي آهي ته آخر اوهان ڪيستائين غافل رهندؤ؟ ڇا تيستائين بي خيال رهندؤ جيستائين اجل جو ملائڪ اوهان جي ساهه واري رڳ تي هٿ اچي رکي؟ سورت جي پڇاڙي کان پهريان وارن ٽنهي ٽولن جي حالات کي مختصر طور بيان ڪيو آهي.

هن سورت ۾ قيامت، جنت ۽ دوزخ جي وصف بيان ڪيل آهي هن سورت ۾ مومنن جا ٽي قسم بيان ٿيل آهن. 1. سڄي وارا، 2. کٻي وارا، 3. اڳرائي ڪندڙ (حواله روح المعاني صہ 128 جزءُ 27 جلد 9)

احسن البيان في تفسير القرآن تان نقل ڪيل حديث جيڪو شخص مرد، عورت ۽ نياڻين مان جيڪو هر رات سورة الواقعه پڙهندو ته ان کي ڪڏهن به محتاجي نه رهندي. (الواقعه حواله القرطبي صہ 195 جلد 17).






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا الله الرحمن الرحيمر

## (57) سورت **الحَدِيدَ** (رڪوع 4 چار آيتون اوڻٽيهہ 29)

الحديد لفظ هن ســـــــورت جي آيت نمبر 25 مان ورتل آهي الحديد جي معنيٰ آهي لوهہ تنهنڪري هن سورت جو نالو الحديد رکيو ويو آهي.

## مضمون

هن سورت جو موضوع "الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ جي تلقين ڪرڻ" آهي اها سورة ان مقـصد لاءِ نازل ڪئي ويئي تہ مسلمانن کي خاص طرح مالي قربـانين لاءِ آماده ڪيو وڃي ۽ اها ڳالهہ کين ذهن نشين ڪرائي وڃي تہ ايمان جو اصل روح ۽ حقيقت الله تعاليٰ ۽ سندس دين لاءِ مخلص ٿيڻ آهي جيڪو شخص ان روح کان خالي هجي ۽ الله تعاليٰ ۽ ســندس دين جي مقابـــلي ۾ پنهنجي جان، مال ۽ مفاد کي پيارو گهري تنهن جي ايمان جو اقرار ٺلهي دعويٰ آهي.

هن سورت ۾ سڀ کان پهريون الله تعاليٰ جون صفتون بيان ڪيل آهن جيئن ٻڌندڙن کي چڱيءَ طرح اهو احساس ٿي وڃي تہ ڪهڙي عظيم هستيءَ طرفان کين خطاب ڪيو وڃي ٿو ان کان پوءِ هيٺيان مضمون سلسليوار ارشاد ٿيا آهن.

1. ايمان جي لازمي تقاضا هي آهي تہ ماڻهو الله جي راهہ ۾ مال خرچ ڪرڻ کان نہ ڪيٻائي.

2. الله تعاليٰ جي واٽ ۾ جان ۽ مال جي قربـاني جيتوڻيڪ هر حال ۾ قـدر جوڳو آهي پر انهن قربـانين جو قـدر ۽ قيمت موقعن جي اهميت جي لحاظ سان ٿيندي آهي جيڪي ماڻهو اسلام جي هيٺي حـالت ۾ ان کي مٿاهون ڪرڻ لاءِ جانين جي بـــــــازي لڳائن ۽ مال خرچ ڪن انهن جي درجي کي اهي ماڻهو نٿا پهچي سگهن جيڪي اسلام جي غلبي جي حالت ۾ ان کي وڌيڪ اڳتي وڌائڻ لاءِ جان ۽ مال قربان ڪن.

3. حق جي واٽ ۾ جيڪو مال بـہ خرچ ڪيو وڃي ٿو. اهو الله تعاليٰ جي ذمي قـرض آهي ۽ الله تعاليٰ ان کي نہ رڳو اهو تہ ڪيئي ڀيرا وڌائي موٽائيندو پر پنهنجي طرفان وڌيڪ اجر بہ عطا ڪندو.

4. آخرت ۾ نور انهن ايمان وارن کي نصيب ٿيندو جن الله تعـاليٰ جي واٽ ۾ پنهنجو مـال خرچ ڪيو هجي باقي رهيا اهي منافق جيڪي دنيا ۾ پنهنجي مفاد کي ٿي ڏسندا رهيا تہ آخرت ۾ کين مؤمنن کان ڌار ڪيو ويندو نور کان اهي محروم هوندا ۽ انهن جو حشر ڪافرن سان گڏ هوندو.

5. مســـلمانن کي انهن اهل ڪتاب وانگر نہ هئڻ کپي جن جون دليون ڊگهين غفلتن ڪري پٿر بـــڻجي ويون آهن اهو مؤمن ڪهڙو جنهن جي دل الله تعاليٰ جي ذڪر ســان نرم نہ ٿئي ۽ ان جي نازل ڪيل حـــق اڳيان نہ جهڪي.

6. الله تعاليٰ وٽ صديق ۽ شـهيد رڳو اهي ايمان وارا آهن جيڪي پنهنجو مال ڪنهن ڏيکاءُ جي جذبـي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان سواءِ سچيءَ دل سان ان جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن.

7. دنيا جي حياتي رڳو ٿوري ڏينهن جي بهار جي مند وانگر ۽ وندر جو سامان آهي هتان جي سونهن سوڀيا هتان جو ڌن دولت جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جون ڪوششون ڪندا آهن سو سڀ ڪجهه ناپائيدار (فاني) آهي پائيدار زندگي اصل ۾ آخرت جي زندگي آهي توهان کي هڪ ٻئي کان اڳتي نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي ته اها ڪوشش جنت ڏانهن ڊوڙڻ ۾ لڳايو.

8. دنيا ۾ جيڪا به راحت ۽ مصيبت ايندي آهي الله تعاليٰ جي اڳواٽ لکيل فيصلي مطابق ايندي آهي مؤمن جو ڪردار اهي هئڻ کپي ته مصيبت اچي ته همت نه هاري ۽ راحت ملي خوشي نه ڪري (ٿورو ڏسي ارهو نه ٿي گهڻو ڏسي سرهو نه ٿي).

9. الله تعاليٰ پنهنجا رسول پڌرين نشانين، ڪتاب ۽ عدل جي تارازيءَ سان موڪليا جيئن ماڻهو انصاف تي قائم رهن ۽ ان سان گڏ لوهه به لاٿو جيئن حق قائم ڪرڻ ۽ باطل کي چٿڻ لاءِ طاقت واپرائجي اهڙي طرح الله تعاليٰ اهو ڏسڻ گهري ٿو ته انسانن مان ڪير اهڙا جوڌا جوان آهن جيڪي سندس دين جي حمايت ۽ مدد ۾ اٿي کڙا ٿين ٿا ۽ ان لاءِ جان جي بازي لڳائن ٿا.

10. الله تعاليٰ جي طرفان اڳ ۾ نبي ايندا رهيا جن جي دعوت ۽ تبليغ سان ڪي ماڻهون سنئين واٽ تي آيا ۽ گهڻا نافرمان ٿي رهيا پوءِ حضرت عيسيٰ عليه السلام آيو جنهن جي تعليم سان ماڻهن ۾ ڪيترين ئي اخلاقي چڱاين پيدا ٿيون پر سندس امت رهبانيت (ترڪ دنيا) جي بدعت اختيار ڪئي هاڻي الله تعاليٰ محمد ڪريم ﷺ کي موڪليو آهي ان جيڪي ماڻهو ايمان آڻيندا الله تعاليٰ انهن کي پنهنجي رحمت جو ٻيڻو حصو عطا ڪندو ۽ ڪين سڌو رستو ڏيکارڻ وارو نور بخشيندو اهل ڪتاب ڪٽي پنهنجو پاڻ الله تعاليٰ جي فضل جا ٺيڪيدار سمجهندا رهن پر الله تعاليٰ جو فضل سندس پنهنجي ئي هٿ ۾ آهي ان کي اختيار آهي ته جنهن کي وٽيس پنهنجي فضل سان نوازي. (حواله خلاصو تفهيم القرآن جلد 3 صفحه 475،476).






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(58) **المُجادله** (رکوع (3) آيات 22)

هي لفظ پهريون آيت تُجَادلک مان ورتل آهي تُجَادِلک معنيٰ هوءَ تو سان جهڳڙو ڪري ٿي.

شان نزول: احسن البيان في تفسير القرآن ج 8 صہ 520 هڪ عورت خولـــــة بنت ثعلبه ﷞ جي سندس سوڻ اوس بن صامت ﷜ سان شادي ٿيل هئي اهو جڏهن پوڙهو ٿيو تہ ان جي طبيعت ۾ ڪاوڙ گهڻي پيدا ٿي ۽ ٿوري گهڻي ڳالهہ تي گهرواريءَ سـان جهڳڙو ڪندو هو هڪ ڏينهن گهرواريءَ سـان جهيڙو ڪندي ان کي چيائين "اَنتَ عَلَيَّ کظهر اُمِّـــــي" (تون مون تي ائين آهين جيئن منهنجي ماءُ جي پٺي) جاهليت جي دور ۾ هي طلاق جا الفاظ هئا. حضرت بيبي خوله ﷞ اهو ٻڌي تمام گهڻو پريشان ٿي وڏي عمر ۾ پنهنجي گهر ڦٽڻ جي غم ۽ پنهنجن ننڍڙن ٻچڙن جي فڪر ان کي بي چين ڪري وڌو نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيائين تہ پاڻ ان کي فرمايائون تہ "ان مسئلي جي متعلق اجان مون تي ڪو حڪم نازل نہ ٿيو آهي" اها وري عرض ڪرڻ لڳي تہ هن وڏيءَ عمر ۾ مان ڪيڏانهن ويندس منهنجي ٻچڙن جو ڇا ٿيندو؟ منهنجو ٺهيل گهر ڦٽي ويندو. حضرت حبيب ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن ان کي ساڳيو جواب ڏيندا رهيا ۽ الله عزوجل هن سورة جي منڍ وارين چئن (4) آيتن ۾ ان مسئلي جي باري ۾ تفصيلي فرمايو جيڪو خولہ بنت ثعلبہ سندس مڙس اوس بن صامت ﷜ جي حق ۾ هو ۽ اهو ئي حڪم آهي.

آيتن جو ترجمو هيٺ لکجي ٿو.

آيت نمبر 1: الله تعاليٰ ٻڌي ورتي ان عورت جي ڳالهہ جيڪا پنهنجي مڙس جي معاملي ۾ توســـــان تڪرار ڪري رهي آهي ۽ ان جي اڳيان پنهنجو ڏک بـــــيان ڪري ٿي الله تعاليٰ توهان ٻنهي جي ڳالهہ ٻولهہ ٻڌي رهيو آهي، هو سڀ ڪجهہ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارو آهي.

آيت نمبر 2 توهان مان جيڪي ماڻهو پنهنجي زالن سان ظهار ڪن (ماءُ سڏن) تا انهن جون زالون سـندن مائرون نہ آهن انهن جو مائرون تہ اهي ئي آهن جن کين ڄڻيو آهي. اهي ماڻهو هڪ ســـــخت اڻ وڻندڙ ۽ ڪوڙي ڳالهہ چون ٿا ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ وڏو معاف ڪرڻ وارو ۽ درگذر ڪرڻ وارو آهي.

آيت نمبر 3 جيڪي ماڻهو پنهنجين زالن ســـــان ظهار ڪان پوءِ پنهنجي ان ڳالهہ کان موٽن جيڪا انهن چئي هئي تہ ٻنهي جي پاڻ ۾ هٿ لائڻ کان اڳ ۾ هڪ ٻانهو آزاد ڪرڻو پوندو ان سان توهان کي نصيحت ڪجي ٿي ۽ جيڪي ڪجهہ توهان ڪريو ٿا الله تعاليٰ ان کان باخبر آهي.

آيت نمبر 4 جنهن کي ڪو ٻانهو نہ ملي تہ پوءِ اهو ٻہ مهينا لاڳيتا روزا رکي. ان کان اڳ جو ٻئي هڪ ٻئي کي هٿ لائن ۽ جيڪو ان جي بہ قدرت نہ رکي اهو سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائي اهو حڪم ان ڪري ڏنو پيو وڃي تہ توهان الله تعاليٰ ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو. اهي الله تعاليٰ جون مقرر ڪيل حدون ۽ ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ سزا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي.

آيت نمبر 5 ۽ آيت نمبر 6 ۾ انهن ماڻهن کي تنبيهه ڪيل آهي جيڪي الله جلت عظمته ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جي مخالف ڪن ٿا آيت نمبر 7 ۽ آيت نمبر 8 ۾ منافق کي متنبه ڪيو ويو آهي جيڪي خفيه منصوبا ٺاهي لڪ ۾ مشورا ڪري اسلام جي خلاف سازشون تيار ڪندا هئا انهن کي ٻڌايو ويو آهي ته اوهان جتي به ويهي خفيه سازشون ٺاهيو ٿا الله عزاسمه کان لڪل ناهن اهو اوهان سان گڏ آهي اوهان جي ڳالهين کي ٻڌي ٿو اوهان جي چرپر کان چڱي طرح واقف آهي. اوهان يقين رکو ته اوهان پنهنجي چرپر حرڪتن ۽ ناپاڪ ڪوشش سان اسلام کي ڪو نقصان ڏئي نه سگهندؤ پر انهن براين جي بدلي ۾ اوهان جي جاءِ جهنم هوندو جيڪو نهايت دردناڪ عذاب سان ڀريل آهي ان کان پوءِ مسلمانن کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي ته اوهان جامشورا ۽ صلاحن الله عزاسمه ۽ ان جي دين جي خلاف بغاوت جي جهنڊي کي بلند ڪرڻ جي لاءِ نه هجن بلڪ اوهان پنهنجين مجلسن ۾ اهڙين تدبيرن تي غور ڪرڻ گهرجي جن سان چڱن ڪمن کي فروغ حاصل ٿئي ۽ الله جلت عظمته جي دين جي سربلندي رهي.

آيت نمبر 11، آيت نمبر 12 ۽ آيت نمبر 13 ۾ مجلس جي آداب جي تعليم ڏني وئي آهي ته جڏهن اوهان ڪنهن محفل ۾ ويهو ۽ ٻاهران ڪو ماڻهو اچي ته ان کي ويهڻ جي جاءِ ڏيو ائين نه ٿئي جو اهو دروازي جي چائنٺ تي ويهڻ جي لاءِ مجبور ٿئي يا بيٺو رهي يا واپس وڃڻ تي مجبور ٿئي ۽ اوهانکي اهو به خيال رکڻ گهرجي ته جنهن شخصيت جي ملاقات لاءِ اوهان آيا آهيو ان کي پنهنجو مصروفيتون به آهن ان جي ڪري ان وٽ ضرورت جي مطابق ويهو ان کان پوءِ خودبخود اجازت وٺي هليا وڃو ڇو ته جيڪڏهن اها شخصيت اوهان کي پاڻ اٿڻ جي لاءِ چوي ته اوهان کي دل ۾ ڏک ٿيندو اهڙي طرح ڪيترن ٻين رسمن کي ڇڏڻ جو حڪم ڪيل آهي جيڪي جاهليت جي دور ۾ جاري هيون آخري رڪوع ۾ ٻڌايو ويو آهي ته انسانن جا ٻه ٽولا آهن. 1. حزب الشيطان (شيطان جو ٽولو) (2) حزب الله(الله عزوجل جو ٽولو) انهن ٻنهي ٽولن جون حالتون ۽ خصوصيتون به بيان ٿيل آهن. تانت هر شخص پنهنجي باري ۾ فيصلو ڪري سگهي ته اهو ڪهڙي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ گهري ٿو.

تفسير تنوير الايمان وارو لکي ٿو ته هن سورت سڳوري ۾ سڀ کان عجيب هي ڳالهه آهي ته هن جي هر ڪنهن آيت ۾ الله تعاليٰ جي جلالي اسمن مان هڪ دفع يا ٻه دفع ذڪر آيل آهي جو اهڙي طرح جملي پنجويهه (25) دفعا ذڪر جلالت جو آيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا لله الرحمن الرحيم

## (59) **سورت الحشر** (مدينه رڪوع 3 ٽي آيتون چوويهه 24)

هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 2 مان ورتل آهي. الحشر لفظ جي معنيٰ آهي ماڻهو ڪي گڏ ڪرڻ، ڪٺو ڪرڻ، پکڙيل کي گڏ ڪرڻ هتي حشر مان مراد مسلمان جي فوج جو ميڙ آهي جيڪو نضير سان جنگ ڪرڻ لاءِ اٿيو هو.

مطلب هيءَ اها سورت آهي جنهن ۾ لفظ الحَشر آيو آهي تنهنڪري هن جو نالو سورت حشر رکيو ويو آهي. حضرت عبدالله بن عباس ﷺ فرمائي ٿو تہ سورت حشر بني نضير جي غزوه بابت لٿي هئي.

**هن سورت ۾ غزوه بني نضير جو ذڪر ڪيل آهي.**

هن سورت جو آغاز هن حقيقت جي بيان سان ٿي رهيو آهي تہ زمين ۽ آسمان جي هر شيءِ الله تعاليٰ جي تسبيح پڙهي رهي آهي، ان جي پاڪائي بيان ڪري رهي آهي چو تہ اهو وڏي عزت ۽ وڏي حڪمت وارو آهي الله جل مجده جي دانائي ۽ حڪمت کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ بنو نضير جي انجام ڏانهن مسلمانن کي متوجه ڪيو ويو آهي تہ ڏسو انهن جا قلعا ڪيترا مضبوط هئا انهن وٽ هٿيارن جا ڪيترا ذخيرا هئا پر الله حلت صفات انهنجي دلين ۾ اهڙو ڊپ پيدا ڪيو جو اهي پنهنجن هٿن سان پنهنجي گهرن کي پاڻ ڊاهڻ لڳا ۽ جنگ کان سواءِ پنهنجي وطن کي ڇڏڻ ۽ اتاهين لڏڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا ۽ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ اها سزا انهن کي ان جي ڪري ملي جو انهن الله عزوجل ۽ ان جي رسول ﷺ جي مخالفت ڪئي هئي ۽ جيڪو بہ ائين ڪندو ان جي پڇاڙي اهاٿيندي ان کان بعد ٻڌايو ويو آهي تہ دشمن سان مقابلي جي لاءِ جنگي تدبيرون اختيار ڪرڻ نهايت ضروري آهن ۽ دشمنن کي مجبور ڪرڻ جي لاءِ ضرورت محسوس ڪندي جيڪڏهن انهن جا ميون وارا وڻ وڍي ڇڏجن تہ بہ جائز آهن.

”فيءَ“ (آيت نمبر 7 جي پهرين فقري چيو آهي ۽ الله تعاليٰ جيڪو فيءَ جو مال پنهنجي رسول کي ڏنو پوءِ اوهان اتي نہ گهوڙا ڊوڙايا نہ اٺ) جي مال کي ورهائڻ جو حڪم ٻڌايو آهي ۽ آيت نمبر 7 ۾ اسلامي نظام معاشيات جي اهم ٿنڀ جو بہ ذڪر ڪيل آهي. كَيْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةًۢ بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ مِنْكُمْ (تانت اوهانجي شاهوڪارن جي وچ ۾ ڏي وٺ نہ ٿئي) ان کان بعد الله تعاليٰ پنهنجي محبوب عليہ الصلواة والسلام جي غير مشروط اطاعت جو حڪم ڏنو آهي پوءِ مهاجرن ۽ انصارن اصحابن جي تعريف ڪري انهن جي همت ۽ عزت افزائي ڪئي وئي آهي.

ٻئي رڪوع ۾ منافقن جي رذيل عادتن تي ڪين ملامت ڪئي وئي آهي تہ اهي ظاهر ۾ پاڻ مسلمان چورائين ٿا پر حقيقت ۾ اهي دل ۾ ڪافر آهن ۽ اسلام جا دشمن آهن جڏهن حضرت نبي ڪريم عليہ الصلوة والسلام جن بني نضير کي الٽيميٽم ڏنو تہ هيترن ڏينهن ۾ مدينہ منور مان نڪري وڃو تہ منافقن جي رئيسن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالله بن اُبي انهن کي نياپو موڪليو ته نه نڪرجو مان ٻن هزارن ماڻهن تي مشتمل لشڪر وٺي اوهان وٽ پهچي ويندس رب العزة جل مجده فرمايو ته: منافق ڪوڙ ٿا ڳالهائن جيڪڏهن جنگ ٿي ته اهي يهودين کي ويجها به نه ويندا. آخري رڪوع ۾ ٻين مضمونن کان علاوه الله تعاليٰ جي اسماءِ حسني جو ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن سان ان مالڪ مٺي جي عظمت جو پتو پوي ٿو ۽ جيترا نالا مبارڪ هڪ جاءِ هن سورت ۾ آهن ايترا ٻئي ڪنهن به سورت ۾ گڏ مذڪور نه آهن.

## ڀلايون ۽ برڪتون

1. حضرت انس ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

**من قرءَ سورت الحشر غفر ا الله له ما تقدم من ذنبه وما تاخر"**

**ذنبه وما تاخر"**

(جنهن سورة الحشر پڙهي ا الله تعاليٰ ان جا اڳيان ۽ پويان گناهه بخشي ڇڏيندو)

2. حضرت ابو امامة ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله جن فرمايو:

مَن قَرَاَ خواتيم سورةِ الحَشرِ فِي لَيلٍ اَونَهَارِ فَقَبضه ا اللهِ فِي تِلک الـلیلَةِ اَو ذَالِک اليَومِ فَقَد اَوحَبَ اللّهَ لَه الجَنـَّةَ"

(حواله الباب في علوم الڪتب صه 616 جلد 18)

(جنهن سورت الحشر جون پويون آيتون رات جو يا ڏينهن جو پڙهيون پوءِ ان رات يا ان ڏينهن ۾ ا الله ان جو روح قبض فرمايو ته ا الله ان جي لاءِ جنت واجب ڪري ڇڏي.

(حواله احسن البيان في تفسير القرآن جلد 8 صفه 546،545).






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا لله الرحمن الرحيم

(60) سورت **اَلـمُمتَحِنَه** (مدينه رکوع 2 ۽ آيتون تيرهن 13)

اَلمُمتَحِنَه: تفسير تنوير الايمان جلد 10 صہ 90 تي هن سورت لاءِ لکي ٿو تہ هن سورت ۾ مومنہ عورتن جو امتحان آيو آهي هن جا تمام دقيق اسرار آهن جنهن جي سببان هي سورت مبارڪ انهيءَ نالي سان موصوم ٿي آهي.

"احسن البيان في تفسير القرآن ج 9 صہ (1) تي لکيو آهي تہ هن سورت جو نالو هن جي آيت نمبر 10 جي جملة " فَامۡتَحِنُوۡهُنَّ " مان ورتل آهي ۽ ممتحنة ح جي زير سان ممتجنة ح جي زبر سان پنهي نموني پڙهيو ويندو آهي پهرين نموني سان پڙهڻ جي ڪري ان جي معنيٰ آهي امتحان وٺندڙ سورت ۽ ٻئي نموني سان پڙهڻ جي ڪري ان جي معنيٰ ٿيندي امتحان ورتل سورت (حوالہ ضياءُالقرآن صہ 189 جلد 5)

هن سورت تي تفصيل بحث هي آهي تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جڏهن ڪنهن اهم ڪم جي لاءِ وڃڻ جو ارادو ڪندا هئا تہ ان کي راز ۾ رکندا هئا تہ دشمن کي وقت کان اڳي خبر نہ پوي پاڻ جڏهن الاهي اذن سان مڪہ مڪرمہ کي فتح ڪرڻ جو ارادو فرمايو تہ پنهنجي معمول مطابق رازداريءَ کان ڪم ورتائون تانت مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو ڪافر ان منصوبہ کان واقف ٿي ڪا جوابي ڪاروائي نہ ڪن حضرت حاطب بن ابي بلتعة رضہ کان هڪ سنگين غلطي ٿي جو ان جا ٻار ٻچا مڪہ مڪرمہ ۾ رهندا هئا ۽ اتي ان جو اهڙو قريبي مائٽ نہ هو جيڪو انهن جي سار سنڀال لهي ها ان جي ڪري ان مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو سردارن مان هڪ سردار ڏانهن خط لکيو ۽ ان کي نبي پاڪ جن جي ان ارادي کان آگاهہ ڪيائين تانت اهو ان احسان جي بدلي ۾ سندن ٻارن ٻچن جو خيال رکي ان جي ان ڪردار جي ڪري الله تعاليٰ مومنن کي سخت تنبيهہ ڪئي آهي تہ ايمان آڻڻ کان پوءِ اوهان جو ڪافرن سان اهڙو سلوڪ رکڻ الله عزوجل کي سخت ناپسند آهي اوهان پنهنجي دل جي صاف هجڻ جي ڪري انهن کي بہ صاف دل سمجهو ٿا پر انهن جي ڪفر انهن کي سُهڻين صفتن کان خالي رکيو آهي انهن جي سيني ۾ اوهان جي لاءِ بغض ۽ حسد جا شعلا اٿي رهيا آهن جي توهان احتياط نہ ڪندؤ تہ اوهان پاڻ تہ تڪليف ۾ پوندؤ پر ٻين مسلمانن جي لاءِ بہ تڪليف جو باعث بڻجندو جيڪڏهن ڪافر اوهان تي قابض ٿي ويا تہ اوهان تي ذره جيترو بہ رحم نہ ڪندا ۽ هر ممڪن ذريعي سان اوهان کي نقصان پهچائيندا. حضرت ابراهيم عليٰ نبينا و عليہ الصلواة والسلام جو اسوة حسنه اوهان جي سامهون آهي جڏهن ان جي قريبي رشتيدارن ان جي طرف ڏنل توحيد جي عقيدي واري دعوت کي قبول نہ ڪيو تہ پاڻ انهن کان مڪمل بائڪاٽ ڪيائون اوهان کي بہ گهرجي تہ ان جي سهڻي طريقي جي پيروي ڪيو. هتي ان نڪته جي بہ وضاحت ڪيل آهي تہ تعلقات ڪٽڻ جو سلسلو صرف ڪافرن سان آهي جيڪي اوهان سان لڙن ۽ وڙهن ٿا جن اوهان کي جلاوطن ڪيو آهي پر جيڪي ڪافر اوهان جي خلاف جارجيت جا مرتڪب ناهن انهن سان اهڙو مڪمل بائڪاٽ جو حڪم ناهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حديبيه جي صلح کان پوءِ هڪ نئين سورت پيدا ٿي حديبيه جي صلح ۾ اهو طئي ٿيو ته جيڪڏهن ڪو مسلمان مرد مڪه مڪرمه مان هجرت ڪري مدينه منوره ۾ ايندو ته ان کي واپس ڪيو ويندو پر عورتن جي بابت ڪا صراحت نه هئي حديبيه جي صلح کان پوءِ ڪيترئيون عورتون مسلمان ٿي پنهنجن ڪافرن مڙسن کي مڪه مڪرمه ۾ ڇڏي مدينه منوره پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون هيون صلح جي شرطن جي لحاظ سان ڇا انهن کي به واپس ڪرڻ جو حڪم هو؟ الله عزوجل ٻڌايو ته "آيت نمبر 10 ۽ آيت نمبر 11 ۾ الله تعاليٰ ٻڌايو ته جڏهن جيڪا عورتون هجرت ڪري اوهان وٽ اچن ته اوهان آزمايو انهن کي جيڪڏهن اهي سچيءَ دل سان مومن آهن ته ان کي واپس نه ڪيو ڇو ته اڄ کان پوءِ ڪا به مومن عورت ڪنهن ڪافر مرد جي نڪاح ۾ رهي نه سگهندي اهڙي طرح ڪيترا مسلمان مومن مرد پنهنجون ڪافر عورتون مڪه مڪرمه ۾ ڇڏي آيا هئا انهن جي باري ۾ ٻڌايو ويو ته ڪافر عورتون به مسلمانن مردن جي نڪاح ۾ نه رهنديون اهي هاڻي آزاد آهن جنهن سان گهرن شادي ڪن مڪه مڪرمه فتح ٿيڻ وارو هو اهو ڏينهن ظهور پزير ٿيڻ جي قريب هو جڏهن مردن وانگر عورتون ٽولن جي صورت ۾ اسلام قبول ڪنديون ان جي ڪري الله عزوجل پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام جن کي آيت نمبر 12 ۾ ٻڌايو ته جڏهن مشرڪ عورتون اسلام قبول ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿين ته هنن شرطن تي انهن جي بيعت ورتي وڃي انهيءَ آيت نمبر 12 جي معنيٰ ۽ تفسير مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي تفسير الهام الرحمٰن صه 417 تي هن طرح ڪيو آهي.

**سورت الممتحنة آيت نمبر 12 ۾ حضور جن کي عورتن کان شرطن سان بعيت وٺڻ جو حڪم ٿيو**

"اي نبي! جڏهن توهان وٽ ايمان واريون عورتون ان ڳالهه تي بيعت ڪرڻ لاءِ اچن ته الله تعاليٰ سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪنديون سين ۽ نه چوري ڪنديون سين ۽ نه زنا ڪنديون سين ۽ نه پنهنجي اولاد کي قتل ڪنديون سين ۽ نه الزام وارو اولاد آڻينديون سين. جنهن کي پنهنجي هٿ ۽ پيرن جي وچان (مڙس جي نطفي مان ڄڻيل) ٺاهينديون سين ۽ نه ڪنهن نيڪ ڳالهه ۾ توهان جي نافرماني ڪنديون سين. ته انهن جي بيعت قبول ڪر. انهن جي لاءِ الله تعاليٰ کان بخشش گهر. بيشڪ الله تعاليٰ بخشش وارو نهايت رحم وارو آهي.

بيعت جو مطلب "يُبَايِعنَكَ" پنهنجو مڪمل اختيار توکي ڏيئي ڇڏين پنهنجو سرُ رکن يعني اقرار ڪن ته جيڪڏهن اسان حزب الله جي خلاف ورزي ڪريون ته توهان کي سزا ڏيڻ جو پورو اختيار آهي.

بيعت ڪهڙين شين ۾ ٿيندي:

مومن عورتون هيٺين ڳالهين تي بيعت ڪن ٿيون.

1. **شرڪ کان انڪار:** الله تعاليٰ سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪنديونسين ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجو ڪار ساز مڃڻ ان کي الله تعاليٰ سان شريڪ بنائڻ آهي اهو شرڪ آهي.

2. **مالي حقي جي حفاظت:** "وَلَا يَسْرِقْنَ" ڪنهن جو مال چوري نه ڪنديون سين ماڻهن جا جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مالي حــق مجيل هوندا انهن جي خلاف ورزي نـہ ڪنديون ســين مالي حقــن تي گهٽ ۾ گهٽ درجي وارو حملو چوري آهي اهو نـہ ڪنديون ســين تـہ پوءِ ڪيئن ٿو ٿي سگهي تـہ ان ڪان وڏي ڪنهن بئي ذريعي ســان ڪنهن جو مال هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

3. "عزت جي حــفاظت": وَلَا يَزْنِيْنَ " اهي زنا نـہ ڪنديون انســان جي عزت، عصمت ســان گڏو گڏ نڪاح جي پابنديءَ ۾ ظاهر ٿيندي هي واعدو ڪن ٿيون تـہ ڪنهن جي بـہ عزت برباد نـہ ڪنديون.

4. اولاد جو قتل نـہ ڪرڻ: "ولا يقتلن اولادهن" پنهنجي اولاد کي قتل نـہ ڪنديون پنهنجي عزت بچائڻ جي لاءِ زنا ڪاري لڪائڻ لاءِ اولاد کي قتل نـہ ڪنديون.

5. نيوڳ جو انڪار: " وَلَا يَأْتِيْنَ بِبُهْتَانٍ يَّفْتَرِيْنَهٗ بَيْنَ اَيْدِيْهِنَّ وَاَرْجُلِهِنَّ " ترجمو: هڪ جو ٻار ٻئي جي نالي نـہ ڪنديون ســين هڪ عورت هڪ مرد ڪان ٻار وٺي ڪري ٻئي جي نالي ڪري ڇڏيندي آهي هي بهتان آهي اڳين ماڻهن ۾ رواج رهيو آهي تـہ هڪ مرد ڪان ڪم نـہ هلي تـہ عورت ٻئي مرد ڪان ٻار وٺي ايندي آهي ان کي نيوڳ چوندا آهن اهو حرام آهي عورت اهڙي حرڪت نـہ ڪري ٻار پيدا ڪرڻ جي خواهش ۽ نسل وڌائڻ جو جذبو بيشڪ انساني فطرت جي تقاضا آهي پر هڪ جڙتو طريقي کي فطرت قائم مقام ٺاهڻ بهتان آهي جنهن جي اجازت نـہ ٿي ڏيئي سگهجي.

6. وَلَا يَعْصِيْنَكَ فِيْ مَعْرُوْفٍ "معروف جي معنىٰ" جيڪا شئي ڪنهن ملڪ ۾ اتي جي عقلمند ۽ سياڻن جي ميجارٽيءَ (گهڻائي) ۾ معقول مڃي وڃي بشرطيڪ اها شريعت جي خلاف نـہ هجي ان کي معروف چيو ويندو آهي جڏهن بيعت معروف تي ٿيندي تـہ جهڙوڪ سڄي شريعت کي مڃيو ويو.

7. فَبَايِعْهُنَّ انهن جي بيعت قبول ڪريو.

8. وَاسْتَغْفِرْ لَهُنَّ اللّٰهَ جيڪڏهن اهي غلطي سان خلاف ورزي ڪري ويهڻ تـہ الله ڪان انهن جي مغفرت گهرو.

9. اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ بيشڪ الله بخشڻ وارو نهايت رحم وارو آهي.

آيت نمبر 13 جو تفسير تفهيم القرآن جي حاشئہ 24 تان نقل ڪيو ويو آهي هن آيت جو آخري فقرو آهي قَدْ يَئِسُوْا مِنَ الْاٰخِرَةِ كَمَا يَئِسَ الْكُفَّارُ مِنْ اَصْحٰبِ الْقُبُوْرِ ان فقري جون بـہ معنائون ٿي سگهن ٿيون هڪ تـہ اهي آخرت جي ڀلائي ۽ ان جي ثواب ڪان اهڙي طرح مايوس آهن جهڙي طرح موت ڪان پوءِ جي زندگي جو انڪار ڪرڻ وارا ان ڳالهہ ڪان مايوس آهن تـہ ســندن جيڪي عزيز قــريب قــبرن پيڙا ٿيا آهن ســي ڪڏهن وري زنده ڪري اٿاريا ويندا (اها معنىٰ حضرت عبدالله بن عباس ﷺ حضرت حسن بصري قتاده ۽ ضحاڪ ۽ رحهم الله بيان ڪئي آهي.

ٻئي معنىٰ هيءَ ٿي سگهي ٿي تـہ اهي آخرت جي رحمت ۽ بخشــش ڪان ائين مايوس آهن جيئن قــبرن ۾ پيل ڪافر هر ڀلائي ڪان مايوس آهن ڇاڪاڻ تـہ انهن کي پنهنجي عذاب ۾ مبــــتلا ٿيڻ جو يقــــين ٿي ويو آهي. (اها معنىٰ حضرت عبدالله بن مسعود ﷺ مجاهد، عڪرمہ، ابن زيد، ڪلبي، مقاتل ۽ منصور رحمهم الله ڪان نقل ٿيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا الله الرحمن الرحيم

## (61) سورت **الصف** (مدينه رڪوع ٻہ 2 آيتون چوڏهن 14)

الصف لفظ هن سورت جي آيت نمبر 4 مان ورتل آهي عربي لغات ۾ هن لفظ جي معنيٰ صف، قطار آهي انهيءَ ڪري هن سورت جو نالو الصف رکيو ويو آهي.

هن سورت جي شروعات هن جملي سان ڪئي آهي هر شيءِ جيڪا آسمانن ۽ زمين ۾ آهي الله تعاليٰ جي پاڪائي بيان ڪري ٿي ۽ اهو ئي غالب حڪمت وارو آهي. هن ۾ مسلمانن کي ايمان ۾ اخلاص اختيار ڪرڻ ۽ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ جان جي بازي لڳائڻ تي اڀارڻ ان ۾ ڪمزور ايمان وارن مسلمانن کي بہ خطاب ڪيو ويو آهي ۽ انهن ماڻهن کي بہ جيڪي ايمان جي ڪوڙي دعويٰ ڪري اسلام ۾ داخل ٿي ويا هئا ۽ انهن کي بہ جيڪي مخلص هئا ڪلام جي انداز مان پاڻهي معلوم ٿي وڃي ٿو تہ ڪٿي ڪير مخاطب آهي هن ۾ سيني ايمان آڻڻ وارن کي خبردار ڪيو ويو آهي تہ توهان چو اها ڳالھ چئو ٿا جيڪا ڪريو نہ ٿا الله تعاليٰ وٽ اها ڳالھ سخت ناپسند آهي جو توهان اها ڳالھ چئو ٿا پر ڪيو نہ ٿا ۽ تمام پيارا اهي شخص آهن جيڪي حق جي واٽ ۾ لڙڻ لاءِ شيهو پيتيل پٽ وانگر ڄمي بيهن ٿا.

آيت نمبر 5 کان آيت نمبر 8 ۾ رسول الله ﷺ جي امت کي خبردار ڪيو ويو آهي تہ پنهنجي رسول ۽ پنهنجي دين سان توهان جي روش اها نہ هجڻ گهرجي جيڪا حضرت موسيٰ عليہ السلام سان بني اسرائيل وارن اختيار ڪئي جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ان قوم جي مزاج جو قالب ئي ڏنگو ٿي پيو ڪائن هدايت جي توفيق کسجي وئي الله تعاليٰ فاسقن کي هدايت نٿو ڏي.

آيت نمبر 6 ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو پيغام ۽ ياد فرمايو جڏهن مريم جي پٽ عيسيٰ فرمايو تہ اي بني اسرائيلو! مان اوهان ڏانهن الله تعاليٰ جو موڪليل رسول آهيان ان توراة جي تصديق ڪندڙ آهيان جيڪو مون کان اڳهو ۽ ان رسول جي بشارت ڏيندڙ آهيان جيڪو مون کان بعد ايندو ان جو نالو احمد هوندو انهيءَ آيت جي آخري فقري ۾ آهي تہ پوءِ جڏهن انهن وٽ روشن دليلن سان آيو تہ چيائون هي چٽو جادو آهي.

جيئن تہ قرآن جي اها آيت نهايت اهم آيت آهي ان ڪري هن آيت جو تفسير تفهيم القرآن حاشئہ نمبر 7 تان ورتل آهي.

1. مون اهوئي دين آندو آهي جيڪو حضرت موسيٰ عليہ السلام آندو هو. آئون توراة جي ترديد ڪرڻ نہ آيو آهيان پر ان جي تصديق ڪري رهيو آهيان ان ڪري ڪو سبب ناهي جو توهان منهنجي رسالت کي مڃڻ ۾ هٻڪو.

2. هن فقري ٻئي معنيٰ هي آهي تہ مان انهن بشارتن جو ڦل آهيان جيڪي منهنجي اچڻ بابت توراة ۾ موجود آهن ان ڪري توهان کي منهنجي مخالفت ڪردار بدران منهنجي اچڻ تي ڀليڪار ڪرڻ گهرجي ۽ ان فقري کي پوءِ واري فقري سان ملائي پڙهڻ سان هن فقري جي ٽين معنيٰ هيءَ نڪري ٿي تہ مان الله تعاليٰ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسول احمد ﷺ جي اچڻ متعلق توراة جي ڏنل بشارت جي تصديق ڪريان ٿو ۽ پاڻ به ان جي اچڻ جي خوشخبري ڏيان ٿو ان جي ٽين معنيٰ جي لحاظ سان حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ان قول جو اشارو ان خوشخبريءَ ڏانهن آهي جيڪا رسول الله ﷺ بابت حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي قوم کي خطاب ڪندي ڏني هئي ان ۾ ان فرمايو: "خداوند تنهنجو خدا تنهنجي لاءِ تنهنجي ئي وچان، يعني تنهنجي ئي ڀائرن مان مون وانگر هڪ نبي اٿاريندو تون ان کي ٻڌائجان اهو تنهنجي ان درخواست مطابق هوندو جيڪا تون خداوند پنهنجي خدا سان مجمع جي ڏينهن حورب ۾ ڪئي هئي ته مون کي نه ته خداوند پنهنجي خدا جو آواز وري ٻڌڻو پوي ۽ نه ايڏي وڏي باهه جو ئي نظارو ٿئي جو مان مري وڃان ۽ خداوند مون کي چيو ته اهي جيڪي مون کي چون ٿا سو ٺيڪ چون ٿا مان انهن لاءِ سندن ڀائرن مان تو وانگر هڪ نبي اٿاريندس ۽ پنهنجو ڪلام ان جي وات ۾ وجهندس ۽ جيڪي ڪجهه مان ان کي حڪم ڏيندس اهوئي هو انهن کي چوندو ۽ جيڪو منهنجي انهن ڳالهين کي جن کي اهو منهنجو نالو وٺي چوندو نه ٻڌي ته مان ان جو حساب ان کان وٺندس (استثناءِ باب 18 آيتون 15 کان 19)

اها توراة جي پڌري اڳڪٿي آهي جيڪا محمد ﷺ جن کان سواءِ ڪنهن ٻئي سان لاڳو نٿي ٿي سگهي ان ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي قوم کي الله تعاليٰ جو اهو ارشاد ٻڌائي رهيو آهي ته مان تنهنجي لاءِ تنهنجي ئي ڀائرن مان هڪ نبي اٿاريندس ظاهر آهي ته هڪ قوم لاءِ ڀائرن مان مراد خود انهيءَ قوم جو ڪو قبيلو يا خاندان نه ٿو ٿي سگهي پر ڪا ٻي اهڙي قوم ٿي سگهي ٿي جنهن سان ان جو ويجهو نسلي رستو هجي جيڪڏهن مراد خود بني اسرائيل مان ڪنهن نبيءَ جو اچڻ هجي هان ته لفظ هي هجن ها ته مان توهان لاءِ خود توهان مان ئي هڪ نبي مقرر ڪندس ان ڪري بني اسرائيل جي ڀائرن مان مراد پڪ سان بني اسماعيل ئي ٿي سگهن ٿا. جيڪي حضرت ابراهيم عليہ السلام جو اولاد هئڻ جي ڪري بني اسرائيل جا نسبي مائٽ آهن ان کان سواءِ ان اڳڪٿيءَ جي مصدق بني اسرائيل جو ڪوئي نبي ان ڪري به نه ٿو ٿي سگهي جو بني اسرائيل ۾ ڪو هڪ نبي نه پر ڪيترائي نبي آيا آهن جن جي تذڪري سان بائيبل ڀريل آهن.

ٻي ڳالهه ان بشارت ۾ هيءُ فرمائي وئي آهي ته جيڪو نبي اٿاريو ويندو اهو حضرت موسيٰ عليہ السلام جهڙو هوندو ان مان مراد ظاهر آهي ته ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه نٿو ٿي سگهي ته اهو نبي هڪ مستقل (سدائين لاءِ ڏار) شريعت آڻڻ جي لحاظ سان حضرت موسيٰ عليہ السلام جهڙو هوندو ۽ اها خصوصيت محمد ﷺ کان سواءِ ڪنهن ۾ به نٿي ملي ڇاڪاڻ جو پاڻ سڳورن ﷺ کان اڳ ۾ بني اسرائيل جيڪي به نبي آيا هئا سي موسوي شريعت جا پوئلڳ هئا انهن مان ڪو به مستقل شريعت ڪٺي نه آيو هو.

ان تعبير کي وڌيڪ هٿي اڳڪٿيءَ جي پوءِ واري عبارت مان ملي ٿي ان عبارت ۾ حورب مان مراد اهو جبل آهي جتي حضرت موسيٰ عليہ السلام کي پهريون ڀيرو شريعت جا حڪم ڏنا ويا هئا ۽ بني اسرائيل جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن درخواست جو ان بيان ڪيو ويو آهي ان جو مطلب هي آهي تہ آئنده جيڪڏهن ڪا شريعت اسان کي ڏني وڃي تہ انهن خوفناڪ حالتن ۾ نہ ڏني وڃي جيڪي جبل جي پاڙ ۾ شريعت ڏيندي وقت پيدا ڪيون ويون هيون انهن حالتن جو بيان قرآن ۾ بہ موجود آهي ۽ بائيبل ۾ بہ آهي (ڏسو سورت البقره آيت نمبر 55، 56، 63، الاعراف آيتون 155، 171، بائيبل ڪتاب خروج 19: 17، 18) ان جي جواب ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ بني اسرائيل کي ٻڌائي ٿو تہ الله تعاليٰ توهان جو اهو عرض قبول ڪري ورتو آهي ان وضاحت تي غور ڪرڻ کان پوءِ ڇا ان ڳالهہ ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش رهجي وڃي ٿي تہ محمد ﷺ جن کان سواءِ ان جو مصداق پورو بيهندڙ ڪو بيو نہ آهي حضرت موسيٰ عليہ السلام کان پوءِ مستقل شريعت رڳو پاڻ سڳورن ﷺ جن کي ئي ڏني ويئي اها عطا ڪرڻ وقت ڪو اهڙو ميڙ گڏ نہ ٿيو جهڙو حورب جبل جي پير ۾ بني اسرائيل جو ٿيو هو ۽ ڪنهن وقت بہ شريعت جا حڪم ڏيڻ جي موقعي تي اهي حالتون پيدا نہ ڪيون ويون جيڪي اتي ڪيون ويون هيون.

حاشيہ 8: اها قرآن جي اهم آيت آهي جنهن تي اسلام جي مخالفن طرفان وڏي ڏي وٺ ٿي آهي ۽ وڏي خيانت کان بہ ڪم ورتو ويو آهي ڇاڪاڻ جو ان ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام رسول الله ﷺ جن جو نالو وٺي پاڻ سڳورن ﷺ جن جي اچڻ جي خوشخبري ڏني آهي ان ڪري ضروري آهي تہ ان تي تفصيل سان بحث ڪيو وڃي.

1. ان ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جو نالو مبارڪ احمد ٻڌايو ويو آهي. احمد جون بہ معنائون آهن هڪ اهو شخص جيڪو الله جي سيني کان وڌيڪ تعريف ڪرڻ وارو هجي. 2. ٻي اهو شخص جنهن جي سيني کان وڌيڪ تعريف ڪئي وئي هجي يا ٻانهن ۾ جيڪو سيني کان وڌيڪ تعريف جوڳو هجي صحيح حديثن مان ثابت آهي تہ اهو بہ حضور ڪريم ﷺ جن جو هڪ نالو هو. 3. انجيل يوحنا ان ڳالهہ تي شاهد آهي تہ مسيح جي اچڻ جي زماني ۾ بني اسرائيل ٽن شخصيتن جو انتظار ڪري رهيا هئا هڪ مسيح ٻيو ايليا (يعني حضرت الياس جو ٻيهر اچڻ) ٽيون "اهو نبي". 4. مسيح عليہ السلام ۽ سندس زماني جي فلسطينن جي ٻولي عام ٻولي آرامي زبان جي اها ٻولي هئي جنهن کي سرياني (Syriac) چيو ويندو آهي بائيبل جا چارئي انجيل انهن يوناني ڳالهائڻ وارن عيسائين جا لکيل آهن جيڪي حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان پوءِ ان مذهب ۾ داخل ٿيا هئا انهن تائين حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي قولن ۽ عملن جا تفصيل سرياني ڳالهائڻ وارن عيسائين جي وسيلي سان ڪنهن تحريري صورت ۾ نہ پر زباني روايتن جي شڪل ۾ پهتا هئا ۽ انهن سرياني روايتن کي پنهنجي زبان ۾ ترجمو درج ڪيو هو.

انهن مان ڪو انجيل بہ سنہ 70 کان جو لکيل نہ آهي ۽ انجيل يوحنا تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان هڪ صدي پوءِ گهٽ ۾ ڪري ننڍي ايشيا جي شهر افسس ۾ لکيو ويو آهي وڌيڪ تہ انهن انجيلن جو بہ ڪو اصلي نسخو ان يوناني زبان ۾ محفوظ ناهي جنهن ۾ شروع ۾ لکيا ويا هئا. (انسائيڪلو پيڊيا برٽانيڪا (ايڊيشن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1946) جي مضمون بائيبل جو مصنف لکي: "انجيلن ۾ اهڙي پڌري ڦير گھير ڄاڻي واڻي ڪئي ويئي آهي جيئن مثال طور ڪن سمورن عبارتن کي ڪنهن ٻئي ماخذ مان وٺي ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ...... اهي ڦيريون گھيريون يا تبديليون ڄاڻي ڪن اهڙن ماڻهن آزاديءَ سان ڪيون آهن جن کي اصلي ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڪٿان ڪو مواد مليو ۽ اهي پنهنجو پاڻ کي ان جو مجاز سمجهندا رهيا ته ڪتاب کي وڌيڪ بهتر ۽ فائديمند بنائڻ لاءِ ان ۾ پنهنجي طرفان ان مواد جو واڌارو ڪري ڇڏين..... ڪيترائي واڌارا ٻي صدي ۾ ٿي ٿي ويا هئا ۽ ڪا خبر نه آهي ته انهن جو ماخذ (اصل بنياد) ڪهڙو هو" ان صورتحال ۾ پڪ سان هي چوڻ ته تمام مشڪل آهي ته انجيلن ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام جا قول (ٻول) اسان کي ملن ٿا سي بلڪل پورا پورا نقل ٿيا آهن انهن ۾ ڪابه ڦير ڦار نه ٿي آهي.

هي ڳالهه تمام اهم آهي ته مسلمانن جي فتح ڪانپوءِ به اٽڪل ٽن صدين تائين فلسطين جي عيسائي رهاڪن جي ٻولي سرياني رهي ۽ نائين صدي عيسوي ۾ عربي ٻوليءَ ان سرياني ٻوليءَ جي جاءِ والاري سرياني ڳالهائڻ وارا انهن فلسطين جي ذريعي سان عيسائي روايتن بابت جيڪا معلومات شروعات ٽن صدين جي مسلمان عالمن کي حاصل ٿي سا انهن ماڻهن جي معلومات جي نسبت وڌيڪ اعتبار جوڳي هئڻ گھرجي جن کي سريانيءَ کان يوناني ۽ پوءِ يوناني کان لاطيني ٻولين ۾ ترجمي کان ترجمو ٿي ڪري اها معلومات پهتي ڇاڪاڻ جو مسيح جي واتان نڪتل اصلي سرياني لفظ انهن وٽ محفوظ رهڻ جا وڌيڪ امڪان هئا.

5. انهن ناقابل انڪار حقيقتن کي نظر ۾ رکي ڏسو ته انجيل يوحنا جي مٿي ڏنل عبارتن ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام پاڻ کان پوءِ هڪ اچڻ واري جي خبر ڏيئي رهيو آهي جن بابت اهو چوي ٿو ته اهو "دنيا جو سردار" (سرور عالم) هوندو "آخر تائين رهندو" "سچائيءَ جون سڀ واٽون ڏيکاريندو" ۽ خود سندس (يعني حضرت عيسيٰ عليه السلام جي) "شاهدي ڏيندو" يوحنا جي انهن عبارتن ۾ "روح القدس" ۽ "سچائي جو روح" وغيره لفظ شامل ڪري مقصد وڇڙائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي ويئي آهي پر ان جي باوجود انهن سيني عبارتن کي جيڪڏهن غور سان پڙهيو وڃي ته پڌرو معلوم ٿئي ٿو ته جنهن اچڻ واري جي خبر ڏني وئي آهي سو ڪو روح ناهي پر ڪو انسان ۽ خاص شخص آهي ۽ جنهن جي تعليم عالمگير ۽ همگير ۽ قيامت تائين باقي رهڻ واري هوندي ان خاص شخص لاءِ سنڌي ترجمي ۾ "مددگار" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي ۽ يوحنا جي اصلي انجيل ۾ يوناني ٻوليءَ جو لفظ استعمال ڪيو ويو هو ان بابت عيسائين کي اصرار ته اهو پريڪليٽس (Paracletus) هو پر ان جي معنيٰ متعين ڪرڻ ۾ خود عيسائي عالمن کي سخت ڏکيائي ٿي آهي بائيبل ۾ ان لفظ کي جتي جتي استعمال ڪيو ويو آهي انهي سيني هنڌن تي ان جي معنيٰ نٿي ٺهڪي (ڏسو انسائيڪلو پيڊيا آف ببليڪل لٽريچر لفظ پريڪليٽس، فارقليط (Paracletus).

هاڻي مزيدار ڳالهه هي آهي ته يوناني ٻولي ۾ ٿي هڪ ٻيو لفظ (پري ڪليٽس Periclylos)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود آهي جنهن جي معنيٰ آهي "واڪاڻيل" اهو لفظ بلڪل "محمد ﷺ" جو هم معنيٰ آهي ۽ اچار ۾ ان جي ۽ (پريڪليٽس Paracletus) جي وچ ۾ وڏي مشابهت ملي ٿي، ٿي سگهي ٿو ته جيڪي مسيحي صاحب پنهنجي مذهبي ڪتابن ۾ پنهنجي مرضيءَ ۽ پسند مطابق بي تڪلف ڦير ڦار ڪرڻ جا عادي رهيا آهن انهن يوحنا جي نقل ڪيل پيشين گوئيءَ جي ان لفظ کي پنهنجي عقيدي جي خلاف پوندو ڏسي ان جي صورتخطيءَ ۾ اها ٿورڙي ڦير ڦار ڪري ڇڏي هجي ان جي جاچ پڙتال ڪرڻ لاءِ يوحنا جي لکيل شروعاتي يوناني انجيل به ڪٿي موجود ناهي جنهن مان اها تحقيق ڪري سگهجي ته اهي انهن ٻنهي لفظن ۾ در اصل ڪهڙو لفظ استعمال ڪيو هو.

7. پر فيصلو ان تي به ٻڌل ناهي ته يوحنا يوناني ٻولي ۾ در اصل ڪهڙو لفظ لکيو هو ڇاڪاڻ جو بهرحال اهو به ترجمو ئي هو ۽ حضرت مسيح جي ٻولي جيئن اسان مٿي بيان ڪيو آهي فلسطين جي سرياني هئي ان ڪري هن پنهنجي بشارت ۾ جيڪو لفظ استعمال ڪيو هوندو سو ضرور ڪو سرياني لفظ ئي هئڻ گهرجي خوش قسمتيءَ سان اهو اصل سرياني لفظ اسان کي ابن هشام جي سيرت ۾ ملي ٿو ۽ گڏوگڏ اهو به انهيءَ ڪتاب مان معلوم ٿي وڃي ٿو ته ان جو هم معنيٰ يوناني لفظ ڪهڙو آهي محمد بن اسحاق جي حوالي سان ابن هشام يحنس (يوحنا) جي باب 15 آيتن 23 کان 27 ۽ باب 16 آيت 1 جو پورو ترجمو نقل ڪيو آهي ۽ ان يوناني (فارقليط جي بدران سرياني زبان جو لفظ منحمنا استعمال ڪيو آهي. پوءِ ابن اسحاق يا ابن هشام ان جي تشريح هي ڪئي آهي "منحمنا جي معنيٰ سرياني ۾ محمد ﷺ ۽ يوناني ۾ برقليطس آهي" (ابن هشام جلد اول صه 248)

هاڻي ڏسو ته تاريخ طور تي فلسطين جي عام عيسائي رهاڪن جي ٻولي نائين 9 صدي عيسوي تائين سرياني هئي اهو علائقو 7 ستين صدي جي پهرين اڌ کان مسلمانن جي فتح ڪيل علائقن (مقبوضات) ۾ شامل هو ابن اسحاق سنه 768ع ۾ ۽ ابن هشام سنه 828ع ۾ فوت ٿيا. ان جي معنيٰ ته انهن ٻنهي جي زماني ۾ فلسطيني عيسائين سرياني ڳالهائيندا هئا ۽ انهن ٻنهي لاءِ پنهنجي ملڪ جي عيسائي رعيت سان لاڳاپو رکڻ ڪجهه به مشڪل نه هو ۽ پڻ ان زماني ۾ يوناني ڳالهائڻ وارا عيسائي به لکن جي تعداد ۾ اسلامي علائقن ۾ رهندا هئا ان ڪري انهن لاءِ اهو معلوم ڪرڻ به مشڪل نه هو ته سرياني جي ڪهڙي لفظ جو هم معنيٰ يوناني لفظ ڪهڙو آهي؟ هاڻي جيڪڏهن ابن اسحاق جي نقل ڪيل ترجمي ۾ سرياني لفظ منحمنا استعمال ٿيو آهي ۽ ابن اسحاق ۽ ابن هشام ان جي تشريح اها ڪئي آهي ته عربي ۾ ان جو هم معنيٰ لفظ محمد ۽ يونانيءَ برقليطس آهي ته ان ڳالهه ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش نٿي رهي ته حضرت عيسيٰ عليه السلام حضور اڪرم ﷺ جن جو نالو سڄورو وٺي سندن اچڻ جي بشارت ڏني هئي ۽ گڏوگڏ هي به معلوم ٿي وڃي ٿو ته يوحنا جي يوناني انجيل ۾ دراصل لفظ (پريڪلٽس Periclytos) استعمال ٿيو هو جنهن عيسائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحبان بعد ۾ ڪنهن وقت پريڪليٽس (Paracletus) سان مٽائي ڇڏيو.

8. ان کان بعد بہ وڌيڪ اڳي جي تاريخي شاهدي عبداللہ بن مسعود ؓ جي هي روايت آهي تہ حبش جي مهاجرن کي جڏهن نجاشيءَ پنهنجي دربار ۾ گهرايو ۽ حضرت جعفر ؓ بن ابو طالب کان رسول اللہ ﷺ جي تعليم ٻڌي تہ چيائين:

**مَرحباً بِكُم وبِمَن جِئتم مِن عِندِهٖ اَشهَدُ انهٗ رَسُولُ اللهِ انهٗ الَّذِي نَجد في الانجيل انهٗ الَّذِي بَشَّرَبِهٖ عيسيٰ ابن مريم** (مسند احمد)

يعني "مرحبا توهان کي ۽ ان هستي کي جنهن وٽان توهان آيا آهيو مان شاهدي ڏيان ٿو تہ اهو اللہ تعاليٰ جو رسول ۽ اهوئي آهي جنهن جو ذڪر اسان انجيل ۾ ڏسون ٿا ۽ اهوئي آهي جنهن جي خوشخبري حضرت عيسيٰ عليہ السلام پٽ مريم ڏني هئي". اهو قصو حديثن ۾ خود حضرت جعفر ؓ ۽ حضرت ام سلمہ ؓ کان بيان ٿيل آهي ان مان نہ رڳو اهو ثابت ٿئي ٿو تہ (7) ستين صدي جي شروعات ۾ نجاشي کي اهو معلوم هو تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام هڪ نبي جي پيشن گوئي ڪري ويا آهن پر اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ ان نبيءَ جي اهڙي پڌري نشاني انجيل ۾ موجود هئي جنهن جي سببان نجاشيءَ کي اها راءِ قائم ڪرڻ ۾ هبڪ نہ ٿي تہ محمد ﷺ جن ئي اهي نبي آهن باقي هن روايت مان اهو نٿو معلوم ٿئي تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ان بشارت بابت نجاشيءَ جي معلومات جو ذريعو اهو ئي يوحنا جو انجيل هو يا اهڙي ڄاڻ جو ڪو ٻيو ذريعو وٽس موجود هو.

9. انجيل برناباس آهي پروسي جوڳو آهي. جنهن کي ڪليسا غير قانوني ۽ مشڪوڪ صحت (جنهن جي صحيح هئڻ ۾ شڪ آهي) (اپيوڪريفل Apocrphal) چوي ٿو تہ عيسائين ان کي لڪائڻ ۾ وڏو بندوبست ڪيو آهي صدين تائين اهو دنيا کان لڪل رهيو. سورهين صدي ۾ ان جي اطالوي ترجمي جو رڳو هڪ نسخو پوپ (سڪسٽس Sixtus) جي ڪتب خاني ۾ موجود هو پر ان جي پڙهڻ تي پابندي پيل هئي.

ارڙهين صدي جي شروعات ۾ اهو هڪ شخص جان ٽولينڊ کي هٿ آيو ۽ پوءِ مختلف هٿن ۾ گشت ڪندي سنہ 1738ع ۾ ويانا جي امپيريل لائبريري ۾ پهچي ويو سنہ 1907ع ۾ انهيءَ نسخي جو انگريزي ترجمو آڪسفورڊ جي ڪليرنڊن پريس مان شايع ٿيو هو پوءِ عيسائن ان کي گم ڪري ڇڏيو اهو ڪتاب حضرت عيسيٰ جي نالي منسوب ڪيو ويو ٿو" اهو ڪتاب جي اشاعت وري ڪڏهن بہ نہ ٿي.

ٻيو هڪ نسخو انهيءَ اطالوي ترجمي کان اسپيني زبان ۾ منتقل ڪيل ارڙهين صدي ۾ موجود هو جنهن جو ذڪر جارج سيل قرآن مجيد جي پنهنجي انگريزي ترجمي جي مقدمي ۾ ڪيو آهي پر اهو بہ غائب ڪيو ويو ۽ اڄ ان جو ڪٿي بہ نالو نشان نٿو ملي مولانا سيد ابوالاعليٰ مودودي رحمہ اللہ تفهيم القرآن مصنف لکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـو تـہ هن کي آڪسفورڊ مان ڇپيل انگريزي ترجمي جي هڪ فوٽو ڪاپي ڏسڻ جو اتفاق ٿيو ۽ مون ان کي حرف بحرف پڙهيو آهي هن جو احساس هي آهي تہ اهو هڪ تمام وڏي نعمت آهي جنهن کان عيسائين رڳو تعصب ۽ ضد جي ڪري پنهنجو پاڻ کي محروم رکيو آهي لٽريچر ۾ ان انجيل جو جتي بہ ذڪر ايندو آهي تہ ان کي اهو چئي رد ڪيو ويندو آهي تہ اهو هڪ جعلي (جڙتو) انجيل آهن جنهن کي شايد ڪنهن مسلمان مصنف لکي برناباس ڏانهن منسوب ڪيو آهي پر اهو هڪ تمام وڏو ڪوڙ آهي جيڪو رڳو ان ڪري ڳالهايو ويو آهي جو ان هنڌ چٽائي سان نبي ڪريم ﷺ جن جي باري ۾ پيشن گوئيون ملن ٿيون سيني کان وڏو دليل ان ڳالهہ جي ڪوڙي هئڻ جو هي آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي پيدائش کان بہ 75 سال (ورهيہ) اڳ ۾ پوپ (گلاسيس اول Galasius) جي زماني ۾ بدعقيده ۽ گمراهہ ڪن (هراتيڪل Heratical) ڪتابن جي جيڪا فهرست مرتب ڪئي وئي هئي ۽ هڪ پاپائي فتويٰ جي ذريعي جن جو پڙهڻ منع قرار ڏنو آهي. انهن ۾ انجيل برناباس (Evangelium Bamabe) بہ شامل هو. سوال هي آهي تہ ان وقت ڪهڙو مسلمان هو؟ جنهن اهو انجيل تيار ڪيو هو؟ اها ڳالهہ تہ خود عيسائي عالمن مڃي آهي تہ شام، اسپين، مصر وغيره ملڪن جي ابتدائي مسيحي ڪليسا ۾ هڪ مدت تائين برناباس جو انجيل رائج رهيو هو ۽ ڇهين صدي ۾ ان کي ممنوع قرار ڏنو ويو.

10. بائيبل ۾ جيڪي چار انجيل قانوني ۽ معتبر قرار ڏيئي شامل ڪيا ويا آهن انهن مان ڪنهن جو لکڻ وارو بہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو ڪو بہ اصحابي نہ هو ان جي ابتڙ انجيل برناباس جو مصنف چوي ٿو تہ مان مسيح جي ٻارهن حوارين مان هڪ آهيان شروعات کان پڇاڙيءَ تائين مسيح سان گڏ رهيو آهيان ۽ پنهنجين اکين ڏٺا واقعا ۽ ڪنن ٻڌل قول هن ڪتاب انجيل برناباس ۾ درج ڪري رهيو آهيان انجيل برناباس جو مصنف چئي ٿو تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام هن دنيا مان رخصت ٿيندي مون کي فرمايو تہ "منهنجي باري ۾ جيڪي غلط فهميون ماڻهن ۾ پکيڙيون ويون آهن تن کي صاف ڪرڻ صحيح حالتون دنيا جي سامهون آڻڻ تنهنجي ذميواري آهي"

هن انجيل ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي زندگيءَ سندس تعليم ٺيڪ هڪ نبي جي زندگي ۽ تعليم جي مطابق نظر اچي ٿي. اهو پنهنجو پاڻ کي هڪ نبيءَ جي حيثيت سان پيش ڪري ٿو. سيني پوين نبين سڳورن ۽ ڪتابن جي تصديق ڪري ٿو صاف چوي ٿو تہ نبين سڳورن جي تعليم کان سواءِ حق جي معرفت جو ڪو ٻيو وسيلو ناهي ۽ جيڪو نبين سڳورن کي ڇڏي ٿو سو در اصل خدا کي ڇڏي ٿو. توحيد، رسالت ۽ آخرت جا اهائي ساڳيا عقيدا پيش ڪري ٿو. جن جي تعليم سيني نبين سڳورن ڏني آهي، نماز، روزي، ۽ زڪواة جي تلقين ڪري ٿو.

11. حضرت عيسيٰ جون ڪي بشارتون نقل ڪجن ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1. سڀني نبين سڳورن جن کي خدا دنيا ۾ موڪليو جن جو تعداد 124000 هڪ لک چوويهه هزار هوا انهن ابهام (لڪل نموني) سان ڳالهه ڪئي پر مون کان پوءِ سڀني نبين ۽ پاڪيزه هستين جو نور ايندو جيڪو نبين جي چيل ڳالهين جي اوندهه تي روشني وجهندو ڇاڪاڻ جو اهو خدا جو رسول آهي (باب 17)

(2) "پڪ سان مان توهان کي چوان ٿو جيڪو بہ نبي آيو آهي سو رڳو هڪ قوم لاءِ خدا جي رحمت جو نشان ٿي پيدا ٿيو آهي ان ڪري انهن نبين جون ڳالهيون انهن ماڻهن کان سواءِ ڪنهن بئي هنڌ نہ پکڙيون جن ڏانهن اهي موڪليا ويا هئا پر خدا جو رسول جڏهن ايندو خدا ڄڻ ان کي پنهنجي هٿ جي مهر ڏيندو تان جو اهو دنيا جي سڀني قومن کي جيڪي سندس تعليم وٺندا نجات ۽ رحمت رسائيندو اهو بي خدا ماڻهن تي اقتدار (دٻدٻو) ڪٽي ايندو ۽ بت پرسيءَ جي اهڙي پاڙ پٽيندو جو شيطان پريشان ٿي ويندو" ان کان پوءِ شاگردن سان هڪ ڊگهي ڳالهه ٻولهه ۾ حضرت عيسيٰ عليہ اسلام وضاحت ڪري ٿو تہ اهو نبي اسماعيل مان هوندو (باب 43)

3. "(منهنجي وڃڻ سان) توهان جي دل پريشان نہ ٿئي ان وقت مان دنيا ۾ ان رسول خدا لاءِ رستو تيار ڪرڻ آيو آهيان جيڪو دنيا لاءِ نجات ڪٽي ايندو اهو توهان جي زماني ۾ نہ ايندو پر توهان کان ڪي سال پوءِ ايندو جڏهن منهنجو انجيل اهڙو مسخ (مٽجي) ويندو جو مشڪل سان 30 ماڻهو مؤمن باقي رهجي ويندا اهو خدا يعني توحيد کان انڪار ڪندڙ ماڻهن جي خلاف وڏي طاقت سان ايندو ۽ زمين تي بت پرستيءَ کي مٽائي ڇڏيندو ۽ مون کي ان جي وڏي خوشي آهي ڇو تہ ان جي وسيلي اسان جو خدا سڃاتو ويندو ۽ ان جي پاڪائي بيان ٿيندي ۽ منهنجي سچائي دنيا کي معلوم ٿيندي ۽ اهو انهن ماڻهن کان بدلو وٺندو جيڪي مون کي انسان کان وڌيڪ ڪجهه قرار ڏيندا..... اهو هڪ اهڙي سچائيءَ سان ايندو جيڪا سڀني نبين جي آندل سچائي کان وڌيڪ پڌري هوندي (باب 72)

4. "(يسوع سردار ڪاهن کي چيو) زنده خدا جو قسم جنهن جي حضور ۾ منهنجي جان حاضر آهي مان اهو مسيح نہ آهيان جنهن جي اچڻ جو پوري دنيا جون قومون انتظار ڪري رهيون آهن جنهن جو واعدو خدا اسان جي پيءُ ابراهيم سان هي چئي ڪري ڪيو هو تہ "تنهن جي نسل جي وسيلي زمين جون سڀئي قومون برڪت لهنديون" (پيدائش 18:22) پر جڏهن خدا مون کي دنيا مان وٺي ويندو تہ شيطان وري اها بغاوت برپا ڪندو تہ پرهيزگار ماڻهو مون کي خدا ۽ خدا جو پٽ مڃن ان وقت خدا دنيا تي رحم ڪندو ۽ پنهنجو رسول موڪليندو جنهن جي لاءِ هن دنيا جون اهي شيون ٺاهيون آهن جيڪو طاقت سان ڏکڻ کان ايندو ۽ بتن کي بت پرستن سان گڏ برباد ڪندو" (باب 96)

5. "سردار ڪاهن پڇيو، ڇا خدا جي ان رسول کان پوءِ ٻيا نبي بہ ايندا؟ يسوع جواب ڏنو تہ "ان کان پوءِ خدا جا موڪليل سچا نبي نہ ايندا پر گهڻائي ڪوڙا نبي ايندا جن جو مون کي غم آهي ڇاڪاڻ جو شيطان خدا جي عدل واري فيصلي جي سبب ــــــــ ان انهن کي اٿاريندو ۽ اهي منهنجي انجيل جي پردي ۾ پنهنجو پاڻ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪائيندا“ (باب 97)

6. ”سردار ڪاهن پڇيو تہ اهو مسيح ڪهڙي نالي سان پڪاريو ويندو “ ۽ ڪهڙيون نشانيون ان جي اچڻ ڪي ظاهر ڪنديون؟ يسوع جواب ڏنو ان مسيح جو نالو ”تعريف جوڳو“ آهي. ڇاڪاڻ جو خدا جڏهن ان جو روح خلقيو هو تہ ان وقت اهو نالو خود رکيو هئائين ۽ اتي ڪيس هڪ ملڪوتي شان سان رکيو ويو هو. خدا چيو ”اي محمد انتظار ڪر ڇاڪاڻجو تنهنجي ئي خاطر مان بهشت، دنيا ۽ ٻيون ڪيتريون مخلوقات پيدا ڪندس. ۽ اها توکي سوکڙي طور ڏيندس ايتري قدر جو جيڪو تنهنجي تبريڪ (واڌ ويجهہ جي دعا) ڪندو ان کي برڪت ڏني ويندي ۽ جيڪو تنهنجي تڪذيب ڪندو ڪوڙُ چوندو تنهن تي لعنت ڪئي ويندي جڏهن مان توکي دنيا ڏانهن موڪليندس تہ مان توکي پنهنجي نجات ڏيندڙ جي حيثيت سان موڪليندس تنهنجي ڳالهہ سچي هوندي ايتري قدر جو زمين ۽ آسمان ٽري ويندا پر تنهنجو دين نہ ٽرندو سو ان جو نالو محمد اٿئي“ (باب 97)

7. برناباس لکي ٿو تہ هڪ موقعي تي شاگردن جي سامهون حضرت عيسيٰ ٻڌايو تہ منهنجن شاگردن مان هڪ (جيڪو بعد ۾ يهوداہ اسڪريوتي نڪتو) مون کي 30 ٽيهن سڪن جي بدلي دشمنن کي وڪڻي ڇڏيندو“.

8. ”ان ڪان پوءِ فرمايائين تہ مون کي پڪ آهي تہ جيڪو مون کي وڪڻندو سو ئي منهنجي نالي سان ماريو ويندو ڇاڪاڻ جو خدا مونکي زمين ڪان مٿي کڻي ويندو ۽ ان غدار جي شڪل اهڙي مٽي ڇڏيندو جو هر شخص ائين سمجهندو تہ اهو مان ئي آهيان تنهن هوندي بہ جڏهن اهو هڪ بري موت مرندو تہ هڪ عرصي تائين منهنجي تذليل ٿيندي رهندي پر جڏهن محمد، خدا جو پاڪ رسول ايندو تہ منهنجي اها بدنامي دور ڪئي ويندي ۽ خدا اهو ان ڪري ڪندو جو مون ان مسيح جي سچائيءَ جو اقرار ڪيو آهي اهو مون کي ان جو هي انعام ڏيندو جو ماڻهو اهو ڄاڻي وٺندا مان جيئرو آهيان ۽ ان ذلت جي موت سان منهنجو ڪو واسطو ناهي“ (باب 113).

9. ”(شاگردن کي حضرت عيسيٰ عليہ السلام چيو) بي شڪ مان توهان کي چوان ٿو تہ جيڪڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام جي ڪتاب مان سچائي مٽائي نہ وڃي ها تہ خدا اسان جي پيءُ دائود کي هڪ ٻيو ڪتاب نہ ڏئي ها ۽ جيڪڏهن دائود جي ڪتاب ۾ ڦيرڦار نہ ڪئي وڃي ها تہ خدا مون کي انجيل نہ ڏي ها ڇاڪاڻ تہ خداوند اسان جو خدا بدلجڻ وارو ناهي ۽ ان سڀني انسانن کي هڪ پيغام ڏنو آهي ان ڪري جڏهن الله تعاليٰ جو رسول ايندو تہ اهو ان لاءِ ايندو جو انهن سڀني شين کي صاف ڪري ڇڏي جن سان بي خدا (يعني خدا کي نہ مڃيندڙ) ماڻهن منهنجي ڪتاب کي گهنجرائي ڇڏيو آهي“ (باب 124)

آيت نمبر 8 ۽ آيت نمبر 9 ۾ اعلان ڪيو ويو آهي تہ يهودي ۽ نصارن ۽ انهن سان سازباز ڪرڻ وارا منافق جي هن نور کي وسائڻ جي ڪٿي ڪيتري بہ ڪوشش ڪري وٺن اهو پوري شان شوڪت سان دنيا ۾ پکيڙي رهندو پوءِ مشرڪن کي ڪٿي ڪيتري بہ مٺيان لڳي سچي رسول ﷺ جو آندل دين ٻين سڀني دينن تي غالب ٿي رهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت نمبر 10 کان آيت نمبر 13 ۾ ايمان وارن کي ہدايو ويو آهي تہ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابـــيءَ جي واٽ رڳو هڪڙي آهي ۽ اها هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ ۽ سندس رسـول تي سـچي دل سـان ايمان آڻيندو ۽ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ جان ۽ مال سان جهاد ڪريو.

آخر ۾ ايمان وارن کي تلقـين ڪئي وئي تہ جهڙي ريت حـضرت عيسـيٰ عليہ السـلام جي حـوارين (ساٿين) الله تعاليٰ جي واٽ ۾ سندس ساٿ ڏنو هو. تهڙي ريت اهي بہ "انصار الله" (الله تعاليٰ جا مددگار) ٿين تہ يئن ڪافرن جي مقابلي ۾ ڪين بہ ائين ا تعاليٰ جي تائيد حاصل ٿئي جيئن اڳ ايمان آڻڻ وارن کي حاصل ٿي هئي.

(حوالہ تفهيم القرآن جلد 3 صفہ 555 کان 569)

وَإِذْ قَالَ عِيسَى ابْنُ مَرْيَمَ يَٰبَنِيٓ إِسْرَٰٓءِيلَ إِنِّي
رَسُولُ اللَّهِ إِلَيْكُم مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرَىٰةِ وَمُبَشِّرًا
بِرَسُولٍ يَأْتِي مِن بَعْدِي اسْمُهُ أَحْمَدُ فَلَمَّا جَآءَهُم بِالْبَيِّنَٰتِ قَالُوا
هَٰذَا سِحْرٌ مُّبِينٌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

پاره 28 سورت نمبر 62 **الجمعة** رڪوع 2 آيتون 11 آهن

هن سورت جو نالو جمعة آهي جيڪو هنجي آيت نمبر 9 جو هڪ ڪلمو آهي هن سورت ۾ جمعي نماز جا حڪم بہ بيان ڪيا ويا آهن پر "جمعو" مجموعي حيثيت سان ان جي مضمون جو عنوان نہ آهي پر ٻين سورتن جي نالن وانگر اهو نالو بہ نشانيءَ طور آهي تہ هن سورت ۾ جمعي جي نماز جو ذڪر آهي.

هيءَ سورت الله عزوجل جي تسبيح ۽ ان جي سهڻين صفتن جو بيان سان شروعات ڪئي ويئي آهي هن ۾ الله تعالىٰ پنهنجو بلند شان بيان ڪرڻ فرمايو آهي ان ڪان پوءِ پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ساراه ۽ ڪمال بيان فرمايو آهي ۽ اميين جو ذڪر ڪري يهودين جي ان باطل گمان جي ترديد فرمائي آهي جيڪي هي چيو ويٺا هئا تہ نبوت صرف اسرائيلي خاندان ۾ بند آهي ڪو بہ غير اسرائيلي نبي ٿي نہ سگهندو پر الله تعالىٰ پنهنجي مهربانيءَ سان اُميين ۾ اهڙو جليل القدر، رفيق الشان رسول عليہ الصلواة والسلام مبعوث فرمايو جنهن جي خيرات ۽ برڪات جو هتي ذڪر ٿي رهيو آهي جيڪو رباني آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو هن ۾ پنهنجي محبوب رسول حضرت محمد ﷺ ۽ سندس امت جو حال بيان ڪيو ويو آهي.

حضور عليہ الصلواة والسلام جن ڪي امي مبعوث ڪرڻ ۾ الله تعالىٰ جي عظيم قدرت ڏانهن اشارو آهي تہ جڏهن الله تعالىٰ ڪنهن سيني ڪي علوم ۽ معارف جو مرڪز بڻائي ٿو تہ ان ڪي علم حاصل ڪرڻ لاءِ مروجه طريقن جي ضرورت ناهي.

هن سورت جو رڪوع ٻيو جنهن ۾ 3 آيتون آيت نمبر 9 آيت نمبر 10 ۽ آيت نمبر 11 ان وقت نازل ٿيون جڏهن مديني ۾ هڪ ڏينهن بلڪل جمعي جي نماز وقت هڪ واپاري قافلو آيو ۽ ان جي دهل دمامن جو آواز ٻڌي 12 ماڻهن ڪان سواءِ اتي ويٺل ٻيا سيئي ماڻهن مسجد نبويءَ ما قافلي ڏانهن ڊوڙي هليا ويا جڏهن تہ ان وقت نبي ڪريم ﷺ جن جمعي جو خطبو ڏيئي رهيا هئا.

انهن آيت ۾ هي حڪم هو تہ "اي ايمان وارؤ جڏهن نماز لاءِ جمعي جي ڏينهن سڏيو وڃي تہ الله تعالىٰ جي ذڪر ڏانهن ڊوڙو ۽ وڻج واپار ڇڏي ڏيو اهو توهان لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو پوءِ جڏهن نماز پوري ٿي وڃي تہ زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ الله تعالىٰ جو فضل ڳوليو ۽ الله تعالىٰ ڪي گهڻو ياد ڪندا رهو من توهان ڪي ڪاميابي نصيب ٿي وڃي (اي نبي ﷺ) جڏهن انهن واپار ۽ راند تماشو ٿيندو ڏٺو تہ ان ڏانهن ڊوڙ پائي ويا ۽ توڪي بيٺل ڇڏي ڏنائون انهن ڪي چئو جيڪي الله تعالىٰ وٽ آهي سو راند تماشي ۽ واپار ڪان بهتر آهي ۽ الله تعالىٰ سيني ڪان ڀلو رزق ڏيندڙ آهي.

نُودِيَ للصلواة (نماز جي لاءِ سڏيو وڃي) ان مان مراد آذان آهي جمعي جي ڏينهن بہ آذانون ڏنيون وينديون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن هڪ پهريان ٻي خطيب جي منبر تي ويهڻ وقت حضرت ابوبڪر صديق ﷛ ۽ حضرت عمر ﷛ جي خلافت جي دور ۾ اذان صرف خطيب جي خطبه پڙهڻ لاءِ منبر تي ويهڻ وقت ڏني ويندي هئي پر جڏهن مسلمانن جو تعداد وڌيو ۽ انهن جي خطبه جي آذان ٻڌڻ سان هڪدم گڏ ٿي ويهڻ دشوار لڳو تہ حضرت عثمان ﷛ هڪ آذان اڳ ۾ ڏيارڻ شروع ڪرائي جيڪا زوراءِ نالي سندن جاءِ جي مٿان ڏني ويندي هئي ان تي ڪو بہ اعتراض ڪرڻ صحيح ناهي ڇو تہ حضرت عثمان﷛ جي ان ٻئي آذان تي حضرت علي ﷛ سميت ڪنهن بہ اصحابي اعتراض نہ ڪيو جو سيدنا رسول ﷺ جن فرمايو:

عَلَيكَم بِسُنَّتِي وَسُنَّةِ الخ"لفاء الرَّاشِدِينَ مِن بَعدِي"

(حوالہ تفسير جلد صہ 243 جلد 4 الصاوي صہ 195 .جزءُ 4) (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 9 صفہ 52)

(ترجمو منهنجي سنت ۽ مون کان پوءِ خلفاءِ راشدين جي سنت لازم ڪري وٺو)

## جمعي جي ڏينهن تي وڌيڪ تبصرو

حضرت ابو هريره ﷛ رسول الله ﷺ کان روايت ڪئي تہ چڱو ڏينهن جمع آهي جنهن ۾ آدم عليہ السلام پيدا ڪيو ويو ۽ ان ڏينهن جنت ۾ داخل ڪيو ويو ۽ ان ڏينهن جنت مان ڪڍيو ويو ۽ قيامت بہ جمع ڏينهن ٿيندي. حضرت آدم جمع تي وفات ڪئي.

الله تعاليٰ اسان لاءِ جمع جو ڏينهن مقرر ڪيو ڇنڇر جو ڏينهن يهودين لاءِ آچر نصارن لاءِ مقرر ٿيو (الصحيح)

حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي گهر واري سان جڏهن طور جبل کان لنگهيو هو. لنگهڻ وقت جبل سندس سڄي پاسي هو ۽ قدرتي آواز سان ڪيس سڏيو هو سڏڻ وارو ڏينهن بہ جمع جو هو (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 6 صہ 52)

## يهودين جمع جو ڏينهن ڇڏي ڇنڇر ورتو

حضرت عيسيٰ عليہ السلام نصارن کي چيو هفتي ۾ جمع جي ڏينهن کي پلارو ڪري وٺو پر انهن جمع جو ڏينهن قبول نہ ڪيو انهن آچر جو ڏينهن قبوليو.

هي جمع جو ڏينهن اهو آهي جو يهودين ۽ نصارن تي فرض ڪيو ويو هو پر انهن جمع کي ڇڏي ڏنو هو اهو پلارو جمع جو ڏينهن الله تعاليٰ اسان کي يعنيٰ حضرت محمد ﷺ جي امتين کي ڏنو آهي (حوالہ تفسير تنوير الايمان جلد 5 صہ 514 ۽ 515)

احسن البيان في تفسير القرآن جلد 9 صہ 53 تي جمع جي ڏينهن جي هن طرح وضاحت ڪئي آهي.

صحيح حديثن مان ثابت آهي تہ قديم ٻولي ۾ يوم الجمعة کي يوم العروبہ سڏيندا هئا يوم عروبہ جي معنيٰ آهي تعظيم ڪيل روشن ڏينهن (حوالہ تفسير المظهري صہ 378 جلد 10)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اها ڳالهه به ثابت آهي ته اڳيون امتون ان ڏينهن يعني يوم جمع جي لاءِ امر ڪيل هيون پر انهن کي اهو ڏينهن يعني جمع جو ڏينهن نصيب نه ٿيو (حواله تفسير ابن ڪثير صه 365 جلد 4)

اها سعادت يعني جمع جو ڏينهن محمد جي امت کي نصيب ٿي عرب کان سڀ کان پهريون هن جو نالو "الجمعة" نبي ڪريم الصلواة والسلام جن جي نسب جي سلسلي ۾ ايندڙ سندس ڏاڏي ڪعب بن لوئي رکيو. قريشن ان ڏينهن گڏ ٿيندا هئا ان ڏينهن تي ڪعب ابن لوئي ڪين خطاب ڪندو هو.

حضرت ڪعب ابن لوئي کي الله تعاليٰ جاهليت جي زماني ۾ به توحيد جو عقيدو نصيب ڪري بت پرستيءَ کان بچايو هو.

حضرت ڪعب ماڻهن کي نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن جي تشريف آوري يعني آمد جي خوش خبري 560 سالن پهريان ٻڌائي هئي.

مطلب جمعي جي ڏينهن جو اهتمام اسلام کان اڳ به حضرت ڪعب بن لوئي جي زماني ۾ ٿي چڪو هو.

جمعي جي ڏينهن جو نالو به حضرت ڪعب بن لوئي ڏانهن منسوب آهي.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

پاره 28 سورت نمبر 63 **المنٰــفقون** (رڪوع 2 آيتون يارهن (11)

هن سورت جو نالو المُنٰفقون آهي

المُنٰفقون لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي هن لفظ جي لغات قرآن ۾ معنيٰ آهي منافق مرد جيڪو دل ۾ ڪافر هجي ۽ زبان ۾ مسلمان سڏائي ظاهري مسلمان هجي المُنٰفقون هن سورت جي نالي هئڻ سان گڏ ان جو مضمون جو عنوان پڻ آهي ڇاڪاڻ جو ان ۾ منافق جي رويي تي تبصرو ڪيو ويو آهي.

هن سورت جو مختصر مضمون هي آهي.

هن سورت پاڪ ۾ منافقن جي شهادت واري ڪلمي کي رد ڪري کين ڪوڙو چيو ويو آهي سندن جسمن کي اعتبار جي لائق نه چيو ويو آهي اهي ڪاٺ جا ٽڙ آهن جيڪي (پٽ سان) ايا ڪري رکيا ويا هجن هر زور دار آواز کي پنهنجي خلاف سمجهندا آهن اهي پڪا دشمن آهن الله تعاليٰ نبي ﷺ کي ٻڌائي ٿو ته "اي نبي تون ڪٿي انهن لاءِ بخشش جي دعا گهرين يا نه گهرين انهن لاءِ برابر آهي الله تعاليٰ هر گز کين معاف نه ڪندو الله فاسق (بدڪار) کي هر گز هدايت نٿو ڏئي انهن جي خباثت (برايون) به ٻڌايون ويو آهن ته اهي سيدنا رسول ﷺ جن جي حڪم تي مال خرچ ڪرڻ کان به روڪيندا هئا هن سورت ۾ انهن جو غرور ۽ تڪبر بيان ڪيو ويو آهي منافق پاڻ کي وڏي عزت وارو ۽ مومنن کي ذليل سمجهندا هئا حالانڪ عزت الله ۽ ان جي رسول عليہ الصلواة والسلام ۽ مؤمنن جي لاءِ آهي رڪوع ٻئي ۾ مومنن کي الله عزوجل جي ذڪر کان غافل رهڻ کان روڪيندا ڪين موت کان پهريان في سبيل الله خرچ ڪرڻ جي ترغيب ڏنل آهي. (حواله احسن البيان في تفسير القرآن ج 9 صہ 59)

فائدا: جيڪي غافل رهندا اهي خساري ۾ پوندا.

مذڪور آيتن جي تفسير ۾ علامہ صابوني لکيو آهي ته تڪبر ۽ عزت ۾ فرق آهي مسلمان کي تڪبر نہ ڪرڻ گهرجي پر ان جي لاءِ اهو بہ حلال ناهي جو پاڻ کي ذليل بڻائي انسان جو پنهنجي حقيقت کي سڃاڻڻ عزت آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي نہ سڃاڻڻ تڪبر آهي سيدنا امام حسن بن علي رضي الله عنه کي ڪنهن عرض ڪيو تہ ماڻهو چون ٿا تہ اوهان ۾ تڪبر آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ مون ۾ تڪبر ناهي پر عزت نفس جو احساس آهي. الله عزوجل جو فرمان آهي جيڪو مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ الله تعاليٰ لاءِ عزت آهي، ان جي رسول جي لاءِ ۽ مؤمنن جي لاءِ پر منافق نہ ٿا ڄاڻن هن سورت ۾ الله تعاليٰ صاف فرمايو آهي تہ جڏهن موت ايندو تہ الله تعاليٰ ڪنهن کي مهلت نہ ڏيندو هتي "اجلها لفظ استعمال ٿيل آهي جنهن جي مراد تقدير مبرم آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي ممڪن نہ آهي ان جي متعلق ٿي فقره آهي تہ (جڏهن سندس اجل ايندو تہ نہ هڪ ساعت پوئتي ٿي سگهندو نہ اڳتي ٿي سگهندو) اهو ارشاد آيل آهي پر معلق تقدير ۾ تبديل واقع ٿي سگهي ٿي.ان لاءِ فرمان آهي "يَمحوا الله مَايَشاءُ و يثبتُ وَعنده ام الڪتب الله تعاليٰ جيڪي گهري ٿو مٽائي ٿو ۽ ثابت رکي ٿو ۽ ان وٽ ٿي لوح محفوظ آهي. (حواله احسن البيان في تفسير القرآن ج 9 صہ 69)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمِ اللہ الرحمن الرحيم

(پاره 28 سورت نمبر 64 **التغابن** (مدينه (رڪوع 2 آيتون 18)

هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 9 مان ورتل آهي عربي لغات القرآن ۾ التغابن جي معنيٰ آهي هارڻ ۽ کٽڻ (جو ڏينهن) عيب ظاهر ڪرڻ هڪ ٻئي کي ڳجهي طريقي سان نقصان پهچائڻ. هي اها سورت آهي جنهن ۾ لفظ تغابن آيو آهي. آيت نمبر 9 جي پهرين فقري ۾ لفظ التغابن استعمال ٿيل آهي ان فقري جو ترجمو آهي (جنهن ڏينهن اوهان کي گڏ ٿيڻ واري ڏينهن جي لاءِ گڏ ڪندو اهو هارائڻ ۽ کٽڻ جو ڏينهن آهي)

هن سورت جو موضوع ايمان ۽ اطاعت جي دعوت ۽ پڻ اخلاقن جي تعليم آهي ڪلام جي ترتيب هي آهي ته پهرين چئن آيتن جو خطاب سڀني انسانن سان آهي پوءِ آيت نمبر 5 کان آيت نمبر 10 تائين انهن ماڻهن سان خطاب ڪيو ويو آهي. جيڪي قرآن جي دعوت کي نٿا مڃن ۽ ان کان پوءِ آيت نمبر 11 کان آخر تائين جي آيتن جو رخ انهن ماڻهن ڏانهن آهي جيڪي هن دعوت کي مڃن ٿا.

سڀني انسانن کي خطاب ڪندي ڪن ٿورڙي مختصر فقرن ۾ ڪين چار بنيادي حقيقتن کان باخبر ڪيو ويو آهي.

پهريون هي ته هن ڪائنات جو خالق مالڪ ۽ فرمانروا هڪ اهڙو مطلق بااختيار خدا آهي جنهن جي ڪامل ۽ بي عيب هئڻ جي شاهدي هن ڪائنات جو ذرو ذرو ڏيئي رهيو آهي.

ٻيو هي ته هيءَ ڪائنات بي مقصد ۽ بي حڪمت نه آهي پر سندس خالق ان کي سراسر برحق پيدا ڪيو آهي هتي ان غلط فهمي ۾ نه رهو ته اهو هڪ اجايو تماشو آهي جو اجايو ئي شروع ٿيو ۽ ائين ئي ختم ٿي ويندو.

ٽيون هي ته توهان کي جنهن بهترين صورت ۾ الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي ۽ پوءِ جنهن نموني ڪفر ۽ ايمان جو اختيار توهان کي ڏنو آهي اهو ڪو بي حاصل ۽ اجايو ڪم ناهي اصل ۾ الله تعاليٰ هي ڏسي رهيو آهي ته توهان پنهنجو اهو اختيار ڪهڙي ريت استعمال ڪريو ٿا.

چوٿون ته توهان غير ذميوار ۽ غير جوابدار نه آهيو آخر توهان کي پنهنجي خالق ڏانهن موٽي وڃڻو آهي جيڪو دلين جا لڪل خيال ب چاڻي ٿو ان کان پوءِ ڪلام جو رخ انهن ماڻهن ڏانهن ٿئي ٿو جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي ۽ ڪين گذريل تباهه ٿيل قومن جي تاريخ ڏانهن توجهه ڏياري ڪري ٻڌايو وڃي ٿو ته انهن جي تباهيءَ جا بنيادي سبب رڳو ٻه هئا.

هڪ هي ته الله پاڪ جن رسولن کي انهن جي هدايت لاءِ موڪليو هو تن جي ڳالهه مڃڻ کان انهن انڪار ڪيو.

ٻيو هي ته انهن آخرت جي عقيدي کي ب رد ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي پر ۾ هي ڄاڻي ويٺا ته جيڪي ڪجهه آهي بس اهائي دنيا جي حياتي آهي.

انساني تاريخ جون اهي ٻه سبق آموز حقيقتون بيان ڪري حق جي منڪرن کي دعوت ڏني وڃي ٿي ته اهي هوش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچن ۾ گذريل قومن وارو نتيجو ڏسڻ نٺا گهرن تہ ا تعاليٰ ۾ سندس رسول ﷺ ۾ ان هدايت جي نور تي ايمان آڻن جيڪو الله تعاليٰ قرآن شريف جي صورت ۾ نازل فرمايو آهي ان سان گڏ کين خبردار ڪيو وڃي ٿو تہ آخرڪار اهو ڏينهن اچڻ وارو آهي جڏهن سڀ اڳيان پويان هڪ هنڌ گڏ ايا ويندا ۽ توهان مان هر هڪ جو ڪوٽ سيني جي سامهون پڌرو ٿي ويندو. پوءِ سدائين لاءِ سيني انسانن جي قسمت جو فيصلو انهن جي ايمان ۽ عمل جي بنياد تي ڪيو ويندو.

ان ڪان پوءِ ايمان جي واٽ وٺڻ وارن کي مخاطب ڪري ڪي اهم هدايتون کين ڏنيون وڃن ٿيون.

هڪ تہ اها دنيا ۾ جيڪا مصيبت بہ اچي ٿي الله تعاليٰ جي حڪم سان اچي ٿي اهڙين حالتن ۾ جيڪو شخص ايمان تي مضبوط ٿي بيهي تہ الله تعاليٰ سندس دل کي هدايت بخشيندو آهي تہ نہ گهبراهٽ يا خوف ۾ مبتلا ٿي جيڪو ماڻهو ايمان جي واٽ کان ٿڙي وڃي تہ ان جي دل الله تعاليٰ جي هدايت کان محروم ٿي ويندي آهي.

ٻي اها تہ مؤمن جو ڪم رڳو ايمان آڻڻ ئي ناهي پر ايمان آڻڻ کان پوءِ کيس عملي طرح الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ جي اطاعت ڪرڻ گهرجي.

ٽين اها تہ مؤمن جو ڀروسو پنهنجي طاقت يا دنيا جي ڪنهن طاقت تي نہ پر رڳو الله تعاليٰ تي هئڻ ڪپي.

چوٿين اها تہ مؤمن لاءِ سندس مال ۾ سندس اهل ۽ عيال هڪ تمام وڏي آزمائش آهن ڇاڪاڻ جو گهڻو ڪري انهن جي محبت ئي انسان کي ايمان ۽ اطاعت جي واٽ کان منهن موڙ ائيندي آهي ان ڪري ايمان وارن کي ان معاملي ۾ گهڻو هوشيار رهڻ گهرجي. (حوالہ خلاصو 3 تفهيم القرآن صفحہ 592،590 سورت جو تعارف)

هن آيت جي تبصري ڪندي تفسير تنوير الايمان واري ڪنهن شاعر جو بيت پنهنجي تفسير ۾ لکيو آهي جتان اسان نقل ڪيو آهي جيڪو هي آهي.

**بيت**

ڏهن ويرين وچ ۾ آيو انسان
پهريون ويري پنهنجو آهي نفس نجس نادان
ٻيو ويري ان سان شامل آهي شيطان
ٽيون ويري ويتر آهي صحبت زال زيان
چوٿون ويري ٿا چون ٻيٽو ٻي فرمان
پنجون ويري پيٽ آهن جو نِت نِت گهري نان
ڇهون ويري اُج آهي ريءَ پاڻي پريشان
ستون ويري آهي شهوت جنهن ڪيا هزارين حيران



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٺـــو ويـــري آڪـــٽ آهـــ تـــڪـــــبر طـــولان
نـــائـــون ويـــري ننڊ آهـــ غـــفـــلـــت گـــذران
ڏهـــون ويـــري آهـــ ڏمـــر جـــهـــل وڏو جـــولان
انهن ڏهن ويرين وچ مان جيڪو ڪٽي جنگ جوان
تہ هي سر ڪيان قربان تنهن سورهيہ اُتان ساهو چوي

پنجين اها تہ هر انســـــان پنهنجي وَس آهر ٺي ذميوار آهي الله تعاليٰ جو مطالبـــــو اهو ناهي تہ ماڻهو پنهنجي وَس کان وڌي ڪم ڪري البتہ مؤمن کي جنهن ڳالهہ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ســاهيءَ تہ پنهنجي پنهنجي حد تائين الله تعاليٰ کان ڊڄندي زندگي گذارڻ ۾ ڪسر نہ ڇڏي.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا لله الرحمن الرحيم

پاره 28 سورت نمبر 65 **الطلاق** (رڪوع 2 آيات 12)

لغات القرآن ۾ طلاق جي معنيٰ آهي طلاق ڏيڻ، نڪاح جي قيد کان آزاد ڪرڻ، رخصت ڪرڻ ان سورت ۾ طلاق ۽ عدت جي متعلق ذڪر ڪيل آهي هن سورت جو نالو طلاق رکيو ويو آهي جيڪو ان سورت جي مضمون جو عنوان بہ آهي.

هن سورت جي نازل ٿيڻ کان اڳ۾ سورت البقره نازل ٿي آهي جنهن ۾ طلاق ۽ عدت ۽ ان سان تعلق رکندڙ مسئلن تي آيت نمبر 226 کان آيت نمبر 237، آيت نمبر 240 ۽ آيت نمبر 242 نازل ٿيون آهن ان کان علاوه سورت احزاب جي آيت نمبر 49 ۾ بہ حڪم ٿيل آهي تہ جڏهن توهان مسلمان عورت سان نڪاح ڪريو پوءِ انهن کي بغير هٿ لائڻ جي ڇڏي ڏيو تہ توهان جي واسطي انهن تي ڪا بہ عدت نہ آهي، جنهن کي ڳڻيو پر انهن کي ڪجهہ فائدو ڏيو ۽ چڱي طرح سان ڇڏي ڏيو.

هن سورت جي مطالعي ڪرڻ کان اڳ۾ مٿين آيتن جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي.

روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سورت البقره ۽ سورت احزاب جي مٿين آيتن وارا حڪم ماڻهن کي سمجهڻ مشڪل لڳا انهيءَ ڪري الله تعاليٰ ماڻهن کي پنهنجا حڪم ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ سورت طلاق نازل فرمائي.

## طلاق سورت جي مضمون تي هڪ نظر

سورت طلاق جي آيت نمبر 1 جي فقرن ۾ هن طرح آهي.

1. جڏهن توهان زالن کي طلاق ڏيو تہ کين سندن عدت لاءِ طلاق ڏيندا ڪريو ۽ عدت جا ڏينهن چڱي طرح ڳڻيو ۽ الله تعاليٰ کان ڊڄو (عدت جي ڏينهن ۾) توهان کين گهرن مان نہ ڪيو ۽ نہ اهي پاڻ نڪرن.

2. **طلاق جي عدت پوري ٿيڻ کان پوءِ عورتن کي رکو يا سهڻي نموني ڇڏي ڏيو:**

آيت نمبر 2 جڏهن اهي پنهنجي (عدت جي) مدت جي پڄاڻيءَ تي پهچن تہ کين ڀلي طريقي سان (پنهنجي نڪاح ۾) روڪي رکو يا ڀلي طريقي سان انهن کان ڌار ٿي وڃو ۽ پن ماڻهن کي شاهد ڪري جيڪي توهان مان عدل وارا هجن.

3. **عدت جو بيان:**

آيت نمبر 4 توهان جي زالن مان جيڪي حيض کان نا اميد ٿيون آهن انهن جي معاملي ۾ جيڪڏهن توهان کي ڪو شڪ ٿيو آهي تہ (توهان کي معلوم هجي تہ) سندن عدت (3) ٽي مهينا آهي ۽ اهو ئي حڪم انهن جو آهي جن کي اڃا حيض نہ آيو آهي ۽ حمل وارين عورتن جي عدت جي حد اها آهي ٻار ڄڻين.

4. **عدت گذارڻ جي جاءِ:**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيت نمبر 6 جي فقرن ۾ آهي تہ انهن کي (عدت جي ڏينهن ۾) انهيءَ هنڌ تي رکو جتي توهان رهندا آهيو پنهنجي حيثيت سان جهڙي جاءِ بہ هجيوَ ۽ انهن کي تنگ ڪرڻ لاءِ ڪين نہ ستايو.

5. **مطلق حامل عورتن جا حڪم:**

1. جيڪڏهن اهي حمل (پيٽ سان هجن تہ مٿن ايستائين خرچ ڪندا رهو جيستائين اهي ٻار ڄڻين).

2. **اولاد کي کير پيارڻ لاءِ اجرت ڏيڻ جا حڪم:** پوءِ جيڪڏهن اهي توهان جي (ٻار کي) کير پيارين تہ انهن جو اجورو کين ڏيو ۽ ڀلي طريقي سان (اجوري جو معاملو) پاڻ ۾ صلاح سان طئہ ڪريو پر جيڪڏهن توهان (اجورو طئہ ڪرڻ ۾) هڪ ٻئي کي تنگ ڪيو تہ ٻار کي ڪا بہ عورت کير پياري.

6. آيت نمبر 7 هن آيت جي پهرين فقري ۾ آهي پهچ وارو ماڻهو پنهنجي پهچ آهر خرچ ڏي.

7. نافرمانيءَ جي ڪري ڪيترا ڳوٺ برباد ٿي ويا.

آيت نمبر 8 اهڙا ڳوٺ هئا جن پنهنجي پالڻهار ۽ پنهنجن پيغمبرن جي حڪمن جي نافرماني ڪئي پوءِ انهن کي سخت عذاب ڪيوسين انهن کي دنيا جو عذاب ٿي چڪو آهي اجان انهن لاءِ آخرت جو عذاب باقي آهي جيڪو الله تعاليٰ انهن لاءِ آخرت جو عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

هن سورت جي آخر ۾ آهي تہ الله تعاليٰ جو علم سڀ ڪنهن شيءَ کي ورڪوڙيو آهي.

اوهين ڄاڻو تہ الله تعاليٰ سڀ شيءِ تي وس وارو آهي.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا لله الرحمن الرحيم

(66) **التحريم** (رڪوع 2 آيات 12)

پهرين آيت جي لفظن لِمَ تُحَرِم مان ورتل آهي هن نالي مان مراد آهي تہ هي اها ســـــورت آهي جنهن ۾ تحريم جي واقعي جو بيان آهي.

ان ڪري هن سـورت پاڪ جو نالو التحـريم آهي (لِمَ) تُحَرِّمُ لفظ جي معنيٰ آهي ”توهان حـرام (ڇو) ٿا بنايو؟

1. تفسير تنوير الايمان جلد 10 صہ 218، 219

2. تفسير تفهيم القرآن جلد 3 صہ 619

3. تفسير احسن البيان في تفسير القرآن صہ 109

4. تفسير ڪنز الايمان ق صہ 676

مٿين چئني تفسيرن ۾ منهٔ وارين آيتن جو شـان نزول ۾ هڪڙو قـول ”ماکي جي تحريم جو واقـعو درج ٿيل آهي جنهن جو خلاصو آهي جيڪو حـضرت عائشہ ﷞ کان صحـيح بخاري ۽ مسـلم ۽ ٻين ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ حـضرت رســول الله ﷺ جي عادت شـريف هئي تہ هر روز عصر (ٽيپهريءَ) جي نماز کان پوءِ سيني گهر وارين وٽان چڪر هڻندا هئا. هڪ موقعي تي ائين ٿيو جو پاڻ سڳورا ﷺ بـيبي زينب ﷞ بـنت جحـش وٽ وجي وڌيڪ دير تائين ويهڻ لڳا ڇو جو ان وٽ ڪٿان ماکي آيل هئي ۽ حـضور اڪرم ﷺ جن کي مٺاڻ زياده وڻندو هو تنهن ڪري پاڻ سڳورا ﷺ ان وٽ ماکي جو شربـــت نوش فرمائيندا هئا ان تي ڪجهہ ٻين زالن کي ريس آئي ۽ بـيبي زينب ﷞ وٽ پاڻ سڳورن ﷺ جو وڌيڪ دير تائين ويهڻ برداشـت نہ ٿي سگهيو ۽ انهن پاڻ ۾ ٻڌي ڪري حضور ﷺ کي ان ماکيءَ کان اهڙي نفرت ڏياري جو پاڻ ﷺ ان کي استعمال نہ ڪرڻ جو واعدو ڪيو ۽ هن ڳالهہ کي مخفي رکڻ جو تاڪيد فرمايائون تہ مٿان هن ڳالهہ ٻڌڻ ســان بـي بـي زينب ﷞ کي رنج ٿئي، مگر بـي بـي اها ڳالهہ لڪائي نہ سگهي ۽ بي بي صاحبہ کي ٻڌائي ڇڏيائين. ان تي رب پاڪ هي آيت نازل ڪئي.

يَاَيُّهَا النَّبِيُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكَ ۚ اي نبي تون ڇو ان شــــيءِ کي حــــرام ڪرين ٿو. جيڪا الله تعاليٰ تنهنجي لاءِ حلال ڪئي آهي.

علاوه ان قول جي تفسيرن وارن ٻيا قول بہ پنهنجي تفسيرن ۾ بيان ڪيا آهن جن جا خلاصا هي آهن.

**1. حضور ﷺ جن جو بيبي ماريہ قبطيہ کي پاڻ تي حرا م ڪرڻ:**

خلاصو: هڪ دفعي سيد عالم ﷺ جن ام المؤمنين بـيبي حفصہ ﷞ جي جاءِ تي رونق افروز ٿيا اها بـيبي حـفصہ محبـوب پاڪ جي اجازت ســان پنهنجي والد حـضرت عمر فاروق ﷛ جي طبـيعت پڇڻ جي واسـطي تشريف وٺي ويئي حضور محبوب اڪرم جن بيبي ماريہ ﷞ قبطيہ کي خدمت جو شرف بخشيو اها ڳالهہ بـيبي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حفصہ ﷺ کي ڏکي لڳي پاڻ محبوب ڪريم ﷺ ان جي دل رکڻ جي واسطي فرمايو تہ مان بيبي ماريہ ﷺ کي پاڻ تي حرام ڪيو. الله پاڪ آيت نازل ڪئي تہ "اي نبي تون ڇو ان شيءِ کي حرام ڪرين ٿو جيڪا الله تعاليٰ تنهنجي لاءِ حلال ڪئي آهي".

حضور ﷺ جن بيبي حفصہ ﷺ کي فرمايو تہ مان توکي خوشخبري ڏيان ٿو تہ مون کان پوءِ امت جو ڪم ڪار جا مالڪ حضرت ابوبڪر صديق ﷺ، حضرت عمر فاروق ﷺ هوندا. بيبي حفصہ ﷺ ان تي خوش ٿي ۽ نهايت خوشيءَ ۾ اها ڳالهہ بيبي عائشہ ﷺ سائڻ کي وڃي ٻڌايائين جڏهن تہ حضور ﷺ جن بيبي حفصہ ﷺ کي فرمايو تہ "ان ڳالهہ کي راز ۾ رکجو" پر بيبي حفصہ اها راز واري ڳالهہ بيبي عائشہ ﷺ کي ٻڌائي ڇڏي جنهن تي الله پاڪ هن سورت جي منڍ وارين ٽي آيتون نازل ڪيون آهن جنهن ۾ نبي کي فرمايو ويو آهي تہ "جيڪا شيءِ الله پاڪ تو لاءِ حلال ڪيو آهي سا پاڻ تي حرام ڇو ٿو ڪرين پنهنجي زالن جو راضپو ٿو گهرين الله تعاليٰ بخشڻهار مهربان آهي. بيشڪ الله تعاليٰ اوهان لاءِ اوهان جي قسمن جو کولڻ درست ڪيو آهي. الله تعاليٰ اوهان جي سائين آهي اهو ڄاڻيندڙ ۽ حڪم وارو آهي ۽ ياد ڪر جنهن وقت پيغمبر پنهنجن زالن مان ڪنهن هڪڙيءَ کي ڳجهي ڳالهہ چئي پوءِ جڏهن ان (ڳجهيءَ ڳالهہ) کي ان بيبيءَ ٻڌرو ڪيو" وري بہ ياد ڪرائڻ لاءِ ٻڌائجي ٿو تہ منڍ وارين آيتون آهن جن جو ترجمو لکيو آهي. تنهن ڪري هن سورة جو نالو سورة التحريم رکيو ويو آهي.

## موضوع

مٿي هن سورت ۾ تحريم جي واقعي جو تفصيلي بيان ڪيو آهي ۽ رسول الله ﷺ جن جي پاڪ زالن بابت ڪن واقعن ڏانهن اشارو آهي.

پهريون هي تہ حلال ۽ حرام جائز ۽ ناجائز جون حدون مقرر ڪرڻ جا اختيار الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهن عام انسان تہ پري پر خود نبي ڪريم ﷺ بہ الله تعاليٰ جي حلال ڪيل ڪنهن شيءِ کي حرام ڪرڻ جو اختيار ناهي.

ٻيو هي تہ انساني سماج ۾ نبيءَ جو مقام انتهائي نازڪ آهي هڪ معمولي ڳالهہ بہ جيڪا ڪنهن ٻئي انسان جي زندگيءَ ۾ پيش اچي ۽ ڪٿي ڪا خاص اهميت واري بہ نہ هجي پر اها ئي نبيءَ سڳوري جي زندگيءَ ۾ جيڪڏهن پيش اچي تہ اها قانون جي حيثيت اختيار ڪري وڃي ٿي ان ڪري الله تعاليٰ طرفان نبين سڳورن عليهم السلام جي زندگين تي اهڙي سخت نگراني ڪئي ويئي آهي جو انهن جو ڪو معمولي عمل بہ خدائي مرضي کان هٽيل نہ هوندو تہ جيئن اسلامي قانون ۽ ان جا اصول پنهنجي بلڪل صحيح صورت ۾ الله تعاليٰ جي پانهن تائين پهچي وڃن.

آيت نمبر 5 الله تعاليٰ نبيءَ جي زالن کي تنبيهہ طور چيو آهي تہ جيڪڏهن پيغمبر توهان سيني زالن کي طلاق ڏيئي ڇڏي تہ اميد آهي تہ سندس پالڻهار کيس اهڙيون زالون توهان جي بدلي ۾ عطا ڪندو جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان کان چڱيون هونديون سچيون مسلمان ايمان واريون تابعداري ڪندڙ، توبه ڪندڙ، عبادت ڪندڙ، روزي دار توڙي رنڙ هجن يا ڪنواريون.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته اي ايمان وارو بچايو پنهنجو پاڻ کي پنهنجي اهل ۽ عيال کي ان باھ کان جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر ٿيندا.

هن سورت جي آيت نمبر 7 ايمان وارن کي هدايت ڪئي ويئي آهي ته الله تعاليٰ وٽ توبه ڪريو نج توبه اميد آهي ته توهان جو رب توهان جون برائيون توهان کان پري ڪري ۽ توهان کي جنت جي باغن ۾ داخل ڪندو هي اهو ڏينهن هوندو جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي نبيءَ کي ۽ انهن ماڻهن کي جن ان سان گڏ ايمان آندو آهي خوار نه ڪندو انهن جو نور انهن جي اڳيان ۽ سندس ساڄي پاسي ڊوڙي رهيو هوندو ۽ اهو چئي رهيا هوندا ته اي اسان جا رب اسان جو نور اسان جي لاءِ مڪمل ڪر ۽ اسان کي معاف ڪر بيشڪ تو کي سڀ ڪا طاقت آهي.

هن آيت نمبر 9 جو فقرو آهي اي نبيﷺ ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر ۽ انهن سان سختي سان پيش اچ انهن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي.

هن سورت جي آيت نمبر 10 کان آيت نمبر 12 ۾ الله تعاليٰ خاص طرح پاڪ زالن جي اڳيان ٽن قسمن جي عورتن جو مثال پيش ڪيو آهي هڪ مثال حضرت نوح عليه السلام جي زال جنهن جو نالو واعله يا والعه هو ۽ حضرت لوط جي زال جنهن جو نالو والهه هو انهن ٻنهي خيانت ڪئي انهن کي نبين جي زالن هجڻ جو فائدو نه ٿيو ۽ اهي الاهي عذاب کان بچي نه سگهيون انهن لاءِ حڪم ڪيو ويو ته ٻين ڪافرن سان گڏ اوهان به جهنم ۾ داخل ٿيو.

ٻيو مثال فرعون جي زال آسيه بنت مزاحم جو آهي ته هن ايمان آندو تنهنڪري فرعون جهڙي ڪافر جي زال هئڻ به ان جي لاءِ ڪنهن نقصان جو سبب نه ٿيو ٽيون مثال حضرت مريم عليها السلام جو آهي جنهن کي اهو عظيم الشان مرتبو ان ڪري مليو جو الله تعاليٰ ان کي جڏهن سخت آزمائش ۾ وجهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هن خوشيءَ سان سر نوايو هو.

انهن ڳالهين کان علاوه هڪ ٻي اهم حقيقت جيڪا هن سورت جي آيت نمبر 3 مان اسان کي معلوم ٿئي ٿي سا هيءَ آهي ته الله تعاليٰ طرفان نبي ڪريم ﷺ وٽ صرف اهوئي علم نه ايندو هو جيڪو قرآن ۾ درج ٿيل آهي پر پاڻ سڳورن ﷺ کي وحيءَ جي ذريعي ٻين ڳالهين جو به علم ڏنو ويندو هو جيڪي قرآن مجيد ۾ درج ڪيل ناهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 29) سورت 67 **الـملـڪ** مڪيہ (رڪوع 2 آيتون 30)

هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي. لغات القرآن ۾ هن لفظ جي معنيٰ بادشاهت، بادشاهي ۽ اقتدار اعليٰ آهي انهيءَ ڪري هن سورت جو نالو الملڪ رکيو ويو آهي.

هن سورت ۾ هڪ طرف مختصر طريقي سان اسلامي تعليم جو تعارف ڪرايو ويو آهي تہ ٻئي طرف نهايت اثرائتي انداز ۾ انهن ماڻهن کي سجاڳ ڪيو ويو آهي جيڪي غفلت ۾ پيل هئا.

پهرين پنجن آيتن ۾ انسان کي احساس ڏياريو ويو آهي تہ اهو جنهن ڪائنات ۾ رهندڙ آهي سا هڪ نهايت منظم ۽ مضبوط سلطنت آهي هن سلطنت کي عدم کان وجود ۾ بہ الله تعاليٰ ئي آندو آهي ۽ ان جي انتظام بندوبست ۽ حڪمرانيءَ جا سمورا اختيار بہ پوري طرح الله تعاليٰ جي ئي هٿ ۾ آهن ان سان گڏ انسان کي هي بہ ٻڌايو ويو آهي تہ هن انتهائي حڪمت ڀرئي نظام ۾ هو بي مقصد پيدا نہ ڪيو ويو آهي پر هتي کيس امتحان لاءِ موڪليو ويو آهي ۽ هن امتحان ۾ هو پنهنجي سٺي عمل سان ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿو.

آيت نمبر 6 کان آيت نمبر 11 تائين ڪفر جا اهي خوفناڪ نتيجا بيان ڪيا ويا آهن جيڪي آخرت ۾ سامهون اچڻ وارا آهن.

آيت نمبر 12 کان آيت نمبر 14 تائين هي حقيقت ذهن نشين ڪرائي ويئي آهي تہ خالق پنهنجي مخلوق کان بي خبر نٿو ٿي سگهي اهو توهان جي هر کليل ۽ ڍڪيل ڳالهہ کان تان جو توهان جي دلين جي خيالن کان بہ واقف آهي تنهنڪري اخلاق جو صحيح بنياد هي آهي تہ انسان انهيءَ اڻ ڏٺي الله تعاليٰ جي پڇاڻي کان ڊڄي برائي کان بچي اهو رويو جيڪي ماڻهو اختيار ڪنداسي ئي آخرت ۾ بخشش ۽ وڏي اجر جا مستحق ٿيندا.

آيت نمبر 15 کان آيت نمبر 23 تائين انهن جن کي انسان رواجي شيون سمجهي ڪري توجهہ جوڳيون نہ سمجهندو آهي لاڳيتا اشارا ڪري مٿن غور ۽ فڪر ڪرڻ جي دعوت ڏني ويئي آهي (۽ ماڻهن کي ان ڳالهہ جي ملامت ڪئي ويئي آهي تہ) اهي سڀ ڳالهيون توهان کي حقيقت کان خبردار ڪرڻ لاءِ موجود آهن پر توهان انهن کي جانورن وانگر ڏسندا آهيو ۽ الله پاڪ پاران مليل ٻڌڻ ۽ سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت ۽ طاقت کان ڪم نٿا وٺو جيڪا انسان هئڻ جي حيثيت ۾ هن توهان کي ڏني آهي انهيءَ ڪري توهان کي سنئين واٽ ڏسڻ ۾ نٿي اچي.

آيت نمبر 24 کان آيت نمبر 27 ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ آخرڪار توهان کي خدا جي حضور ۾ حاضر ٿيڻو آهي نبي جو اهو ڪم ناهي تہ توهان کي ان جي اچڻ جو وقت ۽ تاريخ ٻڌائي (جيئن توهان مطالبو ڪري رهيا آهيو) سندس ڪم بس هي آهي تہ توهان کي ان اچڻ واري وقت کان اڳواٽ خبردار ڪري ڇڏي.

آيت نمبر 28 کان آيت نمبر 29 ۾ مڪي جي ڪافرن جي ڳالهين جو جواب ڏنو ويو آهي جيڪي اهي نبي ڪريم ﷺ سندن ساٿين جي خلاف ڪندڙ هئا انهن کي چئو ڪڏهن توهان هي بہ سوچيو آهي تہ الله تعاليٰ ڪٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ۽ منهنجن ساٿين کي هلاڪ ڪري يا اسان تي رحم ڪري ڪافرن کي دردناڪ عذاب کان ڪير بچائيندو انهن کي چئو اهو ٻاجهارو آهي انهيءَ تي اسان ايمان آندو آهي ۽ انهيءَ تي اسان جو ڀروسو آهي سگهوئي توهان کي معلوم ٿي ويندو تہ پڌري گمراهي ۾ ڪير آهي. انهن کي چئو ڪڏهن توهان هي بـــــــ ســـــــوچيو آهي تہ جيڪڏهن توهان (جي کوهن) جو پاڻي زمين ۾ هيٺ اونهو لهي وڃي تہ ڪير آهي جو هن وهندڙ پاڻي جون سيرون توهان کي وهائي ڏيندو. (حوالہ تفهيم القرآن جلد 3 صفہ 628،629)






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 29) سورت نمبر 68 **القلم** (مڪه رڪوع 2 آيتون 52)

هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي جنهن جي معنيٰ آهي قلم (لکڻ وارو) قلم ڇا مراد آهي. قلم جي معنيٰ ۾ مفسرن جو ٿورو اختلاف آهي ڪن لکيو آهي ته ان مان مراد عام قلم آهي ۽ جيڪي انهن سان لکجي ٿو ڪن مفسرن قلم جي معنيٰ آهي اهو قلم تقدير وارو خاص آهي ۽ جيڪي لوح محفوظ ۾ لکيل آهي تفسير حافظ ابن ڪثير ظاهر معنيٰ جي ڪري انهيءَ پوئين قول کي پسند ڪيو آهي اهو قول حضرت ابن عباس رضي الله عنه جو آهي.

هن سورت ۾ حضور ﷺ جن جو خلق جو ذڪر ڪيل سورت جي منڍ ۾ الله تعاليٰ قلم جو قسم کڻي فرمائي ٿو ته "قسم آهي قلم جو ۽ انهن جو جنهن کي لِکَن ٿا يعني لوح محفوظ کي ته اي محمد ڪريم ﷺ ته تون پنهنجي پروردگار جي ڏنل نبوت جي نعمت ۾ چريو نه آهين ۽ تحقيق تنهنجي لاءِ اڻ کٽ اجر آهي ۽ بيشڪ تون وڏي خلق تي آهين.

## اخلاق حسنه جي متعلق ڪجه روايتون

1. جبير بن مطعم رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون ام المومنين سيد عائشه رضي الله عنها کان نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي اخلاق جي متعلق پڇيو ته پاڻ فرمايائون "القرآن" يعني جيڪو قرآن ڪريم جي حڪم آهي اهو سندن اخلاق هو ان کان پوءِ فرمايائين ته ڇا اوهان سورة "المومنون" پڙهندا آيو مون عرض ڪيو ته هائو فرمايائين ته پڙهه " قَدۡ اَفۡلَحَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ کان وَالَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَوٰتِهِمۡ يُحَافِظُوۡنَ " تائين پڙهيو ته فرمايائين (هن ۾ بيان ٿيل آهي هي سندن اخلاق هو).

آيت نمبر 8 کان آيت نمبر 16 جو عنوان آهي ته ڪوڙن جي تابعداري نه ڪريو يعني ڪوڙن قسمن کڻندڙن جي اطاعت نه ڪريو.

آيت نمبر 17 کان آيت نمبر 33 ۾ هڪ باغ وارن جو مثال ڏنو ويو آهي جن الله تعاليٰ جي نعمت حاصل ڪري ان جي ناشڪري ڪئي ۽ انهن ۾ جيڪو شخص سيني کان چڱو هو تنهن جي نصيحت بروقت نه مڃائون ۽ آخرڪار اهي نعمت کان محروم ٿي ويا هي مثال ڏيئي مڪي وارن کي چتاءُ ڏنو ويو آهي ته جيڪڏهن توهان رسول الله ﷺ جن جي ڳالهه نه مڃيندؤ ته توهان به اهڙي طرح تباهه ٿيندؤ.

آيت نمبر نمبر 34 کان آيت نمبر 41 نيڪوڪارن لاءِ نعمت وارا باغ آهن.

آيت نمبر 42 قيامت ۾ بي فرمان سجدو ڪري نه سگهندا.

يَوۡمَ يُكۡشَفُ عَنۡ سَاقٍ وَّيُدۡعَوۡنَ اِلَى السُّجُوۡدِ فَلَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ

ترجمو: جنهن ڏينهن ساق کان کوليو ويندو ۽ سجدي جي طرف سڏيا ويندا پوءِ سجدو نه ڪري سگهندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن آيت جو تفسير آهي تہ جنهن ڏينهن قيامت جي دهشتناڪ ۽ سخت ڪم تان پردو کنيو ويندو ۽ ڪافرن کي سجدي ڏانهن سڏيو ويندو تہ پوءِ سجدو ڪري نہ سگهندا يعني قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ امر ڪندو تہ سجدو ڪريو پوءِ جن شخصن هن دنيا ۾ نماز نہ پڙهي هوندي انهن جي چيلهہ ۽ پٺا سڪي پوندا ۽ سجدو ڪري نہ سگهندا. (حوالہ تفسير تنوير الايمان جلد 10 صفہ 313)

**ساق جي حقيقت:** سمجهڻ گهرجي تہ مٿين آيت ۾ ساق جو لفظ الله تعاليٰ فرمايو آهي اهو متشابهات مان آهي جنهن جي حقيقت ڪَما هُوَ ۽ ڪَيُفَ هُوَ الله تعاليٰ تو ڄاڻي جنهن بلاغت عظيم ۽ حڪمت بالغہ سان فرمايو اٿس اتي پانهن جو عقل ۽ فهم عجز جو اقرار ڪري رهيو آهي اسان کي فقط خدا تعاليٰ جيئن فرمايو آهي تہ ان تي ايمان آڻڻ گهرجي باقي ان جي ماهيت پاڻ تو ڄاڻي. (حوالہ تفسير تنوير الايمان جلد 10 صفہ 314)

بي نمازي لاءِ پلڪار

آيت نمبر 44 کان آيت نمبر 47 ظالم کي پڪڙ نہ ٿيڻ هڪ عذاب آهي.

آيت نمبر 48 اي محمد پوءِ پنهنجي رب جي حڪم تي صبر ڪر ۽ مڇيءَ جي صاحب جي مثل نہ ٿيءُ يعني حضرت يونس جي مثل نہ ٿيءُ هن آيت ۾ رسول الله ﷺ جن کي هدايت ڪئي ويئي آهي تہ الله تعاليٰ جو فيصلو اچڻ تائين جيڪي بہ سختيون دين جي تبليغ جي واٽ ۾ پيش اچن تن کي صبر سان برداشت ڪندا رهن ۽ ان جي بي صبريءَ کان بچن جيڪا حضرت يونس عليہ السلام لاءِ آزمائش ۽ تڪليف جو سبب بڻي هئي.

آيت نمبر 51 نظر حق آهي.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا الله الرحمن الرحيم

پاره 29 سورت نمبر 69 **الحاقة** مکيہ (رڪوع 2 آيتون 52)

هي لفظ هن سورت جي منڍ وارو لفظ آهي ۽ آيت نمبر 1 جو لفظ هي هي آيت هڪ لفظ الحآقة تي مشتمل آهي اهو لفظ آيت نمبر 1 آيت نمبر 2 ۽ آيت نمبر 3 ۾ لڳاتار استعمال ٿيل آهي لغات القرآن ۾ حآقَۃُ جي معنيٰ سچ پچ ٿيڻ واري قائم ٿيڻ واري (يعني قيامت) ٿيڻي ٿي ٿيڻي (قيامت) تفسير تفهيم القرآن خلاصو ٿيون لکي ٿو تہ اصل ۾ هي لفظ الحاقہ استعمال ٿيو آهي جنهن جي معنيٰ آهي اهو واقعو جيڪو ضرور ٿيڻو آهي يعني قيامت ضرور ٿيڻي آهي ان ڪري ان سورت جو نالو الحاقه رکيو ويو آهي.

هن سورت جي پهريون رڪوع ۾ آخرت جو بيان آهي ۽ ٻئي رڪوع ۾ قرآن جو الله تعاليٰ طرفان هئڻ ۽ محمد ڪريم ﷺ جي رسول برحق هئڻ بابت آهي.

پهرين رڪوع جي شروعات ان ڳالهہ سان ٿي آهي تہ قيامت جو اچڻ ۽ آخرت جو قائم ٿيڻ هڪ اهڙي حقيقت آهي جيڪا ضرور پيش ايندي.

آيت نمبر 4 کان آيت نمبر 12 تائين ٻڌايو ويو آهي تہ اڳ ۾ جن قومن (ثمود، عاد، فرعون ۽ اڳ جي ماڻهن) بہ آخرت جو انڪار ڪيو سي آخرڪار الله تعاليٰ جي عذاب جون حقدار ٿي ويون.

آيت نمبر 13 کان آيت نمبر 17 تائين قيامت جو نقشو چٽيو ويو آهي تہ اها ڪهڙي طرح بريا ٿيندي يعني قيامت جي ڏينهن بريا ٿيندڙ هولناڪ حادثات جو ذڪر فرمايو ويو آهي.

آيت نمبر 18 کان آيت نمبر 37 تائين ٻڌايو ويو آهي تہ ان ڏينهن سڀ انسان پنهنجي رب جي عدالت ۾ حاضر ٿيندا جتي سندن ڪو ڳجهہ لڪيل نہ رهندو هر هڪ جو اعمال نامو سندس هٿ ۾ ڏنو ويندو جيڪي ماڻهو اهو ايمان رکندا هئا تہ هڪ ڏينهن رب جي عدالت ۾ پيش ٿينداسين ۽ محاسبو ٿيندو انهن کي اتي سندن اعمال ناما سڄي هٿ ۾ ڏنا ويندا ۽ انهن جي وڏي عزت افزائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي قيامت جا منڪر هوندا انهن جا اعمال نامہ کين کٻي هٿ ۾ ڏنا ويندا ۽ ان وقت انهن جي حسرت ۽ ندامت ڏسڻ جهڙي هوندي انهن کي الله تعاليٰ جي پڪڙ کان بچائڻ وارو ڪوبہ ڪونہ هوندو ۽ اهي دوزخ جي عذاب ۾ مبتلا ٿي ويندا.

ٻئي رڪوع ۾ مڪي جي ڪافرن کي خطاب ڪندي فرمايو ويو آهي تہ توهان هن قرآن کي هڪ شاعر جو ڪلام چئو ٿا حالانڪہ هي الله تعاليٰ جو نازل ڪيل ڪلام آهي جيڪو هڪ رسول ڪريم ﷺ جي زبان مان ادا ٿي رهيو آهي رسول هن ڪلام ۾ پنهنجي طرفان هڪ اکر بہ گهٽائڻ وڌائڻ جو اختيار نٿو رکي. جيڪڏهن اهو ان ۾ پنهنجي ٺاهيل ڪا ڳالهہ شامل ڪري تہ اسان ان جي گردن جي رڳ(يا دل جي رڳ) ڪپي ڇڏيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا لله الرحمن الرحيم

(پاره 29) سورت نمبر 70 (**المعارج**) مکيہ (رڪوع 2 آيتون 44)

هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 3 ۾ مذڪور آهي مَعَارج جي لغات القرآن ۾ معنيٰ آهي ڏاڪڻيون درجا بلنديون. تنهنڪري هن جو نالو المعارج رکيو ويو.

مڪه مڪرمہ جا رهاڪو قيامت جي قائم ٿيڻ کي ناممڪن ۽ محال سمجهندا هئا ۽ جڏهن انهن کي قيامت کان بار بار ڊيڄاريو ويندو هو تہ اهي چٿر ڪندي چوندا هئا تہ "نهايت ڊگهي عرصي کان اوهان قيامت جي اچڻ جون ڳالهيون ڪندا رهو ٿا اها آڻيو چو نہ ٿا؟ تہ اسين بہ پنهنجين اکين سان ڏسون ها تہ قيامت ڪهڙي" هن سورت ۾ انهن جي ان بيمار ذهن جي اصلاح ڪئي ويئي آهي تہ قيامت ايندي ضرور ايندي دنيا جي ڪا بہ طاقت ان کي روڪي نہ سگهندي پر ان جو وقوع ڪوراند روند ناهي جو هيڏانهن اوهان چيو هوڏانهن اها قائم ٿي وئي بلڪہ اها نهايت هولناڪ آهي آسمان ذرا ذرا ٿي ويندا پهاڙ ٽڪرا ٽڪرا ٿيندا ان جو ڊپ کان هر شخص ڏڪندو رهندو اتي پيءُ، ماءُ، پٽ پائر ۽ دوست ياد نہ رهندا هر ڪو پنهنجي سر بچائڻ جي سوچ ۾ هوندو ان جي ڪري اوهان نادان بڻجي ان جي اچڻ جي گهر نہ ڪيو اوهان جي چوڻ سان نہ ايندي بلڪہ ان جي اچڻ جي لاءِ جيڪو وقت الله عزوجل مقرر ڪيو آهي ان مطابق ايندي هن سورت ۾ اهو بہ اظهار ڪيو ويو آهي تہ اسلام ڪهڙي نموني عبادت ۽ اخلاق جو نظام قائم ڪرڻ گهري ٿو ۽ انسان جي خامين ۽ ڪوتاهين کي دور ڪري ٿو تہ انسان کي حريص ڪري پيدا ڪيو آهي جڏهن ان کي تڪليف پهچي ٿي تہ دانهون ڪري ٿو ۽ جڏهن ان کي نعمتن سان نوازيو وڃي ٿو تہ صفا ڪنجوس هوندو آهي اهي ڪنجوس ڪڏهن بہ احترام جي لائق نہ آهن پر نماز، زڪواة، قيامت تي ايمان آڻڻ، صفت عصمت، امانت ۾ ديانت ۽ عهد جي پاسداري وغيره اهڙيون شيون آهن جن جي تاثير سان انسان مان خاميون ختم ٿي وڃن ٿيون ۽ ان ۾ موجود انهن نقصن جي اصلاح ٿي وڃي ٿي جيڪي ان جي لاءِ نهايت بدنما داغ آهن اهڙي شخص ۾ انسانيت جو عڪس جميل نظر اچي ٿو جنهن جي ڪري اهو ملائڪن جو مسجود بڻيو هو ۽ ان کي زمين ۾ خلافت جي مسند تي ويهاريو ويو وري فرمايو ويو تہ ڪافر ڪهڙي ڳالهہ تي فخر ۽ ناز ڪن ٿا جيڪڏهن اسين انهن کي انهن جي بدعملن جي ڪري هلاڪ ڪري ڇڏيو تہ دنيا ختم نہ ٿيندي پر اسين انهن جي جاءِ تي ٻيا اهڙا ماڻهو آڻينداسون جيڪي الله عزوجل جا پسنديده ٻانها هوندا آخر ۾ وري قيامت جي وقوع يقيني هجڻ ڏانهن توجہ ڏياريو ويو آهي.

(حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 9 صہ 181،180).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 29) سورت نمبر 71 (**نوح** مکيه رڪوع 2 آيتون 28)

حضرت نوح عليہ السلام جو نالو هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ ئي مذڪور آهي نوح هن سورت جو نالو بہ آهي تہ ان جي مضمون جو عنوان بہ آهي ڇو ان ۾ اول کان آخر تائين حضرت نوح عليہ السلام جو قصو بيان ٿيل آهي هن سورت ۾ حضرت نوح عليہ السلام جي تبليغ ۽ ڪوشش جو ذڪر آهي.

## حضرت نوح جو شجرو

تفسير فتح المبين ۽ عزيزي وغيره هُمَا لکيو آهي تہ حضرت نوح عليہ السلام پهريون رسول آهي يعني الله تعاليٰ اول اول حضرت آدم کان پوءِ حضرت نوح عليہ السلام کي رسول ڪري موڪليو ڇو تہ حضرت نوح عليہ السلام کان اڳي جيڪي حضرت آدم عليہ السلام جون پيڙهيون ٿي گذريون آهن اهي سڀ خدا پرست مؤحد ۽ صالح پاڻها هوا حضرت نوح عليہ السلام جو پيءُ لامڪ ۽ سندس ڏاڏو متوشلح ۽ حضرت نوح عليہ السلام جي ماءُ شمخاء بنت انوس سيئي مؤحد ۽ صالح، عابد ۽ وڏا نيڪ هوا حضرت نوح عليہ السلام جو پڙ ڏاڏو يعني متوشلح جو پيءُ ادريس عليہ السلام جنهن کي اخنوق بہ سڏيندا هئا جنهن جي تعريف خود قرآن مجيد ۾ ڪيترين جاين تي آيل آهي.

### شجرو حضرت نوح عليہ السلام جو

1. شيث بن آدم عليہ السلام عمر 912 سال هئي
2. قينان بن شيث عليہ السلام عمر 905 سال هئي

(تفسير فتح البيان واري لکيو آهي تہ قينان جو پيءُ شيث بن آدم هو)

3. ادريس بن قينان 365 سال هئي
4. متوشلخ بن ادريس (جنهن کي اخنوق بہ سڏيندا هئا) عمر 969 سال هئي
5. لامڪ بن متوشلخ عمر 777 سال هئي
6. حضرت نوح بن لامڪ عمر 950 سال هئي

حوالہ تفسير تنوير الايمان جلد 10 صہ 377 تي لکيو آهي تہ حضرت نوح عليہ السلام کان وٺي حضرت آدم عليہ السلام تائين جملہ (10) ڏهہ پيڙهيون هيون جي سڀ مسلمان صالح مرد هئا تفسير خازن ۽ ڪبير ۽ ابي السعود ۽ عزيز سيني متفق ٿي لکيو آهي تہ حضرت نوح عليہ السلام جا ماءُ پيءُ ٻئي مسلمان هئا جن لاءِ خود حضرت نوح عليہ السلام دعا گهري آهي "رب اغفرلي ولوالدي" يعني اي منهنجا رب مون کي بخش ڪر ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي بخش ڪر تفسير ڪبير ۽ امام فخر الدين وري لکن ٿا ۽ حضرت نوح عليہ السلام جو پيءُ لامڪ بن متوشلخ ۽ سندس ماءُ شمخا ۽ بنت انوش ٻئي مؤمن هوا تفسير اثين بہ لکيو آهي تہ حضرت نوح عليہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

السلام کان وٺي حضرت آدم عليه السلام تائين جملہ (10) ڏھہ پيڙھيون هيون جي سڀ مسلمان ۽ صالح مرد هئا.

شجرو حضرت نوح عليه السلام کان حضرت آدم عليه السلام تائين: حوالہ حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب فتح القوي في نسب النبي ۾ صفہ 146 کان 161 تي لکيو آهي انهيءَ کان علاوه ساڳيو نسب نالن سميت ۽ سندن عمريون محترم عبدالرؤف صاحب صديقي پنهنجي ڪتاب سيرت خير البشر ﷺ صفحہ 55،54 ۾ لکيون آهن جيڪي هن ريت آهن. ان کان علاوه ان کان شاھ عبدالعزيز دهلوي رحمة الله عليه لکيو آهي تہ:

1. حضرت آدم عليه السلام جي عمر 930 سال هئي.

2. حضرت شيث پنهنجي پيءُ حضرت آدم عليه السلام جو جانشين ۽ عظيم القدر پيغمبر هو جنهن جي عمر 912 سال هئي ان تي (50) پنجاھ صحيفا الله تعاليٰ جي طرفان نازل ٿيا هئا انهيءَ حساب سان حضرت آدم عليه السلام سان حضرت نوح عليه السلام (9) نائين پشت ۾ گڏجي ٿو.

3. انوش بن شيث: هي پنهنجي ڏاڏي حضرت آدم عليه السلام جي پير ۾ مدفون آهي انوش جي عمر 905 سال هئي

4. قنيان پٽ انوش: هي هڪ نيڪ پاڻ ۽ صالح مرد هو پنهنجي ڏاڏن جو پيروڪار ۽ تابع هو عمر 910 سال هئي

5. مِهلائيل بن قنيان: جنهن ماڻهن کي جدا جدا ڳوٺن ۾ رهايو پاڻ بابل ۾ رهيو. 895 سال عمر هئي

6. يرد بن مهلائيل: هن قابيل جي اولاد سان هميشہ جنگ ۽ جهاد ڪندو هو. 962 سال عمر هئي

7. ادريس بن يرد: ادريس کي اخنوق ڪري سڏيندا هئا هن جي تعريف جو قرآن مجيد ۾ ڪيترين جاين تي آيل آهي سندس عمر 365 سال هئي حضرت شاھ عبدالعزيز دهلوي رحمة الله عليه لکيو آهي تہ يونان جا حڪيم اڪثر پنهنجا علم فن رياضي ۽ طبعي حضرت ادريس عليه السلام تائين پهچائن ٿا ۽ سبڻ ۽ لکڻ ۾ حضرت ادريس عليه السلام جي زماني کان شروع ٿيو حضرت ادريس عليه السلام تي الله تعاليٰ جي طرفان (30) ٽيهہ صحيفا نازل ٿيا حضرت ادريس عليه السلام (400) چار سو سال زمين تي رهيو تبليغ 40 ، 47 سالن ۾ شروع ڪيائين.

8. متو شلخ بن ادريس 960 سال عمر هئي

9. لامڪ بن متو شلخ 977 سال عمر هئي

9. نوح بن لامڪ 950 سال عمر هئي

مفسرن لکيو آهي تہ حضرت آدم عليه السلام ۽ حضرت نوح عليه السلام جي وچ وارو وقفو (10) ڏھہ قرن آهن. (قرن معنيٰ زمانو، ڪنهن زماني جا ماڻهو، سَوَ سال جي عمر، گروھ، امتون، قرآن ۾ هڪ زماني جي قوم مراد آهي (74,6/6,,19/98 ,38/3 50/36) (قرنا معنيٰ زمانو 6/6 23/31).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سورت جو مضمون هن طرح آهي.**

هن سورت ۾ حضرت نوح عليہ السلام جو ر ڳو آڪاڻيءَ خاطر بيان نہ ڪيو ويو آهي پر ان مان مقصد مڪي جي ڪافرن کي خبردار ڪرڻ آهي تہ توهان محمد ﷺ سان اهوئي رويو اختيار ڪري رهيا آهيو جيڪو حضرت نوح عليہ السلام سان سندس قوم اختيار ڪيو هو ۽ ان رويي کان جيڪڏهن توهان باز نہ آيو تہ توهان کي اهوئي نتيجو ڏسڻو پوندو جيڪو انهن ڏٺو هو جيئن آيت نمبر 25 ۾ ارشاد ٿيو آهي تہ نوح جي قوم تي سندس ڪرتوتن جي ڪري الله تعاليٰ جو عذاب نازل ٿيو. حضرت نوح عليہ السلام جي قوم مان مخالف ۽ منڪر پنهنجن ئي گناهن سبب غرق ڪيا ويا ۽ پوءِ دوزخ جي باهہ ۾ داخل ڪيا ويا.

آيت نمبر 1 ۾ آهي تہ حضرت نوح عليہ السلام کي جڏهن الله تعاليٰ رسالت جي منصب تي مقرر فرمايو ۽ سندس قوم ڏانهن موڪليو (ان هدايت سان گڏ) تہ اهو پنهنجي قوم جي ماڻهن کي خبردار ڪري. ان کان اڳ جو هڪ ڏکوئيندڙ عذاب اچي.

آيت نمبر 2، 4 ۾ مختصر طور اهو ٻڌايو ويو آهي هن پنهنجي دعوت شروعات ۾ پنهنجي قوم آڏو هي ٽي ڳالهيون پيش ڪيون هڪ الله تعاليٰ جي بندگي ٻي تقويٰ ۽ ٽين رسول جي تابعداري.

پوءِ ڊگهي مدت تائين دعوت ۽ تبليغ جون تڪليفون ڏسڻ کان پوءِ جيڪا روئداد حضرت نوح عليہ السلام پنهنجي رب جي حضور ۾ پيش ڪئي سا آيتن نمبر 5 کان آيت نمبر 20 ۾ ڪئي وئي آهي.

ان کان پوءِ حضرت نوح عليہ السلام جي آخري گذارش آيتن نمبر 21 کان آيت نمبر 24 ۾ درج ڪئي وئي آهي جنهن ۾ هو پنهنجي رب کي عرض ڪري ٿو تہ هن قوم منهنجي ڳالهہ پوري طرح رد ڪري ڇڏي آهي هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ انهن ماڻهن کان هدايت جي توفيق کسي وڃي هي حضرت نوح عليہ السلام طرفان ڪنهن بي صبري جو مظاهرو نہ هو پر صدين تائين انتهائي صبر واري حالت ۾ تبليغ جو فرض پورو ڪرڻ کان پوءِ جڏهن هو پنهنجي قوم کان پوري طرح مايوس ٿي ويو تڏهن اها راءِ قائم ڪيائين تہ هاڻي ان قوم جي سنئين واٽ تي اچڻ جو ڪو امڪان باقي ناهي اها راءِ بلڪل الله تعاليٰ جي فيصلي جي مطابق هئي جيئن مٿي بہ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ آيت نمبر 25 ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد ٿيو آهي تہ ان قوم تي سندن ڪرتوتن جي ڪري الله جو عذاب نازل ٿيو يعني حضرت نوح عليہ السلام جي تبليغ جا انڪاري غرق ٿيا. جن ۾ حضرت نوح عليہ السلام جي زال نالي واعلہ يا والعہ ۽ هڪ پٽ ڪنعان حضرت نوح عليہ السلام تي ايمان نہ آندو مڃڻ کان انڪار ڪيو هي ماءُ پٽ ٻيڙيءَ تي نہ چڙهيا ۽ ٻوڙ ۾ غرق ٿيا.

آخري آيتن ۾ حضرت نوح عليہ السلام جي اها دعا درج ڪئي وئي آهي جيڪا هن ٺيڪ عذاب نازل ٿيڻ وقت پنهنجي رب کان گهري هئي ان ۾ هو پنهنجي لاءِ ۽ سيني ايمان وارن لاءِ بخشش گهري ٿو ۽ پنهنجي قوم جي ڪافرن بابت الله تعاليٰ کي عرض ڪري ٿو تہ انهن مان ڪنهن کي بہ زمين تي رهڻ لاءِ جيئرو نہ ڇڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاڪاڻ جو انهن ۾ هاڻي ڪا خير ۽ ڀلائي باقي رهي ناهي انهن جي نسل مان جيڪو ٻـ اٿندو سو ڪافر ۽ بدڪار ئي ٿيندو.

هن سورت جو مطالعو حضرت نوح عليه السلام جي قصي جو اهو تفصيل سامهون رکڻ گهرجي. جيڪو هن کان اڳ ۾ قرآن شريف ۾ بيان ٿيو آهي.

ڏسو (الاعراف آيتون 59 کان 64. يونس آيتون نمبر 71 کان آيت نمبر 73 تائين. هود آيتون نمبر 25 کان آيت نمبر 49. المؤمنون آيتون نمبر 23 کان آيت نمبر 31 تائين. الشعراءَ آيتون نمبر 105 کان آيت نمبر 122 تائين. العنڪبوت نمبر 14 کان آيت نمبر 15. الصفات آيت نمبر 75 کان آيت نمبر 82 تائين ۽ القمر 9 کان 16 تائين.



ٻيڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 29) سورت نمبر 72 اَلجِنّ مکيه (رکوع 2 آيتون 28)

الجن هن سورت جو نالو بہ آهي تہ ان جو مضمون جو عنوان بہ آهي ڇاڪاڻ جو ان ۾ جنن جي قرآن ٻڌائڻ ۽ سندن قوم ۾ تبليغ ڪرڻ جو واقعو تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. اَلجن هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي هن سورت جو نالو الجن ان ڪري رکيو ويو آهي جو هن ۾ جنن جو بيان آهي.

1. سورت اعراف آيت نمبر 12 سورت حجر آيتون 26، 27 ۽ سورت رحمٰن آيتون نمبر 14، 15 صاف صاف ٻڌائين ٿيون تہ انسان جي تخليق جو مادو مٽي آهي ۽ جنن جي تخليق جو مادو باهہ آهي.

2. سورت حجر آيت نمبر 27 ۾ ٻڌرائي ڪئي وئي آهي تہ جن انسانن کان اڳ ۾ پيدا ڪيا ويا هئا سورة اعراف آيت نمبر 27 ۾ چٽن لفظن ۾ چيو ويو آهي تہ جن انسانن کي ڏسندا آهن پر انسان انهن کي نٿا ڏسن.

3. سورة حجر جي آيتن نمبر 16 کان آيت نمبر 18 سورة صافات آيتن 6، 10 ۽ سورت ملڪ آيت نمبر 5 ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ جن جيتوڻيڪ عالم بالا ڏانهن اڏام ڪري سگهن ٿا پر هڪ حد کان اڳتي نٿا وڃي سگهن.

4. سورت بقره آيتن نمبر 30، 34 ۽ سورة ڪهف آيت نمبر 50 مان معلوم ٿئي ٿو تہ زمين جي خلافت الله تعاليٰ انسانن کي ئي ڏني آهي ۽ انسان جنن کان افضل مخلوق آهن.

5. قرآن هي بہ ٻڌائي ٿو تہ جن انسان وانگر هڪ بااختيار مخلوق آهي ۽ ان کي اطاعت ۽ نافرماني ۽ ڪفر ۽ ايمان جو اهڙو ئي اختيار ڏنو ويو آهي جهڙو انسان کي ڏنو ويو آهي قرآن مجيد جنن بابت ڪيتريون گهڻيون ڳالهيون بيان ڪيون آهن.

6. جن پنهنجو هڪ مستقل خارجي وجود رکن ٿا ۽ انسانن کان ڌار هڪ ٻئي قسم جي لڪل مخلوق آهن.

## سورت جو مضمون

1. هن سورة ۾ پهرين 1 آيت کان وٺي آيت نمبر 15 تائين اهو ٻڌايل آهي تہ جنن جي هڪ ٽولي قرآن مجيد ٻڌي ڪري ان مان ڪهڙو اثر ورتو ۽ وري موٽي وڃي پنهنجي قوم جي جنن سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون ان سلسلي ۾ الله تعاليٰ انهن جي سڄي ڳالهہ ٻولهہ نقل نہ ڪئي آهي پر رڳو بيان جوڳيون خاص ڳالهيون نقل فرمايون آهن.

2. ان کان پوءِ آيت نمبر 16 کان آيت نمبر 18 تائين ماڻهن کي فهمائش ڪئي وئي آهي تہ هي شرڪ کان مڙي وڃن ۽ سنئين واٽ تي ثابت قدمي سان هلن تہ مٿن نعمتن جي بارش ٿيندي نہ تہ الله جي موڪليل نصيحت کان منهن موڙڻ جو انجام هي ٿيندو جو اهو سخت عذاب ۾ مبتلا ٿيندا.

3. آيت نمبر 19 کان آيت نمبر 23 تائين مڪي جي ڪافرن کي ان ڳالهہ تي ملامت ڪئي ويئي آهي تہ جڏهن الله تعاليٰ جو رسول ﷺ دعوت الي الله جو آواز اٿاري ٿو تہ هن سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4. آيت نمبر 24 کان آيت نمبر 25 ۾ ڪافرن کي خبردار ڪيو ويو تہ اڄ اهي رسول کي بي يارو مددگار ڏسي ڪيس دٻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پر ڪو وقت ايندو جڏهن کين معلوم ٿي ويندو تہ اصل بي يارو مددگار ڪير آهي.

آخر ۾ ماڻهن کي ٻڌايو ويو تہ غيب جو ڄاڻيندڙ صرف الله تعاليٰ آهي، رســـــول کي صرف ايترو علم حاصل ٿيندو آهي جيترو الله تعاليٰ کيس ڏيڻ گهري. (حوالہ تفهيم القرآ خلاصو ٽيون صفہ 678 کان 680)






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

پاره 29 سورت نمبر 73 (اَلْمُزَّمِل مکيہ رکوع 2 آيتون 20)

المزمل: هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذکور آهي لغات قرآن ۾ مُزمل جي معنيٰ آهي پاڻ کي ڪپڙي ۾ ويڙهڻ وارو مرد. نبي اڪرم ﷺ جن چادر ڍڪيندڙ. ڪن لکيو آهي تہ مزمل جي معنيٰ آهي نبوت جا بار کڻندڙ. اتي امانت جو بار ادا ڪر هن سورت ۾ رات جو اٿي عبادت ۾ مصروف رهڻ جو حڪم فرمايو آهي. جمهور مفسرن جو قول آهي تہ جڏهن حراءَ غار ۾ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ جبرايل آيو جيڪو عرض ڪرڻو هُيس عرض ڪيائين نبيءَ پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن (سيده) خديجة ﷵ ڏانهن موٽي آيا ۽ ان کي فرمايائون "زملوني زملوني" مون کي چادر ويڙهيو مون کي چادر ويڙهيو پوءِ "يَاَيُّهَا المُدَثر نازل ٿي ۽ يَاَيُّهَا المُزَمِل" (نازل ٿي ۽ ڪين انهن لقبن سان عرب جي دستور مطابق خطاب ڪيو ويو. عرب ۾ دستور آهي تہ جڏهن ڪنهن سان لطف ۽ محبت جو اظهار ڪرڻو هوندو آهي تہ جنهن حالت ۾ اهو هوندو آهي ان سان ٺي کو صيغو ڪڍي ان سان ان کي خطاب ڪندا آهن (حوالہ روح العماني صہ 126 جزءَ 29 جلد 10) جيئن هڪ ڀيري حضرت حذيفہ ﷛ ستو پيو هو تہ ان حالت ۾ سندس مٿان حضرت حبيب ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن تشريف فرما ٿيا ۽ ڪيس فرمايائون تہ قم يانومان (اي ننڊ ڪندڙ اٿي سجاڳ ٿي).

هڪ ڀيري حضرت علي ﷛ مسجد جي فرش تي ستو پيو هو تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن مٿان اچي فرمايو "قم يا ابا تراب" (اي مٽي جا ابا اٿي ويهہ) هڪ ڀيرو پاڻ حضرت ابو هريرة ﷛ کي ٻليءَ جي خدمت ڪندي ڏسي ان کي "ابوهريره" سڏيائيون علامہ آلوسي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ يَاَيُّهَا المزمل" اهل عرب دستور نهايت محبت ۽ لطف جي اظهار وارو خطاب آهي (حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 9 صہ 239،238).

احسن البيان في تفسير القرآن جلد 9 صفہ 242 تي هن طرح لکي ٿو:

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا "يَاَيُّهَا المزمل" (اي چادر وڙهيندڙ) هن مان ڳالهيون معلوم ٿيون.

1. تہ قرآن ڪريم ۾ ٻين نبين عليهم الصلواة والسلام کي نالن سان سڏيو ويو آهي ۽ حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي القاب سان سڏيو ويو آهي.

2. تہ محبوب عليہ الصلواة والسلام جي هر ادا محبوب آهي.

ڪن صفياءَ ڪرام ان جي معنيٰ ڪئي آهي تہ بشريت جي چادر ڍڪي مخلوق ۾ وڃڻ وارا يا عبادت ۽ رياضت جو لباس ڍڪڻ وارا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سورت جي پهرين 7 ستن آيتن مان الله تعاليٰ رسول کي حڪم ڏنو آهي ته جنهن عظيم ڪم جا بار اوهان تي وڌو ويو آهي تنهن جون ذميواريون سنڀالڻ لاءِ توهان پنهنجو پاڻ کي تيار ڪريو ۽ ان جي عملي صورت هيءَ ٻڌائي وئي ته راتين جو اٿي ڪري اڌ رات يا ان کان گهٽ وڌ حصو نماز پڙهندا ڪريو ۽ قرآن کي چڱي طرح ٺاهي ٺاهي پڙهه. ستن (7) آيتن ۾ هي ٽي عنوان آهن.

1. حضور جن جي صفت.

2. حضور ﷺ جن کي رات جي عبادت جو حڪم

3. قرآن کي صاف صاف پڙهڻ جو حڪم ۽ ان جا فائدا ٻڌايل آهن.

آيت نمبر 8 کان 14 تائين حضور ﷺ جن کي تلقين ڪئي وئي ته سيني کان ڇڇي ڪري خدا جا ٿي وڃو جيڪو سموري ڪائنات جو مالڪ آهي، پنهنجا سڀ معاملا ان جي حوالي ڪري مطمئن ٿي وڃو. مخالف جيڪي ڳالهيون توهان جي خلاف ڇٽي رهيا آهن تن تي صبر ڪريو انهن جو ڪو به خيال نه ڪريو ۽ انهن جو معملو الله تي ڇڏي ڏيو ته اهو پاڻ ساڻن نبرندو.

آيت نمبر 15 کان آيت نمبر 19 هي عنوان آهن

1. ڪافرن جي ايذاءَ تي صبر ڪريو.

2. ڪافر الله جي عذاب کان ڇٽي نه سگهن.

3. لفظ شيبا جي تحقيق

4. هي قرآن نصيحت آهي.

انهن آيتن ۾ مڪي جي انهن ماڻهن کي جيڪي رسول الله ﷺ جي مخالفت ڪري رهيا آهن انهن کي خبردار ڪيو ويو آهي ته اسان اهڙيءَ طرح توهان ڏانهن رسول موڪليو آهي جهڙيءَ طرح فرعون ڏانهن موڪليو هيو سين سو ڏسي وٺو ته جڏهن فرعون الله تعاليٰ جي رسول جي ڳالهه نه مڃي ته ڪهڙي سزا پيو ڀڳيائون. فرض ڪريو جيڪڏهن دنيا ۾ توهان تي ڪو عذاب نه آيو ته قيامت جي ڏينهن توهان ڪي ڪفر جي سزا کان بچي نه سگهندؤ پوءِ جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ ته ان ڏينهن کان ڪيئن بچي سگهندؤ جيڪو ٻارن کي پوڙهو ڪندو لغات القرآن ۾ شيبا جي معنيٰ آهي ٻڍا، پوڙها، پيرسن، ڪراڙا الله تعاليٰ شِيبا جي لفظ کي قيامت جي ڏينهن جي شدت خوف ۽ محنت جو ڪفايه (اشارو، اهڃاڻ، رمز، لڪل ڳالهه) ڪري فرمايو آهي يعني قيامت جي ڏينهن اهڙي سختي، شدت، خوف ۽ ڏک واقع ٿيندو جو ننڍڙا ٻار طبع تي اهي ڏک واقع ٿين جو جيڪو پوڙهو ٿي پوي ۽ ايئن سمجهڻ نه گهرجي ته حقيقت ۾ قيامت ڏينهن ننڍا ٻار پوڙها ٿي پوندا ڇو ته معصومن ٻارن کي ڏک ۽ تڪليف پهچائڻ قرآن ۽ حديثن جي ڪري ناجائز آهي شيبا لفظ جو ٻيو وجهه هي آهي ته اهو لفظ قيامت جي ڏينهن جي طويل مدت جي صفت آهن يعني قيامت جو ڏينهن ايترو ڊگهو ٿيندو جو ننڍڙا ٻار به وڃي

پيري ۾ پهچنداءِ انهن جا مٿا اچا ٿي ويندا تيسين قيامت جي ڏينهن جي مدت پئي هلندي.

هي پهرين رڪوع جا مضمون آهن ٻئي رڪوع ۾ تهجد نماز ۾ ان شروعاتي حڪم ۾ ڪجهه ڇوٽ ڏني وئي آهي جيڪو پهريون رڪوع جي شروعات ۾ ڏنو ويو آهي هاڻي هي حڪم ڏنو ويو تہ جيتري قدر تهجد نماز جو واسطو آهي سا جيتري سولائيءَ سان پڙهي سگهجي پڙهي وٺندا ڪريو پر مسلمانن کي اصل اهتمام جنهن شيءِ جو ڪرڻ گهرجي سا هيءَ آهي تہ (5) پنج وقت فرض نماز پوري پابنديءَ سان قائم رکن زڪوات صحيح طرح ادا ڪندا رهن ۽ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ پنهنجو مال سچي نيت سان خرچ ڪن آخر ۾ مسلمانن کي تلقين ڪئي وئي تہ جيڪا ڀلائيءَ جا ڪم توهان دنيا ۾ انجام ڏيندا سي وڃايا نہ ويندا پر الله تعاليٰ وٽ توهان کي انهن جو تمام گهڻو اجر ملندو.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پارو 29) 74 **المُدَّثِر** (مڪيہ رڪوع ٻہ آيتون 56)

المدثر: هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي لغات القرآن المدثر جي معنيٰ آهي بدن مٿان ڪپڙو ويڙهڻ وارو مرد حضور اڪرم ﷺ جن آهن الله تعاليٰ هن سورت جي هنن آيتن ۾ نبي سائين جن کي چادر ڍڪيندڙ جي لقب سان خطاب ڪيو آهي.

1. تفهيم القرآن جلد 3 صہ 697 تعارف ۾

2. احسان البيان في تفسير القرآن جي جلد 9 صہ 251

تعارف ۾ ٻنهي لکيو آهي تہ حضرت رسول الله ﷺ پاڻ فرمايو آهي تہ هڪ ڏينهن مان رستو ٿيو پئي ويس تہ اوچتو مون آسمان مان هڪ آواز ٻڌو متو متي ڪنيم تہ ڏٺم تہ اهوئي فرشتو جيڪو غار حرا ۾ مون وٽ آيو هو سو آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو آهي اهو ڏسي ڊڄي ويس گهر پهچي فرمايم تہ "ڍڪيوني ڍڪيوني" مون کي ڪپڙو ويڙهيو. مون کي ڪپڙو ويڙهيو پاڻ ڪريم جن ڪپڙو ويڙهي سمهي رهيا ان حالت ۾ الله تعاليٰ هي آيتون نازل ڪيون جن ۾ ڪين نبوت جا فرائض سر انجام ڏيڻ لاءِ ارشاد ڪيو ويو.

الله تعاليٰ هن سورت ۾ پنهنجي محبوب ﷺ جن کي المدثر چادر ڍڪيندڙ، ڪپڙو ويڙهيندڙ جي لقبن سان خطاب ڪيو آهي.

عرب جي رسم مطابق جڏهن ڪنهن سان لطف ۽ محبت جو اظهار ڪرڻو هوندو آهي تہ جنهن حالت ۾ اهو هوندو آهي ان مان ئي صيغو ڪڍي ان سان ان کي خطاب ڪندا آهن وڌيڪ تفصيل سورت المزمل ۾ ڏنل آهي.

هن سورت ۾ ا الله تعاليٰ حضرت محمد ﷺ جن کي يَاَيُّهَا الْمُدَّثِر معنيٰ چادر ڍڪيندڙ، چادر وڙهيندڙ چئي خطاب فرمايو آهي ڇاڪاڻ تہ پاڻ سڳورا انهيءَ حالت ۾ يعني چادر ڍڪي سمهي رهيا هئا.

هن سورت جي مضمون ۾ هي آهي تہ هن سورت جون ابتدائي (7) ست آيتون نازل ڪيون ويون ۽ ان ۾ پهريون ڀيرو پاڻ سڳورن ﷺ کي هي حڪم ڏنو ويو تہ پاڻ ﷺ جن اٿن ۽ خدا جي خلق کي ان رويي جي نتيجي کان ڊيڄارين جنهن تي هو هلي رهيا آهن ۽ هن دنيا ۾ خدا جي وڏائي جو اعلان ڪن پاڻ سڳورن کي هدايت ڪئي وئي تہ هاڻي جيڪو ڪم توهان کي ڪرڻو آهي تنهن جي تقاضا هي آهي تہ توهان زندگي هر لحاظ سان انتهائي پاڪيزه ڪامل اخلاق ۽ مڪمل صبر ۽ رضا جو نمونو هجي.

هن الاهي فرمان جي پورائي لاءِ جڏهن رسول الله ﷺ جن تبليغ شروع ڪئي مڪي ۾ هل چل مچي ويئي ۽ مخالفن اسلامي جي تبليغ جي خلاف طوفان ڪڙو ڪيو. ڪي مهينا ان حال ۾ گذاريا هئا تہ حج جو زمانو اچي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قريشن جا سردار جيڪي اسلامي تبليغ جي خلاف هئا انهن هڪ ڪانفرنس ڪئي جنهن ۾ طئي ڪيو تہ حاجين جي ايندي ٿي انهن ۾ رسول الله ﷺ جي خلاف پرچار شروع ڪئي وڃي ان ڳالهہ ڪان پوءِ وليد بن مغيره ابوجهل جي زور پرڻ تي سوچي چيائين تہ توهان عرب وارن کي چئو تہ هي شخص جادوگر آهي اهڙو ڪلام پيش ڪري رهيو آهي جيڪو ماڻهن کي سندن پيءُ، پاءُ، زال ۽ ٻچن سڄي خاندان کان ڌار ڪري ٿو وليد جي هن ڳالهہ کي سڀني قبول ڪيو ۽ حج جي موقعي تي ان مطابق پوري طرح پروپيگنڊا ڪئي ويئي پر ان جو نتيجو هي نڪتو جو قريشن پاڻ رسول الله ﷺ جو نالو سڄي عرب ۾ مشهور ڪري ڇڏيو (سيرت ابن حشام جلد 1 صہ 288 ، 289) (حوالہ تفهيم القرآن خلاصو 3 صفہ 698).

آيت 8 کان 10 تائين حق جي منڪرن کي (انهن جي بري انجام کان) خبردار ڪيو ويو آهي

آيت نمبر 11 کان آيت نمبر 26 تائين وليد بن مغيره جي نالي وٺڻ کان سواءِ ان جي بري ڪردار جو ذڪر ڪيو ويو آهي هنن آيتن ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ الله تعاليٰ هن شخص کي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن سان نوازيو ۽ انهن جي جواب ۾ هن ڪهڙي طرح حق جي دشمني سان ڏنو آهي. هو پنهنجي بري ڪرتوتن کان پوءِ بہ هي شخص گهري ٿو تہ کيس وڌيڪ انعامن سان نوازيو وڃي جڏهن تہ هي شخص هاڻي انعام جو نہ پر دوزخ جي لائق ٿي ويو آهي.

آيت نمبر 27 کان آيت نمبر 37 تائين دوزخ جي خوفناڪ حالتن منظر جو بيان ڪيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪهڙي اخلاق ۽ ڪردار جا ماڻهو ان جا حقدار آهن.

آيت نمبر 38 کان آيت نمبر 48 بهشتي جهنمين کان پڇندا تہ اوهان ڪهڙي سبب ڪري جهنم ۾ داخل ٿيا آهيو دوزخي جواب ڏيندا تہ اسان نمازي نہ پڙهندا هئاسون. ۽ محتاجن کي طعام نہ کارائيندا هواسون حق جي خلاف ڳالهيون ڪندڙن سان گڏجي ڳالهيون ڪندا هئاسون ۽ قيامت جي ڏينهن کي ڪوڙو پائيندا هواسين تان جو اسان کي يقيني شيءِ (موت) سان واسطو پيو. ان وقت سفارش ڪرڻ وارن جي سفارش انهن جي ڪم نہ ايندي.

آيت نمبر 49 کان آيت نمبر 53 ۾ ڪفار جي بيماريءَ جو اصل ڪارڻ ٻڌايو ويو آهي آخرت کان بي خوف آهن تنهنڪري اهي ڪافر قرآن ڪريم ۽ صاحب قرآن حضور عليہ الصلواة والسلام جن کان ائين پڇندا هئا جيئن گڏهہ شينهن کان پڇندا آهن ۽ ايمان آڻڻ لاءِ قسمين قسمين غير معقول شرط پيش ڪن ٿا.

آخر ۾ صاف صاف ٻڌايو ويو آهي تہ الله کي ڪنهن جي ايمان جي غرض ناهي جو اهو هر ويرو سندس شرط پورا ڪري قرآن هڪ عام نصيحت آهي جيڪا سڀني جي سامهون پيش ڪئي ويئي آهي هاڻي جنهن جي دل گهري ان کي قبول ڪري وٺي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا الله الرحمن الرحيم

## پاره 29 سورت نمبر 75 **القِيٰـمَةِ** (مکيہ رکوع 2 آيتون 40)

هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي عربي لحاظ ۾ قيامت جي معنيٰ آهي قيامت، اٿي کڙو ٿيڻ، اهو ڏينهن جڏهن سڀ انسان هڪ ئي وقت اٿي کڙا ٿيندا ان ڪري هن سورت جو نالو القيٰـــمت ڪيو ويو آهي هي هن سورت جو نالو ئي ناهي پر ان سورت جو عنوان بہ آهي ڇو تہ هن سورت ۾ قيامت تي بحث ٿيل آهي.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن جو ۽ لوامہ نفس جو قسم کڻي ڪافرن ۽ مشرڪن جا شڪ ۽ شبهہ دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تہ "جنهن شيءِ کي اوهان مشڪل سمجهو ٿا اها اسان لاءِ بلڪل آسان آهي".

نفس لوامہ جي لغات القـــرآن ۾ معنيٰ آهي ســـخت ملامت ڪرڻ وارو. لوامہ نفس مان مراد آهي اهو نفس جيڪو پنهنجن عملن جو پاڻ محاسبہ ڪري پاڻ کي پاڻ ملامت ڪندو آهي تہ توهي گناهہ جو ڪم ڇو ڪيو؟ نيڪ ڪم جي متعلق بـــ پنهنجي پاڻ کي ملامت ڪندو آهي تہ ان کان وڌيڪ نيڪ عمل ڪري اعليٰ درجا ڇو نہ حاصل ڪئي. الغرض تہ ڪامل مؤمن هر حال ۾ پاڻ تي ملامت ڪندو رهندو آهي.

تفهيم القـــرآن واري لکيو آهي تہ قـــرآن مجيد ان نفس لَوَامَۃِ (ملامت ڪرڻ وارو) چيو آهي جيڪو ڪم ڪرڻ يا غلط ســوچڻ يا بـــري نيت رکڻ پشـــيمان ٿيندو آهي ۽ انســـان کي ان تي ننديندو آهي انهيءَ کي اســـان اڄ ڪلهہ جي اصطلاح ۾ ضمير چوندا آهيو.

الله تعاليٰ قيامت جي واقع ٿيڻ تي خود قيامت جو ئي قسم ڪنيو آهي تہ قـيامت ضرور ايندي ۽ قـيامت جي ڏينهن هي ڪائنات جو نظام درهم بـــرهم ٿي ويندو باقـــي رهيو آخري ۽ جزا ۽ ســـزا جو دليل تہ ان لاءِ ٻيو قسم نفس لَـــــوَّامہ جو ڪنيو ويو آهي دنيا ۾ اهڙو ڪو بہ انسان موجود ناهي جيڪو پنهنجي اندر ضمير نالي جي هڪ شيءِ نہ رکندو هجي ان ضمير ۾ ضرور ڀلائي ۽ بـرائي جو هڪ احســاس موجود آهي اهو (احســاس) اها گهر ڪري ٿو تہ ڀلائيءَ جو ڀلو ۽ بـرائيءَ جو بـرو بـدلو ضرور ملڻ گهرجي. هاڻي جيڪڏهن انســان جي وجود ۾ ان قسم جي هڪ ملامت ڪندڙ نفس جي موجودگي هڪ ناقابل انڪار حقيقت آهي تہ پوءِ هي حيقيت بہ ناقابـل انڪار آهي تہ اهوئي نفس لوامہ موت کان پوءِ جي زندگي هڪ اهڙي شاهدي آهي جيڪا خود انسان جي فطرت ۾ موجود آهي ڇو جو فطرت جي تقاضا تہ پنهنجن چڱن ۽ برن عملن جو انسان ذميوار آهي تن جي جزا يا سزا ڪيس ضرور ملڻ گهرجي موت کان پوءِ جي زندگيءَ کان سواءِ ڪنهن بہ حالت ۾ پوري ٿي سگهي.

آيت نمبر 3 ڇا انسان هي ڀائيندو آهي تہ اسان سندس هڏن کي گڏ نہ ڪري سگهنداسين؟

ايت نمبر 4 اسان تہ سندس آڱرين جون هڏيون (ڏوڏيون) بہ سڌيون ڪرڻ تي وس وارا آهيون.

**تفسير آيت نمبر 3 ۽ 4 جو هن ريت آهي.**

حاشئہ نمبر 3 مٿيان بہ دليل جيڪي قســم جي صورت ۾ بــيان ڪيا ويا آهن صرف بہ ڳالهيون ثابــت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن ٿا هڪ هي تہ دنيا جو خاتمو (يعني قيامت جي پهرين منزل) هڪ يقيني ڳالھ آهي ٻي هي تہ (عقلي ۽ اخلاقي نقط نظر کان) موت کان پوءِ ٻي زندگي ضرور آهي هاڻي اهو ٽيون دليل ثابت ڪرڻ لاءِ پيش ڪيو ويو آهي تہ موت کان پوءِ زندگي ممڪن آهي مڪي جا ماڻهو هر هر اهو چوندا هئا تہ جن جا هڏا بہ ڳري نہ ڇاڻ زمين ۾ ڪٿي ڪٿي پکڙجي ويا آهن ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ انهن کي پيهر جيئرو ڪيو وڃي؟ ۽ ان جو جواب ۾ فرمايو ويو آهي تہ ڇا توهان واقعي ائين سمجهي رهيا آهيو تہ ڪائنات جو خالق جنهنکي توهان پاڻ بہ خالق مڃيو ٿا ان ڪم کان بي وس آهي؟ هي اهڙو سوال هو جنهن جو جواب ۾ ڪو بہ شخص جيڪو الله تعاليٰ کي ڪائنات جو خالق مڃيندو هجي نہ ان وقت هي چئي سگهندو هو ۽ نہ اڄ هي چئي سگهي ٿو تہ الله تعاليٰ بہ اهو ڪم ڪرڻ گهري تہ نہ ٿو ڪري سگهي.

حاشئہ نمبر 4 يعني وڏن وڏن هڏن کي گڏ ڪري توهان جو ڍانچو وري جوڙڻ ڪهڙي ڳالھ آهي اسان تہ هن ڳالھ تي بہ وسوارا آهيون تہ توهان جي آڱرين جي ڏوڏين کي وري اهڙوئي ٺاهي ڇڏيو جهڙيون اهي اڳهيون.

**اي پيغمبر قرآن ياد ڪرائڻ اسان جي ذمي آهي.**

آيت نمبر 16 کان 19 ۾ نبي ﷺ جن کي خطاب ڪيل آهي تہ (اي پيغمبر) صلي الله عليہ وسلم قرآن شريف جي ياد رکڻ لاءِ پنهنجي زبان تڪڙي نہ چورِ، تحقيق قرآن کي تنهنجي سيني ۾ گڏ ڪرڻ ۽ تنهنجي زبان تي ان جي قرات جاري ڪرڻ اهي سڀ ڪم اسان جي ذمي آهي پوءِ جنهن وقت اسين قرآن پڙهون ان وقت تون ان جي قرات کي غور سان ٻڌندو رهہ (تون ان وقت ٻڌڻ ۽ ياد ڪرڻ ۾ پوري طرح غور ۽ فڪر ڪرڻ سان تابعداري ڪر ۽ پوءِ تحقيق ان بيان جو مطلب سمجهائڻ بہ اسان جي ذمي آهي.

**آيت نمبر 22 کان آيت نمبر 23 بهشتي رب جو ديدار بنا حجاب ڪندا.**

گهڻا منهن ان ڏينهن رونق وارا هوندا، پنهنجي رب ڏي ڏسي رهيا هوندا.

تفسير قيامت ڏينهن مؤمنن جا گهڻا منهن رونق وارا ۽ خوشيءَ سان پريل هوندا جو ريءَ پردي بي حجاب پنهنجي پروردگار جو ديدار انوار ڪندا.

**تفسير تفهيم القرآن آيت نمبر 22 ۽ آيت نمبر 23 جو تفسير سندس حاشئہ نمبر 16 ۽ نمبر 17 ۾ هن طرح ڪيو آهي.**

حاشئہ نمبر 16 يعني خوشيءَ مان ٻهڪي رهيا هوندا ڇو جو جنهن آخرت تي انهن ايمان آندو هو سا نيڪ سندن يقين مطابق سامهون موجود هوندي ۽ مطمئن ٿي ويندا تہ انهن پنهنجي زندگيءَ جي روش بابت بلڪل صحيح فيصلو ڪيو هو هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي جڏهن اهي ان جو بهترين نتيجو ڏسندا.

حاشئہ نمبر 17 مفسرن مان ڪن ان کي مجازي معنيٰ ۾ ورتو آهي اهي چون ٿا تہ ڪنهن ڏانهن ڏسڻ جا لفظ محاوري طور ڪا اميد رکڻ"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. ”سنڌس فيصلي جو انتظار ڪرڻ“

3. ”سنڌس احسان جو اميدوار هئڻ“ جي معنيٰ ۾ ڳالهايا ويندا هئا. پر گهڻين حديثن ۾ رسول الله ﷺ جن کان ان جو جيڪو تفسير نقل ٿيل آهي سو هي آهي ته آخرئي ۾ الله تعاليٰ جي پلارن ٻانهن کي پنهنجي رب جو ديدار نصيب ٿيندو بخاري جي روايت آهي اِنــكُم سَتَرَونَ رَبّــكُم عِيَانًــا ”توهان پنهنجي رب کي ظاهر ظهور ڏسندؤ مسلم ۽ ترمذي ۾ حضرت صهيب ؓ جي روايت آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو ته جڏهن بهشتي ماڻهون بهشت ۾ داخل ٿي ويندا ته الله تعاليٰ کائن پڇندو ته توهان گهرو ٿا ته توهان کي ڪجهه وڌيڪ ڏيان؟ اهي عرض ڪندا ڇا توهان اسان جا منهن روشن نه ڪيا آهن؟ ڇا توهان اسان کي بهشت ۾ داخل نه ڪيو آهي ۽ دوزخ کان نه بچايو آهي؟ تنهن تي الله تعاليٰ پردو هٽائيندو ۽ انهن ماڻهن وٽ جيڪو ڪجهه انعام ۾ ڪين مليو هوندو تنهن مان ڪو به انعام ان کان وڌيڪ پيارو نه هوندو جو رب پنهنجي جي زيارت کان مشرف ٿيندا ۽ اهوئي اهو وڌيڪ انعام آهي جنهن بابت قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو آهي ته لِلَّذِينَ اَحْسَنُوا الْحُسْنٰى وَزِيَادَةٌ يعني جن ماڻهن چڱا عمل ڪمائڻ لاءِ چڱو اجر آهي ۽ ان کان وڌيڪ به آهي (يونس آيت نمبر 26)

آيت نمبر 26 کان آيت نمبر 30 دنيا فاني آهي.

هنن آيتن ۾ ٻڌايل آهي ته ائين هر گز نه آهي جڏهن ساهه نڙي تي پهچندو ۽ چيو ويندو ته ڪو ڦيڻو ڪرڻ وارو آهي ۽ ماڻهو سمجهي ويندو ته هاڻي دنيا کان جدائي جو وقت آهي ۽ هڪ ٻڪي (پني) ٻي ٻڪي (پني) سان ويڙهجي ويندي، ان ڏينهن تنهنجي رب جي طرف هلڻو پوندو.

رڪوع 2 جي آيت نمبر 31 کان آيت نمبر 35 جو مختصر تفسير حاشئه نمبر 21 جيڪو شخص آخرت کي مڃڻ لاءِ تيار نه هو تنهن اهو سڀ ڪجهه ٻڌو جيڪو انهن آيتن ۾ بيان ڪيو ويو آهي پوءِ به اهو پنهنجي انڪار تي ئي ڄميو بيٺو رهيو ۽ هي آيتون ٻڌڻ کان آر ڪندو (آڪڙ ۾) پنهنجي گهر روانو ٿي ويو مجاهد ۽ قتاده ۽ ابن زيد چون ٿا ته اهو شخص ابوجهل هو هن آيت جا اهي لفظ ته ان نه سچ مڃيو ۽ نه نماز پڙهيائين مطلب ته ڪفر ڪيائين ۽ پيو وري ان تي فخر ڪيائين انهيءَ ڪري اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى ۝ ثُمَّ اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى ۝ يعني خرابي آهي تو لاءِ پوءِ خرابي آهي تنهن کان پوءِ تو لاءِ خرابي آهي پوءِ به خرابي

تفسير ڪبير ۾: حضرت قتاده ؓ کان نقل آهي ته حضرت رسول الله ﷺ ابوجهل جو هٿ ورتي اهي مٿيان لفظ چيا جنهن جي معنيٰ به مٿي لکي آيا آهيو ابوجهل حضرت جن کي چيو ته اي محمد تون ۽ تنهنجو خدا مون کي ڪجهه ڪري نه سگهندا مون کي چو جهليو اٿئي ڇڏي ڏي تنهن تي اهي مٿيان لفظ حضرت ﷺ جن جي زبان مبارڪ وارا بيعنه الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ نازل ڪيا تنهنڪري هن آيتن جو تفسير ابوجهل جي لاءِ ٿيندو چو ته ابوجهل نه. ايمان آندو ۽ نڪي نماز پڙهي اٽلو ڪفر ڪري حق ۽ هدايت کان منهن موڙيائين ۽ پنهنجي اهل ڏانهن ويو پوءِ اهڙي مردود ڪافر لاءِ هن دنيا ۾ به خرابي آهي آخرت ۾ به خرابي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا الله الرحمن الرحيم

## (پاره 29) سورت نمبر 76 **الدَّهرِ** (مکيہ رکوع 2 آيتون 31)

هن سورت جو نالو "اَلـدَّهرِ" بہ آهي ۽ "اَلاِنّسان" بہ آهي اهي ٻئي نالا آيت نمبر 1 جي لفظن مان ورتل آهن لغات القرآن ۾ دَهرِ جي معنيٰ زمانو، وڏي مدت آهي.

### موضوع ۽ مضمون

هن سورت جو موضوع انسان کي دنيا ۾ سندس حقيقي حيثيت کان واقف ڪرڻ ۽ هي ٻڌائڻ آهي تہ جيڪڏهن هو پنهنجي ان حيثيت کي چڱيءَ طرح سمجهي شڪر جو رويو اختيار ڪري تہ ان جو انجام ڇا ٿيندو ۽ ڪفر واري واٽ تي هلندو تہ ڪهڙي انجام سان واسطو پوندس.

ان ۾ سڀ کان پهريائين انسان کي ياد ڏياريو ويو آهي تہ هڪ وقت اهڙو هو جڏهن اهو ڪا شيءِ نہ هو پوءِ هڪ گڏيل نطفي سان هن جي اهڙي معمولي ابتدا ڪئي وئي جيڪو اڳتي هلي زمين تي اشرف المخلوقات بڻيو. ان کان پوءِ انسان کي خبردار ڪيو ويو آهي تہ اسان توکي دنيا ۾ رکي ڪري تنهنجو امتحان وٺڻ گهرون ٿا ان ڪري ٻي مخلوق جي برخلاف توکي هوش حواس رکڻ وارو بنايو ويو ۽ تنهنجي سامهون شڪر ۽ ڪفر جا ٻئي رستا کولي پڌرا ڪيا ويا. پوءِ صرف هڪ آيت ۾ کليل طريقي سان ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪي ماڻهو ان امتحان مان ڪافر بڻجي نڪرندا، تن کي آخرت ۾ نتيجو ڏسڻو پوندو.

ان کان پوءِ آيت نمبر 5 کان آيت نمبر 22 تائين لاڳيتو انهن انعامن جو تفصيل بيان ڪيو ويو آهي جن سان اهي ماڻهو پنهنجي رب کان نوازيا ويندا جن هتي بندگي جو حق ادا ڪيو آهي انهن آيتن ۾ صرف سندن بهترين جزا ٻڌائڻ تي بس نہ ڪئي وئي آهي پر مختصر طرح هي ٻڌايو ويو آهي تہ سندس اهي ڪهڙا عمل آهن جن جي ڪري اهي ان جزا جا حقدار هوندا ان کان پوءِ ٻئي رکوع ۾ رسول الله ﷺ جن کي مخاطب ڪري ٽي ڳالهيون ارشاد فرمايون ويو آهن هڪ هي تہ در اصل اهي اسان ئي آهيون جيڪي ان قرآن کي ٿورو ٿورو ڪري توتي نازل ڪري رهيا آهيون ۽ ان جو مقصد حضور ﷺ جن کي نہ پر ڪافرن کي خبردار ڪرڻ آهي تہ هي قرآن محمد ﷺ پاڻ پنهنجي خيال سان نہ گهڙي رهيو آهي پر ان جا نازل ڪندڙ "اسان" آهيون (هتي اسان" جو اشارو الله تعاليٰ پنهنجي پاڻ ڏانهن ڪيو آهي) ۽ اسان جي حڪمت ئي اها تقاضا ڪري ٿي تہ ان کي هڪ ڀيرو نہ پر ٿورو ٿورو ڪري نازل ڪريون ٻئي ڳالهہ هي تہ صبر سان پنهنجي رسالت جو فرض ادا ڪندو رهہ ۽ ڪڏهن بہ انهن بدڪردار ۽ حق جي منڪر ماڻهن مان ڪنهن جي دٻاءُ ۾ نہ اچ ٽين تہ ڏينهن ۽ رات الله تعاليٰ کي ياد ڪندو رهہ نماز پڙهہ ۽ راتيون الله تعاليٰ جي عبادت ۾ گذار ڇو جو اها ئي شيءِ آهي جنهن سان ڪفر جي سرڪشيءَ جي مقابلي ۾ الله تعاليٰ ڏانهن سڏڻ وارن کي ثابت قدمي نصيب ٿئي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ هڪ فقري ۾ ڪافرن جي غلط رويي جو اصل سبب بيان ڪيو ويو آهي ته اهي آخرت کي وساري دنيا تي موهجي پيا آهن ۽ بئي فقري ۾ ڪين خبردار ڪيو ويو آهي ته توهان پاڻ نه جڙيا آهيو پر اسان توهان کي جوڙيو آهي ۽ اها ڳالهه هر وقت اسان جي وس ۾ آهي ته جيڪو ڪجهه اسان توهان سان ڪرڻ گهرو ڪري ٿا سگهون.

آخر ۾ آيت نمبر 29 کان آيت نمبر 31 ۾ آهي ته هيءَ هڪ نصيحت آهي هاڻي جنهن جي دل گهري ان کي قبول ڪري پنهنجي رب جي واٽ اختيار ڪري وٺي پر توهان جي گهرڻ سان ڪجهه نه ٿيندو جيستائين الله تعاليٰ نه گهري الله تعاليٰ جيڪي ڪجهه به گهري ٿو سو پنهنجي علم ۽ حڪمت جي بنياد تي گهري ٿو ان حڪمت ۽ علم جي بنياد تي جنهن کي هو پنهنجي رحمت جو حقدار سمجهي ٿو تنهن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪري ٿو ۽ جنهن کي هو ظالم ڏسي ٿو تنهن لاءِ هن دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

(حواله تفهيم القرآن جلد 3 صفه 720، 721).






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 29) سورت نمبر 77 (**المُرسلات** مکيہ رکوع 2 آيتون 50)

هن سورت جو نالو المُرسلات آهي جيڪو هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي عربي لغات ۾ مُرسلات جي معنيٰ آهي موڪليل هوائون ۽ مسلسل هلڻ واريون هوائون.

هن سورت ۾ متعدد شين جو قسم کڻي ٻڌايو ويو آهي تہ قيامت ضرور ايندي ان کان پوءِ قيامت جا هيبتناڪ منظر بيان ڪيا ويا آهن.

هن سورت جي پهرين (7) ستن آيتن جي (حيرت انگيز حڪمت پرئي) انتظام ڪي ان حقيقت ڪي گواهہ قرار ڏنو ويو آهي تہ قرآن ۽ محمد ﷺ جنهن قيامت جي اچڻ جي خبر ڏيئي رهيا آهن سا ضرور ايندي.

مڪي وارا بار بار چوندا هئا تہ جنهن قيامت کان توهان اسان کي ڊيڄاريو ٿا سا آڻي ڏيکاريو تہ پوءِ اسان ان کي مڃينداسين آيت نمبر 8 کان آيت نمبر 15 تائين انهن جي مطالبي جو ذڪر ڪرڻ کان سواءِ ان جو جواب ڏنو ويو آهي تہ اهو ڪو کِل تماشو نہ ناهي جو جڏهن ڪو شخص ان کي ڏيکارڻ جو مطالبو ڪري تہ هڪدم اهو ڏيکاري وجي اهو تہ سموري انسان ذات ۽ ان جي سيني فردن جي مقدمي جي فيصلي جو ڏينهن آهي ان لاءِ الله تعاليٰ هڪ خاص وقت مقرر ڪري ڇڏيو آهي انهيءَ وقت تي اهو ايندو ۽ جڏهن ايندو انهن انڪار ڪرڻ وارن لاءِ تباهي جو پيغام ثابت ٿيندو.

هي آيت وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ هن سورت ۾ 10 ڏهہ دفعا دهرايل آهي جنهن جو ترجمو آهي تہ "تباهي آهي ان ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ"

آيت نمبر 16 کان آيت نمبر 28 تائين لاڳيتو آخرت ۽ قيامت جي واقع ٿيڻ ۽ لازم هئڻ جا دليل ڏنا ويا آهن. انهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ انسان جي پنهنجي تاريخ، سندس پنهنجي پيدائش ۽ جنهن زمين تي اهو زندگي گذاري رهيو آهي ان پنهنجي بناوت ان ڳالهہ جي شاهدي ڏيئي رهيون آهن تہ قيامت جو اچڻ ۽ آخرت جو برپا ٿيڻ ممڪن بہ آهي ۽ الله تعاليٰ جي حڪمت تقاضا بہ آهي.

ان کان پوءِ آيت نمبر 28 کان آيت نمبر 40 تائين آخرت جي منڪرن جو ۽ آيت نمبر 41 کان آيت نمبر 45 تائين انهن ماڻهن جو انجام بيان ڪيو ويو آهي. جن مٿس ايمان آڻي دنيا ۾ پنهنجي عاقبت کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

پڇاڙيءَ ۾ آخرت جي منڪرن ۽ الله تعاليٰ جي بندگيءَ کان منهن موڙڻ وارن کي خبردار ڪيو ويو آهي تہ دنيا جي چند ڏينهن جي زندگيءَ ۾ جيڪي مزا ماڻڻا اٿوءِ اهي ماڻي وٺو. آخرڪار توهانجو انجام سخت تباهيءَ وارو ٿيندو ۽ ڳالهہ ان تي ختم ڪئي ويئي آهي تہ هن قرآن مان بہ جيڪو شخص هدايت نہ وٺي تہ پوءِ ڪيس دنيا ۾ ڪا شيءِ هدايت نٿي ڏيئي سگهي. (حوالہ تفهيم القرآن جلد 3 صفہ 732،733).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 78 (**سورت النبا** مڪيہ (رڪوع 2 آيتون 40)

اَلنَّبَا لفظ هن سورت جي آيت نمبر 2 مان ورتل آهي هي لفظ هن سورت جو رکيو نالو نہ آهي پر سورت جو مضمون جو عنوان بہ آهي ڇاڪاڻ تہ نبا مان مراد قيامت ۽ آخرت جي خبر آهي ۽ سورت جو بحث انهيءَ ڳالهہ تي ڪيو ويو آهي (حوالہ تفهيم القرآن جلد 3)

تفسير تنوير الايمان جلد 10 صہ 475 ۾ لکيل آهي تہ هن سورت جو نالو نبا هن ڪري رکيو ويو آهي جو عرب لغت ۾ نبا خبر کي چوندا آهن الله تعاليٰ هن سورت ۾ قيامت جي واقع ٿيڻ جو بابت دليل بيان فرمايا آهن سزا ۽ جزا بابت خبر بيان فرمائي آهي.

احسن البيان في تفسير القرآن جي جلد 9 صہ 318 تان نقل ڪيل آهي تہ هن سورت جا هي نالا آهن.

1. النبا 2. عم 3. عم يتساءلون 4. الشاؤل

1. النبا جي معنيٰ خبر آهي.

2. عم جي معنيٰ آهي ڇا بابت ۽ ڪهڙي شيءِ بابت

3. يتساءلون جي معنيٰ آهي اهي پاڻ ۾ سوال ڪن ٿا هڪ ٻئي کان پڇا ڪندا. هڪ ٻئي جو حال پڇي سگهندا.

4. تساعل پڇا ڳڇا ڪي چوندا آهن.

هن سورت ۾ 1. هڪ وڏي واقع جي خبر بابت آهي.

2. الله تعاليٰ جي قدرت جون نشانيون بيان ٿيل آهن.

3. فيصلي جو ڏينهن مقرر آهي ۽ ان جي منظر جي باري ۾ بيان ٿيل آهي.

4. متڪبر ۽ سرڪشن جي جاءِ جهنم آهي دوزخين کي گرم پاڻي ۽ زخمن جي پوءِ ملندي دوزخي ان هنڌ ڪيترين ئي مدتون رهندا. يعني دوزخ ۾ رهندا.

5. پرهيز گارن جي جاءِ بهشت آهي اها پرهيز گارن لاءِ مرادون ماڻڻ جي هڪ جاءِ آهي جنهن ۾ باغ ۽ انگور ۽ جوان هڪ جيڏيون زالون ۽ ڇلڪندڙ پيالا. اتي هر ڪا اجائي بڪ ۽ ڪوڙي ڳالهہ نہ ٻڌندا بدلو ۽ گهڻو انعام رب طرفان هوندو.

6. حشر جي ميدان ۾ الاهي دربار جي رعب جو اهو عالم هوندو جو زمين جا رهاڪو هجن يا آسمان جا ڪنهن جي بہ مجال نہ هوندو جو پاڻ مرادو الله تعاليٰ جي حضور ۾ زبان کولي سگهن يا عدالت جي ڪم ۾ مداخلت ڪري سگهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

7. آيت نمبر 38 جو تفسير تفهيم القرآن واري حاشئہ نمبر 25 ۾ هن طرح ڪيو آهي تہ ڳالهائڻ مان مراد شفا آهي ۽ فرمايو ويو اها فقط ٻن شرطن سان ٿي سگهي ٿي هڪ شرط آهي تہ جنهن ماڻهوءَ ڪي جنهن گنهگار جي حق ۾ شفاعت جي موڪل الله تعاليٰ جي طرف کان ملندي فقط اهوئي ماڻهو ان جي حق ۾ شفاعت ڪري سگهندو ٻيو شرط تہ شفاعت ڪرڻ وارو نيڪ ۽ صحيح ڳالهہ چوي اجائي سفارش نہ ڪري جنهن جي معاملي ۾ سفارش ڪري رهيو آهي اهو دنيا ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪلمئہ حق جو قائل رهيو هجي يعنيٰ گنهگار هجي، ڪافر نہ هجي. (وڌيڪ تشريح لاءِ ڏسو سورت البقره حاشو 282، يونس حاشئہ 5، هود حاشئہ 106، مريم حاشئہ 52، طٰہٰ حاشئہ 88، 89، الانبياءِ حاشئہ 27، سبا حاشئہ 40، 41، المؤمن حاشئہ 32، الزخرف حاشئہ 68، النجم حاشئہ 21، المدثر حاشئہ 37 ۽ هن سورة النبا حاشئہ 25.

تفسير تنوير الايمان جلد 10 صہ 486 جي تان ورتل آهي تہ تفسيرن لکيو آهي تہ وَقَالَ صَوَابًا مان مراد آهي تہ جنهن کي اذن (موڪل ڳالهائڻ جو ملندو سو بہ ايمان وارن لاءِ شفا گهرندو نياز ۽ عاجزيءَ ۾ ڪو بہ ڪافر لاءِ شفاعت سفارش لاءِ زبان نہ چوريندو نڪي حد کان وڌيڪ ڳالهائيندو.

آيت نمبر 40 جي آخري فقري ۾ چيو ويو آهي تہ اتي ڪافر چوندا تہ افسوس! جيڪر مٽي هجان ها يعني دنيا ۾ پيدا نہ ٿيان ها يا مري مٽي ۾ ملي وڃان ها ۽ ٻيهر جيئرو ٿي نہ اٿان ها.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا لله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 79 (اَلنّٰزِعٰتِ مکية (رکوع 2 آيتون 46)

هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي لغات القرآن ۾ اَلنّٰزِعٰتِ جي معنيٰ آهي ڇڪي ڪيڻ واريون اهي ملائڪ جيڪي ڪافرن جي بدن مان ڇڪي ڪري سختي سان ساهه ڪين ٿا.

هن سورت جو موضوع قيامت ۽ موت کان پوءِ ٻي زندگيءَ جو ثبوت آهي ان سان گڏ هن ڳالهه جي تنبيهه به آهي ته الله تعاليٰ جي رسول ﷺ کي ڪوڙو ڀائيندڙن جي ڀڇاڙي ڇا ٿيندي.

ڪلام جي شروعات ۾ موت وقت ساهه ڪيڻ وارن ۽ الله تعاليٰ جي حڪمن کي ميڇڻ ۽ پورو ڪرڻ وارن ۽ الله تعاليٰ جي حڪم مطابق پوري ڪائنات جو انتظام ڪرڻ وارن فرشتن جو قسم کڻي اهو يقين ڏياريو ويو آهي ته قيامت ضرور ٿيندي ۽ موت کان پوءِ ٻي زندگي ضرور ايندي ڇاڪاڻ ته ملائڪن جي هٿان اڄ ساهه ڪيو وڃي ٿو انهن جي ئي هٿان ٻيهر ساهه وجهي به سگهي ٿو ۽ جيڪي ملائڪ اڄ الله تعاليٰ جي حڪمن جي تعميل بـنا دير بجا آڻن ٿا ۽ ڪائنات جو انتظام هلائن ٿا اهي ئي ملائڪ سڀاڻي انهيءَ الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪائنات جو هي نظام درهم برهم به ڪري سگهن ٿا ۽ هڪ ٻيو نظام قائم به ڪري سگهن ٿا.

ان کان پوءِ ماڻهن کي ٻڌايو آهي ته هڪ ڪم جنهن کي اوهان بلڪل نا ممڪن سمجهو ٿا الله تعاليٰ لاءِ ڪو ڏکيو ڪم نه آهي جنهن لاءِ ڪنهن وڏي تياريءَ جي ضرورت هجي بس هڪ جهٽڪو دنيا جي هن نظام کي درهم برهم ڪري ڇڏيندو ۽ هڪ ٻيو جهٽڪو هن ڳالهه لاءِ بلڪل ڪافي هوندو جو توهان هڪدم پاڻ کي ٻي دنيا ۾ زنده ڏسندؤ.

ان کان پوءِ حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ فرعون جو قصو مختصر طور بيان ڪري ماڻهن کي خبردار ڪيو ويو آهي ته رسول ﷺ کي ڪوڙي ڀائڻ ۽ چالبازين سان کيس شڪست ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ جو نتيجو فرعون ڏسي چڪو آهي. ان مان عبرت حاصل ڪريو ان روش کان باز نه ايندؤ ته توهان کي به اهو نتيجو ڏسڻو پوندو.

ان کان پوءِ آيت نمبر 27 کان آيت نمبر 33 تائين آخرت ۽ موت کان پوءِ حياتي لاءِ دليل بيان ڪيا ويا آهن.

آيت نمبر 34 کان آيت نمبر 41 ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جڏهن قيامت برپا ٿيندي جنهن ۾ انسان پنهنجو سڀ ڪيو ڪرتيو ياد ڪندو هر ڏسڻ واري جي سامهون دوزخ کولي رکيو ويندو ته جنهن سرڪشي ڪئي ۽ دنيا جي زندگي کي ترجيح ڏني هئي انهن جي دوزخ ئي جاءِ هوندي.

۽ جيڪو پنهنجي رب جي سامهون بيهڻ کان ڊنو هو ۽ نفس کي برين خواهشن کان روڪيو هو انهن جي جاءِ جنت هوندي.

آخر ۾ مڪي جي ڪافرن کي هن سوال جو جواب ڏنو ويو آهي ته قيامت ڪڏهن ايندي؟ جواب ۾ فرمايو ويو آهي قيامت جي اچڻ جي وقت جو علم الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نه آهي رسول ڪريم جن جو ڪم آهي خبردار ڪرڻ ته اهو وقت ضرور ايندو. (حواله تفهيم قرآن جلد 3 صفه 749،750).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم اللہ الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 80 (عَبَسَ) مکيہ (رکوع 1 آيتون 42)

عَبَسَ هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي. لغات القرآن ۾ عبس جي معنيٰ آهي "هن گُنڊ وڌو، هن منهن ۾ گهنج وڌا".

هن سورت ۾ هڪ مشهور اصحابي حضرت عبدالله بن ام مڪتوم نابين جو ذڪر بيان ٿيل آهي ان جو خلاصو آهي تہ هڪ ڀيري رسول الله ﷺ جي مجلس ۾ مڪي شريف جا ڪجهہ وڏا سردار عتبہ، شيبہ، ابوجهل، اميہ بن خلف ۽ ابي بن خلف ويٺا هئا حضور ﷺ جن انهن سردارن کي اسلام جي دعوت فرمائي رهيا هئا. ايتري ۾ عبدالله بن ام مڪتوب رضي الله عنه نابين جيڪو مومنن جي ماءُ سيده خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها جو ماسات ڪن روايتن ۾ ٻيبي صاحبہ جو ڀڦاٽ هو ۽ انهن خوشنصيبن مان هو جن جو شمار "اَلسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ" ۾ هو حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جن کان اسلام بابت ڪجهہ پڇڻ گهريو پاڻ ڪريمن کي ان جي اها مداخلت پسند نہ آئي ۽ سندس منهن مبارڪ تي ناگواريءَ جا آثار نظر آيا انهيءَ تي الله پاڪ جي طرفان سورت عَبَسَ نازل ٿي جنهن جي شروع ۾ لفظ عَبَسَ چيل آهي. هن آيت جي نزول کان پوءِ محبوب سيد عالم ﷺ جن عبدالله بن ام مڪتوب جو اڪرام فرمائيندا هئا.

آيت نمبر 17 هڪ نئون مضمون شروع ٿئي ٿو جيڪو سڌو سنئون خطاب جو رخ انهن ڪافرن ڏانهن آهي جيڪي رسول الله ﷺ جي دعوت کي رد ڪري رهيا هئا. خطاب جا ڪجهہ جملا الله تعاليٰ ڪيس ڪهڙي شيءَ مان پيدا ڪيا، منيءَ جي هڪ ڦڙي مان الله تعاليٰ ان کي پيدا ڪيو پوءِ ان جي تقدير مقرر ڪيائين پوءِ ان لاءِ زندگيءَ جي راهہ سنهنجي ڪيائين پوءِ ان لاءِ موت ڏنائين ۽ قبر ۾ پهچايائين پوءِ جڏهن گهري هو ان کي اٿاري بيهاري هر گز انهيءَ اهو فرض ادا نہ ڪيو. جنهن جو الله تعاليٰ ڪيس حڪم ڏنو هو. وري ان جي خوراڪ جو سامان مهيا ڪيو پر انسان جي بيشڪري جي ڪيفيت بيان ڪئي ويئي آهي.

آيت نمبر 33 کان آخر تائين قيامت جي احوال ڏانهن متوجہ ڪيو ويو آهي. تہ جيئن انسان اڄ کان ئي ان ميدان جي لاءِ تياري شروع ڪري. (حوالہ تفهيم القرآن خلاصو 3)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 81 (**اَلتَّكوِير** مكية (ركوع 1 آيتون 29)

هي لفظ ڪورت هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي لغات القرآن ۾ ڪُورت لفظ جي معنيٰ آهي هو بي نور ڪيو ويو (سج) بي نور ڪيو ويو (حوالہ لغات قرآن).

ڪورت تڪوير مان صيغہ ماضي مجهول آهي جنهن جي معنيٰ آهي ويڙهي ويئي. ان نالي مان مراد آهي تہ اها سورت جنهن ۾ ويڙهڻ جو ذڪر آهي (حوالہ تفهيم القرآن)

تفسير هاشمي ۾ چيل آهي تہ هن سورت ۾ الله تعاليٰ هڪ قيامت جو ذڪر ۽ ٻيو رسالت جو ذڪر ڪيو آهي قيامت جو ذڪر ڪندي ان جا (12) وقت بيان ڪيا آهن.

## قيامت جو نشانيون

1. هڪ اهو جڏهن سج قيامت جي ڏينهن ويڙهيو ويندو.
2. ٻيو جڏهن تارا ميرا ٿيندا.
3. جڏهن جبل هلايا ويندا.
4. .نويبڏحرباكيبنويحاڏيتڻمايونويڻدنهڏج
5. جڏهن جهنگلي جانور گڏ ڪبا.
6. جڏهن درياه تپائبا
7. ۽ جڏهن جيءَ پاڻ ۾ ملائبا
8. ۽ جڏهن جيئري پوريل نياڻي پڇبي تہ ڪهڙي ڏوهہ ۾ ماري ويئي
9. ۽ جڏهن اعمال نامہ کوليا ويندا
10. ۽ جڏهن آسمان پنهنجي جاين تان اکيڙبا
11. ۽ جڏهن دوزخ ٻاربو
12. جڏهن بهشت ويجهو ڪبو.

آخرت جي پوري نقشي چٽڻ کان پوءِ هي چئي انسان کي سوچڻ لاءِ ڇڏيو ويو آهي تہ ان وقت هر شخص کي پاڻهي معلوم ٿي ويندو تہ هو پاڻ سان ڇا کڻي آيو آهي.

## قرآن ۽ نبوت جي حقانيت جو ذڪر

الله تعاليٰ قسم کڻي ستارن جو رات جو ۽ صبح جو ٻڌائي ٿو تہ محمد ڪريم ﷺ جيڪو توهان جي سامهون قرآن پيش ڪري رهيو آهي اهو ان جو ٺاهيل نہ آهي نہ اهو ڪنهن کان سکيو آهي بيشڪ هڪ معزز ملائڪ جيڪو امانت جي لحاظ سان هر شبهي کان پاڪ آهي هي قرآن الله تعاليٰ وٽان اهو کڻي آيو آهي ان جي ڪري ان مان فائدو وٺو ۽ عافيت سينگاريو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 82 (**اَلاِنفطار** مکية رکوع 1 آيتون 19)

هي لفظ آيت نمبر 1 مان ورتل آهي تہ اِنفِطَار مصدر آهي ان جي معنيٰ آهي ڦاٽي پوڻ هن نالي جو مطلب آهي تہ هي سورت اها آهي جنهن ۾ آسمان جي ڦاٽي پوڻ جو ذڪر آهي.

لغات القرآن ۾ اِنفَطَرَت جي معنيٰ آهي چيرجي پئي. ڦاٽي پوڻ (آيت جي معنيٰ ٿيندي (جڏهن) آسمان چيرجي يا ڦاٽي پوندو.

تفسير هاشمي لکيو آهي تہ هن سورت ۾ قيامت جو ذڪر آهي الله تعاليٰ (4) چار وقت بيان ڪيا آهن انهن مان بہ (2) زمين سان تعلق رکن ٿا ۽ بہ (2) آسمان سان واسطو رکن ٿا.

1. **زمين سان تعلق رکندڙ وقت**

1. جڏهن سمنڊ تمام جوش سان وهائيا
2. ۽ جڏهن قبرون پٽبيون مٿن کي جيئارڻ لاءِ.

2. **آسمان سان تعلق رکندڙ وقت**

1. جيڪڏهن آسمان ڦاٽندا.
2. تارا ڇڻي پوندا

جيئن مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ هن سورت جو موضوع آخرت آهي ۽ هن ۾ سڀ کان پهريون قيامت جي ڏينهن جو نقشو چٽيو ويو آهي ۽ هي ٻڌايو ويو آهي تہ جڏهن قيامت پيش ايندي تہ هر ماڻهوءَ کي پنهنجو ڪيو ڪرتيو سڀ سندس اڳيان اچي ويندو ان کان پوءِ انسان کي خبردار ڪيو ويو تون ڪنهن غلطفهمي ۾ مبتلا نہ رهہ تنهنجو پورو اعمال نامون تيار ڪيو وڃي ٿو آخر ۾ پوري زور سان چيو ويو آهي تہ ضرور جزا جو ڏينهن ايندو جنهن ۾ نيڪ ماڻهن کي جنت جو عيش ۽ بدڪارن کي جهنم جو عذاب نصيب ٿيندو.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 83 (**اَلْـمُطَفِفِينَ** مکية (رکوع 1 آيتون 36)

اَلمُطَفِفِينَ لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي لغات القرآن ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ماپ تور ۾ ڪوٽ ڪرڻ وارا. ٿورو ڏيڻ وارا.

تفسير تنوير الايمان واري لکيو آهي تہ تطفيف جي معنيٰ عرب لغت موجب تور ۽ ماپ ۾ ڪوٽ ڪرڻ ڪي چوندا آهن.

هن سورت جو موضوع آخرت آهي پهرين (6) ڇهن آيتن ۾ ان عام بي ايماني تي پڪڙ ڪئي ويئي آهي جيڪا ڪارو باري ماڻهن ۾ تمام گهٽي قدر پکڙيل هئي معاشري ۾ جيڪي بي شمار خرابيون هيون انهن مان هڪ خرابيءَ ڪي جنهن جي خراب هئڻ کان ڪو انڪار نٿو ڪري سگهي. بطور مثال وٺو اهو ٻڌايو ويو آهي تہ اهو آخرت کان غفلت جو لازمي نتيجو آهي جيستائين ماڻهن ۾ هيءَ احساس نہ هوندو تہ هڪ ڏينهن الله تعاليٰ جي اڳيان پيش ٿيڻو آهي ۽ پائي پائي جو حساب ڏيڻو آهي تيستائين ممڪن نہ آهي جو هو پنهنجي معاملن ۾ سچائي اختيار ڪري سگهن.

اهڙي طرح اخلاق سان گڏ آخرت جي عقيدي جو تعلق نهايت سهڻي نموني سان واضح ڪرڻ کان پوءِ آيت نمبر 7 کان آيت نمبر 17 تائين ٻڌايو ويو آهي تہ "ڪافرن جا اعمال نامہ سجين ۾ هوندا"

**سجين ڇا آهي:** تفسير هاشمي لکي ٿو سجين هڪ لکيل ڪتاب آهي جنهن ۾ ڪافرن ۽ شيطانن جا عمل لکيا رهن ٿا اهو دفتر جنهن جڳهہ تي رکيل آهي ان کي سجين چون ٿا جيڪو هڪ بند يخاني جو قسم آهي ۽ ستن زمينن جي هيٺيان آهي ان قيد خاني ۾ ڪافرن جا روح ڪٽي وجي بند ڪيا وجن ٿا. اها جاءِ ڏاڍي اونداهي ۽ سوڙهي آهي ان ۾ اهي رهن ٿا جن کان الله تعاليٰ ناراض آهي ابليس ۽ ان جي پوئلڳن جي رهڻ جي جاءِ بہ آهي.

مطلب تہ "سجين" ٻنهي شين جو نالو آهي هڪ معنيٰ آهي "دفتر" ۽ ٻي "قيد".

آيت نمبر 14 ۾ آهي تہ انهن جي دلين تي سندن بڇڙن عملن جي ڪري ڪٽ چڙهي ويئي آهي.

آيت نمبر 18 کان آيت نمبر 28 تائين ٻڌايل آهي تہ نيڪ ماڻهن جي بهترين پڇاڙي بيان ڪئي ويئي آهي بيشڪ نيڪ ماڻهن جا اعمال نامہ عليين ۾ لکيل آهن.

**عليين ڇا آهي:** تفسير هاشمي لکيو آهي تہ اهو نيڪن جي عملن جو لکيل دفتر آهي ان ۾ سمورا نيڪ عمل لکايل آهن توڙي جو اهي انسان آهن يا جن يا ملائڪ مالڪ حقيقي اهو دفتر انهيءَ جاءِ تي سانڍي رکايو آهي ان جاءِ جو نالو الله تعاليٰ "عليين" رکيو آهي اها پلاري جاءِ عرش هيٺيان آهي ۽ اها ستن آسمانن ۽ ڪرسيءَ کان مٿانهين آهي متقين جا روح بہ رب پاڪ ان ۾ رکائي ٿو. مطلب تہ "عليين" ٻن شين جو نالو آهي هڪ ان دفتر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو جنهن ۾ نيڪن جا عمل لکيل هوندا ۽ پيو ان جاءِ جو جتي اهو دفتر رکيل هوندو.

تحقيق نيڪوڪار مومن بهشت جي وڏين نعمتن ۾ هوندا. توهان انهن نيڪن جي چهرن ۾ نعمت جي تازگي ۽ طراوت پروڙيندين.

پڇاڙيءَ ۾ ايمان وارن کي آٿت ڏني ويئي آهي ۽ ان سان گڏ ڪافرن کي خبردار بہ ڪيو ويو آهي تہ اڄ جيڪي ماڻهو ايمان وارن کي ذليل ڪري رهيا آهن قيامت جي ڏينهن اهي ڏوهاري ماڻهو پنهنجي انهيءَ روش جو ڏاڍو برو نتيجو ڏسندا ۽ ايمان وارا ماڻهو انهن جي بري نتيجي کي ڏسي پنهنجون اکيون ٺاريندا.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمر ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 84 **اَلاِنشِقَاق** مکية (رڪوع 1 آيتون 25)

هي لفظ اِنشَقَت کان ورتل آهي اَلاِنشِقَاق مصدر آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڦاٽي پوڻ (جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو) اهو لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي هي اها سورت آهي جنهن ۾ آسمان جي ڦاٽڻ جو ذڪر آهي ان ڪري ان سورت جو نالو اَلاِنشِقَاق رکيو ويو آهي.

هن سورت جو موضوع قيامت ۽ آخرت آهي پهرين (5) پنجن آيتن ۾ نہ فقط قيامت جي ڪيفيت بيان ڪئي ويئي آهي پر ان جي برحق هئڻ جا دليل بہ ڏنا ويا آهن.

ان کان پوءِ آيت نمبر 6 کان آيت نمبر 19 تائين ٻڌايو ويو آهي تہ انسان سمجهي يا نہ سمجهي، بهرحال خوشي ناخوشي هو ان منزل ڏانهن وڃي رهيو آهي جتي وڃي کيس پنهنجي رب جي اڳيان حاضر ٿيڻو پوندو پوءِ سڀ ماڻهو ٻن حصن ۾ ورهائجي ويندا. هڪڙا اهي جن کي سندن اعمالنامہ ساڄي هٿ ۾ ڏنا ويندا ۽ اهي ڪنهن سخت حساب ڪتاب وٺڻ کان سواءِ ئي معاف ڪيا ويندا ٻيا اهي جن کي سندن اعمال نامہ پٺيءَ پويان ڏنا ويندا هو گهرندا تہ جيڪر ڪنهن طرح انهن تي موت اچي پر مرڻ جي بجاءِ انهن کي جهنمر ۾ اڇليو ويندو انهن جي هي پڇاڙي انهيءَ ڪري هوندي جو دنيا ۾ انهيءَ غلط فهميءَ ۾ مگن رهندا هئا تہ ڪڏهن بہ جواب ڏيڻ لاءِ الله تعاليٰ جي سامهون حاضر ٿيڻ نہ آهي حالانڪہ انهن جو دنيا جي زندگيءَ کان آخرت جي سزا ۽ جزا تائين درجي بدرجي پهچڻ ايترو يقيني آهي جيترو سج لهڻ کان پوءِ شفق جو پيدا ٿيڻ، ڏينهن کان پوءِ رات جو اچڻ ۽ ان ۾ انسانن ۽ حيوانن جو پنهنجي پنهنجي آکيرن ڏانهن موٽڻ ۽ چنڊ جو پهرين تاريخ کان وڌي چوڏهينءَ تائين ڪامل ٿيڻ.

آخر ۾ انهن ڪافرن کي دردناڪ سزا جي خبر ڏني ويئي آهي. جيڪي قرآن ٻڌي رب جي آڏو جهڪڻ دوران مورڳو تڪذيب ڪن ٿا ۽ انهن ماڻهن کي بي حساب اجر جي خوشخبري ٻڌائي ويئي آهي جيڪي ايمان آڻي نيڪ ڪم ڪن ٿا. (حوالہ تفهيم قرآن جلد 3 صفحہ 782،781).



پهرين، ڏهين ۽ چوڏهين جي چنڊ جا منظر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 85 (**اَلبرُوج** مکيہ رکوع 1 آيتون 22)

اَلبرُوجَ هي لفظ جيکو هن جي آيت نمبر 1 ۾ مذکور آهي لغات القرآن ۾ بروج جي معنيٰ آهي بلند عمارتون يا محل. مضبوط قلعا.

الله پاک فرمايو آهي وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْبُرُوْجِ ان آيت جو ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي هنن لفظن ۾ کيو آهي "برجن واري آسمان جو قسم آهي"

تفسير تنوير الايمان جلد 10 صفحہ 559 ) تان ورتل آهي مولانا الشاه اشرف علي ٿانوي رحمۃ اللہ علیہ درمنثور جي حوالي سان لکن ٿا تہ برجن مان مراد وڏا تارا آهن.

احسن البيان في تفسير القرآن جلد 9 صہ 400 تان نقل کيو آهي هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ رب پاک برجن واري آسمان جو قسم آهي بروج برج جو جمع آهي ۽ قلعي ۽ وڏي ماڙيءَ کي برج سڏيو ويندو آهي.

هن سورت جو موضوع  کافرن کي سندن انهن ظلمن جي بري نتيجي کان خبردار ڪرڻ آهي جيکي ايمان وارن تي ڪري رهيا هئا ساڳئي وقت ايمان وارن کي تسلي ڏنل آهي تہ هو جيڪڏهن انهن ظالمن جي مقابلي ۾ ثابت قدم رهندا تہ کين اجر ملندو ۽ الله تعاليٰ ظالمن کان بدلو وٺندو.

انهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان اول اَصحَابُ الاخدود جو قصو ٻڌايو آهي جن ايمان آڻيندڙ کي باهہ سان ڀريل کڏن ۾ اڇلائي ساڙيو هو ۽ انهيءَ قصي سان کي ڳالهيون مؤمنن ۽ کافرن جي ذهن نشين ڪرايون ويون.

هڪ تہ جهڙي طرح اصحاب الاخدود خدا جي لعنت ۽ سزا جا مستحق ٿيا. اهڙي طرح مکي جا سردار بہ ان جا مستحق بڻجي رهيا آهن.

ٻيو تہ  جهڙي طرح ايمان وارن انهيءَ وقت باهہ جي کاهين ۾ ڪري جان ڏيڻ قبول ڪئي پر ايمان تان هٽ نہ کنيائون تهڙي طرح هينئر بہ ايمان وارن کي گهرجي تہ سخت کان سخت ايذاءُ سهن پر ايمان جي رستي کان نہ هٽن.

ٽيون تہ جنهن الله تي ايمان آڻڻ کان ڪافر چڙن ٿا ۽ ايمان وارا ان تي زور ڏين ٿا اهو سيني تي غالب آهي زمين ۽ آسمان جي سلطنت جو مالک آهي پنهنجي ذات ۾ پاڻ حمد جو لائق آهي ۽ هو پنهي ٽولن جي حال کي ڏسي رهيو آهي تنهنڪري هيءَ ڳالهہ يقيني آهي تہ (انهن مان هر هڪ پنهنجي ڪئي جو نتيجو ڏسي)وري ڪافرن کي خبردار ڪيو ويو آهي تہ خدا جي پڪڙ ڏاڍي سخت آهي.

جيڪڏهن توهان پنهنجي جماعتي طاقت جي گمان ۾ مست آهيو تہ توهان کان فرعون ۽ ثمود وٽ وڏي طاقت هئي انهن جي لشڪرن جي جيڪا پڃاڻي ٿي ان مان سبق وٺو خدا جي قدرت اوهان تي ائين گهيرو ڪندڙ آهي جو ان جي گهيري مان نڪري نٿا سگهو ۽ قرآن جنهن کي ڪوڙي چوڻ لاءِ هوڏ ٻڌيو ويٺا آهيو. ان جي هر ڳالهہ اڻ ٽر آهي هو ان لوح محفوظ (محفوظ ڦرهي) تي لکيل آهي جنهن جو لکيو ڪنهن جي بدلائڻ سان بدلجي نٿو سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا اللہ الرحمن الرحيم

86 **الطارق** (مکيہ رکوع 1 آيات 17)

الطارق: هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي لغات القرآن ۾ طارق جي معنيٰ اونده ۾ يا رات ۾ اچڻ وارو تارو، چمڪندڙ تارو.

تفسير تنوير الايمان جلد 10 صہ 566 مان نقل ڪيل آهي هن سورت جو نالو طارق هن ڪري ٿيو آهي جو عرب جي لغت ۾ طارق چوندا آهن رات جي مهماني کي انهيءَ ڪري جيڪي حادثا رات جو ٿين ٿا انهن کي بہ عربي ۾ طارق چوندا آهن حديث شريف ۾ آهي تہ اعوذ باالله من طوارق ليل يعني الله کان پناهہ ٿو گهران انهن حادثن کان جيڪي رات جو اوچتو واقع ٿين ٿا هن سورت جي اول ۾ ستارن جو بيان آهي چو تہ هي بہ رات جو ظاهر ٿين ٿا ۽ ڏينهن جو گم رهن ٿا.

**النجم الثاقب چا آهي.**

تفسير تنوير الايمان جلد 10 صہ 567 تان نقل ڪيو آهي. وَالسمَآءِ وَ الطارِق قسم آهي آسمان جو ۽ انهيءَ ڪمن جو جيڪي رات جو ظاهر ٿين ٿا يعني تارا چو تہ تارا ڏينهن جو سج جي روشنائيءَ کان گم رهندا آهن ۽ رات جو سڀ ڪنهن طرف کان چمڪندا ۽ چلڪندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. وَمَآ اَدۡرٰىكَ مَا الطَّارِقُ ۙ النَّجۡمُ الثَّاقِبُ ۙ اي محمد ڪريم ﷺ اوهان کي ڪهڙي خبر آهي تہ طارق يعني رات جو ظاهر ٿيندڙ شيءِ ڪهڙي آهي اهي روشن تارا آهن ڪن مفسرن لکيو آهي تہ نجم ثاقب مان مراد اهي تارا آهن جيڪي رات جو ڪڙندا نظر ايندا آهن ۽ شيطان کي اماڙي تي لڳندا آهن. پر لفظ طارق جي عموم سان ظاهر آهي تہ سيئي تارا مراد آهن جيڪي رات جو ظاهر ۽ روشن ڏسبا آهن. تفسير خازن ۽ روح البيان وغيره لکيو آهي تہ هڪ رات ابو طالب حضرت رسول ڪريم ﷺ وٽ آيو پاڻ ڪريمن کيس کير ۽ ماني آٽي ڏني جيڪا ويني کاڌائين تہ اوچتو آسمان مان هڪڙو تارو ڪڙيو جنهن جي روشنيءَ سان سڄي زمين روشن ٿي ويئي ۽ ان جو منظر تمام هيبتناڪ ڏسڻ ۾ آيو. اها حالت ڏسي ابو طالب کي اچي ڊپ ورتو. پاڻ سڳورن کان پڇيائين تہ هي چا آهي پاڻ فرمايائون تہ هي تارو آهي جنهن سان شيطان کي آسمان تي چڙهڻ کان روڪيو ٿو وڃي ۽ اها هڪ الله تعاليٰ جي عجيب قدرت آهي.

آسمان تي هر وقت ستارا محفوظ آهن ۽ آسمان کان ٻاهر نہ ٿا وڃن مگر ظهور و سندن رات جو ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ ڏينهن جو اگرچہ آسمان ۾ ئي هوندا آهن پر نظر ۾ نہ ايندا آهن هر نفس تي نگهبان مقرر آهن انسان جا عمل بہ سندن اعمالنامن ۾ محفوظ رکيا آهن پر دنيا ۾ انهن جو ڏسڻ محال آهي ۽ قيامت ۾ سڀڪو ڏسي سگهندو جيئن رات جو سڀ تارا اننيا وڏا ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

هن سورت ۾ هي مضمون بيان ٿيل آهن.

1. هڪ تہ انسان کي مرڻ کان پوءِ الله جي سامهون حاضر ٿيڻو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. ٻيو تہ قرآن حق ۽ باطل جي وچ ۾ فيصلو ڪندڙ آهي، جنهن ڪي ڪافرن جي ڪابہ چال ۽ تدبير نقصان پهچائي نٿي سگهي.

تفسير هاشمي لکي ٿو تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ آءٌ بہ قسم کڻان ٿو هڪڙو آسمان جو ۽ ٻيو قسم کڻان ٿو طارق (تاري) جو.

1. هر نفس تي نگهبان مقرر آهي.

الله تعاليٰ فرمايو هي ٻيو قسم ان ڳالھ تي کنيم تہ ڪو بہ اهڙو نفس ناهي جنهن تي اسان جو ڪو سنڀال ڪندڙ مقرر نہ ڪيو هجي اسان هر هڪ ماڻهوءَ تي هڪ ملائڪ ڇڏيو آهي جيڪو ان جا سمورا عمل لکي ٿو پوءِ چڱا هجن يا برا هجن ان کي ويسرو تي ويهڻ نہ گهرجي. جنهن جي پوئتان سندس سنڀاليندڙ ڇڏيل آهن هر ماڻهو تي چار سنڀال ڪندڙ مقرر آهن اهڙو ذڪر سورة الانفطار ۾ بہ اچي چڪو آهي.

**2. انسان کي ٽپڪندڙ پاڻي مان پيدا ڪيو آهي.**

پوءِ انسان کي ڏسڻ گهرجي تہ کهڙيءَ شيءِ مان پيدا ڪيو ويو آهي اهو ٽپي سان نڪرندڙ پاڻي مان پيدا ڪيو ويو آهي جيڪو پٺيءَ ۽ ارھ (سيني) جي هڏين وچان نڪري ٿو.

تفسير هاشمي لکيو آهي تہ ان جي سوال جي جواب ۾ الله تعاليٰ هن طرح فرمايو آهي "تہ ان کي منيءَ جي ڦڙي مان خلقيو اٿؤ جيڪو قادر جي قدرت سان هڪڙ مڙس جي پٺ مان ٽپو ڏيئي ٻاهر اچي ٿو ۽ ٻيو عورت جي ارھ جي هڏين (ڇاتي) مان نڪري ٿو پوءِ ٻئي عورت جي ڳيرڻ ۾ اچي گڏ ٿين ٿا ٻنهي ڦڙن (پاڻين) جي گڏجڻ کان سواءِ تخليق نہ ٿي ٿئي مڙس جي منيءَ مان چار شيون ٺهن ٿيون. 1. هڏا، 2. وار، 3. هنيون (دل) 4. رڳون. عورت جي پاڻيءَ ۾ ٻيون چار شيون جڙن ٿيون 1. گوشت، 2. کل، 3. رت. 4 وھ

**3. الله تعاليٰ انسان جي موٽائڻ (مرڻ کان پوءِ جيئارڻ تي قادر آهي).**

ا تعاليٰ انسان جي مرڻ کان پوءِ جيئارڻ تي قادر آهي يعني جنهن پهريان انسان کي خلقيو آهي اهو مارڻ کان پوءِ ٻيهر پيدا ڪرڻ ۽ ان کي جيئرو ڪري اٿارڻ تي بيشڪ قدرت رکندڙ آهي پوءِ قيامت جي نہ ٿيڻ جو شڪ شبھ ختم ٿي وڃي ٿو اهو ٻيهر پيدا ڪرڻ ان ڏينهن ٿيندو جنهن ڏينهن ۾ سمورا ڳجھ نڪري ظاهر رشہمحر ڳمائهابـهڳسي ئاڪلہ ايند لدنٿيد راورني رڪنٽ دي رڊ ۾ مسارڊ دائهڃ ڳلمعاجي زي دي ر ذ لدنٿيد جي ميدان ۾ ڪنهن کي بہ پنهنجي عيب لڪائڻ جي طاقت نہ رهندي پوءِ اتي پنهنجي لاءِ ڪجھ نہ ڪري سگهندو يعني پاڻ کي بچائي نہ سهندو نہ ٻيو ڪو سندس مددگار هوندو جو ڪيس عذاب کان بچائي سگهندو.

**4. قرآن حق ۽ باطل ۾ فيصلو ڪندڙ آهي.**

الله تعاليٰ آسمان ۽ زمين جو قسم کڻي ٻڌائي ٿو تہ هي قرآن اهڙو ڪلام آهي جو حق ۽ باطل جي وچ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيصلو ڪندڙ آهي ان قرآن ۾ ڪا بہ مسخري جهڙي ڳالهہ نہ آهي ۽ نہ ان ۾ بيهوده ۽ بي فائده ڪلام آهي بلڪہ اهو نسورو حق ۽ سچ آهي.

اخر ۾ چيل آهي تہ هي ماڻهو (ڪافر) ڪجهہ ڏينهن هلي رهيا آهن آءُ بہ هڪ چال هلي رهيو آهيان پوءِ چڏ اي نبي انهن ڪافرن کي ٿوري دير سندن حال تي ڇڏي ڏي گهڻو وقت نہ گذرندو تہ کين خود معلوم ٿي ويندو تہ انهن جو ڇا ٿئي ٿو.



تـــــارن واري رات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) 87 **الاعليٰ** (مکيہ رکوع 1 آيتون 19)

الاعليٰ لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي لغات القرآن ۾ اعليٰ جي معنيٰ آهي سڀ کان بلند برتر ٿيڻ سڀ کان مٿي غالب سڀ کان برتر انهيءَ ڪري هن سورت جو نالو الاعليٰ رکيو ويو آهي.

هن ننڍڙيءَ سورة ۾ (3) ئي موضوع آهن (1) توحيد (2) نبي ڪريم ﷺ جن کي هدايتون (3) آخرت پهرين آيت ۾ توحيد جي تعليم کي هن جملي ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ الله تعاليٰ جي نالي جي تسبيح پڙهي وڃي.

الله تعاليٰ پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جن کي امر ڪري ٿو تہ اوهان پنهنجي پالڻهار جي پاڪائي بيان ڪريو جيڪو مرتبي ۾ سيني کان مٿانهون آهي جنهن جي عظمت جي ڪا حد حساب ئي ڪونهي. صحيح عقيدي لاءِ سڀ کان اول اها ڳالهہ آهي تہ الله جل شانہ کي صرف انهن اسماءُ الحسنيٰ سان ياد ڪيو وڃي جنهن لاءِ موزون ۽ مناسب آهن،

ان کان پوءِ (3) ٽن آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ تنهنجي رب جنهن جي نالي جي تسبيح جو حڪم ڏنو وڃي ٿو اهو آهي جنهن ڪائنات جي هر شيءِ کي پيدا ڪيو انهن جي وچ ۾ نسبت قائم ڪئي انهن جي تقدير ٺاهيائين ڪين انهن ڪمن ڪرڻ جي راهہ ڏيکاريائين جنهن لاءِ هو پيدا ڪيا ويا آهن وري ٻن آيتن ۾ رسول الله ﷺ جن کي هدايت ڪئي ويئي تہ توهان هن ڳالهہ جو فڪر نہ ڪيو تہ هي قرآن لفظ بلفظ اوهان کي ياد ڪئين رهندو ان کي اوهان جي حافظي ۾ محفوظ ڪرڻ اسان جو ڪم آهي ۽ ان جو محفوظ رهڻ اهو تنهنجي ذاتي ڪمال جو نتيجو نہ آهي مطلب الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ اسين توکي پڙهائينداسين، پوءِ تون نہ وساريندين ان کان پوءِ رسول الله ﷺ کي فرمايو ويو تہ هر ڪنهن ماڻهو کي سنئين واٽ تي وٺي اچڻ اهو توهان جو ڪم نہ آهي توهان جو ڪم فقط حق جي تبليغ ڪرڻ آهي ۽ تبليغ سڌو طريقو اهو آهي تہ جيڪو نصيحت ٻڌي ۽ قبول ڪرڻ لاءِ تيار هجي ان کي نصيحت ڪئي وڃي ۽ جيڪو ان لاءِ تيار نہ هجي ان جي پويان نہ پئجي.

آخر ۾ ڪلام کي ان ڳالهہ تي ختم ڪيو ويو آهي تہ فلاح صرف انهن ماڻهن لاءِ آهي جيڪي عقيدن اخلاق ۽ عمل ۾ پاڪيزگي اختيار ڪندا ۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪري نماز پڙهندا پر ماڻهن جو حال تہ هي آهي جو انهن کي سمورو فڪر فقط هن دنيا ۾ آهي حالانڪ اصل فڪر آخرت جو هئڻ گهرجي.

(حوالہ تفهيم القرآن جلد 3 صفہ 796،797)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت 88 **الغاشية** (مڪيه رڪوع 1 آيتون 26)

الغاشيه لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي لغات القرآن ۾ هن جي معنيٰ آهي ڇانئجي وڃڻ واري، وڪوڙي وڃڻ واري يعني قيامت، هن سورت جي اول ۾ به قيامت جي هولن ۽ هيبتن کان خوف ڏيارڻ جو ذڪر آهي.

هن سورت ۾ سڀ کان اول غفلت ۾ ستل ماڻهن کي جاڳائڻ لاءِ اوچتو ئي انهن جي اڳيان سوال رکيو ويو ته توهان کي ان وقت جي ڪجهه خبر آهي. جڏهن پوري دنيا تي ڇانئجي وڃڻ واري آفت نازل ٿيندي؟ ان کان پوءِ هڪدم هي تفصيل بيان ڪيو ويو ته ان وقت سيئي انسان ٻن ٽولن ۾ ورهائجي ٻن قسمن جا نتيجا ڏسندا. هڪ اهي جيڪي جهنم ۾ ويندا ٻيا اهي جيڪي عالي مقام جنت ۾ ويندا.

ان کان پوءِ مضمون ۾ اچي ٿو ته ماڻهن کان سوال ڪيو وڃي ٿو ته ڇا اُهي جيڪي ماڻهو قرآن جي تعليم، توحيد ۽ آخرت جي خبر ٻڌي منهن گهنجائن ٿا پنهنجي اڳيان هنن شين کي ڪونه ٿا ڏسن جن سان هر وقت انهن جو واسطو پوي ٿو؟ عرب جي ميدانن جن اُنن تي سندن ساري جمار جو دارومدار آهي ڪڏهن هي ماڻهو ان تي غور نٿا ڪن ته هي بلڪل اهڙيءَ طرح ٺهيل آهن جهڙيءَ طرح انهن کي ميداني علائقن ۾ جانورن جي ضرورت هئي؟ سفر ۾ جڏهن نڪرن ٿا ته انهن کي يا ته آسمان نظر ٿو اچي يا جبل يا زمين انهن ٽنهي شين تي هي غور ڪن مٿان هي آسمان ڪيئن گهيرو ڪيو پيو آهي؟ سامهون جبل ڪيئن بيٺا آهن؟ هيٺيان هيءَ زمين ڪيئن وڇايل آهي؟ ڇا هي ڪنهن قادر مطلق ۽ صانع حڪيم جي ڪاريگريءَ کان سواءِ ٿيو آهي؟ جيڪڏهن هي مڃيو ته هيءَ هڪ خالق وڏي حڪمت ۽ وڏي قدرت سان بڻايو آهي ۽ ٻيو ڪو به ان جي پيدا ڪرڻ ۾ سندس شريڪ نه آهي ته پوءِ ان کي اڪيلو رب ڪري مڃڻ کان ڪين انڪار ڇو آهي؟ ۽ جڏهن هي اهو به مڃن ٿا ته اهو الله تعاليٰ هي سڀ ڪجهه پيدا ڪرڻ تي قادر آهي ته پوءِ ڪهڙو معقول دليل آهي جنهن جي آڌار تي هي سمجهن ٿا ته الله تعاليٰ قيامت آڻڻ تي قادر نه آهي؟ انسانن کي ٻيهر پيدا ڪرڻ تي به قادر نه آهي جنت دوزخ ٺاهڻ تي به قادر نه آهي.

ان کان پوءِ نبي ڪريم ﷺ کي مخاطب ڪيو وڃي ٿو ته هي ماڻهو پلي نه مڃن تنهنجو ڪم نصيحت ڪرڻ آهي تون نصيحت ڪندو رهه نيٺ ته انهن کي اچڻو اسان وٽ آهي ان وقت اسان ڪانئن پورو پورو حساب وٺنداسين. (حواله تفهيم القرآن جلد 3 صفحه 803،802)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت 89 **الفجر** (مکيه رکوع 1 آيتون 30)

الفجر لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي لغات القرآن ۾ فجر لفظ جي معنيٰ آهي فجر، پرهه ڦٽي جو وقت، صبح جو وقت، صبح جي روشني.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ (5) پنج ڀير قسم کنيو آهي.

(احسن البيان في تفسير القرآن جلد 9 صفه 432) (حوالہ تفسير هاشمي)

1. پهريون قسم پرهه ڦٽي جو يعني فجر جو. حضرت علي ﷛ حضرت ابن عباس ﷛ ۽ ابن الزبير ﷛ وغيره جو قول آهي ۽ گهڻن بزرگن فرمايو آهي تہ فجر مان مراد هر فجر آهي ۽ ڪنهن مخصوص ڏينهن جي فجر مراد ناهي مجاهد فرمايو تہ ان مان مراد ڏهين ذوالحج جي ڏينهن جي فجر آهي ۽ عڪرمہ فرمايو آهي تہ جمعي جي ڏينهن جي فجر مراد آهي ۽ سعيد بن منصور ۽ بيهقي حضرت ابن عباس ﷛ جو هي قول آهي تہ فجر مان مراد محرم مهيني ۾ سال جي شروعات واري فجر آهي.

2. ٻيو قسم (10) ڏهن راتين جو:

(10) ڏهن راتين مان مراد پهريون ڏهہ راتيون (تاريخون) ذالحج جون آهن ڪن مفسرن چيو آهي تہ ڏهن (10) تاريخن مان مراد رمضان شريف جو پويون ڏهاڪو آهي ڇو تہ انهن ۾ قدر جي رات آهي، ڪن مفسرن چيو آهي تہ محرم جو ڏهاڪو آهي.

3. ٽيون قسم ”شفع“ جو لغات قرآن ”شفع“ جي معنيٰ ٻڌي، جوڙو ۽ ٻٽ، ٻڌي مان مراد مخلوق آهي.

4. چوٿون قسم وتر معنيٰ اڪي جو آهي ۽ اڪي مان مراد الله تعاليٰ آهي.

5. رات جو قسم آهي جڏهن وڃي ٿي ان رات مان ڪهڙي رات آهي ان ۾ ٽي قول آهن.

1. تہ عام رات مراد آهي، 2. مزدلفه ۾ حاجين جي گڏ ٽيڻ واري ڏهين ذوالحج جي رات مراد آهي

3. ان مان قدر جي رات مراد آهي.

مطلب تہ الله تعاليٰ فجر، ڏهن (راتين) ٻڌي ۽ اڪي ۽ موڪلائيندڙ رات جو قسم کڻي ٻڌندڙن کان سوال پڇيو آهي تہ جنهن ڳالهہ جو توهان انڪار ڪري رهيا آهيو ان جي برحق هئڻ جي شاهدي ڏيڻ لاءِ ڇا هي شيون ڪافي نہ آهن.

ان کان پوءِ انساني تاريخ مان دليل وٺندي مثال ڏيندي عاد، ثمود ۽ فرعون جي پڇاڙي بيان ڪئي ويئي. جڏهن هو حدون لنگهي ويا ۽ زمين ۾ تمام گهڻو فساد مچايائون تہ پوءِ انهن تي الله تعاليٰ جو عذاب اچي ڪڙڪيو هيءَ هن ڳالهہ جي نشاني آهي تہ ڪائنات جو نظام ڪو انڌيون ۽ ٻوڙيون طاقتون نہ هلائي رهي آهن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ ڪنهن چرپٽ راجا جي انڌير نگري نہ آهي پر هڪ فرمانروا، دانا ۽ حڪيم مٿس حڪمراني ڪري رهيو آهي جنهن جي حڪمت ۽ عدل جي تقاضا خود هن دنيا جي انساني تاريخ ۾ مسلسل نظر اچي ٿي تہ عقل ۽ اخلاقي سمجهہ ڏيئي جنهن مخلوق کي تصرف جا اختيار ڏنا اٿس ان جو حساب ڪتاب وٺي ۽ ڪيس ان جي جزا ۽ سزا ڏي. 1

ان کانپوءِ انساني معاشري جي عام اخلاقي حالت جو جائزو ورتو ويو آهي ۽ خصوصيت سان ان جي ٻن ڳالهين تي تنقيد ڪئي ويئي آهي هڪ ماڻهن جو ماده پرستاڻو نقطہ نظر جنهن جي بنياد هو. هر اخلاقي ڀلائي ۽ برائي کي نظر انداز ڪري رڳو دنيا جي دولت، مرتبي ۽ منزلت جي حصول يا فقدان کي عزت ۽ ذلت جو معيار سمجهيو ويٺا هئا ۽ هي ڳالهہ ڪانئن وسري ويئي هئي تہ نہ دولتمندي ڪو انعام آهي نہ وري رزق جي تنگي ڪا سزا آهي. پر الله تعاليٰ انهن ٻنهي حالتن ۾ انسان جو امتحان وٺي ٿو ٻيو اهو تہ ماڻهن جو اهو عمل تہ يتيم ٻار، پيءُ جي مرندي ئي انهن وٽ خراب حالت ۾ اچي ٿو غريبن جو ڪو حال اوريندڙ ڪونهي. جنهن جو وس پڄي ٿو تہ مُئي جي ڪل ميراث دٻائي ويهي رهي ٿو ۽ ڪمزور حقدارن کي محروم رکي ٿو هن تنقيد مان مراد ماڻهن کي هن ڳالهہ جو قائل ڪرڻو آهي تہ دنيا جي زندگيءَ ۾ جن انسانن جو عمل هيءُ آهي تہ پوءِ آخر انهن جو حساب ڇو نہ ٿئي؟ 2

نيٺ ڪلام کي انهيءَ ڳالهہ تي ختم ڪيو ويو آهي تہ حساب ٿيندو ۽ ضرور ٿيندو ان وقت جزا ۽ سزا جو منڪر انسان هٿ مهٽيندو رهندو تہ افسوس! دنيا ۾ هن ڏينهن لاءِ ڪو سامان تيار ڪري ها! پر هيءَ پريشاني خدا جي عذاب کان ڪيس بچائي نہ سگهندي، باقي جن ماڻهن دنيا ۾ پوري دلي اطمينان سان حق کي قبول ڪيو هوندو الله تعاليٰ ڪانئن راضي هوندو ۽ هو الله تعاليٰ جي عطا ڪيل اجر کان راضي هوندا ۽ کين چيو ويندو تہ پنهنجي رب جي پسنديده ٻانهن ۾ شامل ٿي جنت ۾ داخل ٿي وڃو. 3

(حوالہ 1،2،3، تفهيم القرآن جلد 3 صفہ 807،808)






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30 سورت 90 (**البلد** مکيہ رکوع 1 آيتون 20)

هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي هن سورت جو نالو بلد انهيءَ ڪري رکيو ويو آهي ته عربيءَ ۾ شهر کي بلد چئبو آهي هن سورت جي شروعات الله تعاليٰ بلد يعني شهر جو قسم کنيو آهي.

الله تعاليٰ هن سورت ۾ ٽي (3) قسم کنيا آهن.

1. هڪ قسم شهر (مکي) جو

2. ٻيو قسم والد جو جنهن سيني ماڻهن کي ڄڻيو اهو حضرت آدم آهي.

3. ٽيون قسم انهن جو جيڪي هن ڄڻيا آهن ان ۾ سمورا انسان اچي وڃن ٿا.

سورت جي شروعات ۾ شهر (مکي مڪرم) جو قسم کنيو آهي

## مڪ مڪرمہ جي فضيلت

سورت البقره ۾ الله تعاليٰ جو حڪم تہ اي مسلمانو اوهين جتي بہ هجو پنهنجا منهن ڦيري مسجد الحرام ڏي ڪري بيهو مسجد الحرام مان مراد ڪعبة الله جيڪا مڪ مڪرمہ ۾ آهي

الله تعاليٰ سورت العمران جون بہ آيتون نمبر 96 ۽ آيت نمبر 97 نازل ڪري مڪي شريف جي فضيلت بيان فرمائي آهي.

آيت نمبر 96: اِنَّ اَوَّلَ بَيۡتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِىۡ بِبَكَّةَ مُبٰرَكًا وَّهُدًى لِّلۡعٰلَمِيۡنَ

ترجمو: بيشڪ عبادت جو پهريون گهر جو ماڻهن لاءِ بنايو ويو آهي اُهو مڪي ۾ برڪت وارو ۽ جڳ لاءِ هدايت آهن "هن آيت ۾ لفظ بِبَكَّةَ آيو آهي جنهن جي لغات القرآن ۾ معنيٰ آهي مڪي ۾ يعني مڪي کي هن آيت ۾ بِبَكَّة چيو ويو آهي جنهن جو الله تعاليٰ بلد چئي قسم کنيو آهي (لغات القرآن بَکة جي معنيٰ آهي مڪ معظمه جو پراڻو نالو)

آيت نمبر 97 الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ هن شهر مڪي ۾ مقام ابراهيم آهي. جنهن ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي پيرن جا نشان آهن جيڪو هن شهر ۾ داخل ٿيندو اهو امن وارو آهي. هن ۾ حج ڪرڻ جو امر آهي جنهن کي واٽ وڃڻ جي سگهہ هجي.

ٻنهي جهانن جو سردار جناب حضرت محمد ڪريم ﷺ جن مڪي ۾ تولد ٿيا ۽ 53 سال مڪي مڪرمہ ۾ گذاريائون.

دنيا جو پهريون شهر مڪ مڪرمہ آهي جنهن ڪري کيس اُمُّ القريٰ چوندا آهن يعني "شهرن ۽ ڳوٺن جي ماءُ"

هن سورت جي آيت نمبر 2 ۾ فرمايل آهي تہ تون هن شهر ۾ (تہ) رهندڙ آهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تفســير هاشمي صہ 152 ۽ 153 ۾ لکيو آهي تہ مکہ مکرمہ پلارو شــهر آهي هن ۾ حــرم پاک آهي جيکو مڙني مخلوق لاءِ امن جو گهر آهي. هتي نبي ڪريم ﷺ جي ولادت باســعادت جي جڳهہ آهي هتي مکي ۾ حــج ۽ عمرو ادا ٿئي ٿو. هي الله تعاليٰ جو گهر آهي جيکو سيني جاين کان وڌيک پلارو آهي. هن ۾ حــجر اسود ۽ مقام خليل (ابراهيم) آهي. هي پٿر حضرت آدم عليہ السلام بهشت مان لهڻ وقت بهشت مان آندا هئا. ان کان سواءِ هي شهر دنيا ۾ سيني شهرن جو اصل آهي مکي شريف جا پيا بـ ڪيترا شرف ۽ شان آهن حقيقت ۾ هن شهر کي اصل شرف ۽ شان تڏهن ٿي حاصل ٿيو جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ هن شهر ۾ ولادت بـا سعادت ٿي اهوئي سبب آهي جو الله تعاليٰ هن شهر جو قسم کڻڻ وقت فرمايو تہ آءُ مکي جو قسم کڻان ٿو تنهن حال ۾ جو توهان هن ۾ رهو ٿا گهر جو شرف ان جي رهڻ واري (المکان بالمکين) جي ڪري هوندو آهي ڪتاب "مواهب لدنيہ" ۾ روايت آئي آهي تہ حضرت عمر ﷺ هن آيت نمبر 2 جي تفسير ۾ فرمايو آهي تہ الله تعاليٰ ٻنهي جهانن جي سردار جي قدمن مبارڪن جي مٽي جو قسم کنيو آهي نبي ڪريم ﷺ جو ايڏو شان آهي جو خود خالق اڪبر پاڻ سڳورن ﷺ جي قدمن مبارک جي مٽيءَ جو قسم کنيو آهي ان کان وڌيک ٻيو کهڙو مرتبو ٿي سگهي ٿو؟ جيکو الله تعاليٰ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي ڏنو. الله تعاليٰ ٻنهي جهانن جي سردار سان ڪروڙين ڪرم ۽ اپر عنايتون ڪيون آهن جيکي سونهاري سردار سان ٿي سونهن ٿيون شافع جي شرف ۽ شان جي ڪا حد حساب ٿي ڪونهي ڪير آهي جو ان جو اندازو لڳائي سگهي.

ڪن عالمن هن آيت جي ٻي معنيٰ بيان ڪئي آهي تہ الله تعاليٰ نبي ڪريم ﷺ جن کي فرمايو تہ تنهن حال ۾ جيئن اوهان ان ۾ هجرت کان پوءِ فتح ۽ ڪامرانيءَ سان داخل ٿيندا اهو الله تعاليٰ جو واعدو پورو ٿيو مکو شريف فتح ٿيو ۽ دين جا مقصد پورا ٿيا. پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ الله تعاليٰ مکي ۾ هڪ ڏينهن لاءِ جنگ حلال ڪئي ان کان اڳ ۾ جڏهن کان زمينون ۽ آسمان پيدا ٿيا ڪنهن لاءِ بہ مکي شريف ۾ جنگ حلال نہ ٿي آهي پوءِ توڙي نبي هجي يا بادشاهہ نبي ڪريم جن کان پوءِ قيامت تائين هن شهر ۾ جنگ حلال نہ ٿيندي پاڻ سڳورن جو ايڏو شان آهي جو فقط سندن لاءِ الله تعاليٰ مکي شريف ۾ جنگ حلال ڪئي.

احسن البيان في تفسير القرآن جلد 2 صفحہ 198 تان ورتل آهي تہ قرآن پاک جي مفسرن "مجاهد تابعي" فرمايو آهي تہ بيت الله واري جاءِ زمين جي ٻين سيني حصن کان بہ هزار سال اڳ ۾ پيدا ڪئي ويئي هئي ۽ ان بنياد هيٺين ستينءَ زمين ۾ آهن (حوالہ القرطبي صہ 137 جلد 4)

علامہ ابن جوزيءَ ڪتاب فضائل مکي ۾ عدي بن حمراءِ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن مکي جي بازار ۾ بيهي فرمايو "والله انک لخير ارض الله واحب ارض الله عزوجل ولولااني اخرجت منک ماخرجت" (حوالہ تفسير مظهري صہ 90 جلد 2) ترجمو: يعني الله جو قسم آهي تہ تون الله جي پلي زمين ۽ الله تعاليٰ وٽ وڌيک پياري زمين آهين ۽ جيڪڏهن مون کي تو مان ڪڍيو نہ وڃي ها تہ مان پاڻهي نہ نڪران ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(حوالہ احسن البيان في تفسير القرآن جلد 2 صہ 201).

علامہ اسماعيل حقي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ "وَأنتَ حل بِهٰـذَا البَلَدِ" جنهن سان قسم کنيو ويو آهي ان کان حال آهي ۽ "انت" نبي عليہ الصلواة والسلام جن سان خطاب آهي چيو اٿن تہ قرآن ڪريم ۾ حضور ﷺ جن جا چار هزار (4000) نالا ذکر ڪيا آهن ڪي اشاري سان تہ ڪي صراحت سان.

2. قسم آهي پيءُ جو ۽ اولاد جو: پيءُ ۽ اولاد جو ذکر مٿي ڪيو آهي.

3. انسان کي رنج ۽ ڏک ۾ پيدا ڪيو ويو آهي.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ مون اهي ٽي قسم ان ڳالهہ تي کنيا آهن تہ تحقيق هن دنيا ۾ جيڪي بہ انسان آهن انهن کي اسان تڪليفون سهڻ واري فطرت ۾ پيدا ڪيو آهي ڪو بہ انهن مان هتي سدائين سرهو نہ رهندو يعني نبي ڪريم ﷺ کي دلجاءِ ڏني آهي ڪافرن جي ايذائن پهچائڻ تي پريشان ٿيڻ نہ گهرجي ۽ صبر سان اهي تڪليفون سهي پنهنجي مقصد تي اٽل رهہ آخرت ۾ اوهان کي اجر ڏينداسين. اوهان جو دين وڌائينداسون. اوهان جي هٿان مڪو فتح ٿيندو ڪفر جي اونداهي ختم ٿيندي اسلام وڌندو.

**لک چا آهي:** هن سورت ۾ الله تعاليٰ ٻڌايو آهي تہ اهو لک چا آهي جنهن مان لنگهي ماٺهو بلنديءَ ڏانهن وڃي سگهي ٿو نمائشي، فضول خرچن کي ڇڏي پنهنجو مال يتيمن ۽ مسڪينن جي مدد تي خرچ ڪري ان رستي تي هلڻ وارن جي پڇاڙي اها هوندي جو ماٺهو الله تعاليٰ جي رحمتن جو حقدار ٿي پوندو ۽ ٻيو رستو جيڪو ان جي ابتڙ آهي ان کي اختيار ڪرڻ وارن جي پڇاڙي جهنم هوندي ۽ ان مان نڪرڻ وارا سڀ دروازا بند آهن.

روايت آهي تہ ڪلده ابن اُسيد نالي هڪ ڪافر هو ان کي ابو الاسدين بہ چوندا هئا اهو تمام طاقتوارو هو الله تعاليٰ هن کي طاقت ۽ دولت سان نوازيون هو هي اهو سڀ ڪجهہ نبي ڪريم جن جي دشمني ۾ خرچ ڪندو هو هن غرور ۾ چيو تہ مون کان وڌيڪ طاقتوارو ڪو بہ نہ آهي ۽ الله تعاليٰ مٿس قادر نہ آهي ۽ قيامت جو بہ انڪاري هو ان کي ڪنهن ماٺهو چيو تہ تون نبي ڪريم ﷺ کي تڪليف ڏيڻ لاءِ هيڏو سارو مال دولت خرچ ڪري رهيو آهين تنهنڪري آخرت ۾ توکي سزا ملندي ان تي ڪافر چيو تہ رب منهنجا عمل ڪونہ ٿو ڏسي هن آخرت کان بہ انڪار ڪيو ان ڪافر جي رد ۾ الله تعاليٰ هي سورت سڄوري نازل ڪئي ان لاءِ ٽي قسم کنيان آهن جن جو مٿي ذکر ڪيو آهي.

هن سورت ۾ بہ ٻولا سڄي پاسي وارا ۽ کٻي پاسي وارا بيان ٿيل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 91 **الشمس** مڪي (رڪوع 1، آيتون 15)

هن سورت جو نالو الشـمس آهي ۽ هن سورت جو پهريون ڪلمو آهي ۽ آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي لغات القرآن ۾ الشمس جي معنيٰ، سج. اُس ۽ ڏُپ آهي.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ (11) يارهن قسم جنهن مان (3) ٽي قسم الله تعاليٰ پنهنجي ذات جا ڪنيا آهن.

الله تعاليٰ هن سورت ۾ انهيءَ ڳالهه تي قسم ڪنيا آهن تہ تحقيق جيڪي شخص چڱا ڪم ڪندا اهي ڇٽل مان آهن ۽ جيڪي بڇڙا ڪم ڪندو اهو نااميد آهي.

الله تعاليٰ هيٺيا قسم ڪنيان آهن.

1. پهريون قسم سج جو جيڪو وڏي نشاني آهي.

2. ٻيو قسم سج جي روشنيءَ جو

3. ٽيون قسم چنڊ جو جڏهن سج جي پٺيان اچي ٿو.

4. چوٿون قسم ڏينهن جو جيڪو پنهنجي اچائي سبب سج کي ظاهر ڪري ٿو.

5. پنجون قسم رات جو جڏهن اها اوندهيءَ سبب سج کي ڍڪي ٿي.

6. ڇهون قسم آسمانن جو جيڪي ري ٿنيين ٿوٽين بيٺا آهن.

7. ستون قسم ان ذات جو جنهن هي سمورا آسمان اڏيا آهن هتي الله تعاليٰ پنهنجي ذات جو قسم ڪنيو آهي

8. اٺون قسم زمين جو جيڪا هر هنڌ پکڙيل آهي.

9. نائون قسم ان ذات جو جنهن اها زمين پکيڙي يعني هتي الله تعاليٰ پنهنجي ذات جو قسم ڪنيو آهي.

10. ڏهون قسم سڀ ڪنهن انساني نفس

11. يارهون قسم تنهن ذات جو جنهن اهي سنواري، گهڙي صورتن ۾ موچارا ڪيا.

ان ڪان پوءِ الله تعاليٰ فسق ۽ تقويٰ جي واٽ بيان ڪئي آهي اهي 11 يارهن قسم آهن پر حقيقت ۾ نَوَ آهن ڇاڪاڻ جو الله تعاليٰ پنهنجي ذات جو ٽي ڀيرا قســــــم ڪنيو آهي الله تعاليٰ جو پنهنجي ذات لاءِ ٽي ڀيرا قسم کڻڻ تاڪيد لاءِ آهي. جيئن اسان انهن حقيقتن تي غور ۽ ويچار ڪري ان حقيقت کي حاصل ڪريون تہ انهن سڀني جو خلقيندڙ الله تعاليٰ آهي جيڪو اڪيلو آهي ۽ ان سان ڪو بہ شريڪ ڪونهي.

الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ مون اهي (11) يارهن قســـم ان ڳالهه تي ڪنيا آهن تہ تحقـــيق اهو نفس ٻنهي جهانن ۾ ڪامياب ٿيو جنهن کي رب پاڪ گناهن ڪان پاڪ ڪيو ۽ ان کي اطاعت جي توفيق ڏنائين.

۽ تحقيق اهو نفس نا اميد ۽ ناڪام ٿيو جيڪو واٽ ڪان ٿڙي گناهن ۾ گرفتار ٿيو ۽ ڪيس عبادت جي توفيق حاصل نہ ٿئي مطلب جيڪو نفساتي خواهش جي پويان هليو اهو برباد ٿي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سورت جي آيت نمبر 11 کان آخر تائين ثمود جي قوم جو ذڪر ڪيل آهي جيڪو عرب بار بار پڌندا هئا ثمودين ڪي سندن نبي حضرت صالح عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام سندن مطالبي تي معجزو ڏيکاريو جو پٿر مان ڏاچي ٻاهر نڪتي ۽ پنهنجي اکين سان ڏٺائون ته به ايمان نه آندائون بلڪه انهن مان هڪ نهايت بدبخت انسان نالي قُدار بن سالف هو ان ڏاچيءَ جون ٽنگون وڍي ڇڏيون اهو پاڻ به برباد ٿيو ۽ قوم کي به تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيائين.

هن سورت ۾ ٻن ڳالهين جو ذڪر آهي.

1. جنهن نفس کي پاڪ ڪيو ۽ جنهن نفس کي پاڪ نه ڪيو. (حواله تفسير هاشمي)






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت 92 **الليل** مڪيہ (رڪوع 1 آيتون 21)

هن سورت جو نالو اليل آهي هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 جو پهريون لفظ آهي. لغات القرآن ۾ هن لفظ جي معنيٰ رات آهي ۽ ان جي ڪري هن سورت جو نالو اليل آهي.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ (3) ٽي قسم کنيا آهن.

1. هڪڙو قسم رات جو جڏهن هو جهان کي ڍڪي ٿي، اونداهو بنائي ٿي.

2. ٻيو قسم ڏينهن جو جڏهن اهو روشن ٿي اونداهيءَ کي ختم ڪري ٿو ۽ روشن ڏينهن نروار ٿئي ٿو.

3. ٽيون قسم ان خالق جو جنهن مرد ۽ عورتون نطفي مان پيدا ڪيا هي پويون قسم رب پاڪ پنهنجي ذات جو کنيو آهي جنهن هي عالم بنايا آهن.

الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ هي ٽئي قسم ان ڳالهہ لاءِ کنيا آهن تہ بيشڪ اوهان جي ڪوشش قسمين قسمين آهي. يعني ڪي ايمان تي آهن تہ ڪي ڪفر تي، ڪي صلح سانت سان هلن ٿا، تہ ڪي فسادي آهن ڪن جي طبيعت ۾ سخاوت آهي تہ ڪي بخل کان ڪم وٺن ٿا ان کان پوءِ الله تعاليٰ ڪوشش (عمل) جي اختلاف جو بيان ڪيو آهي ٻنهي قسمن جو جدا جدا بيان ڪيو اٿس هڪ سعادت وارن جو ۽ ٻيو شقاوت (نياڳہ بدبختي) وارن جو ۽ سعادت وارن جو احوال هي آهي.

پر جن شخصن الله تعاليٰ جي راهہ ۾ مال خرچ ڪيا ۽ خدا جو خوف رکي گناهن کان پاسو ڪيائون ۽ پڻ ان ملت ڏانهن ويساهہ رکيائون جيڪا سڀني کان ڀلاري آهي اها ملت اسلاميہ آهي جيڪا سڀني کان افضل ۽ اعليٰ آهي. ان کي سگهوئي سوليءَ واٽ لاءِ سنڀرائيندا سون ڪين سٺن عملن جي توفيق ڏيندا سون جيڪي کيس بهشت ۾ پهچائيندا جيڪا تمام ڀلاري جاءِ آهي. ان کان پوءِ الله تعاليٰ شقاوت (بدبختي) وارن جو بيان ڪيو آهي، فرمائي ٿو ۽ جنهن الله تعاليٰ جي راهہ ۾ بخل ڪيو الله تعاليٰ جي واٽ ۾ مال خرچ نہ ڪيائين پاڻ کي خدا جي ثواب کان لاپرواهہ رکيائين ۽ گناهن کان پاسو نہ ڪيائين ۽ خراب ڪم ڪيائين ۽ ملت اسلاميہ جيڪا سڀني کان ڀلي امت آهي ان تي ويساهہ نہ رکيائين رب جي هيڪڙائيءَ جو انڪاري ٿيو ۽ اسلام کان ڦريو ان کي ڏکي واٽ لاءِ سنڀرائيندا سون ان لاءِ خراب عمل سولا ڪندا سون جيڪي دوزخ ۾ پهچائيندا جيڪا ڏکي جاءِ آهي ان لاءِ سٺا ڪم ڏکيا ڪندا سون پوءِ کيس سٺن ڪمن ڪرڻ جي توفيق ئي نہ ٿيندي ۽ سندس مال آخر ان کي ڪهڙي ڪم ايندو جڏهن هو هلاڪ ٿي ويندو ۽ قادر جي حڪم سان دوزخ ۾ پوندا. بيشڪ رستو ڏيکارڻ اسان جي ذمي آهي ۽ بيشڪ آخرت ۽ دنيا ٻنهي جا اسان ئي مالڪ آهيون تڏهن اوهان کي دوزخ جي باهہ کان ڊيڄاريان ٿو جنهن جو ڇيپون ڏاڍيون پڙڪندڙ آهن. ان ۾ هميشہ لاءِ اهو ڪافر شخص داخل ٿيندو جيڪو بدبخت هوندو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شقاوت ۾ اڳرو هوندو. جنهن ڪوڙ پاتيو ۽ منهن ڦيرايو يعني جنهن ڪافر پنهنجي ڪفر سبب حضرت نبي ڪريم ﷺ تي ويساهه نه آندو ۽ ايمان کي پٺي ڏنائين.

پرهيزگار کي ان (باهه) کان پاسي ڪبو جيڪو پاڪ شئي لاءِ پنهنجو مال (الله تعاليٰ جي واٽ ۾) خرچ ڪيو.

هن سورت جي آخر ۾ ان پرهيزگار ماڻهو جي خلوص جي وڏيڪ چٽائي بيان ڪئي وئي آهي ته هو پنهنجو مال جن ماڻهن تي خرچ ڪري ٿو انهن جو هن تي پهرياڻين ڪو احسان ڪونه هو جو ان جي بدلي ڏيڻ لاءِ يا آئنده ان مان وڏيڪ فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ ان کي تحفو ۽ سوکڙي ڏيئي رهيو آهي ان جون دعوتون ڪري رهيو آهي پر هو پنهنجي مٿاهين رب جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙن ماڻهن جي مدد ڪري رهيو آهي جن جو نه پهريان مٿس ڪو احسان هو نه آئنده ڪا انهن کان احسان جي اميد رکي ٿو.

آخري آيت نمبر 21 آهي مفسرن هن آيت جون ٻه معنائون ٿي سگهن ٿيون ۽ ٻئي صحيح آهن هڪ ته هيءَ ته الله تعاليٰ ضرور ان کان راضي ٿي ويندو ٻي هيءَ ته جلد الله تعاليٰ ان ماڻهون کي ايترو ڪجهه ڏيندو جو هو خوش ٿي ويندو.



بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت 93 (**الضحيٰ** مکيہ (رکوع 1 آيتون 11)

هن سورت جون پهريون لفظ وَالضحيٰ آهي آيت نمبر 1 ۾ صرف هڪ ئي لفظ آهي جيڪو والضحيٰ آهي جنهن جي معنيٰ لغات القرآن ۾ آهي نيرن جو وقت، جنهن وقت سج جي اُس ۾ روشني هر پاسي ڦهلجي وڃي، روشن ڏينهن.

تفسيرن ۾ آيو آهي تہ هڪ ڀيري ڪجهہ ڏينهن وحي جي اچڻ جو سلسلو بند ٿي ويو وحي جي نہ اچڻ واري عرصي ۾ ڪافرن هُلايو تہ حضرت محمد ﷺ سندس رب (نعوذ بالله) ڇڏي ڏنو آهي انهيءَ ڪري ڏانهنس وحي ڪونہ ٿو اچي الله تعاليٰ انهن جي رد ۾ هي سورت نازل ڪئي ان سورت ۾ الله تعاليٰ بہ قسم کڻي نبي ﷺ کي پنهنجي خطاب ۾ تسلي ڏني آهي

1. پهريون قسم ضحيٰ جي جو کڻي ٿو جنهن ۾ روشن سج مٿي چڙهي اچي ٿو ۽ ان جي روشنيءَ مان خدا جي خلق کي فائدو حاصل ٿئي ٿو. انهيءَ وقت الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليہ السلام سان ڪلام ڪيو فرعون تي غلبو حاصل ڪيو ۽ ان وقت جادوگرن حضرت موسيٰ عليہ السلام تي ايمان آڻي مالڪ حقيقي کي سجدا ڪيا.

قرآن جي مفسرن مان قتادة، مقاتل ۽ حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه فرمايو تہ ضحيٰ مان مراد اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليہ السلام سان ڳالهايو وَضحيٰ (روشن ڏينهن جو قسم آهي) هن جي تفسير ۾ علامہ زاري لکيو آهي تہ الضحيٰ مان مراد حضور عليہ الصلواة والسلام جن جو منهن مبارڪ. نماز چاشت جو وقت سج بلند ٿيڻ کان زوال تائين آهي ڪن مفسرن فرمايو تہ چاشت اشارو آهي نور جمال محبوب مصطفيٰ ﷺ جن جي طرف.

آيت نمبر 2 ٻيو قسم رات جو کڻان ٿو جڏهن اها اونداهي ٿي وڃي ٿي ۽ سندس اونداهي سيني شين کي وڪوڙي ٿي الله تعاليٰ فرمايو تہ ٻيو قسم انهيءَ ڳالهہ جو کڻان ٿو تہ آيت نمبر 3 (اي نبي) تنهنجي رب نہ توکي نہ ڇڏيو آهي ۽ نہ ناراض ٿيو آهي.

## دنيا کان آخرت ڀلي آهي.

آيت نمبر 4 بيشڪ آخرت دنيا کان بهتر آهي ان ۾ اوهان کي اڻ ڳڻيون ۽ مڙني کان مٿاهيون نعمتون ڏبيون جهڙوڪ مقام محمود، حوض ڪوثر، شفاعت عضميٰ جنت جون وڏيون نعمتون ۽ رب جي ڪامل رضا.

آيت نمبر 5 ۽ سگهو تنهنجو رب توکي وڏا انعام ڏيندو جو تون پنهنجي رب کان راضي ٿيندين.

آيت نمبر 6 ڇا تنهنجي رب توکي يتيم نہ ڏٺو؟ ڇاڪاڻ تہ جو تنهنجو ماءُ پيءُ تنهنجي ننڍ پڻ ۾ فوت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويا. ان کان پوءِ ۽ توکي جاءِ ڏنائين مڙني کان تنهنجو مرتبو مٿانهون ڪيائين ۽ سيني نبين تي توکي فضيلت ڏنائي.

آيت نمبر 7 ۾ توکي ناواقف ڏٺائين پوءِ (شريعت جي) رستي لاتائين.

آيت نمبر 8 توکي مسڪين ڏٺائين پوءِ غني ڪيائين.

آيت نمبر 9 تنهنڪري يتيم تي تون ڏاڍ نه ڪر

آيت نمبر 10 سوالي کي جهڙڪ نه ڏني

آيت نمبر 11 ۾ پنهنجي رب جي نعمت جو بيان ڪندو رهه.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا لله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 94 **الم نشرح** مکيہ رکوع 1 آيتون 8 )

هن سورت جي آيت نمبر 1 جي شروعات ۾ الم نشرح لفظ مذڪور آهي.

لغات القرآن ۾ (لم) نَشرَح جي معنيٰ آهي اسان (نہ) کوليو. ڪشادو (نہ) ڪيو ان ڪري هن سورت جو نالو الم نشرح رکيو ويو آهي.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ حضرت محمد ﷺ کي تسلي ڏيندي فرمايو تہ:

آيت نمبر 1 (اي پيغمبر) تنهنجو سينو تو لاءِ ڪشادو نہ ڪيو اٿئو ڇا؟ تہ جيئن ان مان نبوت جي نور سان علم ۽ حڪمت پڙهو.

آيت نمبر 2 ۽ تنهنجو (اهو) بار تو کان لاٿو سون.

آيت نمبر 3 جنهن تنهنجي پٺي کي ڳرو ڪيو هو ان بار مان مراد نبوت جو بار آهي جيڪو الله تعاليٰ نبي ڪريم ﷺ کي ڪڻايو ان نبوت جي بار جي ڪري پريشان هئا تہ اهو بار ڪيئن ادا ٿيندو الله تعاليٰ سندن اهو نبوت وارو بار اهڙي نموني هلڪو ڪيو جو ڪين بار کڻڻ جي قوت ڏنائين ان سان گڏ پنهنجي مدد جي ڪين تسلي ڪرائي اهڙي طرح نبي ڪريم ﷺ جي پريشاني دور ٿي ويئي ۽ سندن دل مضبوط ٿي ويئي آيت نمبر 4 ۽ اوهان جي لاءِ اوهان جو ذڪر هر جاءِ تي مٿانهون ڪيائين انهيءَ واعدي موجب الله تعاليٰ سندن ذڪر ملڪن ۾ اهڙي نموني مٿانهون ڪيو جو سندن نالو مبارڪ پنهنجي نالي سان گڏ رکيائين جتي بہ جنهن جاءِ تي بہ الله تعاليٰ جو ذڪر ٿيندو اُتي الله تعاليٰ جي حبيب ڪريم ﷺ جو ذڪر بہ ٿيندو. پوءِ اهو خطبو هجي، بانگ هجي، اقامت هجي، نماز جو تشهد هجي، ڪلمو طيب هجي يا ڪلمو شهادت ان کان علاوه قرآن حڪيم ۾ بہ الله تعاليٰ سندن اسم مبارڪ پنهنجي نالي سان گڏ ڪيو آهي جيڪو هيٺين نَوَن (9) هنڌن تي آيو آهي.

1. سورت محمد آيت نمبر 33 — اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ
2. سورت التوبہ آيت نمبر 62 — وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اَحَقُّ اَنْ يُّرْضُوْهُ اِنْ كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ
3. سورت ا ل عمران آيت نمبر 31 — قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ
4. سورت الفتح آيت نمبر 10 — اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ
5. سورت الانفال آيت نمبر 24 — يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ
6. سورت المنافقون آيت نمبر 8 — وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ
7. سورت المائده آيت نمبر — اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| 8. سورت النساء آيت نمبر 14 | وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَتَعَدَّ حُدُوْدَهٗ يُدْخِلْهُ نَارًا خَالِدًا فِيْهَا ۠ وَلَهٗ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿١٤﴾ |
| 9. سورت الاحزاب آيت نمبر 57 | اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا |

الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ حضرت حبيب ڪريم ﷺ کي رسول ۽ نبي ڪري ياد ڪيو آهي نالو وٺي نہ ياد ڪيو آهي جيئن ٻين سيني نبـــــين جو نالو وٺي ياد ڪيو آهي ان مان سمجهڻ گهرجي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جو ڪيڏو شان آهي.

الله تعاليٰ نبي ڪريم ﷺ جو اسم مبارڪ عرش ڪرسي تي ستن آسمانن تي ملائڪن جي منهن تي بهشت جي پردن تي ۽ وڻن جي پنن تي لکايو آهي.

الله تعاليٰ پاڻ ۽ سندن ملائڪ سڳورا نبي ڪريم ﷺ جن تي صلواة پڙهڻ ٿا ۽ مومنن کي بہ الله تعاليٰ حڪم ڪيو آهي تہ مٿن صلواة پڙهي. (سورت الاحزاب آيت نمبر 56)

هن سورت جي آخري آيتن نمبر 5 کان آيت نمبر 8 ۾ حضور ڪريم ﷺ جن کي ٻڌايو ويو آهي تہ ڏکن سان گڏ سک اچڻ وارا آهن اوهان جو ڪم هي آهي تہ جيئن ديني دعوت ڏيڻ کان فارغ ٿيو تہ الله عزوجل جي ياد ۽ ان جي عبادت ۾ مشغول ٿي وڃو.

جيئن سورت الضحيٰ ۾ حضور عليہ الصلواة والسلام جو شان بيان ٿيل آهي اهڙي طرح هن سورت ۾ بہ سندن ئي شان جي واکاڻ ٿيل آهي.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 95 **التين** مڪيہ (رڪوع 1 آيتون 8)

هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 جو پهريون لفظ آهي.

لغات قرآن ۾ تين انجير کي چئبو آهي الله تعاليٰ هن سورت ۾ (4) چار قسم کنيا آهن.

1. **پهريون قسم** انجير جو آهي: "التين" مان مراد آهي مختلف قول آهن.

1. تہ ان مان مراد خود انجير آهي. 2. تہ ان مان مراد دمشق جي مسجد آهي.
3. تہ دمشق وٽ هڪ جبل آهي. 4. تہ اصحاب ڪهف جي مسجد آهي
5. تہ جودي جبل تي حضرت نوح عليہ السلام جي قائم ڪيل مسجد آهي.

2. **ٻيو قسم** زيتون جو آهي: زيتون بہ ڦلو ميووه آهي، زيتون پهاڙي بہ آهي.

3. **ٽيون قسم** وطور سينين (برڪت واري طور جو قسم آهي)

طور مان مراد اهو جبل آهي جنهن تي حضرت موسيٰ عليہ السلام ا الله تعاليٰ سان ڳالهايو هو سينين جي معنيٰ سهڻو برڪت وارو.

4. **چوٿون قسم** هن ڦلي شهر جو يعني مڪي مڪرمہ جو

الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ چار قسم کڻي ٻڌايو آهي تہ تحقيقي اسان انسان کي تمام سهڻي اندازي ۾ پيدا ڪيو سون انهيءَ جو مطلب تہ انسان ذات کي اهڙي سهڻي بناوٽ عطا ڪئي ويئي آهي جو انهن ۾ نبوت جهڙي بلند ترين منصب وارا ماڻهو پيدا ٿيا جنهن کان وڌيڪ وڏو منصب، الله جي ڪنهن ٻيءَ مخلوق کي نصيب نہ ٿيو.

ان کان پوءِ ٻڌايو تہ انسانن ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو موجود آهن هڪڙا اُهي جيڪي انهيءَ بهترين بناوٽ تي پيدا ٿيڻ کان پوءِ بہ برائيءَ ڏانهن لاڙو رکن ٿا ۽ بد اخلاقيءَ جي ڪڌ ۾ ڪرندي ڪرندي ان انتها کي پهچن ٿا جو ان کان وڌيڪ ڪريل ٻي مخلوق نہ ٿيندي آهي.

ٻيو قسم ڪي ماڻهو جي قدردان آهن پنهنجي الله تعاليٰ جي طرفان عطا ٿيل نعمتن جو قدر ڪندي پنهنجي دامن ايمان صالح اعمال سان آباد رکن ٿا انهن جي لاءِ اڻ کٽ اجر آهي.

ان حقيقت کي بيان ڪرڻ کي پوءِ قيامت قائم ڪرڻ ۾ جيڪا حڪمت آهي ان ڏانهن اشارو ڪيل آهي تہ جڏهن اهوئي احڪم الحاڪمين آهي تہ ان جي عدل ۽ انصاف جي هيءَ تقاضا آهي تہ هڪ ڏينهن اهڙو اچي ۽ ضرور اچي جڏهن هر شخص کي ان جي اعمال جي مطابق بدلو ڏنو وڃي جيڪڏهن سڀ جي زندگي گل پوکڻ ۽ خدمت ڪرڻ وارو ۽ ڪنداو چائيندڙ ۽ ظلم ڪندڙ برابر رکيا وڃن تہ ان جهڙي بي انصافي ڪٿي هوندي؟ ڇا اهڙي احڪم الحاڪيمن کان اهڙو فيصلو ٿي سگهندو؟ هر گز نہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمہ اللہ الرحمن الرحیم

(پارہ 30) سورت نمبر 96 (**سورت علق** مکيہ (رکوع 1 ۽ آيتون 19)

عَلَقِ: هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 2 ۾ مذڪور آهي لغات القرآن ۾ علق جي معنيٰ آهي ڄميل رت، جيڪو خشڪ نہ ٿيو هجي، دڳ هجي.

تفسير تنوير الايمان جلد 10 صفہ 625 تان ورتل آهي تہ حافظ ابن ڪثير، ڪبير، مدارڪ ابو السعود، فتح البيان ۽ خازن وغيرہ شيخين جي حديث آهي تہ هي سورت هن سورت ۾ علق پهرين سورت آهي جيڪا حضرت محمد ﷺ جن تي جبرائيل عليہ السلام غار ”حرا“ ۾ ڪٺي آيو. ان جو خلاصو هي آهي تہ حضرت محمد ﷺ نبوت ڪان اڳ ۾ دنيا سان گهٽي رغبت نہ رکندا هئا گهڻو وقت غار ”حرا“ ۾ روجي عبادت ۾ مصروف رهندا هئا هڪ ڏينهن دستور موجب غار ”حرا“ ۾ ذڪر فڪر ۾ مصروف هئا ان وقت حضور ﷺ جن جي عمر 40 ورهہ هئي ۽ اها تاريخ 12 بارهين ربيع الاول هئي جڏهن جبرائيل عليہ السلام پهريون دفع سورت علق جون 5 آيتون ڪٺي حضرت محمد ﷺ جن جي حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ ڪين عرض ڪيو تہ ”اقرا“ پڙهو ۽ حضور ﷺ جن آيتون پڙهيو جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون.

آيت نمبر 1 اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِىْ خَلَقَ ۝١

آيت نمبر 2 خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ۝٢

آيت نمبر 3 اِقْرَاْ وَرَبُّكَ الْاَكْرَمُ ۝٣

آيت نمبر 4 الَّذِىْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ۝٤

آيت نمبر 5 عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ۝٥

هي سورت ٻن حصن ۾ ورهايل آهي پهريون 5 پنج آيتون نازل ٿيون جن جو مختصر مفهوم آهي اللہ تعاليٰ نبي ڪريم ﷺ جن کي خطاب ڪري حڪم ٿو ڪري پنهنجي رب جي نالي سان پڙهہ جنهن اسان کي رت جي دڳمان پيدا ڪيو. پڙهہ ۽ تنهنجو رب وڏو ڪريم آهي. جنهن قلم سان علم سيکاريو. انسان کي اهو سيکاريائين جيڪو هو نہ ڄاڻيندو هو.

هن سورت جو ٻيو حصو بعد ۾ ان وقت نازل ٿيو جڏهن حضور ﷺ جن حرم شريف ۾ نماز پڙهڻ شروع ڪئي سندن عبادت جو اندازو مڪہ مڪرمہ وارن جي لاءِ نهايت نرالو هو ماڻهو ڪين ڏسي حيران ٿيندا هئا ۽ اتان لنگهي ويندا هئا پر ابوجهل جيڪو جهالت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو ان ڪان پاڻ تي ڪنٽرول ٿي نہ سگهيو ۽ حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي حرم ۾ عبادت ڪرڻ ڪان روڪڻ لڳو ۽ ڪين ڌمڪيون بہ ڏيڻ لڳو.

هتي اللہ تعاليٰ ابوجهل سان ناراضگي جو اظهار هنن آيتن نمبر 15 ڪان آيت نمبر 18 تائين ڪيو آهي ”هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گز نہ جيڪڏهن هو پاڻ نہ جهليندو تہ اسان ان جي پيشاني جي وارن کان وٺي گهليندا سين اها پيشاني جيڪا ڪوڙي ڪي ۽ سخت خطاڪار آهي پوءِ پلي پنهنجي مددگارن جي ٽولي کي سڏي وٺي اسين بہ عذاب جي فرشتن کي سڏي وٺندا سين.

آخري آيت ۾ نبي ڪريم ﷺ جن کي چيو ويو آهي تون بي خوف اهڙي طرح نماز پڙهندو رهہ جهڙي طرح پڙهندو رهيو آهين ۽ ان جي ذريعي سان رب جو قرب حاصل ڪر.



ماءُ جي پيٽ ۾ وڪوڙيل ٻار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

سورت نمبر 97 **سورت القدر** (مڪيه رڪوع 1 آيتون 5)

القدر هن سورت جو نالو القدر آهي هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1، آيت نمبر 2 آيت نمبر 3 ۾ ذڪر ڪيل آهي لغات القرآن القدر جي معنيٰ برڪت، فضيلت واري رات، تقديري فيصلن واري رات آهي.

القدر سورت جي ترجمي مان هن رات جي فضيلت ۽ مرتبي جي معلومات ٿئي ٿي.

1. قدر واري رات قرآن مجيد نازل ٿيو آهي.

2. شب قدر هزار مهينن کان ڀلي آهي.

3. قدر واري رات ۾ ملائڪ ۽ روح پنهنجي پالڻهار جي حڪم سان سڀ ڪنهن ڪم (جي پورائي) لاءِ لهندا آهن.

4. قدر واري رات پرهه ڦٽڻ تائين سلامتي واري آهي.

سمجهاڻي الله تعاليٰ هيءُ سورت قدر واري رات جي فضيلت ۾ نازل فرمائي آهي رات وڏي مرتبي واري آهي سڄي سال جي ڪابه رات هن رات جي برابر نه آهي.

الله تعاليٰ قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ جي باري ۾ ٻن جدا جدا جاين تي فرمايو آهي.

1. پهريون سورت البقر آيت نمبر 185 ۾ شَهۡرُ رَمَضَانَ الَّذِیۡۤ اُنۡزِلَ فِیۡهِ الۡقُرۡاٰنُ

ترجمو (رمضان جو مهينو آهي، جنهن ۾ قرآن مجيد لاٿو ويو آهي)

2. سورت القدر جي آيت نمبر 1 ۾ فرمايو آهي. اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنٰهُ فِیۡ لَیۡلَةِ الۡقَدۡرِ

ترجمو (تحقيق اسان قرآن کي قدر جي رات ۾ نازل ڪيو)

ٻنهي آيتن جي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته الله تعاليٰ فرمايو آهي ته تحقيق اسان قرآن کي قدر جي رات نازل ڪيو جيڪا رات رمضان مبارڪ ۾ آهي.

تفسير بحر المعاني ۾ آيو آهي ته تورات، زبور ۽ انجيل پڻ القدر واري رات ۾ نازل ٿيا هئا قرآن جي مٿين آيتن مان معلوم ٿيو ته قرآن القدر واري رات نازل ٿيو آهي پهريون سورت علق جنهن کي اقرا به چئبو آهي ان جون (5) پنج آيتون قدر واري رات ۾ نازل ٿيون اهو پهريون وحي پاڻ سڳورن تي ان وقت آيو جڏهن پاڻ ڪريم جن غار "حرا" ۾ عبادت ۾ هئا ان جو تفصيلي ذڪر سورت علق، اقرا ۾ اچي چڪو آهي. ڪن قرآن جي مفسرن نزول جي معنيٰ هن طرح ڪئي آهي ته قرآن شريف سڄو قدر واري رات ۾ لٿو ۽ ملائڪن ان کي لوح محفوظ ۾ لکي محفوظ ڪيو پوءِ ان کي حضرت جبرائيل ستين آسمان تان سڄو قرآن ڪٺي بيت العزت ۾ رکيو. جيڪو پهرين آسمان تي آهي. اها رات به قدر واري رات هئي. ان کان پوءِ جبرائيل عليه السلام الله تعاليٰ جي حڪم سان ٻه ٻه، ٽي ٽي آيتون ڪٺي لهندو هو ۽ اهڙي طرح قرآن جو نزول (23 ورهيه) ٽيويهن ورهن ۾ مڪمل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو.

قرآن شريف جي نزول جي ڪري ئي ان کي قدر واري رات چيو ويو آهي سيني راتين کان قدر واري رات جو شرف ۽ شان وڏيڪ آهي. عربي ۾ تقدير کي بہ قدر چيو ويندو آهي انهيءَ رات کي قدر واري رات ان ڪري بہ چيو وڃي ٿو جو ان رات ۾ سڄي سال جون تقديرون مقرر ٿين ٿيون انهيءَ رات ۾ لوح محفوظ ۾ سڄي مخلوق جو رزق مقرر ڪري لکيو ويندو آهي سڄي سال ۾ دنيا ۾ جيڪي بہ واقعا ٿيڻا آهن اهي بہ مقرر ڪري لوح محفوظ ۾ لکيا ويندا آهن.

حضرت امام اعظم جو قول آهي تہ قدر واري رات رمضان ۾ ڦرندي رهي ٿي ڪڏهن رمضان جي پهرين ڏهي ۾ ڪڏهن وچين ڏهي ۾ ڪڏهن آخري ڏهي ۾ هوندي آهي انهيءَ ڪري پوئين ڏهين ۾ اعتڪاف ۾ ويهڻ سنت آهي ان ڏهي ۾ بہ گهڻي قدر اڪيءَ راتين ۾ اچي ٿي.

هن رات جي تعين لاءِ عالمن رمضان جي 27 کي ترجيح ڏني آهي.

علامہ نسفي لکيو آهي تہ قدر تقدير جي معنيٰ ۾ آهي پوءِ ليلة القدر جي معنيٰ امور جي تقدير ۽ فيصلي ڪرڻ جي رات هن رات ۾ ڪيل عمل الله تعاليٰ وٽ قدر وارو آهي (حوالہ مظهري)

**علامہ قرطبي علہ الرحمة ان کي قدر واري رات سڏڻ جا وجه هن طرح بيان ڪيا آهن.**

1 تہ قدر جي معنيٰ تقدير آهي ان کي تقدير جي رات ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو الله تعاليٰ جيئن گهرندو آهي تيئن پنهنجي امر کي مقدر بنائي ايندڙ سال تائين موت، رزق، اجل وغيره امر مدبرات جي حوالي ڪندو آهي (اهي مدبرات ۾ اسرافيل، ميڪائيل، عزرائيل ۽ جبرائيل عليهم السلام آهن) ۽ حضرت ابن عباس ﷺ فرمايو آهي تہ مينهن، حياتي، موت، حج بہ انهيءَ رات ۾ لکيو ويندو آهي حضرت عڪرمہ فرمايو تہ قدر جي رات ۾ حاجين جا نالا انهن جي پيئرن جي نالن سميت لکيا ويندا آهن تہ اها ان نالي سان ان جي ڪري سڏي ويندي آهي جو ان ۾ قدر وارو ڪتاب قدر واري نبي ﷺ جي مٿان قدر واري امت جي لاءِ لاٿو ويو آهي.

ڪتابن ۾ قدر واري رات جو نشانيون بہ لکيل آهن جن مان ان رات کي سڃاڻي سگهجي ٿو انهن ۾ ڪي ڳجهيون نشانيون آهن تہ ڪي پڌريون نشانيون آهن ڳجهيون نشانيون تہ ڪو ڪامل انسان ئي پروڙي سگهي ٿو جنهن کي الله تعاليٰ ڪشف عطا ڪيو هجي اهي ڳجهيو (8) اٺ نشانيون هي آهن.

1. انهيءَ رات ۾ تمام گهڻا ملائڪ زمين تي لهن ٿا. جيڪي زمين جي پترين کان بہ ڳاٽيڻي ۾ گهڻا هوندا آهن.

2. سڄي رات ملائڪ مومنن کي سلام چون ٿا يعني سج لهڻ کان پرهہ ڦٽيءَ تائين ملائڪ مومنن کي سلام چوندا آهن.

3. سمورا شيطان ان رات ۾ قيد ڪيا ويندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4. انهيءَ رات گناهن جي توبهہ قبول پوي ٿي.
5. ان رات جي ڪنهن گهڙيءَ سمورا وڻ پنهنجي مالڪ کي سجدو ڪن ٿا.
6. ان رات ڪنهن گهڙيءَ سمورا کارا پاڻي مٺا ٿي وڃن ٿا.
7. ٻي هر ڏينهن تي صبح جو ابليس اتي وڃي ٻيهي ٿو جتان سج اڀري ٿو پر قدر واري ٻي ڏينهن جو صبح تي هو ان ڳالهہ تي قادر نہ ٿو ٿئي.
8. ان رات ۾ ولين جا مرتبا وڌن ٿا ۽ انهن جي دلين تي ڪشف ۽ ڪرامت جا در کلن ٿا ان رات جون پڌريون نشانيون (5) پنج آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون.
1. اها رات گهڻو روشن ٿئي ٿي ۽ ان ۾ سمورا تارا چٽا ڏسڻ ۾ ايندا آهن.
2. اها رات نہ گهڻي سرد هوندي آهي نہ وري گهڻي گرم هوندي آهي.
3. انهيءَ رات اهو تارو هرگز نہ ڪڙندو آهي جيڪو آسمان ۾ شيطان جي پويان ڊڪندو آهي انهيءَ ڪري جو ان رات ۾ شيطان آسمان ڏانهن وڃي نہ سگهندو آهي ۽ شيطان قيد هوندو آهي.
4. حضرت سيد عبدالقادر جيلاني پنهنجي ڪتاب غنية الطالبين ۾ لکيو آهي تہ ان رات جو ڪتو اونائي نہ ڪندو آهي.
5. قدر واري رات جي وڏي نشاني هي آهي جيڪا حديث شريف ۾ آئي آهي صحيح مسلم ۾ اها حديث آئي آهي. حضرت اُبي بن ڪعب کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن قدر واري رات وهامي ڏينهن ٿئي ٿو تہ ان ڏينهن ۾ سج اڀرندي اهو اڳيون شعاع نہ ڪندو آهي توڙي هو روشن ڏسڻ ۾ ايندو آهي پر منجهس اهو نور جو غلبو نہ هوندو آهي جيڪو ٻين ڏينهن ۾ هوندو اٿس.


ستارن واري رات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 98 (**البينة** مڪيہ رڪوع 1 آيتون 8)

البينة هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 جو آخري ڪلمو آهي لغات قرآن ۾ بينة جي معنيٰ واضع دليل تفسير تنوير الايمان جلد 10 صفہ 637 تان ورتل آهي.

شاه عبدالعزيز دهلوي رحمة الله عليه تفسير عزيز ۾ لکي ٿو تہ هن سورت جو نالو بينة هن ڪري رکيو آهي جو بينة ۾ روشن ظاهر شيءِ کي چوندا آهن. جنهن جي ڏسڻ سان کم جي حقيقت ظاهر ٿي پوي ۽ ان ۾ ذري جو شڪ شبهو نہ رهي جهڙوڪ دعويٰ ۾ شاهدن معتبرن جو هجڻ جي ڪري ان ڳالهہ ۾ شبهو ۽ شڪ نہ رهندو آهي تنهنڪري هن سورت جو نالو بينة هن ڪري ٿيو آهي جو هي سورة هن ڳالهہ کي بلڪل پوري طرح ثابت ٿي ڪري تہ حضرت محمد ﷺ جو وجود مسعود ازخود نبوت تي هڪ روشن دليل آهي جو ان باري ۾ ٻي ڪنهن دليل جو احتياج ئي ڪونہ آهي ۽ جيڪو شخص حضور ﷺ جن جي روش، احوال، اقوال، افعال ۽ اخلاق کان واقف ۽ خبردار آهي تہ ان مٿي هي ڳالهہ روز روشن شل ظاهر ٿي پوي ٿي تہ اهڙو مقدس وجود بيشڪ پيغمبري جي لياقت رکي ٿو.

هن سورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ مشرڪ ۽ اهل ڪتاب ان وقت پنهنجي باطل عقائد کان دستبردار نہ ٿيندا جيستائين اهڙو رسول نہ اچي جنهن جو ذات ۽ جنهن جو ڪردار ان جي رسول هجڻ جو دليل هجي ان کان پوءِ ٻڌايو ويو آهي تہ اهل ڪتاب جو حق جي واٽ کان منهن موڙڻ ان جي ڪري نہ هو تہ انهن وٽ ڪو آسماني صحيفو نہ پهتو هو يا انهن وٽ ڪو رسول نہ آيو هو پر اهي صرف ذاتي غرض ۽ شخصي مفادن جي ڪري حق کي ڇڏي ويا. بعد ۾ ان حقيقت کي واضح ڪيو ويو آهي تہ سڀ رسول ۽ نبي عليٰ نبينا و علينا الصلواة والسلام هڪ ئي دين جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ مبعوث ڪيا ويا ان جو خلاصو هي آهي تہ سڀ واٽون ڇڏي خالص الله تعاليٰ جي ٻانهپ جو رستو اختيار ڪيو وڃي ان سان گڏ ڪنهن ٻئي جي ٻانهپ اطاعت شامل نہ ڪئي وڃي نماز قائم ڪئي وڃي زڪوات ادا ڪئي هميشہ کان صحيح دين اهوئي رهيو آهي انهيءَ مان بہ خود بخود هي نتيجو نڪري ٿو تہ اهل ڪتاب اصل دين کان هٽي پنهنجي مذهب ۾ نين نين ڳالهين جو اضافو ڪيو آهي اهو سڀ باطل آهي ۽ الله تعاليٰ جو هي رسول ﷺ جيڪو هينئر آيو آهي سو ڪين اصل دين ڏانهن واپس اچڻ لاءِ سڏي رهيو آهي.

آخر ۾ ڳالهہ صاف ٻڌائي ويئي آهي تہ جيڪي اهل ڪتاب ۽ مشرڪ هن رسول ﷺ کي مڃڻ کان انڪار ڪندا. اهي بدترين مخلوق آهن انهن جي سزا ابدي جهنم آهي ۽ جيڪي ماڻهو ايمان آڻي نيڪ عملن وارو رستو اختيار ڪندا ۽ دنيا ۾ رب کان ڊڄندي زندگي گذاريندا، اهي بهترين مخلوق آهن انهن جو اجر اهو آهي تہ هميشہ هميشہ جنت ۾ رهندا الله تعاليٰ کانئن راضي هوندو ۽ اهي الله کان راضي هوندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 99 (**الزلزال** مدينة (رڪوع 1 آيتون 8)

هن سورت جو نالو مبارڪ الزلزال آهي هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي لغات القرآن ۾ هن لفظ جي معنيٰ هن ڏرتيءَ جو ڏڏڻ آهي زلزلت جي معنيٰ آهي هن زمين کي ڌوڏيو ويو. جڏهن هن زمين کي ڌوڏيو ويندو.

1. جڏهن زمين پنهنجي سخت ڌوڏجڻ سان ڌوڏبي.

2. زمين پنهنجا بار ٻاهر ڪيندي (ان ڏينهن زمين سيئي شيون ڪڍي جيڪي الله تعاليٰ سندس پيٽ ۾ لڪايون آهن سمورا مئل ماڻهو ٻاهر ڪيندي اهي جياريا ۽ محشر ڏانهن هڪالبا ۽ زمين ۾ جيڪي پيون شيون هونديون اُهي به سيئي ٻاهر پٽ تي ڪيندي)

3. ماڻهو چوندو ته زمين کي ڇا ٿيو آهي (۽ گهڻي خوف سبب ان وقت انسان چوندو ته زمين کي ڇا ٿيو آهي جو لڏي ٿي اهڙي نموني اڳ ڪڏهن نه لڏي آهي جيئن هينئر پئي لڏي.

جڏهن زمين سڀ ڪجهه ٻاهر ڪيندي ۽ انسان وري جيئرا ٿيندا تڏهن ڪافر چوندا ته اسان کي هينئر ننڊ مان ڪنهن اٿاريو آهي مومن جو ايمان آهي ته ائين ٿيندو انهيءَ ڪري مومن اهو سوال نه ڪندو)

4. ان ڏينهن (زمين) پنهنجون سڀ خبرون بيان ڪندي (الله تعاليٰ پنهنجي ڪامل قدرت سان زمين ۾ ڳالهائڻ جي خاصيت ڏيندو اها ماڻهن جي عملن جون شاهديون ڏيندي ته هن شخص منهنجي مٿان هي سٺا ڪم ڪيا ۽ هي برا ڪم ڪيا)

5. اي خدا جا رسول اهو زمين جو ڳالهائڻ ۽ شاهديون ڏيڻ ان ڪري هوندو جو تنهنجي رب زمين ڏانهن وحي (حڪم) موڪليو هوندو ته اسان جي اذن سان ڳالهايون ڪري شاهديون ڏي ۽ زمين حڪم مڃيندي ۽ سڀ ڪجهه ٻڌائيندي ته فلاڻي شخص منهنجي مٿان ڪهڙا سٺا عمل ڪيا ۽ ڪهڙا برا عمل ڪيا آهن.

حديث ۾ آيو آهي ته رسول ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته "اي مومنو! اوهان گناهن وقت زمين جو ڌيان رکجو ته مٿان زمين قيامت جي ڏينهن اوهان تي شاهد ٿئي جيڪا چڱن ۽ خراب عملن جي باري ۾ صحيح شاهدي ڏيندي".

ڪتابن ۾ آيو آهي ته هڪ پيري هڪ ماڻهو توبهه جو ارادو ڪري سلطان ابراهيم بن اڌهم وٽ آيو ڪيس چيائين ته مون کي اهڙي هدايت ڪريو جيڪا مون کي گناهن ۽ خراب ڪمن کان روڪي سلطان ابراهيم ڪيس چيو هيءَ ڳالهه ڌيان سان ٻڌي ان تي عمل ڪجانءِ اها ڳالهه هيءَ آهي ته جڏهن گناهه ڪرڻ جو قصد ڪرين ته ان وقت زمين مان نڪري وڃجانءِ ڇاڪاڻ جو بادشاهه جي تڏي تي ان جي حڪمن جي برخلافي ڪرڻ نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڳائي جنهن تڏي تي ويهين آرام ڪرين سک وٺين وري اتي ئي ان تڏي جي مالڪ جي مخالفت بہ ڪرين اها عظيم خطا آهي.

ٻيو تہ جڏهن گناھ جو ارادو ڪرين تہ ان وقت رب جي رزق مان ڪجھ بہ نہ کائجانءِ ڇاڪاڻ جو جنهن جو رزق کائجي وري ان جي ئي برخلافي ڪجي تہ ان برخلافي ڪندڙ کي نمڪ حرام چئبو آهي.

ٽيون تہ جڏهن گناھ جو ارادو ڪرين تہ ان جاءِ تي وڃي ڪر جتي توکي خدا نہ ڏسي خدا جي سامهون گناھ ڪندين تہ خدا ناراض ٿيندئي.

جڏهن ان شخص اهي نصيحتون ٻڌيو تڏهن چوڻ لڳو الله تعاليٰ جي زمين کان سواءِ ٻي ڪهڙي جاءِ ملندي. رازق جي رزق کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو رزق وڃي کائبو ۽ ڪٿي اها جاءِ ملندي جتي الله تعاليٰ اسان کي نہ ڏسي ائين چئي هو سيني گناهن کان توبھ تائب ٿيو تہ ڪڏهن ۽ ڪٿي هن ڪهڙو عمل ڪيو هو تنهن کان پوءِ ٻڌايو تہ ان ڏينهن زمين جي ڪنڊ ڪڙڇ کان انسان ٽولن جا ٽولا پنهنجي قبرن مان نڪري ايندا انهيءَ لاءِ ڪين سندن عمل ڏيکاريا ويندا ۽ عملن جي هي حاضري اهڙي تہ مڪمل ۽ تفصيل واري هوندي جو ترِ برابر نيڪي يا ترِ جيتري برائي اهڙي نہ رهجي ويندي جو ڏسڻ ۾ نہ اچي يعني ان وقت ماڻهن ٽولا ٽولا ڪري پيش ڪيا ويندا هر شخص جي هر ننڍي وڏي گناھ جو نتيجو ان کي ڏسڻو پوندو. (حوالہ تفسير هاشمي)






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسمہ اللہ الرحمن الرحیم

(پاره 30) سورت نمبر 100 (**العاديات** مڪي رڪوع 1 آيتون 11)

هن سورت جو نالو العاديٰت آهي جيڪو هن سورت جي آيت نمبر 1 جو پهريون ڪلمو آهي العاديٰت لفظ جي معنيٰ آهي تيز ڊڪڻ وارا (گهوڙا يا ڏاچيون).

الله تعاليٰ سورت جي پهرين (5) پنجن آيتن ۾ هن طرح قسم کڻي فرمايو آهي تہ "قسم آهي گهوڙن ڊوڙيندڙن جو جيڪي ڊوڙڻ وقت وڏا ساهہ کڻي "صَبح" (هانبارا) هڻن ٿا، پوءِ پٿرن تي نعلن لڳائڻ سان باهہ جون چڻگون ڪڍن ٿا پوءِ صبح سوير وقت ڪنهن ڳوٺ تي حملو ڪن ٿا، پوءِ پيرن سان دزي (لَٽُ، ڌوڙ) اڏائن ٿا پوءِ دشمن جي جامعت ۾ گهري وڃن ٿا.

انهن قسمن کڻڻ کان پوءِ الله تعاليٰ فرمايو تہ "بيشڪ انسان پنهنجي رب جو وڏو ناشڪر آهي"

ان سان پنهنجي ناشڪري تي پاڻ واقف ۽ شاهد آهي سندس قول ۽ فعل هلڻ چلت خود سندس ناشڪري جا شاهد آهن. قيامت ڏينهن انسان جا عضوا خود سندس ناشڪري تي شاهدي ڏيندا تڏهن چئبو تہ هو پاڻ پنهنجي ناشڪريءَ جو شاهد آهي، پيو تہ اهو دولت ۽ دنيا جي محبت ۾ مست آهي ان جي طلب ۽ ان کي گڏ ڪرڻ جي هوس ۾ رات ڏينهن پريشان آهي ان کي اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ ناهي تہ ان جو خالق ۽ مالڪ ان جي هر ڳالهہ کان خبر وارو آهي ۽ سندس سيني جا راز بہ الله تعاليٰ کان لڪل ناهن ان الله عزوجل جي اڳيان ان کي قيامت جي ڏينهن پيش ٿيڻو ۽ حساب ڏيڻو آهي.

آخري آيتن ۾ انسان جي ڪنوديت ۽ ناشڪري تي وعيد ۽ عتاب جو ذڪر فرمايل آهي يعني انسان کي معلوم نہ آهي چا تہ جنهن ڏينهن مردا قبرون مان اٿاريا ويندا ۽ سينن ۽ دلين جا ڳجهہ ظاهر ٿي پوندا ان ڏينهن سندس پرور دگار ان جي حال کان پوري طرح واقف آهي ۽ عملن موافق جزا ڏيندس مطلب تہ ان وقت يعني قيامت جي پوري طرح خبر هجيس ها جتي ڪنوين (ناشڪري) ۽ حب مال جي سزا ملندي تہ جيڪر انسان پنهنجي بري عادتن کان باز اچي وڃي ها.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا للہ الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 101 (**القارعة** مڪيہ (رڪوع 1 آيتون 11)

هن سورت جي شروعات القارعة سان ٿي آهي هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ بہ هڪ لفظ القارعة آهي اهو ان سورت جو نالو آهي. هي لفظ نالو ئي نہ آهي پر ان جي مضمون جو عنوان بہ آهي ڇاڪاڻ تہ هن سورت ۾ سمورو ذڪر قيامت جو ٿيل آهي. لغات القرآن ۾ قارِعَة جي معنيٰ آهي ڪڙڪو ڪرڻ واري، اچتو اچي ڪڙڪڻ واري مفسرن جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ القارعة قيامت جو نالو آهي جيئن الطامة، الغاشيہ وغيرها القارعة جي معنيٰ اهو ڪڙڪيدار آواز جيڪو دل دهلائي ڇڏي اهو مخلوق ۾ مختلف نموني اثر انداز ٿيندو آسمان ڦاٽندا ۽ سج ۽ چنڊ بي نور ٿيندا تارا ڪري پوندا. (حوالو احسن البيان في تفسير القرآن جلد 9 صفہ 516)

هن سورت جو موضوع آهي قيامت ۽ آخرت سڀ کان اول هي چئي ماڻهن کي هوشيار ڪيو ويو آهي تہ وڏو حادثو! اهو وڏو حادثو ڇا آهي؟ توهان کي ڪهڙي خبر تہ اهو وڏو حادثو ڇا آهي؟ اهڙي طرح ٻڌندڙن کي ڪنهن هيبتناڪ واقعي جي پيش ٿيڻ جي خبر ٻڌڻ لاءِ تيار ڪرڻ کان پوءِ ٻن جملن ۾ انهن جي سامهون قيامت جو نقشو پيش ڪيو ويو آهي جيئن مٿي چئي آيا آهيون تہ آسمان ڦاٽي پوندا ۽ سج چنڊ بي نور ٿيندا ۽ تارا ڪري پوندا ان ڏينهن ماڻهو ظاهر ٿيندا ۽ اهي ماڻهو گهٻراٽ جي عالم ۾ اهڙي طرح ڊوڙندا وتندا جيئن بتيءَ تي پروانا پريشان اُڏرندا آهن ان ڏينهن جنهن جو نيڪين وارو پڙ ڳرو هوندو ان کي اتي پسند ڪيل هوندو يعني پسنديده زندگي ميسر هوندي پر جنهن جو نيڪين جو پڙ هلڪو هوندو ان جي جاءِ هاويہ جهنم جي ڀڙڪندڙ باهہ هوندي.

1. هَاويہ جي معنيٰ دوزخ جي هڪ طبقي جو نالو آهي، هڪ ٻرندڙ باهہ آهي، وڏي اونهي کڏ (101/09)

2. حاميۃٌ معنيٰ دکڻ واري ٻرندڙ باهہ



باهہ ڇڏيندڙ جبل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 102 (**التڪاثر** مڪية رڪوع 1 آيتون 8)

هن سورت جو نالو سورة (التڪاثر) آهي التڪاثر لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي لغات القرآن ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي دنيا، دولت، جاهه و جلال (شان شوڪت، رعب تاب) هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ گهڻو مال ۽ دنيا ڪمائڻ هن سورت جو نالو التڪاثر رکيو ويو آهي.

هن سوررت ۾ ماڻهن کي دنيا پرستي جي نتيجي کان خبردار ڪيو آهي جنهن جي ڪري هو مرندي گهڙيءَ تائين وڌ کان وڌ مال، دولت دنياوي فائدن، لذتن، مرتبي ۽ حڪومت حاصل ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهن ۽ ان ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کٽڻ ۽ انهن شين جي حاصل ٿيڻ تي فخر ۽ وڏائي ۾ غرق آهن ۽ انهيءَ هڪڙي ئي فڪر کين اهڙو ته مدهوش ڪري ڇڏيو آهي جو ان کان مٿي ڪنهن ٻي ڳالهه تي ڌيان ڏيڻ جو کين هوش ئي نه رهيو آهي ان جي بري نتيجي تي تنبيهه ڪرڻ کان پوءِ ماڻهن کي ٻڌايو ويو ته هي نعمتون جيڪي توهان جي فڪريءَ سان اصل ڪري رهيا آهيون رڳو نعمتون ئي نه آهن پر توهان جي آزمائش جو سامان به آهي انهن نعمتن مان هر نعمت جي باري ۾ توهان کي آخرت جي ڏينهن جواب ڏيڻو پوندو.

## هن سورت جون پڙهڻ ۽ برڪتون

حاڪم ۽ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ حضرت ابن عمر ﷺ کان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته جيڪو هي سورت پڙهندو ته ان کي هن سورت جي پڙهڻ ڪري هزار آيتن جي پڙهڻ جو ثواب ملندو. (حوالہ تفسير هاشمي)



نوٽن جون دستيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 103 (**العَصر** مکيہ رکوع 1 آيتون 3)

هن سورت جو نالو العصر آهي جيڪو هن سورت جي آيت نمبر 1 جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي عصر، عصر جي نماز.

هن سورت ۾ الله تعاليٰ زماني جو قسم کڻي فرمايو آهي تہ انسان (وڏي) خساري ۾ آهي سواءِ انهن ماڻهن جي جن ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪندا رهيا ۽ هڪ ٻئي کي حق جي نصيحت ۽ صبر جي تلقين ڪندا رهيا.

هي سورت ٽن آيتن تي مشتمل آهي پر اهي معرفت ۽ اسرار جون موجون هڻندڙ سمنڊ آهن جنهن جو نہ ڪنارو آهي نہ اونهائي جو اندازو آهي هن جي عبارت جي اختصار کي ڏسي عرب جا فصيح حيران هئا ۽ هن جي معنائن تي غور ڪرڻ سان انساني عقل دنگ رهجي ويجي ٿو اصحاب ڪرام ﷺ کي هن سورت جي معنويت ۽ عظمت جو پورو احساس هو طبراني عبيدا الله بن حفص کان روايت آندي آهي تہ اصحابي جڏهن هڪ ٻئي سان ملاقات ڪندا هئا تہ موڪلائڻ وقت هڪڙو ٻئي ۽ سورت تلاوت ڪري ٻڌائيندا هو حضرت امام شافعي عليہ الرحمة بلڪل صحيح فرمايو آهي تہ جيڪڏهن ماڻهو هن هڪ سورت ۾ ئي غور ئي ڪن ها تہ انهن جي فلاح ۽ ڪاميابي جي لاءِ هي ۽ هڪ سورة ئي ڪافي آهي (حوالہ ضياءُ القرآن صہ 625، جلد 5)






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 104 (**الهمزة** مکيہ رکوع 1 آيتون 9)

الهمزه لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي هن لفظ جي لغات القرآن ۾ معنيٰ وڏو عيب جو گلا ڪرڻ وارو ان ڪري هن سورت جو نالو الهمزة رکيو ويو.

هن سورت ۾ فرمايل آهي تہ هر گلا ڪندڙ، عيب ڳوليندڙ جي هلاڪت آهي، جنهن مال گڏ ڪيو ۽ ان کي ڳڻي پيو پانئي تہ ان جو مال ان کي هميشہ رهائيندو. هر گز، البت ضرور حطمه ۾ اڇلايو ويندو (يعني دنيا ۾ تہ اهو پاڻ کي وڏو معتبر سمجهي تو مال ۽ ملڪيت تي ناز ڪندي الله جل جلاله جي نبي حبيب عليہ الصلواة والسلام جي گلا بہ ڪري ٿو تہ طعنا بہ هڻي ٿو چغلخوري بہ ڪري ٿو. پر ان کي خبر تڏهن پوندي جڏهن ذليل ڪري حطمة ۾ اڇلايو ويندو.)

۽ تو کي ڪنهن ڄاڻايو تہ حطمه ڇا آهي؟

حطمة الله تعاليٰ جي ٻاريل باهہ آهي.

حطمه دوزخ جي هڪ طبقي جو نالو آهي ڪافرن کي ان ۾ اڇلايو ويندو اها الله جي ٻاريل باهہ آهي جيڪا وسامڻ واري ناهي) جيڪا دلين تي پهچي ٿي.

بيشڪ اها (باهہ) انهن تي بند ڪيل آهي اهڙيءَ طرح اهي باهہ جي وڏن ٿنڀن ۾ قيد هوندا. مولانا اشرف علي ٿانوي رحمة الله عليه لکن ٿا تہ دوزخ جي باهہ جا شعلا ايڏا هوندا جهڙا ٿنيا ڪافر انهن ۾ قيد ٿيل هوندا.

والله اعلم.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 105) **الفيل** رڪوع 1 آيتون 5)

الفيل لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي فيل معنىٰ هاٿي هن سورت ۾ الله تعالىٰ اصحاب الفيل جو قصو بيان ڪيو آهي.

تفسير تنوير الايمان جلد 10 صفه 657 ۽ تفسير هاشمي صه 250، ۽ تفسير تفهيم القرآن جلد 3 صفه 891، ورتل خلاصو سورة الفيل جو هن طرح وضاحت ٿيل آهي ته تفسير حافظ بن ڪثير، فتح البيان، روح العماني، روح البيان ڪبير، خازن، مدارڪ، التنزيل ۽ ابي السعود سيني لکيو آهي ته هن سورت ۾ الله پاڪ اصحاب الفيل جو قصو بيان ڪيو آهي قصي جو خلاصو هن ريت آهي. حبش جي بادشاهه طرفان يمن ۾ ابره بن سبا نالي هڪڙو حاڪم نصراني هو ان ڏٺو ته هر سال مڪي شريف ۾ ملڪن ملڪن جا ماڻهو اچي گڏ ٿين ٿا ۽ اتي سيڪو پنهنجي پر ۾ حج ڪري ٿو ۽ ڪعبة الله جو طواف ڪن ٿا تنهن کي خيال ٿيو ته چو نه اهي سڀ ماڻهو هتي اچي گڏ ٿين ۽ ڪعبت الله وارو حج ۽ طواف هتي ڪن تنهنڪري هن يمن جي شهر صنعان ۾ ڪعبت الله شريف جي نموني هڪ گهر تيار ڪرايو ان جو نالو "قليس" رکيو ۽ ملڪان ملڪ اعلان ڪرايو ته سڀ ماڻهو مڪي واري ڪعبه کي ڇڏي هن نئين ڪعبه يعني (قليس) جو حج ڪيو ۽ ان جو طواف ڪيو. جيڪي ماڻهو مڪه بيت الله جو حج ڪرڻ ويا انهن کي موٽايائين اها ڳالهه خصوصاً مڪه جي قريشن کي ڏکي لڳي ۽ انهن (قليس) يعني ابره جي ٺهرايل نئين ڪعبه جي بيحرمتي ڪئي ۽ ڪن مفسرن لکيو آهي ته قليس کي باهه ڏني ويئي. جڏهن ابره کي خبر پئي ته هن پڇا ڪئي ماڻهن هن کي ٻڌايو ته اهو ڪم مڪه شريف جي قريشن جو آهي. ابره اها ڳالهه ٻڌي تپي باهه ٿي ويو ۽ ڪعبت الله ڊاهڻ جو پڪو ارادو ڪيو ۽ 60،000 هزار لشڪر ساڻ ڪري ان ۾ 13 هاٿي به هئا جن مان هڪڙو هاٿي وڏو طاقتور هو ان جو نالو "محمود" هو جڏهن هو مڪي جي ويجهو اچي ٿيو مڪه کي 6 ميل پري منزل ڪئي اتي هن قريش جو چوپايو مال هٿ ڪيو جنهن ۾ 200 اُٺَ حضرت عبدالمطلب جا هئا پوءِ قريشن جي رئيس رسول الله ﷺ جي ڏاڏي حضرت عبدالمطلب کي گهرايو پر ابن عباس کان روايت آهي ته عبدالمطلب کي گهرايو نه هو پر جڏهن عبدالمطلب کي خبر پئي ته ابره ڪعبت شريف کي ڊاهڻ آيو آهي ته جناب عبدالمطلب پاڻ مرادو ابره وٽ ويو ۽ ابره سان ملاقات ڪيائين جناب عبدالمطلب جي شخصيت پروقار هئي ۽ سندس پيشانيءَ ۾ نبي ڪريم ﷺ جو نور هو تنهنڪري ابرهه سندس نوراني چهرو ڏسي تعجب ۾ پئجي ويو "محمود" هاٿي جڏهن جناب عبدالمطلب جي نراڙ ۾ نبي ڪريم ﷺ جو نور پسيو تڏهن "محمود" هاٿي هڪدم سجدي ۾ ڪري پيو. محمود هاٿي جيڪو سجدو عبدالمطلب جي سامهو ڪيو ان جو ذڪر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي "سر سارنگ" جي وائي ۾ ٿيل آهي جيڪو هن ريت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي:

"سجدو فيل في الحال ڪيو پسي مُطلبَ نور نراڙ "

نہ فقط ايترو پر محمود هاٿيءَ ڳالهائڻ لڳو جناب عبدالمطلب کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو حضرت محمدﷺ تي اسان جا سلام هجن جنهن جو نور اوهان جي منهن مان چمڪي ٿو اهو سڀ ڪجهه ڏسي ابره کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ ڏاڍو پريشان ٿيو جناب عبدالمطلب جي ڏاڍي تعظيم ڪيائين ۽ سندس (200) ٻه سَوَ اٺ ٻه واپس ڪيائين ۽ جناب عبدالمطلب کي چيائين تہ اسان توهان سان جنگ ڪرڻ نہ آيا آهيو فقط ڪعبت الله کي ڊاهڻ آيا آهيون جناب عبدالمطلب ڪيس خبردار ڪيو تہ هي الله پاڪ جو گهر آهي اڄ تائين انهيءَ گهر جي مٿان ڪنهن کي سوڀ نہ ٿي آهي ابرهہ! توهان ڪعبت الله شريف جي ڊاهڻ وارو ارادو تان هٿ ڪٽي ڇڏيو توهان کي جيڪي مال رقم (پيسہ) گهرجن اُهي ڏينداسين ابراهہ کي پي آڇ هي ٻہ ڏني تہ جيڪڏهن توهان پنهنجو ارادو ترڪ ڪري موٽي ويندين تہ اسان ان مال جو ٽيون حصو توکي ڏينداسين جيڪو ڪعبي ۾ نظراني طور آيل مال جو ٽيون حصو) آبره اهي پئي آڇون قبول نہ ڪيو وري ٻہ ابره ڪعبي شريف جي ڊاهڻ جي ڳالهہ ڪئي ۽ چيائين ڪعبي جي ڊاهڻ کان سواءِ واپس نہ ويندس. تنهن تي حضرت عبدالمطلب ابره کي خبردار ڪيو تہ ڪعبت الله پاڪ جو گهر آهي اُهو پاڻهين پنهنجي گهر جي حفاظت ڪندو. حضرت عبدالمطلب اهي لفظ چئي مڪہ مڪرمہ هليو آيو قريشن کي گڏ ڪري سمورو حال بيان ڪيو ۽ سيني کي وٺي ڪعبت الله ۾ آيو ڪعبہ شريف جي غلاف کي هٿ وجهي تمام سوز ۾ روئيندي عبدالمطلب هي بيت پڙهيا. هي بيت تفسير تنوير الايمان تان ورتل آهن.

1. اَللّٰهُمَّ لَا اَرۡجُوۡا لَهُمۡ سِوَاكَ
يا رب فَامۡنَعۡ مِنۡهُمۡ حِمَاكَ
ترجمو: اي رب تو کان سواءِ ڪا اميد جي جاءِ نہ آهي
دشمنن کان پنهنجو حرم تون پاڻ بچائي وٺ

2. اِنَّ عَدُوَّ الۡبَيۡتِ مَنۡ عَادَاكَ
فَامۡنَعۡهُمۡ اَنۡ يُّخۡرِبُوۡا قَرَاكَ
ترجمو: هن گهر جو دشمن تنهنجو دشمن آهي
پنهنجو ڳوٺ کي ان کان محفوظ رک يا الله!

ابره پنهنجو لشڪر وٺي مڪي ڏانهن وڌيو ان ۾ محمود نالي هاٿي ۽ ٻيا هاٿي ٻہ هئا "محمود" هاٿي ڪعبي ڏانهن هلڻ کان نابري واري زمين تي ويهي رهيو هن کي ٻي طرف ڏانهن ڪاهيائون ٿي تہ هليو ٿي پر مڪي طرف هلڻ کان پڙ ڪڍي بيهي رهيو آخر گوڏا ڀڃي ويهي رهيو هن کي تمام گهڻو ماريائون پر هن ڪعبي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن وک بہ نہ ڪنئين ابره بيقوف اهو نہ سوچيو تہ هاٿي هڪ جانور آهي اهو ڪعبي جي حرمت ۽ عزت سبب هڪ وک اڳتي نٿو هلي ايتري ۾ قادر مطلق انهن ڪافرن جي مٿان "ابابيل" پکي ولر ولر ڪري موڪليا انهن پکين جو رنگ ساوو ۽ چنهنب پيلي هئي هڪ هڪ پکيءَ کي ٽي ٽي پهڻيون هيون جن مان ٻہ پيرن ۾ هڪ چنهنب ۾ هنن اهي ڪنڪريٽ جو پهڻيون ابرهہ جي لشڪر تي (وسايون) هنيون اهي پٿريون ڪرڻ سان ڪافرن جي مٿي کي لڳي جسم ۾ تنگ ڪندي هيٺيان نڪرندي ٿي ويون جيڪو ماڻهو سواري تي هو تہ پٿري ماڻهو مان ڪراس ڪندي سواريءَ کي سوراخ ڪري هيٺ وڃي ٿي ڪري اهڙي طرح اهي ڪافر اولڙ گاه جهڙا ٿيا الله پاڪ انهيءَ لشڪر کي اولڙ (ڪاڏل گاهہ) جهڙو ڪري ڇڏيو.

باقي جيڪي لشڪر بچيو اهو ٿي ابره بن سباح نامراد ناڪام ٿي پوئي موٽيو واٽ تي سندن ماڻهن ۾ اهڙي بيماري پئي جو سندن آڱريون ڇڻي پيون آخر دانهون ڪندي سڀ مري ويا. ابرهہ بہ پنهنجي شهر صنعاء ۾ پهتو اتي ابابيل پٿري هڻي ماريس.

جڏهن الله تعاليٰ مڪي جي ماڻهن سان ايڏيون ڀلايون ڪيون تڏهن جناب عبدالمطلب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مڪي جا سڀ ماڻهو بہ سرها ٿيا اهو نبي ڪريم ﷺ جو معجزو آهي جيڪو سندن ولادت با سعادت کان اڳ سندن طفيلي ظاهر ٿيو: الله تعاليٰ هن سورت ۾ انهيءَ واقعي ڏانهن اشارو ڪري پاڻ سڳورن کي فرمايو آهي تہ اسان اوهان تي هي ڀلايون ڪيون آهن.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

سورت 106 (**القريش** رکوع 1 آيتون 4)

القريش هي لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي، لغات القرآن ۾ قريش لفظ جي وضاحت يا ترجمو هن طرح آهي قريش خاندان. عدنان جي قبيلي ڪفانه جي هڪ شاخ جنهن ۾ رسول الله ﷺ جن جي ولادت ٿي.

تفسير تنوير الايمان جلد 10 صه 662 تان ورتل آهي. قريش هڪ قبيلي جو نالو آهي جو نضر بن ڪفانة جي اولاد مان آهي ۽ نضر بن ڪنانه رسول ڪريم ﷺ جو (13) تيرهون ڏاڏو آهي ان جي اولاد کي قريش چون ٿا مفسرن لکيو آهي تہ قريش هڪڙي دريائي جانور جو نالو آهي جو سيني بحري جانورن ۾ ڏاڍو آهي ۽ ضعيفن جانورن کي ماري کائي ويندو آهي ۽ قريشن بہ پنهنجي قوم ۾ ڏاڍا جوان ۽ هميشہ سيڪنهن تي غالب رهندا هوا تنهنڪري ان جانور سان نسبت ڪري کين قريش سڏڻ لڳا قريش قبيلو مڪہ شريف جو رهاڪو هو ۽ ڪعبة الله ۽ زمزم کوه جي خدمت ڪندو هو.

انهيءَ ڪري پنهنجا توڙي پرا واسندن عزت ڪندا هوا ۽ يمن خواه شام بلڪہ ساري عربستان ۾ ڪعبہ جي مجاوريءَ ڪري ماڻهو قريش کي مانُ ڏيندا هئا ۽ جتي ويندا هوا اتي ماڻهو کين نذر نياز ۽ مهمانيون وغيره ڏيندا هئا قريش گهڻو ڪري واپار ڪندا هئا. سياري ۾ يمن جي گرم ملڪ ڏانهن ۽ اونهاري ۾ شام جي سرد ملڪ ڏانهن ويندا هئا سندن عزت ڪري ڪائنئن واپار جو محصول نہ وٺندا هوا پيو تہ ٺهيو پر چور ۽ ڌاڙيل بہ هنن جي مال کي ويجهو نہ ويندا هوا اهي تجارت ڪانسواءِ پيون بہ گهڻي خير خيراتون گڏ ڪندا هئا مڪہ ۾ اگرچہ ريگستان جي ڪري آبادي نہ ٿيندي هئي تہ بہ قريش پين ڪان سڪيا ۽ آسودا هوا الله تعاليٰ هن سورة ۾ انهن کي پنهنجي نعتمن جي ياد ڏياري پنهنجي عبادت ڏانهن ترغيب ٿو فرمائي.

احسن البيان في تفسير القرآن جلد 9 صه 539 تان ورتل آهي قريش عرب جو هڪ مشهور ۽ معزز قبيلو آهي نضر جي اولاد کي قريش سڏيو ويندو آهي نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو آهي "ان الله اصطفي ڪنانة من ولد اسماعيل واصطفي من بني ڪنانة قريشا واصطفي من قريش بني هاشم و اصفطاني من بني هاشم (حوالہ القرطبي صہ 203، جلد 20)

(الله تعاليٰ حضرت اسماعيل عليٰ نبينا و عليہ الصلواة والسلام جي اولاد مان ڪنانة کي برگزيدو بنايو ڪنانة مان قريش کي ۽ قريش مان بني هاشم کي ۽ بني هاشم مان مون کي) ان ڪنانة جو پٽ نضر هو جنهن جي اولاد کي قريش سڏيو ويو.

حديث پاڪ ۾ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جو فرمان آهي تہ "سب ماڻهو قريشين جا تابع آهن الله تعاليٰ انهن ۾ خصوصي ملڪا ۽ استعداد رکيو آهي ڪفر شرڪ ۽ جهالت جي زماني ۾ بہ انهن جا بعض اخلاق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمدا ۽ اعليٰ هئا ۽ انهن ۾ حق کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت بہ گھٽي هئي اهوئي سبب آهي جو صحابہ ڪرام ﷺ مان افضل ۽ اولياءِ عظام ۾ گھٽو تعداد قريش جو هو (حوالہ معارف القرآن صہ 283 جلد 8)

## مضمون

هن سورت ۾ الله تعاليٰ قريشن تي ڪيل نعمتن کي بيان ڪيو آهي انهن جا سفر بہ هوندا هئا

1. سياري جي موسم ۾ يمن ڏانهن

2. اونهاري جي موسم ۾ شام ڏانهن

الله تعاليٰ کين انهن سفرن ۾ امن ۽ قرار سان گڏ شاهوڪاري ۽ عزت، خوشحالي ۽ نعمت سڀ ڪجھہ ڪعبت الله (الله جي گھر) جي مهابي عطا ٿيون آهن توهان کي ان الله پاڪ جي ئي عبادت ڪرڻ گھرجي.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 107 (**سورت الماعون** مکيہ 1 آيتون 7)

الماعون: لغات القرآن ۾ الماعون جي معنيٰ آهي معمولي استعمال جون شيون، اها شئي جنهن کي روڪڻ شرعاً حلال نہ آهي مثال پاٿي، باهہ، لوڻ لفظ الماعون سورت جي آيت نمبر 7 مان ورتل آهي.

تفسير هاشمي مطابق جهوڙڪ ڇچ، انبي چاٽڻ جي چاٽي، ڪاٺين ڏارڻ جو ڪهاڙو، ديگھ، ديڳڙي، ڪفگير، ڪاٽي، پاٽ ۽ پيالو وغيره اهڙيون شيون جيڪڏهن ڪم لاءِ گهري تہ ڪشادي دل سان ڏيڻ گهرجي اها بہ سخا آهي ۽ الله پاڪ زڪواة فرض ڪئي آهي ان جي ڏيڻ جي باري ۾ وڏو تاڪيد فرمايو آهي "زڪواة نہ ڏين" جيڪا روڪڻ شرعاً حلال نہ آهي.

تفسير تفهيم القرآن جلد 3 صہ 903 حاشئہ، 11 تي لکيو آهي تہ اصل ۾ لفظ مَاعُون استعمال ٿيو آهي حضرت علي ﷺ، ابن عمر ﷺ حضرت سعيد بن جبير ﷺ وغيره جو قول آهي تہ ان مان مراد زڪواة آهي. حضرت ابن عباس ﷺ ابن مسعود ﷺ ۽ ٻين جو خيال ۾ ان مان مراد عام ضرورت جون شيون آهن جيڪي مٿي ذڪر ٿيل آهن. جيڪي عام طرح ماڻهو هڪ ٻئي کان اڌاريون وٺندا رهندا آهن. حضرت علي ﷺ جو بہ هڪ قول آهي تہ ان مان مراد زڪواة بہ آهي ۽ ننڍيون ننڍيون عام ضرورت جون شيون بہ آهن. حضرت عڪرمہ ﷺ کان ابن ابي حاتم نقل ڪيو آهي تہ ماعون جو اعليٰ مرتبو زڪواة آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ مرتبو هي آهي تہ ڪنهن کي مٿيون چيل شيون اڌاريون ڏنيون وڃن انهن ۾ مَاعُون انهن ننڍين ۽ ٿورين شين کي چوندا آهن جن ۾ ماڻهن لاءِ ڪو فائدو هجي انهيءَ لحاظ کان زڪوات بہ ماعون آهي ڇاڪاڻ تہ اها بہ گهڻي مال مان ٿورو حصو ڪڍي غريبن جي مدد لاءِ ڏيڻو پوي ٿو ۽ ٻيون عام ضرورت جون شيون بہ ماعون آهن جن جو ذڪر عبدالله بن مسعود ﷺ ۽ سندس هم خيالي ساٿين ڪيو آهي اصل آيت جو مقصد ٻڌائڻ آهن تہ آخرت جو انڪار ماڻهوءَ کي اهڙو تہ تنگ دل بنائي ڇڏي ٿو جو هو ٻين لاءِ ڪنهن معمولي ايثار ڪرڻ لاءِ بہ تيار نہ آهي.

## مضمون

هن سورت ۾ انهن ماڻهن جو حال بيان ڪيو آهي جيڪي قيامت تي ايمان نہ ٿا رکن هن فاني زندگيءَ کي سچي حقيقي زندگي سمجهن ٿا ۽ انهن کي ٺي وڏيڪ آرام ده بنائڻ ۾ مصروف رهن ٿا جيڪڏهن ڪو غريب، نادار يتيم ڪائڻ ڪجهہ گهري ٿو تہ ان کي ڌڪا ڏئي تڙي ڇڏين ٿا جهڪن ٿا ٻئي کي بہ مسڪين جي کاڌي کارائڻ جي ترغيب ۽ تجريس نہ ٿا ڪن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 108 **الكوثر** مكيہ ركوع 1 آيتون 3)

الكوثر لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 جو آخري كلمو آهي لغات القرآن ۾ كوثر جي معنيٰ آهي جنت جي هڪ حوض جو نالو، جيكو الله تعاليٰ نبي كريم ﷺ جن كي خاص طور عنايت كيو آهي وڏي ڀلائي، دولت، نعمت

تفسير هاشمي هن سورة جي شان نزول بابت ۾ هن طرح لکيو آهي تہ حضرت حبيب كريم ﷺ كي ٽي (3) پٽ هئا هڪ قاسم جيكو سڀني كان وڏو هو جنهن كري پاڻ سڳورن كي ابو القاسم چوندا هئا ٻيو عبدالله جنهن كي طيب ۽ طاهر بہ چوندا هئا ٽيون حضرت ابراهيم بي بي ماريہ مان هو پهريان ٻہ مكي شريف ۾ فوت ٿيا هئا ۽ ٽيون حضرت ابراهيم مدينہ منوره ۾ فوت ٿيو حضرت قاسم سڀني كان اڳ ۾ فوت ٿيو ان بعد جڏهن حضرت عبدالله جي وفات ٿي تہ پاڻ سڳورن كي كوبہ فرزند نہ هو حضرت ابراهيم اڃا ڄائو ئي نہ هو. ان تي دين جا دشمن خوش ٿيا پاڻ كريم جن جڏهن پنهنجي ٻي فرزند حضرت عبدالله كي دفنائي موٽي رهيا هئا تڏهن واڻ تي مسجد جي ٻاهر عاصي بن وائل كافر مليو جو دين جو وڏو دشمن هو ان اتي ويهي حضرت كريم ﷺ سان كي ڳالهيون كيون ان كان پوءِ پنهنجي كافرن جي ٽولي سان مليو ۽ كافرن كائنس پڇيو تہ واڻ تي كنهن سان ٿي ڳالهيوئي؟ ان تي هن بڇڙي ظالم چيو: "ان شخص سان ٿي ڳالهيون كيم جيكو ابتر آهي (نعوذ با الله منها) عربي زبان ۾ ابتر ان كي چوندا آهن جنهن جانور جو پڇ وڍيل هجي انسان مان ان انسان كي چوندا هئا جنهن كي پويان پٽ نہ هجي.

كافرن بدكار جو اهو طعني واري لفظ تي پاڻ كريم جن ڏكارا ٿيا ڇو تہ كافرن جو مفهوم هيو تہ محمد جڏهن پٽ جي اولاد كان سواءِ وفات كري ويندو تہ ان جو ذكر ئي ختم ٿي ويندي.

ان تي رب پاك هي سورت نازل كئي جنهن ۾ الله تعاليٰ فرمايو اي منهنجا سچا محبوب:

اِنَّآ اَعۡطَيۡنٰكَ الۡكَوۡثَرَ اي پيغمبر بيشك اسان توكي كوثر عطا كيو يعني تحقيق اسان اوهان كي گهڻو خير عطا كيو ان خير ۾ سڀئي انعام داخل آهن انهن ۾ دين جو كاميابيون هجن اسلام جون فتحون، بهشت جون نعمتون هجن يا رب جو لقاءُ، حوض كوثر جو، يا كي ٻيا انعام اسان توهان تي ايڏا فضل كيا آهن جن جو كو حد حساب كونهي اولاد جو مقصد هوندو آهي تہ ان جو كو پونير هجي جيكو سندس نالي كي قائم ركي ۽ سندس پروگرام تي ثابت قدم رهي اسان تہ اوهان جو نالو ۽ ذكر ڏينهن قيامت تائين قائم ۽ دائم كيو آهي اوهان جون ڀلايون، خوبيون، وصفون، صفتون ۽ ذكر هميشہ پيو ٿيندو توهان جو نالو هميشہ روشن رهندو ۽ سندن ثنا ۽ صفت سدائين پئي ٿيندي ۽ نبيءَ جا دشمن خوار ۽ خراب ٿيندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن تفسيرن ۾ لفظ ڪوثر جو مفهوم ۾ هي بہ آيو آهي انهن لکيو آهي تہ ڪوثر مان مراد آهي گهڻو اولاد يعني هتي الله تعاليٰ ڏوهٽن کي پوٽن جو درجو ڏنو آهي مولا پاڪ نبيءَ جي اولاد کي وڌايو آهي هن وقت بہ سيني ملڪن ۾ لکن جي تعداد ۾ سيد سادات موجود آهن پاڻ سڳورن جي اولاد وڌي ۽ ڪافر ڪوڙا ٿيا ان معنيٰ ۾ بہ ڪافرن جو رد ملي. اهڙي طرح روحاني پٽ امت جي صورت ۾ موجود آهي.

## الڪوثر ڇا آهي

تفسير احسن البيان في تفسير القرآن جلد 9 صہ 547 ۽ 548 تان ورتل آهي. هي مبالغي جو صيغو آهي هن جي لفظي معنيٰ آهي تمام گهڻو پر ان مان هتي مراد ڇا آهي؟ مفسرن ان ۾ 24 قول ذڪر ڪيا آهن جن مان ڪجهہ هتي ذڪر ڪجن ٿا.

1. ان مان مراد اها نهر آهي جنهن مان جنت جون سڀ نهرون نڪرن ٿيون لله عزوجل حضور عليہ الصلواة والسلام جي کي اها عطا ڪئي آهي حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ حضور عليہ الصلواةوالسلام جي ڪجهہ وقت غير کان بي توجهہ رهيا ان بعد مُرڪندي پنهنجو مٿو مبارڪ مٿي ڪٽي فرمايائون "بلاشڪ مون تي هاڻي هڪ سورت نازل ٿي آهي پوءِ بسم الله الرحمن الرحيم إِنَّآ أَعۡطَيۡنَٰكَ ٱلۡكَوۡثَرَ پڙهيائون تانجو ان کي پورو ڪري فرمايائون تہ خبر اٿوَ تہ ڪوثر ڇا آهي؟ عرض ڪيائون تہ الله تعاليٰ ۽ ان جو رسول ﷺ وڌيڪ ڄاڻيندڙ آهن فرمايائون تہ " اها جنت ۾ هڪ نهر آهي جيڪا منهنجي رب مونکي ڏني آهي ان تي گهڻي ڀلائي آهي قيامت جي ڏينهن اتي منهنجا امتي ايندا ان تي پيئڻ وارا ٿانوَ (آسمان جي) تارن جيترا آهن" الخ.

(2) ان مان مراد حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي عطا ڪيل حوض آهي جيئن حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص ﷺ کان روايت آهي تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو " منهنجو حوض مهيني جي پنڌ ڪرڻ جيترو ويڪرو آهي ان جو پاڻي کير کان اڇو آهي ان جي خوشبو مشڪ کان وڌيڪ آهي ان جا پيئڻ وارا ڪوزا تارن جي تعداد جيترا آهن جنهن ان مان هڪ ڀيرو پيتو وري اڃ نہ لڳنديس"

(3) ان حوض جي باري ۾ متواتر حديثون آهن ۽ علماءَ اهو بہ لکيو آهي تہ ان جي ڇٽن ڪنڊن تي حضور عليہ الصلواة والسلام جا چار يار هوندا جيڪو انهن مان ڪنهن سان بہ بغض رکندو ان کي ڪوثر جو هڪ ڍڪ بہ نصيب نہ ٿيندو.

(4) ڪوثر مان مراد سندن نبوت آهي انبياءَ عليهم الصلواة والسلام تہ ڪانئن پهريان آيا هئا پر حضور پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي نبوت جي فيض ۽ برڪات جو اندازو ڪير ڪري سگهندو؟

(5) ان مان مراد سندن اولاد پاڪ آهي چو تہ دشمنن ڪين پٽ جي اولاد نہ رهڻ جو طعنو هنيو هو ا عزوجل فرمايو تہ اسان اوهان کي اولاد گهڻو ڏنو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(6). ان مان مراد سندن اصحاب ﷺ ۽ سندن تابعدار آهن. (7). ان مان مراد سندن امت جا علماءُ آهن ۽ پيا بہ ڪيترا مقصد آهن.

تفهيم القرآن خلاصو جلد 3 صہ 906 تان ورتل آهي الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ اي نبي اسان توکي بي انتها خير ۽ بي شمار نعمتن سان نوازيو آهي. هنن ۾ اخلاق جو اهي بي شمار خوبيون بہ شامل آهن جيڪي حضور پاڪ ﷺ کي بخشيون ويون هيون هن ۾ نبوت، قرآن، علم ۽ حڪمت جون اهي نعمتون بہ شامل آهن جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ جن کي عطا ڪيون ويون هيون ان ۾ توحيد ۽ اهڙي نظام زندگيءَ جي نعمت بہ شامل آهي جنهن جا اسان، عام فهم، عقل ۽ فطرت جي مطابق، جامع ۽ همگير اصول پوري عالم ۾ پکڙجي وڃڻ ۽ هميشہ هميشہ پکڙجڻ جي طاقت رکن ٿا. ان ۾ رفع ذڪرڪ (تنهنجي ذڪر جو آواز بلند رهندو) جي نعمت بہ شامل آهي جنهن ڪري حضور ڪريم ﷺ جن جي اکين سان پنهنجي حياتيءَ سڳوري ۾ ئي پنهنجي دعوت کي انتهائي ڪامياب ڏٺو ۽ سندن مبارڪ هٿن سان اها جماعت تيار ٿي ويئي جيڪا جيڪا دنيا تي ڇائنجي وڃڻ جي طاقت رکي پئي دشمن سمجهي رهيو هو تہ حضور ﷺ کي پٽ جي اولاد نہ هئڻ ڪري سندن نالو نشان ختم ٿي ويندو پر الله تعاليٰ نہ صرف مسلمانن جي صورت ۾ کين اُهو روحاني اولاد عطا فرمايو جيڪو قيامت تائين پوري روءِ زمين تي سندن نالو روشن ڪرڻ وارو هوندو پر سندن هڪڙي صاحبزادي حضرت بيبي فاطمہ ﷺ مان کين اها جسماني اولاد بہ عطا ڪئي ويئي جو پوري دنيا ۾ پکڙيل آهي ۽ انهن کي حضور پاڪ ﷺ ڏانهن نسبت جو فخر حاصل آهي ۽ پڻ روحاني اولاد بہ امت جي صورت ۾ موجود آهي.

## حوض ڪوثر جون خصوصيتون

حوض ڪوثر نبي ڪريم ﷺ کي الله تعاليٰ کان عطا ٿيل نعمتن مان وڏي نعمت آهي ان جو پاڻي اڇو کير جهڙو هوندو ۽ ان جي ڏيگهہ، ويڪر ۽ اونهائيءَ جي ڪا حد حساب ئي نہ هوندو اهو پاڻي ماکيءَ کان مٺو ۽ برف کان وڌيڪ ٿڌو هوندو ڪٿوريءَ کان وڌيڪ ان ۾ سرهاڻ هوندي جيڪو ان مان پيئندو ان کي وري اڄ نہ لڳندي جيڪڏهن ان مان ٻيهر پيئندو تہ اهو اڃ لاهڻ لاءِ نہ هوندو پر لذت لاءِ هوندو ان حوض جو ڪنارو سون جو هوندو جنهن تي سائي زمرد جو جڙاءُ ٿيل هوندو ان جي تري ۾ پٿرين جا ذرا ذرا هوندا جيڪي موتين، ياقوتن، مرجان ۽ سائي زمرد جا هوندا ان جي تري ۾ جيڪا مٽي هوندي ان ۾ ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ هوندي ان جي ڪنڌيءَ تي پيئڻ لاءِ جيڪي پيالا رکيل هوندا اهي سون جا ۽ چانديءَ جا هوندا انهن جي پيالن جي تعداد جو ڪو حد حساب ئي نہ هوندو انهن ۾ تارن جهڙي چمڪ ۽ جلوو هوندو ان جي ڪناري تي سبز پکي ويٺل هوندا ڪناري تي بيشمار سون جا وڻ هوندا انهن ۾ ميوا پيا لڙڪندا، جن مان ڪي ساوا ڪي ڳاڙها هوندا.

اهو حوض الله تعاليٰ نبي ڪريم ﷺ لاءِ مخصوص ڪيو آهي جنهن مان فقط پاڻ ڪريم ﷺ جن جا امتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻي پيا پيئندا پاڻ سڳورن ﷺ جي امتن کان سواءِ ڪو بيو اتان پاڻي نہ پيئندو.

هن سورت ۾ اهو بيان ٿيو آهي تہ الله عزوجل پنهنجي حبيب عليہ الصلواة والسلام کي خير ڪثير عطا ڪيو آهي جنهن مان هڪ حوض ڪوثر بہ آهي ۽ ان عظمي نعمت ملڻ تي ڪين شڪراني طور نماز پڙهڻ ۽ قرباني ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي سورة جي آخر ۾ سندن دشمنن جي بي بنياد رهڻ بيان ڪيو ويو آهي ۽ حضور ﷺ جن جو ذڪر ميناري ۽ منبرن تي هلندو رهندو (حوالہ صفوه التفاسير صہ 61 جلد 3)

هن سورة ۾ پلي اخلاق ۽ سهڻين عادتن واري حبيب عليہ الصلواة والسلام تي ڪيل انعامن جو ذڪر آهي.

حوض ڪوثر جون خصوصيتون (حوالہ تفسير هاشمي صہ 278،277)





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 109 (**الڪافرون** مڪي رڪوع 1 آيتون 6)

هن سورت جو نالو الڪافرون آهي جيڪو هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ مذڪور آهي. لغات القرآن ۾ ڪافرون جي معنيٰ آهي ڪافر. ڪفر ڪندڙ، انڪار ڪندڙ، نه مڃيندڙ

سمجهاڻي: هن سورت جي نشاني نزول هن طرح بيان ٿيو آهي ته هڪ ڀيري ڪافر گڏجي حبيب ڪريم ﷺ وٽ آيا انهن ۾ ابوجهل بن هشام جيڪو تمام ڪٽر ڪافر هو، وليد بن مغيره، اسود بن مطلب ۽ ابي بن خلف شامل هئا هنن اچي پاڻ سڳورن کي چيو ته اچو ته پاڻ ۾ هن نموني جو صلح ڪريون هڪ سال اوهان جي رب جي اهڙي نموني عبادت ڪريون جيئن اوهان چئو ٿا ۽ ٻئي سال وري اوهان اسان جي "الاهن" جي عبادت ڪريو ته جيئن ڪلفت، عداوت ۽ جهيڙو ختم ٿئي ۽ ايڪو، اتحاد، ميٺ ۽ محبت پيدا ٿئي جيڪڏهن حق اوهان جي طرف هوندو ته اهو اسان به پورو ڪيون پر جيڪڏهن حق اسان ڏانهن هوندو ته توهان به پورو ڪيو انهن جي جواب ۾ الله تعاليٰ هي سورت نازل ڪئي جنهن جو ترجمو هي آهي "(اي پيغمبر ڪافرن کي) چؤ ته اي ڪافرؤ نڪي آءُ ان جي عبادت ڪندس جنهن جي اوهين عبادت ڪندا آهيو ۽ نڪي اوهين ان جي عبادت ڪندؤ جنهن جي آءُ عبادت ڪندو آهيان ۽ نڪي آءُ ان جي عبادت ڪندس جنهن جي اوهان عبادت ڪئي ۽ نڪي اوهين ان جي عبادت ڪندؤ جنهن جي آءُ عبادت ڪندو آهيان. اوهان لاءِ اوهان جو دين ۽ مون لاءِ منهنجو دين".

هن سورت ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جڏهن قريش ڪافرن رئيسن کي پڙهي ٻڌائي اهي سمجهي ويا ته هي اسان جي باطل معبودن جي عبادت نه ڪندو مايوس ٿيا پوءِ حضور ﷺ جن ۽ سندس اصحابن ﷺ کي ايذاءُ شروع ڪيائون. (حوالہ تفسير هاشمي صفحہ 281،280)

## مضمون

هن سورت ۾ ان اخلاص کي نظر ۾ رکندي باطل معبودن جي عبادت کان انڪار جو ذڪر آندو ويو آهي.

هن سورت ۾ پاڪ ۽ توحيد جو ۽ شرڪ کان بيزاريءَ جو بيان آهي ڪافرن حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن کي چيو ته هڪ سال اوهان اسان جي بتن جي عبادت ڪيو ته هڪ سال اسين اوهان جي معبود بالحق جي عبادت ڪيون هن سورت کي نازل ڪري انهن جي اها لالچ ختم ڪئي ويئي ۽ ايمان وارن ۽ بي ايمان ڪافرن ۾ اختلاف کي واضح ڪيو ويو.

## ڀلايون ۽ برڪتون

محدث مسلم پنهنجي صحيح ۾ حضرت جابر ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن طواف کان پوءِ پڙهندڙ ٻن رڪعتن ۾ سورت الڪافرون ۽ سورت اخلاص پڙهيون هيون (حوالہ حدائق صہ 388 جلد 32)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 110 (**النصر** مدني رڪوع 1 آيتون 3)

هن سورت جو النصر نالو آهي هن جي آيت نمبر 1 مان ورتل آهي نصر جي لغات القرآن ۾ معنيٰ مدد ڪرڻ آهي هن سورت جي نازل ٿيڻ جي باري ۾ حضرت عبدالله بن عباس جو چوڻ آهي تہ هيءَ قرآن جي آخري سورت آهي ان کان پوءِ ڪجھ آيتون تہ نازل ٿيون پر مڪمل ڪا بہ سورت نبي پاڪ ﷺ تي نازل نہ ٿي آهي (حوالہ مسلم شائي طبراني، ابن ابي شيبہ، ابن مردويہ) هي سورت حجة الوداع جي موقعي تي ايام تشريف جي وچ ڏاري منيٰ ۾ نازل ٿي ۽ ان کان پوءِ حضور ﷺ جن پنهنجي ڏاچيءَ تي سوار ٿي پنهنجو مشهور خطبو ارشاد فرمايو (حوالہ ترمذي، بزاز، بيهقي)

سورت نصر جي نازل ٿيڻ ۽ رسول الله ﷺ جي وفات جي وچ ۾ ٽي (3) مهينا ۽ ڪجھ ڏينهن جو وقفو آهي تاريخ جي لحاظ کان حجة الوداع ۽ حضور ﷺ جي وصال وچ ۾ ايترو ئي زمانو گذريو هو.

ابن عباس ﷛ جو بيان آهي تہ جڏهن هيءَ سورة نازل ٿي تہ حضور ﷺ فرمايو تہ مون کي منهنجي وفات جي خبر ڏني ويئي آهي ۽ منهنجو وقت هاڻي اچي پورو ٿيو آهي (حوالہ مسند احمد، ابن جرير، ابن المنذر، ابن مردويہ)

## سورت جو موضوع ۽ مضمون

هن سورت ۾ الله تعاليٰ رسول الله ﷺ کي ٻڌايو تہ جڏهن عرب ۾ اسلام جي مڪمل فتح ٿيندي ۽ ماڻهو الله تعاليٰ جي دين ۾ ٽولن جا ٽولا داخل ٿيندا ان جي معنيٰ الله تعاليٰ کان مليل ڪم مڪمل ٿي ويو جنهن لاءِ توکي دنيا ۾ موڪليو ويو آهي ان کان پوءِ کين حڪم ڏنو ويو تہ تون الله تعاليٰ جي حمد ۽ سندس تسبيح ۾ مشغول ٿي وڃ جو سندس مهرباني سان تو ايترو وڏو ڪم پورو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئين.

تفسير هاشمي صفحہ 285 تي لکيو آهي تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو استغفار ڪرڻ تواضح (نياز نوڙت، مروت) لاءِ آهي يعني جيئن خالق جي درگاھ ۾ بندگيءَ جو اظهار ٿئي ڇاڪاڻ جو مخلوق کي پنهنجي خالق جي آڏو گهٽي ۾ گهٽي عاجزي ظاهر ڪرڻ گهرجي ان تواضع ۽ عاجزي جي ڪري ٻانهي جا درجا مٿانهون ٿين ٿا.

ان جو جواب هي آهي تہ اتي استغفار مان مراد هي آهي تہ ٻين مومنن لاءِ مغفرت گهر تہ جيئن توهان جون پالڻهار اوهان جي برڪت سان انهن کي بخشي ڇاڪاڻ جو اوهان جي دعا انهن جي حق ۾ مقبول آهي عالمن لکيو آهي تہ هن سورت نازل ٿيڻ کان پوءِ نبي ڪريم ﷺ جن اندازي طور 80 ڏينهن رهيا حديث ۾ آيو آهي تہ هن سورت ۾ الله تعاليٰ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي سندن وفات جي خبري اشاري طور ڏني آهي. هن ۾ اها اشارت هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نموني جي آهي تہ الله تعالىٰ ڪين فرمايو اوهان جا جيڪي ظاهر جا ڪم هئا پورا ٿيا جهڙو نصرتون، مڪي جي فتح خلق جي رجوعات يعني اوهان جا ڪم پورا ٿيا هاڻي آخرت جو سانباهو ڪيو ۽ مون ڏانهن موٽو، تسبيح، حمد ۽ استغفار ۾ مشغول ٿيو جيئن تہ هن سورت ۾ پاڻ سڳورن کي هن جهان مان سانباهي جو اطلاع مليو انهيءَ ڪري هن سورت جو نالو سورت الوداع نالو پيو.

## سورت جي فضيلت

حديث: هي حديث سنن ترمذي ۾ آئي آهي ۽ حضرت انس بن مالڪ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو جنهن هي سورة پڙهي تنهن ڄڻ قرآن شريف جو چوٿون پاڱو پڙهيو.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا لله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 111 (**اللهب** مڪي رڪوع 1 آيتون 5)

هن سورت جو نالو اللهب آهي اللهب لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 ۾ آيت نمبر 3 ۾ مذڪور آهي لغات القرآن ۾ لهب جي معنيٰ باهه جو شعلو ٽانڊو ابولهب جو اصل نالو عبدالعزيٰ هو هن کي انهيءَ ڪري ابولهب سڏيو ويو جو هن جو رنگ ڳاڙهو هو جيئن باهه جو رنگ هوندو آهي تئين هن جو رنگ هو قرآن مجيد ان جو اصل نالو بيان نه ڪيو آهي ڇو ته ان جو نالو مشرڪانه هو ابولهب ڪنيت ۾ ان جي جهنم مان مناسبت به آهي.

حضرت ابن عباس ﷜ کان جدا جدا سندن سان محدثن هي روايت نقل ڪئي آهي ته جڏهن رسول الله ﷺ کي عام دعوت پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ قرآن پاڪ ۾ هي هدايت نازل ٿي ته تون پنهنجي قريبي مٽن کي سڀ کان اول الله تعاليٰ جي عذاب کان ڊيڄار ته پاڻ سڳورن ﷺ صبح سوير صفا جبل تي چڙهي بلند آواز سان پڪاريو "يا صباحاه" (آهه! صبح جي آفت) جڏهن سڀ اچي گڏ ٿيا ته پاڻ سڳورن عليه الصلواة والسلام قريشن جي هڪ هڪ خاندان جو نالو وٺي پڪاريو ته اي بني هاشم، اي بني عبدالمطلب، اي بني فِهر اي فلاڻا، اي بني فلاڻا جيڪڏهن مان توهان کي ٻڌايان ته جبل جي پويان هڪ لشڪر توهان تي حملي ڪرڻ لاءِ تيار آهي ته توهان منهنجي ڳالهه کي سچ سمجهندو؟ ماڻهن چيو "ها! اسان ڪڏهن به تنهنجي زبان مان ڪوڙو نه ٻڌو آهي" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته آءٌ توهان کي خبردار ڪيان ٿو ته اڳيان سخت عذاب اچي رهيو آهي تنهن تي ان کان پهريان جو ٻيو ڪو ڳالهائي حضور ﷺ جي چاچي ابولهب چيو "تبالک اَلِهٰـذَا جَمَعۡتَنَا" تون هلاڪ ٿي وڃين ان لاءِ تون اسان کي گڏ ڪيو هڪ روايت ۾ آهي ته ابولهب پٿريون کنيون انهيءَ لاءِ ته رسول الله ﷺ جن کي هڻي (مسند احمد، بخاري، مسلم، ترمذي، ابن جرير وغيره)

ابولهب جي زال نالي "اروىٰ" جنهن جي ڪنيت ام جميل هئي (ابوسفيان جي ڀيڻ هئي) جنهن پنهنجي عادت بنائي ڇڏي هئي ته رات جي وقت ڍنگر (ڪنڊن واريون ٽاريون) آڻي حضور ﷺ جن جي دروازي وٽ ڦٽي ڪندي هئي جيئن صبح جو پاڻ سڳورا ﷺ يا سندن ٻار ٻاهر نڪرن ته ڪين ڪنڊا لڳن ۽ ڪين تڪليف پهچي (بيهقي، ابن حاتم، ابن جرير، ابن هشام وغيره)

هن سورت ۾ الله تعاليٰ سندس حبيب ﷺ جي بي فرمان ڪي ملندڙ سزا جو ذڪر آهي هن سورت ۾ الله تعاليٰ چٽو ابولهب ۽ سندس زال جي هلاڪت جو بيان ڪيو آهي ٻئي زال ۽ مڙس نبي جا عليه الصلواة جا پڪا دشمن ۽ سخت دشمن هئا.

ابولهب ٻيا ڪم ڇڏي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن سان دشمني ڪرڻ ۾ مشغول هوندو هو ماڻهن کي سندن ذات تي ايمان آڻڻ کان روڪيندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نبوت جي ستين سال جڏهن قريشن جي سيني خاندانن بني هاشم ۽ بني عبدالمطلب سان معاشي ۽ معاشرتي بائيڪاٽ ڪيو هو ۽ اهي ٻئي خاندان رسول الله ﷺ جي مدد ۾ ثابت قدم رهندي شعب ابي طالب ۾ قيد ٿي ويا ته اڪيلو ابولهب ئي هو جنهن پنهنجي خاندان جو ساٿ نه ڏنو پر ڪافر قريشن خاندان جي مدد ڪئي.

هي هيون ان ماڻهوءَ جون حرڪتون جنهن ڪري الله تعاليٰ هن سورت ۾ ابولهب جو نالو وٺي مذمت ڪئي آهي.

## ابولهب جو موت

هن سورت جي نازل ٿيڻ کي ست اٺ سال مس گذريا ته جنگ بدر ۾ قريشن جا گهڻا وڏا وڏا سردار جيڪي اسلامي دشمني ۾ ابولهب جا ساٿي هئا اهي ماريا ويا. مڪي ۾ جڏهن اها خبر پهتي ته ابولهب کي ايترو ڏک پهتو جو ستن ڏينهن کان وڌيڪ زنده رهي نه سگهيو وري ان جو موت به نهايت عبرتناڪ ٿيو ان کي وچڙندڙ اهڙي بيماري لڳي جنهن ڪري سندس گهر وارا اڪيس ڇڏي ويا انهن کي بيماري جي وچڙڻ جو خطرو محسوس ٿيو.

ابولهب جي مرڻ کان پوءِ ٽن ڏينهن تائين ڪو به سندس ويجهو نه آيو سندس لاش قاٽي پيو ۽ بدبوءِ ڪري وئي ۽ لاش جي بدبوءِ سڄي محلي ۾ پکڙجي ويئي.

هڪ روايت ۾ آهي ته سندس پٽن ڪن حبشين کي مزدوري ڏيئي ان جو لاش ڪٽائي دفن ڪرايو ان کي اجا به وڌيڪ شڪست هن طرح پهتي جو هن جنهن دين جي راهه روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ دين کي سندس اولاد قبول ڪيو.

ماڪسب کي ڪن مفسرن ڪمائي جي معنيٰ ۾ ورتو آهي ڪن مفسرن ان مان مراد اولاد ورتي آهي ٻئي معنائون ابولهب جي پڇاڙيءَ سان مناسبت رکن ٿيون ڇاڪاڻ ته جڏهن ابولهب وچڙندڙ موذي مرض ۾ مبتلا ٿيو ته سندس مال ڪيس ڪم نه آيو ۽ نه سندس اولاد ڪم آئي سندس اولاد کي اها توفيق نه ٿي سگهي جو سندس جنازو عزت سان ڪڍي دفن ڪن سندس زال جي عاقبت ۽ انجام بيان ڪيل آهي ته ان کي ڳچي ۾ ڪاٻر جو رسو وجهي جهنم ۾ گهليو ويندو (حوالہ صفوة التفاسير صہ 617 جلد 3)

اهڙي طرح چند ئي سالن اندر ماڻهن ڏٺو ته هن سورت ۾ جيڪا پيشنگوئي ابولهب ۽ سندس زال لاءِ ٿيل هئي اها پوري ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا للہ الرحمن الرحیم

(پاره 30) سورت نمبر 112 (**الا خلاص**مکیہ (رکوع 1 آيتون 4)

خلاصو تفهيم القرآن جلد 3 صفحہ 921 تان سورت الا خلاص جي تعريف تان ورتل آهي.

هن سورت جو فقط نالو ئي نہ آهي پر ان جي مضمون جو عنوان بہ آهي ڇاڪاڻ تہ هن ۾ خالص توحيد بيان ڪئي ويئي آهي قرآن پاڪ جي ٻين سورتن جي نالن ۾ گهڻو ڪري اهڙا لفظ استعمال ڪيل آهن جيڪي لفظ انهن سورتن ۾ استعمال ٿيل آهن پر هن سورت ۾ لفظ اخلاص ڪٿي بہ استعمال ٿيل نہ آهي هن سورت جو نالو سورت جي معنيٰ جي اعتبار کان رکيو ويو آهي.

هن سورت ۾ خالص توحيد جو بيان ٿيل آهي، هن سورت ۾ الله تعاليٰ جي وحدانيت جو ذڪر آهي

حضرت عبدالله بن مسعود ﷛ کان روايت آهي تہ : قريشين رسول الله ﷺ کي چيو تہ توهان اسان کي پنهنجي رب جو نسب ٻڌاءِ ان تي هي سورت نازل ٿي (طبراني)

انهيءَ مضمون جون راويتون حضرت ابي ﷛ بن ڪعب کان مسند احمد ۽ ترمذي وغيره ۾ ۽ حضرت جابر بن عبدالله کان طبراني ۽ بيهقي وغيره ۾ بہ آيون آهن بعد ۾ قريشن وانگر يهودين ۽ عيسائين بہ حضور ﷺ کان اهڙا سوال ڪيا هئا.

عڪرمہ ابن عباس کان روايت نقل ڪئي آهي تہ يهودين جو هڪ ٽولو حضرت رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ چيائون اي محمد ﷺ اسانکي هي ٻڌاءِ تہ اهو تنهنجو رب آهي ڪهڙو؟ جنهن توکي رسول ڪري نبوت سان موڪليو آهي انهيءَ تي الله تعاليٰ هي سورة نازل فرمائي (ابن ابي حاتم، ابن عدي، بيهقي في الاسماءِ والصفات)

4. ضحاڪ، قتاده ۽ مقاتل جو بيان آهي تہ يهودين جا ڪي عالم رسول الله ﷺ جن وٽ آيا ۽ چيائون اي محمد ! اسان کي پنهنجي رب جي ڪيفيت ٻڌاءِ شايد اسان توتي ايمان آڻيون الله تعاليٰ پنهنجي صفت توريت ۾ بيان ڪئي آهي تون ٻڌاءِ تہ هو ڪهڙي شيءِ مان ٺهيل آهي ۽ ڪهڙي جنس مان آهي؟ سون جو ٺهيل آهي يا ٽامي يا لوهہ يا چاندي جو؟ ۽ ڇا ڪائيندو ۽ ڇا پيئندو آهي؟ ڪنهن کان ڪيس هيءَ ڪائنات وراثت ۾ ملي آهي ۽ ڪائنس پوءِ ڪير وارث ٿيندو؟ ان تي الله تعاليٰ هي سورة نازل فرمائي (تفسير سورة اخلاص ابن تيميہ رحمة الله عليه).

5. ابن عباس ﷛ رويت آهي تہ نجران جي عيسائين جو هڪ وفد ستن پادرين سان نبي ﷺ جي خدمت ۾ پهتو ۽ حضور ﷺ کي چيو اسان کي ٻڌاءِ تہ تنهنجو رب ڪيئن آهي ڇا مان ٺهيل آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ منهنجو رب ڪنهن بہ شيءِ مان ٺهيل نہ آهي هو سيني شين کان جدا آهي ان تي الله تعاليٰ هي سورت نازل فرمائي.

6. مٿين تقرير مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي ماڻهو جيڪي رسول الله ﷺ جن کان معبود جي حقيقت، ماهيت ۽ ڪيفيت معلوم ڪري رهيا هئا اهي قريش جا مشرڪ ماڻهو هئا ۽ ٻيا يهودي ۽ عيسائي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عالمن جا ٽولا ۽ نجران جي وفد ۾ ماڻهو هئا جو ته اُهي جن خدائن کي پوڄي رهيا هئا اهي انهن جا خدا ڪاٺ، پٿر، سون، چانديءَ ۽ ٻين مختلف شين جا ٺهيل هئا انهن جي خدائن کي جسم ۽ شڪل به هئي ديوين ۽ ديوتائن جو نسل هلندو هر ديويءَ کي مرد (مڙس) هو هر ديوتا کي زال هئي عيسائي جيتوڻيڪ هڪ خدا جي دعويٰ ڪندا هئا پر خدا کي هڪ پٽ جو پيءُ جو تصور رکندا هئا. پيءُ ۽ پٽ سان گڏ "روح القدس" کي به خدائي ۾ ڀائيواري جو شرف حاصل هو ايستائين جو خدا جي ماءُ به هوندي هئي ان جي سس به

يهودي به هڪ خدا کي مڃڻ جي دعوا ڪندا هئا پر انهن جي تصور ۾ خدا مادي، جسماني ۽ انسانذات جي ٻين صفتن کان خالي نه هو ۽ ان کي هڪ پٽ (عزير) به هو.

الله تعاليٰ قريش مشرڪن، يهودين عالمن ۽ عيسائي عالمن جي سوالن جا جواب لاءِ سورت اخلاص نازل فرمائي هر موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ جن الله تعاليٰ جي حڪم سان اهڙا سوال ڪندڙن کي جواب ۾ هي سورت پڙهي ٻڌائيندا هئا.

## سورت اخلاص جو ترجمو هي آهي.

چئو اهو الله اڪيلو آهي (1) الله سڀ کان بي نياز آهي سڀ ان جا محتاج آهن (2) نه ان جو ڪو اولاد آهي ۽ نه هو ڪنهن جو اولاد آهي (3) ۽ سندس ڪو به مٽ ثاني نه آهي (4)

هن ترجمي مان معلوم ٿيو ته هن سورت ۾ الله تعاليٰ جي وحدانيت جو ذڪر ٿيل آهي.

## تفسير هاشمي جي سورت اخلاص جي باري ۾ وضاحت:

تفسير هاشمي جي صفي 297 تان ورتل ته سورة اخلاص وضاحت هن طرح ڪئي هن سورت مبارڪ ۾ سيني ڪافرن جي گمراهه خيالن جو رد آيل آهي.

**مختلف خيال ۽ عقيدا رکندڙ ڪافر (6) ڇهن قسمن جا هئا جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.**

(1) "معطل" چون ٿا ته ڪائنات جو ڪو خالق نه آهي سڀ ڪجهه پنهنجو پاڻ پيو ٿئي.

(2) "فاسق فلاسافر" اُهي چون ٿا رب پاڪ جي ذات پاڪ موجود آهي پر ان جو نه ڪو اسم آهي ۽ نه ڪا صفت ئي آهي.

(3) "ثنوي" ثنوي چون ٿا ته رب جي ذات موجود آهي پر ان سان ٻيو به شريڪ آهي رب کي هو "يزدان" چوندا هئا ۽ ان سان جيڪو شريڪ ڪندا هئا ان کي "اهرمن" سڏيندا هئا هنن جو چوڻ هو ته انهن ٻنهي يعني (يزدان ۽ اهرمن) گڏجي هي جهان خلقيا آهن.

(4) "مجوسي" مجوسي چوندا هئا ته رب کي به کائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ جو احتياج آهي.

(5) "يهودي ۽ نصارا" جيڪي پنهنجي جاهليت سبب چوندا هئا ته رب موجود آهي پر ان کي اولاد آهي يهودي چون ٿا ته عزير الله تعاليٰ جو پٽ آهي ۽ عيسائي چون ٿا ته حضرت عيسيٰ الله تعاليٰ جو پٽ آهي قرآن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪيم ۾ آيو آهي: وَقَالَتِ الْيَهُودُ عُزَيْرٌ ابْنُ اللّٰهِ وَقَالَتِ النَّصٰرَى الْمَسِيْحُ ابْنُ اللّٰهِ ؕ (سورت التوبہ آيت 30)
(يهودين چيو تہ عزير الله جو پٽ آهي عيسائين چيو تہ مسيح الله جو پٽ آهي)

(6) "مشبهہ" هنن ڪافرن جو چوڻ هو تہ رب جي صورت انسان جهڙي آهي ڪيس مٿو، نڪ، اکيون ۽ ٻيا عضوا آهن نعوذ با الله اقوٰلهم

الله تعاليٰ مٿي چيل (6) ڇهن قسمن جي ڪافرن جو رد هن سورت اخلاص ۾ ڏنو آهي جنهن جو ترجمو مٿي لکي آيا آهيون الله تعاليٰ صاف ٻڌايو آهي تہ اهي بي بنياد ۽ باطل خيال آهن جڏهن الله تعاليٰ فرمايو! الله احد يعني الله هڪ آهي تڏهن پهرين ٽن قسمن معطلن، فلاسافرن ۽ ثنوين جا قول رد ٿي ويا ان مان الله تعاليٰ جي ذات اسم ۽ صفتن سان ثابت ٿئي ٿي، ان مان الله تعاليٰ جي هيڪڙائي واري صفت ظاهر ٿئي ٿي.

جڏهن " اَللّٰهُ الصَّمَدُ "لفظ آيا تہ مجوسين جو قول رد ٿيو جڏهن لفظ" لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ آيا تہ يهودين ۽ مجوسين جي دعويٰ باطل ٿي ويئي ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ اولاد کان پاڪ آهي، ان کان پوءِ جڏهن وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ لفظ آيا تہ مجوسين جي عقيدن جي نفي ٿي ڇاڪاڻ جو مخلوق مان ڪو بہ الله تعاليٰ سان مشابهت رکندڙ ڪونہ هو.

مطلب تہ انهيءَ سورت سيني قسمن جي ڪافرن جا عقيدا ڀڃي پورا ڪري ڇڏيا. انهيءَ لحاظ کان سورت جو نالو "الاخلاص" پيو.

## هن سورت جي فضيلت

حديثن ۾ هن سورت جي فضيلت بيان ڪيئي ويئي آهي جن مان ڪجهہ حديثون هيٺ ڏجن ٿيون.

1. رسول الله ﷺ فرمايو: قسم ڪڻان ٿو الله تعاليٰ جو جنهن جي قبضي ۾ منهنجو روح آهي تہ سورت اخلاص جي اها فضيلت آهي جو ان جي پڙهڻ سان قرآن شريف جي ٽين حصي پڙهڻ جيترو ثواب ملي ٿو.
(حوالہ حديث صحيح بخاري ۾ آئي آهي ۽ حضرت ابو سعيد خدري ﷜ کان روايت ڪيل آهي.

2. مختاريءَ ۾ ضياءَ مقدسي جي اها حديث آهي ۽ حضرت ابو ڪعب کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ جنهن هن سورت کي صدق دل سان هڪ ڀيرو پڙهيو ان ڄڻ تہ قرآن شريف جو ٽيون حصو پڙهيو.

(3) هي حديث ڪتاب "العظمت" ۾ آئي آهي ۽ حضرت انس ﷜ کان روايت آهي تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو: جنهن هن سورة کي ٽي ڀيرا پڙهيو تنهن سڄي قرآن جو ختم پڙهيو.

4. هي حديث مسند ابي يعلي ۾ آئي آهي ۽ حضرت انس ﷜ کان روايت ٿيل آهي تہ ٻنهي جهانن جي سردار فرمايو آهي تہ: جيڪو شخص سورة اخلاص کي 50 پنجاهہ ڀيرا پڙهندو الله تعاليٰ ان جا 50 پنجاهہ ورهن جا گناهہ بخشي ڇڏيندو.

حديث جيڪو شخص 100 سو ڀيرا پڙهندو تہ الله تعاليٰ ان جا 100 ورهن جا گناهہ بخشي ڇڏيندو. هن سورت پڙهڻ لاءِ ٻيو ڪيتريون حديثون آهن. جيڪي تفسير هاشمي ۾ ڏسندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا للّٰه الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 113 (**سورت الفلق** مدني رڪوع 1 آيتون 5)

هن سورت جو نالو ”الفلق“ آهي اهو لفظ هن سورت جي آيت نمبر 1 جو آهي آخري ڪلمو آهي لغات القرآن ۾ فلق جي معنيٰ آهي ٺڙڪو، صبح سوير.

هن سورت ۾ ٻانهن کي اللّٰه تعاليٰ عزوجل سان پناهه وٺڻ جي تعليم ڏنل آهي ۽ ان جي جلال ۽ سلطنت سان سندس مخلوق جي شر کان پناهه وٺڻ سيکاريل آهي ۽ رات جي شر کان جڏهن انڌيرو ڪري ٿي پناهه وٺڻ جي تلقين موجود آهي ڇو ته ان ۾ فاجر ۽ فاسق ٽڙي پکڙجي برايون ڪندا آهن ۽ حاسد جي حسد ۽ ساحر جي سحر کان پناهه طلب ڪرڻ جو سبق موجود آهي (حواله صفرة التفاسير صہ 623 جلد 3)

شان نزول الفلق ۽ سورت الناس جو شان نزول (مُعَوِذتين)

جيتوڻيڪ قرآن پاڪ جون هي ٻہ سورتون جدا جدا سورتون آهن ۽ قرآن مجيد ۾ ٻہ جدا جدا نالن سان لکيل آهن پر انهن جو پاڻ ۾ ايترو گهاٽو لاڳاپو آهي ۽ انهن جا مضمون پاڻ ۾ ايتري تہ ويجهي مناسبت رکن ٿا جو انهن جو هڪ گڏيل نالو معوذتين (پناهه گهرڻ واريون ٻہ سورتون) رکيو ويو آهي. امام بيهقي دلائل نبوت ۾ لکيو آهي تہ هي ٻئي سورتون نازل ٻہ گڏ ٿيون آهن انهيءَ ڪري ٻنهي جو گڏيل نالو معوذتين آهي ٻنهي سورت سان تعلق رکندڙ مسئلا ۽ ويچار بلڪل هڪجهڙا آهن.

هنن ٻنهي سورتن جو شان نزول هڪ آهي جيڪو مفسرن هن طرح لکيو آهي تہ هڪ ”يهودي غلام حضرت عليہ الصلواة والسلام جي خدمت ڪندو هو پوءِ يهودين ان کي چيو تہ اسان کي نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي مٿي مبارڪ جا وار ۽ وارن ۾ استعمال ڪرڻ واري ڦڻي هٿ ڪري ڏي ان غلام يهودي ڪنهن طريقي سان اهي ٻئي شيون انهن کي پهچايون جن تي انهن مان لبيد بن اعصم نالي يهودي ۽ ان جي ڌيئرن سحر ڪري هڪ ڦٽل کوهه ۾ پٿر جي هيٺيان ڏٺي ڇڏيا سيده عائشہ ﷞ فرمايو تہ ان جو اثر مٿن پيو ڪين تڪليف محسوس ٿي پوءِ هڪ ڏينهن مون وٽ ويٺي اللّٰه تعاليٰ کان دعا گهريائون ان کان پوءِ فرمايائون اي عائشہ خبر پيئي تہ مون اللّٰه تعاليٰ کان جيڪو پڇيو اهو مون کي ٻڌائي ڇڏيائين مون عرض ڪيو تہ يا رسول اللّٰه ﷺ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ فرمايائون تہ مون وٽ ٻہ مرد آيا (يعني ملائڪ ماڻهن جي صورت ۾) مون وٽ آيا هڪڙو سيرانديءَ کان هيو ۽ ٻيو پيرانديءَ کان هڪ ٻئي کان پڇيو تہ هن کي ڇا ٿيو آهي؟ ٻئي جواب ڏنو تہ هن تي جادو ڪيو ويو آهي هن پڇيو تہ ڪنهن ڪيو آهي جواب ۾ چيائين تہ لَبيدُ بن اَعصَمَ پڇيائين تہ ڇا ۾ ڪيو اٿائين چيائين تہ ڦڻي ۽ وارن ۾ پڇيائينس تہ اهو ڪٿي آهي؟ جواب ڏنائينس تہ بني زُريق جي کوهه ۾ پوءِ حضور عليہ الصلواة والسلام جن پاڻ سان ڪجهہ ماڻهو وٺي ويا ۽ اهو کوهه ڏٺائون تہ ان جي مٿان ڪجي جو وڻ بيٺل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو.

هڪ ٻي روايت مطابق جبريل ڪين عرض ڪيو تہ اوهان کي فلاڻي يهودي جادو ڪيو آهي ۽ فلاڻي کوھہ ۾ رکيل آهي نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن حضرت علي ﷺ کي موڪليو اهو اتاهون ڪڍي آيو ڏٺائون تہ ڦٽي ۽ وارن سان گڏ هڪ ڏاڳي ۾ يارهن ڳنڍيون ڏنل هيون ميڻ جو هڪ بوتو پڻ هو جنهن ۾ سيون ٽنبيل هيون الله تعاليٰ ٻئي سورتون نازل فرمايون هنن ۾ يارهن آيتون آهن "الفلق ۾ پنج آيتون ۽ الناس ۾ ڇهہ آيتون آهن حضرت جبرائيل حضور ﷺ جن کي اچي ٻڌايو تہ توهان اهي ٻئي سورتون معوذتين پڙهو جيئن پاڻ سڳورا ﷺ هڪ آيت پڙهندا ٿي ويا ان ڏاڳي جي هڪ ڳنڍ کولي ٿي ويئي ۽ پتيلي مان هڪ سئي ڪڍي ٿي ويئي معوذتين جي پوري ٿيڻ سان سموريون ڳنڍيون کلي ويون ۽ سيون نڪري ويون ۽ پاڻ جادوءَ جي اثر کان ٻاهر نڪري آيا ۽ سندن تڪليف بلڪل دور ٿي ويئي.

حضور ﷺ جن کي سحر ڪرڻ ۾ لبيد بن اعصم يهودي سان گڏ سندس ڌيئرن بہ پيءُ سان گڏ حضور ﷺ جن کي جادو ڪري سڳا ٻڌي انهن ۾ ڦوڪون ڏنيون هيون.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

(پاره 30) سورت نمبر 114 (**سورت الناس** مدني رڪوع 1 آيتون 6)

هن سورت جو نالو "الناس آهي جيڪو هن سورت جي آيت نمبر 1 جو پهريون ڪلمو آهي لغات القرآن ۾ "ناس " جي معنيٰ آهي انسان، ماڻهو، لوڪ،

هن سورت ۾ رب العزت جل جلاله سان پناهه وٺڻ ارشاد آهي دشمنن ۾ وڏو دشمن شيطان برا وسوسا وجهندو آهي پوءِ اهو جنن مان هجي يا انسانن مان ان جي شر ڪان رب العزة ئي بچائي سگهي ٿو (صفوة التفاسير صہ 625 جلد 3)

سورت الفلق ۾ الله تعاليٰ سان پناهه وٺڻ جو حڪم هو تيئن هن سورت ۾ بہ الله تعاليٰ سان پناهه وٺڻ جو حڪم آهي. ٻنهي سورتن جو شان نزول هڪڙو آهي

هنن ٻنهي سورتن الفلق ۽ النساس کي المعوذتين سڏيندا آهن. (حوالہ احسن البيان في تفسير قرآن جلد 9 ص570)

(الحمدلله هي سعادت پريو ڪم مڪمل ڪيم

جمع 12 ربيع الاول 1439 هجري)

1-12-2017



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم ا الله الرحمن الرحيم

رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذۡنَاۤ اِنۡ نَّسِيۡنَاۤ اَوۡ اَخۡطَاۡنَا ۚ

اي اسان پالڻهار جيڪڏهن وساريون يا چوڪ ڪريون ته اسان کي نه پڪڙ

بسم ا الله الرحمن الرحيم

رَبِّ اَوۡزِعۡنِیۡۤ اَنۡ اَشۡكُرَ نِعۡمَتَكَ الَّتِیۡۤ اَنۡعَمۡتَ عَلَیَّ

وَعَلٰی وَالِدَیَّ وَاَنۡ اَعۡمَلَ صَالِحًا تَرۡضٰهُ وَ اَصۡلِحۡ لِیۡ فِیۡ

ذُرِّيَّتِیۡ ۚ اِنِّیۡ تُبۡتُ اِلَيۡكَ وَاِنِّیۡ مِنَ الۡمُسۡلِمِيۡنَ

(الاحقاف آيت نمبر 15)

اي منهنجا پالڻهار مون کي توفيق ڏي ته تنهنجي انهيءَ نعمت جو شڪر ڪريان جيڪا مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي انعام ڪئي اٿئي ۽ ته (اهڙا) چڱا ڪم ڪريان جن کان راضي رهين ۽ منهنجي اولاد مون لاءِ سُڌار. بيشڪ آءٌ توڏانهن موٽيس ۽ بيشڪ آءٌ مسلمانن منجهان آهيان.

بسم ا الله الرحمن الرحيم

رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِی الدُّنۡيَا حَسَنَةً وَّفِی الۡاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ

اي اسان جا پالڻهار اسان کي دنيا ۾ (به) چڱائي ۽ آخرت ۾ (به) چڱائي ڏي ۽ اسان کي باهه جي عذاب کان بچاءِ.

بسم ا الله الرحمن الرحيم

لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ

بسم ا الله الرحمن الرحيم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّبَارِكْ وَسَلِّمْ ۝



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ليکڪ جو تعارف

سنڌ ڌرتي تهذيب وتمدن جي امين رهي آهي جنهن جي ڪرڙن ۾ ڳاڙها گل ڀٽائيءَ جا بيت بٽجي رب جو نالو جهونگارين ٿا ۽ الهڙ اکين کي ٻڌائن ٿا تہ سنڌ حسن جي انتها جي ڌرتي آهي ان سهڻي سنڌ جي تاريخي تعلقہ ڪوٽڏيجي جي ڳوٺ پير گٻدي جي چڱي مڙس وڏيرو محبوب خان عرف وهيون خان پٽ صاحب وساڻ جيڪو وساڻ برادري جو چڱو مڙس هيو سندس جي گهر 1949-11-03 تي جنم ورتو ننڍڙ اکيلو پٽ رحمت الله وساڻ آهي پاڻ قرآن تعليم سيد مراد علي شاھ عرف جونگل شاھ جيڪو هڪ صوفي ۽ گهڻو علم جا ڄاڻيندڙ درويش هو" کان حاصل ڪئي پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول پير گٻدي مان ۽ فيض هاءِ اسڪول ڪوٽڏيجي مان مئٽرڪ پاس ڪيائين ان دوران اسڪول جي پيش امام حافظ عبدالخالق مشوري کان پيهر قرآن پاڪ پڙهيائين ايم.اي پوليٽيڪل سائنس ۽ ايل.ايل.بي پاس ڪيائين تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ايمپلائيز سوشل سيڪورٽي انسٽيٽيوشن ۾ اسسٽنٽ پرتي ٿيو ملازمت دوران ٻہ دفعا پروموشن ٿين پهريون پيرو اسسٽنٽ مان سوشل سڪيورٽي آفيسر ۽ پيهر سوشل سڪيورٽي آفيسر مان ڊپٽي ڊائريڪٽر ٿيا ۽ ائين سٺ سالن جي عمر پوري ٿيڻ تي نومبر 2009ع ۾ رٽائرڊ ٿيا رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ ڪجھ ماٺهو ڏٺا، واپار ڪندا آهن مگر هن پهنجي سڄي سوٽ سگهڙ مرحوم الهبچايو وساڻ جي شاعريءَ کي سهيڙي ڪتاب وکر وساڻ مرتب ڪيو جيڪو سنڌي ادبي سنگت ڪوٽ بنگلو جي پليٽ فارم تان ڇپرايائين. ان ڪتاب ۾ نبي پاڪ ﷺ جي ثنا، سينگار، بيت، ڏور بيت،هنر ۽ ٻيا ڪيترا مضمون شامل آهن ان ڪتاب جي مهورت سچل سرمست جي سالياني عرس مبارڪ تي ٿي ۽ ٻئي سان 197ھ عرس مبارڪ جي موقعي تي ڪتاب کي سچل ايوارڊ پڻ مليو جيڪو سندس محبت جو ثبوت آهي، ان کان علاوه سندس شاعريءَ جو ڪتاب راز رحمت الله جا پڻ تياري جي مرحلي ۾ آهي جڏهن تہ هن اديب، فاضل عالم جي اسلامي ڄاڻ ۽ اسلامي تعليمات سان محبت ۽ ڏاهپ جو ثبوت سندن هي ڪتاب "نور الاهي" پڻ آهي جنهن ۾ پاڻ قرآن مجيد جي 114 سورتن تي مفصل مستند مضمون لکيا آهن پاڻ ريڊيو پاڪستان خيرپور تي پڻ سگهڙ طور شريڪ ٿيندا رهيا آهن ان کان سواءِ خيرپور آرٽ ڪائونسل جا ميمبر بہ آهن. ڪيس الله تعاليٰ 4 چار پٽ ۽ 3 ٽي نياڻين سان نوزايو آهي هن جو پهريون پٽ محبوب علي خان اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل هاءِ ڪورٽ سنڌ (2)هدايت الله خان (3) محمد سليم خان اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر (4) ظهير احمد ماهر قانون (وساڻ چيمبر خيرپور ميرس) سنڌ آهي.

آخر ۾ دعا آهي تہ اسان جي هي علامہ بزرگ سگهڙ ائين علمي ادبي ۽ اسلام ڄاڻ جا ڪتاب سريندو رهي جڏهن تہ نور الاهي ڪتاب اسلامي ڄاڻ جو هڪ پندار آهي جنهن مان هر فرقي جو ماڻهو ديني ڄاڻ جو لاڀ حاصل ڪري سگهي ٿو.

دعاگو

وفا حاڪم وساڻ

پير گٻو. ڪوٽڏيجي

20-11-2018



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book